# مهران

۱-۲/۱۹۹۳ع



# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي ۽ ادبي دستاويز

جلد ۴۲] جنوري - جون ۱۹۹۳ع [نمبر ۱-۲

چيف ايڊيٽر

شمشير الحيدري

نگران ايڊيٽر

سيد امداد حسيني

سب ايڊيٽر

طارق عالم

● ٽائيٽل: ڊونهاٽيل چانڊوڪي - ساجده منظور

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

# مهراڻ


سنڌي ادبي بورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄام شورو سنڌ.

The 'MEHRAN' Quarterly
Vol: 42 No: 1-2/1993.
[Established in 1955]


An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
Published by **SINDHI ADABI BOARD** for the development and promotion of Sindhi literature.
Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Numismatics, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.
Besides translations of world literature are also presented.
All correspondence about publication be addressed to:


Editor
'Mehran Quarterly',
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro, (Post Code: 76070)
P.O. Box No. 12
G.P.O. Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 71276



خريداريءَ لاءِ لکپڙهه

محمد امين بلوچ

مئنيجر بُڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

فون نمبر: ٦١٥١٤٩

(جي - پي - او باڪس نمبر ١٢ حيدرآباد سنڌ)
(ٻاهرين ملڪن لاءِ ساليانو چندو ٠٠-٢٠٠ رپيا)

ساليانو چندو: ٠٠-١٠٠ رپيا    في پرچو: ٠٠-٣٠ رپيا



Printed and Published by Shamsher Al-Hyderi Secretary, Sindhi Adabi Board
the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jam Shoro, Hyderabad Sindh.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



# هڪ دور جي پُڄاڻي

"لڏيو لطيفن، ٻلاٽي پنڌ پيا،
هتان حبيبن، ڪونه ڏکوئيو ڪڏهين." (لطيف)

حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ" سائين، ١١ جنوري ١٩٩٣ع تي پنهنجي لکين عقيدتمندن ۽ پيار ڪندڙن کي ورهہ وڇوڙو ڏئي، راهہ رباني رَمي ويا:

اِنّا لله وَ اِنّا اِليهِ رَاجِعُوْنَ.

قبلہ طالب المولیٰ سائين جي لاڏاڻي سان هڪ دور جي پُڄاڻي ٿئي ٿي. اهو هڪ اهڙو دور هو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ، ادب، ثقافت ۽ مجموعي طور تي سنڌ لاءِ انتهائي نازڪ دور هو. قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ انهيءَ سڄي دور ۾ سياسي توڙي سماجي، ادبي توڙي ثقافتي ۽ تعليمي ميدان ۾ سنڌي ماڻهن جا واهر وسيلا رهيا.

قبلہ طالب المولیٰ سائين جا ادبي ۽ ثقافتي ميدان ۾ بہ شاندار ڪارناما آهن- ٻوءِ اُهي "جمعيت الشعراءَ" جا مشاعرا هجن، آل سنڌ سنڌي ادبي ڪانفرنسون هجن، "بزم طالب المولیٰ" جون محفلون هجن، لاڪيٽي لطيف جي ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون هجن، ون يونٽ توڙ تحريڪ هجي، "سنڌي ادبي سنگت" پاران هلايل سنڌي ٻولي بچايو مهم هجي، ووٽر لسٽ سنڌيءَ ۾ ڇپائڻ جي هلچل هجي، ٻوليءَ وارا فساد هجن - قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ جي هڙان توڙي وڙان هر سطح تي، هر هنڌ ڀربور شرڪت رهي.

قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ سياست ۾ رهي ڪري بہ، پنهنجي دامن کي سياسي آلودگيءَ کان بچائي رکيو ۽ سنڌ جي حقن تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪيائون.

قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ تعليمي ميدان ۾ بہ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ پنهنجي وڏن جي روايتن کي اڳتي وڌايائون. سروري اسلاميہ ڪاليج ان جو ثبوت آهي.

قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ تمام گهڻو عرصو "سنڌي ادبي بورڊ" جا چيئرمن پڻ رهيا. "سنڌي ادبي بورڊ" جي ترقيءَ ۾ سندن دلچسپي شروع کان آخر تائين برقرار رهي. جڏهن "سنڌي ادبي بورڊ" جون آفيسون ڪراچيءَ مان ڪچي حيدرآباد آيون، تڏهن پاڻ "امين منزل" گاڏي کاتي ۽ سول لائينز وارو بنگلو آفيسن

لاءِ "سنڌي ادبي بورڊ" جي حوالي ڪيانون.

حضرت قبلہ محمد زمان "طالب المولیٰ" سائينِ جي زندگيءَ جي آخري سال، "سنڌي ادبي بورڊ" جي حوالي سان، هڪ اهڙي اڻوڻندڙ صورتحال پيدا ٿي، جنهن ۾ کين گهڻو ڪجھ سَهڻو پيو. ايتريقدر جو غير شاعرن بہ سنڌن شاعري، کي صرف گلن ۽ چپن جي شاعري چيو. جڏهن تہ قبلہ طالب المولیٰ سائينِ جي شاعري، جا مختلف موضوع آهن ۽ ان جو وسيع ڪئنواس آهي. پاڻ ڪافيءَ جا پنهنجي دور جا نہ رڳو وڏا شاعر آهن، بلڪ ڪافي، جهڙي سريلي صنف کي زنده رکڻ ۽ ان کي مقبول بڻائڻ قبلہ طالب المولیٰ سائينِ جو هڪ اهم ڪارنامو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ قبلہ طالب مولیٰ سائينِ شاعريءَ ۾ هڪ مڪتب فڪر آهن. ۽ سنڌن ذات جي ڪري ئي سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جو هڪ مضبوط مورچو رهيو آهي.

قبلہ طالب المولیٰ سائينِ "سنڌي ادبي بورڊ" جي حوالي سان پيدا ڪيل انهيءَ اڻوڻندڙ صورتحال کي انتهائي صبر ۽ تحمل سان ڏٺو ۽ سَٺو:

"ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا، ڏورابو ڏيني"

ڪنهن بہ انتها پسنديءَ ۽ شدت پسنديءَ کي پنهنجي ويجهو بہ اچڻ نہ ڏنائون. ۽ درگذر کان ڪم ورتائون. ۽ "جيڪا ٺَهن سان ڇجي، تنهن کي ڪاتي ڪوھ لائجي" تي عمل ڪندي، "سنڌي ادبي بورڊ" جي چئرمينيءَ تان استعيفا ڏنائون. ڪنهن بہ تڪرار ۽ ٽڪراءُ کان بچڻ جو اهوئي هڪڙو شانائتو طريقو هو: ڇو تہ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت ڪنهن بہ تڪرار ۽ ٽڪراءُ جا متحمل نٿي ٿي سگهيا.

"سنڌي ادبي بورڊ" جي چئرمينيءَ تان استعيفا ڏيڻ جي باوجود بہ قبلہ طالب المولیٰ سائينِ "سنڌي ادبي بورڊ" سان پنهنجا لاڳاپا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ برقرار رکيا. تماهي "مهراڻ" لاءِ جڏهن بہ ڪانئن مواد گهريو ويو، تڏهن اگهائيءَ جي باوجود بہ پاڻ اسان جو عرض اگهايائون ۽ پنهنجو مواد ڏنائون.

"گل ڦل" ۾ قبلہ طالب المولیٰ سائينءَ جو انٽرويو، جيڪو سنڌن آخري انٽرويو بہ آهي، ان ڳالھ جو ثبوت آهي، تہ کين "سنڌي ادبي بورڊ" سان ڪيڏي نہ محبت هئي. طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ ۽ ڊاڪٽرن جي منع ڪرڻ جي باوجود، پاڻ انهيءَ انٽرويو لاءِ وقت ڏنائون ۽ هڪ ڊگهي سِٽنگ ڪيائون.

حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائينِ جي "سنڌي ادبي بورڊ" سان محبت جو ڪاٿو ان مان بہ لڳائي سگهجي ٿو، تہ پاڻ پنهنجي هٿ اکرين لکيل آخري وصيت جي حاشئي تي بہ "سنڌي ادبي بورڊ" لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو اٿن.

موجوده صورتحال ۾ سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جي بچاءُ ۽ ڀلاءَ لاءِ ضروري آهي تہ اسين ذاتي انا کي تياڳي، ذاتي مفادن کان مٿانهان ٿي، پنهنجيءَ ذات جي کوهي مان ٻاهر نڪرون۔ ۽ پنهنجن سچن هيرن کي سڃاڻي، جيئري ئي سنڌن قدر ڪريون. اهوئي هڪ سچي اديب، شاعر ۽ ليکڪ جو فرض منصبي بڻجي ٿو، تہ هو موجوده اندَ اونداهيءَ ۽ اوجهڙ ۾ واٽ جي لاٽ بڻجي۔ ۽ اُسونهن جو سُونهون بڻجي۔ ۽ سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت کي درپيش خطرن کي ٽارڻ لاءِ انهن سان مُنهن سمهون ٿئي۔ ۽ ان لاءِ پهريون ۽ پريون شرط اهوئي آهي تہ

"مُفتي منجھ ويهار تہ قاضيءَ ڪاٽيارو نہ ٿيين"

قبل طالب المولىٰ سائينِ جو هي، شعر بہ اسان کي پنھنجي اھڙي ني فرض منصبيءَ جي ياد ڏياري ٿو:

اگر خذمت ڪرڻ جي ناھ طاقت، طالب المولىٰ
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونھي ڪو!

## ”مھراڻ“ جو ”مخدوم نمبر“.

”مھراڻ“ جو ايندڙ-شمارو قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي خدمتن جي مڃتا طور، ”مخدوم نمبر“ ھوندو.

مخدوم صاحب جي معتقدن، دوستن احبابن توڙي عالمن ۽ اديبن کي گذارش آھي تہ پنھنجا مقالا ۽ مضمون، مخدوم صاحب جون يادگار تصويرون، دستخط ۽ ٻيون دستاويزي شيون جلد موڪلڻ فرمائين تہ جيئن اھي وقت سر ھن خاص نمبر ۾ شامل ڪري سگھجن.

— امداد حسيني

★ ★ ★ ★

## ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي نئين جوڙجڪ:

اٽڪل ڏيڍ سال تائين لاوارثيءَ جي حالت ۾ رھڻ کان پوءِ، بھرحال، گذريل ٩- مئي ١٩٩٣ع کان، سنڌ سرڪار نئون بورڊ جوڙيو آھي، جنھن ۾ ھيٺيون ناميارين شخصيتون شامل آھن:

(١) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب، چيئرمن، (٢) جناب محمد ابراھيم جويو صاحب، (٣) جناب علي مير شاھ صاحب، (۴) جناب قاضي امر جليل صاحب، (۵) ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب، (٦) سيد ظفر حسن شاھ صاحب، (٧) ڊاڪٽر درشھوار سيد صاحبہ، (٨) محترمہ شمس عباسي صاحبہ، (٩) محترمہ نورالھديٰ شاھ صاحبہ، (١٠) جناب علي بخش شاھ ”ناز“ لطيفي صاحب، (١١) جناب عبدالقادر جوڻيجو صاحب، (١٢) جناب ھدايت بلوچ صاحب، (١٣) جناب مدد علي سنڌي صاحب، (١۴) جناب عبدالحميد آخوند صاحب، سيڪريٽري، ثقافت کاتو، ۽ (١۵) جناب سيڪريٽري صاحب، تعليم کاتو.

سنڌ سرڪار ساڳئي وقت، شمشيرالحيدريءَ کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو آھي.

”مھراڻ“ جو ادارو مٿين سڀني معزز ميمبرن جي آجيان ڪندي، کين مبارڪباد پيش ڪري ٿو، ۽ اُميد ٿو رکي تہ سندن اپامڪاريءَ ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ نيون ڪاميابيون ماڻيندو ۽ پنھنجن مقصدن ڏانھن اڳي کان وتري وک وڌائيندو.

## هاءِ جوڳيئڙا!

١٧ـ جولاءِ ١٩٩٣ع، تي سنڌ ڌرتيءَ جا ٻه چنڊ اُجهامي ويا.

آڌيءَ ويل، هڪ پيلي ٽئڪسي لاهور کان اسلام آباد وڃي رهي هئي. ان ۾ اسان جا چار منڙا مسافر سوار هئا ــ ٻه سياسي ۽ سماجي اڳواڻ، اسماعيل اڍيجو ۽ جڳديش ملاڻي؛ روزاني اخبار "جاڳو" ڪراچيءَ جو چيف ايگزيڪيوٽو، غلام قادر پليجو ۽ ..... ۽ ..... فقير محمد لاشاري، اسان جو امير صحافي اڳواڻ.

شهر گوجر خان لڳ، مندره ڳوٺ وٽ، اِهي چار چنڊ اونداهيءَ جي راتاهي جي ور چڙهي ويا. هڪ ٽريلر جي ٽڪر سان، ٽئڪسي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي. اڍيجو ۽ فقير شهيد ٿي ويا. ويچارو ڊرائيور به ٻچڙن کان وڇڙي ويو. ملاڻو ۽ پليجو سخت ڌڪجي پيا. ٣١ـ جون جي رات جو اڌائي وڳي، جڳديش به اسلام آباد جي "پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف سائنٽيفڪ ريسرچ" واريءَ اسپتال ۾ دل جي بيهڻ سان دم ڏنو. ان طرح، ٽي نوجوان اسان کان وڇڙي ويا. غلام قادر پليجو هاڻي ٺيڪ آهي. رب پاڪ کيس وڏي ڄمار ڏئي!

تاريخ هميشه ايندڙ دؤرن ۾ لکي ويئي آهي. وقت جي حاڪمن يا اقتداري طبقي جي عتاب جي ڀؤ کان، مؤرخ پنهنجي زماني جي حالتن جو سچ لکڻ کان لنوائي، ماضيءَ جي معلومات ويهي سهيڙيندو آهي.

ماضيءَ جي تاريخ ۾ به سچ کي ڪوئلن جي کاڻ مان هيرن جيان هٿ ڪرڻو پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هرڪنهن دؤر جا حاڪم يا اقتداري شخصيتون، گذريل دؤر کي رد ڪرڻ واريون هونديون آهن، تنهنڪري ان جي ڳالا ۽ پنهنجيءَ واکاڻ کي پسند ڪنديون آهن. هر دؤر جي تاريخ، انهيءَ ڪري، گهڻي ڀاڱي، خوشامدي افسانن سان ڀريل ڏسبي آهي. اهو ئي سبب آهي جو تاريخ کي وري وري لکيو ويندو آهي ــ ۽ اهو سلسلو سوين هزارين سالن تائين به جاري رهندو آهي، تان جو حقيقتون هٿ اچن، يا وري وقت جي وٿيءَ ڪري ٻنهه وڃانجي وڃن.

پر تاريخ نويس جي پيٽ ۾، صحافيءَ کي حالتن جو اُهو روزنامچو مرتب ڪرڻو پوي ٿو، جنهن ۾ ماضيءَ جون نه، پر حال جون حقيقتون، اڄ جو اڄ، انهيءَ ئي وقت، انهيءَ ئي گهڙيءَ، في الفور تڙي ـ ڪڙي، بس هينئر ئي پيش ڪرڻيون پون ٿيون. ڪو صحافي ڪوڙ لکي يا سچ، ڪنهن جي ڳالا ڪري يا واکاڻ، پر ان لاءِ کيس وٿي ڪابه ڪانهي، مهل اها ئي آهي. داستان گوئي ڪار ڪانهي. پوءِ جيڪڏهن ڪو صحافي سچ تي سندرو ٻڌي بيهي، ته سندس اهو عمل ڏاڍو ڪٺن ۽ تاريخ نويس جي ڪم کان گهڻو اوچو ۽ اُتم ٿيندو ــ ۽ اهڙي اوچي ۽ اُتم ڪم ڪندڙ صحافيءَ کي خود تاريخ نويس "فقير محمد لاشاريءَ" جو نالو ڏيندو.

فقير محمد لاشاري ڳامو سچار هو يا وتايو فقير پر پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ائين لڳندو هو، ڄڻ ڪا ٻاهرين مخلوق ـ الائي ڪهڙي گرهه تان ڳالهائيندو هو، لکندو هو. الائي ڪهڙيءَ صديءَ جو ماڻهو هو ــ ٻه صديون اڳ جو، يا ٻه صديون پوءِ جو!

ــ شمشير الحيدري.

وييون ٻَپِ پَئِي، ڪيرون ڪاھوڙن جون،
آئون تَنِ ڏُوٿين جو، پُڇان پير، پَھيِ!
رُڄن رَاتِ رھيِ، ڏُونگر جَنين ڏوريا.
—لطيف.



سنڌيءَ جو ڏھيسر صحافي **فقير محمد لاشاري** جيڪو ١٧- جولاءِ،
١٩٩٣ع تي پنجاب جي گوجر خان شھر وٽ ڪار جي حادثي ۾ شھيد ٿي ويو.

# شيخ اياز



۲۷ ـ اي "پرنس ڪامپليڪس"
نزد: ڪلفٽن پُل
ڪراچـــي سنڌ

ڏيءِ سَحر،

نثر ۾ "ڏيٺا ڏيٺا لاٽ اسان" تي لکيل ٽي صفحا مهاڳ مان ڪجھ حصو موڪليانءِ ٿو. دراصل ان مهاڳ ۾ مون دنيا جي پوري شاعريءِ تي سرسري نظر وڌي آهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ اِهو ادبي تنقيد جو پهريون ڪتاب آهي.

ان سان گڏ پنهنجي اڻ ڇپيل ڪتاب "چوليون پوليون سمنڊ جون" مان ڪجھ آزاد نظم بہ اُماڻيانءِ ٿو. اهي نظم پڙهي توکي محسوس ٿيندو تہ آزاد نظم. پابند نظم کان ويھ پيرا وڌيڪ پابند آهي، رڳو روايتي پابنديءِ مان آزاد آهي. ان ڪتاب ۾ اٽڪل پنج سئو صفحا آهن، جي مون پندرهن ڏينهن ۾ لکيا آهن، سي بہ رات جو ڏهين بجي کان صبح جو پنجين بجي تائين. قاضي منظر حيات جنهن اِهي نظم اُتاريا آهن، اِن ڳالھ جو عيني گواھ آهي تہ مون دل جي ڊاڪٽر جي مشوري کي مسترد ڪري ازلي مشيّت ۾ اعتبار ڪيو ۽ بيماريءِ کانپوءِ ايترو لکيو جيترو سڄيءِ زندگيءِ ۾ نہ لکيو هو. دراصل اهي نظم مون نيم غنودگيءِ جي ڪيفيت ۾ لکيا ها ۽ مون کي ائين ٿي محسوس ٿيو تہ ڪوئي مون کان ان وقت لکرائي رهيو آهي. ڪولرج نشي جي حالت ۾ فقط هڪ نظم "قبلائي خان" لکيو هو تہ انگريزي دنيا ان تي جهومندي آهي. پڙهائيءِ چيو هو:

"راتڙيون جاڳن جي، سي ڪنڌڙي سيڻ"

ڇا مان ان معيار تي پورو اچان ٿو؟

امداد لاءِ سڪائتا سلام.

نيڪ تمنائن سان،
شيخ اياز
۲۱ مارچ ۱۹۹۳ع

شيخ اياز

# شاعريءَ جا فني قدر

## (”ڏيئا ڏيئا لاٽ“ تي شيخ اياز جي مهاڳ مان هڪ ٽڪر)

آڪٽوبر ۱۹۹۰ع ۾ ريٽا شهاڻيءَ جي دعوت تي اسان پوني ويا هياسين. اسان سان گڏ هري موٽواڻي به هليو هو. گنوسامتاڻي اُتي پاڻ ئي پهچي چُڪو هو. پورو ياد نٿو اچي. پونم جي رات هئي. اسان ريٽا جي بنگلي جي ڇت تي وَڏاوڙي ۾ ويٺاهياسين.

چوڌاري باغ هيو، ڪيئي وڻ بيٺا ها، ٻوٽا هوا ۾ لُڏي رهيا ها. بنگلي جي چوڌاري جيڪي به بنگلا هيا، اُتي به ڪيئي وڻ ها، جن تي چاندوڪي ڇانيل هئي ۽ ريٽا وِسڪيءَ ڍُڪ پي، پنهنجي نثري شاعري ٻُڌائي رهي هئي. اسان اڌ رات تائين ويٺا رهياسين ۽ ڳالهيون به ڪندا رهياسين ۽ مان پنهنجي اندر ۾ ٽُٻيون به ڏيندو رهيس. ٻاهران ڪائنات ڪنهن اشوڪ جي وڻ وانگر ٿي لڳي، جو اونڌو لڙڪي رهيو هجي ۽ جنهنجون جَڙون آڪاس ۾ هجن ۽ پن، تاريون ڌرتيءَ تي. ريٽا جي نثري شاعري روحانيت جي باري ۾ هئي. جنهن ۾ پارت ورش جي خوشبو هئي. پر ان ۾ ابهام هو جو نه رڳو هن ديس جي وحدانيت ۾ آهي، پر هر مذهب جي وحدانيت جي تصّور ۾ آهي. ڪيتري وقت کان ڪائي سوچ جا منهنجي من کي ڏونداڙيندي رهي هئي، وَري مُنهنجي من کي گرفت ۾ آڻي چُڪي هئي. ڀهريون جِيوُ جڏهن جايو هو، تڏهن اُن کي ڪنهن ڏنو هو؟ هي رت پونءِ ته هن ڌرتيءَ جي دين آهي، پر آتما ڪٿان ٿي اچي؟ جي خدا ڌرتي ۽ آسمان پيدا ڪيا ته اهي ڪيئن ڪيا، اهو مشڪل ڪم اک ڇنڀ ۾ ڪيئن سر انجام ڏنو ويو؟ جي خلا مان ئي ساري تخليق ٿي، ته اُن تخليق لاءِ مواد ڪٿان آيو؟

مون کي پيرو مل مهر چند جي قديم سنڌ مان رگ ويد جا ٽڪرا پنهنجي ياد آيا. اندر، مِترا، وَرن، اگنيءَ جي باري ۾: ڪهڙي نه پياري شاعري هئي اُن ۾! پوءِ انهيءَ جي دَويتا ۾ اَدوِيتا مان هڪ خدا جو تصّور اُڀري ٿو، جو اُپائڻهار ۽ سِرجڻهار آهي، مشاهدي ۾ جو محدود آهي، انت ۾ لامحدود آهي ۽ مشاهدي کان بعيد آهي، هڪ ڪُنير آويءَ تي ٿانءُ پچائي لسائي لاهي ٿو پر ان لاءِ به هن کي ڪنهن خام مواد جي ضرورت آهي؟ پر گيت لاءِ ته ڪنهن خام مواد جي ضرورت نه آهي. ان ۾ ته شاعر پنهنجي وجود کي چَڪيءَ تي ڦيرائي ٿو ۽ هن کي پتو نه آهي ته اِها چَڪي ڪنهن جي هٿ ۾ آهي؟ اهي سوال ها اَزل ۽ اَبد جي باري ۾، جن جو رگ ويد ۾ جواب ڏنو ويو هو ۽ جو مان پانيان ٿو ته سنڌ جي ڌرتيءَ تي تخليق ڪيو ويو هو:

”ڏينهن ۽ رات ۾ ڪائي مشابهت نه هئي. نيستي به ڪانه هئي، هستي به ڪانه هئي، موت به ڪونه هو، زندگي جاويد به ڪانه هئي.“

شاعر پنهنجي تورَ تي پهچي ٿو، جڏهن هو ازلي حقيقت کي اظهاري ٿو ۽ چوي ٿو ته ديوتائون به ٻوء جي پيدائش آهن. هن ڪائنات جي حقيقت جو پورو بيان نه ٿو ٿي سگهي ۽ نيستي ۽ هستيءَ جي وچ ۾ تضاد جو انساني پهچ کان پري آهي، زمان ۽ مڪان جي سرحد کان دور ڪٿي حل ٿي وڃي ٿو.

هند جي سر زمين تي اهي سوال اَزلي ۽ ابدي آهن ۽ انڪري مون کي ريتا جي روحانيت واريءَ شاعريءَ تي عجب نه آيو. مون هن ۾ ايتري نواڻ به ڪانه ڏٺي. هوءَ هري دلگير جي شاگرد هئي جو هن کي فارسي بحر وزن سان آشنائي ڏني سگهي ها، جنهن ۾ هو خود شاعري ڪندو آهي. جي هوءَ ماترائن جي حساب سان شاعري ڪري ها ته اُها به هن جي وس کان ٻاهر نه هُئي. ماترائن جي حساب سان هند ۾ مذهبي توڙي ٻي شاعري ڪيتري نه پياري ڪئي وئي آهي! ڪرشن جي ننڍپڻ جي ٻاري ۾ ڪنهن نا معلوم سنسڪرت جي شاعر لکيو آهي:

"ماتا!"
"ڇا ڳالهه آهي؟"
"مون کي ڪيرَ - ڪٽورو ڏي!"
"ڇا لاءِ؟"
"اِن لاءِ ته مان پينان."
"هاٿي نه"
"رڳو رات جو."
"رات ڇا ٿيندي آهي؟"
"جڏهن ڌرتي ۽ آڪاس اونداها ٿي ويندا آهن."
اها ڳالهه ٻڌي ڪرشن پنهنجون ٻئي اکيون ٻُوٽيون ۽ چيائين:
"ماتا هاٿي ته ڏيندينءَ! رات اچي وئي آهي."

اها منظوم شاعري آهي ۽ نثري شاعري نه آهي جيئن ڪرستان روايت ۾ سليمان جو گيتن جو گيت جو نثري نظم ۾ آهي ۽ جو مان اڳتي هلي ڏيندس. هنديءَ جي ڪويءَ جنديو ۾ به اهڙي ريت ڀربور مذهبي جذبات هئي، جنهن گيت گووند لکيو آهي، جيتوٽيڪ تي سال ٻوءَ چيتنيہ جي تحريڪ به ساڳي نوعيت واري هُئي. اُن ۾ رادا ۽ ڪرشنا جي پيار جي ٻاري ۾ گيت آهن، اُهي نثري نظم نه آهن، پر موزون آهن. گيت گووند کان ڪيئي صديون اڳي شرنگار تلڪ لکيو ويو جو ڪاليداس سان منسوب ڪيو ويو آهي، پر محقق ان کان انڪاري آهن ته اهو ڪوئي ڪاليداس جو ڪتاب آهي، جيتوٽيڪ ان ۾ به ڪيئي ٻُرڪاريءَ واريون تشبيهون آهن، جيئن:

"تُنهنجون اکيون ڪنول جي پتين وانگر آهن، تنهنجو مُک ڪنول وانگر آهي، تنهنجا چپ ڪچا ڪوٽبل آهن ۽ تنهنجا انگ چَمپڪ جي پنن وانگر آهن. ٻڌاءِ پريتما، مون کي ٻُڌاءِ ته اپاٺهار توکي پٿر جهڙو هانءُ ڇو ڏنو آهي؟" اُتي ڪويءَ کي من ۾ بسنت کان پڙ تني ٿو. "اڳيئي مون کي پيار پيڙا ڏني

رهيو آهي ۽ منهنجو من جو ملڻ جوڳو نہ آهي، آگم لاءِ پرارٿنا ڪري رهيو آهي. اُن جو ڪهڙو حال ٿيندو جڏهن انب ٻُور سان ڀوڪجي ويندا ۽ اُن جي ڦِڪي اڇاڻ اولهہ جي هوا ۾ ڦُٽي پوندي؟" هن ۾ ڪِٿي بہ ڪاوڙيل پيڙا نہ آهي." تون منهنجا چپ منهنجي اِڇا کان سوا چوڙو چُمين، نِر لڄا، ائين لڄ جو مِکر چوڙو ڪرين؟ هَٽُ، ڇَڏ منهنجي ڳهڳهي جي پاند کي ڇَڏ! اِهي سَوڳَندَ کٽي، مون کي پنيلاٽي ڇو رهيو آهين؟ مان تنهنجو اوجاڳيل انتظار ڪيئي ٿڪجي پئي آهيان، موٽي وڃ اُنهيءَ ڏانهن، جنهن سان ريدّل هُئين! ماڪيءَ جون مکيون اُهي ڦولّ ڇا ڪنديون، جي ڦِٽي ڪيا ويا آهن؟"

ستينءَ صديءَ جي ڪَوي پرتري هريءَ ۾ پرپور عشقيہ شاعريءَ جي ڀرپين جَهلڪ ملي ٿي، ڪهڙي نہ پُرڪشش تصوير آهي هن جي پياريءَ جي جڏهن هوءَ جهنگ ۾ چندرمان جي اُهاءَ ۾ پٽڪي ٿي:-

"ڪامٽي، پاڻ کي چنڊ جي ڪرڻن کان جهنگ جي وڻن ۾ ڇُپائي ٿي ۽ پنهنجو گهگهو مٽي ڪري ٿي، جنهن ۾ هن جا اُرهہ ڍڪيل ها." پر ڪامنا ڪويءَ جي من کي تڙپائي ٿي، جنهن کي هو نهايت پياري، ٻوليءَ ۾ اظهاري ٿو ۽ هن کان پوءِ اِماروءَ جي شاعري شروع ٿئي ٿي، جنهن جو ترجمو اردو شاعر ميراجي پنهنجي ڪتاب "ديس ديس کي نظمين" ۾ نهايت چاهہ سان ڪيو آهي. ڇا نہ سِٺ آهي اَمارو جي:

"آهستي ڳالهاءِ. مُنهنجو ساجن منهنجي من ۾ آهي، متان اُهو توکي ٻُڌي نہ وٺي!"

مون کي ڪجهہ سنسڪرت شاعرائون ياد آيون جي مون ڪافي وقت اڳي پڙهيون هيون. وِڄا، سيلا، پَٽَريڪا، چندريڪا، گوري، پدماوتي، ڦُلگو (۱)، چاندلا، وديا (۲) وغيره. انهن جي محبت ۽ فطرت جي شاعريءَ تي هڪ پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو، جنهن جي هتي جاءِ نہ آهي. هڪ الڳ ڪتاب ويدانتڪ ڪويتا تي لکي سگهجي ٿو، جڏهن انسان انيڪ ۾ ايڪ ۽ ايڪ ۾ ايڪ ڏسي ٿو، اها شاعري هر صوفيءَ جي اعليٰ شاعري وانگر آهي. هن ڪائنات جي وحدت جي باري ۾، انسان جي نجات جي باري ۾، رامانج ۽ رامانند جي شاعري، ڪبير ميران ۽ نانڪ جي شاعري. اها شاعري ورثو آهي. هند جو ۽ اها منظوم آهي، ماترائن تي آهي جيڪي مذهبي ڪتاب نثر ۾ آهن انهن ۾ بہ ترنم آهي. جيئن مان اڳتي هلي ڏيکاريندس.

مون ريٽا کي صلاح ڏني تہ هو ،ڳي وانگر ناول لکي ڇو تہ هن جي نثري شاعريءَ ۾ اهڙي نواڻ نہ آهي جا ڏيان پاڻ ڏي ڇڪي وٺي. تازو مون کي هن جو نئون ناول "پرهہ جا پياڪ" مليو آهي جنهن ۾ هن جي نثر ۾ تخليق وڏيڪ سجائي ٿي ڏسجي.

مون کي ريٽا وٽ اهو خيال آيو تہ هن ديس جي شاعري جا هيل تائين نظم ۾ خوبصورت ۽ ترنم واري رهي آهي، اُن کي شاعر نثر ۾ ڇو ڳنجرائي رهيا آهن؟"

ٽئگور تہ عمر جي آخر ۾ بہ ڪتاب نثري نظم جا لکيا ها ڇو تہ هو موزون شاعري ڪري نٿي سگهيو پر انهن کان پوءِ هو موزون شاعريءَ تي موٽي آيو هو، جنهن جو ذڪر مان "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" جي مهاڳ ۾ ڪري چڪو آهيان (دراصل نثريءَ شاعري جي ٽئگور کي گنجائش هئي، ڇوتہ

هن هڪ هزار گيت لکيا ها جن ۾ جَن، گَن مَن ۽ سونار بنگلا جهڙا ترنم وارا گيت به هيا) ريتا جي زندگيءَ جو نئين ٽيڪنالاجيءَ سان به ڪوئي واسطو نه هيو، جنهن سان هندستاني سرمايداريءَ جو هي صنعتي دؤر واڳيل هو.

روسي شاعر ماياڪوفسڪي، ووزينسڪيءَ ۽ ٻين فيوچرسٽ شاعرن جديد ٽيڪنالاجيءَ مان ڪيئي لفظ ورتا آهن، پر پوءِ به ماياڪوفسڪيءَ ۽ ووزينسڪيءَ جا اڪثر نظم بي پناهه موسيقيت سان ڀرپور آهن. مان انهن جي شاعريءَ تي پوءِ ايندس. في الحال مان اهو ٿو چوڻ چاهيان ته شاعر جديد هنديءَ شاعريءَ ۾ نثري شاعريءَ لاءِ گهڻو جواز پيدا نه ڪري سگهيا آهن.

ريتا جي اڳڻ ۾ اڌ رات جو مون چنڊ ڏانهن ڏٺو جو اَشوڪ جي وڻ مٿان اڻين وڃي رهيو هو جڻ اُن کي مٿي تي چمي ڏئي رهيو هو. مون مَن ۾ چيو. "هيءَ گهڙي اَمر آهي، هن گهڙيءَ جيڪي به وجود ۾ آهي، اُن جي انتها مون تي ٿئي ٿي، هن ساري سنسار ۾ ڪوئي سرگم آهي جو آبشار وانگر وهي رهيو آهي. اُن ۾ وهنجي ڏسان ته منهنجيءَ لونءِ لونءِ ڪاندارجي ويندي، مان ني ته هي سنسار آهيان!"

انگريز شاعر وليم بليڪ کان ڪنهن سوال پڇيو هو "خدا ڇا آهي؟"

"يسوع، تون ۽ مان" هن جواب ڏنو هو.

اهائي ته ڪيفيت آهي ڪلاسيڪل سنسڪرت ۽ هندي شاعريءَ جي. باغ جي چوڏاري سانت ۾ اَماروءِ کان اَگيه تائين ڪويتا سمايل هئي. ڪيتري نه مدّرتا هئي، اُن ۾! ريتا ٽيڪنالاجيءَ واري دؤر جي ڪويتا به نه ٿي لکي! هن ۾ ويدانيت هئي، جنهن جي باري ۾ اڳ ڳايو ويو آهي، ساڳيو پس منظر ساڳي جذبات جا چاندني ۾ نهر وانگر آهي، پر اُن جو صديون مسلسل اظهار هاڻي طبيعت کي ڀانءِ نه ٿو پوي.

ٻي ڏينهن تي مون ريتا وٽ نئي هندستانيءَ شاعريءَ تي ڪجهه ڪتاب نظر مان ڪڍيا ها. هندي شاعريءَ ۾ ڪجهه علامتون آهن جي فطرت سان پورَ وچونيون آهن. اهي هيٺ ڏجن ٿيون:

١ـ سِجَ اُڀرڻي وقت ڪنول جو گُل ٽڙي پوي ٿو ۽ اُهو اسان لاءِ سُونهن، سچ، مدّرتا ۽ منورتَ (مقصد) چئي ٿو. ڪويتا ۾ ٻيا گل اهڙا آهن جي ڪنهن ڪامڻيءَ جي ڇُهاءَ، ياڪر يا چُميءَ سان ٽِڙي پون ٿا، جيئن اشوڪ جو وڻ ٽڙي پوي ٿو، اها ڳالهه سُونهن جي سڦلتا جي نشاني آهي.

٢ـ هر موسم سان مخصوص علامتون واسطو رکن ٿيون. ڪويل ۽ انب جو ٻُور بسنت جي علامت آهن. مورُ برسات جي علامت آهي، هَنس ۽ ڪَنجن (٣) ٻيا سانگي پکي (سنڌ ۾ ته سوين سانگي پکي ايندا آهن) آڳاٽيءَ سَرءُ جي علامت آهن. ڪوهيڙو ۽ چِٽندڙ ٻن سياري جي علامت آهن. (منهنجي هڪ سٽ آهي: "چِٽندڙ ٻن، وچوڙيل يار ڳالهه ته ساڳي ناهي.)

٣ـ چاتِڪ ۽ پپيهو اَمُرَ ۽ اَڻ ڦرٽيءَ پڳتيءَ جي علامت آهن. اُپاڻهار جي اُڪير ۽ پيار جي آندي گُهرجي سَرءُ جي برسات جا سُواتي تاري (٤) هيٺ پوندي آهي، اها برسات اُپاڻهار جي ڪِرباجي نشاني آهي جا نانگ ۾ وِهه، سِپ ۾ موتي ۽ بانس ۾ دارون پيدا ڪري ٿي. چاتڪ کي سُواتيءَ جي جَر ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جَر لاءِ ڪرپ ايندي آهي ۽ فقط اُهوئي هن جي اُڃ اُجهائي سگهندو

آهي. اهڙي طرح اُجاري جيءَ کي آتت نہ ايندي آهي، جيستائين اُن تي ٻاجهاري جي ٻاجهہ نہ ٿيندي آهي.

۴ـ ڪام، جو سنيهہ ۾ لنئُن جو ديوتا آهي، جنهن کي شِوَجلائي رکَ ڪري ڇڏيو آهي، پر جو سياڳو آهي، اُهو سدائين سرير کان سوا آهي. اِها ڳالهہ اِهو پاءِ پيدا ڪري ٿي تہ سريرڪ ڪامنا جون جڙون جيءَ ۾ نہ آهن ۽ اُها اَجائي آهي. ڪام جي وَني رَتي (موهُ) آهي ۽ هن جا سَنگي بسنت، چنڊ ۽ چاتِڪ پکي آهن.

۵ـ هاتِي چال ۾ سوبيا، سانتيڪائيءَ، سگهہ ۽ بارَ ۾ ڀاري ڀِٽي جي نشاني آهي. شينهُن ڏيا ۽ تَن مَن جي ٻَل ۽ قُرنائيءَ جي علامت آهي ۽ هَرڻ تِک، سُوڪيمتا ۽ حواص جي ناپائداريءَ جي علامت آهي.

٦ـ انسان جي چهري جي چنڊ سان تشبيهہ ڏني وئي آهي، اکين کي ڪنجن پکيءَ سان يا اهي آمي جي ڦارَ يا هرڻيءَ جي اکين سان ڀيٽيون ويون آهن. وَارَ وَسيهہ ڪاريءَ گهٽا يا رات وانگر آهن، چَپ بَمبا جي ڦَل وانگر آهن جو ڳاڙهو ۽ شملي رنگ ٿيندو آهي يا اَنب جي ڪچڙن ڪوُنپلن يا مرجان. وانگر آهن. ڏند موتين جي لڙهيءَ جهڙا آهن. پربور ڇاتي ڦَلدائڪ اِستري ڀٽي جي نشاني آهي، سنهيءَ چيلهہ جي چيتي جي چيلهہ سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي، رانُن کي ڪيوڙي جي ٿُڙ يا هاتيءَ جي سُونڍ سان ڀيٽيو ويو آهي (سنڌيءَ ۾ ڪَنجل (۵) ـ لوڏ سينگار ۾ استعمال ٿيل آهي)، هَٿَ پيرَ ڪوٽين جيان آهن. جيڪي اکين جي اشارن سان گڏ ناچَ، ناٽَڪ يا ڪويتا ۾ مُدرا (٦) جو ڪم ڏين ٿا.

۷ ـ روايتي سوڻ ۽ اُهڃاڻ آهن:

پَريل گهڙو اُڏار ۾ پکيئڙو ڳابي کي کير ڏارائڻ وقت ڳانءِ، سائو گاهہ، پانَ جا پَتا، سَنگَ، سِرڪنڊ جو ليپُ، آرسي، ٻارڙن سان اَمڻ گهلندڙ هيِر چندن جو تِلڪ، ٻيا بہ ڪيئي سُوڻ اَپسُوڻ آهن. ڳُپُ علامت آهي سلسلي جي، پُنر آرنبَ جي، آس جي اَنپو جي.

هنديءَ جي همعصر شاعرن اهي علامتون ۽ روايتون هن سرشٽيءَ جي سُجاڻ ۽ اُن ۾ ويساهہ جي اظهارڻ لاءِ ڪم آنديون آهن. هنن اُنهن اُپَاشائن ۽ لوڪَ ـ ڪَٿائن، مان ڪجهہ اضافو بہ ڪيو آهي پر هنن ٻاڻ کي روايتي انداز تائين محدود نہ رکيو آهي. ڪنهن مهل هُنن بنهہ نيون تشبيهون ۽آدرشي دنيا جو نئون تصَور ڏنو آهي،

مثال طور: "هڪ گُڏِي، ناهيل لينگهانتي، چِڪَڻ ميري ڪبڙي مان" يا "پاڻيءَ جي ڪِنلي جا ڪِڙهي، ٻاڦ تي وجي ٿي" يا ڪيسري ڪمارَ جي ڪويتا جي سٽ "سانجهہ! توکي ڪيئن سمجهايان؟ اُها مزمان جي اوباسيءَ وانگر لڳي رهي آهي" يا ڪنهن جديد هندي شاعر پنهنجيءَ ڪويتا "سامونڊي ڪنني تي سنجها" ۾ چيو آهي تہ:

"ٻلين وانگر
واريءَ جا ڍِڳ گهيرت ڪائي رهيا آهن،
لهرون انهن جي چنبن کان (رانيونَن جي پَوَ کان) تڪڙيون تڪڙيون ڊوڙي رهيون آهن."

ڪرتي چوڌري، جي ڪويتا "اَڄرتا" ۾ آهي:

"منجهند لهرون ٽي وٺي آهي ۽ پنهنجي اَٿاسي اَوڄر ۾ ڀڪي رهي آهي."

اهي مٿي آيل چار پنج تصّور مون هنديء جي نثري شاعريء مان اچانڪ ڪنيا آهن ۽ اُهي روايتي نه آهن ۽ يگاني تحرير ڪي اظهارن ٿا.

هڪ ٻي جديد شاعر جو هي نثري نظم ڏسو:

"ڪنهن
نئين ڏينهن ڪي منهنجي دروازي ٻاهران ڦٽي ڪيو آهي هڪ خط وانگر
جنهن تي ڪاني پراڻهين ۽ اڄرج جهڙي ٽڪلي لڳل آهي،
اُن جي اَڄُتي لفافي تي مُهر لڳل آهي
اڻ ـ وسهون لاکَ جي،
اَڄ ته آسان اُنهيء مُهر کي ٽوڙيون!"

مون اها ڪويتا پڙهي اُن ۾ جديد شاعري جي نواڻ ته محسوس ڪئي پر سوچيو ته ڇا اهي نثري ٽڪرا ڪنهن ناول، ڪهاڻيءَ، ڊائري، يا سفرنامي وغيره جو حصو نه ٿي ٿي سگهيا؟

آخر مون به هن وقت تائين جيڪي به نثري نظم لکيا آهن، اُهي منهنجي نوٽ بُڪ جا ٽڪرا آهن جي مون ناول يا ڊائري يا سفرنامي جو حصو ڪرڻ چاهيا ها!

اردو ۾ آزاد نظم ته بحر وزن تي هوندو آهي ۽ جيتوڻيڪ اُن جون سٽون ننڍيون وڏيون هونديون آهن پر انهن ۾ ڪوئي مرڪزي خيال سمايل هوندو آهي. ڪيئي سال اڳ اردوء ۾ نثري نظم به لکيا ويندا ها جنهن کي اردوءَ جا اَدَ ـ اکري شاعر "ادب ـ لطيف" چوندا ها. اهو ادب لطيف ڪيئن هو ۽ ٻيو ادب ڪثيف ڪيئن هو، ان لاء هر ڪوئي سبب نه ڏيندا ها. دراصل ٽئگور جي منظوم بنگالي شاعريء جا ٻيٽس انگريزي نثري نظم ۾ "گيتا انجليءَ" جي نالي سان ڪجهه ترجما ڪيا، جن تي ٽئگور کي نوبل پرائيز مليو هو. ٽئگور پاڻ به پنهنجا ڪتاب "باغبان" "ڪبير جا گيت" وغيره انگريزي ۾ نثري نظم ۾ ترجمو ڪيا ۽ پڙهندڙن ۾ غلط تاثر اهو پيدا ٿيو هو ته اصل بنگالي شاعري به ائين نثري نظم ۾ هئي. جڏهن ٽئگور کي نوبل پرائيز مليو ته هر شاعر ننڍي ڪنڊ ۾ نثري نظم ٿي لکڻ چاهيو. مون کي هڪ ڪِل جهڙو واقعو ياد اَچي رهيو آهي. جڏهن مان بي ـ اي ۾ پڙهندو هوس ته ميٺارام هاسٽل مان بندر روڊ تي هڪ اسٽيشنريء (ڪاغذ، قلم، مَسُ وغيره) جي دڪان تي پينسليون خريد ڪرڻ ويس. دڪان جو هندو مالڪ هڪ جهازي سائيز نوٽ بُڪ تي ڪجهه سنڌيء ۾ لکي رهيو هو. مون سمجهيو ته هوُ پنهنجو وَهِي کاتو ٿو لکي. مون هُن کي پينسلين لاء چيو ته هن چَپن تي آڱر رکي، مون کي چُپ ڪرڻ لاء چيو. مون ڀانيو ته هن جي حساب ڪتاب ۾ رنڊڪ ٿِي پَئي، سو مان ماٺ ڪري بيهي رهيس. هو مون کان پنج فوٽ پري ويٺو هو ۽ منهنجي هُن جي ڪتاب تي نظر نه ٿي پئي. پنج ڇهه منٽ گذريا ته هن ڪتاب مان منهن ڪڍي مون کان پڇيو: "ڪاليج ۾ پڙهندو آهين؟"

مون جواب ڏنو "هائو"

"پوءِ مها ڪوي ٽئگور تہ پڙهيو هوندءِ؟" هن پڇيو "مان بہ هي ڪتاب ٽئگور وانگر سنڌي نثري نظم ۾ لکي رهيو آهيان. ان جو پروفيسر اجوائيءِ کان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائيندس. تون آرٽس ۾ پڙهندو آهين يا سائنس ۾؟" هن مون کي غور سان ڏسي پڇيو.

"آرٽس ۾" مون جواب ڏنو.

"پوءِ تہ تون پروفيسر اجوائيءِ کي سڃاڻيندو هوندين؟ هو منهنجو پاڙيسري آهي." هن چيو مون ڪنڌ ڏوٽي هائو ڪئي.

"بس ڇڙو پروفيسر اجوائي هن کي ترجمو ڪري تہ نوبل پرائيز منهنجي کيسي ۾ پيو آهي. تون هي ڪتاب پڙهي ڏسندين؟" هن پڇيو. مون وري ڪنڌ ڏوٽي هائو ڪئي تہ هُن پنهنجو ڪتاب مون ڏانهن وڌايو. مون ڪتاب وٺي پهريون نظم ڏٺو:

"تيز هوا لڳي رهي آهي
ڪيڪڙا ڪناري تي وڃي رهيا آهن...."

پوءِ هن جا اکر ڪاغذ تي هيٺ لهندا ويا، جيئن ڪيڪڙا ساحل تي واريءِ جي ڍير تان لهندا آهن. مون جڏهن هن کي ڪتاب موٽايو تہ هن پڇيو:

"ڪيئن مون کي نوبل پرائيز ملندي نہ؟"

مون ڪنڌ ڏوٽي هائو ڪئي تہ هُن مون کي ڇهہ پينسلون ڏنيون ۽ پئسا نہ ورتا.

هي پيري ۱۹٦۵ع واريءِ جنگ ۾ مون سان گڏ پروفيسر جهامنداس "جهامر" جيل ۾ گڏ هو. مان پرمانند ميوارام جي ڊڪشنري گهولي ٿڪو آهيان پر مون کي "جهامر" لفظ ڪٿي نظر نہ آيو آهي. البت اردوءِ ۾ "تامر جهامر" لفظ آهي جو هڪ قسم جي اٺ گهڙيل ڏوليءِ کي چوندا آهن. اهو تخلص هن "سامر" جي مقابلي ۾ رکيو هو، جو جئسنگهاڻيءِ جو تخلص هو. جئسنگهاڻي "سامر" لاڙڪاڻي جو شاعر اربندو گوش جي نموني "اڪبر آشرم" جو باني ۽ جيتامڙي جي ڊائريءِ جو مصنف هو. سنڌي ۾ "سامر" لفظ معنيٰ پناهہ يا سهارو. باقي سنسڪرت ۾ سامر تہ ٽن ويدن مان هڪ ويد جو نالو آهي، جي ماترائن تي بَدل آهن ۽ ڳائي سگهجن ٿا. جئسنگهاڻيءَ، "سامر" کي سچل "سرمست" وانگر شاعر هفت زبان ٿيڻ جو خبط هو ۽ هو نہ رڳو سنڌي، سرائڪيءَ، اردو، هنديءِ ۾ ڪلام لکندو هو ۽ اڪبر آشرم ۾ ڳائيندو هو پر ديوان، حافظ مان قافيا ۽ رديف لکي، حافظ جي تتبع تي فارسي غزل لکندو هو. مان جڏهن بہ لاڙڪاڻي ڪنهن ڪيس سان ويندو هوس تہ هن وٽ ضرور ويندو هوس. هو ۽ هن جي خوبصورت ڏرم پتني ڊاڪٽر سرلا منهنجي خاطر تواضع ڪندا ها. اسان گڏجي ناءُ نوش ڪندا هئاسين ۽ مان هن جا فارسي غزل ٻڌندو هوس. جبتوٽيڪ مون سامر کي ڪيئي ڀيرا چيو هو تہ هن کي زير اضافت ۽ واوعطفيءِ جو پورو پتو نہ ٿو پوي پر هو وري وري ساڳيون غلطيون ڪندو هو. مرحوم لطف الله بدوي، جيڪو علامہ اقبال جي اسرار خودي ۽ رموز بيخوديءِ وانگر فارسيءِ ۾ مثنويون لکندو هو، اُهو نہ رڳو اقبال جو تتبع ڪندو هو پر فارسيءِ ۾ زير اضافت ۽ واوعطفي چڱيءِ طرح وزن ۾ آڻي نہ سگهندو هو. مان هن جي ڪمر آندل واوعطفيءِ کي واءِ لُطفي چوندو هوس.

ڳالهہ نڪتي سام جي ڳالهہ تان. مان سام ۽ سرلا تي پورو ناول لکي ٿو سگهان، هو ٻئي ھين لکن انسانن وانگر تقسيم جي تباهہ ڪاريءَ جا مجسما هئا. پر هتي اُنهن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي جهامنداس "جهام" ڏانهن موٽان ٿو، جنهن کي عروض جي الف بي جي بہ خبر نہ هئي ۽ سام کي شهہ ڏيڻ لاءِ ٽئگور وانگر نثري نظم لکندو هو ۽ اهي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري جرمنيءَ ۾ پنهنجي قلمي دوست لبڪي (Lubke) کي موڪليندو هو، جو خود رلڪي جو اولڙو هو ۽ جو هن جي انگريزي ترجمي کي سنڌي منظوم شاعريءَ جو انگريزي ۾ نثري ترجمو سمجهي، جرمن نثر ۾ ترجمو ڪندو هو. هُن کي "جهام" منهنجا منظوم شعر بہ ترجمو ڪري موڪليا هيا، جي بہ هن جرمن زبان ۾ سنڌي شاعريءَ جي انتخاب ۾ ڇپايا ها، جن مان هڪ ڪتابڙو مون وٽ اچا آهي. (تازو گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي جرمن ڊائريڪٽر جا منهنجي دوست ٿي وئي آهي، منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو تہ لُبڪي هڪ معمولي شاعر آهي ۽ هاڻي ٻوڙو ٿي چُڪو آهي) سو مون جڏهن جهام جا نظم ڏٺا تہ مون کي اُهو اسٽيشنريءَ وارو دڪاندار ياد آيو جنهن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي.

منهنجو چوڻ جو مقصد اهو هو تہ اڪثر نثري شاعري اهو روحانيت جو گٽر آهي، جنهن تي چند جي روشني پنجي رهي آهي. جرمن شاعريءَ ۾ برٽالٽ بريخت جا نثري نظم ڏسجن، جنهن جا ٽي جلد مون پڙهيا آهن، تہ اُنهن جي دنيائي ٻي آهي. ڪجهہ ماياڪوفسڪيءَ وانگر آرٽ جي فيوچرسٽ نظرئي کان متاثر خوبصورت نظم آهن، جن ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر جو پڙاڏو آهي ۽ پنهنجي دؤر جي سياسي پيڙا بہ نهايت خوبصورتيءَ سان چٽي وئي آهي. اولهہ ۽ اوڀر جرمني هڪ ٿي ويون آهن ۽ جيتوڻيڪ اوڀر جرمني زيادہ تر ڪميونسٽ آرٽ ۽ ادبي تخليقن کي تڄ ٿي سمجهي پر برٽالٽ بريخت جي نثري شاعري ۽ نهايت خوبصورت ڊرامن کي پوري جرمنيءَ ۾ اهميت آهي.

منهنجي دوستَ اسلم اظهر (بينظير جي دؤر ۾ پاڪستان ٽيليويزن جو جنرل مئنيجر هو) نوڪريءَ کان اڳ گنليلو سوڏا بريخت جا پنج ڇهہ ڊراما اسٽيج تي آندا ها، پر اُنهن ۾ انساني عمل کي ترجيح هئي. ۽ اهڙا ٽڪرا گهٽ هيا، جن کي نثري شاعري چئي سگهجي، جنهن سان شيڪسپيئر جا ڊراما جهنجهيا پيا آهن.

مون انجيل ۾ نثري شاعري "حضرت سليمان جي راڳن جي راڳ" ۾ ڏٺي. اهو ڪتاب مون سال ۵۵ع ۾ نئين سال جي رات هڪ عيسائي ديول مان ورتو هو. مان ۽ منهنجو دوست مونس، ٻارهين بجي رات ڪانهوءِ جڏهن نئين سال جي شروعات ٿي، سڪر جيم خاني مان مدهوشيءَ جي حالت ۾ نڪتاسين ۽ پنڌ ڪُئينس روڊ تي وياسين، جتي مُونس منهنجي آفس ۾ رهندو هو ۽ جتي منهنجي ڪار بيٺل هئي، جنهن ۾ مان پراڻي سڪر وِجهُو هوس. رستي جي مُهڙ وٽ چَرخ هئي، جتي عيسائي عبادت ڪري رهيا ها. مان تہ ٻاهر مذهبي ڪتاب ڏسڻ لڳس ۽ سينٽ ٿامس اَڪيئناس جو هڪ ڪتاب ۽ ٽي انجيل انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ خريد ڪيم. مون کي اهو ڏسي حيرتَ آئي تہ "مقدس بائيبل - نئون ۽ پراڻو عهدنامو" ڪنهن پادريءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو جو گربخشاڻي واري شاهہ جي رسالي کان بہ ٿوريءَ وڏي ماپ جو هيو ۽ جنهن ۾ ١٦٦٩ صفحا هيا. اهو بائيبل هندستان،

پاڪستان ۽ سِلون جي بائيبل سوسائٽيءَ ۱۹۵۴ع ۾ لاهور ۾ ڇپايو هو. ايتري ۾ شور ٿي ويو. مونس، جو غالب وانگر روز۔ ابر ۽ شب ۔ ماهتاب ۾، بي خوديءَ جي عالم ۾ هوندو هو، مسيح جي بُت ڏانهن ڏوڪي ويو هو ۽ هن جي پيرن سان مٿو ٽڪرائي چئي رهيو هو: "تون مون تي رحم ڇونہ ٿو ڪرين؟ تون مون تي رحم ڇو نہ ٿو ڪرين؟" مون ان کي عيسائي عبادت ۾ بيجا دخل سمجهو ۽ هن کي ٻانهن کان ڇڪي ٻاهر وٺي آيس. (تفصيل سان اها ڳالهہ ڪنهن وقت پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکندس.)

مٿي ڄاڻايل انجيل جا ٽئي ترجما مون وٽ اڄا تائين آهن. سنڌي نسخي مان "راڳن جي راڳ؛ جا ڪجهہ چونڊ ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو، جي خوبصورت نثري نظم وانگر آهن ۽ جن جو سنڌي ترجمو لاهور واري بائيبل سوسائٽيءَ جو ڪرايل آهي ۽ صفحي ۱۲۲۳ تي ذَنل آهي:

**:(1)**

۱۔ سليمان جي راڳن جو راڳ.

۲۔ ڀلي تہ هو وات جي چُمين سان مون کي چُمي ڇاڪاڻ جو هن جي محبت شراب، کان بهتر آهي.

۱۳۔ منهنجو محبوب منهنجي لاءِ اهڙو آهي جهڙو مِر(۷) جو ڇُڳو جو منهنجي ڇاتين تي وچ ۾ پيو آهي.

۱۴۔ منهنجو محبوب اهڙو آهي، جهڙو ميديءَ جي گلن جو ڇُڳو، جو عين جِدي جي ڊاک جي باغن مان آهي.

۱۵۔ ڏس، اي منهنجي پياري، تون سهڻي آهين، تون خوبصورت آهين، تنهنجون اکيون ڪبوترين جهڙيون آهن.

۱٦۔ ڏس، اي منهنجا محبوب! تون حسين آهين، هائو دلپسند آهين، اسان جو پلنگ سائو آهي.

۱۷۔ اسان جي گهر جون ڪامون سرو جون آهن ۽ پَٽيون صنوبر جون آهن.

**:(2)**

۱۔ آءٌ شاوُنَ جو گلاب آهيان، آءٌ وادين جو سوسن آهيان.

۲۔ جيئن سوسَن ڪنڊين ۾ آهي، تيئن منهنجي محبوبا ڪنوارين ۾ آهي.

۳۔ جيئن جهنگ جي وڻن ۾ صوف جو وڻ، تيئن منهنجي محبوبا بہ نوجوانن ۾ آهي. آءٌ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان هن جي ڇانو ۾ ويهي رهيس ۽ هن جو ميوو مون کي مٺو لڳو.

۴۔ هن مون کي مجلس ۾ آندو ۽ هن جو جهنڊو منهنجي مٿان محبت جو هو.

۵۔ اوهان مون کي ڪِشمِش سان آرام ڏيو ۽ صوفن سان مون کي تازو توانو ڪيو، ڇالاءِ جو آءٌ محبت جو مريض آهيان.

٦ـ هن جو ڪاٻو هٿ منهنجي مٿي هيٺان آهي ۽ هن جي سڄي هٿ جو مون کي ڀاڪرُ پيل آهي.

٧ ـ اي يروشلم جُون ڌيون! آءٌ اوهان کي قسم ٿي ڏيان، اُنهن هرڻين جو ۽ ميدان جي ڇانگهن جو، تہ اوهين پيار کي نہ اُٿاريو، نہ جاڳايو، جيستائين ڪہ هو پاڻ اُٿڻ گهري.

٨ـ اِجهو منهنجي محبوب جو آواز! ڏس، هو جبلن تان ٽپندو ۽ ٽڪرن تان ڊوڙندو اچي ٿو.

٩ـ منهنجو محبوب هڪ هرڻ يا جوان ڇانگهي جهڙو آهي. ڏِس! هو اسان جي پٽ پنيان بيٺو آهي، هوُ درين مان جهاتيون پائي ٿو، هو ڳُڙڪين مان پاڻ ڏيکاري ٿو.

١٠ـ منهنجي محبوب مون سان ڳالهايو ۽ چيائين تہ اي منهنجي پياري، مُنهنجي نازنين، اُٿي هلي اَچ!

١١ـ ڇالاءِ تہ سيارو گذري ويو آهي، مِينهن بس ٿي لنگهي ويو آهي.

١٢ـ زمين تي گل نڪتا آهن ۽ پکين جي ڳائڻ جي موسم آئي آهي ۽ ڳيري جي ٻولي اسان جي مُلڪ ۾ ٻڌڻ ۾ ٿي آئي.

١٣ـ انجير جو وڻ پنهنجا ساوا انجير پچائي ٿو، ڊاکن ٻور جَهليو آهي ۽ انهن مان خوشبوءِ پئي اچي. اُٿ، اي مُنهنجي پياري، مُنهنجي نازنين، هلي اَچ!

١۴ـ اي منهنجي ڪبوتر! تون جا ٽَڪر جي ڦاٽَن ۽ اُڀڪري، واريءَ، جاءِ جي اوٽ ۾ آهين، پنهنجي شڪل ڏيکار پنهنجو آواز ٻڌاءِ، ڇالاءِ جو تنهنجو آواز مِٺو آهي ۽ تنهنجي شڪل سُهڻي آهي.

١٥ـ اسان جي لاءِ تون لومڙيون، ننڍيون لومڙيون پَڪڙ، جي ڊاک جو مَنهہ زيان ٿيو ڪن، ڇاڪاڻ جو اسان جي ڊاک جي مَنهہ ٻُور ڪيو آهي.

(منهنجي ٻيءِ لوڊن جي ڳوٺ شڪارپور ۾ بنگلو نهرايو هو. بنگلي ۾ ٻين وڻن ٻوٽن سان گڏ هڪ سنگ مَر مَر جو تلاءُ هو جنهن تي مَنهہ هو، جو ڊاک جي وَل سان ڇانيل هو، مون کي اجا ياد آهي تہ ڊاک ۾ ٻور ڪيڏو نہ پيارو لڳندو آهي! اهو بنگلو ۽ باغ ٽين ڏهاڪي واري وڏيءِ ٻوڏ ۾ ٻُڏي ويو هو)

١٦ـ منهنجو محبوب منهنجو آهي ۽ آءٌ سندس آهيان; هو پنهنجو ڳلو (٨) سوسن ۾ ٿو چاري.

١٧ـ جيستائين ڏينهن ٺَڌو ٿئي ۽ پاڇو لهي، تيستائين اي منهنجا محبوب موٽي اچ! بلڪ تون انهيءَ هَرڻ يا جوان ڇانگهي جهڙو ٿيءُ، جو ٻتر جي جبلن تي آهي.

:(3)

١ـ جنهن سان منهنجي محبت آهي، تنهن کي رات جو مون پنهنجي هَنڌَ تي

ڳوليو، مون هن کي ڳوليو پر ڪين لڌومانس.

٢ـ مون چيو تہ هاڻي مان اُتنديس ۽ شهر جي چوڌاري گهمنديس تہ جنهن سان منهنجي جان جي محبت آهي، تنهن کي گهٽين ۽ چوسولن تي ڳوليان، مون هن کي ڳوليو پر ڪين لڌومانس.

٣ـ پهري وارا جي شهر جي چوڌاري پيا گهمن تن مون کي ڏٺو. انهن کي مون چيو تہ اوهان ڪو هُن کي ڏٺو، جنهن سان منهنجي جان جي محبت آهي؟

...........

:(7)

١ـ اي شهزادي تنهنجا پير چاڪڙين ۾ ڪهڙا نہ سهڻا ٿا لڳن! تنهنجين رانن جا سَندَ جواهرن جهڙا آهن، جي ڪنهن اُستاد ڪاريگر جي هٿان جَڙيل هجن.

٢ـ تُنهنجو دُن گول پيالي جهڙو آهي.

٣ـ تُنهنجون ڇاتيون ٻن ٻتڙن جهڙيون آهن جي هرڻي، جا جاڙا ٻچا هجن.

٤ـ تنهنجي ڳچي عاج جي ٿنڀ جهڙي آهي، تنهنجو اکيون "خشيون" جي تلاوَن جهڙيون آهن، جي بيت "رَبيمر" جي در وٽ آهن، تنهنجو نَڪ لبنان جي ٿُل وانگر آهي، جنهن جو رُخ دمشق ڏي آهي.

٦ـ اي پياري خوشين جي ڪري تون ڪهڙي نہ خوبصورت ۽ دلپسند آهين!

٧ـ تنهنجو قد ڪجي، جي وڻ وانگر آهي ۽ تنهنجو ڇاتيون ڊاک جي ڇُڳن جهڙيون آهن.

٨ـ مون چيو تہ آءٌ انهيءَ ڪجيءَ جي وڻ تي چڙهان ۽ اُن جون ٽاريون جهلي بيهان پلي تہ تنهنجون ڇاتيون ڊاک جي ڇُڳن جهڙيون هجن ۽ تنهنجي پساهہ جي خوشبو صوفن جهڙي آهي.

٩ـ ۽ تنهنجو وات تمام عمدي شراب جهڙو آهي. جو منهنجي محبوب جي لاءِ لسو وهندو وڃي ۽ جيڪي سُتا پيا آهن تِن جي چپن مان بہ ترڪندو وڃي.

١١ـ اي منهنجا محبوب اچ تہ ٻهراڙيءَ ۾ هلون ۽ ڳوٺن ۾ هلي گذاريون.

١٢ـ هَل تہ سَوير اٿي ڊاک جي مَنهہ ۾ هلون، ڏسون تہ ڊاک ڦُٽي آهي يا نہ ۽ ان جا گل ڪليا آهن يا نہ ۽ ڏاڙهون گل جهليا آهن يا نہ ـ اتي آءٌ توکي پنهنجي محبت ڏيندس.

............

:(8)

٦ـ مون کي مُهر وانگر پنهنجي دل تي هڻ ۽ مُهر وانگر پنهنجي ٻانهن تي رک، ڇا لاءِ تہ محبت موت وانگر زورواري آهي، حسن تير وانگر ظلم ڪندڙ آهي، اُن

جا شعلا باھ جا شعلا آھن. اھا خود خداوند جو شعلو آھي.

...........

اِھو آھي حضرت سليمان جو راڳن جو راڳ، جو ھڪ نثري نظم وانگر لڳي ٿو. اجا تہ اُن ۾ بيا فقرا حيرت انگيز آھن پر سنڌ جي اخلاقيات جي محدود تصور ڪري مون اُھي نہ ڏنا آھن. فارسي جي مشھور شاعر صائب جو شعر آھي:

آن کہ اوّل شعر گفت آدم صفی اللہ بود

طبع موزون حجت فِرزندیء آدم بُود

(جنھن پھريون شعر چيو آدم صفي اللہ ھو. موزون طبع آدم جي فرزنديء جو دليل آھي.)

ساڳيء ريت امير خسروء جو شعر آھي:

ماھم در اصل شاعر زادہ ايم.

دل بہ اين محنت نہ ازخود دادہ ايم.

(اسان دراصل شاعر مان پيدا ٿيا آھيون. ھيئن پنھنجو پاڻ دل لائي محنت نہ ڪري رھيا آھيون.)

تشبيھہ جي قدامت جو ان ڳالھہ مان اندازو لڳايو تہ قديم زماني ۾ ھڪ مصري شاعر ٿيبان (x) ۽ مصر جي فرعون مان راسيس ٻي. (١٢٩٢) کان ١٢٢٥ ق.م تائين) جي تعريف ۾ ڪجھہ شعر لکيا ۽ جي اھرام مصر (Pyramids) جي اندر ھڪ سخت پٿر تي اُڪريل آھن:

"بادشاہ جرئت ۾ جنگ جو ديوتا ٿو نظر اچي ۽ لڙائيء ۾ وحشي سانَ وانگر آھي. ماڻھو ھن کان ائين ڊڄن ٿا جئين جھنگ جي شينھن کان ڊڄندا آھن. صبح جو جڏھن ھو بيدار ٿيندو آھي تہ ائين لڳندو آھي تہ سج اُڀري رھيو آھي"

اھي شعر موزون آھن ۽ اُنھن ۾ ٻي شاعريء وانگر تشبيھون آھن.

زبور ۽ توريت ۾ بہ تشبيھون ۽ استعارا ڪافي موجود آھن. قرآن پاڪ، جنھن کي مسلمان ديني ۽ دُنيوي علم جو سرچشمو سمجھندا آھن، ان ۾ بہ بي شمار تشبيھون ۽ استعارا آھن. انھن سڀني ۾ نثري شاعريء جي خوشبو آھي (نبي اڪرم صلعم تي الزام ھيو تہ ھو شاعر آھي، جنھن کان ھن انڪار ڪيو ھو.) ڪجھہ تشبيھون ھيٺ ڏجن ٿيون:

١ـ "۽ جن ماڻھن ڪفر ڪيو، انھن جي عملن جو مثال ائين آھي، جئين ٻَٽ ۾ واري ھجي ۽ ٻياسو اُن کي پاڻي سمجھي. ايستائين جو جڏھن اُن کي ويجھو اچي، تہ ھن کي ڪجھہ بہ نہ ملي"

٢ـ "تون انھن کي ائين ڪري ڇڏيو آھي، جھڙو ڪاڏل پوسو."

٣ـ "پوء جڏھن آسمان ڦاٽي تيل جي تري وانگر گُلابي ٿي ويندو ھجي."

٤ـ "جڻ تہ ھو (نظر جُھڪائي رکندڙ حورون) ياقوت ۽ مرجان آھن."

٥ـ ”خدا آسمانن ۽ زمينن جو نور آهي. اُن نور جو مثال ائين آهي ڄڻ هڪ طاق آهي، جنهن ۾ چراغ آهي، ۽ چراغ هڪ قنديل ۾ آهي ۽ قنديل (ايترو صاف شفاف آهي جو) ڄڻ سون جو چمڪندڙ تارو آهي. ان ۾ هڪ مبارڪ درخت زيتون جو تيل جلايو وڃي ٿو، جو نه مشرق جي طرف آهي نه مغرب جي طرف.“

٦ـ ”۽ چنڊ جون به اسان منزلون مقرر ڪيون آهن، ايستائين جو هو (گهٽجي) کجور جي پراڻيءَ شاخ وانگر ٿي وڃي ٿو.“

٧ـ ”۽ پهاڙ (انهيءَ ڏينهن) پڃيل پشم وانگر ٿي ويندا.“

قرآن مجيد ۾ ڪيئي تشبيهون آهن پر مان مٿين ڪجهه تشبيهن تي اِڪتفا ٿو ڪيان.

افلاطون ۽ ارسطوءَ جون ڪيئي سٽون نثري شاعري وانگر آهن. ارسطوءَ ته تشبيهه ۽ استعاري تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. يونان ۾ ڪيئي جادو بيان ٿيا پر شاعري تيستائين پابند شاعريءَ جو روپ وٺي چُڪي هئي. هومر، سئفو وغيره وانگر ڪيئي مثال آهن. سئفو جا ته ”وهانءَ جا گيت“ مشهور آهن.

روم ۾ سِسَرو هوريس، وَرجل وغيره جي پابند شاعري آهي. انگلستان جي قديم انگلو سئڪسن شاعريءَ ۾ تشبيهه ۽ استعاري جي هڪ مطلب کي بار بار بيان ڪيو ويو آهي.

ان کان گهڻو اڳي ٻوڌي ڪتاب (جنهن جو سنڌي ترجمو ڌمپد، منهنجيءَ نظر مان گذريو آهي) ۾ اهڙيون خوبصورت تشبيهون آهن، جهڙيون مون ڪٿي نه پڙهيون آهن. اهو ڪتاب پراڪرت ۾ آهي جا عوام جي زبان هئي. سنسڪرت جنهن ۾ ويد لکيا ويا ها، اُن کي ديوُواڻي چيو ويندو هو. ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪٿي لکيل آهي ته پراڪرت ۾ اِهو ڪويتا ۾ هو. جي اهو نثر ۾ هو ته ان کان خوبصورت نثري شاعري مون اڄ تائين نه پڙهي آهي.

اُردو شاعري به شروعات کان منظوم رهي آهي ۽ عوامي زبان ۾ آهي، اها زبان جي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي ها ته پوري هندستان لاءِ رابطي جي زبان ٿي وڃي ها. حيدرآباد دکن ۾ سلطان محمد قلي قطب شاهه جي ڪليات هن جي پاڻيجي ١٠٢٥ هه ۾ مرتب ڪئي، اُن ۾ منظوم شاعريءَ سان گڏ هيئيون غزل به آهي:

پِيا باج پيالا پِيا جائے نا.
پِيا باج يک تِل جِيا جائے نا.

کہتے ہیں پیا بن صبوری کروں،
کہا جائے اَمّا کیا جائے نا.

قطب شاہ نہ دے مج دوانے کو پَند،
دوانے کو کچھ پَند دیا جائے نا.

(ترجمو: پرين، ڪان سوا پيالو پيتو نہ ٿو ٿئي، پرين، ڪان سوا ترجيترو وقت بہ نہ ٿو
گذري، چون ٿا تہ پرين، بنا صبر ڪريان چوڻ تہ سولو آهي پر ڪرڻ ڏکيو آهي، قطب
شاھ مون ديواني کي نصيحت نہ ڏي ديواني کي نصيحت نہ ڏبي آهي).

اها شاعري جڏهن دکن مان دلي دربار ۾ پهتي تہ چاڪاڻ جو درباري ٻولي فارسي هئي، بادشاھ کي خوش ڪرڻ لاءِ ان ۾ ڪافي لفظ پارسي، جا ڪم آندا ويا. اردو جا تسليم شده وڏي ۾ وڏا شاعر غالب ۽ اقبال ٿيا آهن. غالب جي ٻولي هئي.

فنا آموزِ درسِ بيخودی هوں اُس زمانے سے،
کہ مجنوں لام الف لکھتا تھا ديوار دبستاں پر.

(ترجمو:- مان انهي، زماني کان بيخودي، جي سبق ۾ فنا
جي تعليم وٺندو رهيو آهيان.

جڏهن مڪتب جي ديوار تي مجنون لام الف لکندو هو (يعني "لا" لکندو هو جو لاالله جو شروعاتي لفظ آهي ۽ جو نفي، جو اظهار آهي.)

هي تہ هيو غالب جي مشڪل پسندي، جو مِثال. مون هن جا سپ شعر پڙهيا آهن، جن مان ڪي ترنم ريز بہ آهن ۽ قابلِ غور بہ آهن.

جاتا هوں داغِ حسرتِ هستی لئے هوئے
هوں شمعِ کُشته در خورِ محفل نہیں رها.

بر روئے شش جہت درِ آئینہ باز هے
یاں امتیازِ ناقص و کامل نہین رها.

واکر دئے هیں شوق نے بندِ نقابِ حُسن،
غیر از نگاه اب کوئی حائل نہین رها.

گو میں رها رهینِ ستم هائے روزگار
لیکن ترے خیال سے غافل نہین رها.

دل سے هوائے کِشتِ وفا مِٹ گئی که واں
حاصل سوائے حسرتِ حاصل نہین رها.

بيدادِ عشق سے نہیں ڈرتا مگر اسد
جس دل پہ ناز تھا مجھے وہ دل نہیں رہا۔

ترجمو: هستي، جي حسرت جو داغ دل تي ڪٿي ٿو وڃان اجهاڻل شمع آهيان ۽ محفل جي لائق نہ رهيو آهيان. ڇهن طرفن تي آئيني جو در (مشاهدي جو در) ڪليل آهي هتي ناقص ۽ ڪامل ۾ فرق نہ رهيو آهي. شوق (ازلي) حسن جي نقاب جا بند سڀ کولي ڇڏيا آهن هاڻي ازلي حقيقت ۽ منهنجي وچ ۾، مون ڪان سوا (يا نگاہ جي موجودگيءَ ڪانسواءِ) ڪجھ آڏو اچي نہ رهيو آهي جيتوڻيڪ مان زماني جي ڏکن ڏوجهرن ۾ قائل رهيو آهيان، پوءِ بہ تنهنجي خيال ڪان غافل نہ رهيو آهيان. دل ۾ (دوست يا دشمن جي) بوڪ هان. آن، ڪجھ لُٽان اهڙو مون ڪي آسرو نہ آهي، چاڪاڻ جو مون جيڪي لٽيو آهي، اُها رڳي حسرت ني تہ آهي تہ ڪجھ لُٽي سگهان. اسد! مان عشق جي بيداد ڪان نٿو ڊڄان، پر مون ڪي جنهن دل تي ناز هو (جنهن نہ آڻ مڃي هني ۽ نہ مات ڪاڌي هُني) اها دل ني نہ آهي.

ديوان غالب مان هڪ بيو غزل بہ مثال طور ٿو ڏيڻ چاهيان، ڇو تہ غالب ڪافي خوبصورت غزل لکيا آهن. اسان تہ غزل جو مزاج صفا بدلائي ڇڏيو آهي ۽ سنڌي غزل کي فقط فارم غزل جو آهي باقي اُن جون روايتون بندشون، تشبيهون، استعارا، اشارا، محاڪات وغيره فارسي غزل ۽ اُردو غزل کان مختلف آهن، پر اسان ڪان اڳ ۾ انهيءَ اُردو غزل جو اسان جي سنڌي شاعرن جي غزل تي اثر آهي. اسان جي غزل گو شاعرن جو مطالعو نهايت محدود هو. هنن اردوءَ جا ٻي درجي جا شاعر مصحفي، انشا، مومن، سودا جرأت، مير درد وغيره مان بہ ڪنهن کي نہ پڙهيو هو ۽ انهن جي پائي جي هڪ سٽ نہ لکي اٿائون. موں کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن مون ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي تڏهن پنهنجي دوست مرحوم جمال صديقيءَ سان گڏجي، ڪراچيءَ مان نٽي هڪ ڪيس هلائڻ ويو هيس. ابراهيم جويو، جو منهنجو ۽ جمال جو دوست هوندو هو نٽي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو. اسان ابراهيم جي گهر رهيا هياسون، اهي نٽي جون بہ راتيون منهنجي زندگي تي اَمٽ ڇاپ ڇڏي ويون. منهنجن شعرن مان اڄ تائين نٽي جي رابيل جي خوشبو ايندي آهي ۽ مان جڏهن ڪوئي رابيل اجهڙو مُڪڙو ڏسندو آهيان تہ تڙقي ويندو آهيان. ٻي ڏينهن تي ابراهيم ٻڌايو تہ نٽي ۾ جميعت الشعرا جو مشاعرو آهي، جتي واصف، خليل، نظامي وغيره جُغادري غزل گو شاعر آيا آهن ۽ مون اتي انتظام ڪيو آهي تہ تون جديد شاعريءَ تي تقرير ڪرين. اُنهن ڏينهن ۾ مون اختر حسين رائپوريي جو ادب ۽ انقلاب، فيض جو نقش فريادي، ن. م. راشد جو ماورا، جديد اُردو نظم ۽ نثر جا گهڻو ڪري سڀ ڪتاب پڙهيا هُيا ۽ هندستان پاڪستان مان نڪرندڙ رسالا: نقوش، سويرا وغيره نظر مان ڪڍيا ها ۽ ورهاڱي کان پوءِ جو تازو ادب منهنجي اکين اڳيان هو. سو مون جديد ادب تي بہ ڪلاڪ تقرير ڪئي ۽ اتي آيل سيني شاعرن کي ٻڌايو تہ هنن جهڙا غزل تہ لکنو ۽ دليءَ جو هر شاعر لکي سگهندو آهي ۽ جي غزل اُتي طوايفون ڪوٺن تي ڳائينديون آهن سي بہ سندن غزلن کان بهتر هوندا آهن.

پوءِ مون کين ٻڌايو ته جديد شاعري ڪيتري تبديل ٿي وئي آهي، مغرب ۾ شاعري ڪيئن آهي. ٽئگور، اقبال، چڪ بست وغيره جي شاعري ۾ نظم جي ڪهڙي نوعيت آهي ۽ حسرت، فاني، جگر ۽ اصغر گونڊوي ۽ فراق کان اڳتي وڌي فيض، جوش، ساحر، جذبيءَ، فڪر تونسوي، وغيره ڪيئن غزل لکيو آهي. مون ڪجهه New Writings مان يورپ جي ادب جا حوالا به ڏنا ۽ ٽئگور جي شاعريءَ جا حوالا به ڏنا. هو منهنجي عمر ۽ جرئت ڏسي ۽ دونهان دار تقرير ٻڌي وائڙا ٿي ويا ته انهيءَ عمر ۾ مون کي اهڙي گستاخيءَ جي جرئت ڪيئن ٿي هئي، پر پوءِ ابراهيم جوئي کي ڏسي چپ ٿي ويا؛ چو ته ڇڙو ابراهيم هيڊ ماستر ۽ خليل ڊاڪٽر هئا، باقي ڪلارڪ ڪڙا، ماستر مڙا هيا جڏهن ته نظامي سنڌ زميندار هوٽل جو مالڪ هو. هو سُس پُس ڪري هڪٻئي کان پڇڻ لڳا: "هي ڇوڪرو ڪراچيءَ ۾ وڪيل آهي؟"

ڪيترا سال پوءِ مون کي مولانا گرامي ٻڌايو ته هُو به اُن تقرير وقت موجود هيو ۽ منهنجي تقرير ٻُڌي هن پاڻ سان وعدو ڪيو هو ته هو اڳتي شاعري ڇڏي ڏيندو (ان وقت مولانا گراميءَ سان منهنجي واقفيت نه هئي. منهنجي هن سان پهرين واقفيت سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۾ ٿي، جڏهن ابراهيم جويو اُتي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي آيو.) مولانا مون کي ٻڌايو ته اهي صاحب، ديوان شاعر جي ٺٽي ۾ منهنجي تقرير وقت موجود هيا، سي اردوءِ جا ڪجهه ديوان ڪڻ، اُنهن مان قافيا ۽ رديف لکي، پوءِ انهن تي غزل جا شعر لکندا ها. شاعري هنن لاءِ چوٻڙ جي راند وانگر هوندي هئي. اهوئي سبب آهي ته گُل کان سوا، سانگيءَ ۽ گدا کان ابراهيم خليل ۽ رشيد احمد لاشاريءَ تائين سنڌ جا غزل گو شاعر چار شعر به چڱا چئي نه سگهيا آهن. انهن ۾ مُراد علي ڪاظم نيارو ۽ غير معمولي شاعر هيو پر هن جي شاعريءَ ۾، به فارسي آميزي گهڻي هئي، جيئن منهنجيءَ شروعاتي غزل گوئيءَ ۾ هئي ۽ منهنجن دوستن لعل محمد لعل ۽ نعيم وَجدي (١٠) ۾ ته مون کان به گهڻي هئي. اهي پويان به مراد علي ڪاظم وانگر چڱا شاعر ها. ڪاظم مرحوم عبدالله عبد جي نيڪي ڪندو هو پر هُن جو ڪو ڪلام منهنجيءَ نظر مان نه گذريو آهي.

هڪ ڀيري مُراد علي ڪاظم همايون (١١) تعلقي شڪارپور ۾ فشريز کاتي ۾ ڪوئي عملدار ٿي آيو هو ته مان ۽ لعل محمد لعل هن سان ملڻ ويا هياسين اُتي هُن پنهنجا شعر ٻڌايا ها جن مان هڪ شعر غزل مان هو، جو اڃا تائين ياد آهي:

غوّاصيءِ عميقِ خرد ڪجهه نه ٿي سگهي،
هی ڪوڏ مون ڪنا ڪيا ساحل جي آسپاس.

۽ ڪجهه نظم مان سٽون ياد آهن:

توني اَچي ته ڪاريو آهه سندم سمندِ ناز،
صورتِ تازيانه آءُ، آ، چگو يار آ، نه آءُ.

وجڻ تي چاهي، منهنجا ننهن انهي، اسرار جي اڌ وچوڙيل ڳنڍ جا اجا قرضي آهن.
اسد جي دل وچوڙي جي پيڙا کان ويران ٿي وئي آهي ۽ دل جا ڳجهي، ڏاهپ جي موتين جو ينڊار آهي، اجاني اُڪنڊ ۾ ڇٽ ٿي رهي آهي (نوٽ: "اسد" غالب جو نالو هو، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن تخلص ڪري به ڪم آڻيندو هو)

غالب کان پوءِ مير ذڪر جي قابل آهي پر پيش لفظ جي طوالت سبب هن جا رڳو ڪجهه شعر پيش ڪيان ٿو ته پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ته فيض ۽ ناصر ڪاظمي، تائين پهچڻ لاءِ اردو غزل ڪيترا مدارج طيءِ ڪيا آهن:

ناحق هم مجبورون پر یہ تہمت ہے مختاری کی.
چاہئے ہے سو آپ کرے ہیں ہم کو عبث بدنام کیا.

میر کے دین و مذہب کو اب پوچھتے کیا ہو، اُس نے تو،
قشقہ کھینچا، دیر میں بیٹھا، کب سے ترک اسلام کیا.

دور بہت بھاگے ہو ہم سے سیکھے طور غزالوں کا.
وحشت کرنا شیوہ ہے ان اَچھی آنکھیں والوں کا.

اَبر اُٹھا تھا کعبہ سے اور جھوم پڑا میخانے پر
بادہ کشون کا جُھرمٹ ھوگا شیشے اور پیمانے پر.

پتا پتا بوٹا بوٹا، حال ھمارا جانے ہے
جانے نہ جانے گل ھی نہ جانے باغ تو سارا جانے ہے.

ترجما: ناحق اسان مجبورن تي خود مختياري، جو الزام آهي، جيڪي اوهان چاهيون ٿا، سو ڪيو ٿا، اسان کي اجايو بدنام ڪيو اٿو.
مير جي دين ۽ مذهب جو هاڻي ڇا ٿا پڇو، هن ته تلڪ ڏنو آهي، مندر ۾ ويٺو آهي ۽ ڪيتري وقت کان اسلام ڇڏيو آهي

●

اسان کان ڏاڍو ڏور ڀڄين ٿو، هرڻن جي ريت سکيو آهين سُهڻين اکين وارن جي هون، ني ڀج ڊوڙ (وحشت) عادت هوندي آهي.

●

ڪعبي وٽان ڳهٽا آئي هئي ۽ منخاني تي جهومي وسي هئي (هاڻي) شيشي ۽ پيماني تي پياڪن جو ميڙ هوندو.

●

ٻن ٻن، ٻوٽو ٻوٽو. اسانجو حال ڄاڻي ٿو نه ٿو ڄاڻي ته گل (محبوب) ني ڄاڻي
باغ ته سارو ڄاڻي ٿو.

"مير" جي مٿين شعرن مان نظر ايندو ته هن فارسي بحر وزن سان ڪافي هٽ چراند ڪئي آهي ۽ ان ۾ قير گهير آندي آهي، جنهن ترنم کي گهٽايو نه پَر وڌايو آهي. اسان جي اُردو زبان کان دوريءَ، سنڌي شاعريءَ جي اصليت ته برقرار رکي آهي، پر فارسي بحر وزن ۽ ان ۾ اردو شاعريءَ جي ردبدل، اردو تشبيهه ۽ استواري جي ۽ ٻيءَ فني ارتقا کان اسان جي نئين نسل ۾ ڪنهن حد تائين اجنبيت پيدا ڪئي آهي. ٻولين سان تعصّب غلط آهي. ترڪ عربن سان نفرت ڪندا ها، پر انڪري عربي ادب کي رد نه ڏنو هئائون. ڪرستان يهودين سان نفرت ڪندا ها، پر هنن جي ٻولين يدش (Yiddish) (١٢) ۽ عبراني (Hebrew) سان نفرت نه ڪندا ها. دنيا جو ادب اسان جو ادب آهي. جيستائين اهو انساني قدرن جي منافي نه ٿو ڪري، تيستائين اُن کي ڌُڌي ڇڏڻ غلط آهي.

غالب کان اقبال تائين پنڌ ۾ وچ تي ڪيترائي شاعر ملن ٿا پر وري به طوالت جي خوف کان تمام ٿورا شعر پيش ٿو ڪيان.

سودا جو ترا حال ہے اتنا تو نہیں وہ
کیا جانیے تونے اُسے کس حال میں دیکھا.

سودا قمارِ عشق میں شیریں کے کوہکن
بازی اگرچہ پا نہ سَکا سَر تو کھوسکا.

عشق سے تو نہیں ہوں میں واقف
دل سے شعلہ سا کچھ لپٹتا ہے

ترجما: سودا تنهنجو جهڙو حال آهي، اهڙو ته هو نه آهي ڪينن چنجي ته تو هُن کي ڪهڙي حال ۾ ڏٺو هو.

●

سودا عشق جي جوئا ۾ ڪوهڪن (فرهاد) بازي کٽي نه سگهيو ته سِرُ ته وڃائي سگهيو.

●

عشق سان ته مان واقف نه آهيان، دل کي ڪائي جهڙي ڄرڪائي ٿي.

يا يگانه چنگيزيءَ جو هي شعر:

خودی کا نشا چڑھا آپ میں رہا نہ گیا،
خدا بنے تھے یگانہ مگر بنا نہ گیا۔

یا

تڑپ کے آبلہ پا اُٹھ کر ہوئے آخر،
تلاش یار میں جب کوئی کارواں نکلا۔

یا

نظام دھر نے کیا کیا نہ کروٹیں بدلیں،
مگر ہم ایک ھی پہلو سے بیقرار رھے

ترجما:۔ خودي، جو نشو چڙهي ويو ۽ آپي ۾ رهي نہ سگهيو "يگانہ" خدا ٿيو پر ٿي نہ سگهيو.

●

پيرن ۾ لڦن وارا تڙڦي اٿي بيٺا، جڏهن ڪوئي قافلو جي تلاش ۾ نڪتو.

●

زماني جي نظام ڪيڏا نہ پاسا بدلايا رڳو اسان ئي هياسين جي هڪ پاسي بيقرار رهياسين.

●

۽ اصغر گونڊوي، جو هي شعر جو مان ننڊي هوندي کان جهونگاريندو رهيو آهيان جو مون تي ڪفر جي سارين فتوائن کي باطل ڪري ٿو:

جو نقش ھے ھستی کا دھوکا نظر آتا ھے،
پردے پہ مصّور ھی تنہا نظر آتاھے۔

لو شمع حقیقت کی اپنی ھی جگہ پر ھے،
فانوس کی گردش میں کیا کیا نظر آتا ھے۔

ترجمو: جو بہ هستي، جو نقش آهي، اُهو دوکو نظر اچي ٿو پردي تي رڳو مصور ئي اڪيلو نظر اچي ٿو دِس حقيقت جي شمع پنهنجي ئي جاءِ تي آهي، فانوس جي گردش ۾ ڇا ڇا نہ نظر اچي رهيو آهي.

مان ايترا شعر انهيءَ ڪري ڏنا آهن تہ نہ رڳو اوهان کي اردو غزل جي ارتقا ڏيکاريان پر اهو بہ ظاهر ڪيان تہ اردو شاعر فارسي وزن جي تقطيع ۾ ماهر هيا ۽ اها مهارت هو ڪافي عمر فن جو رياض ڪري حاصل ڪندا ها. هر شاعر ڪنهن وڏي شاعر جي تلامذه مان هوندو هو جو هن جي اصلاح ۽ تربيت ڪندو هو. سيماب اڪبر آباديءَ کي تہ پنج سو شاگرد هوندا ها ۽ هو هر ڪنهن کان هڪ رپيو هر مهيني وٺندو هو ۽ کيس هڪ غزل جي اصلاح ڪري ڏيندو هو.

مون حاجي محمود خادم جو ڪتاب "رهنماءِ شاعري" ڇهرئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهيو هو ۽ ٻي درجي ۾ شڪارپور واري مولوي عبدالغفور جي تربيت هيٺ فارسي بحر وزن تي ڪافي عبور حاصل ڪيو هو. اڄ ڪلهہ جي ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر ۾ ايتري ڪنهن کي فرصت نہ آهي تہ اڳي وانگر ڪنهن کان رهنمائي حاصل ڪري؛ پر ڀو بہ فارسي بحر وزن جي ڄاڻ ضروري آهي، ڇو تہ ان کانسواءِ منظوم شاعري نہ ٿي ڪري سگهجي. هندي ڇند تي اسان جي ٿورن شاعرن کي عبور آهي؛ اِن ڪري جو ڪجهہ منظوم شاعري ۾ لکيو وڃي ٿو سو نہ نثر آهي نہ نظم. چاهي ان ۾ تخيل ڪهڙو بہ چڱو ڇونہ پيش ڪيو ويو هجي! آخر ڪئنواس تي مصّورن جون عمريون گذري وينديون آهن، تڏهن هو ڪائي پايدار مصّوري ڪري سگهندا آهن.

شاعري ڪا ٽيبل ٽينس جي راند تہ نہ آهي!

مون اردوءَ جي گهڻو ڪري ساري قديم ۽ جديد شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي منهنجو "شاهہ جي رسالي" جو منظوم ترجمو ۽ پنهنجي اردو شاعريءَ جو ڪتاب "نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي" ان جا گواهہ آهن تہ جي مان سانده اردوءَ ۾ شاعري ڪيان ها تہ اردوءَ جي ڪنهن بہ جديد شاعر کي پٺتي ڇڏي وڃان ها، پر هتي اُردو هڪ ٻي ٻاڙي ٻولي ٿي وئي آهي، ڇو تہ اُن جون پاڙون تہ ڪَڙي ٻولي، برج ڀاشا، پوربيءَ، راجستانيءَ، دکنيءَ، ميواتيءَ وغيره ۾ هيون جن مان هزارين لفظ اُردوءَ ۾ اچي، ان کي رابطي جي زبان ٻڻائي سگهن ٿا. پنجابي، سنڌي، بلوچيءَ ۽ پشتو سان اردو اها رابطو پيدا نہ ڪري سگهي آهي، توڙي پاڪستان جي قومي ٻولي آهي ۽ نہ هتان جا لفظ، لوڪ ڪٿائون يا ٻيو ادبي سرمايو پاڻ ۾ سمائي سگهي آهي. ان ڪري اُن ۾ اجنبيت محسوس ٿئي ٿي. لاهور واري امجد اسلام "امجد" مون کي لاهور ۾ هڪ موقعي تي چيو، "جڏهن مون کي ڪنهن يو - پيءَ جي اردو شاعر چيو تہ هن لفظ جو تلفظ صحيح نہ آهي تہ مون هُن کي جواب ڏنو تہ "مون کي ڪنهن لفظ جي قبر ۾ ٻوٽو آهي ڇا؟"

قدسيہ بانوءَ مون کي ماسڪو ۾ ٻڌايو هو تہ هن پنهنجن اردو ناولن ۾ ڪيترائي پنجابي لفظ ڪم آندا آهن. مون هتي اچي هن جا ناول پڙهي ڏٺا. اُهي پنجابي لفظ اردوءَ ۾ اجنبي ٿي لڳا ۽ اُن تي مڙهيا ويا ها.

پنجابي زبان جا حامي اُردوءَ جي مخالفت ۾ سنڌين کان بہ حد ٽپي ويا آهن؛ ڇو تہ پنجاب جي افسر شاهي ۽ دانشور طبقي اُردوءَ کي اپنايو آهي ۽ اُردوءَ پنجابي ٻوليءَ جي ڪافي هاڃي ڪئي آهي. سبط، حسن پنهنجي رسالي "پاڪستان ادب" ۾ پنجاب جي هڪ اهم شاعر نجم الحسن سيّد کيس

خط لکيو هو تہ اڳتي اوهان پنجابيءَ جو اردو ترجمو نہ ڪندا ڪيو، ڇو نہ اردو زبان ۾ لفظن جو ايترو ذخيرو ڪونہ آهي، جو پنجابي جو اردوءَ ۾ صحيح ترجمو ڪري سگهجي. دراصل ڇا هو تہ پنجابي لفظ "ڍِ ڍِ" جو ترجمو پيٽ ڪري ڏنو ويو هو. نجم الحسن جو چوڻ هو جا ڳالهہ "ڍِ ڍِ" ۾ آهي، سا "پيٽ" ۾ نہ ٿِي ٿِي سگهي.

مون بہ ائين محسوس ڪيو آهي تہ هر لفظ ڪي روح آهي، جو صدين جي ارتقا مان گذريو آهي ۽ اهو روح فقط مادري زبان ۾ ئي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو. ان ڪري مون اردو شاعري ڇڏي ڏني هئي ڇو تہ اردو منهنجي مادري زبان نہ هئي ۽ مان پنهنجيءَ ذات کي رڳو مادري زبان ۾ ئي منطقي نتيجي تي پهچائي ٿي سگهيس. اڄ ڪلهہ تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ اُردو شاعري سُسي وئي آهي، ڪوئي گليور نہ آهي ۽ للي پٽ جا ڄامڙا ٿي. ويءَ تي پنهنجي بي سُري ترنم ۾ غزل پڙهائي رهيا آهن. پر اردوءَ جو ورثو تہ امت آهي. هاڻي مان سڌو اچان ٿو علامہ اقبال تي. هن جا ڪجهہ خوبصورت اردو شعر جي مون کي سردِ...ت ياد ٿا اچن، سي ڏيان ٿو:

آگ بجھی ہوئی اِدھر، ٹوٹی ہوئی طناب اُدھر،
جانئے اس مقام سے گذرے ہیں کتنے کارواں۔

★

سلسلۂ روز و شب نقشِ گرِ حادثات،
سلسلۂ رزو و شب اصلِ حیات و ممات۔

★

ترجما: هوڏانهن وسائل باهہ آهي، هيڏانهن خيمي جون ٽٽل رسيون (طناب) آهن. ڪينن چنجي تہ هن رستي تان ڪيترا قافلا گذريا آهن ڏينهن رات جو سلسلو حادثن جو روپ وٺي ٿو. ڏينهن رات جو سلسلو حياتيءَ ۽ مماتيءَ جو اصل (مهاڳ ۽ مُنڍ آهي)

پويون شعر علامہ صاحب جي نظم "مسجدِ قرطبہ" مان آهي ۽ ان ۾ هڪ بہ لفظ اردوءَ ۾ نہ آهي. دراصل زياده ترنم واري شاعري علامہ اقبال جي فارسي ڪتاب "پيام ـ مشرق" ۾ آهي.

هڪ ڀيري تاشقند جي سفر دوران مان، قدسيہ بانو، غزنوي، گل رخسار ارينا (١٣) ۽ هڪ ٻي روسي خاتون جا تاشقند ۾ رائيٽرس گلڊ پاران اسان جي گائيڊ هئي، مقامي رائيٽرس گلڊ پاران ڏنل دعوت تي اسان سان گڏ هئي. اسان سڀ مقامي رائيٽرس جي دعوت تي اتان جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ مدّعو هياسين. گلڊ جي سيڪريٽري جو تخلص مومن هو ۽ هُن اسان کي پنهنجي رباعيات جي ٽي چار انچ ڊگهي ڇپيل چوپڙي تحفي طور ڏني، جنهن ۾ اٽڪل چاليهارو صفحا هُيا. جا اڄا تائين مون وٽ مومن جي دستخط سان موجود آهي. مان چوپڙي ڏسي حيران ٿي ويس. اهڙيون چوپڙيون تہ مان ٻي درجي سنڌيءَ ۾ پڙهيون هيون، جن ۾ چوبند سنڌي ڪافيون هونديون هيون ۽ جي شڪارپور واري ڪتب فروش پوڪرداس ۽ سکر واري ڪتب فروش هري سنگهہ ڇپايون هيون ۽ جي

ڇهين پيسي ۽ ٻي آني في ڪابي ملنديون هيون. اوهان تصّور ڪري سگهو ٿا ته جي گلب جي سيڪريٽري، جي اها حالت هئي ته ٻين اديبن جي ڪهڙي هوندي! شاعري ٻه اهڙي هئي جهڙي مان پارسيء ۾ پنجين درجي ۾ ڪندو هوس (١٤). اوچتو سمرقندي شراب جون بوتلون اچي ويون. رات ٿي چُڪي هئي ۽ چوڏاري، قمقما روشن ٿي ويا ۽ شاعر جن ڪي هونء منرل واٽر (Mineral Water) ٻه نصيب نه هوندو هو سي سمرقندي شراب جا جام خالي ڪرڻ لڳا (مون کي هڪ ڪميونسٽ دوست مٺو ڏنو هو ته هو مون وانگر جام نه پيئندو هو ۽ ان ڪري هن جي جي صحت خراب نه ٿي هئي. هُن ڪان شايد اهو وسري ويو هو ته اسٽالن واري زماني ۾ پورو پالٽ بيورو واڊڪا تي شام شروع ڪندو هر ۽ صبح تائين ڪائيندو پيئندو هو ۽ ان وچ ۾ اسٽالن ۽ بيورو جا ميمبر رياستي امور تي فيصلا به ڪندا ها ۽ پوء سارو ڏينهن ننڊ ڪندا ها. جي ڪنهن کي ان ڳالهه تي اعتبار نه اچي ته يوگوسلويا جي ڪنهن وقت وائيس پريزيڊنٽ ملوين جلاس جو ڪتاب "اسٽالن سان گفتگو (Conversation with stalin) پڙهي ڏسي.

جڏهن تاجڪ شاعرانِ ڪرام سُرور ۾ آيا تڏهن علامه اقبال جي "پيام ـ مشرق" مان نظم "سُرودِ انجم"(١٠) پڙهڻ لڳا:

خواجه ز سروری گذشت بنده ز چاکـری، گذشت،
زاری و قیصری گذشت دور سِکندری گذشت،
شیوهٔ بت گری گذشت می نگریم و می رَویم۔

ترجمو: مالڪ جي مالڪي وئي، ٻانهي جي ٻانهپ وئي زاري (روس ۾ زار جي حڪومت) ۽ قيصري (جرمني، ۾ قيصر جي حڪومت) گذري وئي. سڪندر جو دؤر به ختم ٿي ويو. مورتي پوڄا جي ريت به نه رهي، ٻيا ڏسون ۽ ٻيا وڃون.

هو ڏاڍي پياري ترنم سان "سُرود انجم" پڙهي رهيا ها. شايد هنن کي چيو ويو هو ته پاڪستاني مهمان علامه اقبال جي شاعري ٻڌي خوش ٿيندا آهن. جڏهن تاجڪ شاعرن اهو بند پڙهيو ته ٿورو هڪي ٻيهي رهيا ۽ اسان کي چيائون ته ان کان اڳ وارو بند ياد نه ٿو اچي. جي اوهانکي ياد اچي ته فقط شروعاتي سٽ ٻڌايو ته اسان کي سارو بند ياد اچي ويندو. مون کي سارو پيام مشرق پنجين درجي انگريزيء ۾ ياد هوندو هو (منهنجي مرحوم دوست نعيم صديقيء کي به فرست ايئر ۾ علامه اقبال جا سڀ اردو ۽ فارسي ڪتاب ياد هوندا ها ۽ اسان اقبال تي طويل بحث ڪندا هياسين) مون حافظي کي ڪوٺيو. سمرقندي شراب جڻ يادگيري تيز ڪري ڇڏي هئي. مون کي شعر ياد اچي ويو ۽ مون اجا هڪ سٽ پڙهي.

گرمئ ڪار زادها خامئ پخته ڪارها

(ويڙهه جي پڙ جي تپت، پڪن پختن جي ڪچائي) ته هنن چيو بس ۽ وڏيڪ شعر پاڻ ڳائڻ لڳا:

تاج و سرير و دارها خواريء شهر يارها
بازئ روزگارها مي نگريم ومي رويم
(موڙ مُڪٽ ۽ قاسيء جا قندا، سمراٽن جا ايمان، سَمني جا کيل، ڏسون پيا ۽ وڃون پيا)

جنهن کي مفتعلن مفاعلن وزن ايندو آهي، اهو گواهي ڏئي سگهندو تہ هن اهڙو مترنم شعر فارسيء ۾ ورلي پڙهيو هوندو. ان جي بي پناهہ رواني اوهان کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ مان ان نظم جو پهريون بند بہ لکان ٿو

هستئ ما نظام، ما مَستئ ماخرام ما
گردش ِ بي مقام ما زندگئ بي دوام ما
دوُر فلڪ بہ کام ما مي نگريم ومي رويم

(اسان جي هستي ئي اسان جي ترتيب آهي، اسان جي مستي ئي اسان جي ٽور آهي، اسان جي گردش جو ڪوئي آستان نہ آهي، اسان جي زندگيء کي دوام آهي. آسمان جو دوُر اسان جي مرضيء موجب آهي. ڏسون پيا ۽ وڃون پيا).

هاڻي اقبال جو ايترو ترنم ۽ موسيقي شاعريء ۾ پيدا ڪري سگهيو آهي، جيترو ترنم ۽ موسيقي نہ ٽئگور ۾ آهي، نہ نذرالسلام ۾ (مون ٻنهي جا لانگ پلي (Long play) رڪارڊ ٻُڌا آهن). جي اقبال کي مشورو ڏنو وڃي ها تہ نثري شاعري ڪر تہ هو مشوري ڏيندڙ تي ڪلي ها ۽ هن کي اِهو چئي ها "برخوردار ڪنهن اخبار ۾ نوڪري ڪر ۽ ڪالم لکُ! شاعري تنهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي."

منهنجو مقصد اهو آهي تہ نثري شاعريء جو حق صحيح معنيٰ ۾ انهيء کي آهي جو بودليئر وانگر سٺي منظوم شاعري ڪندو هجي ۽ پاڻ پنهنجيء منظوم شاعريء تي نثري شاعريء کي ترجيح ڏي. دراصل سُٺي نثري شاعري اُهو ئي ڪري سگهي، جنهن جو معيار برٽالت بريخت جو هجي. شاعريء جو مقصد روح کي گرمائڻ آهي ۽ انسان جي گوشت پوست کي روح ۾ بدلائڻ آهي. جي اُن ۾ پيغام بہ آهي جيئن اقبال جو بال ـ جبريل آهي (پوءِ اوهان اُن پيغام سان متفق هجو يا نہ) ۽ غالب جي "نوائي سروش" آهي. جيتوڻيڪ هومر کان ٽي ـ ايس ـ اليٽ ۽ سعدي ۽ روميء جي زماني کان وٺي اقبال ۽ فيض جي زماني تائين، شاعر ان ڳالهہ جا مبلغ هيا تہ زندگي ڪيئن گذاري وڃي، هاڻي ماڻهو مغرب جي ناول نگارن کان هدايت ۽ رهبريء جا طالب آهن ۽ انهن جي اشارن تي هلن ٿا. جنهن طرف بہ نگار وڃن ٿا، هي تنهن طرف وڃن ٿا. ناول نگار چاهن تہ انسان ۾ بديء کي اکين سامهون آڻي بيهارن. جيتوڻيڪ سنڌي ڪنڌ ۾ عظيم ناول نگار پيدا نہ ٿيا آهن. مگر هيئين ۾ انهن درجي جو ڪافي تعداد آهي. لاطيني آمريڪا ۽ جنوبي افريڪا ۾ ڪافي ناول نگار ٿيا آهن ۽ شايد گذريل سال نوبل پرائيز بہ ڪنهن مصري ناول نگار کي مليو آهي ۽ هيل گوُ تمالاجي ريڊ انڊين شاعره رگو برٽا مينچوء (Rigoberta Menchu) کي مليو آهي.. رگوبرٽا مينچوء جو مشهور شعر آهي. "ڪولمبس جي پذيرائيء ۾ اسان ذلت ئي تہ آهي."

فرينچ ناول نويس آندري ييد اخلاق جي اها تعريف ڪئي آهي تہ انسان پنهنجي اندرئين آواز

کي ہُدي ۽ زندگي جا جيڪي مختلف امڪان آهن، اُنهن کي نہ دٻائي، پر اُنهن کي پڌري ٿيڻ جو موقعو ڏي. جديد زماني ۾ وجوديت جي آغاز تي انڪري بيد جو بہ فرانڊ وانگر وڏو اثر ٿيو. چاڪاڻ جو ناول نثر ۾ آهي، نثري نظم ناول جو حصو تي سگهن ٿا ۽ ناول جي وچ ۾ ڊائلاگ يا منظرڪشيءَ جي ڪم اچي سگهن ٿا. "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" جي ٻهرين جلد جي اشاعت کان پوءِ سنڌيڪا واري نور احمد ميمڻ مون کان ان جي باري ۾ پڇيو هو" چا ساڳي ڪتاب ۾ نثر ۽ نظم ڏيڻ ٺيڪ آهي؟ مون اُن وقت تہ هن کي چيو "مون ان حالات جي وضاحت لاءِ نثر ۾ لکيو آهي، جن هيٺ مون اُن ڪتاب جي ٽنهي جلدن ۾ ڇاپيل شاعري لکي آهي. ان کي دقيانوسي اردوءِ ۾ شان نزول چوندا آهن، پر پوءِ مون کي اهڙا ڪيئي مثال ياد آيا، جتي ساڳي ڪتاب ۾ هڪ ئي مصنف نثر ۽ نظم ٻئي لکيا آهن ۽ ٻئي هڪٻئي سان واڳيل آهن. مثال طور ڊاڪٽر زواگو ۾ ناول جي خاتمي کان پوءِ اُهي خوبصورت نظم آهن جي هِن لاراجي محبت ۾ سائبيريا ۾ لکيا ها. اُهي ڪنهن ڪليات جو حصو نہ آهن جيئن بودليئر جا نثري نظم آهن. ڪازان زاڪس جا سڀ ناول ۽ سفرناما پڙهبا تہ اُن ۾ گفتگوءِ ۾ يا منظرڪشيءِ مهل ڪيئي نثري نظم آيل آهن. ائين سولزي نٽسن جي ناولن جي وچ ۾ نثري نظم آهن. جيتوڻيڪ اهي بہ ناول جو حصو آهن. نہ رڳو اهڙي قسمُ جا ٻيا ناول بہ مون پڙهيا آهن پر ڪيئي ڊراما مثال طور شيڪسپيئر ابسن، برنارڊشا يا آسڪروائيلڊ جا ڊراما ۽ ڪيئي مضمون پڙهيا آهن، جيئن فرانسزبيڪن جا مضمون، جي بہ ساڳيءَ قطار ۾ اچي وڃن ٿا. جن جي اندروني حصي ۾ نثري نظم آهن مون اهڙا جملا جميلہ هاشميءَ جي ناولن "چهره، روبرو" ۽ "دشت سُوس" ۽ قرةالعين حيدر جي ناولن "آگ کا دريا" ۽ "آخر ـ شب کي همسفر" ۾ بہ ڏٺا آهن، جن کي ٿوري ڦير گهير سان نثري نظم جو روپ ڏئي سگهجي ٿو.

مون خود نثري نظم هندستان جي ٻهرين سفر تان موٽي لکيا ها. چاڪاڻ جو انهن کي هندستان جي سفر جو حصو بنائڻ چاهيو ٿي، پر پوءِ ١٩٦٥ع پاڪ ـ هند جنگ سبب مون اهو سفرنامو نہ لکيو ۽ رشيد ڀٽيءَ اهي نثري نظم الگ ڪتاب "اَڪ جون ڦلڙيون پيچ ڀنيءَ جي نالي سان ڇپايا هيا پر چاڪاڻ جو ڪجهہ نظم، ان دوَر جي لحاظ کان شدت پسند هُئا، اُنهن جي اشاعت روڪي وئي، پوءِ انهن مان اڪثر نظم "پٽڻ ٿو پور ڪري" ۾ شايع ڪيا ويا.

بودليئر جا نثري نظم اوهان پڙهندا تہ اوهان کي ننڍا نظم (جي هڪ يا اڌ صفحي ۾ اچي وڃن) ٿورا ملندا ۽ هن جا باقي نثري نظم ڪافي لنبا آهن جي واقع نگاريءَ تي ٻڌل آهن ۽ اُنهن ۾ هُن جي سوانح حيات جي خوشبو آهي. هن صديءَ جا ڪجهہ ڏهاڪا ڇڏي، ٻنتي ڏسبو تہ خالص نثري نظم جا شاعر ٿورا ٿا ڏسجن.

هن دوَر ۾ ڪيترائي نظم جا شاعر نظم ڇڏي يا ان کي ڪجهہ پاسيرو رکي نثري نظم ڏانهن وريا آهن.

ڳالهہ مان ڳالهہ منهنجي تحرير جو حصو ٿي وئي آهي. هاڻي مان وران ٿو اقبال ڪانبوءِ اردو غزل ۽ ٻيءِ شاعريءِ ڏانهن، اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ اردوءِ جي جديد شاعريءِ ۾ گهٽ ۾ گهٽ

فيض جي دؤر تائين اردو شاعرن كي فن تي مهارت حاصل رهي آهي، جنهن جي ويچاڻ لاءِ اسان جو نئون نسل ڪوشش گهٽ ٿو ڪري. ڪي ته ستون داوَ وانگر چوپڙ تي ڦٽي ٿا ڪن، جن مان اوچتو نظم لهيو وڃي. مان نَون شاعرن جي توهين نه ٿو ڪيان؛ جي هو شهري آهن ته شهر جي مصروف زندگيءِ ۾ هنن کي ايتري فرصت نه ٿي ملي جو فن تي مهارت حاصل ڪري سگهن، پر جي ڪنهن کي به شاعري ڪرڻي آهي ته اِن مهارت کانسواءِ چارو نه آهي.

فيض ۽ هُن ڪانپوءِ جي غزل جو مان لنبو چوڙو جائزو پيش نه ٿو ڪيان. فقط مثال طور مان فيض جي ٻن غزلن جا ڪجھ شعر پيش ڪيان ٿو، جن مان ظاهر آهي ته فيض ۾ ترنم، فن مهارت ۽ حافظ جي تاثر هيٺ نغمگي آهي:

دونوں جہان تیری محبت میں ہار کے،
وہ جا رہا ہے کوئی شبِ غم گذار کے۔

اک فرصتِ گناہ ملی وہ بھی چار دن،
دیکھے ہیں ہم نے حوصلے پروردگار کے۔

بھولے سے مسکرا تو دئے تھے وہ آج فیض،
مت پوچھ ولولے دلِ ناکردہ کار کے۔

ہم کہ ٹھہرے اجنبی اتنی مداراتوں کے بعد
پھر بنیں گے آشنا کتنی ملاقاتوں کے بعد

ن. م. راشد جو تصدّق حسين خالد ڪان پوءِ آزاد نظم جو باني آهي، جنهنجا ڪتاب "ماورا" "ايران مين اجنبي" ۽ "لاانسان" اُردو شاعريءِ جي فن تي مهارت جا بي مثال نمونا آهن. جي هن ۾ ايتري فارسي زدگي نه هجي ها، ته هن جا نظم "حسن ڪوزه گر" ۽ "سليمان سَر بزانو ۽ صبا ويران" شاهڪار نظم هجن ها. هن ڪان اڳ تصدق حسين خالد جو آزاد نظم:

شیر دل خان
میں نے دیکھے تیس سال

---

میں کنوارا ھی رھا
کاش میرا باپ بھی
یوں کنوارا
کیا کہوں!

خوبصورت آزاد نظم آهي. ان کي پنهنجي ٽيڪنڪ آهي، ترنم آهي مرڪزي خيال آهي. اهي نظم فرانس جي Verse libre وانگر آهن. مون مجيد امجد جا مجموعا به پڙهيا آهن. اُنهن ۾ مرڪزي خيال خوبصورت آهي پر هو ايترو ترنم پيدا نه ڪري سگهيو آهي. اردو ۾ ميراجيءَ به آزاد نظم لکيا آهن، جي پنهنجي فلسفي ۽ تخيل جي لحاظ کان چڱا نظم آهن پر غالب کان وٺي اڄ تائين غزل، مستنزاد، مثمن، مخمس، مسدّس، ترجيع بند وغيره به اردو شاعريءَ جا بيا گهاڙيٽا رهيا آهن پر انهن وانگر نظم ۽ آزاد نظم جي اردو شاعري به گهٽي فارسي آميزيءَ مان جند نه ڇڏائي سگهي آهي نه اُن ۾ هندستان يا پاڪستان جي ڌرتيءَ جي سڳنڌ آهي. اردو گيت جي ٻي ڳالهه آهي. اهو هندي گيت کان به وڌيڪ سُريلو ۽ روح ۾ کُپي ويندڙ آهي.

ميرا جيءَ جو گيت:

اَن جانے نگر مانے رهے، من مانے نگر اَن جانے رهے

هڪ خوبصورت گيت آهي. هن جا ٻيا گيت به ائين ٿا لڳن، جيئن چانڊوڪي ۾ ٻوٽين ٻهر جو رابيل ڦٽي پوندو آهي ۽ ان جي خوشبو چوڌرف ڦهلجي ويندي آهي. يا امانت لکنوي جو اندرسيا ۾ گيت:

"میری انگیا میں کوئلے بھرے"

(ترجمو: منهنجيءَ انگيءَ ۾ ڪوئلا پريل آهن)

يا آرزويءَ جو گيت:

"جگ میں چلیں پَوَن کی چال"

(ترجمو: جڳ ۾ هوا جي چال هلون.)

يا دکن واري عظمت الله خان جي سِٽَ:

"آندھرا کی سُندر پُتری، کالی کویل سی کالی"

(ترجمو: آنڌراديش جي سُندر ڌيئڙي، ڪاري ڪويل جنن ڪاري.)

ڪهڙا نه پيارا گيت آهن! دراصل گيت اُنهيءَ ڌرتيءَ جي نهايت خوبصورت شاعري آهي، جنهن تي قلعهٔ معلٰي ۾ اردو زبان پيدا ٿي هني ته جيئن اُها نندي ڪنڊ لاءِ رابطي جي زبان ٿي سگهي پر پوءِ اهائي زبان تقسيم جو باعث ٿي.

ميران ٻائيءَ جو ڪهڙو نه پيارو گيت آهي هي:

پگ گھنگھرو باندھ میراں ناچے رے....
ساس کہے مِیراں کُلناسی
میراں کہے میں بھگوان داسی
مورا درد نہ جانے کوء

(ترجمو: گهنگهرو ٻڌي ميران رستي تي نچي رهي آهي، سس چوي ٿي ته ميران ڪُل

هو. هن جو هڪ پنجابي گيت آهي:

تيرے پير قَلينا جوگے
کچا ميرا ويہڑا
نا کوئی نوکر چاکر ميرا نا موٹر نا کوٹھی
شُکر خدا دا جے مل جاوے دو ويلے کی روٹی
ميری قسمت بھکاں پھاکے

ترجمو: تنهنجا پير قالينن جهڙا آهن. منهنجو ويڙهو ڪچو آهي. نہ ڪوئي منهنجو نوڪر چاڪر آهي، نہ مون وٽ موٽر يا ڪوٺي آهي. مان خدا جو شڪر ڪيان جي مون کي ٻن ويلن جي ماني ملي وڃي منهنجي قسمت تہ بُکون تي ٽِڪي.

يا هن جو هڪ ٻيو پنجابي گيت آهي:-

دل کيہ کردا کچھ سمجھ نہ آوے
رُکدياں رُکدياں تھڑ تھڑ دھڑکے
تھڑ کدياں رُک جاوے

ترجمو: دل ڇا ٿي ڪري ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي
روڪجي، روڪجي ٿڙ ٿڙ ڌڙڪي ٿي
۽ ٿڙڪي رڪجي ٿي وڃي.

فقط انقلاب، مزاحمت ۽ آزاديءَ جي نعري جي اثر هيٺ شاعري سُڪڙجي، رڳو ڌڪار جو اظهار وڃي رهي ٿي، جنهن مان شاعريءَ کي نقصان پهتو آهي. انگريز شاعر آڊن، جنهن وقت اشتراڪيت کان متاثر هو، اُن وقت هُن هينيا لفظ چيا هيا:

I have no gun
But I can spit

(مون کي بندوق تہ ڪانهي پر مان ٿوڪاري تہ سگهان ٿو)

ان جي برعڪس پال مري جو هڪ گيت آهي:

"مون کي تون هڪ گيت ڏي، پيار جو اميد جو
۽ اتحاد جو
مان جنهن کي ڳائي سگهان دنيا ۾
اهڙو گيت ڏي مون کي
جنهن کي ٻُڌي دل ڌڙڪي
محبت جو اهو نغمو ڏي
اميدن جو اهو نغمو ڏي."
۽ پيار جو گيت جو ڳائي سگهجي ٿو.

اُهو بي سرو تي نہ ٿو سگهي.
سُريلي، مڌيري سنگيت ني
محبت جو نغمو ڏني سگهي ٿي.

منهنجي غزل جو هڪ شعر آهي:

"اتاهہ اُدما ڊڪار ۾ ها، ڊڪار جا پيار جي سڪي آ
سوين امرگيت آدميءَ جا نہ چانڊني ۾ نہ پيار ۾ ها"

چار پيرا فعول فعلن جي وزن تي جنهن ڪجهہ بہ لکيو آهي اهو انهيءَ شعر جي رواني محسوس ڪري سگهندو جنهن ۾ هڪ لفظ بہ حذف نہ ڪيو ويو آهي، پر مان هاڻي مڃان ٿو تہ ڊڪار نہ، پيار ني شاعريءَ کي امرتا ڏني ٿو.

هر شعر جي ہي هر صنف ۾ بہ فني حسن ۽ شعري جذبو ضروري آهي. هن مجموعي ۾ فقط هڪ لوڪ گيت "بادليئو" آهي.

لوڪ گيت کي وزن، تناسب واري ڏن ۽ جديد رنگ ۾ مون پهريون پيرو پيش ڪيو هو ۽ منهنجا پنج گيت "وڄون وسڻ آئيون" ۽ "ڪپر ٿو ڪن ڪري" ۾ شامل ٿيل آهن: لمڪيا ڙي لو، سانوڻ ٽيج، هڙڪ هلو هو، همرچو ۽ چيچ. انهن وانگر بادليئو هڪ جديد سدولو ۽ سَروپ لوڪ گيت آهي، جنهن جي ڏُن مصنف جي تخليق آهي ۽ ان لاءِ هو ساراهہ جو مستحق آهي.

هاڻي وري مان غزل جي پيرانتي ڳالهہ تي ٿو اچان. مان اهو فخر سان چئي ٿو سگهان تہ سنڌي غزل ۽ ہي شاعريءَ کي ڊاري روايت مان مون ڪڍيو هو ۽ اُن جون جڙون سنڌي شاعريءَ سان ملايون هيون، جيتوڻيڪ مون ماترائن جي حساب سان بيت، وايون، گيت، لوڪ گيت، هائڪو لکيا ها، پر مون کي فارسي بحر وزن تي بہ ڪافي عبور هو، جنهن کي مون غزل، نظم، آزاد نظم، گيت، ڊيڊ سٽي وغيرہ ۾ ائين استعمال ڪيو جو ڪوبہ بحر وزن جو استاد اُن مان غلطي پڪڙي نہ سگهندو اها ہي ڳالهہ آهي تہ مون غزلن، نظمن، آزاد نظمن ۾ تشبيهون، استعارا، فني محاڪات، ٻوليءَ جا گونا گون تجربا سڀ سنڌي آندا (مُنهنجي شعري خاصيتن تي سڀني ۾ سٺا مضمون قمر شهباز ۽ هري دلگير لکيا آهن پهريون "سهڻيءَ جي "شيخ اياز نمبر ٢"۾ ڇپيو هو ۽ ٻيو هندستاني رسالي "جهولي لال" جي "شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام نمبر" ۾ ڇپيو) اها ڪا تعلّي نہ آهي تہ مون فارسي ۽ اردو شاعريءَ جو مطالعو ڪري بہ سنڌيَ شاعريءَ ۾ فارسي ۽ اردو لفظ گهٽ ۾ گهٽ ڪم آندا آهن ۽ اُن جون جڙون شاهہ لطيف سان ملايون آهن. پر مون فارسي بحر وزن جو نندي هوندي کان مطالعو ڪيو هو ۽ جي سنڌيءَ جا جغادري شاعر ها انهن کان بہ بحر وزن کي ڏهہ پيرا وڌيڪ ڄاڻندو هوس. هو بار بار سٽ ۾ لفظ حذف ڪندا ها. مان ورلي ڪندو هوس. غالب جهڙي شاعر بہ چيو هو:

نکلنا خلد سے آدم کا سنتے آئے تھے لیکن،
بہت بے آبرو ہوکر ترے کوچے سے ہم نکلے۔

مٿيون شعر چار پيرا مفاعيلن وزن تي آهي پر پڙهڻ ۾ "ڪا" جو الف حذف ڪري "ڪ" ڪَري ٿو

پڙهڻو پوي جو نڙيءِ ۾ ڪنبڻي وانگر ٿو ڪٽڪي منهنجي سنڌ جي نئين نسل جي شاعرن لاءِ اها هدايت آهي تہ هو فارسي بحر وزن جو مطالعو ضرور ڪن. ائين برابر آ تہ فارسي هاڻي اسان جي تعليمي نصاب ۾ زبردستي مسلط نہ ٿي ڪئي وڃي ۽ ٿورا ماڻهو پارسي ڄاڻن ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ اردو جي "ذريعي اسان جن شاعرن لاءِ لازمي آهي تہ هو فن عروض جو غور سان مطالعو ڪن. مون تہ ٻي درجي ۾ ان موضوع تي پهرين محمود خادم جو ڪتاب "رهنماءِ شاعري" پڙهيو هو ۽ مون ڪي بحر وزن جي مشق ٻہ چار سال ڪرڻي پئي مون کي ياد آهي تہ مان جڏهن ٻيو درجو انگريزي پڙهندو هوس، تڏهن هوندراج داس (جو ساڳي اسڪول ۾ ٽيون درجو پڙهندو هو) ٻهاري ڇا پڙيا سان گڏجي "سُدرشن" رسالو ڪڍيو هيو، جنهن جي پهرئين پرچي ۾ منهنجو شعر شايع ٿيو هو، جنهن جي فوٽو ڪاپي مون کي انور فگار هڪڙي شڪارپور مان موڪلي آهي. مون ڪيئل داس فاني کان بہ ڪجهہ وقت اصلاح ورتي هُئي ۽ ان وچ ۾ ٽي چار ڪتاب فنِ عروض تي پڙهيا ها، اردوءِ ۾ غير مستعمل بحر ڇڏي، باقي هيئيان اٺويهہ بحر ۽ وزن مون پنهنجي لاءِ چنڊي ڇاڻي ڏٺا ها، انهن ۾ ست بحر هڪ رڪن کي ڏهرائڻ سان ٺهن ٿا:

...... ★ ....... ★ ...... ★ ......

## فوٽ نوٽ

(١) ڦلگو: انجير جو وڻ، هڪ نديءِ جو نالو جا گنگا مان وَهي ٿِي، هوليءِ ۾ ڪم ايندڙ ڳاڙهو پورو.

(٢) چاندلا: نرڙ لاءِ سونو زيور جهومر

(٣) ڪَنجن: پکيءِ جو نالو (The spotted fork tail)

(۴) سُواتي تارو (The Star Arcturus)

(۵) ڪَنجل: هاٿي

(٦) مُدرا: آڳرين کي پوڃا ۾ ويڙهڻ يا وڪوڙڻ جو طريقو.

(٧) مِرَ: هڪ صحرا جو خوشبودار ٻوٽو، جو وچ اوپر ۾ ٿيندو آهي ۽ جنهن جي خوشبو عورتون بدن کي لڳائينديون هيون ۽ جنهن جو تيل چراغن ۾ ٻاريندا ها.

(٨) گلو: ڏڻ

(٩) ٿيبان: Theban

(١٠) لعل محمد لعل: اجا تائين زنده آهي، سکر هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو آهي ۽ شڪارپور لا ڪاليج جو پرنسپال آهي.

نعيم وجدي: ڪجهہ سال اڳ دبئي ۾ گذاري ويو، جتي هو سول سرجن هو.

(١١) همايون: مفتي همايوني، جو ڳوٺ جنهن رڳي هڪ سٺ جهڙي لکي آهي جنهن ڪيس امر ڪري ڇڏيو آهي:-
"تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو"

(١٢) يدش: اسرائيل، اتر ڏکڻ آمريڪا ۽ جرمني، جا يهودي هي، ٻولي ڳالهائيندا آهن، جا هندي - يوربي ٻولين جي خاندان مان آهي.

(١٣) گل رخسار: اسانجي گائيڊ جا سہ ڦند ڪان دوشنبي تائين اسانجي گائيڊ هئي
ارينا: ماسڪو ڪان دوشنبي ۽ واپسي تي اسان جي روسي گائيڊ ٻئي نوجوان خوبصورت عورتون هيون.

(١٤) مون مومن کي پڙهيو هو تہ اسان وٽ بہ هڪ مومن خان "مومن" ٿيو آهي، جو غزل لکندو هو ۽ ٻوءِ هن کي مومن جو مقطع ترجمو ڪري ٻڌايم:

عمر ساري تو ڪٽي عشق بتان مين مومن
آخري وقت مين ڪيا خاڪ مسلمان هوگي.

انهي، تي هن ٽهڪ ڏئي چيو تہ مان ڄاڻي ڄم ڪان مسلمان نہ آهيان ڇڙو نالو مومن آهي. جڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ مومن ڪنهن پرده نشين عورت سان عشق ڪندو هو ۽ جڏهن هن کي خط موڪليندو هو، تہ خط لغڙ ۾ ٻڌي، لغڙ ڪوٺي، تان اُڏائي اُن کي ڳهت ڪارائيندو هو جيئن لغڙ اُن پرده نشين جي ڪوٺلي، تي ڪري ۽ هو اُن مان خط ڇوڙي وٺي ٻوءِ هو وري لغڙ اُڏائي، ان جي ڏور ڇڪي وٺندو هو. ان تي مومن هيڏانهن هوڏانهن ڏسي تڏو ساهہ ڀري چيو: "اسان وٽ تہ ڪا پرده نشين مسلمان رهي ناهي. سڀئي گل رخسار جهڙيون بي پردي رهيون آهن".

(١٥) سُرود انجم: ستارن جو راڳ

(١٦) ڪاهن (هندي): جادوگر

(١٧) نند ڪہ لال: ڪرشن نند جو پُٽ هو.

(١٨) چاتر (هندي): چالاڪ

●●●

هن اهو جاتو نہ تي اُن کي بہ آڪيرو هيو،
۽ جتي آنا اجا تائين نہ ڪنهن ڦوڙيا هُيا،
۽ اُهي هُن جئن پَڪي ٿيٽا هيا،
زندگي ٿيٽا هيا
گيت تن جا ڳائجي ساڳي خوشي ٿيٽا هُيا.

—●—

★

مان ايئن ڪڏهن بہ نہ جامُر پريان
جيسين نہ منجهس خيّامُر پريان
۽ چانڊوڪيءِ جي چوٽِ ڏسي
مان جام اُپو اُن ڏانهن ڪريان
جي سَروَ صنوبر جي هيٺان
ڪو پيار ڪيان مان ايئن ڪيان
جو باد صبا جي جهوٽي ڪي ائن هرڪائي، جو جيئن گُهلي
هو زلف صنوبر جا پنهنجي
هَٿ ساڻ لسائي ايئن گُهلي
۽ تنهنجا زلف وکيريان مان
ها، تن تي ائن هٿ ڦيريان مان

—●—

★

مون پيار تہ ڪيو آهي تو سان
تو پريت سجاتي آ منهنجي؟
تون ياد تہ مون کي ايندي آن
تون هوندي آن ائـن سيني ۾
جئن پاڻيءَ جي آئيني ۾
تو چنڊ ڏسي چهرو پنهنجو
۽ لهرن ۾ لهرائي تو،
آ چنڊ بہ موسيقار جيان،
جڻ پاڻي ۾ هو ڳائي تو

درياهہ بہ ڪو ئي بربط آ
مضراب جيان هر لهر مٿان
هُو واري ساڻ هَلائي تو
ائن عمر روانيءَ ۾ آهي،
۽ ويرَ جيان ڪنهن زيني ۾
ڪو مون کي چنڊ مليو آهي،
۽ مون تي وقت ڪِليو آهي،
هي چنڊ بہ ڪلهہ جي چنڊ جيان
آ مون ساڻ سفيني ۾،
هي يار ڪڏهن بہ نہ ٽيٽو آ
جئن عڪس ڪڏهن آئيني جو
غمخوار ڪڏهن بہ نہ ٽيٽو آ.

—●—

★

پڃري ۾ ڪڏهن تون بند نہ ڪَر
هي پنڇي جي هر وقت هوا ۾ اُڏرن ٿا،
هي ٻاهر ڇهہ ڇهہ ڇهڪن ٿا،
جنهن وقت نديءَ تي ڪِرٽا ٿِي، تو سِڄُ هوائن ڏي موٽي،
آزاد فضائن ڏي موٽي،
هي ڪيئن نہ ٻهہ ٻهہ ٻهڪن ٿا،
۽ آزاديءَ سان ٽهڪن ٿا!
هو چنڊ بہ ائن آزاد آهي
ڪيڏو نہ فضا ۾ شاد آهي
جنهن وقت وَٽن مان واجهہ وجهي،
تو ننڊ ڏسي آڪيرن جي،
آزاد لڳي ٿي هيءَ هوا
جا گُل گُل جي گُل کي ٿڦڪي
ٿِي رمندي اُن مان واس وٺي
آزاد پوئر ۽ پنيوريون
ماڪيءَ جون مکيون،

شيخ اياز

★

*هن وقت ڪاري رات ۾، برسات ۾،*
*ٻاهر نہ تون در کان نِڪر!*
*ٻاهر گھٽا گھنگھور آ، آ چنڊ اُن جي گھات ۾،*
*ٻاهر نہ تون در کان نِڪر!*
*تر ساءِ تيسين روشني، لُٽ، جا لُڪائي لات ۾،*
*ٻاهر نہ تون در کان نِڪر!*
*اونده ٽري ويندي ڪڏهن، آ ٻاک اُن جي ماتِ ۾،*
*ٻاهر نہ تون در کان نِڪر!*

—●—



## فن ۽ تجزيو:

● اعليٰ حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ" پنهنجي مختلف النوع علمي، ادبي، قومي، تعليمي ۽ ثقافتي خدمتن جي سلسلي ۾ جا شهرت۔ دوام حاصل ڪئي آهي، اهائي سندن تعارف لاءِ ڪافي آهي. سندن محبوب ۽ جامع صفات شخصيت ۽ فن، ڪنهن به رسمي تعارف جا محتاج ناهن.

● سندن شعر و شاعري، سنڌي ادب ۾ جو مقام حاصل ڪيو آهي، اهو ائين نظرانداز ڪرڻ جهڙو ناهي.

● ذوق جماليات جي لطيف ڪان لطيف خيالات، واردات، ڪيفيات ۽ حسيات جي عڪاسي ۽ ترجماني جا حضرت طالب المولىٰ جي ڪلام ۾ موجود آهي، ان جو مثال ٿورو ملي سگهي. نه فقط ٻاڻ ڪلاسيڪي اصناف، دوهي، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ کي نئين سر اوجر ڏيئي، ان جي پراڻن قدرن ۽ پراڻن معيارن ۾ جديد فن ۽ جديد ماحول جي اثرات کي سموهيو اٿن، پر ان سان گڏ تغزل جي صنف ۾ به پنهنجي جدت افڪار ۽ جدت فن سان استادانه اضافو ڪيو اٿن. سندن ڪلام جو مجموعي تاثر، ذوق جماليات جي تشڪيل به آهي، نه انسان جي اخلاقي قدرن جي تڪميل به آهي؛ سندن ڪلام ۾ زبان جي سلاست ۽ روانيءَ سان گڏ، بيان جي رنگيني ۽ شيريني به آهي. اهل دل ۽ اهل نظر لاءِ خيال آفريني ۽ نڪته طرازي به آهي. زباندانن لاءِ سنڌي زبان جي لغوي صحت ۽ درست استعمال لاءِ نادر مثال به آهي، ۽ منجهس خيالات جي افاديت سان گڏ محاورات ۽ اصطلاحات جو وافر ذخيرو به موجود آهي.

● شاعري سندن فڪر ۽ فن، ذوق جماليات ۽ روحاني واردات مان ائين وهڪرا ڪري نڪتي آهي، جيئن پهاڙ مان ڌارا! ان طرح، بقول علامه قاضي مرحوم جي نه "شاعري اها آهي، جا ڳائي سگهجي ۽ ڳائي وڃي". ان معيار موجب طالب المولىٰ جو ڪلام نغمه ريز، سريلو، اثرائتو ۽ دلڪش آهي.

● جديد دور ۾ شاعريءَ جي اها به وصف بيان ڪئي وئي آهي نه "شاعريءَ جو ڪمال اهو آهي نه اها ساده دل عوام جي خيالات ۽ جذبات جي ترجماني به ڪري، ۽ ان سان گڏ انهن جي ذهني ۽ قلبي طلبن ۽ تقاضائن کي به چيڙي" — ان خيال سان به طالب المولىٰ جو فن عوامي چئي سگهجي ٿو.

(مهراڻ شاعر نمبر ص ۲، ۳)

# شاعري

نياز همايوني

# سِينڌِ ۾ مارئي

اڻ ٽيٽي مان ٽيٽي ٽي پٽي، ٽيٽي مان اَڻ ٽيٽي ٽي
ڳهٽي جيڪا ڳالهه ڳٽي هٽي، سا ته نه ليکي لَهٽي ٽي
جهڙي ڪرٽي تهڙي پَرٽي، ڪهڙي ڪرٽي، پرٽي ٽي

●

"آدم بُوّ" چئي هر ڪو وينو، ثابت پنهنجو صِلو ڪري
آهي ڪو جو سچ لئي ڪان ٻوء اٿي ڪو ٻِلو ڪري
واٽن مان ڪا واٽ ڏسي، جا واٽهڙوء جو ڀلو ڪري

●

ڏرتيء ڪان جو ڏڪجي نڪتو، نانگ نِسورو ٻٽجي ٿو
ٻاڻ وٽائڻ ڪارڻ ڀريان، ڏاڍو ڀورو ٻٽجي ٿو
آخر سڀ جو جاني دشمن، اهڙو ڳورو ٻٽجي ٿو

●

هوريان ڪڻ تون پير اوپياري! دهڪي تي دل ڌڙڪي ٿي
چوڌاري شاهينگ چِتا، اج اک اک جڻ رُڪ رڙڪي ٿي
هونء ته دنيا ڪپهون ڪونئري، ڪُڇ ته وچ جان ڪڙڪي ٿي

●

مسڪينن جي غم ۾ ويهي، ڪاڳر ڪارا ڪرين پيو
ڪنگ جٺان هڪ ٽنگ تي بيهي، تن جي ڳٽيء ڳرين پيو
جنهن ڏسين ٿو چوکو مال ته، نانگ جٺان ٿو ورين پيو

●

ٻت بنياد تي ويندي آهي، اوهان به ساڳيو روپ رکيو
ٻاهر هڪڙي اندر ٻي، بس اهڙو ئي بهروپ رکيو
اوهان جي آڏو شوڪارا جڻ ٻُت اڳيان ڪنهن ڌوپ رکيو

●

يار اَجيڏنڻ! جنهن تني دل، هيڪاندي دل وارن سان
ٻوء جدائي ڪهڙي آهي، ڪر نه ٻچار پيارن سان
ياري آهه مُحابي سانگي، ياري ناهه ميارن سان

●

پيچ پنائي ملڪ منائي، سنڌڙيءَ جي ڪا سار لهيج!
سهڻا سائين! پال پلائي اهڙي ورندي وار لهيج!
جن ٻارن ڪان ٻرتي آهيون، پرکي سيني پار لهيج!

●

سچل سچل ڪردي ڪردي - آپي سچل تيسان مئين
مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، ڪيڙا گهول گهتيسان مئين
جنهن تڙ رانجهو منجهيان چاري، تنهن تڙ باغ ٻٽيسان مئين

●

مَن ڪر تون ميدان فريدڻ! ڏڙا ڍِڪيون سڀ ڍاهي ڇڏ!
دوزخ پيڙو ٿيندين ڪين، دليل هي دل تان لاهي ڇڏ!
اهڙي ٻارين پنهنجو رستو ٻاڻ ٿي پيارا ناهي ڇڏ!

●

چلتي چڪّي ڏسندي ڏسندي، ديا ڪبيراروءَ ميان!
اُتلي بن پُڙن جي وچ ۾، ثابت رهيو نه ڪوءِ ميان!
ٻاڻ ته هڪڙي پُڙ ۾ پورا، ڪتبي ڪهڙي گوءِ ميان!

●

تلسي هڪل ڪني ته ڪبيرا! ڪلِيءَ سان چِت لاءِ هلي،
ٻنهي پُڙن جي وچ ۾ ٻاڻ ٿي ثابت ٿي ديکاءِ هلي
يار نياز اها تل سولي، تون پي مَشق پچاءِ هلي

●

ميرو درد نه جاڻي ڪوئي، ميران ويئي ٻار ڪڍي
ماٺهو پورا متي ڪنهڻ ۾، ڪير اَتي مان وار ڪڍي
هر ڪو لانگڙ لاءِ ٿي وڻ جان، ڏار منجهان پيوڏار ڪڍي

●

هتراڏي ماحول ۾ هرڪو، ڪِرت ڪري هتراڏي هوا!
ڇُڪڙي چاڙهي وينو ٻاڻ ٻڌائي هراپراڏي هوا!
آکي باهو حق باهو، اڄ اسان به ڇُپڙي ساڏي هوا!

●

ڪلر منجهان ڪي ورٺو ناهي، سعدي هيٺن سمجهائي تو
هن ۾ ٻجّ چٽڻ ٿي اجايو، جو هي ڪجهه نه اپائي تو
چوندا ناهن، "ڪلر ڪني توڪانه" اهو ورجائي تو

هيڏا هاڃا تڏهن به ڪنهن جي من ۾ ڪو ٻَو، ٻولو ناهه
ياد رکج رولاڪ ته ڪنهن ڪان ماڳ ڇڏائڻ سولو ناهه
پنهنجي اوڙڪ اوڪي ڪني تو، ٻي ڪي الڪو اولو ناهه

●

هي ڙي مامل! مار ڳڌڙ جي زال ته ٻانيتال ڪُتي
ڄمي نه ڪوئي وياءُ ڳڌڙ جو، انين سڄو جنجال ڪُتي
وري ڪروڌ نه پيدا ٿي ڪو، وري نه ٻاڳ ۽ ٻال ڪُتي

●

اڇو ته ويهي ٻاڻ ٺي پنهنجا پڌرا سڀ پرڪار ڪجن
پنهنجا عيب ثواب ته ڏسجن، ڇو ٿا ٻي تي وار ڪجن
اهڙيون جُنيون ڪري ڪي هلڪا، پنهنجي دل جا بار ڪجن

●

ماڻهن ڪي جو مسيح ڏنو ٿي پٿر سو اڄ ڪٺون هلي
ڀريان پنهنجو مٿو ڦاڙي، ٻوءِ ٻين ڪي هٿون هلي
اهڙي، ريت نياءُ ڪري، نياءُ جون ڪنڌيون ڪٺون هلي

●

سچ ڪان لوڪ لنواني ٿو، ۽ ڪوڙ ٻنيان ٿو هِيس ڪري
نيڪي، بدلي بدي، تي هرڪو هڪ ٻي سان ٿو رِيس ڪري
يار "نياز" هي دنياداري، ڪيڏا ويئي ڪِيس ڪري

●

جوهر بروهي

# جيجل امان!

کَنَ کن ٻُري ٻولي سنڌ
قربن ڀري لولي سنڌ.
سارنگ سک ڇولي سنڌ.
مهراڻ جهڙي جهولي سنڌ.

جيجل امان!

رشتو سنڌ آ واھ جو
ڀنڊار تون ويساھ جو
صحرا ۾ سک وڻراھ جو
تون چنڊ آهين چاھ جو.

جيجل امان!

پينگهي ۾ منهنجي آس تون
هر سوچ جو احساس تون
منهنجو اَجهو آساس تون
دل، ڀونءِ جو آڪاس تون.

جيجل امان!

تون اولڙو پرڀات جو
تو وٽ سنيهو ذات جو.
آجڪو اثبات جو
ڌُرهو سموري تات جو.

جيجل امان!

آسا، ذهن ڪلياڻ آن
هر ٻات ۾ چانڊاڻ آن
ڪلجڳ اندر سُرهاڻ آن
تخليق جو اُهڃاڻ آن

جيجل امان:

انسانيت جو نُور تون
هر پاپ کان وهلُور تون
دوئي دغا کان دُور تون
سانڍي رکين ٿي سُور تون

جيجل امان!

تنهنجي هٿن ۾ گُل سدا
هر ويل ۾ شامل دعا،
تنهنجو تقدس واھ وا
هر حال ۾ پالين ٻچا.

جيجل امان!

آ تنهنجو رشتو ساک جو
پيغام آهين ٻاک جو
ايوب (★) لئي وڻ ڏاک جو.
تون گيت آن لڄ لاک جو.

جيجل امان.

---

(★) حضرت ايوب عليھ السلام

نور محمد سومرو

# نظم

كلهہ مون کي تنهنجي ياد آئي
ان کي ٻهر ڪڍي
گهر جو دروازو بند ڪري
اجرڪ اوڍي سمهي پيس
پر هوا
يا، تنهنجي ياد
ڪڙو لوڏيندي رهي
ڪڙو لوڏيندي رهي.

●

# غزل

هڪڙو تنهنجو چهرو آ،
دنيا ۾ ٻيو آهي ڇا!

توکي پرتي سُونهن سڄڻ،
مون کي منهنجا اوجاڳا،

آئون تنهنجو پنهنجو هان،
ياد ڪجانئين ويسارا.

آيو آهين ڪالهہ اُچا،
ڪوءِ سفر هي سانباها.

بادل پرجي روز اچن،
آئون سوچيان ڇاڇا!

●

# غزل

تون وئين پئي وات تان
سوچيم توکي سڏيان

ڪونج چاهي ٿي تہ مان
گيت سڀ ڳائي ڇڏيان.

شام جي هن ماٺ ۾
ڪوڪ ڪويل جي ڪريان

تر نہ مون کان وسرندو
لوڪ وارن سان لڏيان.

ڊوڙ ساريون منزلون،
پير تو پنهنجا وڍيان.

●

وسيم سومرو

# غزل

لفظن کي ڪا معنيٰ آهي.
جذبن کي ڪا معنيٰ آهي،

تازا پيرا ساک کٽڻ تا،
رستن کي ڪا معنيٰ آهي.

جي تون سجني سامهون آهين،
ٿڪن کي ڪا معنيٰ آهي.

شاعِرَ احساسن جي اربي،
عڪسن کي ڪا معنيٰ آهي.

ڪاغذ سامُهون، پين هٿن ۾،
اُدمن کي ڪا معني آهي.

رنگن جو ٿيو رين بسيرو
سوچن کي ڪا معنيٰ آهي.

هن جو آلو هٿ ڏسي تو،
لڙڪن کي ڪا معنيٰ آهي.

وسيمَ ماڪ ڇُمي ٿي مکڙيون،
لمحن کي ڪا معني آهي.

●

وسيم سومرو

# وايون

جيئڻ جو جُهونو نِنڊَ جو،
اکڙين کي آيو،
اسٽيشن گذري وئي،
جاڳي لهڻو هوس مان!
ڪنهن به نه جاڳايو،
اسٽيشن گذري وئي.
هاڻ پريان ڪان پيو تڪيان
ڏنڌلو آ سايو،
اسٽيشن گذري وئي.
ڪهڙو منهنجو ماڳ آ؟
مون کي سمجهايو،
اسٽيشن گذري وئي.

●

اجهو لٿو چنڊُ،
اجها آئي روهڙي.
هيءَ جا چوڏهين چاندني، آهي ڪاته اُڪنڊ،
اجها آئي روهڙي.
اجهو ڦُٽو باک جو، سُرمائي سرڪنڊ،
اجها آئي روهڙي.
پاسي هلندڙ ريل مان، ڏرتي، جهڙو جنڊ،
اجها آئي روهڙي.
پڌرو ٿيو پريات ڪان، ڪجين جو هُو منڊ!
اجها آئي روهڙي.

●

نواز رڪٽائي

# غزل

ڳُهڳُهه اوندهه ۾ به ور ور وِچ جو چمڪو ته هو،
هون، ته ڪاري رات جو سُنسار تي قبضو ته هو.

رات جا سندرا ٽُٽي پيا ٻاک جون ٻانگون ٻُڌي،
پرهه ڦٽي تي انهيءَ ۾ صبح جو سوجھرو ته هو.

هو ته اچڻو هو نه پهتو، راهه ۾ رڪجي پيو،
رات ساري انتظاري هئي وڏو وِندُرو ته هو.

ها مٿان آيو هجي، تڪڙو وريو واپس هجي،
ڦِر ٻونين ننڊ جو آيو مون کي جُهٽڪو ته هو.

مون لڌو سپنو ٻئي يا جاڳ ۾ محسوس ٿيو؟
پير جي آهٽ هئي ۽ ساهه جو سهڪو ته هو.

سچ کي سوري، تي چاڙهي عدل چوڪنيو ٻڌي،
هي هچارن ڪيو وڏو تاريخ سان دوکو ته هو!

"پير ڦرين منهنجا پيڙيو جينن ڪَنين ٽڙڪا ٻڌان"
هي ٻلاول جو چيو سو پير تي ڏونڪو ته هو!

قوم تان قربان ٿيو ۽ ديس تان جو ٿيو نثار،
مرد سو چنبو ته ڪو مهمير برجستو ته هو!

قوم جي تاريخ تي ٿي ڪجهه لکڻ چاهيو نواز"،
لال آرانيپون اکر ها لفظ هر ارتو ته هو!

●

امر اقبال

# وائي

ڪونجُن قطارون
نيري نيري اُڀَ ۾.
ڪنهن کي ٿيون ڳولِن؟
منهنجون نِهارون
نيري نيري اُڀَ ۾.
ڏسُ! عُقابن جون
اڙيون اُڏارون
نيري نيري اُڀَ ۾.
ٽنگجي پيون آهن
ڪيڏيون پُڪارون
نيري نيري اُڀَ ۾.

●

اختر درگائي

# غزل

مدر کو ئي آواز اچي ٿو
راڳي ڪوئي رياض ڪري ٿو.

پيهر پنهنجي ڏيهه جو بيجل
سُر جي بدلي سِرُ گهري ٿو.

هڪڙو شخص چڏي ويو جيڪو
اجا هنيئڙي منجهه ھُري ٿو.

ڪوني پور پراڻو پيو آ
هلڪو هلڪو سُور اٿي ٿو.

هن جو چهرو آخر ڪيئن هو؟
ياد آ ڪجهه ۽ ڪجهه وسري ٿو.

انڌيارا انڌيارا ناهن
اجا هڪڙو ديپ ٻري ٿو.

●

# وائي

سجڻ جون سارُون
موتي ڪين وجو.
سدا رهو بادلو
ڻاهي قطارون
موتي ڪين وجو.
اوشل رهو سنڌ ۾
سدا بهارون
موتي ڪين وجو.
تنبُوري جون راڳيا
وَجايو تارون
موتي ڪين وجو.
دلبر منهنجي درد جو
ڪيو ڪو دارون
موتي ڪين وجو.

●

اختر درگاهي

# غزل

پل اوهان جي پيار جا
مرڪي رنگ بهار جا.

من ۾ ڏينڙا تا ٻرن
تنهنجي ئي ديدار جا.

سُوري، وانگي تا لڳن
ڏينهڙا تنهنجي سارَ جا.

سُندر هن سنسار کان
روپ اسان جي يار جا.

رنگ اوهان جي روپ ۾
پڙهه ڦتي، جي پار جا.

تو ۾ سُهڻي، جون سڪون
مون ۾ هَڏَ ميهار جا.

●

# ٽِہ سٽا

ڪيڏو ٿي موهي
پاچل تي ڪا پوپري
اتو ٿي گهوهي.

●

اندلڪ جا ست رنگ
منهنجي يار وجود تي
اوتيا تنهنجي انگ.

●

پاچل: پيڙي، جو پويون حصو.

آصف منياڻوي

# غزل

تنهنجي ياد ستايو ڏاڍو، ننڊ ڦٽي ونئي آهي يار
منهنجي من ۾ باهه ٻريل آ، تنهنجي من ۾ ڇاهي يار

●

تنهنجو هڪ هڪ لفظ هٿوڙو ڳُھنڊ وجهي جي ڳالهائين
منهنجي دل ٻر ٻوڻي ميڻ، رُڪ يا لوهه تہ ناهي يار

●

تنهنجي مرڪ ۾ ماکي، لارون، تنهنجي وات ۾ گل جي خوشبو
منهنجي دل ديواني ٿئجي، تڏهن ئي توکي چاهي يار

●

تنهنجي منهن تي ڪارو ڪارو ترُ آ، يا ڪو موهيڙو
قدرت جو آرنگ ٻريل هي، ڪير ٻو تنهن کي ڊاهي يار

●

"آصف" هڪڙو رات سڄيءَ جا، ڏک ۽ يادون اوجاڳا
ميڻ بتي يا بلب کي ٻاري، تصوير ٿو تنهنجي ٺاهي يار

●

عزيز ڪنگراڻي

# غزل

تنهنجا رنگ نِکاريا هوندم.
روپ سروپ سَنواريا هوندم.

ٻُرَ وِجهي جذبن ۾ جاني،
توڏي روز اُڏاريا هوندم.

ياد جي وِڄَ جڏهن به ڪڙڪي،
تو در پير پَڌاريا هوندم.

جڏهن به چيٽ ۾ سرنهن ڦُلهاريا،
تنهنجا گَسَ نِهاريا هوندم.

ڳوڙهن جي درياءَ ۾ غم جا،
ٻيڙا پار اُڪاريا هوندم.

شعر عزيز جا، سڀ آئينو،
تنهنجا عڪس اُجاريا هوندم.

●

# غزل

سوچ ۾ گُم سُم گهُرُ هوندس،
تڏهن به ڪاچي ٿُرُ هوندس.

درد جي شدت جي گهيرن ۾،
جڏهن به تَڙپُيس ڏَرُ هوندس.

آزادي، ڏي جو به اُڏائو،
انهي، پکي جو پَرُ هوندس.

شعر جي جنهن به اُهمڪ ماپي،
اڻ ڪٿ اُونهو جَرُ هوندس.

ليڪ تہ چا، مان ٽُبڪو ناهيان،
جي هوندس، گيت ۾ تَرُ هوندس.

غير ڇُهين مت غيرت ڪي ٽُون،
لڳ لڳ لُون، لُون، جَرُ هوندس.

عشق عزيز جڏهن به اُلريو،
ڀُتو تنهنجي دَرُ هوندس.

●

نثار منصور

# مُرڪون

خوش ٿي اڄ مان ڳايان ٿو
مُرڪون سڀ ۾ ورهايان ٿو

ٿر بر جهنگل، وستي وستي
ٽهڪڻ لڳندي پنهنجي بستي
چنگ چاهت جا وڄايان ٿو
خوش ٿي اڄ مان ڳايان ٿو.

بارش جي ڏس موسم پياري
ڌرتي ساني ٿي پئي ساري
تنهن تي سيس نمايان ٿو،
خوش ٿي اڄ مان ڳايان ٿو.

سچ جو اڄ ڪو مَچ مچايون
ڪوڙ جي مُنهن ۾ ڌوڙ وسايون
اڄ اهو پڌ پچايان ٿو،
خوش ٿي اڄ مان ڳايان ٿو.

●

شوڪت ڏماچ

# غزل

تون جي مرڪين ڪنول ٽِڙن
شاعر جا ڪي گيت جُڙن

چنڊ اڏول سدا وانگر
تارائي تا روز ڪِرن

توتي ماڻهو ائين ميڙا
گل تي جيئن تا پونر مِڙن

خوشبو خوشبو ماڳ سڄو
من مهڪايو چنگ ڇَڙن

تون بس ملندو ڪر مون سان
ساڙُو ماڻهو پل ته سَڙن

نيڻ مليا جا نيڻن سان
دل تي قابو ڪوٽ ڪَڙن

رسڻ ماڻهن سان "شوڪت"
نيڻ اياڻا شل نه اڙن.

●

بادل

# غزل

زندگي، ۾ جو بہ آ مونکي مليو،
شخص هر ڪنهن آهي وس، آهر ڪسيو.

●

هو مِٺو مون ڪان جدا ڇا آ ٿيو،
مينهن اکين مان وڏ ڦڙي وانگر وسيو.

●

ناھ هن وک ٻي وڌائي ماڳ ڏي،
ٻر تصور ۾ وڃي منزل رسيو.

●

هو ٻُنهون، منهنجو ٻنهون ڪپڙانهن ويو،
راھ ڪائي ڏونگرو مون کي ڏسيو.

●

لفظ بادل جا هنا يا آرسيون،
مون تہ اڪثر پاڻ کي تن ۾ ڀسيو.

●

# وايون

ٽوٽي آ وچڙيو،
ٻو بہ الائي ڇو؟
مون کي گھولي ٿو.
گوري! تنهنجي گھر سندو
اڄ بہ اهو رستو،
مون کي گھولي ٿو.
ڪالھ اڌورو جو رهيو،
اڄ سوني سپنو،
مون کي گھولي ٿو.
روشنين ۾ گُم ٿيس،
ءَ منهنجو پاڇو،
مون کي گھولي ٿو.

●

بادل

# غزل

هن مِني ۽ سان واسطو ناهي رهيو،
زندگي ۽ ۾ ڪو مزو ناهي رهيو.

●

دوستن سان ڳالهيون جنهن جون ڪريون،
ڪوبہ اهڙو سلسلو ناهي رهيو.

●

هڪ تہ ڪجھ هُو حسن پي تي ويو جَهڪو،
بيو اسان ۾ ولولو ناهي رهيو.

●

آڳرين مان قوم مٽ بڻجي پئي،
وقت ساڳيو دشمنو! ناهي رهيو.

●

# غزل

راتيون اُداس هونديون
باتيون اداس هونديون.

●

تنهنجي پرين پچاڻان،
جهاتيون اداس هونديون.

●

منهنجون اکيون ازل کان،
آتيون، اداس هونديون

●

جن کان پرين پري آ،
چاتيون اداس هونديون.

●

# وايون

سپنا! تون چا لا؟
منهنجي ننڊ وئي وئين!
پرين ڪي بارانيان،
موتين جي مالا.
شال سنياريان سپرين،
نيڻ رهن آلا.
من ڪيڏو آهي منجهيل
۾ تن تي تالا.
سپنا! تون چا لا؟
منهنجي ننڊ وئي وئين!

●

بادل

پُنهون! پاراتو،
توکي آئون ڪٿن ڏيان؟
اندر منهنجو اڄ پيو،
اڳيي جيئن آتو.
تن ۾ مون توکي مٺا!
ساهه جيان پاتو.
مون ۾ مدائي ٻرين!
ڏني ڇا ڪا تو؟
سپني سندو ننڊ سان،
جيئن آهي ناتو.
پُنهون! پاراتو،
تو کي آئون ڪٿن ڏيان.

●

# غزل

هو نه ملندم، هي نه مَچيم دوستو!
پر هجي ڪوني ته هن جهڙو ٻيو.

●

مون اڃا پنهنجي پرينءَ کي مس ڏٺو،
ائين نه ڄاتم، وقت ويندو اوچتو.

●

هو جدا ٿيو، پونءِ ٻيرن مان وٺي،
ناهه ڪا پيٽي، نه ڪوني پر جهلو.

●

آفتون مون ڏي وريون چوندي ائين،
”هاڻ بادل آهي بلڪل هيڪلو.“

●

# وايون

خواب ۽ تنهنجا خيال،
روز ٿا مون ڏانهن اچن.
خواب ۽ تنهنجا خيال، گڏ ڪٿي ڪيڏا ملال،
روز ٿا مون ڏانهن اچن.
ذهن ۾ اُڀرن ٻيا، ڪيترا، ڪهڙا سوال،
روز ٿا مون ڏانهن اچن.
ڳولجي، ڪيئن ڳولجي، اي مِٺي! تنهنجو مثال،
روز ٿا مون ڏانهن اچن.
خواب ۽ تنهنجا خيال،
روز ٿا مون ڏانهن اچن.

●

آزاد علي انور ڪانڊڙو

# غزل

اڄ اگڻ تي پيرڙو پاتي تہ وڃ،
منهنجو منڙا روح ريجهائي تہ وڃ.

ڪا گهڙي پل مون سان ويهي او سڄڻ،
منهنجو هيڪر ساهہ سرچائي تہ وڃ.

تنهنجي جاني! تانگهہ تڙپائي پئي،
دل تي روني دل کي سمجهائي تہ وڃ.

آهہ دردن جو ڪتاب آهيان پرين!
ڪي ورق الفت جا اٿلائي تہ وڃ.

نفرتن جي رات آهي سانت آهي چوطرف،
گيت الفت جا بہ تي ڳائي تہ وڃ.

دل جي دنيا ۾ رهي مانار تي،
جي سُتل هن سور جاڳائي تہ وڃ.

جي ڪيا ها قول تو مون سان اهي،
پنهنجا ساڳيا بول ورجائي تہ وڃ.

پنهنجي "انورؔ" کي ڪري آزاد اڄ،
پنهنجي هٿڙن ساڻ دڳ لائي تہ وڃ.

●

شائق ڪمبوهہ

# هائيڪا

پرسان گهاتو ٻڙ
لهي سِڄُ سنڌو ۾،
ڪري پيو تڙ.

---

لُڏي پني لامَ
بندوقن جي فير تي،
پکين ڪئي اُڏامَ.

---

اُپ ۾ چنڊ اداس
"شاهي باغ" جي جهول ۾،
رابيلن جو واس.

---

تنها سُڪَلُ وَڻُ،
سالن کان بيٺل آ،
سائي ٿيڻ لاءِ جڻ.

---

پن چڻ بيلي شامَ،
سنڌو هو مانارَ ۾:
مٿان لڙڪيل لامَ.

---

ساهن ۾ سرهاڻ،
چمپا جهڙي شام جو،
"گوبندَ(●) ساڻ رهاڻ.

---

(●) گوبند پنجابي.

آدرش

# اَڄُ

اَڄ سينيٽ جو اجلاس نہ ٿيندو
نہ ئي ڪنهن اسيمبليءَ ڪي،
ٽوڙيو ويندو.
●
اَڄُ هائيڊ پارڪ ۾ رش ٿيندي،
۽ رابرٽ سگريٽ ڇڪي،
فحش گانا ڳائيندو.
●
اڄ پولِش ليڊر وليسا هڪ جَلسي ڪي،
خطاب ڪندو
سندس زال بارن ڪي وٺي،
اطمينان سان پيڪين ويندي.
●
اڄ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر
شيو نہ ڪندو
۽ سيڪريٽري سندس دڙڪن کان،
محفوظ رهندو.
●
اَڄ وزير خارجہ ڪنهن بہ ملڪ جي،
دوري تي نہ اُسهندو
۽ گُلدستا جهليندڙ ٻار
اُس ۾ بيهڻ کان بچي ويندا.
●
اَڄ مان افشان کي ياد ڪندس،
۽ اُن جي ياد ۾ هڪ نظم،
ضرور لکندس.
●

## هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي آهي

ڪتاب ميز تي آهي.
بلب ٽيبل ليمپ ۾ آهي.
آئينو پٽ ۾ آهي
چانهہ ڪوپ ۾ آهي.
ماني پنڊيءَ ۾ آهي.
باهہ سگريٽ ۾ آهي.
تيلي ماچيس ۾ آهي.
وهاڻو کٽ تي آهي.
ٽائيم گهڙيال ۾ آهي.
خواب اک ۾ آهي.
ساهہ جسم ۾ آهي.

هر شيءِ،
پنهنجي جاءِ تي آهي،
رُڳو منهنجي دل،
تنهنجي دل ۾ وسري وئي آهي.
●

آدرش

## بارش ۾ وسارڻ جون ڳالهيون

ايلفسٽن اسٽريٽ وٽ،
بارش ٿيندي ئي،
مون پنهنجو ڪوٽ،
تنهنجي ڪُلهن مٿان رکي ڇڏيو.
ٽڪرا قدم پريندي،
مون فليٽ تي پهچڻ کان اڳ،
بارش ۾،
بورس پيسٽر ناڪ جو نظم،
سيموئيل بيڪٽ جو ڊرامو،
تازي "ٽائيمز" جو ڇپيل ٽائيٽل ڪور،
قتل ٿي ويل حڪمران،
ٽيڪسيءَ ۾ وسري ويل رومال،
بازار ۾ ڪُلهو هٽي ويندڙ ٽُلهي زالفان،
۽ -
رات وارو اُهو خواب،
جنهن ۾ تون گڏ نه هُئينءَ،
وسارڻ بني چاهيا.

●

## منهنجي سلطنت ۾

منهنجي سلطنت ۾،
هر سڪو ڪوڙو آهي،
سواءِ دل جي.
منهنجي سلطنت ۾،
سمنڊ آهي.
ٽڏڙي هير آهي.
گُل، پکي ۽ سهڻا ٻار آهن.
ساوا وڻ آهن.
پيار ڪندڙ پريمي آهن.
منهنجي سلطنت جو جهنڊو سفيد آهي،
جنهن مٿان آسمان جهڙي رنگ ۾،
لفظ محبت لکيل آهي.
غدار کي،
منهنجي سلطنت مان،
جلاوطن ڪيو ويندو آهي.
منهنجي سلطنت ۾،
مرد،
عورت جو بادشاهه آهي.
منهنجي سلطنت ۾،
شاعر،
هميشه اُداس رهندا آهن.

●

# پِرين جي چاهين

شاه زمان ڀنگر

پِرين جي چاهين
تہ منهنجون راهون
۽ تنهنجا رستا
مِلي سگهن ٿا.

پرين جي چاهين
تہ منهنجو جيون
بہ نانءِ تنهنجي
ٿي ٿي سگهي ٿو.

پرين جي چاهين
تہ هَٿَ مُنهنجا
گُلن کي تُنهنجي
ڇُهي سگهن ٿا.

پرين جي چاهين
تہ منهنجون نظرون
بہ تنهنجي نظرون
جي بند خانن
۾ عمر ڀر لئہ
رهي سگهن ٿيون

پرين جي چاهين
تہ وار تنهنجا
هوا ٿي اُڏري
۽ منهنجو چهرو
ڍڪي سگهن ٿا..

پرين جي چاهين
تہ تنهنجا چپڙا
اسان جي چپڙن
جي گرمِين ۾
ٻَري سگهن ٿا.

پرين جي چاهين
تہ عُمر ساري
مان راه تنهنجي
ڏِسي سگهان ٿو.

پرين جي چاهين
مان توکي پَل
ڪيترو بہ چاهيان
مان ڏور تو کان
رهي سگهان ٿو
آ تنهنجي تصوير
جيڪا دل ۾
انهي تي پردو
وجهي سگهان ٿو
۽ لڙڪ پنهنجا
اُگهي سگهان ٿو
مان تنهنجي مرضي
رکي سگهان ٿو.

پرين جي چاهين
ٻُڌڻ اسان جي
رٿا سفر جي
اسان جي منزل
تہ ڏور آهي.
اسين صدين جي
مُسافرن جا
خيال دل ۾
رکيو وتُون.
اسان بہ ويهين
صدي ۾ آهيون
اسان کي ايندڙ
صدي سڏي ٿي
ٿهي اسان جي ٿي
جنهن اڳيئي
رکيا آهن
ڪاروبار ڪيئي.
هِي تنهنجي چاهت
اسان جي دل ۾
سجي عُمر
برقرار رهندي
مگر اسان جا
قدم ڪڏهن ٻي،
اڳيان وڌڻ کان
رُڪي نہ سگهندا.

پرين جي چاهين
تہ وقت جي تنهن
پُڪار تي
تون بہ آ ـ هلي آ.
پرين جي چاهين
نئين صَدي جي
پُڪار تي
تون بہ آ ـ هلي آ.
پرين جي چاهين
تہ ها هلي آ
پرين جي چاهين
تہ ها هلي آ

## امداد حسيني

منهنجو هرڪو رستو
تنهنجي رستي تاءِ اچي ٿو دنگ ٿئي
مان ڪيئن ڪيان
ڪيڏانهن وڃان!
منهنجي هر ڪنهن سوچَ لَهر جو تون ئي آهين ڪِنارو
منهنجي ڏيان دريءِ ۾ تنهنجو ئي رنگ به رنگ نظارو
جيڏانهن ڏسان
توڏانهن ڏسان
مان ڪيئن ڪيان
ڪيڏانهن وڃان!
منهنجو هرڪو رستو..
تنهنجو چهرو اهڙو جهڙو - ڪينجهر منجهه ڪنول جو
تون ئي مطلع تون ئي مُکڙو منهنجي گيت غزل جو.
جيڪي به لکان
تولاءِ لکان
مان ڪيئن ڪيان
ڪيڏانهن وڃان.
منهنجو هرڪو رستو
تنهنجي رستي تاءِ اچي ٿو دنگ ٿئي

●

تنهنجي منهنجي
پنهنجي پريت پُراڻي
نئين نِڪور به ايڏي آهي
جيڏي آهه پُراڻي
تون ۽ آن، اهي ئي ساگيا، ساگيو سمنڊ ڪنارو
اج به اُهوئي نيلي نِڀ تي، چمڪي شام جو تارو
سِڪَ وندن ليءِ
ساڳي آهي
اج ۽ ڪالهه سياڻي

نئين نڪور بہ ايڏي آهي
جيڏي آهہ پُراڻي
جُوني جڳ ۾ سڄي سِڪَ جي، ريت تہ رهڻي آهي،
پاڻ هُجون نہ هُجون دنيا ۾، پريت تہ رهڻي آهي.
دنيا رهي
يا نہ رهي
پريت جي ناهہ پُڄاڻي
نئين نڪور بہ ايڏي آهي
جيڏي آهي پُراڻي.
●
تَڏَڙي تَڏَڙي هير گُهلي ٿي،
من جُهولو آهي
اُن ۾ تنهنجي ياد جُهلي ٿي
تنهنجو نان، جڏهن جُهونگاريان، منهنجو هان، هندورو ٿي پئي،
هن پل جي تون پاڻ پَسائين، مون تي ڪيڏو تورو ٿي پئي!
تَڏَڙي تَڏَڙي هير گُهلي ٿي
من جهولو آهي
اُن ۾ تنهنجي ياد جُهلي ٿي
تنهنجي سُاروڻين او سپرين، جيئڻ لاءِ سهارو آهي،
سانوڻ جي مچريل سنڌوءَ ۾، ٻيڙيءَ لاءِ ڪنارو آهي،
تَڏَڙي تَڏري هير گُهلي ٿي
من جُهولو آهي
اُن ۾ تنهنجي ياد گُهلي ٿي.
●
آسمان
اڄ
بہ
اڪيلو
۽ اُماس آهہ ائين
ڪالهہ هيو جينئن اي دوست!
●

پٽر ٻڌجي لفظ وسن ٿا
شعر گلن جي ورڪا ڪونهي.

امداد ڪهاڻيڪار ڪوي
ڪونهي ڪونهي هاها ڪونهي.

●

## ترائيل

حالَ احوالَ اُهي ئي آهن
نہ اُها رات اجا جاري آ
ڻالَ ٽيٽالَ اُهي ئي آهن
حالَ احوالَ اُهي ئي آهن
ڪَرَّ دڄالَ اُهي ئي آهن
ڪوڙ جي سَچِ مٿان ساري آ
حالَ احوالَ اُهي ئي آهي
نہ اُها رات اجا جاري آ

●

## ترائيل

اي منهنجا دوست! اي منهنجا مِٺا! اي منهنجا يارَ!
جي زندگيءَ ۾ مري ٿا وڃن انهن جو سوچ،
مري چُڪا جي ڪنهوڪا انهن جي ڪهڙي پچارَ؟
اي منهنجا دوست! اي منهنجا مٺا! اي منهنجا يارَ!

مٽي ۾ ڊوڙ وجهي ڪوهہ تون ڪڏين ٿو پارَ؟
جي دفن ٿي به چُڪا تن جو ڪيترو سنڪوچ؟
اي منهنجا دوست! اي منهنجا مِٺا! اي منهنجا يارَ!
جي زندگيءَ ۾ مري ٿا وڃن انهن جو سوچ.

●

چور آهيان نہ آهيان عاشق
نہ ڪوي ۽ نڪو ڪهاڻيڪار آهيان.
چنڊ آهيان نہ ڪو ڏيو آهيان
پو بہ اونداهہ ۾ اڪيون ڦاڙيو.
مان سڄي رات جاڳيو آهيان.

●

سِنڌيڪار: آدرش

# رافيل سيدِناس جا نظم

رافيل سيدناس جو جنم سن ۱۹۳۱ع ۾ شهر بار ڪئيسمينو ۾ ٿيو اِهو ملڪ وينزولا جو هڪ ننڍڙو پر ڪنهن مصري عورت جهڙو حسن رکندڙ شهر آهي.

رافيل شاعريءَ جي پوک، ننڍپڻ کان ئي پوکڻ شروع ڪئي ۽ هينئر سندس اها پوک ساني آهي. هن جو پهريون مجموعو، هن جي پندرهن سالن جي عمر ۾ شايع ٿيو. هيل تائين انيڪ مجموعا شايع ٿي چڪا اٿس. هن جو ڳاٽيتو وينزولاجي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

رافيل جا نظم ڪنهن ننڍڙي ٻار جيترا ننڍڙا، معصوم ۽ سچ آهن، جن کي پڙهڻ سان رافيل ۽ شاعريءَ تي اچا موه وڌي وڃي ٿو.

## وقتُ

*اِها ڪا ڳجهي ڳالهه ناهي ته،*
*وقت،*
*هُن جو بدن آهي،*
*واريءَ تي.*

●

## رات

*رات،*
*دروازن سان،*
*ڳالهائيندي آهي.*

●

## معصوم اکيون

*معصوم اکيون،*
*وڄايل شهر به،*
*فتح ڪنديون آهن.*

●

## منجهند جو گل

*منجهند جو گل،*
*هميشه،*
*زخم مَٿان،*
*ٽڙندو آهي.*

●

# رشيد ڀٽي ـــــ هڪ دؤر

گهڻا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي مري چڪا هوندا آهن ۽ رشيد ڀٽي اهڙن ماڻهن مان نه هو. هو هڪ ڀرپور زندگي جيئو، زندگيءَ جي هر پل کي هن لفظ جي روپ ۾ رقم ڪيو ۽ انهن هن زندگيءَ جي ڪروپ کي سروپ بخشيو. ترقي پسند دور جو هو هڪ اهڙو ليکڪ هو، جنهن ڪڏهن به، ڪٿي به، ڪنهن سان به ٺاهه نه ڪيو، ۽ اصولن تي، آدرشن تي سدائين اٽل رهيو.

رشيد ڀٽيءَ ڪهاڻيون به لکيون، ترجما به ڪيا، صحافي به رهيو. هن مضمون به لکيا، ڪالم به لکيا، تقريرون به ڪيون، ٿوري گهڻي شاعري به ڪئي:

سنڌڙي رهي، اسين نه رهياسين ته ڇا ٿيو

پر رشيد ڀٽي بنيادي طور تي هڪ ڪهاڻيڪار هو، فڪشن رائٽر هو. "ٻڙ" ۽ "اوسيئڙو" ۾ ڪهاڻيون ئي ڪيس سنڌي ڪهاڻي ـ اتهاس ۾ زنده رکڻ لاءِ ڪوڙ آهن: پر هن جون ٻيون ڪهاڻيون به سنڌيءَ جي بهترين ڪهاڻين مان آهن: خاص طور تي اهي ڪهاڻيون، جيڪي هن بنهه ويجهڙائيءَ ۾ لکيون ۽ "برسات" ۽ "آرسي" ۾ ڇپيون، مون انهن ڪهاڻين کي پڙهي ڪيس خط لکڻ چاهيو هو، ۽ رشيد ڀٽي جي ئي هڪ اهڙي ائڊريس هئي، جيڪا مون کان ڪڏهن به نه وسري هئي.

جاگيراڻي پاڙو سکر ـ سنڌ

پر مون ڪيس خط نه لکيو.

اهو صحيح آهي، ته اُن دور جي ليکڪن سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ نثر توڙي شعر جي هر صنف ۾ لکيو. اياز شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به اهڙو ۽ ايترو ڪجهه لکيو، جيڪو سنڌي ساهت جو املهه خزانو آهي، رشيد ڀٽي، شمشير حفيظ شيخ، سليم احمد، سراج، گرامي، ڏيپلائي، مقبول صديقي ساهت سرجڻ سان گڏوگڏ جديد سنڌي صحافت جي پيڙهه (جنهن کي هينئر ڪوئيو پيو وڃي!) به رکي. قمر شهباز ريڊيو، ٽي، وي ناٽڪ به لکيا، ڪهاڻيون به لکيون، ته شاعري به ڪئي، بشير موريانيءَ ڪهاڻيون به لکيون، ته شاعري به ڪئي، آغا سليم ڪهاڻيون، ناولٽ ۽ ناول به لکيا، ته ريڊيو، ٽي، وي، اسٽيج ناٽڪ به لکيا، ترجما به ڪيا ۽ شاعري به ڪئي...

●

رشيد ڀٽيءَ جي حوالي سان اهو پورو دور هڪ اهڙو اتهاسڪ دور آهي، جنهن ۾ وڏا ادبي معرڪا سَر ڪيا ويا، سڀني اديبن آڏو هڪ مقصد هو، جنهن کي ماڻڻ لاءِ اجتماعي جاکوڙ ڪئي وئي.

ٻوريءَ ٻي نه تات، جيڪا سا ڄڃن جي

۽ اديب ـ شاگرد ۽ عوام جي ڪامبينيشن سان ان ۾ ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون.

(ا ـ ح)

●

# ڪهاڻيون

سيد حبيب الله شاهہ

# مارچ پاسٽ

دوست تنھنجو لکيل پراڻو خط مليو. نجاڻ ڪيترو وقت اڳي تو لکيو ھو اھو خط. شايد آئون ان وقت ھتي نہ ھئس، اھو ڪنھن منھنجن ڪتابن ۾ رکي ڇڏيو. ڪتاب جي صفحن ان کي گلاب جي پتين ۽ مور جي کنڀن وانگر جيءَ ۾ جايون ڏنيون. اھو ڪتاب ڪل ڪائنات جي بيجان شين جيان شيلف ۾ رکيو رھيو. ڪنھن جي توجھ جو مرڪز بنجڻ لاءِ پر ڪنھن کي بہ ھن مصروف وقت ۾ ان کي ھٿ لائڻ لاءِ وقت نہ مليو يا مليو ھوندو تہ بہ ڪنھن بہ تنھنجي خط ڏانھن توجھ نہ ڏنو.

جڏھن منھنجو ٽرانسفر حيدرآباد ٿيو تہ ڪتاب وري منھنجي پاڳي ۾ آيا. خبر ناھي تہ جڏھن بہ اُداس ٿيندو آھيان تہ پيل ڪتابن جي سٿن مان ڪجھ کڻي بي جان صفحا اٿلائيندو آھيان يا سنڌو ڪناري ھليو ويندو آھيان. اھا منھنجي مايوسيءَ جي انتھا ھوندي آھي.

تنھنجو ڪافي سال اڳ جو لکيل خط پڙھيم سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ ھي تنھنجو ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟ ھي تہ سڀ ڪجھ ساڳيو آھي ساڳيو نالو ساڳيا اکر؟؟ مون تہ تنھنجو نالو دودي، ھوشوءَ، ھيمون ۽ ـــ جي لسٽ ۾ داخل ڪيو ھو. ڪڏھن ڪنھن مون کي تنھنجي شھيد ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ھو. تڏھن اکين اڳيان اونداھي ڇانئجي ويئي ھئي. انيڪ لڙڪ اکين مان وھي مٽيءَ ۾ جذب ٿيندي ڏٺا ھئم. ياد ڪونہ اٿم تہ اھو ڪھڙو جذبو ھو دوستيءَ جو پنھنجائپ جو يا ويرين کان وير وٺڻ جو؟ بھرحال جيڪو بہ ھو شديد ترين ھو. تڏھن اھو وقت ياد اچي ويم اھي لمحا جيڪي پاڻ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ گڏ گھاريا ھئا. تنھنجو بوش قسم جھڙو چھرو اکين آڏو ڦرڻ لڳم. تنھنجو ڳايل گيت "مان ڏوھي ھان" ڪنن ۾ گونجڻ لڳندو آھي. اتان نڪرڻ کان پوءِ سڀڪو آزاد ٿي ويو ھو. شايد ٻيھر نہ ملڻ لئي، "نہ ڄاڻان ٻيھار ڪير ملندو ڪنھن سان ـــ"؟؟ شاھ سائين جي بيت وانگر واقعي ڪنھن بہ ڪنھن سان نہ رکي. انھن ڏوھين ۾ آئون پاڻ کي بہ شامل ڪريان ٿو.

وقت جو راڪاس گُھمي ويو. صرف يادون ئي يادون ھيون جيڪي ذھن ۾ ڪنھن وقت ھلچل مچائي وجھنديون آھن/ ھيون. انھن لھرن ۾ تنھنجو چھرو تري مٿي ايندو ھو. خون سان پريل تنھنجو چھرو پريل ڏاڙھي. گولين جي بارش ۽ بارود جو طوفان. ۽ سڏڪن. آھن دانھن. لڙڪن جي سمونڊ ۾ بولاٽيون کائيندي انيڪ اڻڄاڻ. اٽسڄاتل چھرن سان گڏ. اکيون بند ڪري ويھندو ھئس تڏھن وري ساڳي فلم اکين اڳيان ڦرندي ھئي. توڪي بنا گولين ريوالور کڻي پڄندو ڏسندو ھئس ۽ تنھنجي پنيان چون رھزن ۽ ڏاڙيل رائفلون کڻي پڄندا ھئا. فائرنگ جا لڳاتار آواز ٺا. ٺا. ٺاٺا. ٺاٺا جا. ۽ تون بولاٽيون کائي ڪري پيو ھئين. گھڻو پوءِ مون سوچن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ۽ تصور ھلڪو ٿي ويو جيئن محبوبا جي شاديءَ کان پوءِ محبوب جو تصور.

اڄ جڏهن تنهنجو خط پڙهيو اٿم ته چوطرف مايوسيءَ جي گهري سمونڊ ۾ ٻڏل آهيان تنهنجو واسطو اهڙن ماڻهن سان آهي جيڪي ماڻهن کي لاٽين ۾ بيهاري گولين جي برسات وسائيندا آهن. اهي رائفلون هونديون به اوهان جي هٿن ۾ آهن دوست!! ان مهل پروموشن جو نشو اکين ۾ هوندو آهي اهو ڪونه ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته گولي کائڻ وارا ڪير آهن؟ مرڻ وارن سان اسان جا مضبوط ڳانڍاپا ڳنڍيل آهن مارڻ وارن سان اسان جو ڪو به رشتو ناتو ڪونهي ۽ تون لاشن جي انبارن تي تمغن وارو سينو ساهي ڪيترو نه پوائنتو لڳندين، تون به ان ڳالهه تي سوچ موٽي اڄ دوست واپس اچ توکي تنهنجا ماروئڙا سانگيئڙا واپس پيا سڏين، توکي ڪن وقتن جي عزت جي ماني ملي ويندي، پر توکي اتان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو تنهنجو انجام سولي کان سواءِ ڪجهه به نه ٿي سگهندو اها هڪ تاريخ آهي هڪ حقيقت آهي، ڪري سگهين ٿو ان حقيقت کان انڪار ـــــ؟؟!!

●●●



محمد دائود بلوچ

# پرديسي ڪھڙا پرين!

مان ھڪ مارُو ماڻھو آھيان، خير محمد منھنجو نالو آھي. ڳوناٽا مون کي خيرو چوندا آھن. مان ڀراڙيءَ جو رھاڪو آھيان، مون وٽ رڍن جو ڌڻ آھي. روزانو صبح جو ٻاجھريءَ جي ڍوڍي تي مکڻ جو چاٺو رکي کائيندو آھيان ۽ مٽان گھاٽي لسيءَ جو وٽو پي، تيل سرمو ڪري شھرن کي تيل ھڻي وٽ ڏيني، سنڌي ٽوپي پائي، بينون کڻي جڏھن مال چارڻ ويندو آھيان، تڏھن ننڍڙي ٽِڪ ۾ جا اڪثر ڪري منھنجي پاسي واري ڪيسي ۾ ھوندي آھي ٻاڻ کي ڏسي آئون ٻاڻ کي راڻو سمجھندو آھيان ۽ جڏھن بينن تي لھرو وڄائيندو آھيان تڏھن تہ سچ پچ ٻاڻ کي راڻو سمجھندو آھيان اڪثر ڪري سڄو ڏينھن بينون وڄائيندو رھندو آھيان. ڪڏھن ڪڏھن تہ ذل چوندي آھي تہ ڪا جوانڙي ملي ۽ دل جو غم لھي. ان لاءِ آئون اڪثر ڪري ڳوٺڙن جي ڀرسان، ترن وٽ يا ڦُٽين چوندڻ وقت بينن مان لھرا ڪڍندو رھندو آھيان ۽ اتي چڪر ڏيندو مال چاريندو رھندو آھيان، تہ من ڪنھن جوانڙيءَ جو ڌيان ڇڪجي.

ھڪ ڏينھن اھڙو بہ آيو جو اسان جي گھرن جي ڀرسان جيڪا ھندن جي زمين ھئي، اھا زمين ڌارين کي ڪليم ۾ ملي. ھڪ شھري خاندان اتي اچي رھيو. مان بہ اتي ڀرپاسي ۾ روزانو رڍون چاريندو بينون وڄائيندو رھيس. اتي رڍون چاريندي، ھڪ ڏينھن ٻنين ۾ مون ھڪ حسين خوبصورت قداور عورت ڏٺي. مان حيران ٿي ويس. چاڪاڻ تہ اھڙي حسين ترين عورت مون ڪڏھن بہ پنھنجي زندگيءَ ۾ ڪانہ ڏٺي. ڀراڙيءَ جون عورتون سڄو ڏينھن اس ۾ پورھيو ڪن، گھر جو ڪم ڪن، مال کي چارو ڏين، ڏھاني ڪن، ڇيٽا ڪٽن، ٻُھاري ڏين. مطلب تہ انھن کي پنھنجي ذات جي ڪا بہ ڳُڻتي نہ ھوندي آھي. ھيءَ خوبصورت عورت چڻ ڌٽيءَ واند ڪانيءَ ويل ويھي ٺاھي ھئي. چڻ ھن اُس اڪين سان ڪانہ ڏٺي ھئي، پر قسمت شايد ڪيس ھتي ڇڪي آندو ھو. ھن جي چنڊ جھڙي چھري کي ڏسي منھنجو ڪنڌ شرم کان جھڪي ويو. اسين سادا ماڻھو ڪنھن ضائفان کي ڏسون تہ ڀيو ٻاسو ڏيئي وڃون، ڪنڌ ھيٺ ڪري لنگھون. ھن کي ڏسي مان مُنھن ٻئي پاسي ڪري بينون وڄائيندو رھيس، ۽ اتان مال ڪاھي روانو ٿيس. پر اھا جُوءِ ھئي مال چارڻ جي ۽ مان وري بہ اتي ايندو رھيس. بينون وڄائيندو رھيس ۽ ھن کي ڏسندو ۽ شرمائيندو رھيس.

ھن جا گھر بہ اسان جي گھرن جي ڀرسان ھئا. ھنن کي بہ ٻي ڪا وندر ڪانہ ھئي. تنھن ڪري ھوءَ روزانو صبح شام ٻنين ۾ ڀيئي گھمندي، چالون ڏيندي، ڏسندي رھندي ھئي. ڪڏھن ڪڏھن اسان جي گھرن ڏانھن بہ ايندي ھئي.

اٿين ڏسندي، نھاريندي ڪيترائي ڏينھن گذري ويا. نيٺ ھڪ ڏينھن مون بہ دل جھلي ڪنگھڪار

ڪندي شهپرن تي هٿ ڦيريندي، رڍن کي هڪلڻ جي بهاني سان سلام ڪيو. هن ڏنو پر ڪڇي ڪانه چپ چاپ ويندي رهي. دل ۾ سوچيم ته پنهنجن مائٽن کي چئي ٻُچڙو ڪرائيندي يا منهنجن مائٽن کان موڇڙا هٽائيندي، يا راضي ٿيندي، پر هن جي خاموشيءَ کان خوف ٿيو. ائين ڏيکاني ڏنم، ڇڻ مون سلام ڪونه ڪيو پر رڍن کي پٺي هڪليم خير .... اهو ڏينهن ته اهڙي ريت پڇ پڇائيندي گذري ويو. ۽ سڄي رات سوچن ۾ گذري ويئي. صبح جو دستور موجب مان مال ڪاهي، ڦرندو نهاريندو ٻينون وڃائيندو ساڳي جاءِ ڏي روانو ٿيس. ڏٺم ته هوءِ به پيئي ٻنيءَ ۾ ڦري. مون به وجهه وٺي سلام ڪيو اهڙي طرح جو سلام جو سلام ۽ مٽي ڪنهڻ جو بهانو به اهڙي طرح هفتو کن گذري ويو. هوءِ پر پاسي جي ٻنين ۾ گهمندي رهندي هئي، ڏسندي رهندي هئي ۽ ٻينون ٻڌندي رهندي هئي. خبر ناهي ڇو مون کي يقين ٿي ويو ته اڄ نه ته سڀاڻ نانگ ضرور ريجهندو ۽ هوءِ مون سان ضرور محبت ڪندي، ڇاڪاڻ ته جتي اسان جا ۽ هنن جا گهر هئا، انهن جي ميل کن پنڌ تي ٻيو ڪو به ڳوٺ ڪونه هو. اسان جي گهرن ۾ به ڪو اهڙو جوان ڪونه هو، جيڪو هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي يا هيءَ ڪنهن ڏي وڃي. ان ڪري چوندا آهن ته اُنڊن ۾ ڪاٺو يا جتي وڻ نه آهي اتي ڪانڊيرو به درخت جيان مان هوس.

پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن منهنجن ٻينن نانگ کي ريجهائي وڌو ۽ هن ڪر ڪٽي سلام جو جواب سلام سان ڏنو ۽ هٿ مٽي ڪري پنو ڏيکاري اتي ڇڏي هلي ويئي ۽ مون اتان اهو ڪاغذ اچي کنيو. ڏٺم ته ان تي قلم سان ڪجهه اکر لکيل هئا.

هاءِ ڙي نصيب! مان ريڍار نپ اڻ پڙهيل ۽ هي خط يار جو آيل، ان وقت پاڻ تي جيڪا لعنت ملامت ٻُڱيم سا ڪيم. مائٽن کي گهٽ وڌ ڳالهايم ته نه پاڻ پڙهيا ۽ نه اسان کي پڙهايائون. سياڻن سچ چيو آهي ته اڻ پڙهيل انڌي جي آچار آهي. مان اهڙو اچي ڦاٿس جو ڦٽڪڻ جي جاءِ نه پيئي ملي. سوچيم ته زمين جاءِ ڏي ته گهڙي وڃان. اهڙي خبر هجيم ها ته چٺي لکندي ته هيڏانهن منهن به نه ڪريان ها. ۽ شهپرن تي هٿ نه ڦيرايان ها. سلام به نه ڪريان ها ۽ نه اهڙي مصيبت ۾ پوان ها. جڏهن ڪيس خبر پوندي ته آئون نه رڳو ريڍار آهيان، پر اڻ پڙهيل به آهيان ته پوءِ ڇا سوچيندي منهنجي لاءِ ڪهڙي راءِ رکندي!

انهن سيني ڳالهين کان پوءِ اچي انهيءَ ڳٺتيءَ ورايو ته ڪاغذ ۾ ڇا لکيل هوندو؟ مون کي ڪيئن خبر پوندي، ڪنهن کان پڙهائيندس، جواب ڪهڙو ڏيندس. ڪيئن ڏيندس! منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو. ٻينون وڃائڻ وسري ويم، رڍن تي لٺ جو ڦهڪو لائي ڏنم، شهپر جيڪي سدائين ڏنگ هوندا هئا سي لڙڪي پيا. رڍن کي سوير ئي ڪاهي واڙي ۾ بند ڪيم، سوچيم ته ڪنهن سان دل جو حال ڪريان، ڪنهن کان خط پڙهايان. ڳوٺ ۾ ته ڪو پڙهيل ڪونه هو. هر ڪنهن کي رازدار بنائڻ به مناسب نه سمجهيم. پوءِ ٻڳس پرواري ڳوٺ ۾، جتي اسڪول به آهي ۽ ماستر به آهي. ڏيڍ ميل کن پنڌ ڪري اتي پهتس. ماسٽر سان مليس ۽ کيس سڄي حقيقت ڪري ٻڌايم ۽ ڪاغذ ڪڍي سندس اڳيان رکيم ۽ ٻئي هٿ سندس پيرن تي رکيم. ماستر خط پڙهي مون کي چيو ته خط ته اڙدوءَ ۾ لکيل آهي. دل ۾ چيم ته واهه. مان سنڌي به ڪونه ڄاڻان ۽ چٺي وري اڙدوءَ ۾ آهي. ماستر کي چيم ته سڄو حال مون کي

سنڌيءَ ۾ سمجهاءِ. هن مون کي سچي حقيقت ڪري ٻڌائي چيومانس ته انهيءَ ڪان به سٺي چٺي لکي ڏي. چپائين اڙدوءَ ۾ مان به ڪونه لکندو آهيان، پر توکي لکي ٿو ڏيان. ويچارو دوست هو ساڻس خوش خوش هئي. خط لکي ڏنائين، پڙهي ٻڌايائين. موڪلائڻ کان اڳ وري ماستر جي پيرن تي ڪري پيس. چيومانس ائين نه ٿئي جو مان اوهان کي ڳالهه ٻڌائي، اوهان پنهنجي دوست کي ٻڌايو ۽ اهو وري پنهنجي دوست کي ٻڌائي پوءِ منهنجي لاءِ موچڙا پُسيا پيا هجن. ماستر دل وارو هو. چپائين مان ته ڪنهن کي به ڪونه ٻڌائيندس. پر تون پاڻ کي تيس مار خان سمجهي هر هنڌ پيو پاڻ پڌائيندين ۽ پنهنجي سورهيائي ڏيکاريندين. يا خون ڪٽوري ڪين لکي توڙي باري پونس يار! ان ۾ منهنجو قصور ناهي. ماستر کان موڪلائي گوٺ روانو ٿيس رات پور پچائيندي گذري. صبح جو سوير رڍون ڪاهي ڦيرائي گهيرائي سندن ٻنيءَ وٽ پهتس. ڏٺم ته هوءَ پريان اچي پيئي مون به فاتح جيان شهپرن تي هٿ ڦيري سلام ڪيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري، خط مٿي ڪري کيس ڏيکاري، اتي ڇڏيم ۽ پاڻ رڍون ڪاهي روانو ٿيس. هوءَ ڦرندي اتي آئي ۽ پنو کڻي هلي ويئي.

اهڙيءَ طرح اسان جون چٺيون هلنديون رهيون. سلام ٿيندا رهيا. اشارن جي زبان، استعمال ٿيندي رهي.

پوءِ هڪ ڏينهن جيئن خط کڻي ماستر وٽ پهتس ته ماستر خط پڙهي جواب لکي ڏنو ۽ چپائين ته مون کي ڪاليج ۾ ٽريننگ وٺڻ لاءِ حيدرآباد ۾ چونڊيو اٿن، مان صبح جو هتان روانو ٿي ويندس. وڌيڪ تنهنجي مرضي.

ماستر ڳالهه ڪري جڻ منهنجا تختا ڪيي ڇڏيا، پر ماٺ ڪيم. اوڏي مهل کان اچي ششدر ٿيس ته هاڻي چٺي ڪنهن کان پڙهايان. ٻئي ڏينهن وري به رڍون ڪاهي ڦرندو گهرندو هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو سندن ٻنيءَ طرف ويس. ڏٺم هوءَ پريان ٻنيءَ ۾ گهمندي ڦرندي ٿي رهي. مان به پريان کان چٺي ڏيکاري ساڳي جاءِ تي ڇڏي رڍون هڪليندو آهستي آهستي پري ٿيندو ويس. اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن به هن دستور موجب چٺي ڏني پوءِ ته جڻ زمين پيرن هيٺان نڪري ويئي، هاڻي خط ڪنهن کان پڙهايان. ڪي پڙهيل ماڻهو به هئا، پر ههڙو خط ڪنهن کان پڙهايان. اوچتو وڏيري جو ڪمدار دل تي تري آيو. ان سان ٺهڪڙا هئا. وجي ان سان حقيقت ڪيم. چٺي ڏني مانس. چٺي پڙهيائين ۽ پوءِ جواب لکي ڏنائين. اسان جون چٺيون پيون اينديون وينديون هيون مان چٺيون ڪمدار کان پڙهائيندو هوس. ڪانئس ئي جواب لکائيندو هوس.

ائين اسان جا سلام سنيها، اشارا به چالو هئا ۽ چٺيون به. پوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد ڪمدار کان چٺيءَ جو جواب لکرائي جڏهن کيس پهچايم ته پڙهي پريان ئي ٻُجو ڏنائين. چٺي اتيئي ڦاڙي ڇڏيائين. ۽ هيٺ مٿيءَ مان ٻڪ پري مٿي هوا ۾ ڇڏيائين مطلب هئس ته تو ۾ ڏوڙ به ڪانهي. سمجهي ويس ته ڪمدار وڏيري کي وجي ٻڌايو ته هن جٽ بيوقوف اٽ پڙهيل رڍاڙ علم الدين جي ڌيءَ سان وجي دوستي رکي آهي. چٺيون پيون اچن وڃن. انهيءَ وچ جي مون کي خبر ئي ڪانه هئي ته ڪمدار شايد وڏيري لاءِ شڪار پيو ڪري يا پنهنجي لاءِ پوءِ به ٽي دفعا ڪمدار سندن ٻنين وٽان گهوڙي تي ڦيريون

ڏنيون. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. وڏي وڃي چيومانس هتي پٺهين جي زمين آهي ڇا جو ڪمداري ڪرڻ آيو آهين.

ڪمدار سڄي خبر وڃي وڏيري سان ڪئي. ٻئي ڏينهن وڏيري مون کي گهرايو ۽ چيو ته تو ڪمدار کي گهٽ وڌ ڳالهايو. تون ٻاڙي ۾ علم الدين وارن سان بيواجبي هلين ٿو. مون وٽ تنهنجي شڪايت آئي آهي. مون ڪيس ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ۽ ماٺ ڪري گهر روانو ٿيس.

انهي ڳالهه کي ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا. مان وري مال ڪاهي بينون ڪٽي اوڏانهن پيو چڪر ڏيندو هوس. هوءِ گهر کان نڪرندي ڪانه هئي، جيڪڏهن نڪرندي هئي ته به پري پري بيٺي هلندي هئي. مون ڏانهن اک کڻي به نه نهاريندي هئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن سندس ڪاوڙ گهٽ ٿي، نهاريائين ته مون هٿ جوڙ ڪئي. پري کان آزيون نيزاريون ڪيم ۽ اشارن ۾ چيومانس ته اڻ پڙهيل آهيان پوءِ حقيقت سمجهي ويئي. پوءِ اشارن ۾ چيائين ته سڄ لٿي کان پوءِ ساڳي جاءِ تي اچ. پوءِ سج لٿي کان پوءِ منهن اونداهيءِ مهل مان پري کان آهستي آهستي لڪندو لڪندو ساڳي جاءِ تي پهتس. ڪجهه دير کان پوءِ هوءِ به اتي پهتي. ڪيس ڪارو وڳو پيل هو. چڻ ڪڪرن ۾ چنڊ لڪل هجي. پوءِ اسين هڪ ٿي وياسين. ڪيس جيئن تيئن ڪري راضي ڪيم. اسان پهريان ته گونگن وارا اشارا ڪيا. پر پوءِ هن جي پنجابي ڳالهائڻ جي جواب ۾ مان سرائڪي گاڏڙ سنڌيءَ ڳالهائي ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. ڪجهه اشارا ڪجهه گفتگو، اهڙيءِ طرح پاڻ ۾ وڌيڪ پنهنجائپ پيدا ٿي. هن ڪمدار ۽ وڏيري واري سڄي خبر ٻڌائي ته ڪيئن نه هنن مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪافي دير تائين ميارون ڏنيوسين، هڪ ٻئي کان معافيون ورتيونسين. پيار ونڊيوسين هڪ ٻئي کان چڻ روئي موڪلايوسين. هن چيو ته اڄ ملاقات ڇني آهي. تون ڪنهن چڱي دوست وٽ پڙهه ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن خط لکڻ جهڙو ٿي ويندين. پوءِ هڪ ٻئي کي وڏا ڀاڪر پائي اکين ۾ پاڻي آڻي هٿ جوڙ ڪري موڪلايوسين. چڻ سڄي زندگي وري نه ملنداسين. هوءِ رواني ٿي پنهنجي گهر ويئي ۽ مان پنهنجي گهر.

پوءِ ته اسين انين هرياسين جو چڙ چڪيو مکڻ ڇپ هل ڪالهوٽي هنڌ روزانو پري کان ڏسندا هئاسين مهيني ۾ هڪڙي رات اسين ساڳي جاءِ تي ملندا هئاسين. قرب جون ڪچهريون ڪندا هئاسين.

انهيءَ وچ ۾ ڪمدار ۾ وڏيري ڏاڍا زور لاتا. هنن کي دعوتون ڏنائون ته اوهان اسان جا نوان ٻاڙيسري آهيو. ان ڪري دعوتون ۽ خوشامد ڪيائون. دعوتن ۾ مرد ماڻهو ويا پر زالن کي وڃڻ لاءِ مون کين روڪيو. هن به وڃڻ نٿي چاهيو. وڏيرو سمجهي ويو، ته جيستائين خيرو هوندو تيستائين هوءِ نه ايندي. هن کي ڪنهن ڪيس ۾ هٽي ڇڏجي ته نه هجي بانس نه وڃي بانسري. ڪيس ڪنهن ڪيس ۾ هٽي ڇڏيندس ته ٻه ٽي سال ته پيو جيل جي هوا کائيندو. تيستائين هن جو متو جاءِ اچي ويندو. پنهنجن ٻاليل چورن کي ٻڇي علم الدين وارن جي چوري ڪرايائين، هنن تي رعب رکڻ خاطر مال موٽائي ڏنائين ۽ ڪوڙو ڪيس مون تي ڪرائي، مون کي ڦاسايائين. مان بي دريافتو ڪيترو ئي وقت

جيل ۾ پيو هوس. جيل ۾ سوچيم ته ڳهڻ ۾ ڳهڻ پڙهي پيس ته به چڱو خط پڙهائڻ لاءِ ڊوڙڻو ته نه پوي. پوءِ ته اصل پڙهيل قيدين جي ٻچڙني نه ڇڏيم. تنهن کان سواءِ جيل ۾ پڙهائيندڙ ماستر کي عرض ڪيم تنهن منهنجو شوق ڏسي پنهنجي جوابداريءَ تي مون کي سچو وقت ڪلاس ۾ پڙهائيندو رهيو. هونئن بين لاءِ ٽائيم بدلبا رهندا هئا. هڪڙي ٽولي پڙهي ويندي هئي ته پوءِ بين جو وارو ايندو هو. ائين آئون لاڳيتو پڙهندو رهيس.

اٽڪل ٻن سالن بعد عام معافيءَ ۾ آئون به نڪري آيس، ۽ اچي گهر پهتس، گهران خبرچار ورتم، معلوم ٿيو ته هنن جون چوريون ٿينديون رهيون. هو انهن چورين کان تنگ ٿي ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتان طرف پنهنجن مائٽن ۾ گهمڻ ويئي، ٻن سالن جو قيد، جيڪو مون کي ٻن صدين جو لڳو تنهن مان ڇڏائي آيس ۽ هي خبر ٻڌي وائڙو ٿي ويس. سوچيم ته محبوب سان ملڻ کان سواءِ ٻي ڪابه ڳالهه ڪانه ٿيندي. ملتان! اهو ڳس ته اندن اڳيني ڏيکاري ڇڏيو هو، مان ته سچو آهيان.

پوءِ وڃي ڪن جوڳين جو پاسو ورتم، هڪڙي جوڳيءَ کي وڃي پيرين پيس. چيم استاد، مون کي مُرليون سيکار بينون وڄائڻ آئون چاڻان ٿو. صرف تنهنجي استاديءَ جي ضرورت آهي. سمورو احوال ڪري ڪيس ڳوڳي چوهاڻ جو قسم ڏنم، ته ڪنهن سان ڳالهه نه ڪر ۽ منهنجي مدد ڪر. چيائين ٽن مهينن بعد اسين ملتان طرف ويندا‌سين، تيستائين، تون مُرليون به سک ۽ صدا به. ائين نه ٿئي جو شهر وڃيو در تي بينو هجين ته پاڻ کي به ڦاسائين ۽ اسان کي به سورن ۾ وجهين."

پوءِ ته ٽي مهينا ڄڻ اها ٽيپ به ڪاٽيم، ڪيس چيم ته پنڻ مان جيڪي به مليو سو تنهنجو، آئون پنهنجو خرچ پاڻ ڪندس، مون کي وٺي هلو.

پوءِ الله تي آسرو رکي روانا ٿياسين. جوڳي استاد به ڪو دلوارو هو. جيڪي پار پتا مون کي مليا هئا. سي ڪيس ڏنم. نيٺ هلندي، پنندي، ڪائيندي وڃي ملتان جي ويجهو پهتاسين. هو شهر ۾ ڪونه رهندا هئا پر ڀرواريءَ ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندا هئا. پوءِ در در تي مرليون وڄائيندا، سينَ هڻندا رهياسين. جوڳي اُستاد جيڪا ٺاهوڪي زال ڏسي ته لونڻ هڻي ته اها تو واري شمع ته ڪانهي، آخر تنگ ٿي چيومانس ته استاد ائين ته نه ڪر ته ڪٿي موچڙا نه کائون.

نيٺ رلندي پنندي، هڪ ڳوٺ ۾ مون کي شمع ڏسڻ ۾ آئي رڙ ڪيم. خدا جي واسطي ٻاٽي پياريو ۽ مُرلين تي اهو لهرو وڄايم، جيڪو ڪيس بينن ۾ به وڻندو هو. جنهن جي ٻڌڻ سان نانگ به ريجهندا آهن. منهنجي وڄائڻ تي چرڪ پريائين ۽ غور سان نهاريائين مون وري ٻاٽيءَ لاءِ رڙ ڪئي. مُرلين مان لهرو ڪڍيم. هن منهنجو آواز سڃاتو ۽ وري چرڪ پريائين. ٻي ماني ٻاٽي آڻي رهي هئي ان کان وٺو وٺي ٻاڻ ڪٽي آئي. مون ٻُڪ جهلي ٻاٽي پيتو ۽ ڪجهه آڱرين جي وٿين مان هاريم، ۽ ٻيو ٻاٽي گهريم. وري ٻاٽي ڪٽي آئي اهو به ائين ڪجهه پيتم، ۽ ڪجهه هاريم. هوءِ ڪجهه شڪي ٿي آئون ٻڪ جهلي ٻاٽي ٻي رهيو هوس، هن جا پير منهنجي نزديڪ هئا. سندس پيرن تي هٿ رکي چيم: تنهنجو خيرو. سمجهي ويئي سڃاتائين. پوءِ ٻيو ٻاٽي آڻي ڏنائين ۽ ماني به آڻي ڏنائين.

ماني کائي اتان روانا ٿياسين، ڳوٺ جي ٻاهران پهچي جوڳي استاد کي چيم: استاد، منهنجي

منزل هتي آهي، جيڪڏهن ويهين ته پکو اڏي ويهون نه ته توکي اجازت آهي. چيائين، واهه ڀانو واهه! ڪم لٿو ڏکڻ وسريو. چيم نه.

پوءِ ويهي رهياسين. روز ڀڻ جو بهانو ڪري وڃي دلبر جو ديدار ڪري ايندو هوس. هوءِ به خيرات ڏيڻ جي بهاني، ڏجي ڏجي به چار اکر ڳالهائي ويندي هئي.

پوءِ اسان اتيئي ڳالهه پوله ڪري اهو فيصلو ڪيو ته هوءِ رات جو نانگ جي ڪکجڻ جو ڍونگ رچائيندي، ۽ پوءِ چوندي ته ڳوٺ جي ٻاهران جوڳي وينا آهن. انهن کي وٺي اچو. ائين ملڻ جي مهل لاءِ ناهه ناهي اسين وڃي پکي ۾ ويناسين.

پوءِ رات جو اٽڪل ١٠-١١ بجي ڏاري هڪڙو ماڻهو ڊوڙندو سهڪندو آيو ۽ اچي چوڻ لڳو.

"خدا جي واسطي جلدي هلو، گهر ۾ هڪڙو ماڻهو ڪکجي پيو آهي."

"مرد آهي يا عورت"

"عورت"

"ته پوءِ صبح جو ايندا سين. هينئر ٻاٽي پڙهي ڏيون ٿا." "مهرباني ڪري هينئر هلو عورت انسان نه آهي ڇا؟ هڪ انسان جي زندگيءَ جو سوال آهي. اهي اسان جا مهمان آهن ۽ سنڌ مان آيا آهن."

آخر گهڻي منٿ ميڙ ڪان پوءِ استاد ۽ آئون روانا ٿياسين. ۽ سندس گهر پهتاسين. هن جي رڙ مٿي رڙ لڳي پيئي هئي. اسان اتي پهچي آريئو ۽ ڪجهه پيون شيون هن کي ڪنڻ لاءِ ڏنيون. ۽ مون ڀنيءَ تي، جتي هن کي نانگ ڏنگيو هو ٿورو آهستي بليڊ سان رت ڪڍيو. ۽ اتي زهر چوسڻ جو ڍونگ رچايو ۽ هن جي نرم ۽ نازڪ پير جي ڀنيءَ کي چوسيندو ۽ چمندو رهيس ۽ مون کي نهايت آرام ۽ سڪون ملي رهيو هو.

شمع اسان جي پهچڻ ڪان اڳ رڙيون پئي ڪيون، تنهن جي رڙين ۾ ڪجهه ڪمي آئي. ماڻهو به ڪجهه مطمئن ٿيا. مون کين يقين ڏياريو ته جيئن جيئن مان زهر چوسيندو ويندس. تيئن تيئن کيس آرام ايندو ويندو ۽ اهڙي طرح صبح ٿيڻ تائين زهر ختم ٿي ويندو. ۽ هيءَ ٺيڪ ٿي ويندي.

اسين پندرهن ڏينهن ڪن اتي وينا رهياسين، ۽ جتي بليڊ سان ٽڪو ڏنم، اتي ملم پٽي ڪني سين.

آخر هن ڪان موڪلائي روانا ٿياسين، ڇاڪاڻ ته عيد ۾ باقي ڏهه پندرهن ڏينهن وڃي بچيا هئا. هوءِ به عيد تي اچڻي هئي.

اتان سڌو ڳوٺ پهتس، جوڳي استاد جو ٿورو مڃيم. ڪانئس موڪلائي چيم ته جڏهن اسان ڏانهن اچين ته مون وٽ ضرور اچجاءِ.

ڳوٺ پهتس ته خبر پيئي ته ريڊون نندو ياءُ چاري رهيو آهي ۽ ماستر حيدرآباد مان پڙهي واپس پهتو. مان وٽس پهتس. حال احوال ڏناسين ورتاسين. منهنجو احوال ٻڌي حيران ٿي ويو. چيائين "اڻ پڙهيل جا اهي حال اٿئي، اڻ پڙهيل انڌي جي آچار هوندو آهي"

چيم هاڻ پڙهندس، يا مرندس. باقي ٻيو ڪو به ڪم ڪونه ڪندس." پوءِ روز صبح جو سوير ماستر وٽ ايندو هوس.

عيد تي هوءِ بہ آني. هن جي پيءُ کي چيم چاچا، توهين پرواهہ نہ ڪريو. مان اچي ويو آهيان، هاڻي ڪنهن جي بابي کي بہ طاقت ڪانہ آهي.

مون کي خبر پيئي تہ چوريون ڪرڻ وارا ڪير هئا ۽ ڪنهن جي چوڻ تي چوريون ٿينديون هيون. انهن کي چيم "ياد رکو، مون کي خبر آهي تہ چوريون اوهان ڪيون اُنهن جو حساب ٿيندو پر هن ڪان پوءِ، منهنجا هٿ اوهان جي ڳڇيءِ ۾ هوندا. مڙس مڙس جو مٽ آهي. هڪڙو گهر تہ ڏائڻ بہ ڇڏيندي آهي. نہ تہ پوءِ پنهنجون صفايون ٿينديون."

ڪمدار ۽ وڏيري بہ پنهنجي دال ڳرندي نہ ڏسي، خاموشي اختيار ڪئي. هاڻي مان چئين لکڻ ۽ پڙهڻ جهڙو ٿي ويس. چيم تہ مردن لاءِ ڪهڙي ڳالهہ مشڪل آهي. پر ڪجهہ همت ڪان ڪم وٺڻ گهرجي ماستر دوست هو، مخلص هو. مون کي پڙهڻ جو شوق هو چاڪاڻ تہ زندگي ۽ موت جو سوال هو. ٽن چئن سالن ۾ لڳاتار پڙهڻ ڪري مان چڱو پڙهي ويس.

منهنجو شوق ڏسي ماستر مون کي چيو تہ رات جو بہ هتي رهندو ڪر ۽ پڙهندو ڪر تہ مان توکي سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرائي، ماستريءَ جي نوڪري وٺي ڏيان.

پوءِ رات ڏينهن پڙهائي کي لڳي ويس. ماستر مون کي فائينل جي تياري ڪرائي ۽ فائينل امتحان ڏيارڻ لاءِ حيدرآباد وٺي هليو. حيدرآباد ۾ امتحان ڏيئي شهر کي چڪر ڏنوسين ۽ پوءِ وري ڳوٺ آياسين. جيسين امتحان جو نتيجو ظاهر ٿئي تيسين مان دستور موجب روز صبح جو ايندو هوس ۽ استاد جي نگرانيءِ ۾ ٻارن کي پڙهائيندو هوس ۽ پنهنجي پڙهڻ جو ڪم بہ ڪرڻ لڳس.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ امتحان جو نتيجو نڪتو. آئون پاس ٿيس پوءِ تہ واهہ واهہ ٿي ويئي. ماستر کي پلي ڳنون آٽي ڏنم. چيومانس تہ تو مون کي حيوان مان انسان بڻايو. هُن ڳنون وٺڻ ڪان انڪار ڪيو پر منهنجي گهڻي زور پرڻ تي قبول ڪيائين.

پوءِ سندس ني ڪوشش سان اٽڪل پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ مون کي ماستريءَ جي نوڪريءَ جو آرڊر مليو. واهہ سائين واهہ! پوءِ تہ ڪپڙن ۾ ني نہ پيو ماپان. شمع سان ملاقات بہ ٿيندي هئي.

ٽن سالن بعد اوچتو ون يونٽ جو شوشو هليو ۽ اِن وقت علم الدين پنهنجي زمين پاڻتي کي مقاطعي تي ڏيئي حيدرآباد ۾ جاءِ ۽ دڪان وٺي اوڏانهن روانو ٿيو.

منهنجي پيرن ۾ بہ شايد ڪو چڪر آهي. اڳي واندو هوس، مرليون وڄائي وڃي محبوب سان مليس. پر هاڻي چا ڪريان سو بہ شهر ۾. پر موليٰ مهربان مون کي بہ ڇڏيو ڪونہ. اجا مان انهيءَ ٻڌ تر ۾ هوس تہ ٻن سالن لاءِ مون کي حيدرآباد ۾ ڪاليج پڙهڻ لاءِ چونڊيو ويو. مون ترت ئي تياري ڪئي ۽ وڃي ڪاليج ۾ داخلا ورتم. ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ علم الدين جي گهولا شروع ڪيم. ڳوٺ جا هئا. سو انهن کي وڃي ڳولي هٿ ڪيم. شمع کي چيم هن ڌرتيءَ تي هوندئين تہ مان بہ توکي ڪونہ ڇڏيندس. حيدرآباد ۾ ڪاليج جي ٽريننگ دوران مان اڪثر ڪري سندن گهر ايندو ويندو رهندو هوس. هن جي والده، پيءُ ۽ ڀاءُ ملندا رهندا هئا. هنن تي اسان جو هٿ هو، هنن جي زمين بہ اسان جي گهرن وٽ هئي. تنهن ڪري هو ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪندا هئا. جنهن مان اسان جي دل ڏکي يا هڪ ٻئي وچ ۾ نفرت

پيدا ٿئي.

مان جڏهن به ڳوٺ ويندو هوس ته تازو مکڻ، گيهه ماکي ۽ ٻيون اهڙيون شيون هنن لاءِ کڻي ايندو هوس. رڳو ميار يا رسمي طور نه. بلڪ منهنجي هن سان دل هئي، تنهن ڪري هن لاءِ ڪابه شيءِ آڻڻ ۾ مون کي خوشي ٿيندي هئي. ان کان سواءِ ڪانڻ واري اڪيلي ته نه هوندي گهر جا ٻيا ڀاتي به آهن تنهن ڪري چڱو خاصو کڻي ايندو هوس. هونئن به هر سال قرباني لاءِ هڪ دنبو منهنجي طرفان هميشه هنن لاءِ هوندو هو. هاٿي جيتوڻيڪ مان استاد هوس پر هنن سان ساڳيو رستو رکندو آيس. متان سمجهن ته هي پڙهي پيو آهي ته اهو ساڳيو نه رهيو آهي.

پوءِ هڪ ڏينهن وجهه وٺي شمع کي چيم ته پاڻ چو نه شادي ڪريون، جنهن سان اسان جي محبت به سلامت رهندي ۽ اسين ٻئي هميشه هڪ ٻئي جا ٿي رهنداسين. هونئن ڪيترا ڏينهن آءُ هتي هوندس. منهنجي ٽريننگ پوري ٿيندي ته واپس ڳوٺ هليو ويندس.

هن چيو: "مان به اهو چاهيان ٿي، پر اهو سڀ ڪجهه تنهنجي يا منهنجي هٿ وس نه آهي. جيستائين تنهنجا منهنجا مائٽ راضي نه ٿيندا تيستائين ته اهي ڳالهيون هلي نه سگهنديون. تنهنجا مائٽ برابر راضي آهن. هو چاهين ٿا ته پنهنجي شادي ٿئي. پر جيستائين منهنجا مائٽ راضي نه ٿيندا تيستائين ته پنهنجي شادي ٿي ڪانه سگهندي. تنهن ڪري تنهنجن مائٽن کي چئو ته هو اچي منهنجن مائٽن سان ملن ۽ شادي جي ڳالهه ٻولهه ڪن. ٻي صورت ۾ ٻيا عزيز به لڳا پيا آهن. امان جو خيال آهي ته پلي شادي توسان ٿئي باقي ڀائر ته صفا پڙ ڪيو بيٺا آهن. بابا جو چوڻ آهي ته مائٽي پلي اتي ڪريو پر شرط اوهان جا جيڪي هجن سي پلي ڪانئس قبول ڪرايو. ڀائرن جي ته بلڪل مرضي ڪانه آهي."

پوءِ گهايل ۽ پيرل شاهه کي چيم ته يار هلي مون سان ڪا واهر ڪريو.

پوءِ هڪ ڏينهن اسين ٽيئي گڏجي هنن جي گهر پهتاسين. هن جي ٻيءَ ۽ ڀائرن سان ملياسين. ساڻن حال احوال ڪياسين، خبرون ڏنيوسين، ۽ عرض ڪيوسين. هو چڱي طرح مليا. چيائون "ته اسان سوچي جواب ڏينداسين. اوهان تڪليف نه ڪريو پلي خير محمد اسان کان حال احوال وٺي. هو اڪثر ڪري ايندو رهندو آهي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ آئون وٽن پهتس. شمع سان حال احوال ڪيم، شمع جو منهن لٿل هو چيائين ته ڀائر ته پڙ ڪيو بيٺا آهن. پر بابا جو چوڻ آهي ته اوهان جو جيڪو شرط هجي ته پلي لکايو. پر چڱو نوجوان آهي اسان تي هن ۽ هنن جي مائٽن جا ٿورا آهن پر گهٻراءِ نه مان وٽي آهيان جيڪي به شرط لکائين ته پلي لکائين. تون ها ڪجان پوءِ ڪٽن پاڳ.

ٻئي ڏينهن آءُ وٽس پهتس. هڪ پنو شمع کي ڏنو. سندس منهن لٿل هو. چيائين ته هي شرط اهڙا آهن جو هٿڻ ته نه کپن، پر اهي ٿيا نه ڏيڻ جا پاڻ پر تون دل نه لاهه. مان اج به تنهنجي آهيان سڀاڻي به تنهنجي.

پوءِ پنو کڻي مان پيرل شاهه ۽ گهايل وٽ پهتس پنو کوليم لکيل هو.

١. حق مهر پنجاهه هزار رپيا

۲. ٻي شادي نہ ڪندو ٻي شادي، جي صورت ۾ زال مائٽن ۾ رهندي ۽ ان جي خرچ پکي لاءِ هڪ هزار رپيا مهينو ڏيندو.
۳. جيڪا زمين سندس ڪاتي آهي ان جو اڌ زال جي ڪاتي ڪندو.
۴. سموري زمين ڇوڪريءَ جا پائر آباد ڪندا.
۵. جيئن تہ ڇوڪريءَ جا پائر اتي زمين آباد ڪندا، انهن لاءِ الڳ الڳ گهر ٺهرائي ڏيندو.
٦. ڇوڪريءَ جي پائرن پاٽين لاءِ هڪ اردو اسڪول کولائي ڏيندو يا سنڌي اسڪول ۾ اردو ڪلاس کولائي، اردو ماستر رکرائي ڏيندو.
۷. جيڪڏهن ڇوڪري ناراض ٿي مائٽن ۾ ايندي تہ ان لاءِ هر مهيني پنج سؤ رپيا خرچ ڏيندو رهندو.
۸. سيني پاٽين جا ڊوميسائيل ٺهرائي ڏيندو.
۹. شهر ۾ رهڻ جي صورت ۾ زال جي نالي بنگلو وٺندو.

پنو ڪٽي پيرل شاهہ جي حوالي ڪيم، ڏسي چيائين تہ "پڇي جند ڇڏاءِ"

مون چيو: "شمع منهنجي زندگي آهي، منهنجي جان آهي. مان هر شرط سان ٻڌل رهندس. شمع نہ ڇڏيندس."

پيرل شاهہ چيو: "ٻار نہ ٿي. اهو جوش ڪم نہ ايندو هوش کان ڪم وٺ پنهنجن مائٽن کان صلاح وٺ متان سياڻي چون تہ ڪير بہ سمجهائڻ وارو ڪونہ هوس ۽ اسان کي ميار ڏين."

اجا انهن ني سوچ ويچار ۾ هناسين ٽريننگ جو مدو پورو ٿيو اسان کي      بي دخل ڪري واپس ڳوٺ موڪليو ويو تہ پنهنجن اسڪولن ۾ وڃي دخلڪار ٿيون، ائين شمع کان موڪلائڻ لاءِ ويس، ڪيس چيم تہ مان ڪوشش ڪندس مائٽن کي مڃائڻ جي ۽ انهن کي وٺي ايندس پر جيستائين اهي ڳالهيون ٿين تيستائين جي ذميواري توتي.

شمع چيو تہ مان ڪوشش ڪنديس پر مون کان پڇندا ني ڪونہ. پوءِ منهنجو ڏوهہ ناهي پر توکان سواءِ منهنجي زندگي اڌوري آهي. پوءِ شمع ۽ سندس والده کي پارت ڪري ٽن مهينن جو مدو وٺي موڪلاڻي ڳوٺ پهتس.

اجا مهينو ني ڪونہ گذريو تہ هن جي شادي انهيءَ سان ٿي جنهن کي هنن زمين مقاطع تي ڏني هئي ۽ شمع ڪنوار بنجي ساڳي زمين واري گهر ۾ پهتي جتي اسان جي محبت جي شروعات ٿي.

هفتي کن کان پوءِ اسان جي دعوت تي اسان جي گهر آئي، امان جي پيرن تي ڪري پيئي چيائين ماسي مان بيقصور آهيان. مون گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪنهن بہ منهنجي ڳالهہ نہ مڃي ۽ تڙ تڪڙ ۾ منهنجي شادي هُن سان ڪرائي ڇڏي اٿن. تون مهرباني ڪري هِن کي چئو تہ ڪوبہ اهڙو قدم نہ کڻي، ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ڪري جنهن ڪري هُن کي ڪو شڪ جاڳي ۽ منهنجي زندگي زهر ٿئي. آئون هينئر ٻئي جي امانت آهيان. وڏيڪ اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا. ائين چئي روئي ڏنائين مان پر

واري ڪمري ۾ وينو هوس سڀ ڪجھ ٻڌم ۽ خاموش ٿي ويس، هميشه لاءِ.

پو مون سوچيو ته منهنجي محبت هني مون هميشه هن جي عزت ڪئي، هاٺي به مون کي جڳائي ته مان هن جي عزت ڪريان ۽ سندس مڙس ۽ مائٽن ۾ سندس شان رهي ان ڪري مون ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍي.

هاٺي به هوءَ اسان جي گهر ايندي آهي ڪيس به ٻارڙا آهن پيارا پيارا، متولا متولا. هاٺي مون پنهنجي محبت، پنهنجي چاهت جو رخ بدلي پنهنجي قوم جي ٻچن، پنهنجي ديس ۽ پنهنجي ٻولي ڏانهن ڪئي. ننڍڙن مٺڙن سهڻن ٻارڙن کي سبق ڏيندي مون کي خوشي محسوس ٿيندي آهي.

هاٺي هوءَ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي گهر ايندي آهي، پر هاٺي نه هوءَ هوءَ آهي ۽ نه مان مان آهيان.

فرانز ڪافڪا جي پنهنجي ملڪ ۾ مڃتا

Kafka recqnised at Home

چيڪو سلاويڪيا جي هڪ رسالي اميد جي خلاف ليکڪ فرانز ڪافڪا (Franz Kafka) تي هڪ ڊگهو مضمون ڇپيو آهي. ڪافڪا جنهن جي لکڻين کي اولهه ۾ ڏاڍو واکاڻيو وڃي ٿو. پر سندس پنهنجي ديس چيڪو سلاويڪيا ۾ انهن جي ڏاڍي گهٽتاڻي ڪئي وئي آهي، ۽ کيس هڪ اڻوڻندڙ شخص جي حيثيت ۾ ياد ڪيو ويندو آهي (جو ڪافڪا جو هڪ ماڊرن ليکڪ جي حيثيت سان سندس ڪميونسٽ ملڪ ۾ قدر نه ڪيو ويو: مرتب) ڪافڪا جي آخري ناول 'The Castle' (ڪوٺ) تي هفتيوار 'Tvorba' ۾ ڇپيل ڏيڍ صفحي واري هن مضمون جي ڇپجڻ سان هتي گهڻي وقت کان نظر انداز ڪيل ٻولي، توڙي ٻاهرين ساهت کي وري ورسائڻ جي ڪوشش سان هڪ نئون باب کلي ويو آهي. ڪوتا هائرسلووا (Kveta Hyrslova) جو چوڻ آهي ته (Nore Knihy) نالي ساهتي رسالي ۾ ڇپيڪ ٻولي، توڙي دنيا جي ٻين ٻولين جي اهڙي ساهت تي لاڳيتو ڪالم ڇپجڻ گهرجن، جنهن کي ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي. جنهن سان هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي ۽ ان ڪري اڀورو ۽ غلط تصور پيدا ٿيو آهي. هائر سلووا جي لکيل مضمون 'Newly discovered books' (تازا ڳولي لڌل ڪتاب) سان گڏ ١٩٢٣ع ۾ ويانا (آسٽريا) جي سينٽوريم ۾ ٿي بيءُ وگهي مري ويل ڪافڪا جي موت تي لکيل هڪ نظم به ڇاپيو ويو آهي ۽ ان سان گڏ چيڪو سلاويڪيا جي گادي هنڌ پراگ ۾ ڄمڻ وندڙ هن ليکڪ بابت هڪ تصوير جو ليٿوگراف (Lithograph) پڻ ڇاپيو ويو آهي.

(عام جائزو ١ تان ورتل)

اڪبر سومرو

# تڌي چُلهه

ٻَوهه جوانيءَ جا ڏينهن هئس، جڏهن هوءَ پرڻيءَ پِر قلعي قافلي تي رهندي هئي. ويڪرو ماسيرو چهرو اکيون نيور ڪاريون، چپندڙ، ڳلن مان ڇڻ رت تي ڦونون تي نڪتس. وات ننڍڙو چپ گلابي پر ٿورا اڇيرڙا، نڪ ڪُنڊو جنهن ۾ وڏو فيروزو ڏکهي ڳچي، چيلهه ڪان چوٽيءَ ڪارا وار هٿين پيرين پن آر ڪٿين ڇڻ ڪنهن مرمر جو بت گهڙي ٺاهي ڪٽي رکيو هو.

سونهن تہ گهٽني هئس پر لحاظ تڪي جو بہ نہ هئس، رُکي بہ ڏاڍي هئي. مڙسهنس سان تہ لپ نہ لهندي هئي. لهي بہ ڇو! ماستر ماڻهو ايمانداري، اَچا ڪپڙا ۽ عزت سلامت. پڳهار جا ٻہ ڏوڪڙ ملندا هئس، سي ئي آٽي اڳيان رکندو هئس. پر رن هُئي جنهن جي اک ئي ڪانہ ٻُڏندي هئي انهن چئن پنجن ڳاڙهن نوٽن تي اونهہ: ڪري موڙو ڏيئي ڏيٽس ڪي سڏيندي هئي."

"اڻي پوران....! او پوران... ، چوري هي ڪٽي وڃي سُونڳي ۾ رک." ڇڻ باور ڪرائيندي هئس تہ: "اهي جيڪي نوٽ آندا اٿئي نہ، سي منهنجي ڏينهن ٻن جي ڪمائيءَ جيترا مَس آهن ميان! هليو آهي مڙس گهر سنڀالڻ." ليڪيندي ئي ڪانہ هئس تاک ۽ مڙس جو اندر ويتر تر لڳل ديڳڙي جهڙو تي ويندو هو.

خارن مان سُور ٻي وڃي اندر ڪوٺيءَ ۾ گرامر جي ڪتابن کي لڳندو هو. ڪتاب بہ جام گڏ ڪيا هئائين. گرامر ۽ مضمون نويسيءَ ڪان وٺي قليچ بيگ، فتح محمد سيوهاڻي، محمد صديق "مسافر"، لوڪ ادب توڙي تواريخ جا.

غيرن سان وري اهڙا وڙ ڪندي هُئي جو نشوئي ڪين لهندو هئن. ڪي ڪيترا ڏينهن ياد ڪيو پيا چشڪا وٺندا هئا. ۽ وريو پيا راڄن کي ڏس ڏيندا هئا.

مڙسهنس سان پونديءَ ئي ڪانہ هئس. پهرين ڏينهن کان ئي انڪار ڪيو هئائين ماستر سان پرڻجڻ جو، ماستر جي عمر لڙيل هئي ۽ هن جي عمر وري ڪچي شاديءَ ڪان پوءِ بہ ڪڏهن هنن پاڻ ۾ نهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، بلڪ نوابزاديءَ تہ ڪڏهن هن کي پنهنجو مڙس دلئون تسليم ئي نہ ڪيو هو.

اڌ ڪچي، اڌ پڪي گهر ۾ هڪڙو وڏو ڪمرو هو، جنهن ۾ ڪارو ڪاٺ جو وڏن پاون وارو گلڪاريءَ ۽ مٿن ڪان چينيءَ جون سرون ۽ آرسيون پيل پلنگ هو، جِنهن جون چوڙيون گهٽي استعمال ٿيڻ ڪري ڪِي قدر ڍريون تي ويون هيون. چار ڪاٺ جون ڪاريون نيٽ سان واٽيل ڪرسيون ڳول پاون سان، هڪڙي ٽپائي، هڪڙو پينگهو ۽ ساڳي ڪاري پراڻي طرز جي ڊريسنگ ٽيبل جنهن ۾ ماڻهوءَ جي اڌ تائين رڳو خانا ۽ مٿان آرسي جنهن تي نوابزاديءَ جو قبضو هو. سال ٿي ويا هئا جو ماستر ان ڪمري ۾ سمهڻ جي ٻچڙني ڇڏي ڏني. پاسي ۾ هڪ ڪوٺي جنهن ۾ ڪاٺ جو هڪڙو صندل

"او هِن پيري بشڪ ڪرينم..." هوءَ هٿ ٻڌي معافيون وٺڻ لڳي، پر هن جي غيرت هني سا اڄ پڙڪو ڪائي جاڳي هئي. سَتي سَتي ساٿو ڪري ڇڏيائينس.

عضوو عضوو ڪُتي ڪارا ٻير ڪري وڏائينس ۽ ٽڪون اڇلائيندو سهڪندو گهر مان نڪري ويو.

●●●

ڪلاڪن جا ڪَلاڪ روئيندي ۽ پٽيندي رهي. "سچو رسول ڪندو اهي هٿ سُڪندئي، انهن ۾ ڪينئان پوندئي!"... "رب ڪندو.. جيءَ ۾ لوڙيندين." پنهنجي مائٽن کي به پٽيندي رهي. جن هن کي اهڙو مڙس ڏنو. پار ڪيڏي گوڙها ڳاڙيندي رهي. نيٺ جڏهن سج لهي ويو ته روئڻ بند ڪيائين ۽ هٿ منهن ڌوئي اندر پلنگ تي وڃي رلي اوڍي سُتي. هراسيل ٻُوران به هنڌن جي ڀڄنديءَ پويان نڪتي ۽ ٻاهر ڏڪندي ڏڪندي ڪنڊ وٺي اچي ويٺي. ڪافي دير کان پوءِ پلنگ وٽ اچي چيائين: "امان! ماني.... بک لڳي آهي." ته ماٽس ڊِبون هني دڙي رڪيس.

"پٽهين مار پني کي نٽي وڃي چوين ماني .. باهه لڳني خدا جي، آئي آهي ماني کائڻ، اچي هي وٺ پنج ..." گهروڙي پوندو ڏنائينس... ماني تي کائي. هاڻ پٽهين اچي پچائيندو ماني." هن سخت خارن مان ڳالهايو ۽ وري اچي روئڻ ۾ پئي ته پهرن جا پهر تي ويس. تيستائين جو مڙس گهر ۾ آيو ۽ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي گهڙيو.

ڪجهه دير کان پوءِ ٻاڙيواري لنگهي آئي، ياري هنس ان سان به ڳِهري، ٻني مليون ته هِن جي همت وڌي ويئي.

"اني منو ڪَدُس! مائي ماري ماري به اهڙو ڪونه ماربو آهي" ٻاڙيواري لالٽين جي روشنيءَ ۾ هن جي ٻت جا ٻَنا ڏسندي، چپن تي آڱريون ڏيندي سُس پُس ۾ ڳالهائيندي رهي." "مائي اسان جا به مڙسالا آهن ڪِي نه!" "... ڪوري ڏهي ڇڏي... هن ڏهي به ڪونه ڇڏي". ۽ نوابزادي هئي سا هن کي پاڪر پايون روئندي، گوڙها ڳاڙيندي رهي. "او منهنجي پيڻ... سَنڌ سَنڌ ڪري ڪٽيو اٿئين... منهنجو..." وري پنهنجيءَ مئل ماءُ کي ياد ڪري پار ڪيندي رهي: "او منهنجي جيجڙي امان.... تون ڪٿي آهين.... هيءَ حال اچي ڏس... او منهنجي واهر اچي ڪر.... او منهنجي امڙي.... او مون کي ڪهڙا در ڏيکاريئي؟... الا... ڙي..."

"اَني ٻَڙي توبهن..." ٻاڙي واري سندس گوري ڳاڙهي ٻت تان ڪپڙا هٽائي هٽائي هيڊ جا ٻَها رکيا ۽ سيڪ ڪيو.

ماستر هو سو ڪوٺيءَ ۾ ڪرسيءَ تي ٻالم ٿيو، چشمو پايو، بتيءَ جي سوجهري تي ڪتاب پڙهي رهيو هو. گهر ۾ دانگي تي ڪانه چڙهي. ٻوران لاءِ ٻاڙيواريءَ پٽ گرهه ۽ پٽاٽا موڪليا سا کائي وڃي منجيءَ تي ڊٻي ۽ انين صبح تي ويو.

●●●

ان ڏينهن کانپوءِ زال جو جڻ پوَ ٽُٽي پيو ۽ ٻاڻ - زوري تي پيئي، هوندڻ مڙس جو ٿورو گهڻو لحاظ هوندو هنس. پر ان ڏينهن بعد اهو به نه رهيو ۽ کُلي کيلڻ لڳي. اڳ يارن کان مليل پنسا لڪائي

ته هو نه ڇُري نه پُري.

"امان، بابا کي الاجي ڇا ٿيو آهي." هن ماڻس کي چيو هو. ماڻس اچي ڏٺو ته لڳس ماستر نه مئو هو. جنڊ جو پُڙ ڳچيءَ مان نڪتو هئس. سک جو ساهه کنيائين، آجپو محسوس ڪيائين پر لوڪ ـ لڄا ڪان هن اتي دِلن جو پاٽي هاريو. چوڙيون سون ۽ نڪ جي ڦلي لاهي پيتي ۾ اڇلايائين. دِلن جو پاٽي هاري، ڪتون اونڌيون ڪيائين ۽ پوءِ ٻُوهاڙون ڪري روئڻ لڳي.

"اي منهنجا دادلا!....، او منهنجا گهوٽ... او آءُ نياڳي توکي ڪٿي ڳوليان... او منهنجا شهزادا ..." او منهنجي سر جا سائين...، او منهنجا ملاقاتي... او منهنجا مهمان ...." پارن ڪڍڻ ۾ به ماهر هئي.

پوران به روئڻ لڳي: "او منهنجا جيجڙا ابا!"

پاڙيواريون برقعا پائينديون هڪ هڪ ٿي ايندیون ويون ۽ ڪيس دلاسا ڏينديون ويون ـ ڪي ته هن سان پاڪر پائي پاڻ به پارَ ڪڍڻ لڳيون.

ماستر جو هڏائون مَڙهه ڪوٺيءَ ۾ پيو هو، جنهن جي مٿان اجرڪ وجهي ڍڪي ڇڏيو هئائون. شام لهي رهي هئي، جنهن ڪوٺيءَ کي وڏيڪ پوائتو بڻائي ڇڏيو هو.

ڪيڏي ڪيڏيءَ مهل ڪيس مڙس جي مري وَڃڻ جو ٿورو احساس ٿيو ته ڇڻ هن تان ڪو ڇپر لهي پيو هو. اوڏيءَ مهل ته زال وڏو ناٽڪ ڪيو هو، جيڏي مهل لاش کي ڏوليءَ وجهي ڪيائون ٿي. هوءَ نه رڳو منهن، مٿو پٽي رهي هئي ........ پاٽيءَ جا وٽا پري مٿان هاريس ته پوءِ مَس اُٿي.

هر مرڻ واري پويان روئڻ وارن جا مفاد هوندا آهن پر نوابزاديءَ جي روئڻ جو ڪارڻ هڪڙو ته ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ هو ته هوءَ هڪڙي پاڪدامن ۽ مڙس تي ساهه ڏيندڙ عورت هئي ۽ ٻيو جيڪو نقصان پُهتو هئس سو هئو. "سندس مٿان پردي ۽ پناهه جو جيڪو احساس هو سو لهي ويو هو ۽ هوءَ دنيا جي پوائتي ڪُن ۾ اڪيلي ٿي پيئي هئي."

●●●

عدت جو وقت پُورو ڪري اتي ته ساڳي ماني ساڳ سان، آئي وئي کي اندر ويهاري ڪچهرين جون ٻهارڙيون پيئي ڪندي هُئي. پينگهي جي لوڏ لوڏان هوندي هئي. هاڻ ٻن جي بيڙين بجاءِ سگريٽ ۽ سوپاريءَ بجاءِ پان کائڻ لڳي. ٺهڪن جا ٺڙڪا هوندا هئا، هوٽلن تان مانيون ڪباب ۽ شراب اچڻ لڳا ٽيپ ۾ ڪنسيٽ مٿان ڪنسيٽ هلڻ لڳي. ڪئين مُڙس آيا ۽ تپي تيل ٿي هليا ويا. پر هيڏانهن ڪو به فرق ڪين پيو. باقي ايترو فرق ضرور پيو هو ته هاڻ اِهو وقت گذري ويو، جڏهن پگهر ڪٽوري هو." آهستي، آهستي هاڻ مُنهن ۾ گُهنج پوڻ لڳس، ٻانُهن تان گوشت رڙڻ ۽ ڍلو پوڻ لڳس ۽ آيل ويل جون اکيون هاڻ ڪجهه ٻيو ڳولڻ لڳيون هُيون. ساڳئي گهر ۾ پُوران به وڏي اچي وڻ ٿي هئي سو هاڻ جيڪو ٿي آيو تنهنجي ڀرئين اک وئي ٿي پوران ڏانهن! ۽ پوءِ وري ان عظيم عمارت ڏانهن ٿي نهاريائون جيڪا کنڊر ۾ بدلجي رهي هئي.

پوران جي ڀاڻي به هُن گهٽا ڦُريا. پنسا ولي پوءِ چوندي هئن: "پوران ننڍي آهي! ائين ڪونه ٿيندو...

آءِ جو آهيان!" پر ڏسڻ وارا به قيامت جي اک رکندا هئا. ڪٿي ڊرڪيل، لوبل، لُبيل عضوا، ڪٿي گلاب جي خوشبوءِ وسيل سندر بدن ۽ چهرو." نيٺ هن ڊيٽس کي پنهنجي رستي جو روڙو سمجهي جلدئي هڪڙو مڙس ڏيئي ڪڍيائينس گهر مان.

پر به هاڻ اهو وقت ڪٿي رهيو هئو جيڪو هن سمجهيو ٿي ته سندس قدر وارا گهٽائي آهن پر هن ٿن گوڏن ٽڪتل ۽ قرضي وڏيرن کان سواءِ آهستي آهستي ڪري سڀ جند ڇڏائي ويا. وقت، وقت جي ڳالهه هوندي آهي، "ڪڏهن جا ڏينهن وڏا ۽ ڪڏهن جون راتيون وڏيون" وانگيان سڀ گراهڪ سندس مُٺ مان جڻ واريءَ جيان وَهي ويَا. عضون اُلڙيل وڏيرا به هاڻ ڪٽڪ جي ٻوري، گيهه جي چئونري، ماڪيءَ جي شيشي تي ڪم ٽپائڻ لڳا.

هوءَ به سياڻي هُئي. ڄاڻائين ٿي ته "دنيا دورنگي آهي" سو بيماريءَ جو بهانو ڪري خدمت لاءِ گهرايائين ته ڊيٽس کي ۽ ٻوءِ مهينو، ٻه، ٽي، يڪا ڇهه مهينا ويهاري ڇڏيائينس نانيءَ ويچاري به ڪئين چڪر ڪيا پر مانيون ڪارائي موڪلي ڇڏيندي هئس. ته، پاڻهي جڏهن چاڪ ٿيندس ته موڪلي ڏيندي مانءِ. ڊيٽس کي وري ڪاڇوٽا ڪارائي ڪارائي، چوري، چوري ڪڏهن موڪلي ته ڪڏهن گهرائي به ٽي سال قصو هلايائين. نيٺ طلاق وٺرائي ڏيءَ کي آڇو ڪري ويهاري ڇڏيائين. "منهنجي ڌيءَ ويٺي هجي، پيئي هتي پرندي، ڏيوس به رڳو به گراهه مانيءَ جا ٽا، ٻيو ڇا ٿو مليس. ائي! منهنجي راڻي ڌيءَ جا حال ته ڪهڙا ڪيا اٿوَ!... چو، توهان سمجهيو ڇاهي جو منهنجي سدا ملوڪ ڌيءَ کي ڪٿي قيد ڪيو اٿوَ!

●●●

ڪجهه وقت ته ڊيٽس کي اهڙي اهميت ڏنائين جو هوٽلن تان نان، ڪواب، فِرايون، بوتلون، ڪيس ماوا ۽ مٺايون ڪارائي ڇڙهه ڪيائين پر ٻئي مهيني ئي ورائي نئون رڪب ڪڍيائين ته: "پئسا ڪٿي ويا، هاڻ ڇا ٿيندو؟" .... به ٽي ڏينهن ته مرڳو فاقن تي رکيائينس. نيٺ من جي مراد کولي ظاهر ڪيائينس ته هاڻ ڪمائيندين ته گذر هلندو نه ته مانيءَ ڀيڙا به ڪين ٿينداسون. به ٽي گراهڪ به ڳاٺي ڏنائينس. نه نه، ڪندي ڊيٽس کي آندائين لاٽن تي ۽ ٻوءِ ويهي نوٽ وٺڻ لڳي. ان وچ ۾ پاڻ به گهٽائي گهمرا ڏنائين پر مٿس ڪنهن جي اک ئي نٿي ٻُڌي. "وساميل مَچ تي ڪهڙو هٿ سيڪيندو؟" نه دشمن ڀنو، نه سڄڻ آسرو." مٿان وري اچي ٿيس ڳجهي بيماري تنهن به جَل ڏيئي ڇڏيس ۽ ٻوڙهي ٻڪي، الڙيل، سُلڙيل به ٻڌو ٿي ته ون؛ ٿي ويس!

هفتي جو هفتي ڊاڪٽر پنجاهه رُپيا ڊز ڏيندو هئس ۽ دوائون ڳوريون سَو ڏيڊ جون ان ڪانسواءِ.

ڊيٽس به پهرين ته سندس علاج ڪرايو، پر ٻوءِ ڏيئي وٺي ڪڪ تي پيئي. "تنهنجا ٻُوٽر پري پري منهنجي ته ڇڙهه نڪري ويئي آهي!" هڪڙي ڏينهن ڊيٽس ڳالهايو.

"ائي امان! واتان نه وڃانءِ، نِڪي واتان وڃاءِ، مون کي ڪٿي جواب ڏي ته پاڻهي وڃي سرڪاري اسپتال مان علاج ڪرائيندس... مون کي پئسن جا به مهٽا نه ڏي سوين هزارين هنن هٿن مان آيا ۽ ويا!" هن غمزده لهجي ۾ چيو.

سندس اندر سَٽ ڏني. هاڻ نہ سونهن، نہ سوڀيا. جسم جو رنگ بہ بيمارين ۽ ڏکن ۾ ڪاراٽجي ويو هئس. جسم تان گوشت رڙيَ وڃي کل بچي هئس. وار وکربل... اڇا. جن جون پاڙون رڳو ڪاريون. چيلهہ جهڪي ڇپي تي ويل. نظر بنهہ ختم... هن کي اندر ۾ اولاٽا اچي پيا.

"هيڻ پيل پَٽ جي ٽالهيءَ ۾ اچي پلا پيا. تن وِناري ڇڏي.

"اني..." هن پنهنجي بيوسي ڏسي سُڏڪو ڀريو... "اني منهنجا اباڻا!... او...، مون کي ڏيني ڏکن جو ڏاج ويا... هوءَ هاڻ ٻارَ ڪيڻ لڳي.... اني آءٌ اهڙي تہ ڪانہ هيُس"

ڏيٿس يارَ کي اندران ڇڏي نڪتي ٻاهر اندرئين ڪمري مان اچي مٿان بيهي ٻنهي هٿن سان جهوڪو ڏنائينس. "ماٺ نٿي ڪرين، ٻاهہ لڳني، ڇو اچي تپايو اٿني اسان کي. نہ رات نہ ڏينهن ٽي ڏسين."

هوءَ جهوڪي سان ڪٽ تي سڄي مُڙي ويئي... پوڙها هڏ.

پر ٻارَ ڪيڻ بند نہ ڪيائين "…. او هاڻ مارينم پيا. او منهنجا الله هاڻ تہ جلدي گهرائينم تہ هنن آدابن (عذابن) کان تہ ڇُٽان... او هاڻ بيعزتيون پيا ڪنم. او منهنجا جيجڙا ابا!، او... منهنجي امڙ! او... اوهان ڇو ڇٽيم... اهڙن سورن لاءِ ...!!"

"آءٌ چوانءِ ٿي ماٺ ڪر اسان جو سک نہ ڦٽاءِ، نہ تہ سياڻ کان هن گهر مان هلندي ٿيءُ." ڏيٿس دڙڪو ڏنس.

"گهر جو مون کي مهڻو نہ ڏي! گهر منهنجي نالي تي آهي. مڙسهين جو گهر ڪونهي جو مون کي ڪڍين. مُنس، مَنجو ڇڏيم تہ آيو توکي، باقي هينئر ڇو ڪيندينم گهر مان؟" هوءَ وري شروع ٿي ويئي:

"او منهنجا ابا!" نيٺ ڏيٿس ڪيڍيس هٿ، ۽ ڪمري جو در بند ڪري اچي يارڙي سان گڏ ويئي:

پويان هن روئي روئي رلي پُسائي ۽ نيٺ سمهي رهي. سندس پٽ جي ٽالهي ٻلن خالي ڪري ڇڏي.

هاڻ مهينو مهينو ٽي ويندي هئس، پر ڏيءَ وهنجاري ڪپڙا نہ پائيندي هئس. ماني اڳيان رکندي هئس تہ ان تي بہ مکيون پيون جهينگهاريندون هيون. ڪپڙن تي ڇانور مانيءَ جا پور ۽ پوڙ جا ڇنڊا لڳي ويندا هئس ان تي بہ مکيون اچي ويهنديون هيون ۽ ان ئي حالت ۾ جڏهن سمهي رهندي هئي تہ وات تي ۽ اکين ۾ بہ مکيون جهينگاريندون هئس. ڇڻ تہ پيري وڃي رهي هئي، گند جو ڍير جيڪو ساهہ پيو کڻندو هئو. نظر تہ هئس ئي ڪانہ جو خبر پويس. هٿ کڻندي هئي تہ مکوراڙ اڏمندي هئي. وري رکندي هئي تہ مکوراڙ اچي ويهندي هئي.

ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل هُوءَ ڇنل کٽ جي جهول ۾ اٿي ويهندي هئي ۽ ويهي سندس ڏيءَ ۽ زماني جي ناسازگاريءَ کي ڏوراٻا ڏيندي هئي ۽ ويئي پڻ پڻ ڪندي هئي وڦلندي هئي.

"مٿو ئي ڇني ڇڏيو اٿس. مار ڪا پئيس ڪدا (خدا) جي... بس ئي نٿي ڪري." ڏيٿس چوندي هئس.

"پلا هاڻ ماٺ بہ ڪنديئن يا؟ دڙڪو ڏيندي هئس..."

"ڇو، ڪريان ماٺ ساهہ اٿم سريءَ ۾ تہ ڳالهائيندس." چوندي هئي ۽ ان بعد روئڻ ۾ اچي پوندي

هئي. "او اڳي ائين هياس...."

"او اڳي ائين هياس، جو پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا."

هاڻي ائين ٿياس، جو جت نه نينمر پاڻ سين... الا!

هن جي نابين اکين مان ڳوڙها وهي، وهي ميرن ڪپڙن ۾ گم ٿي ويندا هئا.

"جت، نه نينمر پاڻ سين... هون، منهنجي ٻيءَ کي ماريائين: منهنجو پريو پُڪلو گهر ڦٽايائين ۽ هاڻي وري ڏوراپا ٿي ڏي،" ڏيٽس پٽڪيو.

دروازي تي نڪ نڪ ٿي پوران ٻوڙي وجي در کوليو. ڪو گهر ۾ گهڙيو. هاڻ گهر گهڙڻ وارن کي ياد به نه هوندو هو ته ڪڏهن هن گهر جا جوڙن هوندا هئا.

پوران جي ماءُ به ڪا شيءِ هئي.

هوءِ ٻاهر ٻڌر ۾ چنل کٽ ۾ پيري، روئي رهي هئي ۽ پوران اندر ڪمري ۾ ڪنهن سان ٺهڪ ڏيئي رهي هئي.

●●●



# جلا وطن

## شاعر جي دل

مان جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيس ته جلا وطن شاعر جيڪو پنهنجي ديس ۾، مينهن ۾ ڏوپجي ويل وٽن جي پنن جهڙا صاف نظر لڳندو هو، جن ڪي ساڙيو ويو. پنهنجي هَٿَ ـ تَري، جي لڪيرن کي غور سان ڏسي رهيو هو.

مون کي ڏسندي ئي پڇيائين: "تنهنجي دل ڪٿي آهي؟"

مون وراڻيو: "منهنجي دل، درياءَ ۾ بيٺل بيڙي، ۾ سُتل مُهاڻي ڇوڪري، جي، ننڊ ۾ داخل ٿي هڪ سپنو بڻجي وئي آهي".

"۽ جلا وطن شاعر جي دل؟" مون ڪانئس پڇيو.

هن وراڻيو: "جلا وطن شاعر جي دل سندس ديس ۾ ئي وڃائجي ويندي آهي ۽ ان ڪي هو ٻاڻ به ڳولي نه سگهندو آهي.

●

## هڪڙي ڇوڪري

"اڇا! ته اُها جاءِ ڇڏي آيئو. سڀ سامان ڪٿي آيئو نه؟"

هُن چانهه ۾ ڪنڊ، چمچي سان ملائيندي هن کان پڇيو.

هن ريسٽورينٽ جي شيشي ڪان ٻاهر نهاريو. سڙڪ تان هڪ ڪار لنگهي رهي هئي ۽ پوءِ ڪيس جواب ڏنائين: "هائو سهڻا! سڀ سامان ڪٿي آياسون، سواءِ ڪجهه يادن جي، جيڪي ڀتين جي وٿين ۾ ئي رهجي ويون".

هن چانهه پيئندي پڇيس: "پاڙو ڪيئن هو؟"

هن ٿڌو ساهه ڀريندي وراڻيو: "تمام سٺو هو. اُهو پاڙو ڇڏيندي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. پاڙو به ته ملڪ ڇڏڻ برابر آهي".

"ها ائين ته آهي".

هن ڳالهه کي اڳتي ڪندي چيو: "يارا اُتي پاڙي ۾ ئي پرسان هڪ گهر هو. اُن ۾ هڪ ليڪچرار رهندو هو. تمام سٺو ماڻهو هو. هن جي هڪ ڌي، ...." هن چپ ڪئي. جڻ نڙي، ۾ مڇي، جو ڪنڊو اٽڪيو هجيس.

"ها پوءِ؟"
"اُها ڏاڍي سهڻي هئي. بس ڇا ڳالهه ٻڌايانءِ؟ حُسن جون سڀئي صفتون ڇوڪريءَ ۾ هيون".
"واهه واهه! تو ضرور چارُ اڇلايو هوندو؟"
هن چانهه جو ڪوپ خالي ڪيو. چهري تي اداسي ڦهلجي ويس. ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي دُکايائين ۽ شيشي ڪان ٻاهر نهاريندي ڪيس چوڻ لڳو: "جاني! هُن ڇوڪريءَ جي نيڻن جا ڏِيئا وساميل هئا. هُوءَ انڌي هئي".

●



ثمينه ميمڻ

# آتـــت

هوءِ مڙس جي پر ۾ سُتي پئي هئي. پر ننڊ سندس اکين کان ڪوهين ڏور هئي. اڄ هُن کي کهڙن احساسن اچي ورايو هو. جو لڳس ٿي ته سندس پر ۾ سُتل مڙس نه پر ٻيءِ هجي.

اهو احساس اڄ چو ٿي رهيو هوس. پهرين چو ڪونه خيال آيو هئس سوچڻ لڳي مون ته پنهنجي پُٽ جي لاءِ ۽ پنهنجي تحفظ لاءِ هڪ مرد جو سهارو ڳوليو هو. پوءِ ان مهل اهو ته ڪونه سوچيو هئم ته هو عمر ۾ ڪيترو وڏو آهي.

ڪيس ٻاڙي پتيءِ وارن ڪيترن سمجهايو هو ته "شادي نه ڪر تون پاڻ هٿين سڄي آهين پنهنجي پُٽ کي ڪارائي ٿي سگهين" پٽ اِجهو ٿو جوان ٿي سڀ ڏک دور ڪري. پر پاڻ ته جهڙوڪر ضد تي اچي بيٺي هئي. جنهن ٿي پڇيس ته اهو ٿي جواب ڏنئين ته "پهرين شادي مائٽن کهڙي منهنجي مرضيءِ سان ڪرائي هئي. هِڪ پوڙهي ٻيءِ جيڏي سان ته ڪرائي هنائون تڏهن ته ڪير به ڪونه ڪڇيو هو. باقي هاڻي جڏهن آئون پنهنجي مرضيءِ سان ٿي ڪيان ته توهان آيون آهيو مون کي سمجهائڻ، ڪيڏو نه تيز ڳالهائي وئي هئي.

ٻاڙي وارين ماين کي به لڳي چڙ سو اهي به اٿي کڙيون ٿيون، "مائي توکي جيڪڏهن اهڙو شوق آهي شادي ڪرڻ جو ته پوءِ ڪنهن جوان سان ته شادي ڪر هيءِ پوڙهو توکي کهڙو سهارو ڏيندو پهرئين ئي هو ڇهن ٻارن جو پيءُ آهي. تون به عورت آهين، ٻي عورت جي گهر ڦٽائڻ مان توکي ڇا ورندو سرندو! هڪڙيءِ تيل هاريو.

"بس مائي توکي اسان جو سمجهائڻ ته چڻ اڙي ئي ڪونه ٿو، توکي ته وقت ئي سمجهائيندو باقي اسان..." ٻي مائي تيلي ڏيکاري چڏي.

باهه لڳي وئي هئس اندر ۾ وس پڇيس ها ته چوٽ کان وٺي مائيءِ کي پنهنجي گهر مان ڪڍي ها، پر شڪر ٿيو جو مايون پاڻهي هليو ويون.

هن کي ته ننڍي ڀاءُ به هڪ دفعو ويهاري ٿڌي دماغ سان سمجهايو هو ته "ادي تنهنجي پهرين به زندگي خراب ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ اسان جي وڏي ڀاءُ پنهنجي خوشيءِ خاطر توکي ٻَدي تي ڏئي ڇڏيو. اهو به نه سوچيو هنائون ته اسان جي ڀيڻ ڪيتري ننڍي آهي پر پاڻ ته انڌ جي گهوڙي تي چڙي پنهنجون خوشيون خريد ڪيون هنائين. ادي يقين ڪر آئون جيڪر اتي ڳوٺ ۾ هجان ها ته شايد ائين ڪڏهن نه ڪرڻ ڏيان ها! پر هاڻ جڏهن تون هُن پوڙهي مُڙس سان گذارو نٿي ڪري سگهين ته توکي هُن کان آزاد به مان ئي ڪرائيندس.

پوءِ سندس ڀاءُ ڪورٽن جا چڪر ڪاٽي هن کي آزاد ڪرايو هو. ۽ پُٽ به سندس حوالي ٿيو هو.

جيڪڏهن هو دڪان تي نئو ويهي سگهي ته پوءِ جيڏانهن وٽيس اوڏانهن هليو وڃي.
"مون وٽ ايڏا ٽڪا ڪونهن جو هُن کي ويهي کارايا."
"منهنجا پُٽ به ته ڪمائين ٿا پوءِ هي وري آسمان تان لهي آيو آهي ڇا!"
"وڃي پنهنجي پيءُ ڏي ته ڏسان ته ڪيترا ڏينهن ٿو کارائيس".
ڪجهه به نه ڪڇي هئي. پاڻ ته ڪٿي جي به نه رهي هئي. پاڻ ته پُٽ لاءِ پيءُ جو پيار ڳوليو هئائين پر هي ڇاتي رهيو هو. اڄ ته ائين لڳو هئس جڻ هو به ڇني رهيو هجي ته توسان شادي ڪري مان پڇتائي رهيو آهيان صرف لفظن چوڻ جي ته ضرورت ڪانه هئي سمجهڻ لاءِ ته هو سڀڪجهه ڇني ويو هو.
دل ۾ سوچڻ لڳي، ننڍي هوندي ئي مظهر کي پنهنجي پيءُ وٽ ڇڏي اچي ها ته هي ڏينهن ته نه ڏسڻو پويس ها!
ياد ٿي آيس ته هڪ دفعي پاڙي ۾ ڪنهن شادي تي وئي هئي ته هن ٽن ماين هن جي گهڙندي ئي سُرپاٽ ڪرڻ شروع ڪيا.
"مائي سُکي وئي هئي پنهنجي پيءُ جي گهر ۾. پاڄائيءَ به گهٽ ڪونه پئي گهريس. هر ڳالهه جو سُک ڏنو هئائينس، جهڙو پاڻ ٿي پاڻين تهڙو هُن کي ۽ ننڍڙي کي ٿي پارايائين پر بهانو شاديءَ جو اهو ڪيائين ته سندس پُٽ کي پيءُ جا پار سهن ڪونه ٿا. مائي ڏسو ته هن جا ڪم. جيڪڏهن رهبو ته، سهبو به يا پنهنجي بادشاهي ڪبي."
"هڪڙو هُنن جي گهر ۾ رهي به، پيو وري ارڏايون ته ڏسوس. هيءُ ڇوي ته سڄي گهر تي راڄ ئي منهنجو هجي. ٻي مائي وري ڳالهه تي گل ڇٽ رکڻ لڳي."
"پلا ائين ڪٿان ٿيون پاڄايون سهن. وري به پاڄانس کي شابس آهي جو ڪيس ۽ سندس پُٽ کي رهائي وئي هئي، پر مائي اها ته صرف ڪيڏ هئي. الائي اندر ۾ ڪهڙي باهه هئس جو مڙس کان سواءِ نٿي رهي سگهي. بهانو ته اولاد جو پر اندر جون خواهشون ڪير پوريون ڪريس. پوءِ پوڙهو سوڙهو مڙني مرد ته ڪپيس." ٻي مائي وري سُر ملائڻ لڳي. "جڏهن پاڻ نٿي رهي سگهي پيءُ جي گهر ۾ ته پيءُ به ته اهو سمجهايو هئس ته جيڪڏهن تون نٿي رهي سگهين اسان وٽ ته تنهنجي شادي آئون ڪرائيندس. پر اهڙي هنڌ جتي تون خوش رهي سگهين وري توسان اهو ساڳيو ورجاءُ ڪونه ٿيڻ ڏبو. پر مائي هُن جي مغز ۾ ڪا ڳالهه ويهي ته سمجهي نه. بس اصل لاهي پاهي بيهي رهي"! ڳالهيون ٻڌندي ڇڙ مان اٿي هلي وئي گهر ڏانهن.
ڇا واقعي هُن کي مرد جي خواهش هئي. هاڻ ته ڪيس ائين ئي لڳي رهيو هو ته پاڻ ڏوهارڻ آهي پنهنجي پُٽ جي. ڪيس هڪ سهاري جي ضرورت نه هئي پر هُن کي مرد لاءِ بُک هئي. جيڪا هاڻ ختم ٿي رهي هئي. نه نه مون کي ته پنهنجي گهر جو ۽ مرد جو تحفظ ٿي کپيو.
پاڻ پلا پيءُ جي گهر ڪيسين ويچاري ٿي ويهي رهي ها. سڄو ڏينهن گهر ۾ ڪم ڪندي ڪهڙي حالت ٿي ويندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن ته اها ڪاوڙ پنهنجي پار مان ڪيندي هئي. سندس پيءُ ۽

پڙهڻ ڇڏي دڪان تي ويهڻ لڳو هو.
ٻاڻ ڪڏهن به هُن کي محسوس ڪرڻ نه ڏنو هنائين ته تنهنجو پيءُ اهو نه آهي. پر جيئن جيئن هو وڏو ٿيندو ويو هو تيئن تيئن سندس دل ۾ عجيب وسوسا پيدا ٿيندا ويا ۽ سوچيندي هئي ته جيڪڏهن مظهر کي خبر پئجي وئي ته سندس پيءُ ٻيو آهي ۽ جيئرو آهي ـ ته پوءِ...
پر ماڻهو ته نهيو پر اج ته سندس مڙس ٿي هن کي طعنا هڻندي چئي ڇڏيو ته "وڃ پنهنجي پيءُ ڏي ته چڱيءَ طرح توکي ڪارائي" ڪيڏو نه ڏک ٿيو هوس. اهوئي مڙس جنهن کي سيڪجهه سمجهي هن ڏي وڏي هئي پنهنجي پُٽ جو سهارو ڳوليو هنائين اهو ئي هن کي منهن تي چئي ويو. هوءَ ڪنهن کي دانهن ڏئي؟ ڪنهن سان سور سلي!
ماڻهن جي رضامندي سان شادي نه ڪري ڪيڏو نه پوڇي رهي هئي دل ئي دل ۾. ان کان پاءِ جي در تي ويچاري ٿي ويهڻ صحيح هو. پنهنجو پورهيو ڪيان ها. پنهنجي پُٽ کي پڙهايان ها. پر ويل وقت هوءَ ڪٿان ٿي ورائي سگهي.
ڪيڏي نه رات گذري وئي هئي. هُن کي ائين لڳو ته ڄڻ هوءَ ٻاڻ سان ڳالهائي ڳالهائي ساٿي ٿي پئي آهي. اُج لڳس ته ٻاڻي پيئڻ لاءِ اٿي، سندس نظر مڙس تي پئي جيڪو سڪون سان سمهي ڪونگهرا هڻي رهيو هو.
ڪيڏي نه وحشت ٿيڻ لڳس اُن مرد کان سوچڻ لڳي، سڳو پيءُ هجيس ها ته ڪونه پريشان ٿئي ها. پر هن کي ته ڪابه چنتا ڪونهي، ته مظهر هن مهل تائين گهر ۾، چو ڪونه آيو آهي.
الائي ماني به کاڌي هوندائين الائي نه! الائي ڪٿي، هوندو! ڪٿي ڳوٺ ته نه هليو ويو؟! هزارين سوچون من ۾ اينديون رهيس اهوئي مڙس هنس جيڪو اول گهول ويندو هو مون تان ۽ منهنجي پُٽ تان اهوئي هينئر ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي.
وري به همت ڪري مڙس کي ڏونداڙڻ لڳي، هو جيڪو پنهنجي اگهور ننڊ ۾ ستو پيو هو، سو اوچتو هِن جي اٿارڻ سان باهه وانگر ڄڻ پڙڪي پيو.
"چوا چاتيو اٿئي جو اڃي ننڊ خراب ڪئي اٿئي"
هوءَ ڊڄندي پڇڻ لڳي، ته "م م... مظهر ڪونه آيو آهي. الائي ڪيڏانهن ويو. ايڏي رات گذري وئي آ".
منهن ٻُجڙو ڪري چوڻ لڳو "ان ڳالهه لاءِ اڃي منهنجو متو کاڌو اٿئي مون کي ٻڌائڻ وسري ويو ته هو پنهنجي پيءُ ڏي ويو هليو. سندس دوست دڪان تي ٻڌائي ويو هو.
چڱو ٿيو ٽريو منهنجي اکين کان هو الائي چاچا بڪندو منهن ورائي سمهي رهيو.
"هُن کي، به ائين لڳو ڄڻ هينئر سندس پيٽ ۾ ساهه پيو آهي، سوچڻ لڳي، گهٽ ۾ گهٽ پيءُ هُن کي ڪائڻ جا طعنا ته ڪونه هڻندو. مان ته هُن لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهيس، پر سندس پيءُ ته هُن کي پيار ڏيندو. سوچڻ لڳي، اِن کان پهرئين ئي فيصلو ڪري پُٽ کي موڪلي ڇڏي ها ته شايد هي ڏينهن ڏسڻا نه پونس ها. مون پنهنجي زندگي ته ٻاڻهي داوءَ تي هڻي ڇڏي پر اُن جي سزا منهنجي پُٽ کي ته

نہ ملي، هو مون کان وڏيڪ پنهنجي بيءَ وٽ خوش هوندو. ۽ هو سندس پيءُ آهي هُن کي ضرور پڙهائيندو لکائيندو جيڪو منهنجو مقصد هو سو ضرور پورو ٿيندو پوءِ هو مون کان پري ٿي چونہ هجي!

سڄي رات اوجاڳي ڪرڻ کان پوءِ بہ ائين محسوس ٿي رهيو هئس ڄڻ اوجاڳي جو ٿڪ ٿيو ئي نہ هجيس. محسوس ڪيائين ڄڻ ايترن ڏينهن کان پوءِ هوءِ اڄ سُٺي ننڊ ڪري سگهندي....

●●●



قاضي اياز مهيسر

# مَن ـ پوڏيسر جِئن

اَنيڪ سوال بڻجي ويندو آ جيون ـــ جڏهن سمجھ جا سِرا ملي نہ سگهندا آهن ـــ!

پر "ڇو ـــ؟" جي سڏ جو مُقدر صرف ان جو ئي پڙلاءُ هوندو آهي، ڇو ووو ووو ....؟

اِيڪو (Echo) ۾ گونجندڙ آواز ـــ ۽ موت ۾ اڪيلائيءَ جو روح ڏڪائيندڙ احساس ـــ

من اندر ۾ سڏ سڏ جو سڏڪي پوڻ ۽ سڏڪي سڏڪي نيٺ سسئي وانگر هر سڏ جو پاتال ۾ سانت تي وڃڻ ـــ!

سڀ ڪجهہ ئي تہ ٿي ويو آ ـــ نہ ڄاڻ ڪهڙي پَل ڪان ۽ نہ ڄاڻ اڃا ڪهڙي پَل تائين ـــ!

پس منظر ۾ پسڻ لاءِ صرف يادون ئي تہ رهجي ويون آهن ـــ: تنهنجي محبت جون / تنهنجي نفرت جون ـــ! ڏيڻ ۽ واپس وٺڻ جي وچ واري گهڙي ڪيتري نہ مختصر هوندي آ.

مان صرف ان ئي گهڙيءَ ۾ جِي رهيو هان. جي ڇا! مري رهيو هان، ان گهڙيءَ ۾، مسلسل ـــ!

جيئڻ جو ڪارڻ ڇاهيو هئم، ـــ پر انت جيون انيڪ پيڙائون بڻجي ويو ـــ مرڪ مون کي ڊائورس (Divorce) ڪري ڇڏيو هو، ۽ لڙڪ لِيڙ لِيڙ جو مقدر بڻجي ويا هئا. آشرم تہ جتي ڪٿي هئا پر اُجهو ڪٿي بہ نہ هو ـــ اُن پل ڏاڍو سڏيو هئم توکي، آشا! آشا! آشا!پر تو تائين تہ منهنجا پڙلاو بہ پهچي نہ سگهيا. اڪيلائيءَ جو احساس مَنَ ۾ ڪنڊن وانگر چڀڻ لڳو / لڳندو آهي.

ياد اٿم. تون اڪثر پڇندي هُئينءَ، موهن! تون ايڏو ماٺ ڇو هوندو آهين ـــ ۽ مان تو ڏانهن ڏسي مرڪي ڏيندو هئس، ۽ هڪ دفعي توکي چيو هئم. آشا اسان جي ماٺ جا جدا جدا ڪارڻ هوندا آهن. ڪڏهن ماٺ رهڻ تي مجبور هوندا آهيون / ڪيا ويندا آهيون. ۽ ڪڏهن ماٺ رهڻ ۾ ئي پنهنجو اجهو نظر ايندو آ ـــ ڪڏهن ماٺ اڌما اڌما هوندي آهي، تہ ڪڏهن مڪمل سانت ڊنڊ ۾ بيٺل پاڻيءَ جيان!

مان انهن ٻنهي احساسن جي وچ تي بيٺل آهيان. بيٺل ڇا! لٽڪي رهيو هان مسلسل ـــ

احتجاج ڪرڻ جي سگهہ ساري نہ سگهيو هان، ۽ نہ وري مڪمل سانت اختيار ڪرڻ چاهي اٿم ـــ!

"موهن!" تو چيو هو، نڪري آءُ ان خيالي دنيا مان، جِيءُ جيئن ٻيا جيئن ٿا. جِيءُ جيئن مان جِيئان ٿي ـــ! "جي تہ رهيو هان ـــ" مون ٽڏو ساهہ ڀريندي چيو هو ـــ پر جيئڻ ڏنو نہ تو وڃي ـــ

اندر ڏنش جي نازڪ رنگن جهڙو انسان ـــ اَندران ڪيترو ڪَئور آ، تون نہ ٿي ڄاڻين آشا.

جيئڻ جو پل پل پيڙا ئي تہ آهي، تنهائيءَ جي تپندي اس ئي تہ آهي، هي جيون، ۽ سات جو ڪوبہ تہ ڇانورو ڪونهي؛ ۽ سچ پڇين تہ آشا ڇانورن جي تلاش ئي اجائي آهي ـــ. مان ڪڏهن سمجهندو هئم تہ تون منهنجي مٿان ڇانورو ٿي سگهين ٿي. پر ٿينديءَ ڪونہ. اها پڪ اٿم ـــ! ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو هيئي. مون وري چيو هو. اسان پنهنجي پيڙائن ۾ جيئندا آهيون آشا! جيڪي شيئر (Share) نہ ٿيون

ڪري سگهجن. شيئر (Share) ڪرڻ جا سپنا تہ هوندا آهن، پر انت اسان پنهنجون پيڙائون، پاڻ ئي ونڊيندا رهجي ويندا آهيون ـــ!

ـــ ۽ ان ملاقات کان پوءِ اسان جي ملاقات هڪ عجيب ماحول ۾ ٿي هئي. سوچيو بہ نہ هئم تہ ائين بہ ٿيندو آ ـــ مون کي پُرو وو ڪيٽو ڪالمس (Provocative columns) لکڻ جي ڏوهہ ۾، جيل اماڻيو ويو هو. منهنجي مٿان ٻيا بہ انيڪ الزام لڳي چڪا هئا. ۽ اهو خيال بہ پئي ظاهر ڪيو ويو تہ مان ڪنهن ٻاهرين خفيہ ايجنسي جو سرگرم رُڪن آهيان ـــ.

تون ٻن ڏينهن کان پوءِ آئي هئينءَ جڏهن مان جيل جي ماحول سان ڪافي اڪسٽمڊ (Accus-tomed) ٿي چڪو هئس، تو اچڻ سان منهنجي اکين ۾ نهاريو هئو، تنهنجون اکيون ماڪ ـ ڀنل گلن جيان ڀنل هيون. گهڻو وقت خاموش ويٺا رهيا هئاسين. منهنجو گلو خشڪ ٿي ويو هو. ٿوهر جا ڪنڊا نڙيءَ مان صاف ڪندي چيو هئم: "آشا! اها اٿئي اسان جي نگري ـــ ۽ اهو اٿئي اسان جو مستقبل ـــ، پنهنجي ئي ديس ۾ ڪيڏا نہ اجنبي ٿي پيا آهيون. ڪئن نہ دٻايو پيو وڃي ڌرتي جي آواز کي، ـــ اصولن سان سودي بازي ڪرڻ لاءِ ڪئن نہ مجبور ڪيو پيو وڃي! تون چوندي آهين نہ، تہ جيءُ. جيئن ٻيا جيئن ٿا ـــ جيئڻ تہ مون بہ چاهيو هو/ چاهيان ٿو. پر ڪير ٿو جيئڻ ڏي ڪنهن کي ـــ.

سوريون ٿو چاڙهيو وڃي جيون، گهاٽيو ٿو وڃي هر سچ کي ـــ: جيئڻ جي ڀيک صرف هڪ ئي شرط تي ملي سگهي ٿي. سچ جي ڳالهہ نہ ڪر حق کان نابري واڻ باطل جي آڏو سجدو ڪر. ها صرف تڏهن ئي بقا ملي سگهي ٿي جيئڻ جي ـــ!

تو منهنجو ساڄو هٿ، پنهنجي هٿن ۾ وٺندي چيو هو: "موهن! سڀ ٺيڪ ٿي ويندو ـــ، مون ڊيڊي کي بہ چيو آهي. هو ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندو تنهنجي لاءِ ـــ!"

مون تنهنجي هٿن مان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو هو: "اوه، تنهنجو وڪيل ڊيڊي ـــ زهر ڀرجي آيو هو منهنجي آواز ۾، جنهن سڄي عمر ڪوڙا ڪيس ڪٽيندي گذاري آ، جنهن جا هٿ صرف پيسا پرکي سگهندا آهن. مهرباني آشا. مون کي اهڙا سهارا نہ ٿا کپن، جن سڄي حياتي ڪوڙ سهاري گهاري آهي. مون کي نہ ٿو کپي انهن جو اجهو، جيءَ تن جا تہ اجرا هجن پر من جا تهائين ميرا" ـــ! ۽ تون ٻنا موڪلائڻ جي، ڪاوڙ ۾ هلي وئي هئينءَ.

ان ڏينهن کان پوءِ هڪ مدت گذري وئي هئي، پر تون نہ آئي هئينءَ. ڏينهن ڳڻڻ ڇڏي ڏنا هئم. شايد ڏينهن رات تي سوچڻ بہ ڇڏي ڏنو هئم ـــ.

ان رات مون کي ٽارچر سيل (Torture cell) ۾ لڳاتار بہ ڪلاڪ ٽارچر (Torture) ڪيو ويو هو. ڪلَ ٺوڪيا ويا هئا منهنجي پيرن ۾. ٽي چار اليڪٽرڪ شاڪ بہ ڏنا ويا هئا. پر مان ماٺ رهيو هئم. وات مان درد جي هڪ چيخ بہ نڪري نہ سگهي هئي ـــ

صبح جو تون آئي هئينءَ، اٿي نہ پئي سگهيس. سَنڌُ سَنڌُ ساڻو ٿي چڪو هيم ـــ پر تنهنجي مک تي اداسي ڏسي، نہ ڄاڻ ڪيئن اٿي آيو هئس تو ڏي ـــ

"هي رَت ڇا جو آ موهن ـــ؟"، تو پڇيو هو.

"سنڌ جو ـــ!"؛ ذري گهٽ سڏڪندي چيو هئم. پنهنجي ڌرتيءَ جو رت نہ ٿي سڃاڻين آشا ـــ!

"موهن!!!"؛ عجيب درد هو تنهنجي آواز ۾. "موهن، وڇڻ .... وڇڻ .... وڇڻ ڇڏي ويو اسان کي".

جسم مان ساهہ ڇڏائيندي محسوس ٿيو هئم ـــ ويهي رهيو هئس. نڙي خشڪ ٿي وئي هئي ـــ توهر جا ڪنڊا چڀندي محسوس ڪيا هئم ڪاڪڙي ۾ ـــ نڙيءَ مان صرف هڪ لفظ اڪري سگهيو هئم، "ڪيئن ....؟"

"روڊ ـ ايڪسيڊنٽ ـــ ۾"، تو، سڏڪندي ٻڌايو.

وڇڻ جا پڙلاءُ ٻرندي محسوس ڪيا هئم ڪنن ۾، هو اڪثر چوندو هئو: "موهن! تو جيڪو آواز اُٿاريو آهي، اُن کي ڪڏهن بہ نہ دٻائجانءِ. چاهي ڪجهہ بہ ٿي پوي ـ اسان جي وڇڻ ٿيڻي آ، ۽ ضرور ٿيندي موهن!"

وڇڻ! تو کان سواءِ اسان جي وڇڻ ڪيڏي دور ٿي وئي آ، اسان کان ـ خاموشيءَ ۾ ڳالهايو هئم.

ذهن تي شيڪسپيئر جون سٽون تري آيون هيون.

**As flies to wanton boys.**
**are we to the gods,**
**They kill us for their sport!**

دي ڪل اَس فار ديئر اِسپورٽ ..... دي ڪل اَس فار ديئر اسپورٽ!

ذهن ۾ پڙلاو ٻڌجي، گونجي رهيا هئا اهي لفظ ـ پوئر ۾ پنواتيون ڪانيندي محسوس ڪيو هئم، پنهنجي سموري وجود کي، هر ڪارڻ اڪارڻ نظر آيو هئم پنهنجو ـ

تون بہ ڪجهہ نہ ڳالهائي سگهي هئينءَ. سانت سانت ۾ خبر ناهي ڪيڏي مهل اٿي وئي هئينءَ.

روئڻ چاهيو هئم پنهنجي بي وسيءَ تي. رڙيون ڪرڻ چاهيون هئم، پر نہ ڪري سگهيو هئس.

هر سڏڪو ڊارمينٽ (Dormant) ٿيڻجي ويو هئو. پنهنجي چوڌاري سانت جو ڪفن اوڙهيل محسوس ڪيو هئم!

ان ڏينهن کان پوءِ تون روز ايندي رهي هئينءَ. هڪ ڏينهن چيو هيئي، "موهن! مان سياڻي تنهنجي لاءِ مٺي ماني ڪٺي اچان؟، وڻندي آهي نہ توکي ـ؟؟".

"نہ آشا، چيو هئم: "منهنجي ٽيسٽ (Taste) مٺجي وئي آ. زهر منهنجي اها حس ئي ماري ڇڏي آهي. مٺيون مانيون تہ وڇڻ سان هونديون هيون، جڏهن وڇڻ ئي نہ رهيو تہ .....،" اڳتي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هئس.

تون وڃڻ لڳي هئينءَ، توکي سڏي چيو هئم:

"آشا! جڏهن ٿر ۾ مينهن پوي تڏهن مون لاءِ ڪوڙ ساريون مٺيون مانيون پچائي ڪٺي اچجانءِ، تڏهن اسان همرچا ڳائيندا سين، ۽ وڇڻ کي سارينداسين ـ"

تنهنجي اکين ۾، پاڻي پرجي آيو هئو، ۽ منهنجي اکين مان پوڙيسر جون پنو جهلڪي رهيون هيون!

سادا ٽي مهينا ٿي ويا هئم جيل ۾، پر ڪوبہ سَنگي ساٿي ملڻ ڪونہ آيو هئم. ڪابہ حيرت ڪانہ ٿي هيم ان تي، ڇاڪاڻ پيو سندن مجبوري اندازو هيم تہ ڪيترو پيار هئو انهن جو مون سان!

هڪ ٽون ايندي هئين، پر آهستي آهستي تو به پنهنجون وڪون گهٽائڻ شروع ڪيون. تنهنجو پيار بس هڪ همدردي بڻجي ويو هئو هينئر.

ڳالهائيندي هئين، ته ائين لڳندو هئو ڄڻ دور ڪوهن جي مفاصلي تان ڳالهائندي هجين. ڪيڏيون اجنبي بنجي ويون هيون تنهنجون نظرون. پاڻ سان آشنا هجڻ جي هڪ جهلڪ به نظر نه آئي انهن ۾. گهڻا دفعا چاهيم ته تو کان پڇان. پر پڇي نه سگهيو هئم. چاهيو هئم ته تون مون کي پاڻ بڏاء ۽ نيٺ هڪ ڏينهن اها چاهنا به پوري ٿي وئي. گهڻي سانت کان پوءِ چيو هيئي: "موهن! مان اجا ڪيستائين ايندي رهندس!"

تنهنجي آواز ۾ پهريون ڀيرو ايڏي لا تعلقي بَڪندي محسوس ٿي هيم.

دل جي نگري ٻوڏ ۾ لڙهي ويل ڪنهن ڳوٺ جيان محسوس ٿي هيم. ٻڏي ويو هئم پنهنجي پيڙائن ۾، گهٽيل آواز ۾ چيو هئم:

"لاش جڏهن ڏپ ڪرڻ لڳندو آ، ته ان جا پنهنجا پيارا ئي کيس ڪائيءَ تي کڻي شمشان ۾ ساڙي ايندا آهن. ان ۾ تنهنجو ڏوهه ناهي آشا!، ڏوهه منهنجو آ، ڏوهه منهنجي حالتن جو آ، ڏوهه منهنجي مري وڃڻ جو آ".

زماني جي نظرن ۾!. تون به منهنجي سيني دوستن وانگر آزاد آهين، ڪا ڳالهه ناهي آشا! جي تو به مون کي ساڙڻ وارن جي لسٽ (List) ۾ پنهنجي سائن (Sign) ڪري ڇڏي آهي!

مون ڪنهن کان به نه پڇيو آهي ته هو مون کي جيئڻ جو نه ٿا ڏين، ۽ هاڻي توکان به نه پڇندس:

منهنجي اکين ۾ نهاريندي چيو هيئي: "موهن! مون کي غلط نه سمجهنجانءِ!"

مرڪي پيو هئم، تنهنجي انهيءَ عجيب اسٽيٽمينٽ (Statement) تي- چيو هئم، آشا! تون ڪو به فڪر نه ڪر تون آزاد آهين، انهن سيني وانگر جن مون کي پريجڊس (prejudice) ڪيو آهي.

جهڙي طرح آشا، هر ايڪشن جو ريئيڪشن ٿيندو آهي، تهڙي طرح ئي، مون کي انهن سيني سان اختلاف آهي/رهندو جيڪي ٻين جا حق کسيندا آهن، جيڪي ڌرتيءَ جي رت سان هوليون رچائيندا آهن ۽ جن جا هٿ پنهنجن جي ئي رت سان رنگيل آهن ـ مون کي انهن ڪوڙين ريتن، ڪانئرتا ۽ سماج جي انهي ئي (Rigidity) کان نفرت آهي/رهندي. توسان صرف هڪ ننڍڙي شڪايت رهندي- ۽ اُها اِها ته تون حق لاءِ آواز اٿاري نه سگهينءَ، ۽ باطل جي آڏو بنان سوچي سمجهي سجدو ڪري ڇڏيئي.

افسوس رهندم ته تو وجنه جي اتهاس کي وساري ڇڏيو، ۽ مون سان ان اتهاس لکڻ ۾، منهنجي آشا بڻجي نه سگهينءَ!

مڙي ڏٺم، تون وڃي چڪي هئينءَ ـ سرءُ جي مند پاسي هئم، اُنَ تهه انهاري ۾، ۽ ٿاريءَ کان وڇڙيل گل وانگر محسوس ڪيو پاڻ کي! وڪري چڪو هئو وقت جي هوائن ۾. منهنجو وجود، ڇوري ٻار وانگر پانيو هئم، پنهنجي ساري اتهاس کي ـ ڪوريون لڳيون هئم پنهنجون ساريون ڪوتائون!

ان رات درد جون اهي سڀ چيخون نڪتيون هيون منهنجي جسم مان تڙڪات ڪري، جيڪي

نارچر سيل ۾ بہ نکري نہ سگھيو هيون. سَنڌ سَنڌ سڪڙجي ويو هئم. انهن لڳو هئم ڄڻ فائبروسز (Fibrosis) تي پئي هجيم ـ پنجي رهيو هئم پٽ تي، انهن لڳو هئم ڄڻ منهنجو لاش ڏڀ ڪري ويو هجي، ۽ منهنجي آس پاس ڪير بہ نہ هئو. جو ڪانيءَ تي رکي ڪلهو ڏيم ها!

سڀئي اڪيلو ڇڏي ويا هئم. اهي بہ جن کي منهنجي ڇانوري جي ضرورت هئي، ۽ اهي بہ جن منهنجي مٿان ڇانورو بڻجڻ جا وچن ڪيا هئا_!

منهنجون پٺي پيرون مون سان نہ ڳالهائينديون هيون. ۽ ڪڏهن ڪنهن کان پڇيو بہ نہ هئون تہ مان جيل ۾ ڪيئن آهيان_ هنن مون سان سڀ سنگ ـ سياپا ٽوڙي ڇڏيا هئا. ڇاڪاڻ جو سندن Dear Husbands') ڊيئر هسبنڊس کي منهنجي سچ سان اختلاف هئو_ شايد ڪين بہ هيو_!

چوندا آهن تہ رَتُ دانگيءَ تي بہ ورندو آهي، پر هنن جو ڪونہ وريو هئو_ سوچيندو هئم تہ هڪ ئي ڳَرڀ مان جَنم وٺندڙن ۾ ايڏو تضاد ڪيئن ممڪن آهي ـ شايد جنيٽڪ ڪوڊنگ (Genetic Cod-ing) ، جدا جدا ڪوڊس (Codes) ٽرانسمِٽ (Transmit) ڪيا هئا اسان ۾ _! درد جي انتهائن ۾ پٽڪندو محسوس ڪيو هئم پاڻ کي ـ. پڇندي محسوس ڪيو هئم پنهنجي اندر کي سِرن وانگر بڻيءَ ۾ ـ ۽ لڳو هئم. بنو وجهندڙ پنهنجيءَ غفلت ۾ وساري ڇڪو آ تہ مان جلي ڪوئلو ٿي ويو آهيان _!

ان رات کان پورن ٽن مهينن کان پوءِ مون کي جيل مان رها ڪيو ويو هئو ـ جيل جي پٽين سان پيار ٿي ويو هئم يا شايد ڪرٽو پيو هئم. نڪرڻ نہ پئي چاهيم. پر نڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو بہ تہ ڪونہ هئو مون لاءِ. جيل ۾ جيڪي ڪِوتائون لکيون هئم، سوچيم تہ ڦاڙي ڇڏيان، پر انهن بہ نہ ڪري سگھيو هئم_ جيل جي (Main Gate) مين گيٽ کان جئن ئي ٻاهر نڪتو هئم تہ هڪ آزاد هوا جو جهوٽو منهنجي گھٽيل وجود کي ڇهي ويو هئو_ خلا ف توقع سامهون تون بيٺي هئينءَ_ توکي ڏسي نظرون هيٺ جهڪائي ڇڏيون هئم، ڪجھ بہ نہ ڳالهايو هيني، گھٽو پنڌ هلندي آئي هئينءَ گڏ گڏ. وِکَ وِکَ سان گڏ هئي پر روح روح کان سوين ڪوھ پري.

مون ڏانهن ڏسڻ کان بغير پڇيو هيني، موهن! ڪيڏانهن ويندين_؟ "ڪيڏانهن وڃٽو آ آشا! آشائن کان سواءِ ڇيو هئم، بس هڪ ئي رستو آهي جيڪو جيل کان سڌو منهنجي گھر ٿو وڃي، ٻين لفظن ۾ هڪ جيل کان ٻئي جيل ڏي."

"ڪير اٿئي اتي. پنهنجي پيڻ سنيتا جي گھر ڇو نہ ٿو وڃين؟"

"نہ آشا!، تو کي خبر ناهي تہ هنن شيشي جا رستا ٺهرائي ڇڏيا آهن. پنهنجي گھر تائين. جن تي هلندي مون جهڙو اٻوجھ انسان اڪثر ترڪي پوندو آهي_

۽ آشا ٻين جي خوشيءَ ۾ رنڊڪ ٻين لفظن ۾. ٻين جي ڪباب ۾ هڏي بڻجڻ ڪڏهن بہ نہ چاهيو اٿم!"

"موهن! پنهنجو رت اٿئي هوا!" "رت ڪهڙو پرم رکيو آهي رت جو آشا؟". چوندي اکيون جهڪائي ڇڏيون هئم.

چپ ٿي وئي هئينءَ_ پنهنجي ڪار جو در کوليندي ڇيو هيني، موهن، ويھ. مان گھر تائين ڊراپ

ڪري اچان توڪي ـــ.

"نہ آشا، تون وڃ. اچا ڪيترو ڊراپ ڪندينءَ مون کي. منهنجا پير توڙي رتو ڇاڻ آهن، تڏهن بہ اچا انهن ۾ ايتري سگهہ آهي جو مون کي گهر تائين پهچائي سگهن ٿا".

"وڃڻ جي گهر نہ هلندين، موهن هن جي ماءُ تنهنجو اڪثر پڇندي آهي؟"

"نہ آشا، وڃڻ جا پاتي مون کي. ڏسي روئي ڏيندا سندن ڦٽ وري اکڙي پوندا. بهتر آهي تہ نہ وڃان ـــ! ۽ تون ڪار تي چڙهي هلي وئي هئينءَ ـــ سڌو گهر هليو آيو هئس. هر شيءِ تي لڱل مٽي ۽ ڄارو پوين مهينن جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هئو. گهر جو فرش ٿر جي ريت اُڏائي رهيو هئو. لڳي ٿي نہ پيو تہ هي ساڳو اڱڻ آهي، جنهن ۾ مان ۽ سنيتا ننڍپڻ ۾ رانديون ڪيڏندا هئاسين. گهڙي ڪن سوچ ۾ پنجي ويو هئس. وقت ـــ هر شيءِ تي گرد چاڙهي ڇڏي آهي، اڱڻ تي، مون تي، آشا تي، سنيتا تي، پشپا دي ديءِ تي ـــ ڪجهہ بہ تہ ساڳو ناهي رهيو. بس ان ڏنل پيار تي مان ۽ اڱڻ بچيا آهيون. باقي عمر سوڳ ڪرڻ لاءِ.

پاور لائين ڪٽي ويا هئا. جنهن جي پهريان ڪان ئي پڪ هئس. ٻاهر اڱڻ ۾ ئي ويهي رهيو هئس پٽ تي، اکيون بند ڪري ڇڏيون هئس. گهڻو ڪجهہ ڏٺو هيم هنن اکين سان، گهڻا ئي اهڙا پل جي پيڙائن ۾ وڪيري ويا هئس، ۽ مان اکيون ڇنيي بہ نہ سگهيو هئس ـــ! اٽڪي رهيا هئا سنگينن جيان، منهنجي اکين ۾، اُهي سمورا پل جي جيئڻ جي هر آشا کسي ويا هئس ـــ ڪا چاهنا نہ هئي انهن ۾ وڌيڪ پسڻ جي / وڌيڪ پسائڻ جي! ويئي ويئي اوندهہ ٿي وئي هئي.

آڪاش ڏانهن نهاريم، رات پنهنجي ڪاري چادر اوڙهي ڇڏي هئي، پر ڪو بہ ستارو چمڪندي نظر نہ آيو ـــ سڀ ڪجهہ دز ۾ لتيل محسوس ٿيو هئس ـــ اوندهہ ۾ هٿوراڙيون ڏيندو پنهنجي ڪمري تائين پهتو هئس. ماچس ٻاري پنهنجيءَ ميز تي رکيل باقي بچيل اڌ، ميڻ بتي ٻاري ڇڏي هيم ـــ منهنجيءَ ميز تي اُها اڌوري ڪوتا اڃا بہ رکيل هئي، جا اڃا مڪمل بہ نہ ٿي هئي تہ مون کي اريسٽ ڪيو ويو هئو، ـــ ميڻ بتيءَ جي جهڪي روشني ۾ نظر پئي هئس ان تي ـــ،

تون قيد ڪندين مون کي ڪئن
مان آزاد هوا جو سپنو هان
مور تنهنجيءَ مٺ نہ اچڻو هان
مان آزاد فضا ۾ نپنو هان ـ!

سوچي رهيو هئس پنهنجي آدرش تي، ۽ ان آزاد هوا جي سپني تي جيڪو ساڍا ڇهہ مهينا جيل جي بند ديوارن ۾ قيد ڪيو ويو هئو ـــ پاڻ ۾ نہ ڄاڻ ڇو اهو ساهتيہ مرندي محسوس ڪيو هئس ـــ گهٽ ڪان ساهہ منجهڻ لڳو هئس، سوچيم تہ دري کولي ڇڏيان پر ڊپ هئس تہ ميڻ بتي وجهامي ويندي ـــ ڇپن ۾ پٽڪو هئس. "هڪ انڌيرو پيو سهي!" ۽ دري کولي ڇڏي هئس!.

پر الائي ڇو گهٽ اڃا بہ وڌيڪ وڌندي محسوس ٿي هيم ـــ ان رات پهريون دفعو هارٽ اٽيڪ ٿيو

هئم، اوندهہ مان ٻاهر نڪرڻ چاهيو هئم. پر چئنئي سان اٽڪي ڪري پيو هئم. ساهہ نڪرندي محسوس ٿيو هئم، ائين لڳو هئم ڄڻ نيئر ڊيٿ ايڪسپيرينس (Near death experience) مان گذري ويو هجان.

خبر ناهي ڪير پڇائي ويو هئم، هاسپيٽل تائين!

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ تون آئي هئينءَ، پر هن دفعي توسان گڏ تنهنجي ممي بہ هئي— ان مهل هڪ بي ڊرپ چاڙهي ويا هئم ڊاڪٽر.

هميشه وانگر هن دفعي بہ ماٺ ماٺ هئينءَ، ۽ نظرون مسلسل هيٺ جهڪايون ويٺي هئينءَ— تنهنجي جسم مان اهڙڻ جي خوشبو آئي هيم— ان پل، طبعيت پڇڻ کان پوءِ تنهنجي ممي چيو "موهن! جلدي ٺيڪ ٿي، ٽين ڏينهن آشا جي شادي آهي سُنيل سان -! ڪابہ حيرت ڪان هيم، خبر هئم تہ ائين ئي ٿيڻو آهي- تو ڏانهن ڏسي صرف ايترو چيو هئم: "آشا! مبارڪ هجئي نئون جيون!" من جون پيڙائون پاڻ تائين رکڻ ئي مناسب سمجهيون هئم- هوئن بہ ڇا بچيو هئو ڪجهہ چوڻ لاءِ- ڪجهہ پڇڻ لاءِ پر تنهنجي وڃڻ کان پوءِ عجيب ڪيفيتون اپري آيون هيون، منهنجي مٿل جذبن ۾- وڦلڻ لڳو هئم. محبت، پيار، دوستي، خلوص. (Dash it-) ڊيش اِٽ ۽ جڪ ڏني ڊرپ جي نيڊل ڪڍي ڇڏي هئم- او هيل، زور ڏيڻ سان رت ٽوٽاريون ڪري وهڻ لڳو هئو، منهنجي رڳن مان. دماغ سوچي سگهڻ کان مفلوج ٿي چڪو هيم! ٽين ڏينهن مون کي ڊسچارج ڪيو ويو هئو ۽ ڪمپليٽ ريسٽ ڪرڻ سان گڏو گڏ وقت تي دوائون وٺڻ جي سخت تلقين ڪئي وئي هئم- اسپتال کان ٻاهر نڪتم چوڌاري گهٽ محسوس ٿي، گڏ گڏ ڪير بہ نہ هئو جو پڇي ها، موهن! ڪيڏانهن ويندين؟ .... گهر .... ! .....

ڪير اٿئي اتي؟

"سنيتا جي گهر چو نہ ٿو وڃين؟" "پرٿي کان پوءِ جنهن ڪڏهن رڪشا ٻنڌڻ تي بہ نہ ساريو هجي، ان جي گهر وڃان! نہ نہ مان سنيتا جي گهر نہ ويندم!

"پشپا دي ديءِ ڏي؟"

"اُها پشپا "دي دي، جيڪا پنهنجي ٻارن کي بہ جهليندي هئي تہ مون سان نہ ملندا ڪن، چو تہ مون کي هڪ خطرناڪ بيماري لڳل آهي، سچ چوڻ جي- دي ديءِ جي گهر ڪئين ويندس، سنيل دي ديءِ جو ڏير آهي، ۽ دي ديءِ کي چڱيءِ پر خبر آهي تہ مان آشا سان ڪيتري محبت ڪندو هئس- نہ نہ مان پشپا دي ديءِ جي گهر نہ ويندم، ڪڏهن بہ نہ ويندم-!

"آشا ڏي"؟

"نہ اڄ آشا جي شادي آهي. هوءِ منهنجي لاش تان گذري، هينئر سنيل سان ستن ڦيرن جي تياري ۾ هوندي، ڪهڙي ناتي ويندم مان هن وٽ-! نہ ڪهڙي بہ حالت ۾ نہ ويندم آشا وٽ ڪڏهن بہ نہ- ڪڏهن بہ نہ!

اسپتال جي گيٽ تي ويهي رهيو هئم- من پوڙيسر مان اُڊڙيل آواز اچي رهيو هئو- موهن! ڪيڏانهن ويندين؟ مو-هن! ڪيہ - ڏانهن - ويند - ين؟!

●●●

(ترڪي افسانو)

مراد علي مرزا
نجيب فاضل ڪساڪريڪ

# سيلاني

هن جي گهر ۾ هڪ وڏي سوٽ ڪيس کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نہ هو. ان ۾ ڪوٽ پتلون جا ٻہ جوڙا، ڪي قميصون، ٽوريون گنجيون، ٽي جوڙا بوٽن جا ۽ چاليهہ يا پنجاهہ چونڊ ڪتاب پيل هوندا هئا جن جي باري ۾ هن جو خيال هو تہ هن دنيا ۾ رکڻ جهڙا اهي ڪتاب ئي پڙهڻ جهڙا آهن. ان سوٽ ڪيس تي يورپ، ايران، هندستان ۽ وينڊي جاپان تائين ملڪن جي تمام سٺي وڏن ۽ مهانگن هوٽلن جا ليبل لڳل هئا.

هڪ سئيز بئنڪ ۾ هن جي نالي تي هڪ چڱي رقم بچت ۾ رکيل هئي. هو پنهنجي ڪيسي ۾ چيڪ بڪ ۽ اهو ايڏو وڏو سوٽ ڪيس پاڻ سان گڏ کنيون هڪڙي شهر کان ٻئي شهر گهمندو رهندو هو. هاڻي هن جو رڳو اهو هڪ شغل هو. هن ڏرتيءَ تي ڪو شهر اهڙو هوئي ڪونہ جتي هو ٻہ ڀيرا ويو هجي. جڏهن ڪير هن کان پڇندو هو، تہ ڪنهن هنڌ تون ٻيو ڀيرو ڇونہ وئين؟ تہ هن جو جواب اهوئي هوندو هو تہ، "ڪوبہ ماڻهو ساڳئي پاڻيءَ ۾ ٻہ ڀيرا وهنجي نہ ٿو سگهي،" اهو جملو بہ جيڪو هن هڪ يوناني جج کان سکيو هو، هاڻي ڪيس بنهہ مدي خارج ٿيو لڳندو هو.

"اوپرو" لفظ ۾، پوءِ اهو ڪٿي دنيا جي ڪهڙي بہ ٻوليءَ جو هجي، هن کي هڪ خاص ڪشش محسوس ٿيندي هئي. پر مائٽن، دوستن، ڄاڻ سڃاڻ وارن ۽ ٻين اهڙن ئي ماڻهن کان ڪيس اهڙو ڊپ لڳندو هو، جنهن جي وضاحت ڪرڻ سندس وَس ۾ ئي ڪين هئي.

اَڻ ڏٺل شهرن ۾ رلڻ ۽ اوپرن ماڻهن سان ميل ملاقات جي ذريعي هن ڪهڙيءَ شيءِ کي حاصل ڪرڻ ٿي گهريو؟

هندوستان ۾ هن جي هڪ اهڙي شخص سان ملاقات ٿي، جنهن جي مٽي تي پنڪو ٻڌل هو ۽ اکين ۾ جادو ڀريل هو. ان شخص پنهنجون ڪاريون ۽ سٺين زيتونن جهڙيون ٻہ چمڪندڙ اکيون هن ۾ کُپائي ڇڏيون ۽ چيو:

"ڇا تون ملڪ ملڪ ان ڪري ٿيو ڦرين تہ جئن اها جاءِ ڳولي لهين جتي موت ڪڏهن بہ نہ پهتو آهي؟"

اهي لفظ سيلانيءَ جي دل ۾ پيهي ويا. اُن ئي پل ۾ هن پنهنجو سمورو راز ظاهر ڪري ڇڏيو. هن خوف ۾ ڏڪندي پڇيو:

"توکي پلا اها خبر ڪئن پئي ته ائون هڪ بيمار شخص آهيان ۽ ڪنهن به وقت منهنجو موت ٿي سگهي ٿو؟"

"اسين سڀئي بيمار آهيون ۽ ڪنهن به وقت مري سگهون ٿا."

"پر منهنجي بيماريءَ بابت تون ڇا ٿو ڄاڻين؟"

"ٻيا به ان ساڳي بيماريءَ جا مريض آهن. رڳو گهٽ وڌ جو فرق هوندو آهي: پر انسان ويچارا ان فرق کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ پسند مطابق ڪري سمجهندا آهن. تون زندگيءَ کي پلي ڪٿي سالن، مهنن، هفتن، ڏينهن، ڪلاڪن، منٽن يا سيڪنڊن ۾ ماپ: پر حقيقت ۾ اها انهن ماپن مان فقط هڪ ماپو آهي، يعني هڪ اڪيلو سيڪنڊ."

سيلانيءَ جي همت ٽي هارجي ويئي.

"ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو آهي ته آئون ڪينسر جو مريض آهيان ۽ فقط هڪ سال وڌيڪ جيئرو رهي سگهندس. تنهنڪري مون پنهنجو سمورو حساب ڪتاب صاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ ملڪ ملڪ پيو ڦيريون ڏيان."

"اها ڪا خراب ڳالهه ته ڪانهي. اهو هڪڙو سال ڪٿي سؤ پيرا ٻاڻ ورجائي پر اهو ڪڏهن به ٻه سال ٿي نه سگهندو. ۽ ان جو تنهنجي روح تي جيڪو گهرو اثر ٿيئي ٿو ان کي ڪو به هزار سالن جي سخت ڪوشش ڪرڻ ڪان پوءِ به ڦيرائي نه ٿو سگهي: پر هڪڙو تون آهين جيڪو پنهنجي ني گهر ۾ موت جو آرام سان انتظار ڪرڻ جي بدران ان کان ڀڄڻ جي اجائي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهين. تو پنهنجا سڀئي رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجيون سموريون دلچسپيون ختم ڪري ڇڏيون آهن، ته جئن موت تو مان ڪي گهٽو حاصل نه ڪري سگهي: تو اهو ڪونه محسوس ڪيو، ته اهڙيءَ ريت تو ٻاڻ ان جي مدد ڪئي آهي ته تو وٽ جيڪي به آهي، ان کان به هو توکي محروم ڪري ڇڏي."

دنيا جي رشتن ناتن جي درين جا جيڪي طاق سيلانيءَ بند ڪري ڇڏيا هئا. اهي اوچتو ڪيس ڪليل ڏسڻ ۾ آيا ۽ سندس اندر انهن روشن ڪرڻن سان پرجي ويو. جيڪي ٻنڪو ٻڌل ۽ جادوءَ ڀريل نظرن واري هندوستاني شخص وٽان هن تائين پئي آيا. ان شخص وڌيڪ چيس:

"هندستان ۾ هڪ ڪُراڙي شخص، تاريخ جيتري ڪُراڙي شخص به بلڪل ائين پئي ڪيو، جئن تون پيو ڪرين. هن پنهنجي ساري چمار ان جاءِ کي ڳولي لهڻ ۾ وڃائي ڇڏي هئي، جتي موت ڪڏهن به نه آيو هو. جلدئي هن کي خبر پئي ته هر ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ ۽ وري اتان ٻاهر نڪرڻ واري جاءِ تي قبرستان آهي. موت کان ڪو به هنڌ، ڪا به جاءِ محفوظ ڪانهي. هو شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۽ وستي وستي رلندو رهيو. نيٺ هڪڙي اهڙي ڳوٺ ۾ پهتو جتي ڪو به قبرستان ڪونه هو. هن پڇا ڪئي ته ان ڳوٺ ۾ ڪڏهن ڪو ماڻهو مري به ويو آهي يا نه؟

"مري وڃڻ ڇا آهي؟"

هن کان پڇيو ويو.

هن جي خوشيءَ جو ڪو انت ٽي نه هو. جڻ ته هن دنيا ۾ هڪ تمام وڏي ڪوجنا ڪئي وئي هئي.

هن وري ڳوناٽن کي چيو:

"مون کي تہ هتي ڪوبہ پوڙهو ماڻهو نظر نہ ٿو اچي. اوهان جا ماڻهو جڏهن پوڙها ٿي ويندا آهن تڏهن هنن کي ڇا ٿيندو آهي؟"

ڳوناٽن مُرڪي ڏنو ۽ وراڻيو:

"اڙي ها، هاڻي اسان تنهنجو مطلب سمجهيو پريان جيڪي جبل آهن اُهي ڏسين ٿو؟ انهن جبلن جي پنيان وقت بوقت اسين هڪڙو آواز ٻڌندا آهيون. ان آواز ۾ اسان جي ڳوٺ وارن مان ڪنهن نہ هڪ ڳوناٽي جو نالو ٻُڌبو آهي. پوءِ اهو ماڻهو ان طرف وڃڻ شروع ڪندو آهي؛ ۽ پوءِ هميشہ لاءِ الوپ ٿي ويندو آهي."

"۽ بلڪل ان گهڙيءَ، ان ماڻهوءَ جيڪو موت کان محفوظ هنڌ جي ڳولا ۾ اتي آيو هو، جبل جي ٻني پاسي کان آواز ٻڌو جنهن ۾ سندس نالو وٺي ڪيس سڏيو ويو هو... ان ڳوٺ ۾ جنهن کي هن موت کان محفوظ سمجهيو هو، ماڻڙي ڪري پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ ڏٺي تعاليٰ جي رضا تي راضي....؟

"اها تمام پوائتي ڳالھ آهي،" سيلانيءَ چيو.

"ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ظاهري طرح انسان ان قدرت جي اڳيان بنھ بيوس آهي، جيڪا باطني طرح هن کي پنهنجي چنبي ۾ تمام سوگهو جهليو بيٺي آهي."

"پر پوءِ ان جو ڪهڙو حل آهي."

"هن جي رضا تي راضي رهجي."

پتڪي واري هندستانيءَ ۽ سندس انهن ٻولن سيلانيءَ جي دل تي ايڏو تہ ڳوڙهو اثر ڪيو جو هن کي وطن جي سخت ڪشش محسوس ٿي ۽ هو هڪدم پنهنجي ماڳ تي موٽي ويو. وطن پهچي هن پنهنجو سوٽ ڪيس ڇت جي ويجهو ٺهيل هڪ شلف تي ڪٽي اڇلايو ۽ فلسفي ۽ ادب جي موضوعن تي جيڪي چاليھ يا پنجاھ ڪتاب پاڻ سان کنيو پيو گهمندو هو، اهي گند ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائي ڇڏيا. هن رڳو هڪڙو ڪتاب سوال جواب جي ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ جي موضوع تي پاڻ وٽ رکيو. جنهن کي هن پڙهڻ لائق ٿي سمجهيو ۽ پنهنجي ڪراڙيءَ دائيءَ سميت. جيڪا هن جي زندگيءَ ۾ هڪ اڪيلي ويجهي عورت هئي، پنهنجي گهر ۾ رهڻ لڳو.

سرءُ جي مُند هجي. هڪڙي ڏينهن هو پاڻ کي پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري ويهي رهيو. ٽيهريءَ جو دريءَ جي اڳيان هن سوال جواب جي ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ واري ڪتاب مان ڪفن دفن جي موضوع تي مضمون پئي پڙهيو.

سڄي فضا نراسائيءَ ۽ نا اميديءَ سان ڀري پئي هئي. ايتري ۾ هيٺئين طبق مان هن جي دائيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"ابا، تون ٿورو هيٺ ايندين؟"

شل خير ٿئي! هن ڪڏهن بہ پنهنجي دائيءَ کي ايڏي وڏي آواز ۾ ڪيس سڏ ڪندي ڪونہ ٻڌو هو.

دائيءَ کي جڏهن بہ ڪي چوڻو هوندو هو تہ وٽس اچي چوندي هئي. "چا ڳالهہ آهي!"

هن کي ڏاڍو عجب لڳو.

ساڳيو آواز ٻيهر ٻڌڻ ۾ آيو:

"ابا، تون ٿورو هيٺ ايندين؟"

اوچتو هن کي ٻنڪي واري هندستانيءَ ۽ ان آواز جو خيال آيو جيڪو ان ڳوٺ جي جبلن جي ٻنيان ايندو هو جتي موت ڪڏهن ويو ئي ڪونہ هو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس سڏيندڙ اهو آواز سندس دائيءَ جو نہ پر ڪنهن ٻئي جو هجي جيڪو دائيءَ جي آواز جو نقل ڪندو هجي! هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ دروازو کولي هن رڙ ڪئي:

ناني تو مون کي سڏيو ٻئي چا؟"

هن جي دائيءَ ٿڪل ۽ ڪمزور آواز وراڻيو:

نہ منهنجا ٻچا، مون تہ ڪونہ سڏيو."

هو واپس هليو ويو ۽ حيرت ۽ اچرج ۾ ڪليل دريءَ جي پرسان ڪرسيءَ تي ڪري پيو.

هينان هڪ ڀيرو وري دائيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"ابا، تون ٿورو هيٺ ايندين!"

هن اٿڻ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، ڌوڪيندو پاسي واري ڪمري ۾ ويو ۽ ڏاڪڻ لهڻ لڳو. هوا ۾ جنن ئي دريءَ جي پردي ڦڙڪڻ شروع ڪيو تہ ڏاڪڻ وٽان هڪ رڙ ٻڌڻ ۾ آئي:

"مون کي ڪير پيو سڏي؟"

ان ڪان پوءِ هڪ پوانتو ٿهڪو ٿيو:

اهو ٿهڪو انساني جسم جو هو جيڪو ڏاڪڻ تان هيٺ ڪرندو پئي ويو....

۽ اهو شخص جيڪو ڪينسر جي خوف ۾ وڪوڙيل هوندو هو، دل جي هڪڙي ئي حملي ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

●●●

مسلمانن تاريخ کي هڪ فن جي حيثيت ڏني، ان جون مختلف شاخون ۽ شعبا ايجاد ڪيا. جن مان هڪ شعبو آهي، مزارن ۽ آثارن جي تاريخ، جنهن تي هر زماني ۽ هر دور ۾ ڪيني ڪتاب لکيا ويا. شهرن تي جدا ۽ ملڪن تي جدا. انهن ڪتابن ۾ اصحاب ڪمال جي مقبرن ۽ ابدي خوابگاهن جي صورتحال ۽ احوال ۾ نهايت قيمتي مواد ڪٺو ڪيو ويو، جنهن تاريخ سوانح ۽ تذڪره نگارن جي گهڻي رهنمائي ڪئي ۽ ڪيترا مشڪل مسئلا ۽ عقدا حل ڪري، ڪين سنئين رستي تي لاتو. مثلاً گهڻو ڪري سوانح ۾ اهو ڪونہ ڄاڻايو ويندو آهي تہ صاحب سوانح ڪٿي دفن ٿيو، ڪهڙي محلي يا ڪهڙي قبرستان ۾ ڪهڙيءَ جاءِ تي سندس مزار آهي، وفات جي تاريخ، ڏينهن مهيني ۽ سال جو اهتمام پڻ ڪونہ هوندو آهي. اهڙي مشڪل مقام تي، انهيءَ قسم جا ڪتاب رهنمائي ڪندا آهن ۽ انهن جي ذريعي ڪيني منجهيل تاريخي اشڪال ۽ الجهنون دور ٿي ويندي آهن.

(پير حسام الدين راشدي: مڪلي نامہ مقدمہ ص ١٥_١٦)

# مضمون / مقالا

ڊاڪٽر الياس عشقي

(آخري قسط)

# شاهه جو مذهب ـ اسلامي تصوف ۽ ويدانت

"گايتري منتر" پڙهڻ وقت ساهه جي ضرب هڻن ٿا ۽ مقرر ٿيل طريقي مطابق پڙهن ٿا. پر ضروري آهي ته هڪ ساهه ۾ ختم ڪجي.

ستون رنگ "ڌيان" آهي. ان لاءِ پورو ڌيان ضروري هوندو آهي ۽ گرو (مرشد) جو تصور ڪرڻ لازم آهي. هي وظيفو (ورد) اٿڻ ويهڻ جاڳڻ سمهڻ جي حالت ۾ هلندو تو رهي. ٻين سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ مهل به ڌيان قائم رهي ٿو. ان لاءِ ئي ان جو نالو "ڌيان" آهي. (اسلامي تصوف جي اصطلاح ۾ هي قلب جي جاري ٿيڻ سان مشابهت رکي ٿو)

ينتي ڪرم ريتي، سنهي ڪچي سُٽ مان ٺلهي ڏور وٺي ان تي ميڻ چاڙهي سخت ڪجي. صبح جي مهل هڪ گرانٺ ڪن نڪ جي سوراخ ۾ چاڙهي ۽ ٻن آڱرين سان چڪي ڪڍي ۽ پي تي پيرا ائين ڪري انهيءَ عمل سان نڪ ۽ ڏندن جا روگ هليا ٿا وڃن.

انهيءَ ريت سنهي ڪپڙي جي چئن آڱرين جيتري پٽي سورهن هٿ وٺي آهستي آهستي ڪانئي وچي پوءِ انهيءَ جي سري کي جهلي آهستي آهستي ٻاهر ڪڍجي. ائين ڪرڻ سان ڪنڻ ۽ پيٽ جا روگ پيدا نه ٿا ٿين. اهڙيءَ ريت بستي ڪرم سان به ڪن بيمارين جو علاج ٿي ويندو آهي ۽ ڪي بيماريون پيدا نه ٿيون ٿين.

باسنايام خواهش کي روڪڻ جي عمل کي باسنايام چون ٿا. باسنا جو تياڳ ڏکيو هوندو آهي. ويچار ڪرڻ سان ٿيندي ٿيندي سڃوڄگ "نابود" ٿي ويندو آهي. مثال طور آسمان (آڪاش) جو رنگ "نيرو" نظر ايندو آهي، ويچار ڪرڻ ۽ توجه سان ڏسڻ سان (لاڳيتو خيال ڪرڻ سان) غائب ٿي ويندو آهي (نيرو نظر نٿو اچي) غائب ٿيڻ کان اڳ ڪئي رنگ نظر ٿا اچن. ۽ پوءِ يڪدم غائب ٿي ٿا وڃن. انهيءَ کي "ڀرم" چوندا آهن.

مٿي ٻڌايل عمل صحت لاءِ ضروري آهن ۽ پراڻا يام لاءِ صحت جو سٺو هئڻ تمام ضروري آهي. ڪمزور ۽ بيمار جسم سان پراڻا يام چڱي طرح نه ٿو ٿي سگهي ۽ انهيءَ عمل جو چڱي طرح ۽ پوري صحت ۽ حواس سان ضروري آهي. نه ڪنهن بيمار ۽ ڪمزور ۽ نه ڪنهن ڪم عقل تي انهيءَ جو پاڇو پوي ٿو ۽ نه جڳت ۾ رنگ ۽ بيرنگي نظر اچي ٿي. انهيءَ حالت ۾ پيءُ پُٽ، ڌن دولت استري (عورت)، انسان ۽ جانور موهه ۽ پريت، ماڻهو ۽ ديوتا سڀني جي حقيقت معلوم ٿي ويندي آهي ۽ نظر انهن کان مٿي ٿي ويندي آهي. انهن جو ڪو قدر ۽ ڪا قيمت باقي نٿي رهي، سڀئي ڪوڙ ٿي ويندا آهن جنين نوڙي، کي نانگ سمجهڻ جي حيثيت معلوم. ٿي وڃڻ ڪانپوءِ نانگ جي ڪابه حقيقت نه

هوندي آهي ۽ نوڙي تي ويندو آهي. اهڙي صورت ۾ سپ مرگ ترشنا (سراب) تي تو وجي مايا ۽ دوکو نظر تو اچي، جنين ريل يا ٻيڙي ۾ ويٺلن کي ٻيڙي يا ريل جي هلڻ مهل ڪناريا ٻاهر جون سڀئي شيون هلنديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. هلڻ وارو محسوس ڪري ٿو ته هو سڪون ۾ آهي ڳالھ ابتي نظر ٿي اچي ٻيڙي ۽ ريل ۾ ويٺل پاڻ هلي رهيو هوندو آهي ۽ ڪناري يا ٻاهر جي دنيا پنهنجي جاءِ تي قائم هوندي آهي، مطلب ته انسان دوکي ۾ آهي، اصل صورت ڪجھ آهي ۽ نظر ٻي ڪجھ ٿي اچي، گيان اگيان جو فرق اهوئي آهي گياني اصل دوکي کي ڄاڻي ٿو ۽ سمجهي ٿو ۽ اگياني دوکي ۾ رهي ٿو، گيان اگيان جي انهيءَ حقيقت کي تلسي داس هن ريت ظاهر ڪري ٿو.

هئي نيڙي سوجهي نهين لعنت ايسي جند
تلسي يا سنسار کو، ڀيو موتيا بند

شاھ سائين به ساڳي حقيقت کي پنهنجي رنگ ۽ انداز ۾ ائين بيان ڪري ٿو:-

مورک مام نه ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن
سي ڪيئن پرينءَ پسن، "ڪتر" جن اکين ۾

يا هڪ ٻئي بيت ۾ ساڳي ڳالھ کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

ٻاڙي ويچ هنام، تان مون مُور نه ٻجهڻا،
تيلاهين پيام، "موريسر" اکين ۾.

پر جن سالڪن تي اهڙيون حقيقتون روشن ٿي وينديون آهن.

انهن جون اکيون ۽ انهن جا چپ بند ٿي ويندا آهن. نه هو ڄاڻن ٿا ۽ ڏسن ٿا پر بيان نٿا ڪري سگهن. هيءَ "ترڪ" جي منزل آهي، انهيءَ کان اڳي ترڪِ ترڪ جي منزل آهي. مالڪ کان سواءِ ڪنهن به شيءِ جي ضرورت باقي نٿي رهي. ڪن ٿورن سالڪن کي اها حالت نصيبن سان حاصل ٿيندي آهي. انسان جو جسم پنهنجي جاءِ تي پرسڪون رهندو آهي ۽ ان جو روح حرڪت ۾ اچي ويندو آهي. انهيءَ کي اسلامي تصوف ۾ "سير" چوندا آهن ۽ هيءَ مراتب سته (بامراتبِ نزولي) جي هيٺ هوندو آهي. ان جو وڏي ۾ وڏو اثر هي هوندو آهي ته انهيءَ سير ۾ سالڪ ڪنهن مقام تي اٽڪي نه رهندو آهي ۽ عروج کان پوءِ "نزول" ڏانهن اچڻ جو رستو مقرر آهي. ڏانهن هندن جي سلوڪ ۾ سالڪ جيڪڏهن ڪنهن مقام تي رهجي وڃي ته سالن جا سال رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڄي حياتي انهيءَ مقام تي گذاري ويندي آهي ۽ ان جي ترقي رُڪجي ويندي آهي پر مراتب سته واري اسلامي طريقي ۾ سولائي رهي ٿي ۽ گمراهيءَ جو امڪان گهٽ هوندو آهي. هندن جي روحاني سلسلي ۾ سير آزاد هوندو آهي ۽ بي راه روي ۽ گمراهي جو امڪان وڌيڪ هوندو آهي.

ويدانت وارا حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ چون ٿا جئين تر ۾ تيل آهي، گُل ۾ سُڳند آهي، کير ۾ مکڻ آهي، ڪاٺي ۾ آگ آهي. ميندي ۾ ڳاڙهاڻ آهي، سمنڊ جي پاڻي ۾ لوڻ آهي. انهيءَ ريت جيو آتما ۾ پرماتما آهي. اسلامي تصوف ۾ انهي، کي حلول چوندا آهن ۽ ملول "شرڪ" آهي دوئي آهي جنهن کي وحدت ۾ برداشت نٿي ڪري سگهي. اها دويتا آهي جنهن تي "ادويتا" جو بنياد آهي. گل ۽ بوءِ، سمنڊ جو پاڻي ۽ لوڻ ميندي، ۽ ڳاڙهاڻ ڪاٺي، ۽ آگ جي دوئي ۾ وحدت آهي ۽ دوئي ۾ ڪثرت ۾ وحدت لِکل آهي. دوئي ڏسڻ ۾ آهي حقيقت ۾ واحد آهي. اِها وحدتِ شهود جي صورت آهي پر وحدت وجود اهڙي دوئي ۽ ڪثرت کي بہ برداشت نٿي ڪري.

هندن جو وحدت جو تصور ڏسڻ ۾ اسلامي تصوف ۾ وحدت جي تصور جي تمام ويجهو آهي پر فرقِ مراتب سبب مراتب نزولي، جي نہ هئڻ ڪري پيدا ٿيو آهي. اسلام ۾ توحيد ڪامل آهي ۽ ويدانت ۾ ڪامل وحدت جو تصور موجود نہ آهي، ويدانت ۽ اُپنشد ۾ بہ ساڳيو آهي ويدن ۾ وحدت جي تصور جي ارتقا، آهي "آتما" جو دوئي (بياني) کان وحدت ڏانهن سفر آهي، انهيءَ تصور جي تڪميل اپنشدن ۽ گيتا ۾ آهي. اهو ئي وجہ آهي جو هندو ويدن اپنشدن ۽ گيتا تي مذهب جو بنياد رکن ٿا ڪثرت رستي بياني ۽ وحدت هڪ ئي وقت ۾ مذهب جا جز آهن ۽ هندن ۾ مذهب جا مختلف فرقا پيدا ٿي ويا آهن. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ گهر ۾ پنج ڀاتي هجن ۽ پنجن ئي جو مذهب جدا هجي، چو جو اهي سڀ ويدن ۽ اپنشدن ۽ گيتا تي ايمان رکن ٿا. مذهب جو فرق هوندي بہ پاڻ کي هندو ۽ مذهبي طور مختلف نٿا سمجهن، پر انهيءَ صورت حال انهن جي خيال ۾ هڪ انتشار ضرور پيدا ڪيو آهي ۽ اهي مختلف مذهبن مثال طور ٻڌ مت، جين مت ۽ سکن جي مذهب پنٿ بہ آهن جن کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪندا آهن. مذهب جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو انتشار سدائين رهيو آهي، ان ڪري ڌيان ۾ مرڪزيت پيدا ڪرڻ لاءِ هندن جي تصوف ۾ ڪيترا ئي اوراد، وظائف، عمل مجاهدا ۽ مراقبا آهن.

اسلامي تصوف ۾ ڌيان ۾ مرڪزيت پيدا ڪرڻ لاءِ پاس، انفاس موجود آهي پر ان جي اهميت ايتري نہ آهي نہ اها ايترو مفصل آهي. ان جي برخلاف هندن جي تصوف ۾ اها سادگي ۽ سولائي نہ آهي. هندن جو "پراڻا يام" مفصل، اجپا جاپ ۽ اشتت ڪنول دل وغيره تمام ڏکيا مفصل ۽ اهم سلسلا آهن انهن کي علم بہ چئي سگهجي ٿو ۽ فن بہ. پاس انفاس جو سلسلو اسان جي تصوف ۾ ذڪر خفي کان ذڪر جلي تائين هلي ٿو، پر اهو هندن جي تصوف وانگر لازم ملزوم ڪونهي. اسان وٽ پاس انفاس کان سواءِ بہ ذڪر اوترو ئي اثرائتو ٿي سگهي ٿو جيترو پاس انفاس سان هوندو آهي. پاس انفاس هجي يا پراڻا يام ٻنهي جو سلسلو ساهہ سان آهي ان ڪري وات بند ڪري نڪ سان ساهہ کڻڻ ضروري آهي ۽ ساهہ جي اچڻ وڃڻ تي ڌيان رکڻ ضروري آهي. پراڻا يام ۾ ساهہ سان آواز شامل ڪري چڪڻ ۽ ڇڏڻ سان صحيح معنيٰ ۾ ٿيندي ٿيندي قلب "جاري" ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ ذڪر بنا ڪنهن ارادي جي بہ ٿيندو رهندو آهي. اسلامي تصوف ۾ پاس انفاس رڳو ايترو آهي جو ان جو اثر دور رس ۽ همہ گير هوندو آهي.

هندن جي تصوف ۾ ڪيترائي عمل بہ آهن (جيڪي جيون ڏارڻ ڪرڻ يا زنده رهڻ سان وابستہ آهن) ۽ اڻ سڏي طرح انهن جو تعلق (آواگون) (تَناسُخ) سان بہ هوندو آهي. اعمال يا ڪرم هي آهن: (۱) ڪريہ مان (۲) پراربد ۽ رسنچت.

هر ڪرم مان اهي ڪريہ هوندا آهن جيڪي موجوده شرير (بدن) سان لازم هوندا آهن. جن جو ڪجھ ڀاڱو شرير ۾ ملي ان جو حصو بڻجي ويندو آهي ۽ ايندڙ جنم تائين رهندو آهي. "پراربد" اهو ڪرم آهي جنهن جي ڪري آتما شرير (جسم) ڌارڻ (اختيار) ڪندي آهي. پل اهو انسان جي صورت ۾ هجي يا حيوان جي شڪل ۾. پريم (محبت) تياڳ (ترڪ) ۽ محبت سان ڀڳتي (عبادت) جو شعور پيدا ٿيندو آهي. "پريم" ڀڳتي جو رفع ۽ ڀڳتي پريم جو ڦل آهي ان لاءِ سناڪرم ضروري آهن. اهڙن ڪرمن جو اثر ضرور هوندو آهي ۽ "گيان" (شعور) جي پرايتي (نيچر) گيان آهي جي صفت اِها آهي تہ اُهو هر سخت ڪم لاءِ تيار ڪري ٿو. اهڙي ڪرم جي اثر هيٺ ني گيان حاصل ٿيندو آهي ۽ ماڻهو هر فعل بي تعلق ٿي ڪندو آهي ۽ ڪام، ڪروڌ، موهہ، لوڀ ۽ اهنڪار (خودي انا خود سري) ڪان آجو ٿي زندگي گذاري ٿو. جيئن ڪرشن گوپين ۾ رهي سڀ ڪان الڳ ۽ آجو رهندو هو.

انهيءَ سلسلي ۾ "انهد شبد" ۾ بہ اچي ٿو (انهن منزلن جو ذڪر بہ ٻين خاص خاص وظيفن سان گڏ جدا هڪ مضمون ۾ ڪيو ويو آهي جو "پنجابي ادب" ۾ ڇپيو هو ان ڪري ان کي هن مضمون ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي ۽ ڪنهن موقعي جي مناسبت سان ڪيو ويندو.)

سرت (يا روح) جو خزانو ست لوڪ ۾ آهي روح جڏهن پنهنجي وطن ست لوڪ کان لهندو آهي تہ مايا جا پردا انهيءَ کي لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ وقت گذرڻ سان انهيءَ تي ايترا پردا چڙهي ويندا آهن جو اهو بلڪل لڪي ويندو آهي. اهي پردا لطيف وڌيڪ لطيف ڪثيف ۽ وڌيڪ ڪثيف پردن جي صورت ۾ هڪ ٻئي جي مٿان چڙهي روح کي ڍڪي بلڪل گم ڪري ڇڏيندا آهن. انهن پردن منجهان روح کي ڪڍڻ ڪو سولو ڪم نہ هوندو آهي. روح "پنج تتون" (اربع عناصر) جي اثر هيٺ گُڻن (صفات ثلاثہ) ڪان جدا ٿي، "ترڪُٽي" تائين پهچي ٿو. انهيءَ "ترڪٽي" کي "اوم" عالم لاهوت ۽ عرش عظيم بہ چوندا آهن.

انهيءَ کان سواءِ هندن جي تصوف ۾ "سفلي مقامات" جو ذڪر بہ آهي جن کي "ڪٽ چڪر" چوندا آهن جيڪي دل ڪنول جي هيٺ هوندا آهن.

پهريون چڪر اکين جي پٺيان ٻنهي اکين جي وچ ۾ جتي "سرت" (روح) جي بيهڪ آهي، هوندو آهي. جوگ شاستر ۾ انهيءَ کي پرماتما جو "مقام" چيو وڃي ٿو.

ٻئي چڪر جو هنڌ ڪنٺ (گلو) آهي جتي سڀني جي پيدائش هوندي آهي. هي آتما جو هنڌ (مقام) آهي.

ٽئين چڪر جو هنڌ (مقام) هِردَئي (دل) آهي جتي مهاديو جو واس آهي. جونتا ڪرڻ واري طاقت جو ضد (برخلاف) آهي اِڇا (خواهش) آرام ۽ تڪليف جو اثر انهيءَ مقام کان ٿئي ٿو. اِهي ٽيئي چڪر ملڪوت واري مقام ۾ داخل آهن.

چوٿون چڪر "ناپ ڪنول" (ناف ياڌن) ۾ هوندو آهي. هيءَ وشنو جو استان آهي. هيءَ "هر" واس ۽ طاقت جو هنڌ آهي ۽ اها ئي "استول بون" جو بنياد آهي.

پنجون چڪر "اندرني" جو مقام آهي. جنهن مان استول (شرير) پيدا ٿيندو آهي. هي برهما جو استان آهي.

ڇهون گدا چڪر آهي جو پراڻ (جيو) کي ڇڪي ٻيرن کي طاقت رسائيندو آهي. هيءَ چئن ولين جو ڪنول آهي اتي گنيس جو واس آهي.

جهوني زماني ۾ يوڳ جو ابياس هتان شروع ٿيندو هو. هي ٽنين چڪر ۾ داخل سمجهيو ويندو آهي. زندگي ۽ جسم سان تعلق رکڻ جي ڪري انهن کي اسيل سمجهيو ويندو آهي. سرت (يا روح) هيٺين درجي ۾ اچي ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ ان جو وري مٿاهين درجي ۾ وڃڻ ڏکيو هوندو آهي. سنتن انهي جي پنهنجي اصل ڏانهن موٽائڻ جا ڪجهه طريقا مقرر ڪيا آهن. انهن منجهان هڪ آهي شبد جي وسيلي اصل وطن تائين پهچائڻ. "شبد" (منتر) سان نُور پيدا ٿيندو آهي ۽ نُور سرت (روح) کي مٿي ڇڪي ٿو نور ني هڪ وسيلو (رشتو) آهي. جو دل سان ٻڌل آهي. اهو رشتو نُور کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٿي نه ٿو سگهي ۽ روح انهيءَ جي سهاري پنهنجي وطن ڏانهن وڃي سگهي ٿي. انهيءَ طريقي کي "سُرت شبد يوڳ ابياس" ۽ اسلامي صوفياڻي اصطلاح ۾ ان کي "سلطان الاذڪار" چون ٿا پر رکو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ - اصل حقيقت ۾ ٻئي مختلف آهن. (★)

مٿين ڳالهين مان ظاهر ٿيو هوندو ته "سُرت" (روح) نور جي هڪ رشتي (ڏور) جي سهاري پنهنجي اصل وطن ڏانهن جو تمام مٿاهون هنڌ آهي ڇڪي ويندو آهي. جيئن ڪوريئڙو پنهنجي سنهي تار جي سهاري مٿي ويندو آهي. هيءَ تار ڪوريئڙي ۾ موجود هوندي آهي. اهڙي ريت سرت (روح) دل جي اندرئين تار جي سهاري (بد انسان جي اندر موجود هوندي آهي) مٿي ويندو آهي. هي ڏکيو ڪم (منتر) شبد يا ذڪر جي وسيلي ممڪن هوندو آهي. اصل وطن ڏانهن انهيءَ سفر جون ڪيتريون منزلون هونديون آهن جيڪي شبد (ذڪر) جي اثر ۽ طاقت سان طيءِ ٿي سگهنديون آهن.

بيڪڙي يا زباني شبد (استول شبد) جي اچار ۾ وڏو اثر اهو آهي ته ان جو آواز ناپ (ناف ياڌن) جي هنڌ تان پيدا ٿيندي ان کان پوءِ "پراباني" آهي جا "هردي" (دل) ۽ ڪنٺ (گلي) مان پيدا ٿيندي آهي! ان کي "شچنتي" ۽ "مدّما" چوندا آهن. انهيءَ بيڪڙي يا استول سير سان سڄي سنسار (ڪائنات) جو نظام هلي رهيو آهي (اسلامي تصوف ۾ هيءَ ڪُن" سان ملي ٿو پر ٻنهي ۾ بنيادي فرق آهي ڇو جو مذهب ۽ تصوف جا ٻئي سلسلا مختلف آهن) هي اهو آواز آهي جو جنهن کي چاهي "ڪلاڻي" جنهن کي چاهي "رئاڙي" جنهن کي چاهي سانت لڳي جنهن کي چاهي غم ۽ غصي ۾ مبتلا ڪري ڇڏي؛ دوست کي دشمن ۽ دشمن کي دوست بڻائي. هي، شبد ئي آهي جو حاڪم کي محڪوم ۽ محڪوم کي حاڪم بڻائي سگهي ٿو. جنهن کي چاهي ڦاهيءَ تي چاڙهي ۽ جنهن کي چاهي ڦاهيءَ کان بچائي. سنسار ۾ حالات جو بدلجڻ انهيءَ آواز جي اثر هيٺ آهي.

جڏهن استول شبد جي زبردست معني معلوم ٿي ويئي آهي ۽ اسان ڄاڻون ٿا ته شبد جو سوڪشم

آهي ۽ برهمانڊ کان اِتي ٿو، انهيءَ ڪري ان ۾ اپاري طاقت آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو گياني ان کان سنو ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مالڪ انهن جي منوڪامنا (من جي مراد) پوري ڪندو آهي ۽ اهي انهه شبد پڏندا آهن (جيئن ۾ بداپوڪ ته ان بابت جدا مضمون لکيو ويو آهي).

"پراڻا يام" ۾ ساهه جي تربيت جي صورت پنهنجي جاءِ تي بيان ٿي چڪي آهي هينئر ان جو هڪ بيو سلسلو ۽ بيو روپ به ڏسڻ وٽان آهي. دنيا جي هر ڪم ڪرڻ لاءِ سُر جي اهميت کي سمجهڻ ضروري آهي. سُر ڏسڻ جو مطلب آهي ته ساهه نڪ جي ڪهڙي سوراخ مان اچي ٿو. چوڻي ته ساهه سدائين هڪ سوراخ مان نه ٿو اچي ۽ سدائين ٻنهي سوراخن مان ايندو آهي، ٿيندو ائين آهي ته ساهه ڪڏهن هڪڙي ۽ ڪڏهن ٻئي سوراخ مان اچي ٿو، ۽ هر سوراخ ساهه جي اچڻ جي جدا تاثير آهي. سُر سان گڏ تتون جو خيال رکڻ به ضروري هوندو آهي. ان لاءِ ته جڏهن تتو پرٿوي (زمين) يا جل (پاڻي) آهي ته ڪم ضرور پورو هوندو آهي ائين نه هجي ته ڪم ۾ ڪنڊت پيدا ٿئي ٿي.

تتون جي سڃاڻپ ائين ڪري سگهجي آهي ته جڏهن پرٿوي (زمين) تتو هلي ٿو ته ساهه نڪ کان ٻارهن (١٢) آڱر هيٺ تائين ايندو آهي. اگني (آگ) تتو چار آڱر هيٺ اچي ٿو. وايو (هوا) تتو ۾ اٺ آڱر هيٺ هوندو آهي آڪاش تتو هلي ٿو، ساهه نڪ جي بلڪل ويجهو هوندو آهي.

ساهه ڪڍڻ واري کي کپي ته هو ساڌارڻ (ساري ۽ عام) نموني ۾ ساهه ڪڍي زياده زور سان ساهه نه ڪڍڻ کپي، صحيح ساهه جو اندازو ڪرڻ لاءِ طريقو هي آهي. هڪ آرسي ڪڍي نڪ ان جي ويجهو ڪري زور سان ساهه ڪڍجي ته شيشو ڌنڌلو ٿي ويندو (ان ۾ اها صفائي نه رهندي) جيڪڏهن انهيءَ ڌنڌلي ڀاڱي جا چار زاويا آهن ته سمجهو پرٿوي تتو آهي جيڪڏهن شڪل اڌ چنڊ جي آهي ته جل (پاڻي) تتو آهي شڪل ٽُڪنڊي جي آهي ته اگني تتو آهي ۽ گول شڪل آهي ته تتو واير (هوا) آهي ۽ شڪل ڪن جهڙي آهي ته سمجهو آڪاش تتو هلي رهيو آهي.

تتو معلوم ڪرڻ جو ٻيو طريقو هيءَ آهي ته پنجن رنگن جون گوريون ڪٺو ۽ هر تتو لاءِ هڪ جدا رنگ مقرر ڪري چڏيو ۽ سدائين انهن کي گڏ رکو جنهن وقت تتو معلوم ڪرڻ هجي ته اکيون ٻوٽي هڪ گوري ڪڍو جنهن تتو واري رنگ جي گوري نڪرندي ته گهڻو ڪري اهو ئي تتو هلندو هوندو. انهيءَ عمل ۾ جلدي نه ڪرڻ کپي، جيڪڏهن نتيجو صحيح نه نڪري ته گهٻرائڻ جي ضرورت نه آهي. نيٺ نتيجو سنو ئي نڪرندو. ڪنهن فن يا علم ۾ ڪو ماڻهو شروعات ۾ ئي ماهر نه هوندو آهي استقلال کان ڪم وٺڻ ضروري آهي چندرمان ۾ پرٿوي تتو ڪپندو آهي، اگني تتو ۾ محنت سان ڪم ٿيندو آڪاش تتو ۾ سواءِ عبادت جي ڪجهه نه ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو دور ديس ۾ جنگ تي وڃڻ چاهي چنڊ سُر ۾ وڃڻ کپي ضرور فتح ملندي، انهيءَ وقت سج کان چنڊ ٿي وڃي ته اجا به سنو آهي. جنهن صورت ۾ عورت چوٿين ڏينهن ترڙ ڪري ۽ ان جو چندمان هلندو هجي ته ضروري ڪاميابي ٿيندي ۽ مرد جو سر سج هجي ته سمجهو ته ضرور پُٽ ٿيندو ان جي ابترڙ ٿئي ته سمجهو ته ان جو بلڪل ابترڙ ڪم ٿيندو. ان کان پوءِ اولاد جي نر ماده ۽ مخنث جاڙن ۽ ڪنهن عضوي جي گهٽ يا وڌ هجڻ جو بيان ۽ انهيءَ جي سڃاڻپ ٻڌائي وني آهي ته

ٻڌايو ويو آهي ۽ ٻي: يا ما: جي صورت ۾ ٻار چو ۽ ڪينن جمندا آهن.

چيٽ جي مهيني ۾ چنڊ لڪشن پروا (پورب ڪان هلڻ واري هوا) وشواس جوڳي يا موقع تي هلڻ سان آئيندي جو حال معلوم ٿيندو.

(۱) جيڪڏهن سج اپرڻ مهل اگني يا آڪاس تتو هجي ته ضرور مالڪ جو فصل (۽ عام طور ملڪ جو فصل) خراب ٿيندو ان جو سبب موسم جي خرابي يا فصل جي ڪا بيماري ٿي سگهي ٿي. تتو وايو هوندو ته فصل سٺو ٿيندو. شُشما هلندي ته فصل برباد ٿي ويندو ملڪ ۾ بيماري ۽ تڪليف عام ٿيندي.

اهڙي حالت ۾ آئينن ۾ پنهنجي صورت نظر نه ايندي ته سمجهو ته زندگيءَ جا رڳو پندرهن ڏينهن باقي آهن: جيڪڏهن ڪنهن کي ٻنهنجو نڪ ۽ پرون نظر نه اچن ته سمجهو اهڙو ماڻهو ٻن ڏينهن جو مهمان آهي. ڪنهن کي تيل يا پاڻي يا اهڙي ڪنهن شيءِ (مثال طور) آئيني ۾ صورت يا صورت جو حصو نظر نه اچي ته اهڙي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا پنج ڏينهن باقي آهن. خوشبوءِ ۽ ولو احساس نه رهي ته ٻڪ تي ڏينهن زنده رهندو. جيڪڏهن دم (ساهه) وات جي رستي اچڻ شروع ٿئي ته سمجهو زندگيءَ جا ڪجهه ڪلاڪ باقي آهن. جيڪڏهن ڪيترن ڏينهن تائين سڄي پاسي ڪان ساهه اچي ۽ اگني قائم نه هجي ته برابر ٽن سالن ۾ موت ايندو جيڪڏهن ٻه ڏينهن لاڳيتو سج سرهلي ته سمجهو ٻه سال زندگي آهي ٻه ڏينهن يا اٺ ڏينهن يا ان ڪان وڌيڪ ساه ڪابي پاسي ڪان اچي نه سمجهو اهڙو ماڻهو وڏي عمر کي رسندو جيڪڏهن ڏينهن ۾ سج ۽ رات ۾ چنڊ سُر هلي ته سمجهو ته حياتيءَ جا ڇهه مهينا باقي آهن. جيڪڏهن ڪنهن بيمار ماڻهوءَ جي نڪ مان ساهه ٿڌو نڪري ۽ ڪجهڻ وارو ساهه گرم هجي. ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو ڪو پروسو ڪونهي جيڪڏهن ڏنجي مهل جو محسوس ڪري ته هٿن پيرن ۽ ڇاتيءَ کي پاڻي پوڻ شرط جدا ٿي وڃي ته جو سمجهو باقيءَ ڏهرا ٽين جي آهي.

هندن جي تصوف جي روايت عام جهوني ۽ معتبر آهي ايتري قدر مفصل آهي. جو هر ڪتاب ۾ وڌ ۾ وڌ تفصيل ملندو هندن جي تصوف ۽ اسلام جي تصوف ۾ ڪجهه اصطلاح ۽ احوال مشترڪ نظر ٿا اچن. پر اها مشابهت ظاهري آهي دراصل ٻنهي ۾ وڏو تفاوت آهي انهد شبد. سماڌي ۽ مراقبي (●) منتر ۽ اوراد ۽ وظائف. پراڻا يام ۽ تتون ۽ پاس انفاس حبس دم. است ڪنرل دل يا تصور شيخ. اجپا جاپ ۽ سلطان الاذڪار وغيره اصطلاحات ۽ ڪيفيات ۾ نالي ماتر اشتراڪ هوندو آهي. پر بنيادي طور زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ۽ عيسائين. يونانين. چينين. مصرين ۽ هندن سان تقابلي مطالعي بعد معلوم ٿيندو آهي ته اسلامي تصوف مذهب اسلام جي مطابق سولو ۽ دين فطرت جيئن سادو آهي ان ۾ اعتدال آهي هرڪو سولائي سان ان تي عمل ڪري سگهي ٿو.

تصوف ڪهڙو ٻه هجي پنهنجي نظام هيٺ هلندو آهي ڪجهه شين جي پابندي ۽ ڪجهه شين جي ترڪ جون ڪرڻ سان حاصل نٿو ٿئي. مرشد جو موجود هجڻ تمام ضروري آهي. قدم قدم تي ان جي رهنمائيءَ جي ضرورت هوندي آهي نه ته سالڪ راه گم ڪري ڪنهن ٻئي رستي تي هليو ويندو ۽ منزل کي هڪ پاسي ڇڏي! يا ڪنهن منزل ۾ اٽڪي الائي ڪيتري مدت تائين پٽڪندو رهندو يا

وري هميشه لاءِ گُم ٿي ويندو.

سڀ کان ضروري ۽ اهم نڪتو هي: آهي تہ شاعر جو ڪلام تصوف جو ڪتاب نہ هوندو آهي ان ۾ ڪنهن بہ سفر جو ڏس منزل بہ منزل نہ ٿو ملي. ڪلام روحاني تجربن تي مبني هوندا آهن جڏهن بہ جهڙو بہ تجربو ٿيندو آهي، تہ جذبات ۽ احساسات انهي تجربي جي اثر هيٺ ايندا آهن تہ ڪنهن ارادي ڪانسواءِ شاعر انهيءَ تجربي کي بيان ڪري ڇڏيندو آهي. اهي تجربا روحاني سفر جي ڪنهن خاص منزل يا ڪنهن مقام سان تعلق رکن ٿا ۽ انهن کي انهيءَ پس منظر ۾ سمجهي سگهبو آهن.

آخر ۾ عرض آهي تہ ويدانت جي ڪن علمي ۽ عملي ڳالهين جي ذڪر ڪندي اسلامي تصوف ۽ ويدانت جي مشترڪات جي نوعيت ۽ فرق ڏانهن اشارا ڪيا آهن. هندن جي تصوف جي تفصيل مان معلوم ٿيندو تہ اِهو نظام اسلامي تصوف جي نظام کان بلڪل مختلف آهي ۽ ڪنهن بہ مسلمان صوفيءَ جي ڪلام ۾ ظاهري هڪجهڙائي ڏسي ڪنهن ٻئي نظام تصوف جي ڳولها هڪ ڪارِ عبث آهي جو اڪثر ليکڪ ۽ محقق ڪندا آهن. تقابلي مطالعي ۾ ڪو بہ حرج ڪونهي: پر ڳالهہ انهي وقت منجهي ٿِي ٿي جڏهن سچي نظام کي هڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي علامہ اقبال تي اهڙو مطالعو ٿيو آهي ۽ پاڻ سچي شاعريءَ ۾ تصوف جا مضمون بيان ڪندا رهيا ۽ نثر ۾ انهن جي مخالفت ڪندا رهيا ۽ اڄ بہ علامہ صاحب کان متاثر ليکڪ ۽ محقق انهيءَ ڪارِ عبث ۾ مصروف آهن. هاڻو هرڪو ماڻهو پاڻ فيصلو ڪري سگهي ٿو تہ شاهہ جي ڪلام ۾ ڪيترو ويدانت آهي.

■

## فوٽ نوٽ

(★) هڪڙي هنڌ انهيءَ ليکڪ لکيو آهي تہ شاهہ لطيف انهيءَ سلسلي ۾ مريد ٿي ان کان هي وظيفو سکيو هو. ان جو بيان هڪ ٻئي مضمون ۾ مناسب طور ڪيو آهي.

(●) ڊاڪٽر جهانگيائي شاهہ سائينءَ جي رسالي ۾ هڪ بيت ڪڍي ڏنو آهي جنهن ۾ ـ گ (سَنڪ) جو لفظ آيل آهي. انهيءَ ڪري بيت ۾ اَنهد شبد جو حوالو ڏنو آهي، جو غلط آهي. اَنهد شبد ۾ تہ ڪيترائي ساز ۽ آواز آيل آهن ۽ شاهہ جي رسالي ۾ بہ ساڳيا لفظ آهن. رڳو لفظ جي اچڻ سان اَنهد شبد نہ هوندو آهي.

## حوالا

(١) شاهہ عبداللطيف جي شاعري ـ ڊاڪٽر درشهوار سيد

(٢) شاهہ عبداللطيف شاعري ۽ ڪارناما ـ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي

(٣) شاهہ عبداللطيف ۽ ان جو عهد ـ ڊاڪٽر ايس ايم جهانگيائي

(۴) لطف اللطيف ـ مولانا دين محمد وفائي

(۵) احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي ـ مرزا قليچ بيگ

(٦) لطائف لطيفي ـ مير عبدالحسين سانگي

(۷) رسالو شاھ عبداللطيف (انگريزي ترجمو) ـ ايلسا قاضي

(۸) شريمد ڀڳوت گيتا ـ ترجمو مدن دهلوي

(۹) سِرّ اڪبر ـ فارسي ترجمو اُپنشد شهزاده دارا شڪوه

(۱۰) اُپنشد انگريزي ترجمو جي آ ايس ميڊ ۽ جي سي چٽو پاڌياءِ

(۱۱) ڀڳوت گيتا ـ اين ڊي ٽڏاني

(۱۲) تحفهٔ درويش ـ گهاسي رام

(۱۳) عظيم فلسفي ـ جڳن ناٿ برشاد

(۱۳) شاھ جو رسالو ـ ڪلياڻ آڏواڻي

(۱۴) شاھ جو رسالو ـ علامه آءِ آءِ قاضي

(۱۵) تلسي گرنٿا ولي رام چندر شُڪل ڀڳوان اين ۽ برج رتن داس (ڪليات ڀاڱو ٦)

(۱٦) شاھ جو رسالو (جامع ۽ مستند) ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(۱۷) سنڌي ادب جي تاريخ (ساهتيه اڪيڊمي انڊيا) ـ ايل ايچ اجواڻي


❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# لطيف شناسيءَ لاءِ نيون سوچون ۽ نوان قدم

سنڌ ڌرتي سدا سهاڳڻ رهي آهي. هر دور ۾ هن جي پيٽ مان ڪئين سگهڙ ۽ سياڻا پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن هر زماني ۾، اُن زماني جي ماحول مطابق، هن سرزمين کي هموار پنڌ بنايو آهي ۽ ماڻهن جي گهرجن مطابق مواد پڻ مهيا ڪيو آهي.

موجوده دور ۾ جڏهن ٻيا صوبا ته ٺهيو پر وفاقي حڪومت جا شعبا خاموش آهن تڏهن سنڌ سرڪار جي ثقافت ۽ سياحت کاتي طرفان سنڌ جي علم ادب، ثقافت جي سرواڻ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام تي جديد تقاضائن ۽ اصولن جي روشنيءَ ۾، لطيف شناسيءَ تي، ايڪيهين صديءَ جو خيال رکندي، نئين نسل لاءِ راهون هموار ڪرڻ جي سلسلي ۾، سوچڻ لاءِ، اديبن، عالمن، شاعرن، دانشورن ۽ خاص ڪري لطيف شناسيءَ جي شاگردن کي دعوت ڏيڻ، گهرايو آهي ۽ هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي.

محترم ممتاز مرزا، پنهنجي مراسلي نمبر DG/C&T/M&S_۵/۹٦/۲۱۵ مورخہ Nill ۾ فرمايو آهي ته:

> "گذارش ڪندس ته وقت جا رَوَيا ۽ انداز نهايت تيزيءَ سان تبديل ٿيندا پيا وڃن. جاڻ جا سمورا دروازا، ايڪويهين صديءَ ڏي لڪڻ وارا آهن ۽ اُن ماڳ تي بيهي، جڏهن اسين ماضيءَ ڏي نهاريون ٿا ته اسان کي پليءَ پٽ احساس ٿئي ٿو ته لطيف بابت اجا تحقيق جي ڪا کَروَٽَ به ڪڙي نه ڪئي آهي. اسان جي سڄاڻ عالمن ۽ محققن، پنهنجي فهم سان، لطيف تي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪن به پيا؛ اهو ڪم پنهنجي جاءِ تي نهايت قدر جي لائق آهي پر اڄ جو نئون ذهن، علم جي دنيا جي نين واٽن جو ڳولاهو آهي. هن جي تجسس جون حدون نهايت ئي وسيع ٿي ويون آهن: هو لطيف سائينءَ جي، نئين زماني جي فڪر جي پس منظر ۾ وهجاڻ گهري ٿو ۽ پنهنجي سونجهاڻپ واري جذبي جي سڪ پوري ڪرڻ جو خواهشمند آهي. هن وقت جي ضرورت آهي ته اسان پنهنجي نئين پيڙهيءَ کي لطيف جي فڪر تي، جديد انداز سان تحقيق ڪري، ان سنيهي کان آشنا ڪريون، جنهن سان سنڌي سماج ۾ ڪا نئين باک ڦٽي ۽ ذهنن تي اونده گهٽ ٿئي."

پر سوال هي آهي ته جڏهن ته سنڌ جي جهونن ۽ پراڻن، اديبن، عالمن، دانشورن، نوجوانن ۽ نئين ٽهيءَ جي اديبن ۽ دانشورن جي وچ ۾ وڏا ويڇا پيل آهن، محبتن جي ديوار ۾ وڏا ڏار پيل آهن، ايتري قدر جو ائين ٿو لڳي ته جڻ ته اِهي ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا آهن؛ جڻ ته اهي ٻن نظرين ۾ ورڇجي ويا آهن، ۽ هاڻ حالت اها وڃي بڻي آهي جو ٻئي گروهه، ساڳئي يعني هڪ ٽيبل تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويهي، ڳالهائڻ لاءِ به تيار نه آهن. ته پوءِ جهونن ۽ تجربيڪار اديبن ۽ دانشورن جون ڳالهيون ڪير ٻڌندو؟ هو ڪنهن سان ويهي ڳالهائيندا؟ ۽ پنهنجن تجربن، تحريرن ۽ تحقيق جون ڳالهيون ڪنهن سان ڪندا؟ جڏهن ته نوجوان اديب، هنن جي تجربن ۽ لکڻين کي فرسوده ۽ پراڻيون

سمجهي، رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اُڇلايل ردي ڪاغذن کان به گهٽ ٿا سمجهن. ان کان سواءِ اسين ڏار ڏار لابين ۾ ورهائجي ويا آهيون، هڪ لابي، ٻئي جي اعليٰ فڪر ۾ ذهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهي.

هن ڏس ۾ روزاني هلالِ پاڪستان جي شماري مورخه ٢- آگسٽ ١٩٩١ع ۾، "رنگ رنگ دنيا" جي عنوان واري ڪالم ۾، محترم انعام شيخ، "زندگيءَ جو امرِ گهيت آهيون اسان"، جي سِري هيٺ جيڪي ڳالهيون لکيون آهن، اُنهن مان ڪي نقطا هيٺ دهرائجن ٿا. منهنجي خيال ۾ اهي ڳالهيون نه فقط محترم انعام شيخ جي دل جو آواز آهن پر اڄ جو هر سنڌي نوجوان، گهٽو ڪريَ، اهائي راءِ رکي ٿو. انعام شيخ صاحب لکي ٿو:

"عام طرح سان سڄي دنيا ۾ نوجوان، باغي ۽ احتجاجي هجن ٿا، سندن خون ۾ شديد گردش ۽ خيالن ۾ عقل جي بدران، جذبن جي مداخلت وڌيڪ هوندي آهي. شايد انهيءَ ڪري ئي هو، سچ بابت به ٻي راءِ (Second thought) رکڻ پسند ڪون ٿا ڪن ۽ سامهون نظر ايندڙ سچاين کي ئي سڀ ڪجهه سمجهندي، اُن لاءِ سخت کان سخت موقف رکندي، ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان ڪون ٿا ڪيٻائين، پر پوءِ به عمر جي گذرڻ سان گڏوگڏ، سندن طبيعت ۾ پڙڪو ڪائي اُٿڻ واري جبلت، آهستي آهستي ٺهرم سان ٻڏڻ ۾ تبديل ٿِئي ٿي، ۽ آخرڪار هو سماجي مجبورين ۽ ڪمزورين سان ٽورڙو ٽَڪو ناهه ڪرڻ لڳن ٿا".

پر اُن جو مطلب اهو به ڪونهي ته هر نوجوان وَهيءَ جي لهندڙ سچ کي نظر ۾ رکندي، ڪاري ڪوڙ ۽ نيٺ نَجس کي به سچائي سمجهي قبول ڪري ۽ جتي ڪٿي هٿيار ڦٽا ڪري، پنهنجي آزاد سوچ ۽ عزتِ نفس کي نيلام ڪندو رهي. بلڪل انين سنڌ جي نئين ٽهيءَ اهو سمجهڻ شروع ڪيو آهي ته مطلق سچائي نالي ڪا شئي ٿيندي ئي ناهي. حقيقتون رڳو لاڳاپيل ۽ نسبتي (Relative) ٿينديون آهن ۽ انهن جي حاصلات به فوري ۽ تڪڙي نه، پر ڏکهي ۽ ڪاريگريءَ سان ڪيل ڪم ذريعي ئي ممڪن ٿئي ٿي. هنن کي سُڌ آهي ته بائيبل جاڪر:

"مون کي مُهر وانگر پنهنجي دِل تي هڻ ۽ مُهر وانگي پنهنجي ٻانهن تي رک: ڇا لاءِ جو محبت موت وانگر زورآور آهي: جذهن ته حسد قبر وانگر ظلم ڪندڙ آهي: اُن جا شعلا، باهه جا شعلا آهن — ۽ اهو خود اونداهه جو اولاڪو آهي" —

اصل ۾ ڪهڙو مقصد رکن ٿا. "منهنجو مطلب اهو آهي-ته عام تاثر جيءِ برخلاف وٽن، شين کي متوازن انداز ۾ محسوس ڪرڻ ۽ فرق ڪرڻ جيترو عقل موجود آهي. ها، ممڪن آهي ته اُن ۾ گهربل مقدار جي گهٽتائي هجي، پر اسان کي اهو ته ٻڌايو وڃي ته ڀلا ڪير آهي جيڪو ڄمندي ڄام رهيو آهي."

انعام شيخ صاحب اڳتي سوال ٿو ڪري ته:

" اهي جيڪي اسان جي احساسن ۽ اُمنگن جي ترجماني ڪرڻ جا دعويدار يعني علم ادب جا صاحب آهن، سي سدائين عقل ۽ عرفان کي عمر جو محتاج ڄاڻائيندي اهو واعظ

ڪندا رهندا آهن ته:

نوجوان جذباتي آهن تنهن ڪري ڪين ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي: ڪو وقت ايندو ته پاڻهي سمجهي ويندا: تن جي لاءِ سادڙو عرض اهو آهي ته دنيا ۾ سڀ ڪجهه جهونن ڪان ئي نه سکبو آهي: گهٽيون شيون ٻارڙن، عورتن، نوجوانن بلڪ ساهدار پکيئڙن ۽ جانورن کان به سکيون ويندون آهن. هر عمر جو پنهنجو انداز ۽ هر اک جو پنهنجو ادراڪ ٿئي ٿو. منافقت ۽ بيانيءَ کان پري هڪ نوجوان جي شفاف نگاهه، جڏهن ٿيهن جي پيٽي ۾ مٺڙي مسيح جي صورت ۾ ڪائنات جو ڪاچو وٺي ٿي ته پوءِ اها صليب تي چڙهڻ مهل به انتهائي آرام سان هجي ٿي ۽ انساني تاريخ تي امر ۽ املهه نشان ڇڏي وڃي ٿي.

ڪو وجود جڏهن رام تيرت ٻڌجي:

"تون به پاڻي، مان به پاڻي، اڄ ته پرچون پاڻ ۾"

جي صدا هڻي ٿو ته ذهن جي ڪئنواس تي ڇا ڇا بديع ۽ بي بها مثال نقش ڪري ٿو. اهو به نوجوان آهي جيڪو "گري" (Gray) جي روپ ۾ ميڊيڪل سائنس جي اناٽامي واري برانچ تي اڻ ڪٿ تحريرون لکي انسانيت تي اُتپچو احسان ڪندو رهي ٿو ـ ۽ پوءِ پنهنجي ذات کي بي حس دنيا کان پري وٺي ٿو وڃي."

انعام شيخ صاحب، اهڙيءَ طرح پنهنجي هن ڪالم ۾ اڳتي لاطيني اميريڪا ۽ ٻين ملڪن جي نوجوانن جهڙوڪ: ارنيسٽو چي گويرا، موسيٰ جليل، جوليس فيوچڪ، بوبي سئنڊس، وان ٽروئي ۽ سنڌ جي هيمو ڪالاڻيءَ جا نالا ڪٿي چوي ٿو ته:

"يقين ڪريو ته اسان کي پنهنجي نوجوان هجڻ تي ڪو به پڇتاءُ يا شرمندگي ڪونهي."

انعام شيخ صاحب جي هن ڪالم پڙهڻ کان پوءِ، مون سوچيو ته ممتاز مرزا صاحب واري هن مذاڪري ۾ فقط انهن نوجوانن کي ئي شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏجي جيڪي اهو لکي ڏين ته هُو سدائين نوجوان رهندا، بلڪل ائين جيئن جپان جي دوري دوران، منهنجي رهنما (Escort) خاتون مون کي ٻڌايو ته جپان ۾ عورتون، پنهنجي عمر جو ڪانٽو ويهن سالن جي عمر تي رسڻ کان پوءِ بيهاريو ڇڏين. هنن جي چوڻ موجب، هو پنهنجي عمر ويهن سالن جي عمر تائين پهچڻ کان پوءِ ڳڻين ئي ڪونه. اسان جا ڪي نوجوان دوست به بلڪل جپاني عورتن وانگر آهن. جيتوڻيڪ هو نانا، ڏاڏا ۽ پڙ ڏاڏا به وڃي ٿيا آهن، پر هُو اڃا آهن نوجوان ۽ نئين ٽهيءَ ۾ شامل. اهڙيءَ طرح ڪي دوست سمجهن ٿا ته اهي سدائين ويهن سالن جا ئي رهندا ۽ سندن عمر جو ڪانٽو اڳتي وڌندو ئي ڪونه.

مون ۾ هن مقالي لکڻ ۽ خاص ڪري نئين ٽهي ۽ نئين نسل لاءِ، لطيف شناسيءَ جي سلسلي ۾ ڪجهه راين ڏيڻ جي همت تڏهن پيدا ٿي جڏهن مون روزانه ڊان اخبار جي ٢ـ آگسٽ واري منگزن سيڪشن ۾، دنيا جي هڪ عظيم روحاني پيشوا ۽ منهنجي مرشد هز هائينس ڪريم آغا خان جو، اسپين جي شهر غرناطه ۾ تازو ڏنل انٽرويو پڙهيو. هز هائنس آغا خان جي مذڪوره انٽرويو پڙهڻ کان

پوءِ مون محسوس ڪيو تہ جهونن اديبن ۽ دانشورن ۽ نوجوان اديبن ۽ سهڻي سوچ رکندڙ ساٿين جي وچ ۾ سمجهوتو ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن اسان جا جهونا ۽ آزمودگار اديب ۽ دانشور نوجوان اديبن ۽ دانشورن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ جي همت ڪن، ۽ موٽ ۾ نوجوان، انهن جهونن ۽ بزرگ اديبن ۽ دانشورن کان ڪجھ سکڻ ۽ پرائڻ لاءِ سوچين. بزرگ اديب ۽ دانشور اهو علي الاعلان چون تہ اسان جا نوجوان دانشور بہ سهڻي سوچ رکن ٿا ۽ وڏيڪ ذهين آهن.

هز هائنس آغا خان صاحب کان اسلام، اسلامي ثقافت، اسلامي فنِ تعميرات، تاريخ ۽ اسلامي فنون لطيفہ جي باري ۾ گهڻائي سوال پڇيا ويا. آئون ڪانئن پڇيل فقط ٻن سوالن جي جوابن جو ترجمو پيش ڪريان ٿو، جيڪي هن موقعي سان مناسبت رکن ٿا. هز هائنس جا جواب ٻنهي گروهن يعني جهونن دانشورن ۽ نوجوان اديبن جي وچ ۾ سمجهوتي لاءِ رهنما اصول بنائي سگهجن ٿا.

هڪ سوال هو تہ:

> اوهان جي لاءِ اُها ڪهڙي مثالي هستي آهي جنهن کان اوهين هميشه متاثر ٿيندا آهيو ۽ اها مثالي هستي، اوهان ۾، هروقت اُتساھ جو جذبو جاڳائيندي رهندي آهي؟

هز هائنس جن جواب ۾ فرمايو تہ:

> هڪ مسلمان جي حيثيت ۾، منهنجي لاءِ، اسلام جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي جاودان زندگي ئي آهي جيڪا منهنجي لاءِ هڪ مثالي آهي ۽ هڪ نموني وانگر آهي: سندن مثالي زندگي مون ۾ هروقت اُتساھ ۽ اُمنگن جو جذبو جاڳائيندي رهندي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جي تعليم ۽ سندن مادي توڙي روحاني زندگيءَ جا اصول ۽ پيمانا، منهنجي لاءِ مثالي نمونا آهن جن مان مون کي هميشه رهبري ملندي رهندي آهي.
>
> هز هائنس جن وڌيڪ فرمايو تہ: ٻي مثالي شخصيت جنهن جي حيات جاودان مان، اسان کي اُتساھ ۽ رهنمائي حاصل ٿيندي آهي، اُها شخصيت حضرت علي عليہ السلام جن جي ذات مبارڪ آهي. سندن ذهني ڪمال ۽ عظمت، منهنجي ۽ منهنجي زندگيءَ لاءِ هميشه اُتساھ ڏياريندڙ، جذبي ۽ ولولي جو باعث بڻي آهي. آئون انهن ٻنهي اعليٰ، عظيم ۽ پاڪ هستين جي مثالي زندگين طرف گهڻي چاھ سان متوجھ رهيو آهيان ۽ پنهنجو پاڻ کي چوندو آهيان تہ "اسان انهن هستين جي تعليم، سکيا ۽ رهنمائيءَ کي فقط سندن عمر واري دور تائين يا اُن دور لاءِ محدود نہ سمجهون پر سندن زندگي، سيرت جا زرين اصول ۽ سندن تعليم، هر دور ۾ پاڻ لاءِ راهنما بنايون ۽ انهن کان هميشه فيض حاصل ڪندا رهون.

هز هائنس آغا خان کان جيڪو ٻيو سوال پڇيو ويو هو، تنهن جو جواب، بزرگ اديبن ۽ دانشورن ۽ نوجوان اديبن ۽ دانشورن لاءِ رهبري ڪري ٿو. سندن جواب مان اسان کي اها رهنمائي ملي ٿي تہ اسان کي پنهنجي نئين نسل، نئين ٽهي ۽ مستقبل جي پيڙهيءَ کي ڪهڙيءَ طرح پاڻ سان کڻي ۽ شامل ڪرڻ گهرجي.

هز هائنس جن کان سوال ڪيو ويو تہ:

"اسان جي نئين ٽهي، اسان جي ماضيءَ کي بهتر نموني ڪيئن سمجهي سگهي تہ جيئن اهي نوجوان، ماضيءَ جي تجربن مان، مستقبل لاءِ رهنمائي حاصل ڪري سگهن."

هز هائنس جن جواب ۾ فرمايو تہ:

"اسان کي خبردار رهڻو پوندو تہ جيئن اسين ايندڙ نسل کي-اهو چئي خاموش رهڻ جي ڪوشش نہ ڪريون تہ: "هي نہ ڪريو، هُو نہ ڪريو، ۽ اهڙا حڪم صادر ڪرڻ کان پوءِ اسين اطمينان سان ماٺ ڪري ويهي رهون ۽ انهن نوجوانن کي سندن حال تي ئي ڇڏي ڏيون.

هيءَ اها منزل آهي جتي media جو ڪردار اهو سمجهيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ media جي مواد کان سواءِ مستقبل جي نسل وٽ ٻيو ڪوبہ ذريعو يا resource موجود نہ هوندو جو کين معلومات مهيا ڪندو ۽ سندن رهبري ڪندو. اُن وقت تائين، اُنهن لاءِ اهڙو ڪوبہ ساٿي ڪونہ رهندو جنهن وٽ وڃي يا جنهن سان ويهي هُو ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري سگهن؛ ان ڪري اسان لاءِ اهو لازمي آهي تہ اسين پنهنجي مستقبل جي نسل لاءِ نہ فقط معلوماتي مواد تيار ڪريون پر اُن معلوماتي مواد کي سمجهڻ ۽ اُن مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي نئين نسل کي بہ شامل ڪريون ۽ کين ڀاڱي ڀائيوار ڪريون."

هز هائنس جن اڳتي فرمائين ٿا:

"آئون جڏهن هارورڊ ۾ پڙهندو هوس، اُن زماني کان مون MIT پروگرامن ۾ مسلم توڙي غير - مسلم فن تعميرات ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي؛ اسان کي معلوم ٿيو تہ اُن وقت آرڪيٽيڪچر تي تدريسي مواد موجود ئي ڪونہ هو. اسان ان وقت اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ آخرڪار اسان وٽ، انهيءَ موضوع تي ڇا ڇا موجود آهي؟ معلوم ٿيو تہ اسان وٽ چوڏهين ۽ پندرهين صديءَ جون شاندار عمارتون تہ موجود آهن، پر اُنهن کان اڳتي يعني اڄ واري زماني جو ڪوبہ مواد موجود ڪونهي.

محسوس ڪيو ويو تہ اسان کي ماضيءَ جي طرف وڃڻو پوندو. پنجاهہ کان هڪ سؤ سال اڳ واري زماني جي، موجود مواد جي آڌار تي، تدريسي مواد تخليق ڪرڻو پوندو؛ اُن مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي. فن تعميرات ۾ ڪوبہ محقق اوهان کي اهڙي مواد جي تياريءَ کان نٿو روڪي."

هز هائنس اڳتي فرمايو تہ:

اسان کي پنهنجن نوجوانن ۾ اعتماد جو جذبو جاڳائڻو پوندو؛ اُهي غلطيون ضرور ڪندا؛ اُنهن کي غلطيون ڪرڻ ڏيو. انهن کي غلطين ڪرڻ جي ڪري، ڪم ڪرڻ کان روڪڻ ۽ کين منع ڪرڻ وارو عمل وڏي نقصان وارو ثابت ٿيندو.

اسان کي گهرجي تہ نئين ٽهيءَ کي تخليقڪار ٿيڻ جا موقعا فراهم ڪريون. اسلامي فن

تعميرات جا شاهڪار وڏي فخر جي لائق آهن. اُهي اسان ۾ اُتساهه جو جذبو جاڳائين ٿا. ڪير ٿو چائي تہ نئين ٽهيءَ کي، تخليق ڪرڻ جا موقعا ميسر ڪرڻ سان، اُنهن ۾ اهڙو جذبو جاڳي ۽ شايد اُهي ڪي اهم ڪارناما ڪري به ڏيکارين."

هز هائنس آغا خان جي جواب جو پويون حصو، نئين ٽهي ۽ آزمودگار دانشورن ۽ اڪابرن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ لاثاني مشورو آهي ۽ هن مان اها پڻ رهنمائي ملي ٿي تہ اسان کي گهرجي تہ نوجوانن کي پنهنجي اعتماد ۾ وٺون ۽ کين ڪم ڪرڻ لاءِ موقعا فراهم ڪريون. بهرحال ممتاز مرزا صاحب جو رايو آهي تہ:

"اسان پنهنجي نئين پيڙهيءَ کي لطيف جي فڪر تي جديد انداز سان تحقيق ڪري، اُن جي سنيهي کان آشنا ڪريون، جنهن سان سنڌ جي سماج ۾ ڪا نئين باک ڦٽي ۽ ذهنن جي اوندهه گهٽ ٿئي."

هن وقت تائين، شاهه لطيف جي ڪلام، پيغام ۽ تعليم جي باري ۾، گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. ڊاڪٽر ٽرومپ کان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جديد تحقيق ۽ تنقيد جي حوالي سان، شاهه جي ڪلام جو عالمن ۽ اديبن سان تعارف ڪرايو. ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڊاڪٽر سورلي، علامه آءِ آءِ قاضي، محترمه ايلسا قاضي، مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي ڀيرومل لال چند امر ڏني مل، نارائڻداس ڀمڀاڻي، مير عبدالحسين خان سانگي، مولانا دين محمد وفائي، سائين جي. ايم. سيد، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، خان بهادر ميمڻ، غلام محمد شهواڻي، غلام محمد خانزئي، پروفيسر محبوب علي چنا، زينت عبدالله چنا، مولانا محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد لاشاري، لطف الله بدوي، ليلارام وطڻ مل، مرحوم اڪرم انصاري، مولانا غلام محمد گرامي، سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي، جي. الانا، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، رسول بخش ڏيرو ڊاڪٽر شمل، سيد حسام الدين شاهه راشدي، الياس عشقي، آفاق صديقي، محمد ابراهيم جويو، تنوير عباسي، در شهوار سيد، موتي لال جوتواڻي، ڊي. ڪي منشاراماڻي، سراج، مرليڌر جيٽلي، معمور يوسفاڻي، فقير امداد علي سرائي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ماستر محمد سومار شيخ، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڊاڪٽر علي نواز شوق، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍو ڊاڪٽر سڌايو، سليم ڀٽي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، محمد حسين ڪاشف، شيخ اياز ۽ ٻين ڪيترن عالمن، اديبن ۽ شاعرن، شاهه جي ڪلام تي روشني وڌي آهي. هند ۽ سنڌ ۾ بيشمار ادبي ميڙ ۽ ڪانفرنسون ڪوٺايون ويئيون آهن. انهن ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ادبي ميڙن ۾ شاهه جي روحاني رازن، شاهه جي صوفياڻي ڪلام، ناصحاڻي ڪلام، تمثيلن، علامتن، اشارن، ڪناين، تشبيهن، استعارن، صنفن ۽ شاهه جي ٻوليءَ تي روشني وڌي ويئي آهي. شاهه جو ڪلام اردو، انگريزي، پنجابي، عربي، فارسي، گجراتي ۽ جرمن ٻولين ۾ ترجمو پڻ ڪيو ويو آهي. شاهه جي رسالي جا ڌار ڌار نسخا پڻ ڇپايا ويا آهن. نوان نسخا مرتب ڪرايا ويا آهن. شاهه جي سوانح، شاهه جي زماني ۽ عرصي، شاهه جي تمثيلي ۽ علامتي ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي Ph.D لاءِ مقالا بہ لکيا ويا آهن. بروهي صاحب جهڙن اڪابرن جا مقالا موجود آهن. محترمه ايلسا

قاضي، جي. الانا، ڊاڪٽر شمل، آغا محمد يعقوب ۽ سورلي جا ترجما به موجود آهن. پر تنهن هوندي به محترم ممتاز مرزا جا هي لفظ دل کي آئڙن ٿا، جن ۾ هن لکيو آهي ته:

"اڄ جو نئون ذهن، علم جي دنيا جي نين واٽن جو ڳولاهو آهي: هن جي تجسس جون حدون نهايت ئي وسيع ٿي ويون آهن: هُو لطيف سائينءَ جي نئين زماني جي فڪري پس منظر وهجائڻ ڳهري ٿو ۽ پنهنجي سونجهٽاٽپ واري جذبي جي سِڪ پوري ڪرڻ جو خواهشمند آهي. هن وقت جي ضرورت آهي ته اسان پنهنجي نئين پيڙهيءَ کي لطيف جي فڪر تي جديد انداز سان تحقيق ڪريَ، اُن جي سنيهي کان آشنا ڪريون، جنهن سان سنڌ جي سماج ۾ ڪا نئين باک ڦٽي ۽ ذهنن جي اونده گهٽ ٿئي."

هن وقت تائين لطيف سائينءَ تي جيڪي Ph.D لاءِ مقالا لکيا ويا آهن، انهن جو تفصيلي جائزو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي جرنل، ڪينجهر نمبر ۳ ۾ صفحي نمبر ۱ کان ۲۳ تائين پيش ڪيو آهي. ان جائزي ۾ بين مقالن، مضمونن جي حوالي سان شاهه صاحب تي جن جن موضوعن کي سامهون رکي تحقيق ٿي آهي، اُن کي هيٺين عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(I) ڪلهوڙن جي دور جي سياسي حالت، اُن دور جو وڻج واپار ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار سنڌ جي اقتصادي ۽ معاشي حالت.
(II) شاهه جي ڪلام جا ڌار ڌار نسخا.
(III) شاهه جي سوانح حيات
(IV) شاهه جي ولادت جو هنڌ
(V) شاهه صاحب پڙهيل هو يا اُمي؟
(VI) شاهه جو صوفياڻو ڪلام
(VII) شاهه جي ڪلام جا مضمون
(VIII) شاهه جي ڪلام تي عربي، فارسي، هندي ۽ بلوچي ٻولين جو اثر
(IX) شاهه جي ڪلام ۾ لوڪ داستان
(X) سنڌ ۾ تصوف
(XI) شاهه تي رومي ۽ جاميءَ جو اثر
(XII) شاهه جي ڪلام ۾ ويدانت جو اثر
(XIII) شاهه جي رسالي ۾ لفظن جي موسيقيت ۽ موزونيت
(XIV) شاهه جي ڪلام ۾ نغمگي ۽ موسيقيت
(XV) شاهه جي رسالي ۾ ڌاريون ڪلام
(XVI) ڪيڏارو شاهه جو ڪلام آهي يا نه؟
(XVII) شاهه جي شاعريءَ جو وزن (چند جو علم)
(XVIII) شاهه سنڌي ٻوليءَ جو معمار

(XIX) شاهہ جون نحوي بناوتون

(XX) شاهہ جو تصوف

(XXI) شاهہ جي علامتي شاعري / شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري

(XXII) انسان شاهہ جي نظر ۾

(XXIII) شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌي عورت جو ڪردار

(XXIV) شاهہ سنڌي ثقافت جو محافظ

(XXV) شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي عوام جي اُمنگن ۽ پورهيتن جي جيوت ۽ معاشي جدوجهد جي تصوير

(XXVI) شاهہ جي ڪلام ۾ صنايع ۽ بدايع جو استعمال

(XXVII) شاهہ جا متقدمين، سهيوڳي ۽ متاخرين شاعر اديب ۽ عالم

(XXVIII) شاهہ جو پيغام

(XXIX) شاهہ جي ويدانتي شاعري

انهن موضوعن کان سواءِ نئين زندگي رسالي، پيغام رسالي ۽ ڀٽ شاهہ، شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز طرفان هرسال، شاهہ صاحب جي هڪ سُرَ تي اديب، شاعر عالم ۽ فاضل پنهنجا مقالا پڙهندا رهيا آهن، جن ۾ گهڻو ڪري هيٺيان موضوع بيان ڪيا ويا آهن.

حاصل مطلب تہ ڪجهہ ادارن طرفان ۽ ڪجهہ ذاتي ڪوشش سان، شاهہ سائينءَ تي هرسال تحقيق ٿيندي رهي آهي، پر آئون ايترو ضرور چوندس تہ شاهہ سائينءَ تي، باقاعدگيءَ سان، ڪنهن رٿا يا منصوبي تحت، ڪوجنا يا ڦولها اجا تائين ڪانہ ڪئي ويئي آهي جا ايندڙ نسل لاءِ فائديمند ٿي سگهي. هيءَ ڪم ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو نہ آهي پر ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان تحقيقي سيل قائم ڪري، ماهرن کي موضوع سونپيا وڃن. ان ڪري موجوده دور جي تقاضا بہ اها آهي تہ جديد سوچ، فڪر ۽ تجربي کي سامهون رکي، ايندڙ زماني جي لحاظ کان، شاهہ جي ڪلام تي نئين نظر وجهڻ جي ضرورت آهي، جنهن مان اسان جو موجوده، نئون ۽ ايندڙ نسل رهنمائي حاصل ڪري، اڳتي وڌي ۽ "لطيف شناسيءَ" جي موضوعن کان روشناس ٿئي.

شاهہ لطيف هر دور ۾ جديد شاعر ۽ مفڪر نظر ايندو رهيو آهي. گذريل ٽن سو سالن کان وٺي، هر دور جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن شاهہ صاحب جي ڪلام کان متاثر ٿي، پنهنجي جوت جاڳائي آهي، شمع روشن ڪئي آهي، ايتري قدر جو موجوده وقت جا وڏا اديب ۽ شاعر بہ، شاهہ صاحب جي علم جي روشنيءَ مان فيضور ٿيا آهن. منهنجي هن دعوا لاءِ موجوده دور جي وڏن شاعرن جهڙوڪ: شيخ اياز تنوير عباسي، نياز همايوني، شمشير الحيدري ۽ امداد جو ڪلام گواهہ آهي.

منهنجو خيال آهي تہ سنڌ جي نئين نسل ۽ نئين ٽهيءَ کي لطيف شناسيءَ کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ، هيٺين موضوعن تي ڪنهن "رٿا" (Planning) تحت تحقيقي پروگرام ناهڻ جي ضرورت آهي:

(١) شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جو مقام ۽ حيثيت. هن عنوان کي وڌيڪ ڪيترن ئي موضوعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: مثلاً:

(I) سنڌيت جو پيغام

(II) سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن

(III) سنڌ جي تاريخي حيثيت

(IV) سنڌ جا تاريخي ڪردار

(V) شاهہ جي ڪلام جي مدد سان سنڌي عوام ۽ حاڪمن جي وچ ۾ لاڳاپن متعلق اشارا

(VI) سنڌ جي عوام جي ڌارين حاڪمن خلاف جدوجهد طرف شاهہ جا اشارا ۽ اهڃاڻ

(VII) شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي ماڻهن جو تشخص

(VIII) سنڌ شاهہ جي نظر ۾

(IX) شاهہ جي قوميت ۽ وطنيت جو تصور سنڌ جي حوالي سان

(X) شاهہ جي شاعري سنڌ ڌرتيءَ جو آواز ۽ آلاپ آهي.

(٢) انسان شناسي (Humanism) شاهہ جي ڪلام ۾

(الف) شاهہ لطيف، انسان شناس جي حيثيت ۾

(ب) شاهہ جي نظر ۾ انسان / انسانيت جو تصور

(ت) انسان جي وصف ۽ شاهہ جي ڪلام ۾ انسان لاءِ ماپا ۽ ماڻ

(ث) شاهہ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌي ماڻهن — مردن ۽ عورتن — جو نفسياتي مطالعو: صبر، شڪر، رضا تي راضي رهڻ، خودي، عشق، سڪ، پيار، پياس، تڙپ، اُمنگ، فراق، وصال، ديدار، سونهن، عزم، عشق، محبت، مستقل مزاجي، استقلال، رواداري، حب الوطني، سائيهہ لاءِ سڪ، تقدير ۽ تدبير جو فلسفو.

(ج) سنڌي ماڻهن جي فطرت ۽ ان تي شاهہ جي ڪلام جو اثر

(د) سنڌ جي ماڻهن جي فطرت تي شاهہ جي راڳ جو اثر

(ذ) شاهہ جي ڪلام ۾ اُن دور جي سماجي، ثقافتي، اقتصادي قدرن جا نقش ۽ منظر

(ر) شاهہ جي ڪلام ۾ مرد جا روپ

(ز) شاهہ جي ڪلام ۾ عورت جا روپ

(٣) زندگيءَ جي وصف ۽ سنڌي سماج جي مختلف دورن ۾ اُن جا قدر

(الف) شاهہ جي دور کان اڳ واري زماني جي سنڌي جيوت جا مختلف قدر ۽ روپ

(ب) شاهہ جي ڪلام جي حوالي سان، شاهہ جي دور جي سياسي ۽ سماجي قدرن جا اُهڃاڻ، ماپا ۽ ماڻ

(ت) شاهہ جي ڪلام ۾ زندگيءَ جو تصور / مقصد

(۴) <u>شاهه جي رسالي جو معاشرتي علمن (Social Science) جي حوالي سان مطالعو</u>

(الف) شاهه جي رسالي جي حوالي سان سنڌ جي سماج جو اڀياس

(ب) شاهه جي رسالي جي روشنيءِ ۾ سنڌ جي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي تاريخ جو اڀياس

(ت) علم الانسان جي حوالي سان شاهه جي ڪلام جو جائزو

(ث) شاهه جي رسالي ۾ ذڪر ٿيل قومن، قبيلن ۽ ذاتين جو تفصيلي اڀياس

(ج) شاهه جي رسالي جي حوالي سان سنڌ جي ماڳن، مڪانن، واهڻ ۽ وسين جي تاريخ جو اڀياس

(ح) شاهه جي ڪلام جي حوالي سان سنڌ جي ثقافتي پهلوئن جهڙوڪ:
لباس، زيورن، ڳهڻ ڳٺن جو اڀياس

(خ) شاهه جي ڪلام جي روشنيءِ ۾ سنڌ جي دريائن، واهن، ڍنڍن ۽ ڍورن، ڪارين جو تاريخي اڀياس.

(د) شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي ماڻهن، محنت ڪشن جي جيوت جون ڏار ڏار ڏارائون ۽ انهن جو مطالعو

(ر) شاهه جي زماني ۾ سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي تحريڪون

(ز) شاهه جي ڪلام جي حوالي سان سنڌ جي تجارت ۽ وڻج واپار جي تاريخ

(س) شاهه جي ڪلام جي روشنيءِ ۾ سنڌ ۾ رائج مواصلات جا وسيلا

(ش) شاهه جي رسالي جي حوالي سان سنڌ ۾ صحت جا رائج طريقا ـ سُتيون، ڦڪيون، ويج، طبيب، حڪيم

(ص) شاهه جي دؤر ۾ رائج هنرن ۽ ڪاريگرن جو اڀياس

(ض) شاهه جي ڪلام جي مدد سان سنڌ ۾ رائج رانديون، وندرون، لوڪ ادب جون ڪچهريون وغيره

(ط) شاهه جي ڪلام ۾ بيان ڪيل ٽوٽا، ڦيٽا، پرم ۽ سنسا، جادو ۽ منتر

(ظ) شاهه جي ڪلام جي حوالي سان سنڌ جي بهادرن ۽ جُنگ جوانن جا احوال، ڪارناما، جيئن سامَ جهلڻ

(ع) شاهه جي ڪلام جي مدد سان سنڌ جي ريتن رسمن جو اڀياس

(غ) شاهه جون بيان ڪيل آڪاڻيون ڏند ڪٿائون نه آهن، پر اهي سچيون ڪهاڻيون آهن ۽ اُهي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪن ٿيون.

(۵) <u>شاهه جي شاعريءَ جو علمي ۽ ادبي جائزو</u>

(الف) شاهه جي ڪلام ۾ زمان ۽ مڪان جي حقيقت

(ب) شاهه جي ڪلام ۾ ڪائنات جو تصور

(ت) شاهه جا تعليمي نظريا / تعليمي فلسفو

(ث) شاهہ جي ذهني ارتقا
(ج) شاهہ جو تخيل
(ح) شاهہ جي منظر نگاري / فطرت جو اڀياس / فطرتي شاعري
(خ) شاهہ جي ڪلام ۾ محاڪات
(د) شاهہ جي ڪلام ۾ جدت
(ذ) شاهہ جي ڪلام ۾ نوان ادبي لاڙا ۽ رجحان
(ر) شاهہ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ روايت کان بغاوت ۽ نوان تجربا
(ز) شاهہ جو فن
(س) شاهہ جي ڪلام ۾ لطيف فنن جو ذڪر
(ش) فن جو تصور ۽ شاهہ جو اڀياس
(ص) شاهہ جي مزاحمتي شاعري
(ض) شاهہ جي ڪلام ۾ ڪردار نگاري / شاهہ جا ڪردار
(ط) شاهہ جون تمثيلون، علامتون، اشارا ۽ ڪنايا
(ظ) شاهہ جي ڪلام ۾ تشبيهون ۽ استعارا
(ع) شاهہ جي ڪلام ۾ صنايع ۽ بدايع
(غ) شاهہ جي ڪلام ۾ جماليات
(ف) رس، ڀاو ڪوملتا ۽ نرملتا جا مثال شاهہ جي ڪلام ۾
(ق) لطيف جي شخصيت، سندس ڪلام جي روشنيءَ ۾
(ڪ) شاهہ جو شاعرانہ فلسفو
(ک) بين الاقوامي حيثيت
(گ) شاهہ جي ڪلام جا موضوع:
(عاشقاڻو ڪلام، ناصحاڻو ڪلام، صوفياڻو ڪلام، ويدانتي ڪلام)
(ڳ) شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌي جيوت جو اڀياس
(گھ) نون قدرن کي پرکڻ لاءِ لطيف ڪهڙا نوان ماڻ ۽ ماپا ڪم آندا
(ڱ) شاهہ سڄي ڪائنات جو شاعر آهي
(ل) شاهہ جي ڪلام ۾ موسيقيت، ترنم ۽ لئي
(م) شاهہ جو اُسلوب بيان
(ن) شاهہ جو مشاهدو
(ڻ) شاهہ جو فڪر

(٦) <u>علم الانسانُ جي روشنيءَ ۾ شاهہ جي ڪلام جو اڀياس</u>
(الف) شاهہ جي لغت / لغات لطيفي

(ب) شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڏار ڏار لهجن جو اڀياس

(ت) شاهہ جي ڪلام ۾ ڏار ڏار قومن ۽ ذاتين جي ٻولين جو اڀياس

(ث) شاهہ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ ڏار ڏار ڪرت ڪندڙن / پورهيتن جي ٻوليءَ جو اڀياس

(ج) شاهہ جي ڪلام ۾ ڪم آندل پهاڪن، چوڻيون، اصطلاحن جو جائزو

(ح) شاهہ جي ڪلام جي حوالي سان سنڌي وياڪرڻ جو اڀياس

(خ) شاهہ، سنڌي زبان جو معمار

(د) شاهہ جي ڪلام ۾ حسن بياني، اُسلوب جو اڀياس، صنايع بدايع جي حوالي سان، جهڙوڪ:
تشبيه، استعارا، مجاز مرسل، ايهام، تجنيس، تلميح، تضمين، ترصيع، قطارالبصرين، حسن التعليل، تجاهل عارفانہ وغيره.

(ذ) شاهہ جي ڪلام ۾ عربي، فارسي، هندي، بلوچي، ڪڇي، سرائڪي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ

(ر) شاهہ جي ڪلام جي مدد سان سنڌي صوتيات جو اڀياس

(ز) نون سياسي، سماجي، نفسياتي ۽ اخلاقي لاڙن ۽ قدرن جي وضاحت لاءِ شاهہ جا جوڙيل نوان لفظ، اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا

(س) شاهہ جون تلميحون

(ش) شاهہ وٽ سٽن جو سٽاءُ، لفظن جو جڙاءُ ۽ لئي جو لڳاءُ آهي.

(٧) <u>شاهہ جي ڪلام جي حوالي سان شاهہ صاحب ۽ مذهبي تحريڪن جو اڀياس</u>

(الف) سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ جو اڀياس

(ب) تصوف جي ارتقا ۾ شاهہ جو ڪردار

(ت) شاهہ جي صوفيانہ ڪلام جو اڀياس

(ث) شاهہ جو ويدانتي ڪلام

(ج) شاهہ جي دور ۾ سنڌ جون مذهبي حالتون

(ح) شاهہ جي ڪلام جي حوالي سان اسلامي تعليم ۽ تبليغ جو اڀياس

(خ) شاهہ جو صوفيانہ نظريو

(د) حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شخصيت شاهہ جي نظر ۾

(ذ) شاهہ جي نظر ۾ حضرت علي عليہ السلام جي شخصيت

(ر) شاهہ جي نظر ۾ پنجتن پاڪ لاءِ محبت

(ز) انسان ڪامل شاهہ جي نظر ۾

(س) حقيقتِ محمدي شاهہ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾

(ش) شاهہ جو مسلڪ

(ص) شاهہ جي ڪلام تي رومي، جامي ۽ ٻين صوفي شاعرن جو اثر

(ض) شاهه جي ڪلام ۾ اُهي نقطا نظر اچن ٿا جيڪي بابا فريد، ماڌو لال شاهه حسين، سلطان باهو، بابا بلهي شاهه جي ڪلام ۾ نظر اچن ٿا ـــ تقابلي مطالعو

(ط) شاهه جي ڪلام ۾ تصوف جي هيٺين نقطن جو جائزو:
ذڪر بندگي، وحدت الوجود، وحدت الشهود، همه اوست، همه از اوست، فنا في الله، فنا في الشيخ، عبادت، دنيا فاني، موت، لالچ، هٺ / تڪبر، عشق رسول، طالب، مطلوب، صبر شڪر

(ظ) شاهه جي دور وارو تصوف ڪانئن اڳ واري دور سان تسلسل جي ڪڙي آهي.

(٨) <u>شاهه جي ڪلام جي حوالي سان سنڌي ماڻهن جو مطالعو</u>

(الف) شاهه جي ڪردارن: ابڙي سمي، ڄام جکري، پنرو بادام، اُڏي ڪيهر، لاکي ڦلاڻي ڄام سپڙ، ڄام ڪرن، جسوڏڻ راجا، راڻو، ميهاں چنيسر ڄام تماچي، عمر، پنهون، ڪيت، مارئي، سسئي، مومل، ليلا، ڪوڙرو نوري، سهڻي کي بنياد بڻائي سنڌ جي سياسي، سماجي، ثقافتي تاريخ نئين سر لکڻ

(ب) شاهه جي ڪلام جي حوالي سان سنڌ جي تاريخ جا ڏار ڏار باب

(ت) شاهه جي ڪلام جي حوالي سان سنڌ جي جاگرافي ۽ جاگرافيائي حالتن جو تجزيو

(ث) شاهه جي ڪلام ۾ سنڌي عوام جي ذهني، تهذيبي، تمدني، سوچ ۽ فڪر جي عڪاسي ڪيل آهي

((ج) شاهه جو ڪلام سنڌ جي هر طبقي جي ماڻهن جو آواز آهي

(ح) شاهه سنڌ جي پکين، جانورن، ميون، وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن وغيره جي عادتن جي پس منظر ۾ سنڌ جي ماڻهن جي نفسيات جا نقش چٽيا آهن.

(خ) شاهه جي شاعري سنڌي قوم جي سڃاڻپ آهي.

(د) شاهه، اشادن، اُهڃاڻن، ڪناين ۽ علامتن ذريعي سنڌيءَ جي طبقاتي جدوجهد جو اظهار ڪيو آهي.

(٩) <u>عام موضوع</u>

(الف) شاهه جي رسالي جي ڏسٽي تيار ڪرڻ

(ب) شاهه جي رسالي جو (Concordence) جوڙڻ

(ت) ٻاروچي ٻوليءَ جي طرز تي، شاهه جي لغت تيار ڪرائڻ

(ث) ڪمپيوٽر جي مدد سان شاهه جي ڪلام جي هڪ اهڙي (Data bank) تيار ڪرڻ جنهن ۾ شاهه جي رسالي ۾ ڪم آندل ماڻهن، ماڳن، دريائن، شهرن، ڳوٺن، واهڻن، وسين، وڻن، ٽڻن، پکين، جيون جنترن، دوائن، ستين ڦڪين، لباس، زيورن، وغيره جو مڪمل (Profile) هجي.

(ج) ايوان لطيف قائم ڪرڻ جنھن ۾ لطيف شناسيءَ جي باري ۾ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب، غير ڪتابي مواد، سلائيڊ، تصويرون آڊيو / ويڊيو ڪئسيٽ، چارٽ، نقشا وغيره گڏ ڪجن.

(ح) لطيف جي رسالي جي روشنيءَ ۾ اھڙو ميوزيم قائم ڪرڻ جنھن ۾ (Diagrams) ماڊلن، تصويرن، سلائيڊن، اسڪيچن جي مدد سان شاھ جي رسالي ۾ ذڪر ڪيل سنڌي زندگي ۽ سنڌي جيوت جي عڪاسي ٿئي.

(خ) لطيف شناسيءَ متعلق سائونڊ ـ سلائيڊ / آڊيو وڊيو پروگرام تيار ڪرائجي.

(د) لطيف جي پيغام کي مصوريءَ ذريعي نمايان ڪرڻ

(ذ) لطيف شناسيءَ تي ليڪچرن جو پروگرام ٺاھڻ. اھي ليڪچر سنڌيءَ کان سواءِ اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ بہ ڏجن.

(ر) شاھ جي راڳ تي تحقيق ۽ برصغير جي راڳ سان تقابلي اڀياس

(ز) شاھ جي راڳ ۾ اڀياس ۽ ان جي نوٽيشن لاءِ بندوبست ڪرڻ

(س) سنڌ ۾ راڳ جي رائج مڪتب فڪر جو اڀياس

(ش) ڀٽ تي راڳ جو اسڪول / اڪيڊمي قائم ڪرڻ

(ص) (Music / Therapy) جي حوالي سان شاھ جي راڳ تي تحقيق ڪرائڻ

(ض) ھر سال شاھ جي مزار (ڀٽ شاھ) تي قومي / بين الاقوامي ڪانفرنس ڪرڻ.

(ط) لطيف جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ ٽيبلو / ڊراما اسٽيج ڪرڻ

(ظ) لطيف جي ڪلام ۾ ذڪر ڪيل راڳ جي سازن تي (Ethro music) گئلري جوڙڻ

(ع) ڀٽ شاھ تي آرٽ گئلري قائم ڪرڻ

(غ) شاھ جي ڪلام جي پکڙجڻ ۽ واھڻ توڙي وسين ۾ مقبوليت جا ڪارڻ جڏھن تہ سندس ڪلام جي مشھور ڪرائڻ لاءِ نہ ڪي اخبارون ھيون ۽ نہ ئي ڪي رسالا ۽ ٽي ـ وي يا ريڊيو.

(ف) لطيف جا لوڙھا، ماڳ، مڪان ۽ چلہ گاہ تي مشتمل نقشو جوڙائڻ.

آئون اھا ھام نٿو ھڻان تہ منھنجي طرفان لطيف شناسيءَ جي سلسلي ۾ پيش ڪيل ھيءَ رٿا ڪو حرفِ آخر آھي. جو تہ ھي ھڪ رٿا آھي جنھن کي گھٽائي يا وڌائي سگھجي ٿو پر منھنجي ھيءَ گذارش آھي تہ شاھ لطيف تي باقاعدگيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنھن عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آھي. ان سلسلي ۾ شايد ھيءَ رٿا مددگار ثابت ٿي سگھي.

●

غلام محمد لاکو

# مخدوم بلال جي شهادت جو مسئلو

سنڌ بابت تاريخي لٽريچر گهٽي، حد تائين ڏارين لکندڙن جي قلم مان پيدا ٿيو آهي. هن ڏس ۾ تاريخي ڪتاب، سوانحي تذڪرا، شاعرن بابت مواد، صوفياڻو ادب، ۽ ملفوظات وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌ جي تاريخ نويسي، جو پهريون دور (چچ نامي کان لب تاريخ سنڌ تائين) فارسي زبان ۾ مڪمل ٿيو. ارغون، ترخان ۽ مغل دور ۾ لکيل تاريخي ادب، سڄي جو سڄو حاڪمن جي تابع ۽ خواهشن پٽاندر لکيو ويو. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زمانن ۾ درٻار ۾ ويهندڙ امير سنڌي ڳالهائيندڙ هئا. تڏهن به تحريري مواد اڪثر ڪري فارسي زبان ۾ لکيو ويو ۽ تاريخي فلسفي ۾ ڪابه بنيادي تبديلي نه آئي. هڪ طرف اها صورتحال هئي ۽ ٻئي طرف مير محمد معصوم بکري، کان خانبهادر خداداد خان تائين، اسان جا جملي مؤرخ حاڪمن سان گڏ هلندڙ هئا. سنڌ جون علمي گهرجون ڇا هيون، سنڌي عوام جو تاريخي مفاد ڇا ۾ هو، ۽ ذڪر هيٺ دور ۾، سنڌ جي صحيح يا درست صورتحال ڇا هئي، ان بابت ڪم ڪرڻ يا قلم کڻڻ هن زماني جي مؤرخن جي پڌرنامي ۾ ئي نه ٿو ڏسجي.

برٽش دور ۾ جڏهن نوان خيال ۽ نيون سوچون پيدا ٿيون، تڏهن لکڻ پڙهڻ، ڪم ڪرڻ ۽ تحقيق جا انداز پڻ تبديل ٿيا. ان ريت علمي سطح تي ٿوري تبديلي آئي. هڪ پاسي اصل ڪتاب سنڌي، ۾ الٿو ٿيڻ لڳا ته ٻئي پاسي فارسي ڪتابن جي طباعت تي به ڌيان ڏنو ويو. بد قسمتي، سان پوري برطانوي دور ۾، سنڌ اندر اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو ڪوبه ادارو قائم نه ٿي سگهيو. اهو ئي سبب آهي جو ايڏي طويل عرصي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو صرف به وڏا اسڪالر پيدا ٿي سگهيا، جي ولايت تائين ويا ۽ اتان ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون وٺي وطن وريا. انهن هٿ اچي سنڌ جي علم ۽ ادب جي خدمت ڪندي، تحقيق، تنقيد ۽ ايڊيٽنگ جا جديد، مستند، مجيل ۽ بين الاقوامي معيار قائم ڪيا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ علمي ۽ تاريخي تحقيق ۾ گهڻي پيشرفت ٿي. سنڌي ادبي بورڊ: جامع سنڌي لغات، لوڪ ادب رٿا، فارسي ڪتابن جي ايڊيٽنگ، بنيادي تاريخي ڪتابن جا ترجما ۽ سنڌ جي تاريخ جو وسيع تر مطالعو جهڙا علمي پراجيڪٽ هٿ ۾ کنيا. سنڌ جي محب وطن عالمن ۽ محققن، انهن علمي رٿائن کي تڪميل تي پهچائڻ جو پورو جتن ڪيو. نه رڳو ايترو پر سنڌ جي طويل تاريخي سفر ۾، هي، پهرين ڪوشش هئي ته، سنڌ جا پنهنجا محقق، اسڪالر ۽ مؤرخ سنڌ جي باري ۾ جامع علمي ڪم ڪن. ان ڏس ۾ وڏي حد تائين سنڌ جي وطني گهرجن ۽ مصلحتن کي به آڏو رکيو ويو. افسوس رڳو هي آهي ته اهي جملي رٿائون (سواءِ سنڌي لغات ۽ لوڪ ادب اسڪيم جي) پوريون ٿي نه سگهيون. سنڌ جي علمي ۽ تاريخي اوسر جي اوسر ۾ بورڊ کان علاوه ٻين ادارن به ڪجهه

ڪجهه ٻاڻ موڪيو آهي.

ظاهر آهي تہ گذريل هزار سالن جي علمي سفر ۾ جتي تاريخ جا ڪتاب، سوانحي تذڪرا، شاعرن بابت ماخذ، صوفين جي باري ۾ مسودا، ملفوظات ۽ سياسي خط وغيره، سون جي تعداد ۾ فارسي زبان ۾ لکيا ويا هجن، اهي نہ شايع ٿيا هجن، نہ وري دستياب ٿي هجن ۽ نہ وري ترجمن ذريعي بہ اسان تائين پهتا هجن، اتي ڪنهن خاص مسئلي يا تاريخي نقطي بابت، ڪو هڪ اڌ ڪتاب ريفر ڪري، مثبت جواب لهڻ مشڪل تہ آهي، پر اهو هڪ خوفناڪ لاڙو پڻ ٿيندو. اهي ڪتاب نہ تہ سچي جا سچا رد ڪري سگهبا، ۽ نہ وري هر ڳالهہ ۾ اکيون ٻوٽي قبول ڪري سگهبا. سنڌ جي تاريخ بابت سوچيندي هڪ تہ علمي انداز اختيار ڪرڻو پوندو ۽ ٻيو تہ سنڌ جي پنهنجي علمي مفاد واري سوال کي بہ ذهن ۾ رکڻو پوندو!

سوال اٿاريو ويو آهي تہ: مخدوم بلال، ڦلاڻي شهيد نہ ڪيو ويو هو● ڇو تہ ڦلاڻي اديب سڀ کان اول انين لکيو آهي. مير محمد معصوم بکري، انين نہ لکيو آهي. تاريخ جي تحرير ۽ توضيح جا اسين اڄ پيش ڪيون ٿا، ضروري نہ آهي تہ مير محمد معصوم ۽ علي شير قانع بہ ائين سوچيو هجي. ان دور جون پنهنجيون علمي گهرجون هيون. ان دور جي سوچ جو انداز بہ پنهنجو هو. خود لکندڙن جي ذاتي پسند ۽ ناپسند توڙي مجبورين جو احاطو بہ ڪرڻو پوندو. وچئين دور جي لکندڙن کي ڪنهن بہ همٿ نہ ٿي تہ، اهي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي معلومات گڏ ڪن. پر اهي جستجو ۽ تلاش جي ايتري تڪليف ڪن بہ ڇو؟ ٻيو تہ انهن کي اهي وسيلا بہ دستياب نہ هئا، جي اڄ اسان کي ميسر آهن. هن صديءَ ۾ جڏهن علم ۽ تحقيق جا نوان رخ متعين ٿيا آهن، ۽ تاريخ توڙي تلاش جا نوان گس نروار ٿيا آهن، تڏهن يارهين صديءَ جي تاريخي سوچ کي مڪمل سڏڻ نهايت هاڃيڪار عمل ٿيندو. انهن بزرگن جا ڇڏيل ڪيئي نقطا، تقابلي اڀياس ذريعي، اڳ ۾ ئي غلط ثابت ٿي چڪا آهن.

## مخدوم بلال جي سوانح جا مکيہ پهلو:

سنڌ جو هي مثالي عالم سمن جي تاريخي دور سان تعلق رکي ٿو. عام تحريرن ۾ کيس "بلاول" سڏيو وڃي ٿو، مگر سندس درست نالو "بلال" ڏسجي ٿو، جيئن همعصر تاريخن ۾ لکيو ويو آهي. سندس مثالي شخصيت جي باري ۾ مون اڳ ۾ ئي هڪ مختصر مقالو، ٨ نومبر ١٩٨٩ع تي "باغبان" ۾ ٿيل هڪ ڪانفرنس جي موقعي تي تيار ڪيو هو، جو پوءِ رسالي "سهڻي" ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو (پرچو ٦-٧، سال ١٩٩١ع). هت اسين مخدوم صاحب جي شخصيت کي وڌيڪ اجاگر ڪنداسين ۽ اجوڪي عنوان کي نباهڻ لاءِ ڪن مکيہ مکيہ نقطن کي نروار ڪنداسين. مخدوم بلال کي غلط طرح سان ٺٽي جي سمن ڄامن جي شاهي خاندان سان منسلڪ ڪيو ويو آهي (١) حافظ احسن چنہ جو هي خيال درست لڳي ٿو تہ، سندس تعلق لس ٻيلي جي سمن ڄامن سان هو(٢) هن ڏس ۾ ٺٽي جي شاهي خاندان جا شجرا بہ نظر ۾ رکڻ گهرجن (٣) هن ڪان اڳ اهڙي غلط راءِ ڄام بايزيد ۽ ڄام

ابراهيم جي باري ۾ پڻ ڏني وئي هئي (۴).

مخدوم صاحب سمن جي خاندان جو هڪ باوقار فرد هجڻ جي ڪري، نهايت معتبر سماجي رتبي جو مالڪ هو.ٽلٽي ۽ پوءِ باغبان سان سندس تعلق پيدا ٿيو، جو ان دور ۾ نهايت آباد ۽ وسيل پرڳڻو هو. بعد ۾ سندس مدفن به "باغبان" ۾ ٿيو، جو هن وقت دادو ضلعي ۾ موجود آهي. مخدوم بلال جي شخصيت جي اپياس جا ٽي مکيه روپ آهن. سمن جي قبيلي جو نامور فرزند هجڻ ڪري، ٿٽي سميت سڄي سنڌ ۾ سندس اثر رسوخ هو. ان ڪري سمات جي مڙني ذاتين ۾ ڪيس وڏي پذيرائي حاصل ٿي. ٻيون نقطو عالم ۽ استاد هجڻ وارو آهي. پاڻ زندگيءَ جو وڏو عرصو درس ۽ تدريس سان وابسته رهيو. ان ڪري سموري ملڪ ۾ سندس طالبن ۽ شاگردن جو وڏو تعداد موجود هو، جنهن مان سندس معتبر حيثيت ۽ ساک جي شاهدي ملي ٿي. ان ئي پس منظر ۾ ڪتابن لکيو ته: تقوي ۽ زهد ۾ ساڻس ڪو برابر ڪونه هو. تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام گهڻو ماهر هو. جملي درجن جو مالڪ هو. سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم ڪي طاقت نه آهي (۵). مخدوم صاحب جي سوانح جو ٽيون مکيه پهلو هڪ صوفي، مشائخ ۽ اولياءَ هجڻ وارو آهي. پاڻ سهر وردي طريقي جو صوفي هو. خانقاه جو مالڪ به هو. ان ريت سندن پوئلڳن توڙي مريدن جو وڏو تعداد سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهر به موجود هو. سندس ڪي نامور خليفا به سنجهن ٿا، جن سنڌ جي جدا جدا خطن ۾ درگاهون کوليو، پنهنجي شيخ جي پيغام کي پکيڙڻ جو جتن ڪيو. هندستان جو نامور مصنف ۽ شاعر جمالي دهلوي، عربستان ويندي سنڌ مان لنگهيو هو، تڏهن پاڻ مخدوم بلال سان ملاقي ٿيو هو. هو لکي ٿو ته! اچ ڪلهه ٿٽي جي علائقي ۾ هن (خاندان) جا اڪثر مريد آهن جي مجاهده ۽ رياضت ۾ منشغول آهن (٦) مولانا دين محمد وفائي هن ڏس ۾ وڌيڪ روشني وجهندي لکيو آهي ته: ميان غلام رسول صديقي "ارشاد الطالبين" ۾ لکيو آهي ته، سموري سنڌ ۾ مرشد فقط ٽي آهن (i) مخدوم عثمان مروندي (ii) مخدوم بلال (iii) مخدوم نوح (٧) هيءَ روايت پوءِ ٻين لکندڙن به نقل ڪئي آهي. هن حوالي مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ هڪ صوفي، استاد، مرشد ۽ مشائخ جي حيثيت ۾ مخدوم صاحب جي حيثيت ڪيڏي نه معتبر متاهين ۽ مستند رهندي آئي آهي.

مخدوم صاحب جا ڇهه خليفا پڻ ڪتابن ۾ وڏي حيثيت وارا ۽ درجي وارا ڪري ڏيکاري ويا آهن. اهي هن ريت آهن (i) مخدوم ساهڙ جنهن جو مقبرو انڙپور جي پرسان آهي. سيد رڪن الدين بلالي پيغام مخدوم ساهڙ جي معرفت متياري ۽ ان جي آس پاس پهچايو (ii) سيد حيدر سنائي جنهن ڪاڇي ۽ سن ۾ تبليغ ڪئي (iii) مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو جنهن جي مزار مڪليءَ تي آهي (iv) مخدوم حسن جنهن جو مدفن پاٽوٽ (پير بلالي) جي پرسان ٿيو ۽ مريدن جو حلقو لاڙ تائين پکڙجي ويو (v) مخدوم هگورو جنهن جو مقبرو گڇيري ۾ آهي ۽ سندس حلقو ساهتيءَ ۾ هو (vi) مخدوم سعد عرف مخدوم ساند، جنهن بلالي پيغام کي جيسلمير طرف پکيڙيو (٨) هن عنوان تي ٽڙيل پکڙيل مواد گهڻو آهي ۽ عنوان تي تحقيق جي تمام گهڻي گنجائش ڏسجي ٿي.

مخدوم بلال هڪ استاد ۽ عالم، صوفي ۽ شيخ توڙي سماج جي هڪ باشعور فرد جي حيثيت ۾،

سنڌ ۾ ان جي آس پاس ٿيندڙ سياسي ۽ بين الاقوامي تبديلين کان مڪمل طرح آگاهه ڏسجي ٿو. سن ٩٠٨هه / ١٥٠٢ع ۾ مهدي جونپوري ٺٽي ۾ رهي، ماڻهن جي وڏي تعداد کي متوجه ڪرڻ لڳو. تڏهن اهو مخدوم بلال ئي هو، جنهن پيدا ٿيندڙ صورتحال ۾، سنڌ کي پهچندڙ نقصان جو اندازو لڳايو. مهدي جونپوريءَ کي سنڌ بدر ڪرائڻ ۾، مخدوم صاحب جي هڪ خليفي سيد حيدر اهم ڪردار ادا ڪيو(٩) قاضي قادن، شيخ جهنڊو پاٽي، شيخ صدرالدين مفتي ٺٽوي، سيد مبارڪ شاهه، پير آسات ۽ محمد يوسف رضوي بکري ـ اهي مکيه ماڻهو هئا جي مهدي جونپوريءَ جا پوئلڳ بنيا (١٠) شاهه بيگ ارغون پڻ قنڌار ۾ سندس معتقد بنيو(١١). سنڌ اندر مهدوي تبليغ جي ڪري عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا ٻه گروهه پيدا ٿيا. هڪ ڌر مخدوم بلال جي حمايت ڪئي ۽ ٻيو طبقو مهدوين جو پيدا ٿيو. ان ريت صدين جو ملڪي، سماجي ۽ قومي وحدت وارو تاڃي پيٽو ٽٽي پيو. شاهه بيگ ارغون سن ٩٢٧هه/ ١٥٢٠ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو ۽ پوءِ شهر شهر توڙي ڳوٺ ڳوٺ کي تاراج ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن مقامي مهدوي ڪارڪن ساڻس گڏ هئا. هن ڏس ۾ قاضي قادن جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. ٺٽيءَ جي لڙاين توڙي مخدوم بلال سان صلح جي ڳالهين لاءِ ڪيس ڪتب آندو ويو. ان کان علاوه اتم سنڌ ۾ سيتاليهه ڏاريجا سردار به، قاضي صاحب جي راءِ ذريعي قتل ڪري درياهه ۾ اڇلايا ويا (١٢) مخدوم بلال جي شهادت جي حوالي سان مهدوين جو ذڪر ڪهڙن جي مخدومن جي تذڪرن ۾ به آيو آهي (١٣) مخدوم بلال جي شهادت جو پس منظر وطن دوستي ۽ ارغونن جي مخالفت آهي. سندس حب الوطني ۽ سياسي بصيرت بابت جناب جي ايم. سيد لکي ٿو ته: شاهه بيگ ارغون جڏهن سنڌ تي ڪاهون شروع ڪيون هيون، ان وقت ڄام نظام الدين سمي جي وزير درياهه خان جيڪا سنڌي اقتدار جي قائم رکڻ جي تحريڪ جاري ڪئي هئي، ان جو روح روان مخدوم بلال هو. شاهه بيگ جي حملن وقت مخدوم صاحب خليفن سميت ان جي مخالفت ڪئي هئي. سيد محمد ميران جونپوري جي تحريڪ جي سنڌ ۾ منظم طرح مخالفت مخدوم بلال طرفان ٿي (١٤).

دريا خان سن ٩٢٧هه/ ١٥٢٠ع ۾ شهيد ٿي ويو. ڄام فيروز ۽ شاهه بيگ جي وچ ۾ ٿيل ٺاهه موجب، سنڌ جو ملڪ ورهائجي ويو. لکي جبلن کان هيٺ وارو ملڪ سمن ڪنيو ۽ مٿي وارو حصو ارغونن کي مليو. ارغون حاڪم سيوهڻ پهچي حصي ۾ آيل ملڪ تي پنهنجي حاڪميت کي، مستحڪم ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. کيس خبر پئي ته هتان جو مشائخ اگر مخدوم بلال جو سات ڏني ته، حالتون سڌري سگهن ٿيون، جو ان وقت ڌارين خلاف مزاحمتي قوتن جو اڳواڻ بنجي چڪو هو (١٥). ان طرح ڏسجي ٿو ته اپر سنڌ جون حالتون سنگين صورت اختيار ڪري ويون. مخدوم صاحب صلح جي آڇ ٺڏي ڇڏي. هن نه رڳو حاڪمن سان گڏ هلڻ قبول نه ڪيو، مگر سندن خلاف پروپيگنڊا جو ڀرپور محاذ به قائم ڪيو. ان طرح ارغون حاڪمن کي پاڻ ظالم ۽ اظلم چوندو رهيو. مخدوم بلال جي حق گوئي، دليري ۽ همت بابت هڪ مؤرخ جو ڪجهه لکيو آهي، ان مان سندس مثالي شخصيت ۽ عظمت چٽي طرح واضع ٿئي ٿي:

"ملتان جيڪو حسن لانگاهه جي حڪومت ۾ هو، ان کي شاهه حسين جنگ جي ذريعي ورتو. هن

شيخ بهاء الدين ذڪريا قدس سره جي خاندان سان سنو سلوڪ نہ ڪيو. اڪمل اولياء مخدو م بلال، جيڪو سيوهڻ ۾ بوبڪن جو رهاڪو هو، ان جي زبان مان نڪتو تہ مرزا شاه حسين ظالم آهي. هيءَ ڳالھ وڃي مرزا شاه حسين جي ڪن تي پئي. ملتان جي فتح کان پوءِ سندس پيڙا بوبڪن جي ويجهو پهتا، تڏهن مخدوم بلال کي نهايت جبر ۽ قهر سان دربار ۾ ڪٺي بي ادبي ڪيائون. مخدوم چيو تہ اڳ توکي ظالم چوندو هئس ۽ هاڻي اظلم (وڌو ظالم) چوان ٿو. هڪدم مرزا شاه حسين کي مرض ورتو. ٺٽي کان ملتان ۽ ملتان کان ٺٽي تائين پيڙن ۾ سفر ٿي ڪيائين". (١٦)

فريد بکري هي ذڪر شاه حسين ارغون جي بيان ۾ ضمني طرح ڪيو آهي، ان ڪري هن اقتباس ۾ ڪي جزوي هيٺ مٿانهيون ڏسجن ٿيون، ليڪن مخدوم بلال جي شهادت کان هڪ سؤ ٽيھ سال پوءِ سن ١٠٦٠هـ / ١٦٤٩ع ۾ اهڙي ڳالھ لکڻ، سندن غير معمولي شخصيت جي هڪ ڀرپور شاهدي آهي. ان ريت حاڪمن ڏانهن سندس نفرت ۽ مخدوم صاحب ڏي ارغونن جي غير انساني رويي جي خبر پوي ٿي. مير معصوم جو خيال آهي تہ هو سن ٩٢٩هـ/١٥٢٣ع کان پوءِ هن دنيا ۾ نہ رهيو هو(١٧). هيءَ راءِ بہ ڪنهن حد تائين مشڪوڪ آهي جيئن اڳتي هلي ڏسنداسين. هڪ وڌيڪ گمان آهي تہ مخدوم صحب کي ٢ رجب ١٩٣٠هـ برابر ٦ مئي ١٥٢٤ع تي شهيد ڪيو ويو (١٨) جيڪڏهن هن آخري راءِ کي تسليم ڪجي تہ بہ، مرزا شاه بيگ ارغون اجا زنده هو. گمان غالب آهي تہ شاه بيگ گجرات جي فتح لاءِ وڃڻ کان اڳ، مخدوم بلال جو خاتمو ضروري سمجهيو هوندو . ان ريت سندن شهادت عمل ۾ آئي. چاڪاڻ تہ ايڏو وڏو سياسي مخالف پوئتي ڇڏي وڃڻ نهايت جوکي جو ڪم هو. مير معصوم لکيو آهي تہ شاه بيگ ارغون ٢٢ شعبان ٩٢٨هـ تي فوت ٿيو هو(١٩). جڏهن تہ تاريخ معصوميءَ جي جديد ايڊيٽرن جي تحقيق موجب شاهہ بيگ ٢٢ شعبان ٩٣٠هـ برابر ٢٦ جون ١٥٢٤ع تي مئو هو(٢٠). مخدوم بلال جي شهادت جو پهريون انڪاري، اعجازالحق قدوسي مرحوم لکي ٿو تہ سندس مزار مڪلي تي آهي (٢١) هي راءِ شيخ اعظم جي حوالي سان ڏني وئي هئي. اهو مخدوم بلال هڪ ٻيو بزرگ هو، جو شيخ اسحاق اربعائي (وفات: ٩٧٥هـ) ۽ سيد علي شيرازي (وفات: ٩٨١هـ) جو همعصر هو ۽ سندس مزار مڪليءَ تي هئي (٢٢). سنڌ جي شهيد مخدوم بلال جي مزار "باغبان" دادو ضلعي ۾ آهي، جنهن تي هن وقت عاليشان مقبرو اڏجي رهيو آهي.

مخدوم صاحب جي سوانح جي اپياس بعد اچو تہ اصل مسئلي طرف اچون. اعتراض ڪيو ويو آهي تہ مخدوم بلال نہ تہ گهاڻي ۾ پيڙيو ويو ۽ نہ وري ڪيس شهيد ڪيو ويو هو. مطلب تہ حاڪمن کي سندس مخالفت جي پرواه نہ هئي، ان ڪري سندس وار بہ ونگو نہ ٿيو هو ۽ پاڻ پنهنجي طبعي موت مئو هو. هن مسئلي تي هيل تائين جيڪا بہ گفتگو ٿي آهي، ان کي علمي انداز سان نقطي وار بحث هيٺ آڻجي ٿو.

## مير معصوم جي لکت جو تفصيلي تجزيو:

مخدوم بلال جي سوانح جو پهريون ماخذ مير معصوم جو ڪتاب آهي. مخدوم صاحب بابت هن

ڪتاب ۾ آيل مواد کي نہ تہ صحيح طور تي سمجهيو ويو ۽ نہ وري درست طريقي سان التو ڪيو ويو. بحث کي اڳتي وڌائيندي سڀ کان اول اسين مير معصوم جي تحرير جو تجزيو ڪنداسين. هي ڪتاب سومرن ۽ سمن جي دور تي پهريون ماخذ آهي ۽ پڻ سڀ کان اول ان ذريعي اسان تائين ڪجهہ سنڌي مشاهيرن جو احوال بہ پهتو آهي. ارغونن ۽ سمن جا معرڪا سنڌي سورمن جون جنگيون، ڏيهي ماڻهن جون غداريون، شاه بيگ ۽ شاه حسين جا سنڌي عوام خلاف خوني معرڪا، ۽ سڀ کان وڌيڪ تہ ٻن همعصر سنڌي عالمن: مخدوم بلال ۽ قاضي قادن بابت، مفصل مواد اسان کي هن ڪتاب ذريعي پهتو آهي. جيئن اسان مٿي ذڪر ڪيو تہ، دريا خان جي شهادت کان پوءِ مخدوم بلال اڪيلو، سرگرم ۽ متحرڪ انسان هو، جنهن ارغونن خلاف تحريڪ کي جاري رکيو. مير معصوم لکيو آهي تہ قاضي قادن جي معرفت، ڪيس صلح جي آڇ ڏني وئي جا هن ٺڪرائي ڇڏي. صلح ارغونن جي ضرورت هو مگر ائين نہ ٿي سگهيو. حب الوطنيءَ جي تقاضا تحت مخدوم صاحب نہ تہ ڌارين حاڪمن سان ڪو ناه ڪيو، ۽ نہ وري ڪاڻن ڪو عهدو يا انعام اڪرام ورتو. ان پس منظر ۾ ڪيس شهيد ڪيو ويو.

مخدوم بلال جي باري ۾ مير معصوم پنهنجي ڪتاب ۾ ٻن جاين تي مواد ڇڏيو آهي. ارغونن جي دور جي مشاهيرن جي ذڪر ۾ مخدوم بلال جو بيان آيو آهي. چون ٿا تہ مير معصوم لکيو آهي تہ: وفات ايشان در سنه تسع و عشرين و تسعمايه روي نمود (ص ١٩٩). يعني تہ سنڌن وفات ٩٢٩هہ ۾ ٿي. هي جملو آهي جنهن جي آڙ ورتي، هڪ شهيد جي ڪئي ڪمائي ڪُٽ ڪرڻ جي مهم هلائي وئي آهي. سنڌ جي صوفين بابت اولين دستياب ڪتاب ۾، مخدوم بلال جي وفات جي تاريخ ٣٠ صفر ٩٣١هہ ملي ٿي، ليڪن هن ڪتاب جي ايڊيٽر سيد حسام الدين راشدي لکيو آهي تہ، بنيادي نسخن ۾ وفات جو سن وغيره لکيل ڪونهي (٢٣). ان طرح تاريخ معصومي جو اقتباس مٿي ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جنهن نسخي کي اساس بنائي، هي ڪتاب ايڊٽ ڪيو ان ۾ پڻ سن وغيره تحرير ٿيل نہ هو(٢٤). سيد حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو خيال آهي تہ، هڪ طرف مير معصوم سالن يا تاريخن ۾ غير معتبر آهي ۽ ٻئي طرف ڪاتبن بہ ڪتاب ۾ پنهنجي پاران فضول واڌارا ڪيا آهن. محمد غوثي بہ هن دور جو عالم هو، جنهن پڻ هن ڏس ۾ خاموشي اختيار ڪئي آهي (٢٥). ان جو مطلب تہ سترهين صديءَ جي هڪ ٻئي کي ويجهو ٽن اديبن ۽ محققن مخدوم بلال جي وفات جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي ۽ نہ وري تاريخ يا سال لکيو اٿن. ارڙهين صديءَ ۾ مير علي شير قانع، هن مسئلي تي نهايت محتاط ڏسجي ٿو. هو نہ تہ مخدوم بلال جي وفات جو ذڪر ڪري ٿو، ۽ نہ وري ڪو سال وغيره لکي ٿو (٢٦). مذڪوره ٽئي ڪتاب سنڌس ماخذاتي ذريعا هئا. جي انهن ۾ ڪو سن لکيل هجي ها تہ، ڪيس اهو نقل ڪرڻ ۾ عيب نہ ٿئي ها. ان جو مطلب تہ اهڙا متضاد واڌارا پوين ڪاتبن جو ڪمال آهن.

مير معصوم پنهنجي ڪتاب ۾ مخدوم بلال جو ٻيو ذڪر شاه بيگ ارغون جي فتوحات جي پس منظر ۾ ڪيو آهي. هي بيان وڌيڪ بحث طلب آهي. هو لکي ٿو تہ:

"اما مخدوم بلال کہ یکي از علماي مشايخ آن ديار است مانع آمده نمي گذارد، بل ترغيب و تحريص جنگ و قتال مي نمايد. و ازان جهة بود کہ بعد از فتح شاه بيگ نسبت به مخدوم بلال مؤاخذه و مصادره فرمو دند" (ص ١١٧).

مخدوم امير احمد مرحوم هي تاريخي جملو هن ريت ترجمو ڪري ٿو:

"پر انهيءَ ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ مخدوم بلاول کين روڪي ويٺو آهي ۽ اچڻ نٿو ڏئي، بلڪ لڙائيءَ جي ترغيب ۽ جوش ڏياري رهيو آهي. اهوئي سبب هو جو فتح کان پوءِ شاه بيگ مخدوم بلاول تي سختي ڪئي ۽ ڏنڊ وڌو". (ص ١٥٦ ـ ١٥٧).

جن دوستن مخدوم بلال جي شهادت جو انڪار ڪيو، انهن هن ترجمي کي بہ خوب استعمال ڪيو آهي. اصل صورتحال کي پرکڻ لاءِ اچو تہ مختلف ترجما ڏسون ۽ ڪجھ لغتن کي بہ پيٽيون. ان طرح حقيقي معنيٰ ۽ مفهوم ڏسجي تہ ڇا ٿو نڪري؟

ڪپتان ماليت سڀ کان اول "تاريخ معصومي" جو انگريزي ترجمو شايع ڪيو هو، ان ۾ مخدوم بلال تي ارغونن طرفان ڏنڊ چٽي، سزا طور ڏيکاريل آهي (٢٧).

ماليت کان سنت پوءِ ديوان ننديرام جو ترجمو پڌرو ٿيو. هن جملي جو ديوان صاحب اجهو هي الٿو ڪيو.

تہ ميان محمود ۽ موتڻ خان ۽ جام سارنگ ۽ رنمل سوڍي کي اها ٻيلپ ڪرڻ جي سڏ هئي پر مخدوم بلال هڪڙو پڙهيلن ۽ وڏن ماڻهن منجهان ان ڳوٺ جو آهي، جهلي نٿو بلڪ ريسارو جنگ ۽ جهيڙي جو ڪري ٿو هن لاءِ جو شاه بيگ جي فتح کان پوءِ مخدوم بلال کان چٽيون چوڙيون ورتائون" (٢٨).

ان بعد مرزا قليچ بيگ مرحوم پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هي اقتباس ترجمو ڪيو:

.... as the latter had been ill-treated by the Mughuls after Shah Beg's victory in Sind and compelled to give certain taxes (29).

مشهور محقق ۽ تذڪره نويس مولانا دين محمد وفائي هن جملي کي هن ريت ترجمو ڪيو:

"هي بنيادي سبب آهي جو شاه بيگ، مخدوم کان وير وٺڻ جو ارادو ڪيو" (٣٠).

قيام پاڪستان کان پوءِ محمود الحسن صديقي صاحب، مير معصوم جي ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڪيو ۽ ان جي تشريح ڪري، ولايت مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ورتي. هو صاحب وڌيڪ واضع مطلب سان، بحث هيٺ تڪري کي ترجمو ڪري ٿو:

It was on this account that after his success, Shah Beg took Makhdum Bilal to task and punished him (31)

صديقي صاحب هن جملي جي آڌار تي، مخدوم بلال جي شهادت جو مفهوم ظاهر ڪندي لکيو آهي تہ:

His death in 929/1522-23 may have been the result of the incident referred to above (P. 27, F Note: 3)

سنڌ جو نامور مؤرخ سيد حسام الدين راشدي هن جملي کي هن ريت واضع ڪري ٿو:

"مخدوم بلال شيخ وطن دوستي بود، لذا برعليہ، اين اشغال ارغونها نهفتي را آغاز کرد، و بالا آخره

پس از بسيار زجد و ستم از دست ارغونها بسال (۹۲۹ هه) فوت کرد" (۳۲).

ايم. ايچ. پنهور صاحب هي اقتباس هن طرح ڪولي سمجهائي ٿو:

Makhdum Bilawal was captured and punished (i.e. he may have been imprisoned, tortured and allowed to die a slow death, if not crushed alive in oil expeller as is believed by the people of Sind specially of Baghban, where he is buried (33)

مختلف ترجمن ۽ تشريحن ڏسڻ بعد اچو تہ ڪجهہ لغتون پيئيون. مير معصوم جي متي ڏنل جملي ۾ بہ اکر "مواخذ" ۽ "مصادره" توجه گهرن ٿا. لغتن موجب "مواخذه" جي معنيٰ آهي: وٺ پڪڙ ڪرڻ، ڪيتو لوڙائڻ، بدلو وٺڻ، انتقام وٺڻ، عيوضو وٺڻ، ڪيل ڏوهہ جي سخت سزا وٺڻ (۳۴). ان ڪان پوءِ "مصادره" اچي ٿو. متي آيل ترجمن ۾ هن لفظ جي معنيٰ: ڏنڊ، چٽي، ٽيڪس، ويڙ محصول ۽ سزا - ظاهر ڪيا ويا آهن. ان جو مطلب تہ محققن ۽ اديبن جو ڪنهن بہ هڪ معنيٰ تي اتفاق ڪونهي. ٻن عربي اردو لغتن موجب هن لفظ جي معنيٰ آهي: ڪِسي ڪي خون ڪو اس ڪي مال ڪي بدلي بيچنا (۳۵). هڪ فارسي لغت موجب: خون ڪسي را بمال او فروختن (۳۶)، يعني تہ ساڳيو عربي اردو ڊڪشنرين وارو مفهوم ڏنل آهي. ايران جي مشهور لغت نويس علي اڪبر دهخدا مرحوم "مصادره" تي، تاريخي پس منظر ۾ مفصل روشني وڌي آهي. اسين ان جو خلاصو هت ڏيون ٿا:

"ڪنهن جي خون ڪي ان جي مال جي بدلي وڪڻڻ. ڏنڊ. ڏوهيءَ ڪان زور تي مال (دولت) طلب ڪرڻ. جو شخص ڏوهہ ڪري ان تي حڪومت هلائڻ. ان ڪان حساب وٺڻ. ڪنهن سان سٺو سلوڪ نہ هلڻ. ان تي حڪومتي پڪڙ ڪرڻ. اسلامي دور جي ابتدا ڪان مصادره ڏسجي ٿو. هي طريقو خلفاءِ راشدين جي دور ڪان شروع ٿيو. والي (گورنر) واپار ذريعي يا ڪن ٻين طريقن سان، زياده مال حاصل ڪري هت ۾ ڪندا هئا تہ، خليفا انهن ڪان اڌ مال وٺي بيت المال ۾ جمع ڪرائيندا هئا. حضرت عمر ڪوفي، بصري ۽ بحرين جي والين سان مصادره لاڳو ڪيو. هن عمل ڪي ان دور ۾ مقاسمه ۽ مشاطره چوندا هئا. بنو اميہ جي دور ۾ عالي رتبي وارا ظلم ۽ زور زبردستيءَ سان ماڻهن ڪان مال وٺندا هئا. هي طريقو بنو اميہ جي آخر تائين جاري رهيو. عباسي خليفن جي ابتدا ۾ مصادره نہ هو. ان بعد حاڪمن جي لالچ ۽ ظلم جي ڪري هي طريقو جاري ٿيو. منصور جي دور ۾ "بيت المال مظالم" جي نالي سان ادارو ٺهيو ۽ جيڪو مال مصادره طور عاملن ڪان ورتو ويندو هو، سو ان ۾ جمع ٿيندو هو. مهدي، هارون ۽ مامون بہ مصادره رائج رکيو. هارون جي خلافت ۾ خراسان جي والي علي بن عيسيٰ ڪان، مصادره طور سندس موت ڪان ٿورو اڳ، ڏيڍ سؤ اُٺ ورتا ويا. ان بعد عاملن ۽ وزيرن بہ مصادره شروع ڪيو. لٽ جو مال بغداد ۾ وزيرن وٽ آيو ٿي تہ، خليفن ان کي پاڻ وٽ جمع ٿي ڪيو. مقتدر جي دور ۾ هي طريقو ويتر وڌيو. چو تہ هو ننڍي عمر ۾ خليفو ٿيو هو. ان ڪري وزيرن قرمار ڪري دولت ٻڌي گڏ ڪئي. ابن فرات، خاقاني، حامد بن عباس، عبدالله بن محمد ۽ احمد بن عبيدالله - مصادره هيٺ آيا. سندن مال ضبط ٿيو. ڪين گرفتار ڪيو ويو. يا اهي قتل ٿيا (۳۷).

ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب چيو تہ بلوچ رسمن ۾ ڏنڊ نہ ڀرڻ جي صورت ۾ مجرم کي قتل ڪرڻ جو سلسلو موجود آهي. ان جو مطلب تہ مخدوم بلال تي ڪيس هليو ۽ وڏي رقم جي چٽي متس وڌي

وٺي جا هن ادا نہ ڪئي. ان طرح ڪيس قتل ڪيو ويو. مولائي شيدائي هن مفهوم کي بلڪل ويجهو ڏسجي ٿو: جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، شاهه بيگ، مخدوم بلال تي ڏنڊ رکيو، جو هن پري ڏيڻ کان انڪار ڪيو (٣٨).

مير محمد معصوم بکري گهڻ پهلو شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ هڪ ئي وقت مؤرخ، شاعر، سپاهي، امير ۽ ڊپلوميٽ هو. سنڌ جي هن نامور عالم جي شهادت بابت لکندي، پاڻ نهايت احتياط کان ڪم ورتو اٿس. مخدوم بلال جي سزا لاءِ "مصادره" اکر لکندي، پاڻ هن لفظ جي تاريخي معنيٰ ۽ مفهوم کان پوريءَ ريت واقف هو. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ فارسي شعبي جي ڊاڪٽر روشن آرا بيگم سان جڏهن هن معاملي تي ڳالهه ٻولهه ٿي، تڏهن چيائين تہ وچئين دور جي مؤرخن ڪڏهن وڏي خبرداريءَ سان، ۽ پڻ ڪن خاص واقعن بابت مبهم ٻولي استعمال ڪئي آهي. مير محمد معصوم بکري بہ اهڙن لکندڙن مان هو.

هن سڄي بحث مباحثي جو نتيجو هي نڪتو تہ، مخدوم بلال بابت سنڌ ۾ جاري صدين جي روايت کي آڏو رکندي، مير معصوم جي مذڪوره اقتباس جو ترجمو ڪيو وڃي ها تہ، خاطري آهي تہ هي غلط فهمي پيدا نہ ٿئي ها. مختلف ترجمن، لغتن ۽ روايتن جي تقابلي ذريعي، بحث هيٺ جملي جو ترجمو هن ريت ٿئي ٿو.

"..... پر انهيءَ ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ مخدوم بلال ڪين روڪي ويٺو آهي ۽ اچڻ نٿو ڏئي، بلڪ جنگ جي ترغيب ۽ جوش ڏياري رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو فتح کان پوءِ شاهه بيگ، مخدوم بلال جو مواخذو ڪري مٿس ڏنڊ وڌو جو هن نہ ڀريو. انڪري کيس قتل (شهيد) ڪيو ويو".

## قديم تحريرن ۽ مواد جي شاهدي:

مخدوم بلال جي شهادت ارغونن جي دور ۾ ٿي. ڏودي چنيسر جي تاريخي تصادم کي ڀٽن ڀانن ڳائي وڄائي مشهور ڪيو ۽ پوئين نسلن لاءِ محفوظ ڪيو. دريا خان سوا بہ صديون پوءِ شهيد ٿيو پر ان لاءِ ڪو بہ چارڻ يا سگهڙ چپ نہ ٿو چوري. پوءِ هي چئون چا تہ دريا خان شهيد نہ ٿيو هو. هت اسين مخدوم بلال جي شهادت بابت، قديمي مواد جي نشاندهي تاريخي تسلسل جي لحاظ سان ڪنداسين.

(i) <u>تاريخ معصومي</u>: هي ڪتاب مخدوم بلال جي شهادت کان اسي سال پوءِ، سن ١٠٠٩هه/١٦٠٠ع ۾ لکيو ويو. ان ۾ مخدوم صاحب بابت آيل مواد جي مفصل چنڊ ڇاڻ اسان مٿي ڪئي آهي. افسوس تہ سندس تحريرن کي درست طور نہ تہ سمجهيو ويو ۽ نہ وري التو ڪيو ويو. وڏي ڳالهه تہ ڪتاب جي مترجم مخدوم امير احمد مرحوم، مخدوم بلال جي شهيد ٿيڻ جي حقيقت مڃي آهي، جيئن هن مقالي ۾ ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ٿي رهيو آهي.

(ii) <u>هڪ قديم تحرير</u>: مشتاق متعلوي جنهن مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر ڪيو ۽ مرثيو بہ لکيو، تنهن لکيو آهي تہ پاڻ مخدوم صاحب جي شهيد ٿيڻ واري ماجرا هڪ قديم تحرير تان ورتي

اٿس:

"نقل از منبع قديم، در منقول چنين نوشته بود" (٣٩)، ان جو مطلب تہ مرحوم مشتاق هي ڳالھ روايتن جي آڌار تي نہ ڪئي، پر سندس آڏو نهايت قديم نوشتو هو، جتان مخدوم بلال جي غيرن هٿان شهادت جو ذڪر ورتائين. افسوس تہ هن قيمتي لکت بابت وڌيڪ معلومات اڄ دستياب ڪانهي.

(iii) دليل الذاڪرين: حاجي پنهور سن ١١٠٦ھ / ١٦٩٣ع ۾ هي ڪتاب لکيو. جنهن ۾ مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر آهي. مولانا وفائي مرحوم هن ڪتاب جي مدد سان، مخدوم ساهڙ جي بيان ۾ لکيو آهي تہ پنهنجي مرشد مخدوم بلال جي شهادت کان پوءِ هو حضرت مخدوم نوح هالائي جي صحبت ۾ رهيو ۽ اتان گهڻو ڪجھ فيض پرايائين (٣٠).

(iv) سراج العارفين: هي ڪتاب سن ١٢١٥ھ / ١٨٠٠ع ۾ لکيو ويو. هن جي حوالي سان جناب جي. ايم. سيد لکيو آهي تہ: مخدوم صاحب جي شهادت جو واقعو، حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب ۾ پڻ ملي ٿو (٣١).

(v) سچل فقير جي شاهدي: ميرن جي دور جي هن حق پرست شاعر سن ١٢٤٢ھ / ١٨٢٧ع ۾ وفات ڪئي. هڪ ڪافيءَ ۾ مخدوم بلال جي شهادت جو ذڪر گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي حوالي سان ڪري ٿو:

گهاڻي ۾ بلاول پيڙائيني، عنايت ميدانَ مارايني (٣٢).

(vi) تاريخ گنجينہ جهان نما: هي ڪتاب فارسي زبان ۾ ٽن جلدن ۾، مخدوم محمد عاقل مرحوم سن ١٢٨٨ھ / ١٨٧١ع ۾ مرتب ڪيو. ڪتاب اڃا نہ ڇپيو آهي. هن جو نالو "جام جهان نما" بہ چيو وڃي ٿو. هن ڪتاب جو سنڌي اختصار مخدوم حاجي محمد شفيع عباسيءَ ڪيو، جنهن ذريعي مخدوم بلاول جي شهادت گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري روايت، ۽ ان تعلق ۾ مهدوين جي ملوث هجڻ جو ذڪر ملي ٿو(٣٣).

(vii) بياض مشتاق متعلوي: قاضي هدايت الله مشتاق متعلوي اوڻيهين صديءَ جو مشهور مصنف، نثر نويس، شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي، جنهن کي عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تيَ دسترس حاصل هئي. مولانا وفائي مرحوم "تذڪره مشاهير سنڌ" لکندي سندس بياض مان خاص فائدو ورتو. ان حوالي سان ظاهر ٿئي ٿو تہ مرحوم مشتاق متعلوي، مخدوم بلاول جي شهادت جو ذڪر بہ ڪيو ۽ مرثيو بہ لکيو. جنهن لاءِ وفائي صاحب لکيو تہ ان ۾ پوءِ جي هيرا ڦيري ٿيل آهي، جو تہ هن شعر مان سن ٩٠٦ھ نڪري ٿو.

چو بهره اش ن ما اوذيت، موهوب

نموده اش قتل قوم چغده ناحق (٣٤).

(viii) ڊاڪٽر دائود پوٽو: سنڌ جو هي مشهور اسڪالر بہ ان شهر ۾ پيدا ٿيو، جنهن جو ذڪر بار بار مخدوم بلال جي حوالي سان ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب ١٩٣٨ع ۾ تاريخ معصومي" ايڊٽ ڪري شايع ڪئي. پر حاشين ۽ تعليقات ۾ ڪٿي بہ سندس شهادت جي نفي نہ ڪئي اٿس.

(ix) رڪيل شاه صوفي: هن مشهور شاعر سال ١٩٤٣ع ۾ وفات ڪئي. شهادت ۽ گهاٽي ۾ ٻيڙجڻ واري وارتا پنهنجي هن ڪافيءَ ۾ ظاهر ڪيائين.

چڏي ڏي ملڪ دنيا کي، ويهي ٻڌ عشق جون ڳالهيون

قديم دور کان هلندڙ زماني تائين، سوين سنڌي شاعرن مخدوم بلال کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. ضرورت آهي ته ان سموري شعر کي جدا گانه شايع ڪجي.

(x) تذڪره مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي پهريون محقق آهي، جنهن سنڌ جي مشاهيرن بابت سنجيدو اپياس ڪيو. هن صاحب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي، سوين مدرسن، ڪتبخانن ۽ خانقاهون پيٽيون ۽ هزارين ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتاب، بياض ۽ خطي نسخا ڏٺا. ان ريت وڏي محنت سان پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" لاءِ مواد گڏ ڪيو. پهريون جلد پاڻ قيام پاڪستان کان سال اڳ ١٩٤٦ع ۾ مڪمل ڪيائين. ٻئي طرف مولانا سنڌ جي وطن دوست سياستدانن ۽ حق پرست عالمن جي گروهه سان ٻڌ لاڳاپيل هو. ملڪي سياست جي داءِ پيچن توڙي مختلف نوشتن کي ڏسي ڪري، هو ان نتيجي تي پهتو هو ته مخدوم بلال شهيد ڪيو ويو هو.

"آخر جڏهن سنڌ پوري ارغون خاندان جي هٿ ۾ اچي وئي تڏهن مخدوم بلال کي پهرين محرم سن ٩٣٥هه يا ٩٢٩هه جي شام تي سندس شهر باغبان ۾ وقتي سياست سبب مرزا شاه حسن بيگ ارغون جي حڪم سان شهيد ڪيو ويو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو(٣٥).

(xi) پيغام لطيف: جناب جي. ايم. سيد جو جد امجد شاه حيدر سنائي، مخدوم بلال جي خليفن مان هو. ان طرح هن بزرگ اديب خانداني روايتن ۽ وسيع ترايياس جي تناظر ۾، مخدوم بلال جي شهادت بابت پهريون مرتبو سال ١٩٥٢ع ۾ شايع ڪرايل ڪتاب "پيغام لطيف" ۾، نهايت پڌري ۽ چٽي روشني وڌي. پاڻ لکي ٿو ته:

"مخدوم بلال جنهن جي اخلاقي همدردي ان تحريڪ سان هئي، ان کي ڪنهن بهاني تي سرڪاري طرفدار مولوين کان فتويٰ وٺي گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪرايو ويو ... انهن سڀني ڳالهين ڪري شاه حسن ارغون ڪن مصنوعي عذرن تي ملن کان فتويٰ وٺي ڪيس گهاٽي ۾ پيڙائي ڇڏيو. اهو حادثو سن ٩٢٩هه ۾ ٿيو(٣٦).

جيتوڻيڪ فتويٰ واري ڳالهه ڪجهه عجيب لڳي ٿي، پر هن ڏس ۾ شاه عنايت جي شهادت واري ماجرا کي ذهن ۾ رکڻ سان، مسئلي کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ملي ٿي. جناب جي. ايم. سيد هڪ ٻئي ڪتاب "سنڌ جا سورما" ۾ اِن عنوان تي وڌيڪ روشني وڌي آهي.

## همعصر عالمن جا رايا:

مخدوم بلاول جي سوانحي جزن جي ميڙا چونڊي ۽ شهادت جي عظمت جي باري ۾، مواد جي حاصلات جو پهريون دور مير معصوم کان شروع ٿيو ۽ ڪتاب "پيغام لطيف" جي ڇپجڻ تي پورو ٿيو. ان طرح شهيد مخدوم بلاول جي سوانح جي تعمير تي ۽ هڪ مضبوط خاڪو جڙي سامهون آيو.

مولانا وفائي قيام پاڪستان کان سٽت پوءِ فوت ٿي ويو ۽ "تذڪره مشاهير سنڌ" ڇپجي جلد منظر تي نہ اچي سگهيو. انڪري عنوان تي ڪم ڪندڙن لاءِ اڪيلو ۽ ڇنو مواد "پيغام لطيف" جي صورت ۾ دستياب هو. سٽت پوءِ مولانا شيدائيءِ جا ٻہ تاريخي ڪتاب "جنت السنڌ" ۽ "تاريخ تمدن سنڌ" شايع ٿيا، جن ۾ شهيد بلاول بابت سيد صاحب جي تحقيق جا حوالا ڏنا ويا. ان ريت هي حوالا ۽ تحقيق پوءِ اڪثر محققن جي سامهون رهيا.

ليڪن هلندڙ دور جي علمي ۽ تاريخي تحقيق ۾ بہ نالا وڏي وقعت رکن ٿا. ورهاڱي کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي علم ادب، لوڪ ساهت، تاريخ، شعر ۽ شاعري تورڙي مقامي روايتن کي، جنهن سطح تي ڏنو، ٻڌو سهيڙيو ۽ گڏ ڪيو، اهڙو شاندار مثال تمام گهٽ ملڪن ۽ معاشرن ۾ ملي ٿو. سنڌ جي هن نامور اسڪالر هن طرح مخدوم صاحب متعلق لکيو آهي: "مخدوم بلال وڏو مفسر ۽ ولي الله جنهن کي شاه بيگ ارغون ڏهين صدي هجريءِ جي اوائل ۾ شهيد ڪرايو. سندس مسجد تلٽيءِ ۾ ۽ مقبره باغبان ضلعي دادو ۾ آهي (۴۷).

هي حوالو "جامع سنڌي لغات" جي پهرئين جلد تان ڪنيل آهي ۽ اهو جلد سنڌ جي هڪ ٻئي سپوت ڊاڪٽر دائود پوٽي جي نظرثانيءِ بعد ڇپيو هو. ان طرح هي ٻيو حوالو آهي جنهن ذريعي مخدوم بلال جي شهادت بابت، اسان کي ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تائيد حاصل ٿئي ٿي.

سيد حسام الدين راشدي مرحوم، مخدوم بلال جي عظمت ۽ شهادت جو قائل هو. پاڻ "تذڪره مشاهير سنڌ" جو جلد اول ايڊٽ ڪيائون، جو سنڌي ادبي بورڊ سال ۱۹۷۴ع ۾ شايع ڪيو. راشدي صاحب ڪتاب ۾ جا بجاءِ وضاحتي حاشيا، نوٽس ۽ حوالا شامل ڪيا آهن ۽ ڪٿي سواليہ نشان بہ ڇڏيا آهن. فاضل ايڊيٽر مخدوم بلال جي شهادت جي ڪٿي بہ نفي نہ ڪئي آهي، پر جي هن باب ۾ ڪين ڪٿي ڪو اختلاف آهي تہ، پوءِ اهو شجري واري مسئلي تي ڏسجي ٿو. سمن ڄامن جي شجرن تي راشدي صاحب هن کان اڳ مفصل ڪم ڪيو هو. ان ڪري صفحي ۶۳ تي موجود مخدوم بلال جي شجري تي شڪ ظاهر ڪندي، ڪين سواليہ نشان هڻندي ڪابہ هڪ نہ ٿي هڻي. راشدي صاحب جزوي طرح معصوميءِ جي سنڌي ڇاپي تي بہ مايوسي ڏيکاري هئي، جڏهن پاڻ سلطان محمود بکريءِ بابت ڪم ڪيو هئائين. سائين محمد ابراهيم جي روايت آهي تہ سنڌ جو هي باوقار اسڪالر مخدوم بلال سان بي حد عشق ڪندو هو. پاڻ سنڌي شعر جو اهڙو بياض تيار ڪيو هئائين، جنهن ۾ مخدوم صاحب جي شهادت ۽ گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي وارتا بيان ٿيل هئي. راشدي صاحب "مقالاة الشعرا" ايڊٽ ڪندي، هن عنوان تي مفصل ڪم ڪرڻ جو بہ ارادو ڏيکاريو هو، پر افسوس تہ اها خواهش پوري نہ ٿي سگهي. هن ڏس ۾ جيڪو مٿي اقتباس ڏنو ويو اهو بہ ڏيکاري ٿو تہ، مخدوم بلال هي جهان ارغونن جا ظلم ۽ جبر سهندي ڇڏيو هو. ان جو مطلب تہ راشدي صاحب سنڌ جي هن نامور عالم جي طبعي موت جو قائل نہ هو.

مخدوم بلال جي باري ۾ پهريون ڪتابڙو لکندڙ مرحوم حافظ محمد احسن چنہ، دادو شهر جو رهاڪو هو. پاڻ مخدوم صاحب جي لوهي گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي وارتا لکي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ سندس

شهادت ميران مهدي جونپوريءَ جي غضب جو نتيجو هئي (٣٨).

مخدوم امير احمد جنهن "تاريخ معصومي" جو جديد سنڌي ترجمو ڪيو هو، سو پنهنجي هڪ مقالي ۾ مخدوم بلال جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ جي وارتا بيان ڪري ٿو. لکي ٿو ته: "آئون چوان ٿو ته سنڌ ۾ هي ڳالهه مشهور بلڪ يقيني طور چئي وڃي ٿي ته مرزا شاه بيگ، مخدوم بلال کي گهاڻي ۾ وجهي سرنهن وانگر پيڙايو هو. ان مجاهد اهو عذاب ڪلندي برداشت ڪيو ۽ زبان سان اُف به نه ڪيائين ۽ سر ڏئي سرهو ٿيو (٣٩). ايم. ايچ. پنهور صاحب تاريخي تحقيق ۾ هميشه سائنسي سوچ اختيار ڪئي آهي، سو پڻ مخدوم بلال جي شهادت ۽ گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري روايت جي پٺڀرائي ڪري ٿو (٥٠).

عنوان تي تحقيق ڪندي ڪجهه محققن سان روبرو پڻ بحث مباحثي جو موقعو مليو. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان نائين آڪٽوبر ١٩٩٢ع تي، منيءَ ۾ ٿيل ٽرسيمينار جي موقعي تي، هن مسئلي تي گفتگو ٿي. ڊاڪٽر صاحب چيو ته مخدوم بلال شهيد ته آهي، پر هو پنهنجي دور جو وڏي ۾ وڏو عالم هو. سندس متعلق اهڙو بحث ڇيڙڻ هڪ ڏکوئيندڙ عمل آهي. مخدوم بلال جي هڪ ٻئي پاڙيسري پروفيسر عبدالله مگسيءَ، هن حقيقت جي تصديق هن ريت ڪئي ته، نواب شاه جي مولوي علي محمد جمالي مرحوم، هڪ پيري هڪ عربي ڪتاب جو ٽڪرو پڙهي ٻڌايو، جنهن ۾ ڪنهن شرعي مسئلي تي سَنَد طور، مخدوم بلال جي فتويٰ جو حوالو ڏنل هو. اهو ڪتاب مولوي صاحب عربستان مان گهرايو هو، جو اتان جي ڪنهن عالم جو لکيل هو. ظاهر آهي ته ايڏي وڏي عالم ڪتاب پڻ لکيا هوندا، جي ارغونن سا‏ڙائي ختم ڪرائي ڇڏيا. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا چيو ته مخدوم بلال تاريخ جو وڏو نالو آهي ۽ شاه عنايت جي شهادت سندس قربانين جو تسلسل آهي. قريشي حامد علي خانائي صاحب چيو ته مخدوم بلال شهيد آهي. هن ڏس ۾ مهدوي لٽريچر جو اڀياس ضروري آهي، جن ڪيس قتل ڪرائي پنهنجو انتقام ورتو.

## مخدوم بلال شهيد ٿيو هو:

مخدوم بلال جي شهادت جي باري ۾ ٽن نقطن جي آڌار تي، جيڪو ناڪاري بحث ڇيڙيو ويو، ان بابت علمي حقيقتون متي اچي چڪيون آهن. بحث دوران ڳالهه رڳو مخدوم بلال جي شهادت واري سوال تائين محدود رهي ها ته به چڱو هو. هي سڄو مامرو سمن جي دور جي هڪ ٻئي مکيه ڪردار قاضي قادن جي صفائي لاءِ ڪرڙو ڪيو ويو. تاريخ جي اڀياس جا پنهنجا رويا ۽ ضابطا ٿين ٿا. اتهاس ڪنهن مسئلي جي تائيد ۾ هڪ طرف نوس مواد گهري ٿو، ۽ ٻئي طرف ڪنهن نقطي جي صفائيءَ لاءِ واضع منطق ۽ دليل جو هجڻ به ضروري آهي. بحث دوران انيڪ قسم جا مفروضا گهڙيا ويا. چيو ويو ته دريا خان کان علاوه مخدوم بلال سندس پٽن کي به مارايو. مخدوم سان جڏهن سڄي سنڌ گڏ هئي ته به هو ڪجهه نه ڪري سگهيو. مخدوم بلال جي ناڪاميءَ تي لکندي هڪ مؤرخ هن ريت وضاحت ڪئي آهي: ڄام فيروز طرفان هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي، مقامي فوج جو مورال (اخلاقي

حالت، همٿ ۽ ايمان) ايترو تہ ڪري ٻيو جو، نهايت بااثر صوفي مخدوم بلال بہ ان کي بحال نہ ڪرائي سگهيو (٥١). ان صورتحال هوندي بہ سندس تحريڪ جي وڏي اهميت آهي. هن ڏس ۾ انصار زاهد خان لکي ٿو تہ: ارغونن جي ابتدائي زماني ۾ سهروردين کي زبردست نقصان پهتو. انهن مان مخدوم بلال مقامي خاندانن جي قيادت ڪئي، جنهن سبب شاه بيگ کيس سزا ڏني. هن جو سوڍن تي وڏو اثر هو جن سمن جي مدد ڪئي هئي. خطرناڪ حالتون پيدا ٿيڻ سبب، سخت حفاظتي اپاءَ ورتا ويا. ان پس منظر ۾ ارغونن، سهروردي صوفين کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو. ٻي صورت ۾ ارغونن کي سنڌ ڇڏڻي پوي ها. سهروردين جي چرپر تي نگاه رکڻ يا کين ختم ڪرڻ لاءِ مخدوم بلال کي سزا ڏني وئي ۽ مرڪزي ايشيا مان نقشبندي توڙي قادري طريقي جي عالمن ۽ صوفين کي لڏائي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويو (٥٢). مخدوم بلال نہ تہ ڪو عهدو ورتو ۽ نہ وري صلح ڪيو. ساڳيو اسڪالر لکي ٿو تہ: هو ارغونن خلاف مزاحمت کي ديگهہ ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو. سخت تنبيهہ جي باوجود بہ مخدوم بلال پنهنجي جدوجهد تي قائم رهيو. ارغونن اٽندي ئي سياسي مصلحت هيٺ جن بہ عالمن تي سختي ڪئي، انهن ۾ مخدوم بلال جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو (٥٣).

ڏسجي ٿو تہ اهڙا تڪراري يا پيچيده مسئلا، ٻين قومن جي تاريخ ۾ بہ رهيا آهن. تيمورمنڊو هو يا نہ؟ الغ بيگ جي سِسِي ڪٻي وئي هئي يا نہ؟ چنگيز ڪهڙي خطي ۾ دفن ٿيو هو وغيره وغيره. روسين سائنسي انداز سان تيمور ۽ الغ بيگ جي باري ۾ چنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ موجود تاريخي تضادن جي پرپور صفائي ڪئي آهي. غالباً چنگيز خان کي دفن ڪرڻ وقت قبر جو نالو نشان گم ڪيو ويو هو. تازو بي. بي. سي ريڊيي ٻڌايو تہ، جپاني سيارن (Sattelites) جي مدد سان، چنگيز جي تربت جي تلاش جاري آهي. مطلب تہ تڪراري ۽ روايتي نوعيت جي تاريخي مسئلن جو سلسلو، ٻين قومن جي اتهاس سان بہ رهيو آهي. پر انهن اهي سوال حل ڪرڻ لاءِ وڏي فراخدليءَ جو ثبوت ڏنيدي، جديد کان جديد تر وسيلا ڪتب آندا آهن، ۽ هن ڏس ۾ فرسوده واويلا کان هٽي ڪري، نهايت وقار ڀريو طريقو اختيار ڪيو آهي.

مخدوم بلال تي تحقيق ڪرڻ جا وڏا موقعا موجود آهن، نہ رڳو سندس درگاه موجود آهي پر اتي صدين کان وٺي هر مهيني ۾ جلسو بہ ٿيندو رهي ٿو، جتي هن شهيد اعظم کي خراج عقيدت پيش ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه سندس خليفن جون خانقاهون بہ آباد آهن، جتان ٻڻ وڏيڪ مواد هٿ ڪري سگهجي ٿو. اهو بہ امڪان آهي تہ اڳتي هلي ڪو اهڙو قديم دستاويز ملي وڃي، جنهن ذريعي مخدوم بلال بابت اپياس ۾ اڃا بہ وسعت پيدا ٿئي. وطن جي راه ۾ جنگ ڪرڻ وقت ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ واري سوچ سامهون نہ هوندي آهي. دريا خان فوجي ماهر ۽ دلير هوندي بہ، ٺٽي جي ڇانئٹ تي وڙهندي مارجي ويو. مخدوم بلال تہ هڪ صوفي، عالم ۽ استاد هو. وطن دوستي کيس هن منزل تي وٺي آئي. ان ريت وڙهندي شهيد ٿي ويو تہ پلا ڪهڙي خطا ڪيائين. جيئن مٿي انصار زاهد جو حوالو ڏنو ويو آهي تہ، هن وطن جي نجات لاءِ طويل جنگ جو آغاز ڪري ڇڏيو. ٻن صدين جا تاريخي ماخذ اهڙي ڪو پاٺتي ڪٿا سان پريا پيا آهن. تاريخ جي اپياس مان پتو پوي ٿو تہ، حاڪمن سياسي

مخالفن سان ڏاڍيون عقوبتون ڪيون آهن (٥٤). مخدوم بلال ارغونن جو سياسي دشمن هو، ان ڪري ڪيس بہ شهيد ڪرايو ويو. سندس شهادت جو پڙاڏو هاڻي سنڌ جون سرحدون پار ڪري چڪو آهي (٥٥). هن جي لافاني قرباني ۽ وطن دوستيءَ جي رتبي کي بي وزن دليل ۽ اخباري مباحثا گهٽائي نہ ٿا سگهن!!

●

## حوالا ۽ حاشيا

● ماهنامہ سنڌ دوست ڊائجسٽ فيبروري ١٩٩٢ع ۾ ڇپيل هڪ تحرير ۾، غلام رسول اڪرم سومري صاحب اهو بحث ڇيڙيو آهي. هي گفتگو ايتري تائين محدود نہ رهي. شهادت جي آڙ وٺي ڳالهہ کي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچايو ويو آهي.

١. مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ ڀاڱو پهريون، ص ٦٣، مرتب سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع.

٢. حافظ احسن چنہ: مخدوم بلاول عليہ الرحمة، ص ١، سال ١٩٥٥ع.

٣. هي شجرا "مڪلي نامہ" ۾ ڏسجن. طبع سيد حسام الدين راشدي، سال ١٩٦٧ع.

٤. غلام محمد لاکو: "سمن جي سلطنت" ص، ٢٩، پاڪستان اپياس مرڪز سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو ١٩٨٧ع.

٥. مير معصوم بکري: "تاريخ معصومي"، مخدوم امير احمد، ص ص ٢٣٠-٢٣١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.

٦. جمالي دهلوي: "سير العارفين"، مترجم محمد ايوب قادري، ص ٣٤ مرڪزي اردو بورڊ لاهور ١٩٧٦ع.

٧. لطف اللطيف الله طيف، ص، ٣٢، سال ١٩٩١ع.

٨. جي. ايم سيد: "سنڌ جا سورما" ص ٣٥، سال ١٩٨٣ع.

٩. جي. ايم سيد: "پيغام لطيف" ص ٥، سال ١٩٧٣ع.

١٠. غلام محمد لاکو (مترجم) "مطالعو سنڌ جو" ص، ٢٦، ايم. ايڇ. صديقيءَ جو مقالو، ناشر: سنڌ تحقيقي بورڊ ١٩٩٢ع.

١١. مطالعو سنڌ جو، ص ٢٥، صديقي صاحب جو مقالو.

١٢. تاريخ معصومي، سنڌي ص ١٥٦ ۽ پڻ ص ص ١٦٢ - ١٦٣.

١٣. مخدوم حاجي محمد شفيع عباسي: "قصص الاولياء سنڌ"، قلمي سنڌي، ص ص ٣١-٣٣.

١٤. پيغام لطيف، ص ص ٦٣ ـ ٦٤.
١٥. تاريخ معصومي، سنڌي ص ص ١٥٦ ـ ١٥٧.
١٦. فريد بکري: "زخيرة الخوانين"، جلد ١، ص ١٧٧، ايڊٽ ڊاڪٽر سيد معين الحق، پاڪستان هستاريڪل سوسائٽي ڪراچي ١٩٦١ع
— اصل فارسي اقتباس هن ريت آهي. مخدوم شيخ بلال ڪ از قصبہ بوبکان توابع سيوستان اکمل اوليا بود از زبان ايشان بر آمد ڪ مرزا شاه حسين ظالم است ـ اين سخن گوش زد مرزا شاه حسين شد ـ بعد از تسخير ملتان کشتي هاي سواري ايشان نزديک بوبکان رسيد ـ مخدوم بلال را جبرًا و قهرا در مجلس ايشان حاضر آورده پاره بي ادبي نمودند ـ مخدوم فرمودند سابق ترا ظالم گفته بوديم حالاً اظلم مي گوئيم."
١٧. تاريخ معصومي، سنڌي، ص ٢٣١.
١٨. سنڌ جا سورما، ص ٣١.
١٩. تاريخ معصومي، سنڌي، ص ١٦٧.
٢٠. تاريخ معصومي، ايڊٽ ڊاڪٽر دائود پوٽو، حاشيو ص ص ٣١٤ ـ ٣١٥، طبع بمبئي ١٩٣٨ع. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي تصديق پوء، سيد حسام الدين راشدي (تحفة الڪرام، فارسي ص ٣٩٠) مرحوم بہ ڪئي. ان ريت ڊاڪٽر صديقي جو "تاريخ معصومي" جو انگريزي ڇاپو بہ ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ٿو (ص ٢٣٣).
٢١. تذڪره صوفيائي سنڌ، اردو، ص ٦٧، اردو اڪيڊمي سنڌ ١٩٧٥ع.
— تاريخ سنڌ جلد دوم (ص ١٠١ ۽ ص ٣٢) ۾ مخدوم بلال جي شهادت جي انڪار سان گڏ قدوسي مرحوم لکي ٿو تہ سندس مزار مڪليءَ تي آهي. ان ريت سندس مفروضو خود بخود رد ٿي وڃي ٿو، ڇو تہ اسان جي وطن دوست عالم جي مزار "باغبان" ضلعي دادو ۾ آهي.
٢٢. شيخ محمد اعظم: تحفة الطاهرين"، ايڊٽ بدر عالم دراني، ص ٢٠ ۽ ص ٣١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٦ع.
٢٣. سيد عبدالقادر ٺٽوي: حديقة الاولياء" ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، ص ٨١، حاشيو ٣، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع.
٢٤. تاريخ معصومي، ايڊٽ ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ١٩٩ ۽ پڻ هن صفحي جا حاشيا بہ ڏسجن.
٢٥. محمد غوثي شطاري مانڊوي: "گلزار ابرار"، اردو فضل احمد جيوري، ص ٣٧٥، اسلامڪ بڪ فائونڊيشن لاهور ١٣٩٥هه
٢٦. مير علي شير قانع: "تحفة الڪرام" ص ١٣١، مطبع ناصري دهلي ١٣٠٨هه.
— مير علي شير قانع ٺٽوي ـ تحفة الڪرام ۽ مقالاة الشعرا ـ ۾ مخدوم بلال جي وفات جو ذڪر نہ ٿو ڪري ۽ نہ وري سن وغيره لکي ٿو، پر هو زندگيءَ جي آخر ۾ لکيل

كتاب "معيار سالڪان طريقت (اڻ ڇپيل) ۾ بہ هن مسئلي تي خاموش ڏسجي ٿو.
هي صورتحال دلچسپ تہ آهي پر غور طلب بڻ ڏسجي ٿي.

٢٧. ماليت جو انگريزي ايڊيشن ١٨٥٥ع ۾ بمبئي مان ڇپيو هو. هن صاحب "مصادره" جي معنيٰ Fine ڏني آهي. هي ايڊيشن ايم. ايچ پنهور صاحب جي حيدرآباد واري ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

٢٨. ديوان ننديرام: "تاريخ سنڌ"، ص ص ١٧٥ ـ ١٧٦، مفرح القلوب ڇاپخانو، ڪراچي ١٨٦١ع.
— نندیرام ص ١٧٠ تي دريا خان جي پٽن جا نالا: محمود ۽ متن خان لکيا آهن.

٢٩. مرزا قليچ بيگ "اي هسٽري آف سنڌ"، ص ٦٦ نئون ڇاپو، سنڌ ڪلاسڪز ڪراچي ١٩٨٢ع.

٣٠. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ١، ص ٦٦.

٣١. محمود الحسن صديقي: "هسٽري آف دي ارغونس اينڊ ترخانس آف سنڌ"، ص ٢٧، ناشر سنڌالاجي ١٩٧٢ع.

٣٢. مثنوي مهرو ماه، مقدمہ ص ٦٨، اسلام آباد ١٩٧٣ع

٣٣. ايم. ايچ. پنهور ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، ص ٣٧٦، سنڌالاجي ١٩٨٣ع.

٣٤. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "جامع سنڌي لغات"، جلد پنجون، ص ٢٧١٨، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٨ع.

٣٥. i مولانا ابوالفتح عزيزي "مفتاح اللغات"، ص ٩٧٧، محمد سعيد اينڊ سنز تاجران ڪتب ڪراچي
ii قاضي زين العابدين: بيان اللسان عربي اردو ڊڪشنري، ص ٣٣٧، مڪتبہ علميہ قاضي واڑه ميرٹ ١٩٥١ع.

٣٦. ڊاڪٽر محمد معين: "فرهنگ فارسي"، جلد سوم، ص ٤١٦٠، تهران ١٣٦٤هہ. ش.

٣٧. علي اڪبر دهخدا: "لغت نامہ" شماره مسلسل ٢١٢، ص ٥٣٩، تهران، سال ١٣٣٤هہ. ش.

٣٨. مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، ص ٣٧١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع.

٣٩. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ١، ص ٦٣ حاشيو ٣.

٤٠. ساڳيو ڪتاب، جلد ١، ص ٤٣.

٤١. پيغام لطيف، ص ٦٣.
— ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب بہ ساڳيو حوالو ڏنو آهي. هن پنهنجي مقالي ۾ مخدوم بلال جي شهادت جو بہ ذڪر ڪيو آهي (سہ ماهي "مهراڻ"، ص ص ١٣٣ ـ ١٣٤، پرچو ٣، سال ١٩٨١ع.)

٤٢. سچل جو رسالو، ص ٣٣٢، عثمان علي انصاري، سال ١٩٧٨ع.

٤٣. مخدوم حاجي محمد شفيع عباسي: "قصص الاولياء سنڌ"، قلمي سنڌي ص ص ٣١ ـ ٣٤.

٤٤. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد، ص ٦٦.

.٤٥ ساڳيو حوالو.
ـــ جلد ١ جي صفحي ٤٢ ۽ ٤٣ تي به مخدوم بلال جي شهادت جي ڳالهہ ملي ٿي. وفائي مرحوم پنهنجي جلد ۾ لکي ٿو: جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو مرزا جي سنڌ تي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم بلال کي شهيد ڪرايو ويو (تذڪرهٔ مشاهير سنڌ)، جلد ٢، ص ٢٠٩، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع.
.٤٦ پيغام لطيف، ص ١٧ ۽ ص ٦٣.
.٤٧ جامع سنڌي لغات، جلد ١، ص ٣٩٣، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٦٠ع.
.٤٨ حافظ احسن چنہ: مخدوم بلال عليہ الرحمة"، ص ١٣، سال ١٩٥٥ع.
.٤٩ مخدوم امير احمد: "سرزمين سنڌ ۾ علم حديث"، مترجم عبدالرسول قادري، ص ٣٤، الرحيم، جولاءِ آگسٽ ١٩٨٧ع.
.٥٠ مطالعو سنڌ جو، ص ٦١.
ـــ ان هوندي به پنهور صاحب راءِ ڏني ٿو تہ هن مسئلي تي سنجيده سائنسي تحقيق ٿيڻ کپي (ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، ص ٣٨٢). ليڪن هن سوال کي مسئلو بنائي پاڻ واويلا وٺڪار نہ ٿو ڪري.
.٥١ انصار زاهد خان: "هسٽري اينڊ ڪلچر آف سنڌ"، ٢٩، رايل بڪ ڪمپني ڪراچي ١٩٨٠ع
.٥٢ ساڳيو ڪتاب، ص ٢٨١.
.٥٣ ساڳيو ڪتاب، ص ٣٢٣ ۽ حاشيو ص ٣٢٠.
.٥٤ مون اهڙي مختصر روئداد برصغير جي تاريخ جي حوالي سان اڳ ۾ شايع ڪرائي (عبرت ميگزين، نومبر ١٩٩٢ع وارو پرچو).
.٥٥ i ڪي. آر. ملڪاڻي: "دي سنڌ اسٽوري"، ص ٣٢، نيو دهلي ١٩٨٤ع.
ii ساره انصاري: "صوفي سنتز اينڊ اسٽيٽ پاور: دي پيرس آف سنڌ"، ص ٣٠، وين گارڊ لاهور ١٩٩٢ع.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# ٿــر ۾ جين ڌرم

هندستان ۾ هندو ڌرم جي رد عمل ۾ ٻه تحريڪون وجود ۾ آيون: ٻڌ ۽ جين، جن اڳتي هلي ٻن جدا جدا ڌرمن جي صورت اختيار ڪئي.، يعني ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم وجود ۾ آيا. جين جي تحريڪ، ٻڌ ڌرم جي همعصر آهي، پر ٻڌ ڌرم جي تحريڪ کان ٽيهه سال پوءِ شروع ٿي. ٻڌ ڌرم، هندستان کان سواءِ ٻاهر ٻين ملڪن ۾ به ڦهليو. جهڙوڪ: چين، جپان، ٿائلينڊ وغيره. البت جين ڌرم هندستان کان ٻاهر ڪونه ويو ٻڌ ڌرم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتو ۽ سنڌ جي رهواسين جي وڏي اڪثريت ٻڌ ڌرم قبول ڪيو. ان جي ڀيٽ ۾ جين ڌرم جا آثار ۽ اهڃاڻ فقط "ٿر" ۾ ملن ٿا. ٿر ۾ جين ڌرم جي آثارن ۽ اهڃاڻن جو احوال ڏيڻ کان اڳ ۾ ضروري آهي، ته جين ڌرم جو تعارف ڏنو وڃي.

ڌرم ـ نيتا جين ڌرم جي عقيدي موجب: جين ڌرم تمام پراڻو ڌرم آهي موجوده جين ڌرم جي باني "مهاوير" کان اڳ ۾ ٽيويهه ڌرم ـ نيتا ٿي گذريا آهن. جن مختلف زمانن ۾ جين ڌرم جو پرچار ڪيو، جين ڌرم جي روايتن موجب انهن جون عمريون ناقابل يقين حد تائين طويل هيون، ۽ هو انتهائي ڊگهي قد وارا هئا. انهن جا نالا هي آهي:

(١) رشڀ نات (٢) اجيت نات (٣) سامبو (۴) انيبون (۵) سُمهي (٦) پدم پرڀار (٧) سُپر شو (٨) چندر پريا (٩) پشپ دلت (١٠) سيتل (١١) شري انشانات (١٢) واسو پوجيه (١٣) وِمل (١۴) اننت (١۵) ڌرم (١٦) شانتي (١٧) ڪنتو (١٨) ارا (١٩) تلي (٢٠) مُني سورت (٢١) نِمي (٢٢) نيمي (٢٣) پارسونات.

هڪ روايت موجب مٿين ڌرم جي نيتائن مان يارهون نمبر ڌرم ـ نيتا يا "ترٿنڪر" شري انشانات جو جنم سنڌ ۾ ٿيو. هن سنڌ ۽ هند ۾ پنهنجي ڌرم جو پرچار ڪيو ۽ اولهه بنگال ۾ پراڻ تياڳيائين هن جو زمانو ١۵ سؤ سال عيسوي سن کان اڳ جو آهي (١)

مهاوير: جين ڌرم جي عقيدي موجب، موجوده جين ڌرم جو باني "مهاوير" آهي: مهاوير جو اصل نالو "وردمان" هو. سندس پيءُ جو نالو "سرهارٿ" هو. جيڪو "ڪندا پور" ۽ "تير سال" جي قبيلي "جٽات" جو راجا هو. انهيءَ ڪري "مهاوير" کي "وردمان جٽا تيترا" (٢) سڏيو ويو. هو "وديها" جي گادي جي هنڌ "ويسامي" ۾ ڄائو. جين ڌرم جي روايتن موجب هن جو ديهانت ۵۴۵ ق. م يا ۴٦٧ ق. م ۾ ٿيو (٣) ٻئي اندازي موجب هو ۵٩٩ ق. م. ۽ ۵٢٧ ق. م جي وچ واري زماني ۾ جيئرو هو (٣). انهيءَ زماني ۾ هندستان ۾ گوتم ٻڌ، چين ۾ "ڪنفيوشس" ۽ "لائوزي": ايران ۾ زرتشت ۽ عربستان ۽ فلسطين ۾ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق پنهنجن پنهنجن مذهبن جي تبليغ ۾ مصروف هئا (۴).

وردمان جيئن ته وڏ گهراڻي ۾ ڄائو. انهيءَ ڪري ڀرپور جوانيءَ جو زمانو ڏاڍي عيش آرام. سک

۽ آسودگيءَ ۾ گذاريائين. جڏهن ٽيهن سالن جو ٿيو، ته دنيا ترڪ ڪري، ٿيويهين ڌرم ـ نيتا پرسوناٿ جو طريقو اختيار ڪيائين. ٻارهن سال اگهاڙو رهيو، ۽ راهبانه زندگي اختيار ڪيائين، انهيءَ زماني ۾ جهنگهن ۾ گهمندو ۽ رلندو رهيو. جانورن ۽ ماڻهن جي ڏکن ۽ تاڃن جي ڪري سندس جسم کي ڪيترائي زخم رسيا. پنهنجي جان تي ڏک ۽ سور انهيءَ ڪري سٺائين، ته جيئن هن کي پنهنجي جسم ۽ نفس تي ضابطو ٿئي.

جڏهن هن کي يقين ٿيو ته کيس پنهنجي پاڻ تي ضابطو ٿي ويو آهي، ته تڏهن هو رياضت جي تيرهين سال سماجي زندگيءَ ڏانهن موٽي آيو ۽ ڌرم نيتا ٿي، پنهنجي ڌرم جو پرچار شروع ڪيائين. هن هڪ غير معروف وستي "جو پاڪاگرام" (اجو پالگا درياءَ جي ڪناري تي آباد هني) ۾ اچي ديرو دمايائين، ان وقت کيس حقيقي گيان حاصل ٿي چڪو هو. جنهن کي "ڪيول جتاتا" سڏيو ويندو هو. هن نئين مذهب "نرگنتا" جو پرچار شروع ڪيو، جنهن کي عام طرح "جين ڌرم" سڏيو ويو. جين جو مطلب آهي "فاتحن جو ڌرم" جين ڌرم جي فرقي "سيويتا مبرا" موجب هن سنبت سن کان ۴۷۰ سال اڳ پرچار شروع ڪيو. "ڊگمبرا" فرقي موجب هن سنبت سن کان ٦٠۵ سال اڳ پرچار شروع ڪيو (۵) هن ٽيهه سال پنهنجي ڌرم جو پرچار ڪيو، ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجو پوئلڳ بنايو. ان سلسلي ۾ هن انڪار ديها ۽ مگڌ جو سفر ڪيو. مگڌ جي مشهور حڪمران "ميسيسار" ۽ ان جي پُٽ اجاتا استروءَ سان ڪيترائي ڀيرا ملاقات ڪيائين. جين توڙي ٻُڌ روايتون انهن ٻنهي حڪمرانن کي پنهنجي پوئلڳن ۾ شامل ڪن ٿيون. انهن کان سواءِ هو ٻين علائقن جي راجائن سان به مليو، ۽ ڌرمي پرچار ۾ چئن راجائن جو سهڪار حاصل ڪيائين. اهڙيءَ طرح هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هي ڌرم ڦهليو، ۽ ڪن هنڌن تي وڏو اثر حاصل ڪيائين. مهاوير ۷۲ سالن جي عمر ۾ ڏکڻ بهار جي شهر "پارا" ۾ پران تياڳا.

جين ڌرم جا متا:

ان زماني ۾ "نرواڻ" جو مسئلو مشهور هو.مهاوير "نرواڻ" جا ٻه طريقا بيان ڪيا: سلبي ۽ ايجابي. سلبي ذريعو هي آهي، ته پنهنجي دل مان هر قسم جون خواهشون ۽ تمنائون ڪڍي ڇڏي: ڇاڪاڻ جو خواهشون ۽ تمنائون ڏک ۽ غم جو باعث بڻجن ٿيون. مهاوير جي سکيا موجب نرواڻ جو ايجابي طريقو هي آهي، ته انسان جا عقيدا، عمل ۽ علم صحيح هجي. هن عملن جي درستگيءَ جو بنياد هيٺين پنجن ڳالهين تي رکيو آهي:

(۱) اهمسه (آزادي) يعني ڪنهن به ساهواري کي نه مارجي ۽ نه تڪليف ڏجي.

(۲) ستيام يا سڌو رستو: سڌي رستي هلجي، ڪنهن کي به ڏکوئجي، ۽ هر ڪنهن سان ميٺ محبت سان هلڻ گهرجي.

(۳)استياءَ: چوري ۽ پرماريت کان پاسو ڪرڻ گهرجي. حلال روزي ڪمائجي ۽ ٻين جا حق نه ڦٻائجن.

(۴) برهمچاريام: (پاڪدامني) يعني پاڪائيءَ واري زندگي گذارجي.

(۵) اپري گرام: (مادي لذتون) يعني حواسن: ٻڌڻ، ڏسڻ، سنگهڻ ۽ چکڻ کي قبضي ۾ رکڻ. انهيءَ ڪري جو مادي لذتون، انسان جي گمراهيءَ جو باعث بڻجن ٿيون.

جين مت ڪنهن به مافوق الفطرت تخليق ڪندڙ قوت جا قائل نه آهن. هنن جي عقيدي موجب خدا، انسان جي روح ۾ سمايل لياقتن ۽ صلاحيتن جي جلا، تڪميل ۽ اظهار جو ٻيو نالو آهي. هماوين ويدن جي نظر ۾ روح جو به مخالف آهي. هن اها سکيا ڏني، ته انسان کي، ڪنهن انسان يا ڪنهن شيءِ جي پوڄا نه ڪرڻ گهرجي. بلڪ هو پنهنجي خواهشن کي ضابطي ۾ رکي زندگي گذاري، ڪنهن کي به ڏک نه ڏئي، ۽ نه ڪنهن جي پوڄا ڪري مطلب ته هن بت ـ پوڄا، انسان يا ڪنهن ٻي شيءِ جي پوڄا کان روڪيو. ان هوندي به بعد ۾ سندس پوئلڳن سندس بت ٺاهي ۽ انهن جي پوڄا شروع ڪئي؛ البت ساهوارن کي مارڻ يا تڪليف نه ڏيڻ جي اصولن تي جين ڌرم جا پوئلڳ اڄ تائين قائم آهن هو ڪنهن به ساهواري جو گوشت نه واپرائيندا آهن؛ وات ۽ نڪ تي سنهو ڪپڙو ٻڌندا آهن، ته جيئن ڪو تمام ننڍو ساهوارو به وات ۽ نڪ ۾ هليو نه وڃي؛ ۽ پيرين اگهاڙا گهمندا آهن، ته متان ڪو جيت جڻيون، جتيءَ جي زور تي چيپاڻجي مري نه وڃي.

<u>جين ڌرم جا فرقا:</u> چندر گپت موريا جي زماني ۾ ڪپڙن پائڻ جي مسئلي تي، جين ڌرم جا ٻه فرقا ٿيا. هڪ فرقي جو نالو سويتامبر آهي. هن فرقي وارا اتر هندستان ۾ رهائش پذير آهن، ۽ سفيد ڪپڙا پائيندا آهن. ٻيو فرقو ڏکڻ هندستان ۾ رهي ٿو، ۽ ان جو نالو "ڊگمبر" آهي. هي ڪپڙا بالڪل ڪونه پائيندا هئا، ۽ اگهاڙا رهندا هئا. مسلمان جڏهن ڏکڻ هندستان جا علائقا فتح ڪيا، ته هنن ڊگمبر فرقي وارن کي ڪپڙن پائڻ تي مجبور ڪيو (٦). هڪ پراڻي فوجيءَ، جيڪو انگريزن جي زماني ۾ ڏکڻ هندستان ۾ ملازمت دوران رهيو هو؛ ان ٻڌايو، ته هي ماڻهو گهر کان ٻاهر ته ڪپڙا پائي هلندا ۽ ڪم ڪندا آهن، پر گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪپڙا صفا لاهي ڇڏيندا آهن ۽ اگهاڙا رهندا آهن؛ پوءِ توڙي جو ڪيڏا به پڙهيل ۽ ڪيڏي به وڏي ملازمت وارا ڇونه هجن.

"ڀدر باهُ"، ڊگمبر فرقي جو وڏو پيشوا ٿي گذريو آهي، جنهن جو ديهانت ۳۵۷ ق. م ۾ ٿيو. سنه ۸۳ع تائين هي فرقو اوج تي هو. انهن ڏينهن ۾ هن فرقي جو پيشوا "سو ڀوتي" هو. (۷)

هنن ٻن مکيه فرقن مان، وقت پٽاندر ٻيا فرقا به نڪندا رهيا؛ جهڙوڪ ڪرتر: هن جو بنياد "وردمانڻ" جي شاگرد "جنسيور" ۹٦۷ع ۾ وڌو. البت ڌرم ساگر "جيندت آچاريه" کي ان فرقي جو بنياد وجهندڙ سڏي ٿو (۸).

<u>انوچل گڇيچ:</u> هن فرقي جو بنياد ۱۱۰۳ع ۾ پيو، جيڪو "چندر گڇيچ" فرقي جي شاخ هو (۹).

<u>پرٽي يڪ پڪش:</u> چندر پربا آچاريه، چتر درسيا پڪش" جو جڏهن جاءِ نشين ٿيو، تڏهن هن نئين فرقي پرٽي يڪ پڪش" جو بنياد وڌو (۱۰).

<u>لمپاڪ:</u> هن فرقي جو بنياد ۱۴۵۱ع ۾ پيو هن فرقي جي شاخ <u>"وشڌر"</u> جو بنياد ۱۴۷۷ع ۾ پيو. ۱۵۱۱ع ۾ "لمپاڪ" فرقي جي ٻي شاخ <u>ناگپوريا</u> جو بنياد روپ رشيءَ وڌو هو. مالساوڊ "ڳوٺ جو رهاڪو هو. هن جي پوئلڳن پنهنجي لاءِ "ناگپوريا" نالو اختيار ڪيو. انهيءَ ڪري، ته جيئن هنن کي "اندر" ڳوٺ

جي "روپ رشيءَ جي پوئلڳن کان الڳ حيثيت حاصل رهي (١١)
ڪتنڪ: هن فرقي سنه ١٥٠٧ع ۾ ترقي ڪئي (١٢).
پاسچندر: هن فرقي جو بنياد ١٥١٥ع ۾ پيو (١٣).
جين ڌرم جا ڪتاب: چوٿين صدي قبل مسيح جي آخر ۾ ڏڪر بهار ۾ ذڪر پيو. جنهن ڪري "پوريا هُمر" جي اڳوائيءَ ۾ جين ڌرم وارن جو وڏو انگ ميسور ۽ ان جي پسگردائي ۾ وڃي آباد ٿيو. جيڪي جيني "باتلي پترا" ۾ رهيا، انهن هڪ ڪائونسل قائم ڪئي، ته جينن مقدس ڪتابن کي نئين سر مرتب ڪيو وڃي. هن ڪائونسل "ٻارهن انگس" ڪتاب تيار ڪيا. سويتامبرفرقي جي روايتن موجب ڪائونسل جو تيار ڪيل "انگنس" جو مجموعو "پدر باهُ" جي پيشوائيءَ جي ڏينهن ۾ مرتب ٿيو هو (١٤). سنه ١٣٩ع ۾ جين ڌرم وارن پنهنجون ڌرمي ڳالهيون لکت ۾ آنديون. هنن ۾ اهو به چاٽايو ويو آهي، ته اصل ۾ اهي ڳالهيون ٥٤٥ ق. م ۾ لکيون ويئون هيون. جيڪي وري نئين سر لکيون ويئون آهن. ٤٥٣ع ۾ ڌرمي ڪتابن تي آخري نظرثاني ڪئي ويئي. ان مقصد لاءِ "ولي پائي" گجرات ۾ ڪائونسل قائم ڪئي. انهيءَ ڪائونسل جي "دور ڏيگڻ" ۽ ڪشما سرمڻ جين مت جا سمورا متا گڏ ڪري انهن کي ڪتاب جي صورت ۾ مرتب ڪيو (١٥).
آساڌر ولد سلڪشن، "سپادلڪش" جورهاڪو هو. هن ١٢٣٥ع الـتمش جي ڏينهن ۾ اهو علائقو مسلمانن فتح ڪيو، ته هو "مالواهه" ۾ اچي رهيو. هن اتي جين ڌرم جا متا سکيا، ۽ جين مت جي سکيا بابت "ترشش تسمرتي" نالي ڪتاب لکيو (١٦).
مطلب ته جين ڌرم جي لـکيتن کي "انگس" سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: قاعدا يا هدايتون. انهن کي "سڌانت" به چيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي خزانا. پهرين "انگا" کي ايارانيه سوتر" سڏيو ويندو آهي. اصل ۾ انگس (جسمن) جو تعداد ٻارهن هو پر انهن مان ٻارهن ملن ٿيون، ٻارهين گم ٿيل آهي. ٻي انگا جو نالو "سو تر ڪِر ترتگا آهي. ٽين مکيه انگا" اترادَيانَ سوتر" آهي. مستند انگس جي تعداد بابت جين ڌرم جي فرقن ۾ اختلاف آهي، "ستنڪواسي" فرقي موجب فقط ٣٣ انگس مقدس ۽ مستند آهن. "سويتامبر" فرقي موجب مقدس انگس جو تعداد ٤٥ آهي، باقي ٻيا فرقا ٨٤ انگس کي مقدس ۽ معتبر ليکين ٿا. انگس، ان علائقي جي پراڪرت (پالي) ۾ لکيل آهن ۽ انهن جي شرح سنسڪرت ٻوليءَ ۾ لکيل آهي (١٧) ڪن انگس جو ترجمو ڏجي ٿو.
"جيڪو ماڻهو ساهوارن کي ايذائي ٿو، ان ڌرم جي حقيقت کي نه سمجهيو، ۽ ڏوهه جا ڪم نه ڇڏيائين. جيڪو ماڻهو ساهوارن کي تڪليف نه ٿو ڏئي، ان ڌرم جي اصولن کي سمجهيو، ۽ ڏوهه گناهه جڻ ڇڏي ڏنائين. ڄاڻي ٻجهي سياڻي ماڻهوءَ کي ساهوارن کي ڏکوئڻ نه گهرجي. نه فقط ايترو پر هن کي ٻين لاءِ به اهڙن ڏوهن ڪرڻ جو سبب پيدا ڪرڻ نه گهرجي؛ ۽ ٻين کي اهڙين خطائن ڪرڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي جيڪو ماڻهو ساهوارن کي ايذائڻ وارن ڏوهن جا سبب ڄاڻي ٿو، اهو نرواڻ وارو آهي." (١٨)
موجوده دور ۾ ڪن هنڌن تي جين ڌرم وارا ۽ هندو ڌرم وارا هڪٻئي سان ملي ويا آهن. ادب ادب

جو جڳ مشهور محقق ڊاڪٽر گيانچند (لکنو) پنهنجي اتم ڪهاڻي ۾ لکيو اهي، ته سندس خانداني ڌرم جين آهي. لکي ٿو:

منهنجو خانداني مذهب جين، ذات نريش اگرول ۽ گوتر گويل آهي. منهنجي والده، زال ۽ نياڻو وغيره جين هندو آهن. منهنجو، هڪ نُهن سک آهي."

جين مندر: مهاوير جي سکيا آهي: پنهنجو پاڻ پَلڻ نفساني خواهشن کي قبضي ۾ رکڻ، ۽ رهبانيت جي زندگي گذارڻ. هن ڪنهن جي به پوڄا جي سکيا نه ڏني. انهن ڳالهين لاءِ ڪنهن به عبادت گهر جي ضرورت نه آهي. اهو ئي سبب آهي، جو شروع واري زماني ۾ جين مت لاءِ پوڄا لاءِ مندرن وغيره جو ڪوبه نشان نه ٿو ملي. بعد ۾ مندر تعمير ڪيا ويا، جنهن ۾ مهاوير جو بت رکي، ان جي پوڄا شروع ڪئي وئي، ڪجهه وقت کان پوءِ اڳين تيويهن ڌرم-نيتائن جا بت به مندرن ۾ رکيا ويا. پنج سؤ سال اڳ جينين تحريڪ هلائي، ته جين ڌرم موجب بتن جي پوڄا ڪرڻي نه آهي، انهيءَ ڪري جيني مندرن مان بت ڪڍيا ويا.

اولهه پارت، راجستان ۽ سنڌ جي ٿر ۾ جين ڌرم جا ڪيترائي مندر آهن. جين ڌرم جي پوئلڳ وڏي شاهوڪار واپاريءَ "وملي شاهه" ١٠٣٢ع ۾ "ڏٺل واڊا" ۾ جين ڌرم جو مندر "وڙشپ ديو" تعمير ڪرايو. (١٩) جهوناڳڙهه جي پرسان گرنار ۾ جين ڌرم جا ١٦ مندر آهن، جيڪي قلعه نما نظر ايندا. وڏي مندر جو نالو "نيميناٿا" آهي هنن مندرن مان ڪن مندرن جي درن تي ديوناگري لپي ۾ عبارتون به تحرير ٿيل، جن ۾ ڪي عبارتون تمام وڏيون آهن (٢٠) اهي عمارتون پراڪرت ۽ سنسڪرت ٻولين ۾ آهن. انهن عبارتن ۾ رامائڻ، مها ڀارت، ڪرشن ۽ پانڊون ڏانهن اشارا به ملن ٿا (٢١) "آبو" جي آس پاس به مندر آهن.

ٿر ۾ جين ڌرم جا مندر: پارڪر جين ڌرم وارن جو وڏو اهم مرڪز هو. پاري نگر ۾ گوڙي جا ڏهرا ۽ ستي ڏهرا جينين جا خاص مندر هئا. مندرن جي لڳ هڪ خاص جڳهه ۾ سندن پرچارڪ گڏجاڻيون ٿينديون هيون. مندرن جي پٿين تي ڌرمي، نيتائن‌جون تصويرون چٽيل آهن. پاري نگر جي ڦٽل شهر ۾ جين ڌرم جي پنجن يا ڇهن مندرن جا آثار ملن ٿا، جن مان اڪثر اڇي سنگ مرمر مان ٺهيل آهن. مندرن جي پٿرن تي ڏاڍي خوبصورت اکر ٽيل آهي. ڪن پٿرن تي ڪتبا به اکريل مليا آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي مندر يارهين صدي عيسوي ۾ تعمير ٿيا. چٽ، تصويرون، شڪليون، جاميٽريڪل ڊزائنون ڏسڻ وٽان آهن. ڪئپٽن ريڪس انهن جي خوبصورتيءَ جي تعريف ڪئي آهي. خاص طرح سان شڪلين بابت هو چوي ٿو، ته اهي اهڙيءَ ترتيب ۽ بيهڪ سان نقش ٿيل آهن، جو مشرق ۾ بيو ڪٿي به مون اهڙيون شڪليون نه ڏٺيون آهن (٢٢).

پوڏيسر ۾ به جين ڌرم وارن جا ڊٺل ڏهرا (مندر) ملن ٿا، جن مان "پوٽي ڏهر" تمام عاليشان معلوم ٿئي ٿو. پوڏيسر جي جين ڌرم جي پوئلڳ هڪ مائيءَ سٺ جون پوٽيون ڪتي، انهن جي ابت مان اهو ڏهرو ٺهرايو. انهيءَ ڪري ان تي نالو ئي "پوٽي ڏهرو" پئجي ويو. پوڏيسر جي ڏکڻ طرف جين ڌرم وارن جا چار ڏهرا اڃا ڏسڻ ۾ اچن ٿا (٢٣).

ميرپورخاص جي پرسان "ڪاهو جو دڙو" مان بہ جين مندرن جا نشان مليا آهن. حيدرآباد ضلعي جي لاڙ واري حصي سان بہ جين مندرن جا آثار مليا آهن (٢٣). ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم زماني ۾ ٿر کان سواءِ لاڙ واري علائقي ۾ بہ جين ڌرم جا پوئلڳ رهندا هئا.

گوڙي مندر:

ننگر پارڪر کان ٢٨ ميلن جي مفاصلي تي ۽ "ويرا واهہ" کان ١٤ ميلن جي مفاصلي تي "گوڙي" نالي هڪ ڳوٺ آهي. هي ڳوٺ مارئيءَ جي ڳوٺ "ڀالوا" کان ٣ ميل اتر طرف آهي. ان جي پرسان ڏهر ۾ "گوڙي جو مندر" آهي، جيڪو ١٣٧٦ع ۾ "اوسواڙ" ذات جي شاهوڪار"منگهي" ٺهرايو. هن کي گوڙي جا ڏهرا بہ چيو ويندو آهي. (٢٥)

اڳ ۾ اچي چڪو آهي، تہ "مهاوير" (جين ڌرم جو باني) ٽيويهين ڌرم-نيتا "پروسونات" جو طريقو اختيار ڪيو. "پروسونات" کي عام طرح "پارسنات" بہ چيو ويندو آهي، پارسنات، "گرو گورکنات" جو چيلو هو، کيس "گوڙيچو" بہ چيو ويندو هو. جيئن تہ هن ڳوٺ ۾ "پارسنات" جا پوڄاري "جين مت" وارا رهندا هئا. انهيءَ ڪري هن ڳوٺ تي پارسنات جي گرو "گوڙيچو" جي نالي پٺيان "گوڙي" نالو پيو ۽ مندر کي "گوڙي جا ڏهرا" سڏيو ويو (٢٦).

هن مندر کي جيتوڻيڪ وقت بوقت نقصان رسندو رهيو آهي، ان هوندي بہ جيڪي آثار ۽ اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تہ هي نهايت خوبصورت مندر هو، جنهن تي ڏاڍي ڪاريگريءَ سان چٽسالي ٿيل هئي. مندر جي اڏاوت، جوڙجڪ، چٽسالي ۽ چٽيل تصويرون، تعمير ۽ چٽساليءَ جو اعليٰ نمونو پيش ڪن ٿيون.

مندر جو ذڪر ڪئپٽن ريڪس بہ ڪيو آهي، ۽ ان جو خاڪو بہ ڏنو اٿس. اهو هن مقالي جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. هن پنهنجي بيان ۾ تہ ان کي "جين مندر" ڪري لکيو آهي (٢٧) ۽ خاڪي جي هيٺان وري "گوڙي وٽ ٻڌ مندر" ڪري لکيو اٿس. انين تو معلوم ٿئي، تہ اها اکري ڀُل آهي. انهيءَ ڪري هت جيڪو خاڪو ريڪس جي خاڪي تان اتاري ڏنو پيو وڃي، ان جي هيٺانءِ جين مندر "گوڙي" لکيو ويو آهي.

١٧١٥ع ۾ هن مندر جي مرمت ٿي هئي؛ پر ويو ڍهندو ۽ ويران ٿيندو "تروٽ" صاحب جڏهن علائقي جو پوليٽيڪل سپرٽنڊنٽ (١٨٣٦ع کان ١٨٧١ع تائين) هو: تڏهن ١٨٥٩ع ۾ سوڍن ننگر پارڪر ۾ بغاوت ڪئي. انهيءَ زماني ۾ "تروٽ" صاحب مندر جي هڪ حصي کي بارود سان ڊاهي ڇڏيو. انهيءَ ڪري جو کيس شڪ هو، تہ سوڍا مندر ۾ لڪي فساد برپا ڪرڻ لاءِ رٿون رٿي رهيا آهن. (٢٨)

مندر جي ٻاهران، ٻر حاطي اندر هڪ پوئنرو (ڀهرو) آهي، جنهن ۾ هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون آهن. البت هينئر ان ۾ اندر وڃڻ پرانئتو آهي. ڪئپٽن جي، جي ولسن ان جي کوٽائيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ڪم مڪمل ٿي نہ سگهيو.

مندر ۾ ڪتب آيل پٿر سنگ مرمر تہ نہ آهي پر لڳ ڀڳ ان جهڙو ئي آهي: ڀانئجي ٿو تہ هي پٿر جوڌپور کان آندو ويو هو. مندر جي عمارت جي اڳيان ڏالان آهي، جنهن جي ڇت گولائيءَ تي آهي ۽

پٿر جا ٺهيا اٿس. گنبذ جي پرسان ٻاهران گول چبوترو آهي، جنهن ۾ اندرين طرف چوڌاري عورتن ۽ مردن جون تصويرون چٽيل آهن. دالان کان پوءِ هڪ وڏو صفحو آهي، جنهن جي ٻنهي طرفن کان ڇهه ڇهه ڪوٺيون آهن. انهن جون ڇتيون به گنبذ واريون آهن. ٻهرين صفحي کان پوءِ ٻيو صفحو به آهي، پر ان جو ٻئين پاسو ڊهي ويو آهي. ڪوٺيون ننڍيون آهن. انين تو معلوم ٿئي، ته انهن ڪوٺين ۾ هڪ هڪ ساڌو ويهي، يوگ پچائيندو هو. (٢٩)

پارسناٿ جو بت: گوڙي مندر ۾ پارسناٿ جو بت رکيل هوندو هو، جيڪو ساڍا ٻارهن فوٽ ڊگهو هو ۽ اڇي سنگ مرمر مان ٺهيل هو. "ڪئپٽن ريڪس:" ١٨٥٣ع ۾ ان بابت ننگر پارڪر جي واٽين خاص طرح سان ويرا واهه جي ٻن واٽين "نينسي" ۽ "سورجي" کان ڳالهيون ٻڌي بت جو تفصيل ۽ ان جي درشن جي ميلن جو احوال پنهنجي ڪتاب ۾ ڇاپيو آهي. هو انهن ماڻهن سان به مليو، جن مورواڙ ۾ بت جي درشن جا ميلا ڏٺا هئا. هن ڇاپيو آهي:

ٻيران پٽڻ ۾ هڪ مسلمان ترڪ وٽ ٽي بت هئا (جيڪي هن پٽر مان گهڙيا يا گهڙايا هئا). انهن مان هڪ پوڏيسر جي هڪ واڻئي "ميجا شاه" ان ترڪ مسلمان کان ١٠٠ روپين ۾ خريد ڪري، آڻي گوڙي مندر ۾ رکيو. بت جي نرڙ تي وڏو هيرو لڳل هو، جيڪو وڏي ملهه وارو هو. ان کان سواءِ بت جي ٻين جي جاءِ به ٻه ننڍيون هيري جون ڪٽيون لڳل هيون. هر سال مقرر تاريخ تي اهو بت ٻاهر ڪڍي چبوتري تي رکيو ويندو هو. بت جي درشن لاءِ ڪٿان ڪٿان کان ماڻهو وڏي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا، ۽ انهن جي پيٽا مان چگو ڌن گڏ ٿي ويندو هو. ان اپت مان هڪ حصو راجا کي ملندو هو، ۽ وڏو حصو پوڄاري ورهائي کڻندا هئا سنه ١٧١٦ع تائين اهو بت مندر ۾ هو. انهيءَ سال سوڍو راجا "ستو جي" زوريءَ بت کڻائي وڃي "ٻاڪاسر" جوڌپور رياست ۾ رکيو. ٻاڪاسر ۾ هڪ قلعو جوڙايائين، ۽ بت وٽ جي هيٺان ڪڏ ڪوٽي پوري ڇڏيائين. هر سال ميلو لڳائي، بت جو درشن ڪرائيندو هو، ۽ ان مان وڏي ملڪيت حاصل ڪندو هو. بت جي درشن جو چوڌاري چوهول ٿي ويو: ۽ وڏن وڏن ماڻهن ۾ بت جي درشن جو شوق پيدا ٿيو. هڪ پيري سورت شهر جي رهواسي، ڏهن لکن جي ملڪيت جي مالڪياڻي، نالي "لکي" بت جو درشن ڪرڻ لاءِ ڪهي آئي. راجا کي پتو پنجي ويو، ته اها مائي ڏهن لکن جي ملڪيت رکي ٿي. انهيءَ ڪري مائيءَ کان بت جي درشن لاءِ نوَ لک پيٽا گهريائين. مائي پيٽا جي لاٽ لاءِ راجا کي گهٽوئي چيو، پر راجا پائي به گهٽ نه ڪئي. آخر مائيءَ نوَ لک ڏيئي، بت جو درشن ڪيو. اهڙيءَ طرح هن بت جي درشن جي پيٽا مان وڏو ڌن دولت حاصل ڪيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ هن بت کڻائي وڃي "ويراواهه" جي قلعي "گوڙ" ۾ رکايو. اتي بوقت بت جي درشن لاءِ ميلو لڳارائيندو هو، ۽ وڏي دولت ڪمائيندو هو. بت جي درشن جو ميلو پرڳڻي "چرچاٽ" جي شهرن: موروواڙ ۽ پالنپور ۾ لڳايو ويندو هو. انهيءَ لاءِ ته جيئن اتي جي ماڻهن کي بت جي درشن ڪرڻ ۾ پنڌ ڪرڻو نه پوي. اهو انتظام ويراواهه جا شاهوڪار ڪندا هئا: جيڪي راجا کي وڏي رقم ڏيئي، مذڪور شهرن ڏانهن بت کڻي ويندا هئا. جڏهن بت "موروواڙ" نيو ويندو هو، ته ان جي حفاظت لاءِ سوَ سوار ان سان گڏ هلندا هئا. بت جي درشن لاءِ هزارين جوڳي ۽ عام ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا.

"موروواڙ"، "ويرا واهہ" کان ٦٣ ميلن جي مفاصلي تي هو. "موروواڙ" ۽ سني گام ۾ بت جو درشن ڪرائي، موٺائي ويرواهہ آندو ويندو هو. "سني گام" ۾ پهريون ميلو ١٧٦٣ع ۾ لڳو ۽ موروواڙ ۾ ١٧٨٨ع، ١٧٦٦ع، ١٨١٠ع ۽ ١٨٢٢ع ۾ ميلا لڳا. ١٨٢٢ع وارو ميلو آخري ميلو ثابت ٿيو. ان کان پوءِ هڪ ميلو "ويرا واهہ" ۾ ١٨٢٣ع ۾ لڳو. ان کان پوءِ اهڙو ميلو ڪونہ لڳو. انهن ڏينهن ۾ بت "پونجاجي" جي قبضي ۾ اچي ويو جيڪو ان زماني ۾ سوڍو راجا هو. سنڌ جي ٽالپر حاڪمن ۽ سوڍي "پونجاجي" جي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ "پونجاجي" سنہ ١٨٣٢ع ۾ مارجي ويو. ان جي مرڻ کان پوءِ ڪنهن کي خبر نہ رهي، تہ بت ڪٿي پوريل آهي. اهڙي طرح بت هميشه لاءِ گم ٿي ويو (٣٠).

ڪئپٽن ريڪس، پوڏيسر شهر جي "گوڙجي" "ڪنتوو جاجي" وٽ هڪ قلمي لکت ڏٺي، جيڪا ١١٠٣ع جي لکيل هئي. ان ۾ لکيل هو، تہ "پٽن" ۾ جيڪي ٽي بت هئا. انهن جا نالا هي هئا. نارڻ گوڙجي، نورڻ گوڙجي ۽ گوڙيچو گوڙجي انهن مان گوڙيچو "شاهہ ميجا" خريد ڪري، پارڪر آندو هو. (٣١).

<u>ريڪو جو بت:</u> ويرا واهہ جي جين مندرن ۾ اجا ٽائين ڪي بت رکيل آهن. انهن مان هڪ مندر ۾ جين ڌرم جي ڌرمي ـ نيتا "ريڪو" جو بت رکيل آهي، جيڪو سنگ مرمر مان نفاست سان گهڙيل آهي. ان جي چوڌاري بہ ڪيتريون مورتون رکيل آهن (٣٢).

<u>ٿر ۾ جين ڌرم جا پوئلڳ:</u> ٿر جي هيٺين شهرن ۾ جين ڌرم جا پوئلڳ رهندا هئا، ۽ هينئر بہ ڪجهہ قدر رهن ٿا:

<u>پاري ننگر:</u> ننگر پارڪر کان ١٣ ميل ۽ ويرا واهہ کان ٢ ميل پري هڪ قديم شهر آهي هن شهر ۾ قديم زماني ۾ جين ڌرم وارا وڏي تعداد ۾ رهندا هئا، ۽ ان علائقي تي انهن جو راڄ هو. هينئر شهر ڦٽي ويو آهي، پر ان جا آثار ٻڌائين ٿا، تہ قديم زماني ۾ هي وڏو عاليشان شهر هو. هن شهر ۾ جين ڌرم وارن جا ڪيترائي مندر آهن. جن مان ڪيترائي هينئر زبون ٿي ويا آهن.

ڪئپٽن ريڪس جي تحقيق موجب قديم زماني ۾ هن شهر جي وڏي، آدم شماري هئي. هن ۾ ٥٢٠٠ گهر واڻين (جين ڌرم جي پوڄارين)، ٩٠٠ گهر لوهارن، ٢٠٠ گهر اٽٽ جو ڪم ڪندڙن، ١٣٠٠ گهر لوهاڻن ۽ ٧٠٠ گهر راجپوتن جا هئا (٣٣)

انهيءَ قديم زماني ۾ ڪڇ جو رڻ اڃا سمنڊ هيٺ هو. انهيءَ ڪري پاري ننگر ساموندي بندر هو. ساموندي جهاز پاري ننگر ۾ "ڏوتڙ" وٽ اچي لنگر انداز ٿيندا هئا. انهيءَ ڪري پاري ننگ واپاري مرڪز هو. هينئر بہ ڏسبو، تہ ميلن ۾ عاليشان شهر جا آثار اهڃاڻ نظر ايندا. ڪئپٽن ريڪس جي تحقيق موجب انهيءَ ڏهين صدي عيسوي ۾ "ابو پهاڙ" پرمار راجپوت "ڌرٽي" جي پٽن "پوڏاڻي" ۽ هانسو اچي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. (٣٣) ٿر جي رومـــــاَ نـسوي داستان "سڏونت سار نگا" جي سورمي "سڏونت" پاريءَننگر جي هئي. ان ۾ ڏيکاريل آهي، تہ "سڏونت" جي گهر ۾ ناريل جو وڻ هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ قديم زماني ۾ هن شهر ۾ ناريل جا وڻ ٿيندا هئا.

روايتن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ قديم زماني ۾ پارود قوم جو راڄ هو. ڪرنل ٽاڊ "پارود" قوم کي

"مليچ" چاٽائي ٿو (٣٣). ڪن محققن جو خيال آهي، ته اهي پارود نه پر پارسي هئا، جن قديم شهر "مين گد" جو نالو ڦيرائي پارسي ننگر رکيو، جيڪو بعد ۾ بگڙجي، "پاري ننگر" ٿي ويو (٣٥). بهرحال هي قديم زماني ۾ عاليشان شهر ۽ بندر هو، جيڪو ڪڇ جي رڻ نروار ٿيڻ جي ڪري، پنهنجي حيثيت وڃائي، ننڍڙو ڳوٺڙو وڃي ٿيو. شهر جي اوج ختم ٿيڻ سان جين ڌرم وارن جو اوج به هن شهر ۾ ختم ٿيو.

ويرا واهه: هي شهر ننگر پارڪر کان ١٥ ميلن جي مفاصلي تي آهي. پاري ننگر هن جي ايرندي پاسي آهي جيڪو پنجين يا ڇهين صدي عيسوي ۾ آباد ٿيو، ۽ ٻارهين صدي عيسوي ۾ ويران ٿي ويو. قديم زماني ۾ هي هڪ عاليشان شهر هو. هي هينئر هڪ کنڊر بڻجي چڪو آهي. جين ڌرم وارن جي ڪيترن ئي مندر مان هڪ مندر سلامت آهي. مسٽر جانليس جڏهن هن ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو، هن هتان سنگ مرمر جو هڪ خوبصورت اُڪر ٿيل بلاڪ لڌو هو، جيڪو هن ڪٽائي وڃي، ڪراچيءَ جي ميوزم ۾ رکيو. (٣٦)

هن شهر ۾ وڏي تعداد ۾ "اوسواڙ" ذات جا ماڻهو رهندا هئا، جيڪي جين ڌرم جا پوئلڳ هئا. هي شهر "ويري" نالي رٻاري ٻڌايو. (٣٧)

پوڏيسر: ڪئپٽن ريڪس جي تحقيق موجب هي شهر ٥١٢ ق. م آباد ٿيو (٣٨) هتي جين ڌرم وارا رهندا هئا، ۽ انهن جا مندر هئا، جين ڌرم وارن جا مندر ١٣٧٥ع ۽ ١٣٤٩هه ۾ جڙيا. هتي گجرات جي بادشاهه محمود بيگڙي جي تعمير ڪرايل سنگ مرمر جي عاليشان مسجد به آهي؛ جيڪا ١٥٠٥ع ۾ ٺهي. (٣٩) شهر جي پرسان وڏو تلاءُ آهي، جيڪو پوڏي نالي سوڍي ڇهين صديءَ عيسوي ۾ کٽايو. هوٿل پري ۽ اوڍي جي رومانوي داستان جو تعلق به هن تلاءُ سان آهي.

قديم زماني ۾ هي هڪ عاليشان شهر هو، ۽ واپاري مرڪز هو. امن ۽ سلامتيءَ وارو شهر هو. جين ڌرم وارا "اوسواڙ" وڏا واپاري هئا، ۽ انهن جون عورتون ڏاڍيون خوبصورت هيون. هو هار سينگار ۾ به مشهور هيون، صبح جو تلاءُ ۾ جڏهن هٿ، منهن ڌوئڻ ايندليون هيون ته سندن ڪجل جي ڪري تلاءُ ڪارو ٿي ويندو هو. هتي پرمار ڪنگهار سوڍن جي حڪومت هئي. اهي شاهوڪار "اوسواڙ" پاري ننگر جي ڦٽڻ کان پوءِ اچي، پوڏيسر ۾ وينا هئا. "ڪجل شاهه" ۽ "رجل شاهه" انهن جا مکي هئا، جيڪي وڏا شاهوڪار به هئا. پوڏيسر کان پوءِ ننگر پارڪر ۽ ٻين شهرن جهرڙوڪ: آڌيگام ۾ به جيني شاهوڪار ۽ واپاري رهندا هئا ١٥٥٦ع ۽ ١٥٥٧ع ۾ هنن جو اوج هو. هو هرسال پنهنجن مکين سان گڏجي ڏياريءَ جي موقعي تي پوڏيسر جي راجا جو سلام پرڻ ويندا هئا. ١٥٥٦ع يا ١٥٥٧ع ۾ شاهوڪار "اوسواڙن" جا به هزار ماڻهو پنهنجن مکين جي سرڪردگيءَ ۾ جڏهن سلام پرڻ ويا، ته کين عزت ڪانه ملي؛ جيئن اڳ ۾ کين عزت ملندي هئي. موٽي اچي مکين پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ته هينئر بي عزتو ٿي رهڻ هتي نه جڳائي، انهيءَ ڪري هي علائقو ڇڏي وڃي ڪٿي ٻي هنڌ رهجي.سٽ سٽي، لڏپلاڻ جي تياري ڪندا رهيا، ٻي ڏياريءَ جي موقعي تي پنهنجي رٿا موجب ڏيئا ٻرندڙ ڇڏي ڳجهه گوهه ۾ نڪڙ ڪٽي هليا ويا. ڏيا انهيءَ ڪري ٻاري ڇڏي ويا، ته جيئن ماڻهو سمجهن ته گهرن ۾ ماڻهو موجود آهن. لڏي سنڌ،

ڪڇ، هالار ۽ مارواڙ جي مختلف شهرن ۾ ويئا. سنڌ جي شهرن ۾ آيل به پوءِ ڪڇ ڏانهن هليا ويا. اهو سومرن جي حڪومت جو زمانو هو. اهڙي طرح جيني شاهوڪارن جي لڏي وڃڻ جي ڪري پارڪر سڃو ٿي ويو. (٣٠)

اوسواڙ: مٿين تفصيل مان معلوم ٿيندو ته ٿر ۾ جين ڌرم جا پوئلڳ "اوسواڙ" قوم جا ماڻهو هئا، جيڪي تمام شاهوڪار وڏا واپاري، عزت وارا ۽ مهذب هئا. گوڙيچو بت به هڪ "اوسواڙ" شاهوڪار خريد ڪري آڻي گوڙي مندر ۾ رکيو هو. پاري ننگر وير واهه، ڀوڏيسر ۽ ننگر پارڪر جو شان، شوڪت ۽ شاهوڪاري اوج به اوسواڙن جي موجودگيءَ جي ڪري هو "اوسواڙن" جي وڏي لڏ پلاڻ ڪري ننگر پار ڪر جو اوج ختم ٿي ويو.

"اوسواڙ" لاءِ تاريخي ڪتابن ۾ "اوسوال" يا "اوسوار" لفظ به آيو آهي. پائنجي ٿو. ته راجستان ۾ "اوسوال" لفظ مستعمل هو جيڪو ٿر ۾ بدلجي "اوسوار" ٿيو. جيڪو بعد ۾ "اوسواڙ" ٿي ويو. انين ٿو معلوم ٿئي، ته هيءَ قوم اصل ۾ راجستان جي واپاري قوم هئي، ۽ ٿر (سنڌ) ۾ به اُتان واپار سانگي لڏي اچي رهي. هنن جي رهائش سبب ٿر ۾ جين ڌرم ڦهليو ۽ ڪيترائي عاليشان جين مندر تعمير ٿيا. هنن جي اچڻ ڪري، ننگر پارڪر جي شهرن ۾ خوشحالي آئي ۽ ترقي ٿي. سوڍن جي ڏاڍاين ڪري، اوسواڙ آخر دل برداشته ٿي، وڏي پيماني تي لڏي، ننگر پارڪر وارو علائقو سڃ ڪري ويا. اوسواڙن جي اصل نسل بابت ڪئپٽن ٽاڊ ۽ مولانا نجم الغني لکيو آهي، ته ٨٣ واپاري ذاتين مان هڪ جو نالو "اُوسوال" آهي. انهن ٨٣ ذات جي نالن پٺيان گهڻي قدر "وال" معنيٰ "وارا" آيو جهڙوڪ: اوسواڙ، پگير وال، پشڪر وال، اگر وال، ساهور وال، ڪورتان وال وغيره (٣١)

موجوده دور: وڏي لڏپلاڻ سبب ٿر ۾ جين ڌرم جا پوئلڳ ٿوري تعداد ۾ وڃي رهيا. ١٩٠١ع جي آدمشماري موجب سنڌ ۾ جين ڌرم جي پوئلڳن جا ڪل ٩٢١ گهر هئا. جن مان ٦٥٧ ٿر ۾ ١٢٦ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير هئا. ڪراچيءَ وارا جيني مارواڙ مان لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيا هئا. (٣٢)

١٩١١ع جي آدم شماري موجب ٿر ۾ جين ڌرم وارا اچا به گهٽجي ويا. هن آدم شماري موجب ميرپورخاص ۾ ١١، عمر ڪوٽ ۾ ٥٠ ۽ ننگر پارڪر ۾ ٣٦٣ گهر هئا (٣٣) ماضي قريب ۾ به ننگرپارڪر ۾ جيني اوسواڙ ۽ ٻيا جين ڌرم جا پوئلڳ رهندا هئا: هو پنهنجي انهيءَ اصول تي قائم هئا. ته ڪنهن به ساهواري کي نه مارجي. آنجهاني رائچند سندن بابت لکيو آهي:

"جين: هي پارڪر ۾ رهن ٿا. اصل ڪڇ ۽ مارواڙ کان آيا. ڪنهن به ساهواري کي ڪونه مارين، بلڪ ايتري قدر جو ٻتي به ڪونه ٻارين ته متان ڪي پتنگ نه مري پون". (٣٣)

ان هوندي به گهڻو اڳ هنن پنهنجي ڌرم جو ٻيو مکيه اصول ڇڏي ڏنو هو ته بت يا ڪنهن شيءِ يا جنس جي پوڄا نه ڪجي. هنن پنهنجي انهيءَ بنيادي اصول کي ڇڏي بت جي پوڄا شروع ڪئي، جينءَ اڳ ۾ تفصيل سان اچي چڪو آهي. ٻڌ ڌرم وارن به پنهنجي ڌرم جو اهو اصول ڇڏي، ٻڌ جي بت جي پوڄا شروع ڪئي، مطلب ته هندو ڌرم ۽ ان مان نڪتل ٻين ڌرمن جهڙوڪ: ٻڌ ۽ جين جي بنيادي تعليم بگڙجي ويئي. اسلام جي اچڻ کان اڳ سڀ ڌرم بت جي پوڄا ۾ مبتلا هئا.

هن وقت ٿر ۾ جينن جو هڪ گهر بہ ڪونهي. ڪي چاليهي ۾ مري ويا، چاليهہ ائين رکندا هئا، جو چاليهہ ڏينهن کائڻ پيئڻ بند ڪندا هئا. پوءِ هو چاليهو پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مري ويندا هئا، ڪي گهر ١٩٦٥ع جي لڙائي کان پوءِ لڏي ويا. باقي جيڪو هڪ بہ گهر بچيو هو، اهو ١٩٧١ع جي جنگ کان پوءِ لڏي ويو. هن وقت سنڌ مان لڏي ويل جين ڌرمي راجستان ۽ بمبئي ۾ رهن ٿا. ●



(١) منگهارام اوجها: پراڻو پارڪر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٽيون ڇاپو، ١٩٨٨ع، ص ٣٩

(2) G. Mabel Duff: The Chronology of India, Reprint Lahore, 1976, P. 4.
(3) S.E. Erost: The Sacred Writings of the World's Great Religions, Perma Giant, New York, 1949, P. 119.
(4) Ibid, P. 4.
(5) The Chronology of India, P.4.
(6) The Sacret Writings of this World's Great Religions, P. 120.
(7) The Chronology of India, P. 7 & 22.
(8) Ibid, P. 95
(9) Ibid, P. 137.
(10) Ibid, P. 137.
(11) Ibid, P. 269, 270.
(12)Ibid, P. 269.
(13)Ibid, P. 270.
(14) Ibid, P. 7.
(15) Ibid, P. 33.

(16) Ibid, P. 185.
(17) Sacred Writings, P. 120.
(18) Ibid, P. 122.
(19) The Chronology of India, P. 116.
(20) James Burgers: Antiquities of Katch & Kathiawar, Sindhi Adabi Board, 1991, P. 166 – Plate XXX.
(21) Captain James Tod: Annals and Antiquities of Rajisthan, New York, 1916, Vol, 1, P. 38.
(22) Captain Stanly Napier Raikes: Memoirs on the 'Thar and Parkar Districts of Sind' (1856), Reprint: Karachi, 1977, P. 11.

(٢٣) پراڻو پارڪر، ص ٣٣
(٢٣) رانچند هريجن: تاريخ ريگستان، پاڳو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، ١٩٥٦ع، ص ٣١
(٢٥) ـــ ايضاً ـــ ص ١٣٦ ۽ پراڻو پارڪر، ص ٤٥

Memoirs on the 'Thar and Parkar', P. 10.

(٢٦) پراڻو پارڪر، ص ٤٦

(27) Memoirs on the Thar and Parkar, P. 10.
(28) Henry Consens: Antiquities of Sind, Calcutta, 1925, P. 175.

(٢٩) تاريخ ريگستان، پاڳو پهريون، ص ١٣٦ ـ ١٣٧

(30) Memoirs on the Thur and Parkar, P. 84–85.
(31) Ibid, P. 85–86.

(٣٢) تاريخ ريگستان، پاڳو پهريون، ص ١٣١ ـ ١٣٢

(33) Memoirs on Thur and Parkar, P. 84–85.
(34) Captain Tod: Annals and Antiquities of Rojisthan, V: 1, P. 50–53.

(٣٥) تاريخ ريگستان، پاڳو پهريون، ص ١٣١

(36) J.W. Smyth: Gazetteer of Thar and Parkar District, Bombay, 1919, P. 47.

(٣٧) تاريخ ريگستان، پاڳو پهريون، ص ٢٣٥

(38) Memoirs on Thur and Parker, P. 86.
(39) Gazetteer of Thur and Parker District, P. 33.
(40) Memoirs on Thur and Parker, P. 86.

(٤١) مولانا نجمالغني: وقائع راجستان، همدرد پريس لکنو، ١٩٢٥ع ص ٧٩ ۽ ڪئپٽن ٽاڊ: راجستان، جلد ١، ص ٩٩

(42) Aitkan: Gazetteer of Province of Sind, 1907, P. 166.
(43) J.W. Smith: Gazetteer of Thur and Parker, P. 54.

(٤٣) تاريخ ريگستان، پاڳو پيو، ص ١٢٧

●

هيرو ٺاڪر

# پُراڻن دستخطن جي پڙهڻيءَ جا مسئلا

گذريل زمانيِ جي ليکڪن ۽ شاعرن جي تصنيفن جي کوج ڪري، اُنهن کي روشنيءَ ۾ آڻڻ، ڪنهن به ڀاشا ۽ اُن جي ساهتيه لاءِ نهايت اهميت رکندڙ ڪم آهي. اُن سان هڪ طرف اُن ڀاشا ۽ ساهت جو خزانو ڀرجي ٿو، ته ٻئي طرفِ لڀي حاصل ڪيل جُهونين تصنيفن سان واسطيدار ڀاشا ۽ ساهت جي قدامت ۽ اِتهاس جي پروڙ پوي ٿي، جا ڳالهه ڪنهن به ڀاشا ۽ ساهت لاءِ فخر جو باعث ٿي سگهي ٿي. سڀ کان وڌي ڳالهه ته اِها آهي، جو اِن سان اُن ٻوليءَ ۽ ساهت جي اوسر جي سلسلي کي اُن جي صحيح روپ ڏسڻ ۾ مدد ملي ٿي.

گذريل زمانن جي ليکڪن ۽ شاعرن جي تصنيفن حاصل ڪرڻ جا عام طرح مکيه ٻه ذريعا آهن. هڪ آهي، زمانن کان پيڙهي در پيڙهي ڪنٺ ٿيل رچنائن کي، اُهي شخص جن کي اُهي ياد هجن، تن کان ٻُڌي ڪري حاصل ڪرڻ. نندي ڪنڊ ۾ قديم تصنيفن جي تحفظ ۽ حاصلات جو اِهو سڀ کان پُراڻو ذريعو رهيو آهي. زباني اڀياس جي اِن روايت جي تاريخ گهڻ ۾ گهڻ رگ ويد جيتري پُراڻي آهي اِهو طريقو يقيناً اُن وقت وجود ۾ آيو هوندو جڏهن اجا لکڻ ۽ پڙهڻ جو عمل ايجاد نه ٿيو هو. اسان جي ڄاڻ موجب اِها روايت ويدن واري زماني تائين وڃي ٿي. اگر فرض ڪجي ته اُن وقت لکت ـ گرنٿن جو وجود هو، ته به زباني اڀياس جي ڀيٽ ۾ لکت گرنٿن جي ماڊيم سان اُنهن جو اڀياس گهٽ ئي رهيو هوندو. پتنجلي، جنهن پاڻنيءَ جي اَشٽ اڌيائي تي پنهنجي مها ڀاشيه جي رچنا اٽڪل ١٥٠ سال ق ـ م ڪئي تنهن لکڻ جي فن بابت ڪو اشارو نه ڏنو آهي.

ڌرمي وديا ان طريقي کي اوج ڏني، در حقيقت زباني روايت جو آڌار ئي ڌارمڪتا رهي آهي. اسان جا پراچين گرنٿ، ويد شاستر ان روايت مان گذرندي گذرندي اسان تائين پهتا آهن. اوائلي زماني ۾ گُرو شش پرمپرا ۽ ڌرمي وديا ۽ وچولي زماني ۾ چارڻ، ڀٽن ۽ ڀانن پنهنجي آجيوڪا ڪمائڻ لاءِ ان روايت کي زنده رکيو.

قديم تصنيفن کي حاصل ڪرڻ جو ٻيو ذريعو آهي، پُراڻا دستخط. انسان جيئن ئي لکڻ پڙهڻ کان واقف ٿيو ته اُهي ڳالهيون جيڪي هُن لاءِ اُپيوگي هيون، يا جن لاءِ هُن کي عزت ۽ آدر هو ۽ جيڪي هُن آئينده ۾ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن پونيرن لاءِ سانڍڻ گُهريون ٿي، سي هُن قلمبند ڪرڻ جي روايت وڌي. ڳالهين کي لکڻ جي اِها روايت گهٽ ۾ گهٽ موئن جي دڙي ۽ هڙپا وارين سنسڪرتين جيتري پُراڻي آهي، موئن جي دڙي ۽ هڙپا مان اجا تائين جيتوڻيڪ ڪو لکيل گرنٿ نه مليو آهي، پر اُتان گهڻيون ئي مُهرون، سِڪا ۽ مِٽيءَ جي ٿانون جا ٽڪر مليا آهن، جن تي هڪ مخصوص لپيءَ ۾ لکيل ۽ اُڪريل ليک ملن ٿا. اُهي ليک جيتوڻيڪ تمام مختصر آهن، پر انهن لاءِ ڪم آيل لِپيءَ کي ودوان اجا تائين

ڪاميابيءَ سان، اُها جيئن آهي، تيئن پڙهي نہ سگهيا آهن. اُها لپي اڄ تائين وڏي واد وِواد جو مرڪز بڻي رهي آهي. موئن جي دڙي واري زماني ۾ ٽامي جي ٽڪين ۽ ڪانچ جي چوڙين تي بہ باريڪ اکرن ۾ لکڻ جي روايت ملي ٿي.

سر جان مارشل جو چوڻ آهي تہ اِهو انومان ڪرڻ جائز ٿيندو تہ سنڌو ماٿريءَ وارا ليکڪ مِٽيءَ جي ٽڪين ڪانسواءِ ٻيءَ سامگري جھڙوڪ ڀوڄ - پنن، تاڙيءَ جي پنن، وڻن جي ڪلڙين ۽ ڪاٺ ۽ ڪپڙ جي تختين جھڙين غير جٽادار شين کي بہ لکڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا.

دستخط سازيءَ لاءِ، مٿي ذڪر ٿيل سامگريءَ کان سواءِ ڪپڙو ڪاٺ جون ڦرهيون، پٿر جون تختيون يا چيپون، چمڙو مختلف ڌاتو جھڙوڪ سون، چاندي ۽ ٽامي جا پَتَر، جدا جدا قسمن جا پٿر جھڙوڪ عمارتي پٿرن مان تيار ڪيل لسا گول پٿر ريتيءَ مان ٺاهيل ڪلاتمڪ پٿر ۽ پڻ مِٽيءَ مان تيار ڪيل سِرون بہ ڪم اينديون رهيون آهن.

گرنٿ رچنا جي ڪم کي ڪِن صدين جو ني اِتهاس آهي، ننڍي کنڊ ۾ سڀ کان پراچين لکيتون ظاهراً عيسيٰ کان وڌ ۾ وڌ چار صديون اڳ جون آهن. جيتوڻيڪ ڪي ودوان يوناني ساهت ۾ ميسر پرماڻن جي آڌار تي اِهو مڃين ٿا تہ ڀارت ۾ گرنٿ لکڻ جي پرمپرا عيسيٰ کان پنج صديون اڳ واري وقت ۾ بہ هئي.

لکڻ لاءِ ڪاغذ ڪم آڻڻ جي روايت اِن ۾ سڀ کان ڪان نئين آهي. اِن کي اٺ سؤ سالن کان وڌيڪ جو اِتهاس نہ آهي. اِن قسم جا ڪاغذ تي لکيل ڪتاب اڪثر مَٺن، مندرن، مها وِديالن، وِهارن ۽ راڄ دربارن جي پستڪالين ۾، يا ڪِن ماڻهن جي شخصي ڪتبخانن ۾ محفوظ رهندا آيا آهن، جن پُراڻي زماني جي وڏي مقدار ۾ ساهت کي اسان تائين پهچايو آهي، اسان کي اُنهن اڄاتل سنگرهہ ڪرتائن، ڪاتبن ۽ ٻين جو شڪر گذار رهڻ گهرجي، جن ڪيترين اَملهہ اڻلڀ رچنائن کي گڏ ڪري، اُنهن کي قلمبند ڪرايو، يا اُنهن جا نقل ڪيرايا ۽ سانڍي اسان تائين پهچايو.

هاڻي اسين اچون اُنهن پُراڻن دستخطن جي پڙهئين تي، پراڻن دستخطن جي اهميت اُنهن مان ملندڙ پڙهئين سبب ني دستخط مان پڙهئيون ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين ضرورت ٿئي ٿي اُن لپيءَ جي ڄاڻ جي، جنهن ۾ اُهو دستخط لکيل آهي، جيستائين اسان کي اُن لپيءَ جي ڄاڻ نہ آهي، جنهن ذريعي دستخط مان پڙهئيون ڪري سگهجن، تيستائين اُهو دستخط، ٻيءَ طرح ڪيترو بہ اَملهہ اڻلڀ چونہ هجي، اُهو بيڪار ني رهجي ويندو. دستخطن جي پڙهڻ جي اُن علم کي پُراليک وديا سڏجي ٿو. موئن جي دڙي مان لڌل ڪيترين ني مُهرن، سِڪن، ڀڳل ٿانون جي ٽُڪرن تي بہ ڪي لِکتون مليون آهن، پر اُهي ڪنهن هڪ مخصوص لپيءَ ۾ لکيل آهن ۽ اُن مخصوص لپيءَ سان اڻڄاڻائيءَ سبب، ودوان ورهين کان گهڻي مَٿاڪُٽ ڪرڻ جي باوجود اُن لکت کي سلڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهن، لپيءَ سان ناوقفيت جي اِها ڪمي پُراڻن دستخطن جون پڙهئيون ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي ۽ اهڙي رُڪاوٽ آهي، جتان اڳتي چُري ني نٿو سگهجي. ڀاشائن وانگر لپين ۾ بہ تبديل ايندي آهي ۽ لپيون وقت بڻي غير مُروَج ۽ متروُڪ بہ ٿي وينديون آهن. اِن طرح متروڪ ٿيل لپين ۾ لکيل دستخط پڙهڻ هڪ وڏو

مسئلو ٿيو پوي.

سنڌي ٻولي ٻہ جيئن تہ گذريل زمانن ۾، مختلف لپين ۾ لکجندي رهي آهي، اِنڪري اِهو مسئلو سنڌيءِ وارن دستخطن سان بہ آهي. سنڌيءِ جي قديم لکڻين جا ڪيترائي دستخط (Proto) پروٽو ناگري، ناگري، هٽ واڻڪي، گرمکي ۽ عربي لپين ۾ آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب، "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ سنڌي نثر جي اِبتدا ۽ اِرتقا جو بيان ڪندي، ارغونن واري دؤر جي، پروٽو ناگري ۽ ناگري رسم الخط ۾ سنڌي ٻوليءِ ۾ لکيل اُنهن قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو شري سراج الحق کي برٽش ميوزيم ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو هو. اُنهن ۾ هڪ ارغونن واري زماني جو لکيل ڪاٻاڙو آهي، جنهن کي محترم محقق وڏي محنت ڪري، هِن طرح ويهي سَليو آهي:

"سنبت ١٧١٠: ورک ناريءِ (نهاري)، چنڊ گُروار (خميس) ڏهاڙي اکر ڪيا: ننگر ساموئيءِ پيتري، ڏنڪ نامي لُهاڻي سوُرجيءِ پرٽياڻيءِ لهڻا: اُڏارٽڪ نامي پاٽيي رامل تورسياڻي ڪني روپيا ١٠١ انگين اکرين سؤ ايڪوترا: پُورا ڪرا: آڪڙا: حال چِڪي جا. شاهجاني وِهاج سان. وياج ماس پريت ايڪ ايڪوترا ورتي ڏيندو: ڏيندي هر لهج ڪاڻ ڪندو: ناري ني (ڏسي/ نهاري ڪري) ڪاٻاڙو لکيو: ديس پرديس سهي جڏهن سوُرجي پرٽياڻي گُهرندو تڏهن رامل تورسياڻي پري جباب ڪندو. اُجر (عذر) ۽ مالو (دير) نہ ڪندو. پيرو ما سد هي ڪاٻاڙو انگي اُڏارو نيائين. سهي (صحيح): پيو اُجر ڪونہ ڪندو: مت رامل تورسياڻي جما (جمع) ٿيا: اکر سهي: رُپئين ايڪوتر سؤ وِهاج پڻ ايڪوتر"

اِن طرح ٻيا پڻ ڪيترائي سنڌي قلمي نسخا ديوناگري واڻڪائي ۽ گرمکي لپين ۾ موجود آهن. اِهو ئي سبب آهي جو سنڌي جي هڪ اهم شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسيءِ هند ۾ "قاضي قادن جي نون بيتن ليڄڻ تي، پنهنجي رد عمل ۾ تماهي مهراڻ جي هڪ پرچي ۾ لکيو هو تہ:

"هن واقعي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌيءِ جو وڏو ادبي ذخيرو ديوناگري لپيءِ ۾ موجود آهي. ڪجهہ سال اڳ سراج پڻ برٽش ميوزيم لئبريءِ مان، ديوناگري لپيءِ ۾ لکيل سنڌي بيت (جيڪي شاهہ کان بہ اڳ جا هنا) ڳولي ڪڍيا ۽ اُنهن جي باري ۾ نئين زندگيءِ ۾ هڪ مضمون لکيو.

اِن حقيقت کي آڏو رکي اِهو لازمي ٿيو پوي تہ سنڌي ديو ناگري لپي سِکڻ گهرجي ۽ ان ۾ لکيل پُراڻن ڪتابن کي پڙهڻ کپي."

سنڌي پاشا جي ڳالهائجڻ جي مکيہ ايراضي سنڌ، جتي سنڌي پاشا ۽ اُن جي ساهت تي کوجنا لاءِ گهڻيون ڪوششون ٿيڻ پيون، اُتي اڪثر محقق ۽ پڻ پارت ۾ ڪيترائي اهم ناميارا بزرگ عربي، پارسي لپيءِ کي چڏي، ٻين لپين سان ناواقفيت يا گهٽ واقفيت سبب پُراڻن دستخطن کي پڙهڻ ۾ وڏي ڏکيائي محسوس ڪن ٿا. نتيجي طور هنن وٽ جيڪا بہ اڻ مئي جاڻ آهي، جيڪا اِنهن لپين ۾ لکيل دستخطن کي پڙهڻ سان ميلاپ ڪري، هونئن هوند ڦلدايڪ نتيجا ڏئي ها، تنهن جو بہ پورو اُپيوگ نٿو وٺي سگهجي.

لپيءِ سان ناواقفيت جي اِن مسئلي کي سنڌ جي هئي هڪ اديب سِراج مهراڻ ٤ـ٣/٧٩ واري پرچي ۾ هڪ علمي خط ۾ هِن طرح واضح ڪيو آهي.

"اسان وٽ سنڌ ۾ هڪڙي ٻي ٻه اڻ هُوند ۽ اوڻائي آهي، جو سنڌي ٻولي ۽ پُراڻي ادب تي ڪم ڪندڙن ۾ تمام ٿورا ماڻهو ناگري لپيءَ کان واقف آهن. انڪري هند، سنڌ يا ٻاهر جيڪو ادبي خزانو اڻ لڌو پيو آهي، اُن کان بنهه بي خبر آهن. اِنڪري ٿورو گهڻو آسرو مون کي هميشه اِهو رهندو آيو آهي ته اوهين جيڪي هند ۾ آهيو، سي ناگري لپيءَ کي ڄاڻڻ کان پوءِ، ضرور اُهي خزانا هٿ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جو دامن ڀري، اُن کي شاهوڪار ڪندا."

دستختن جي لپيءَ ۽ ڀاشا جي شناخت نه ٿيڻ سبب ڪيترائي املهه دستخط اڻين ئي رُليو وڃن.

پُراڻن دستخطن مان پڙهٽيون حاصل ڪرڻ مان اسان جو مطلب هڪ اهڙي مقبول، قابليت ڀري ۽ وگيانڪ ڍنگ واري ڪوشش سان آهي، جنهن سان ڪنهن هٿ لکيل ليک يا گرنٿ ۾ مهيا سامگريءَ جي چونڊ ڪري، اُن کي ڪنهن دستور تي بيهاري، مُول (اصل) پراچين گرنٿ تائين پهچجي. صحيح پڙهٽيون ڪيڻ ۽ مُول پراچين گرنٿ تائين پهچڻ جي اها ڪوشش اوتري ئي وڌيڪ سڦلي ٿيندي، جيترا اسان وٽ واسطيدار دستخط جا وڌيڪ نقل موجود هوندا. انڪري ڪنهن به دستخط تي ڪم ڪرڻ وقت اسان جي ڀرپور ڪوشش اها هئڻ گهرجي، ته اُن دستخط جا وڌ ۾ وڌ نقل هٿ ڪرڻ لاءِ جاکوڙيون. ڀارت ۾ يورپي ودوانن ۽ پڻ بعد ۾ ڏيهي. ودوانن اڻٿڪ ڪوششون ڪري، وڏا ڪشالا ڪڍي، پراچين گرنٿن جون فهرستون وغيره مُهيا ڪيون آهن. اِن قسم جون ڪوششون سنسڪرت، پالي ۽ ٻين ديسي ڀاشائن لاءِ ٿيون آهن. شري آئوفريڪٽ جي تيار ڪيل سنسڪرت دستخطن جي فهرست اِن ڏس ۾ ذڪر جوڳي آهي. اِن ڪيتر ۾ سر وليم جونس، جي وُبولر وليم ٽيلر جي ايس نيسفيلڊ وغيره مغربي ڪوجنيڪن ۽ آرجي ڀنڊارڪر، هر پرساد شاستري، رشيڪيش شاستري وغيره ڀارتي ودوانن جا نالا ذڪر لائق آهن.

سنڌي ڀاشا ۾، اِن اهميت واري ڪيتر ۾ اڃا تائين گهڻي ڪوشش نه ورتي ويئي آهي، ائين ته ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تاليف "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" ۾ "بيان العارفين" جي مير دريائي ٺٽويءَ واري قلمي نسخي ۽ عبدالرحمان بن محمد ملوڪ ڪاٺ ٻانيڻ واري قلمي نسخي ۽ مخدوم عبدالصمد، حاجي محمد نورنگ پوٽي ۽ مرزا قليچ بيگ وارن ڇاپي نسخن جو ڪجهه وچور سان بيان آهي. ساڳئي وقت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تاليف "شاهه لطف الله قادري جو ڪلام" ۾ به "مِنهاج المعرفت" ۽ "سنڌي رسالي وارن قلمي نسخن جو تفصيل سان بيان ڏنو ويو آهي، پر اِنهن مُول ڪتابن جو مرڪزي مقصد اِنهن شاعرن جي ڪلام کي پڌرو ڪرڻ جو رهيو آهي، دستخطن بابت اِهي بيان فقط حوالي طور آيا آهن. وڏي ڳالهه ته اِنهن شاعرن جي ڪلام جا ايترا نسخا اڃا تائين دستياب ٿيا به نه آهن، جن تي ڏار ڪئٽلاگ واري طرز تي ڪو ڪتاب لکيو وڃي، تازو ئي پڌو اٿم ته سنڌ ۾ اِن قسم جو هڪ ڪئٽلاگ ڇپيو آهي. کوجنا جي اِن اهم شاخ هاڻي سنڌي محققن جو ڌيان ڇڪايو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جو "شاهه جي رسالي جا سرچشما" به اِن ڏس ۾ هڪ اُميد افزا ڪوشش آهي، جنهن ۾ هن صاحب سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي ايڪٽيهن قلمي نسخن ۽ تيرهن ڇاپي نسخن جي وچور واري فهرست مهيا ڪئي آهي. اُن ۾ لڳ ڀڳ

عيسوي ١٨٠٠ ۾ ميين اسماعيل جي گڏ ڪرايل گنج کان وٺي عيسوي ١٨٦٣ ۾ پنهل فقير جُوڻي جي لکيل قلمي نسخن ۽ ١٨٦٦ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي ڇپايل رسالي کان وٺي، عيسوي ١٩٣١ ۾ ڇپيل عبدالله سومري واري ڇاپي تائين، شاهه جي رسالي جي مڙني چوٽيتاليهه قلمي ۽ ڇاپي رسالن جو تفصيل وار بيان آهي اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ هڪ يگاني ڪوشش آهي، جو آئيندي شاهه جي بيتن جي پڙهڻين تي ڪم ڪندڙن لاءِ گهڻو مددگار ٿيندو.

دستخطن جون فهرستون ۽ ڪئٽلاگ ميسر هئڻ سان گڏ ان ڳالهه جي به ضرورت آهي، ته اُنهن ۾ ڄاڻايل جدا جدا وقتن، جدا جدا هنڌن ۽ جيڪڏهن هجن ته جدا جدا لپين ۾ لکيل دستخط، لا ڳاپيل دستخطن تي ڪم ڪندڙ محققن لاءِ اپياس لاءِ مهيا ڪجن. سنڌيءَ ۾ ڪنهن پُراڻي دستخط جون صحيح پڙهڻيون ڪڍڻ ۾ وڏو مسئلو اهو به آهي، جو ڪنهن پُراڻي دستخط تي ڪم ڪندڙ لاءِ، اُن سان لا ڳاپيل ٻيا دستخط ڏسڻ لاءِ وسيلا آهن ئي ڪونه. ان جا مکيه ٽي ڪارڻ آهن. پهريون ته اسان وٽ اهڙو ڪو مرڪزي ادارو نه آهي، جنهن ۾ سنڌي ڀاشا جي پراڻن دستخطن جي کوج ڪري انهن کي هٿ ڪري سانڍي رکيو وڃي ۽ کوجنا ڪندڙن لاءِ اُهي ميسر ڪيا وڃن: نمبر ٻيو ته سنڌيءَ جا گهڻا دستخط سنڌ ۾ رهجي ويا آهن. جيڪي اسان لاءِ مُهيا نه آهن. سنڌ ۾ سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ شاهه لطيف ثقافتي مرڪز وارن اِن ڏس ۾ ڪوششون ڪيون آهن ۽ ڪيترائي دستخط به ڪٺا ڪيا آهن: پر اهي به پارٽي سنڌي کوجنيڪن جي پهچ کان پري آهن. اِن سلسلي ۾ مان جيڪر پنهنجو شخصي آزمودو بيان ڪرڻ چاهيان. قاضي قادن جي نون لڌل بيتن جي هرياڻا واري قلمي نسخي ۽ "بيان العارفين" جي ١٦٢٩ع واري قلمي نسخي، جنهن ۾ قاضي قادن جا اڳ وارا ست بيت درج ٿيل هئا. جنهن نسخي جي ڊاڪٽر دائود پوٽي سُوڌ ـ سنوار ڪري، اُن کي "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" نالي سان ڇاپيو هو. تن ٻن نسخن وچ ۾ ملندڙ ٻن هڪ جهڙن بيتن جي پڙهڻين جي تلناتمڪ اپياس لاءِ، "بيان العارفين" جي مذڪور دستخط ۾ درج ٿيل قاضي قادن وارن بيتن وارن صفحن جون فوٽو ڪاپيون گهرائڻ لاءِ مون سنڌ ۾ پنهنجن ٻن مترن سان ڪافي لکپڙهه به ڪئي، پر پڇاڙيءَ تائين اُهي فوٽو ڪاپيون نه ملي نه مليون اِنڪري اُنهن ٻن بيتن جو تلناتمڪ اپياس ٿي نه سگهيو. جو هوئڻ هوند مون کي ڪِن اهڙن نتيجن تي پهچڻ ۾ مدد ڪري ها، جيڪي ٻين بيتن جي پڙهڻين بابت به ڪجهه قطعي طور چوڻ ۾ مددگار ٿين ها.

ٽِين رُڪاوٽ جيڪا اِن ڏس ۾ آهي، سا هيءَ ته اگر ڪِن شخصن وٽ ڪي پُراڻا دستخط سندن خانگي ملڪيت وارا آهن، ته اُهي شخص، اُنهن کي عام نٿا ڪن: پر اُنهن ڪتابن کي پنهنجو پاڻ تائين محدود رکن ٿا. جنهنڪري اِهي ناياب ۽ قيمتي دستخط رکئي رکئي ئي ناس ٿيو وڃن.

اِهي ته ٿيا دستخطن جي پڙهڻين جا ٻاهريان مسئلا. هاڻي اچون اُنهن مسئلن تي جيڪي ڪنهن هڪ دستخط جو اپياس ڪندي اسان جي آڏو اچن ٿا. اُنهن ۾ هڪ وڏو مسئلو آهي دستخط ۾ سمايل غلطين جو مسئلو. ان مسئلي کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ غلطيون سڃاڻي ڪڍڻ جو مسئلو ۽ ٻيو غلطين کي سڌارڻ جو مسئلو.

انسان جي هر سنساري وهنوار ۾ غلطي ٿيڻ جي سمپاونا رهي ٿي. ان طرح لکڻ جو ڪم به غلطين جي سمپاونا کان آجو نه آهي. پراڻن دستخطن ۾ غلطيون مکيه طرح ٻن منزلن تي ٿي سگهن ٿيون. هڪ ته ڪنهن گرنٿ جي مول ليکڪ ئي جڏهن اُهو ڪتاب لکيو هجي، اُن وقت ڪانئس ئي ڪي غلطيون ٿي ويون هجن.

ظاهر آهي ته هن اُهي غلطيون ڄاڻي ٻُجهي ڪونه ڪيون هونديون ممڪن آهي ته سندس گهٽ ڄاڻ يا بي خبريءَ ڪان اُهي ٿي ويون هجن، چو جو انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته Even Homer Nods Sometimes اِنڪري اِهو بلڪل ممڪن آهي ته اسين جنهن پُراڻي دستخط تي ڪم ڪريون ٿا، اُن دستخط ۾ سمايل تصنيف جي ليکڪ خود به ڪي غلطيون ڪيون هجن ۽ پوءِ اُهي وقت به وقت اُن دستخط جي ٿيندڙ نقلن ۾ دهرائجنديون اسان تائين پهتيون هجن. دستخطن ۾ ڪنهن پڙهنڌيءَ ۾ ملندڙ غلطين ڪي ڪهڙيءَ حد تائين ڪاتب جي غلطي نه، پر مول ليکڪ جي ڪمي يا غلطي مڃي رهڻ ڏجي، اِهو هڪ نهايت پيچيده مسئلو آهي. اهڙيون غلطيون سڃاڻي لهڻ نهايت اؤکو ڪم آهي.

ٻئين قسم جون غلطيون اُهي آهن، جن ڪي اُتاري جون غلطيون سڏي سگهجي ٿو. دستخطن جا اُنهن جي فطرت مطابق جدا جدا وقتن تي ۽ جدا جدا هنڌن تي ڪيترائي نقل لاهيا وڃن ٿا. دستخط جا جيترا جيترا، وڌيڪ نقل هڻ سان، هڪ ٻئي پٺيان تيار ڪرائيا وڃبا، اوترئيون اوتريون ان ۾ وڌيڪ غلطيون جُڙنديون وينديون. اُتارو ڪرڻ هڪ انساني ڪوشش آهي ۽ انساني ڪوشش ۾ غلطيون ٿيڻ لازمي آهي.

اُتارو ڪندڙن کان ٻن قسمن جون غلطيون ٿين ٿيون:

هڪ ديد جون غلطيون ۽ ٻيون منووگيانڪ غلطيون. ديد جون غلطيون گهڻي ڀاڱي هڪ جهڙن لڳندڙ اکرن، ورڻن ۽ ماترائن ۽ هڪ جهڙن لڳندڙن لفظن، جيئن ته ع بدران غ، چ بدران ڇ، ص بدران ض يا ديوناگري ۾ प ۽ व, त ورڻن ۾ هڪجهڙائي، [illegible] ۽ [illegible] [illegible] - [illegible] [illegible] اکرن وچ ۾ يا समर ۽ [illegible] جهڙن لفظن وچ ۾ هڪ جهڙائي، يا هڪ جهڙين لڳندڙ ماترائن جي ڪري ٿيندڙ مونجهاري سبب، اُتاري وقت يا پڙهنڌيون ڪڍڻ وقت اِهي غلطيون ٿين ٿيون.

منووگيانڪ غلطيون: اُتاري جو ڪم ڪرڻ وقت، اڪثر لکندڙ اکر به اکر ڪونه ويهي ڏسندو ۽ اُتاريندو آهي. ساڳئي وقت هُن جو پنهنجو تخليقي پهلو به تحرڪ ۾ هوندو آهي، جنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن هُن جون ڪي پنهنجون سوچيل ڳالهيون به نقل اندر گهڙي اينديون آهن. ديد جي اَساوڌناني ۽ منووگيانڪ حالت سبب ٿيندڙ غلطيون هن طرح جون ٿي سگهن ٿيون:

١ـ هڪ جهڙن لڳندڙ ورڻن يا اکرن سبب ٿيندڙ غلطيون.
٢ـ هڪ جهڙن لڳندڙ لفظن سبب ٿيندڙ غلطيون.
٣ـ لفظن جو مختصر روپ لکڻ سبب، اُن جو غلط ارٿ ڪڍڻ سبب ٿيندڙ مونجهارو.
٤ـ غلط اِشتقاقن سبب ٿيندڙ غلطيون.
٥ـ لکڻ مهل لفظن جي آخرين اکرن کي غلط ريت سان بعد ۾ ايندڙ لفظ جي اڳياڙيءَ ۾

وجھڻ يا جملي جي آخرين لفظ کي ٻئين جملي جي شروع ۾ وجھڻ واري غلطي.

٦- تڏيو لفظن جو تتسم يا تتسم لفظن جو تڏيو روپ ڏيڻ سبب ٿيندڙ غلطيون.

٧- اُچارن ۾ فرق سبب ٿيندڙ غلطيون

٨- انگن جي مونجهاري واريون غلطيون.

٩- غير واقف نالن لاءِ ڇاتل نالا ڏيڻ واريون غلطيون.

١٠- ڪِن لپين ۾ ڪن اُچارن جا پورا روپ نہ هئڻ سبب، اُن جي نزديڪ وارا ورڻ ڪتب آڻڻ ڪري ٿيندڙ غلطيون.

١١- شخصي پسنديءَ سبب ڪن لفظن جو روپ مَٽڻ سبب ٿيندڙ غلطيون، جنهن ۾ Nasalisa-tion بہ اچي وڃي ٿي.

اِن سواءِ، ڪِن حالتن ۾ ڪاتب يا نقل ڪندڙ وچ وچ ۾ ڪي لفظ ڀُل ڪان درج ئي نہ ڪندا آهن. شعر جي حالت ۾ تہ چند، وزن، قافيئي ۽ رديف جي آڌار تي اهڙا ڪُتل لفظ يا ورڻ ڳولي ڪڍڻ سوکو آهي، پر نثر جي دستخطن ۾ اِهو ڪم تمام اؤکو ٿو رهي.

دستخطن ۾ ڪيترن هنڌن تي بيتن جي حالت ۾ سِٽن جون سِٽون، چرڻن جا چرڻ يا ڪجھ لفظ گم ٿيل هجن ٿا، جيڪي ايڊيٽر ڪي پنهنجي شعور ۽ ڄاڻ ۽ گرنٿ ۾ اندر ڇاٿايل ۽ ٻاهر موجود پرماڻن کي ڌيان ۾ رکي پرڻ گھرجن.

اِن جي ابتڙ ٻيون غلطيون وري آهن اِضافي يا واڌاري جون، ڪيترا دستخط ڪِن پڳتن يا ڳائڻ ڪان ڪلام ٻڌي لکيا وڃن ٿا. پڳت ۽ ڳائيندڙ ڪلام کي سنگيتميہ بنائڻ لاءِ اُن ۾ سنگيت جي ضرورت موجب ڪِن سُرن يا ورڻن کي ڊگھو ڪري ويندا آهن، تہ ڪن کي وري گھٽائي ننڍو ڪندا آهن. اهڙا دستخط جيڪي اِن طرح پڳتن ۽ ڳائيندڙن کان ٻڌي لکيا وڃن ٿا، تن ۾ سنگيت جي ضرورتن موجب ٿيلِ اهڙيون تبديليون اچي وڃن ٿيون، جيڪي حقيقت ۾ مُول ليکڪ يا شاعر جون نہ هونديون آهن، پر اُنهن کي في الحال تہ دستخط ۾ جڳھہ ملي وڃي ٿي. دستخطن مان اِن قسم جا اضافا ڳولي ڪڍڻ بہ لاشڪ ڏکيو مسئلو آهي.

ڪاتبن ۽ نقل ڪندڙن جون فطري ڳالھيون - شخصي پسنديون ۽ ناپسنديون بہ مُول ليکڪ جي ويچار، لهجي يا رچنا جي ڍنگ کي ريٽي، دستخطن ۾ جاءِ حاصل ڪيو وڃن، جن کي درست ڪرڻ بہ، دستخط تي ڪم ڪندڙ ايڊيٽر جي ڪم جي دائري ۾ اچي ٿو. سادن اُچارن کي انوناسڪ ڏکيو بنائڻ، چندن، جيئن تہ دوهن کي بدلائي سورٺو ڪرڻ، سورٺن کي بدلائي دوهو ڪرڻ، اِن قسم جون ڪيتريون ئي ڦيريون گھيريون دستخطن جا ڪاتب يا نقل ڪندڙ ڪندا آهن.

مڪاني اثر ۾ دستخطن م۾ درج ٿيل پڙهڻين جو روپ ڦيرائي ڇڏين ٿا. وَ جو بَ ٿيڻ (تب - تو) اَ جو هَ ٿيڻ (اَچا - هچا)، پ جو ڦ ٿيڻ (سپتو - سڦتو) اهڙا ڪئين مثال دستخطن تي ڪم ڪندي، درپيش اچن ٿا. اهڙي حالت ۾ ايڊيٽر جو ڪم آهي تہ جنهن ٻوليءَ ۾ دستخط لکيل آهي. اُن جي ڳالهائڻ واري مُول ايراضيءَ ۽ جنهن ليکڪ يا شاعر ٻولي ڪم آندي آهي، اُن جي جنم استان، جتي

زندگي گذاري اتس، اُنهن ماڳن ۽ اُنهن هنڌن تي واسطيدار زماني ۾ ڳالهائجندڙ اُن ٻوليءَ جي روپ، ليکڪ يا شاعر جي پيشور ۽ سماجڪ حيثيت اِنهن سڀني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي، دستخط مان ملندڙ پڙهتين ۾ سڌارو آڻي.

پُراڻن دستخطن مان پڙهتيون ڪڍڻ جو هڪ مسئلو اهو به آهي. جو انهن ۾ گهڻي ڀاڱي سڄو متن آرنڀ کان انت تائين هِڪ ئي سِٽ ۾ ۽ ناگري لپيءَ ۾ هجڻ جي حالت ۾ هڪ ئي شرو ريکا هيٺ هجي ٿو. ان ڪري بيتن يا ڪويتا جي حالت ۾ لفظ لفظ، چرڻ چرڻ ۽ وچ ۾ ڪاٻه وِٿي نٿي ٿئي، بيت بيت وچ ۾ اگر نمبر ڏنل هجن ٿا، ته اُن جي آڌار تي، يا تُڪ يعني قافئي جي آڌار تي بيتن کي ڌار ڪري سگهجي ٿو.

اِن طرح پُراڻن دستخطن تي ڪم ڪندڙ ايڊيٽرن اڳيان اِن قسم جا ۽ ٻڻ اهڙائي ٻيا ڪي اڙانگا مسئلا درپيش اچي، دستخطن مان پڙهتيون ڪڍڻ جي ڪم کي اٺ ڪائيو ڪم بڻائين ٿا. اِنهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ايڊيٽر جي شخصي وِدوتا، هُن جي ڀاشا شاستر ۽ ڀاشا و گيان جي ڄاڻ، هن جو عام فهم، ڪلپنا شڪتي ۽ اورچائي اهڙا گُڻ آهن، جيڪي ڪيس صحيح پڙهتيون ڪڍڻ ۾ وڏي هٿي ڏيني سگهن ٿا.

جنهن دستخط تي ڪم ڪجي ٿو: تنهن سان لاڳاپيل ٻين دستخطن جا ڪئٽلاگ، فهرستون ميسر هجڻ ۽ وڌيڪ ۽ وڌيڪ دستخط مُهيا هُجڻ اِهي ڳالهيون وڌيڪ صحيح پڙهتيون ڪڍڻ ۾ واهر ڪن ٿيون.

دستخط جي مُول ليکڪ جي زماني، اُن وقت جي ڀاشا سماجڪ ۽ سيئتڪ، مالي ۽ راجنيتڪ حالتن جي ڄاڻ، مُول ليکڪ جي زندگي، فلاسافي، شئلي (عبارت) بابت ڄاڻ، ويا ڪرڻ، چند شاستر ۽ ڪاويه شاستر جي ڄاڻ به دستخطن مان پڙهتيون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندڙ ايڊيٽر لاءِ ضروري آهي. اُن سان، صحيح پڙهتيون ڪڍڻ ۾ گهربل مدد ملي ٿي.

نذير احمد "شاڪر" بروهي

# بروهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو لساني ڳانڍاپو

## (بروهي شاعريءَ ۾ سنڌي لفظ)

سنڌ جو پاڙيسري ۽ صحرائي ملڪ بلوچستان جو دراصل ايراني مٿانهين پٽ جو حصو آهي. گومل، سخي سرور بولان، مولہ درن ۽ مڪران جي ڪناري ڪري سنڌ سان ڳنڍيل آهي. اُتي سياري ۾ سخت سردي ۽ برفاني هوائون لڳن ٿيون. جنهن سبب اُتي جا رهاڪو، بروهي گرم ميدانن جي رهاڪن کان وڌيڪ سگهارا آهن. بلوچستان ۽ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، وڻج ۽ واپار توڙي جاگرافيائي حالتن جو جڏهن اڀياس ڪبو ته آڳاٽي زماني کان سنڌ ۽ بلوچستان جا پاڻ ۾ گهاٽا ۽ گهرا ناتا رهيا آهن. سرسبز ۽ آباد هجڻ ڪري سنڌ جو بلوچستان تي نہ رڳو اثر رهيو آهي، بلڪ ان تي غلبو پڻ رهيو آهي. بلوچستان جا سبي، ڪڇي، قلات، لورالائي، مڪران، لسٻيلو ۽ سمورو سامونڊي ساحل هزارين سالن تائين قديم سنڌ جي سياسي، سماجي، تهذيبي، تمدني ۽ اقتصادي اثر هيٺ رهيا آهن (١).

آڳاٽي زماني ۾ بلوچستان وارو خطو هڪ طرف سنڌو ماٿر ۽ ٻئي طرف اولهہ ايشيا جي اُسريل ملڪن جي وچ ۾ پنهنجي جاگرافيائي حالتن جي ڪري هڪ سنگم جي حيثت ٿو رکي. هن زماني ۾ ويجهي اوڀر ۽ ايران کان ايندڙ اهم رستا بلوچستان جي مختلف علائقن مان لنگهندا، سنڌو ماٿر ۾ داخل ٿيندا هئا. انهيءَ لحاظ کان بلوچستان جو هي ڪوهستاني خطو، قديم زماني کان ٻنهي طرفن جي تهذيبن جي وچ ۾ باهمي ميل ميلاپ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو هو (٢).

نيچرل هسٽري ميوزيم آف نيويارڪ جي هڪ جماعت، بلوچستان ۾ ضلعي لسٻيلي جي ڏورانهن علائقن تائين دورو ڪيو. هن ٽوليءَ جي راءِ موجب ساموندي ڪناري جي لڳ ڀڳ جيڪي وسنديون مليون ٿيون، اهي هڙپہ تهذيب جون علمبردار آهن، ۽ آثارن ۽ شاهدين مان معلوم ٿو ٿئي تہ بلوچستان جي ساحلي علائقن تي قديم زماني کان سنڌو ماٿر جي ماڻهن جو قبضو هو (٣).

بلوچستان ۾ ڪُل اَٺ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جنهن ۾ بلوچي، بروهي، پشتو، فارسي، سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ پنجابي شامل آهن. اڳوڻي گورنر ۽ قلات جي خان احمد يار خان جي لکت موجب بلوچستان صوبي ۾ ٻہ - ٻولياني قبيلا جام آهن (٤)، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي، جو تہ هتان جو هرهڪ قبيلو ٻن ٻدران گهٽ ۾ گهٽ چار ٻوليون ڳالهائي سگهي ٿو. اولهہ بلوچستان جا ماڻهو پشتو، اردو پنجابي ۽ سرائيڪي ٻوليون ڳالهائي سگهن ٿا ۽ اوڀر بلوچستان جا ماڻهو سنڌي، سرائيڪي، بروهي، بلوچي، ۽ اردو ڳالهائي سگهن ٿا؛ جڏهن تہ وچئين بلوچستان جا ماڻهو انئي ٻوليون ڳالهائي يا سمجهي سگهن ٿا؛ جو تہ ان خطي ۾ سڀ ٻوليون ڳالهائڻ وارا قبيلا ٿوري گهڻي انداز ۾آباد آهن. اِهوئي سبب آهي جو بلوچستان خطي جي مختلف ٻولين ڳالهائڻ وارن جو في سيڪڙو انداز معلوم ڪرڻ تمام مشڪل، بلڪ ناممڪن آهي؛ ان ڪري سينسر رپورٽون اڪثر صحيح نہ ٿي سگهيون آهن (٥) جنهن جو انداز هيٺ ڏنل ٻن اهڙين رپورٽن مان لڳائي سگهجي ٿو.
هارورڊ يونيورسٽيءَ جي هڪ ماهر ڊاڪٽر هينري فيلڊ، ١٩٥٥ع ۾ پنهنجي مضمون، 'West Pakistan Anthropological Survey' ۾ ڌار ڌار ٻولين جي في سيڪڙي جي باري ۾ جيڪي انگ اکر ڏنا آهن. اهي هن ريت آهن (٣):

| ضلعو/رياست | بروهي | بلوچي | پشتو | سنڌي | پنجابي | اردو | فارسي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| قلات | 51 | 19 | ---- | 29 | ---- | ---- | ---- |
| خاران | ---- | 18 | ---- | 19 | ---- | ---- | ---- |
| لسبيلو | 1 | 19 | ---- | 80 | ---- | ---- | ---- |
| مڪران | ---- | 100 | ---- | ---- | ---- | | |
| چاغي | 33 | 60 | 3 | 1 | ---- | 1 | ---- |
| لورالائي | 1 | 8 | 62 | ---- | 28 | 2 | ---- |
| ڪوئيٽا | 7 | 2 | 60 | 18 | 7 | 4 | |
| سبي | 7 | 54 | 12 | 20 | 5 | 2 | ---- |
| ژوب | ---- | ---- | 96 | ---- | 3 | 1 | ---- |

١٩٦١ واري آدمشماريءَ موجب انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو ضلعيوار سيڪڙو هن ريت ملي ٿو (٧):

| ضلعو | بروهي | بلوچي | پشتو | سنڌي | پنجابي | اردو | فارسي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سبي | 2.92 | 64.67 | 21.96 | 3.12 | 4.85 | 2.16 | 00.24 |
| لورالائي | 1.52 | 8.12 | 61.08 | 1.98 | 26.39 | 00.61 | 00.34 |
| ڪوئيٽا | 7.78 | 2.25 | 61.05 | 00.49 | 17.02 | 5.09 | 3.75 |
| قلات | 39.40 | 13.77 | 1.79 | 24.74 | 0.92 | 00.28 | 1.06 |
| لسبيلو | 7.67 | 23.69 | 00.70 | 66.58 | 00.85 | 00.21 | 00.02 |
| چاغي | 31.17 | 60.27 | 2.12 | 00.33 | 2.1 | 00.67 | 3.32 |
| خاران | 19 | 18 | ---- | 00.33 | | | |
| مڪران | | | | | | | |
| ژوب | | | | | | | |

هنن چارٽن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهٽ انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته بلوچستان صوبي جي اڌ آبادي چڱي طرح سنڌي ڳالهائي ٿي، جو ته صوبي جي آباديءَ جي گهڻائي سنڌ جي ميداني علائقن سان لاڳو بلوچستان جي زرعي طور تي آباد علائقن ۾ رهي ٿي.

بلوچستان جا مٿيان علائقا اڪثر پهاڙي ۽ غير آباد آهن. جڏهن ته هيٺيان ۽ ميداني علائقا اڪثر زرعي طور آباد علائقا آهن. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارا به انهي علائقي ۾ آباد آهن. جيڪو بارکان کان مڪران تائين شمار ڪيو وڃي ٿو. (٨). ان کان علاوه سبي، ڪڇي، لسبيلي، مڪران ۽ قلات جي علائقن ۾ سنڌي زبان جو تسلط رهيو آهي، ۽ انهن خطن جي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ کي وڻج واپار روزانه استعمال، حاڪمن جي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن جي ٻولي، محفلن، معرڪن ۽ ڪچهرين جي ٻوليءَ طور استعمال پئي ڪيو آهي. انهن مان ڪن ايراضين ۾ سنڌيءَ کي مادري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل آهي، ته ڪن ۾ ان کي ثانوي زبان طور ڪم آندو ويندو آهي. (٩).

قاضي محمد يعقوب علي زئي لکي ٿو ته:

"موجوده بلوچستان جي اڌ آبادي جيڪا شهر نما ڳُتيل آباد علائقن ۾ رهي ٿي، سنڌي ٻولي انهن جي مادري ٻولي آهي. پوءِ توڙي اهي پٺاڻ، بلوچ، بروهي يا سماٽ هجن، سڀ سنڌي ڳالهائين ۽ سمجهن ٿا. سنڌي انهن جي ڳانڍاپي جي ٻولي آهي." (١٠).

پنهنجون مادري ٻوليون ڇڏي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي مادري ٻوليءَ طور ڳالهائڻ وارين قومن ۾ بروهي، پٺاڻ ۽ بلوچ قبيلن جا ڪيترائي پاڙا هن خطي ۾ موجود آهن. مثلاءِ پٺاڻن ۾ باروزئي، دمبال، لوني باغون، لاٽون، ڪڙڪ، صافي، مزري، نوڏاڻي، عليزئي، مرغزاڻي، سيلاچي ۽ خجڪ؛ بلوچن ۾ رند، لاشاري، لغاري، چلگري، چانڊيا، ڪپراڻي، گولا، گشڪوري، ڪوراڻي، مغيري، جمالي، دستي ۽ مگسي. جڏهن ته بروهين ۾ لانگو ۽ رئيساڻي قبيلي جا ڪيترائي خاندان سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي مادري ٻوليءَ طور استعمال ڪن ٿا. (١١)

بلوچستان جي خطي ۾ سنڌي قومن جي گهڻائيءَ ۾ هئڻ سبب سنڌي ٻولي جتي ڪٿي ڳالهائي وڃي ٿي. ان ڪارڻ ئي هن علائقي جي تهذيب توڙي تمدن، رسم رواج ۾ سنڌ کان ڪوبه فرق نه آهي ۽ خطي جا شهر توڙي ڳوٺ، آثار قديمه توڙي عجائبات سڀ سنڌي تهذيب ۽ تمدن جو چٽو پٽو اولڙو آهن. هن خطي ۾ اڄڻ وارو ڪوبه ماڻهو ان کي ڪنهن به اڻ سنڌي علائقو سمجهي نه سگهندو. ڪيترن خاندانن پنهنجون مادري ٻوليون ۽ ثقافتون ڇڏي سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي پنهنجو بڻايو آهي. اهوئي سبب آهي جو بروهي، بلوچ، پٺاڻ قومن جا رسم رواج به آهستي آهستي متاثر ٿيندي سنڌي رسمن ۽ رواجن سان ملي هڪجهڙا ٿي چڪا آهن. تنهي قومن جي رسمن، رواجن، رهڻي ڪهڻيءَ ۾ سنڌي رسمن ۽ رواجن توڙي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تمام ٿورو فرق موجود آهي. سنڌين سان سنڌن مِٽيون مائٽيون ۽ برادرين ڪين هڪٻئي جي ايترو ته ويجهو آڻي ڇڏيو آهي، جو سڀني گڏجي ڄڻ ته هڪ قوم ٿي چڪا آهن. تنهنڪري ڊاڪٽر داد محمد "خادم" بروهي چيو آهي ته: "حقيقت ۾ بلوچستان جا بروهي قديم سنڌي آهي، انهن کي سنڌين کان ڌار نه تو ڪري سگهجي." (١٢).

سنڌ جو نامور مؤرخ مير رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته، "بروهي سنڌي آهن. سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ سنڌي ظاهر ڪيا ويا آهن." (١٣)

جهالاوان کان خضدار تائين جو علائقو خشڪ جابلو آهي. ان خشڪ جابلو سلسلن مان نڪرڻ وارا درياءَ به نالي ماتر آهن ۽ سجو سال خشڪ رهندا آهن. پر خضدار جو اُتريون پاڱو گهڻو گرم آهي. جهالاوان جي بروهين جي گهڻائي مال چارڻ ۽ هارپ جو ڌنڌو ڪندي آهي. انهن مان ٧٥ سيڪڙو آبادي خانه بدوش آهن، جيڪي سارو سال هن وسيع عريض علائقي ۾ پاڻيءَ ۽ چاري جي تلاش ۾ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين چڪر ڪاٽيندا رهندا آهن. ڊبليو. ايس. هاس جي لفظن ۾ ته، "جهالاوان جي آباديءَ جي ڪلاسيڪي طرز زندگي خالص خانه بدوش رهڻي ڪهڻي جو نمونو پيش ڪري ٿي." اهي ماڻهو خانه بدوش زندگيءَ کان تنگ اچي، سازگار حالتن ملڻ تي سنڌ ۾ مستقل هجڻ جا موقعا مشڪل سان ڇڏيندا آهن. جهالاوان جي مقابلي ۾ ساراوان جا بروهي اپريل کان سيپٽمبر تائين پنهنجي جابلو علائقن ۾ ئي خانه بدوشانه زندگي گذاريندا آهن، يا مال چاريندا آهن. پر ڪيرو ۽ ڪورڪيج جي تباهه خيزي ۽ گرميءَ جي شدت يا ڪٽڪ ۽ سارين جي لاباري وقت آڪٽوبر کان مارچ تائين ڪڇي ۽ سنڌ هليا ويندا آهن. (١٤) انهيءَ لڏ پلاڻ سبب اهي بروهي قبيلا پنهنجي ٻوليءَ سان گڏ سنڌي ٻولي به ڳالهائيندا آهن. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، ته بروهين کان اول سنڌ ۾ سمات قوم آئي ۽ بروهي وري بلوچن کان اڳ ۾ پهتا. ان ڪري بلوچن جي ڀيٽ ۾ بروهي ٻولي اندر سنڌي لفظن جي آميزش نسبتاً وڌيڪ هئڻ هڪ قدرتي ڳالهه آهي. انهيءَ معاشي، سماجي ۽ تهذيبي ريل ميل جي ئي نتيجي ۾ سوين سنڌي ٻوليءَ جا لفظ بروهي ٻوليءَ جي لغت جو حصو بڻيا؛ جي انهن لفظن تي نظر وجهبي، ته جهالاوان ۽ ساراوان کان سنڌ ۽ ڪڇي تائين لڏ پلاڻ جي سموري عڪاسي ڪن ٿا. اهي لفظ ايترا ته بروهي زبان ۾ جذب ٿي ويا آهن، جو انهن کي ڪڍي ڇڏڻ سان بروهي ٻوليءَ جي چاشني ختم ٿي ويندي. انهي ڪري سنڌ ۾ آباد بروهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اڃا کان وڌيڪ سنڌي لفظ ملائين ٿا، گهڻا ته پنهنجي اصل ٻولي به وساري ويٺا آهن. (١٥)

بروهي ٻوليءَ ۾ سنڌي لفظن جو ڀرپور چڱو خاصو ذخيرو اسان کي شاعريءَ مان ملي ٿو. بروهي شاعريءَ جا هيٺيان دوَر آهن:

۱ـ لوڪ شاعري
۲ـ خاني دؤر ۱٦٦٦ع کان دُرخاني مدرسي جي بنياد ۱۸۸۳ع تائين.
۳ـ ۱۸۸۳ع کان پاڪستان جي نهڻ ۱۹۴۷ع تائين.
۴ـ ۱۹۴۷ع کان موجوده وقت تائين.

(۱) لوڪ شاعري:

لوڪ شاعري، عوام جي جذبن، امنگن ۽ احساسن جو سادو سودو اظهار هيءَ شاعري، شعور جو بلند درجو پيش ڪري ٿي، ۽ پنهنجي زبردست قوت ۽ نازڪ احساس جي نمائندگي ڪري ٿي. "لوڪ شاعري" ڪيتري به پراڻي هوندي ته به نت نئين پئي لڳندي. اهوئي لاءِ ۽ ساءُ، اهوئي رس ۽ چس پيو ايندو. البت ايترو سو آهي ته وقت گذرڻ تي هڪ واتان ٻئي وات ويندي،، لوڪ شاعريءَ جي ڪيترن صنفن ۾ اِها سوڏائي نه رهي آهي، يعني انهن ۾ گهٽ وڌايون ٿي ويون آهن، ته به معنيٰ ۽ مطلب، لذت ۽ لئي ۾ فرق نه آيو آهي، ڇاڪاڻ ته لوڪ شاعريءَ جي شاخ مان تازو گونچ ڦُٽندو رهي ٿو. (١٦) بروهي لوڪ شاعريءَ جو اوائلي دؤر سن ۱۱ عيسوي صدي کان شروع ٿئي ٿو. ۱۱ صديءَ جو مشهور رومانوي افسانو سسئي پنهون آهي (★) ۱۳ هين عيسويءَ يعني ۱۲۲۳ع ۾ تاتاري مغلن جي سرڪردگيءَ ۾ بلوچستان تي حملو ٿيو ۽ هتان جي رهاڪن تي لڱ ڪانداريندڙ ظلم ٿيا. ايتري تائين جو ان جا اثر نه رڳو صدين تائين شاعرن تي حاوي رهيا، بلڪ پنهنجي مقبوليت جي حوالي سان سندن شعر جڻ لوڪ گيت (برنازنا، ليلي (✱) مور ماهه لنج، لولي، موده) بڻجي پيا. (١٧)

بروهي لوڪ شاعري ٻين علائقن جي لوڪ شاعري وانگي رزميه، عشقيه داستانن کان خالي آهن ۽ ان جي ابتڙ شادي، غمي، ڪنهن قبائلي لڙائي يا ڪنهن هڪ فرد جي ڪنهن ڪارنامي کان متاثر ٿي چيا ويا آهن. (١٨) بروهي لوڪ شاعري جيڪا هن وقت اسان تائين لکت ۾ پهتي آهي، اها ۱۸ ۽ ۱۹ عيسوي صديءَ جي آهي ۽ مواد جي مناسبت سان ان جا پهريان ٻه دؤر قطعي غائب آهن. بروهي لوڪ شاعريءَ جو جيڪو ذخيرو تحريري صورت ۾ مليو آهي، انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيئي لفظ ملن ٿا.

انهن لفظن جي لڙي هن ريت آهي:

| بروهي لوڪ شاعريءَ ۾ سنڌي لفظ | اصل سنڌي لفظ |
|---|---|
| گذاره | گذارڻ |
| ڪهڻ | ڪَڏ |
| واهه | واهُه / واهه |
| رنگس | رنگُ |
| گير | گيرِ گيهه گنداڙ |
| ساندهي | ساندهه |
| ڪڻ | ڪَٽ |
| ميار | ميار / ميارَون |
| هار | هارُ / هارَ |
| سيمر | سِيمر / سِيمَر |

(★) سسئي پنهون: بروهي ـ سنڌي اتهاس جو مشترڪ قصو آهي.
(✱) لوليءَ جي لوڪ صنف به بروهي ـ سنڌي شاعريءَ جي مشترڪ صنف آهي.

ـ ادارو

| | |
|---|---|
| وارا | وار /وارون |
| ڏنگر | ڏنگرُ |
| ٿڻرو | ٿاٿو، ٿاٿا |
| پوپٽ | پوپٽ، پوپٽ |
| لونگ | لونگ، لونگ |
| سرمو | سُرمو ـ سُرما |
| چيچ | چيچ، چيچون |
| تيلي | تيلي، تيليون |
| ڏکن دهکر | ڏکَڙَ ڏکڙَ |
| سيٽي | سيٽي، سيٽيون |
| سولي | سُولي، سُوليون |
| ٽوپ | ٽوپ، ٽوپ |
| ٽولي | ٽولي، ٽوليون |
| نالي | نالي، ناليون |
| گوني | ڳوٺي، ڳوٺيون |

## (٢) خاني دوُر ١٦٦٦ع کان دُرخاني مدرسي جي بنياد ١٨٨٣ع تائين

هن دوُر کان اڳ ٻن سوَ سالن جي بروهي شاعريءَ تي اونده جا پردا پيل آهن. ان گم ٿيل دور ۾ نسخن جي روايتن مطابق خبر پئي آهي، جيڪي ترتيب مطابق هن ريت آهن:

١. "خدمت دين" ٧٠٩هه/١٢٩٣ع جو لکيل آهي. ١٠٠ صفحا ۽ ان ۾ ديني ۽ اسلامي طرز جي شاعري آهي.

٢ـ "مجهول الاسلام"، جنهن کي "تحفہ شي ميجڙ" جو نالو ڏنو ويو آهي، جيڪو ٨١٠هه جو لکيل آهي.

٣ـ "عمليات گهر بار براهوئي" ١٣ ربيع الاول ٩٨٠ هه جو لکيل آهي. هن جا ٻه حصا آهن، پهرئين حصي ۾ پنج باب ۽ ٻئي حصي ۾ مٽي جي سون بار جي روئڻ متعلق ديني عمليات درج آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ڪيميا جا نسخا پڻ درج آهن.

مٿين ٽنهي ڪتابن جو ڪوبہ نسخو، هن وقت تائين اسان جي هٿن ۾ نہ پهتو آهي. جنهن متعلق اسان وڌيڪ چئي سگهون، ان ڪري انهن ڪتابن ۾ شامل نثر يا شاعريءَ ۾ سنڌي لفظن تي ڪجهہ بہ چئي نہ ٿو سگهجي.

هي ذڪر لائق دور خاص بروهي قوم جو سياسي، سماجي ۽ ثقافتي دوُ آهي. ان دوُر ۾ سردار مير قمبر جي اولاد مان ميرو نالي بروهين جو سردار دنيا جي نقشي تي بروهي حڪومت جو جوڙون بنياد رکندڙ حاڪم هو. ان جو پوٽو، مير احمد جيڪو مير قمبر جي نسل مان هو (بعد ۾ پنهنجي نالي تي احمدزئي فرقي جو بنياد وڌائين) ۽ قلات جي تخت تي بروهي حڪومت کي مضبوط بنيادن تي مستحڪم ڪيائين. مير احمد خان (١٦٦٦ع کان ١٦٩٥ع) کان مير خدائيداد خان (١٨٥٧ع کان ١٨٩٣ع) تائين وڏي سياسي اُٿل پٿل ٿي. بروهي حڪمرانن ۾ عبدالله خان عرف شهباز بلوچستان (١٧١٦ع کان ١٧٣٣ع)، مير نصير خان نوري (١٧٣٩ع کان ١٨١٧ع) مشهور حڪمران ٿي گذريا آهن.

هن دوُر ۾ بروهين ۽ سنڌين جا پاڻ ۾ سياسي، سماجي، معاشي معاهدا ۽ تاريخي ڳانڍاپا رهيا. انهي ريل ميل سبب بروهي خان پڻ سنڌي زبان کان واقف هئا، پر افسوس جو علم دوست نہ هجڻ سبب، ان سڄي دوُر جو علمي ادبي ذخيرو نہ هجڻ جي برابر آهي. صرف هڪ ڪتاب "تحفة العجائب" مليو آهي، جيڪو ١٧٦٠ع ۾ مولانا ملڪ داد قلاتي، غرشين، پناڻ قبيلي سان تعلق رکندڙ لکيو. ملڪ داد قلاتي، بروهي، بلوچي ۽ پشتو زبانن جو سٺو شاعر هو. جنهن مير نصير خان، خانيءَ تي وينو، تہ ملڪ داد قلاتي سندس دربار سان لاڳاپيل رهيو.

منظوم ڪئي آهي. اهو هڪ سچو بروهي رومانوي قصو آهي. جيڪو بروهي سماج جي خدوخال کي واضح ڪري ٿو.

هن دور ۾ حاجي نبو جان، حاجي عبدالمجيد ڇوتوئي (١٨٤٦، ١٩٣٨ع)، مولوي محمد صديق پنجگوري فيض محمد فيضل (١٨٨٣ع، ١٩٥٧ع) جهڙا عظيم شاعر ٿي گذريا آهن. حضرت مولانا محمد عمر دينپوري ريشمي رومال تحريڪ ۾ سياسي ۽ بروهي قوم ۾ سماجي حيثيت هجڻ سان گڏ بروهي زبان ۾ ڪثير التصنيف هجڻ جو پڻ شرف حاصل ائن. ملا مزار بروهي جي مزاحمتي ۽ ترقي پسند شاعري پڻ عوام ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. عام ۽ خاص ۾ سندس شاعري شاهه ڀٽائيءَ وانگي ٻڌي ۽ پڙهي وڃي ٿي.

هن دؤر جي ذڪر ڪيل شاعرن ۾ مولانا محمد فاضل درخاني، مولانا محمد عبدالله، مولانا محمد عمر دينپوري، تاج محمد تاجل ۽ ٻيا ڪيترا شاعر ۽ عالم سنڌي ٻولي ڳالهائڻ سان گڏوگڏ لکي پڻ سگهندا هئا. مولانا محمد فاضل درخاني، مولانا محمد عبدالله، مولانا محمد عمر دينپوري، شڪارپور جي همايوني مدرسي مان فارغ التحصيل آهن. انهي ڪري انهن جي شاعريءَ ۾ سنڌي لفظن جو گهڻو استعمال ٿيل ٿو ڏسجي. انهن سنڌي لفظن جي آميزش ڪري سنڌي ۽ بروهي ٻولين جا لساني لاڳاپا تمام گهڻا وڌي ويا ۽ ٻنهي ٻوليون گهڻو هڪ ٻئي جي ويجهو پهتيون.

ان دور ۾ جيڪي سنڌي لفظ، بروهي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيا آهن: انهن جي لڙي هيءَ آهي.

| بروهي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل سنڌي لفظ | اصل سنڌي لفظ |
|---|---|
| توري | توڙي |
| وارو | وارُ وارو موقعو |
| جِکر | جِگر |
| جُٹ | جُٽ |
| سچا، سچو | سچا، سچو |
| سدا | سدا |
| آسرو | آسرو |
| نُها | ناهڻ، نهيو |
| کوري | ڪوڙي |
| تهوم | تُوم |
| ويراني ۽ | ويراني |
| سند | سَنڌُ، سَنڌُ |
| راج | راڄ، راڄ |
| ريت | رِيت |
| دوهہ | ڏوهہ |
| کوٹ | ڪُوٽُ، ڪوٽ |
| ککرات | ڪُڪُڙُ، ڪُڪُڙ |
| چودار | چوڌارُ چوڌاري |
| حاجت | حاجت |
| گولي | گولي، ٻانهي |
| ساري | ساري، ساريون |
| خيت | کِيتُ، کِيتَ |

| | |
|---|---|
| سرس | سرُسَ، سَرُسَ |
| سُن | سن، سُنون |
| ڪٹ | ڪَٽُ |
| سام | سامَ ساڻُونُ |
| چريف | چڙ، چيڙائڻ |
| گنج | گَنجُ گَنجَ |
| ٹوها | توهو، توها |
| جنجال | جنجال، جنجل |
| سکھ حال | سُک، سُکالو |
| جگ | جُگُ، جُگَ |
| ماڑيک | ماڙي، ماڙيون |
| هوکا | هوڪو، هوڪا، هوڪارو |

(۴) قيام پاڪستان ۱۹۴۷ ڪان موجوده وقت تائين:

هي دؤر بلاشڪ بروهي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقي ۽ ارتقا جو دؤر آهي. بروهي ٻولي هن دؤر ۾ ڪجھ سالن اندر باقاعده ترقيءَ جي واٽ ورتي. هن دور جي ادب ۾ ترقي پسند لاڙا پڌرا ٿيا. اهڙا تغيرات ۽ تبديليون آيون، جي بروهي ادب جي ترقيءَ لاءِ عمل پذير ٿيون. هن دؤر ۾ شاعرن جي هڪ وڏي کيپ جنم ورتو، جنهن جي نتيجي ۾ بروهي ٻوليءَ ۾ هڪ اهڙو ادب تخليق ٿيڻ لڳو، جنهن جون سرحدون آفاقي ادب جي سرحدن کي ڇهڻ لڳيون. هن دور جي شاعريءَ ۾ محمد اسحاق سوز ڊاڪٽر عبدالرحمٰن بروهي، جوهر بروهي، عبدالقيوم بيدار حضرت نور محمد پروانہ، ڊاڪٽر علي احمد شاه بروهي، پير محمد زبيرائي، مهيم خان خليل، مراد بروهي، نادر قمبرائي، ذوق بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، عزيزالله عزيز بروهي، عبدالغفور احسن، ۽ عبدالرحمٰن ڪرد جهڙا وڏا شاعر شامل آهن.

هن دؤر ۾ ڪجھ قلمڪارن "بروهي اڪيڊمي" جو بنياد وڌو جنهن جي بنياد پوڻ سان ڪيترائي رسالا، اخبارون، ڪتاب ۽ ڪتابڙا بروهي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيڻ لڳا، جن ۾ ڪهاڻيون، مضمون ۽ ان کان علاوه شاعريءَ جو وڏو ذخيرو پڻ شايع ٿيندو رهيو.

هن دؤر ۾ قديم بروهي رسم الخط کان آزادي حاصل ڪري، جديد فارسي رسم الخط، نور محمد پروانہ جي ايماء تي جوڙيو ويو. جيڪو اڄ بہ جاري ساري آهي. نور مجمد پروانہ کي ويجهڙ ۾ "آل پاڪستان بروهي ادبي سيمينار" خضدار ۾ "باباءِ بروهي صحافت" جو اعزاز ڏنو ويو. نور محمد پروانہ ۳۳ سالن (فيبروري ۱۹۶۰ع کان بروهي ٻوليءَ ۾ واحد بروهي اخبار "ايلم" يعني "ڀاءُ" باقاعدگيءَ سان شايع ڪري رهيو آهي. نور محمد پروانہ جي نگرانيءَ ۾ هفت روزه "ايلم" اخبار نہ صرف تاريخي، ثقافتي، لساني، سياسي، معاشي ۽ سماجي مسئلن تي بروهي ٻوليءَ ۾ تحريرن جو هڪ اڻ کُٽ خزانو مهيا ڪري رهي آهي، بلڪ جديد ادب، تحقيقي ادب، لوڪ ادب، لسانيات ۽ تاريخ جي ترقيءَ ۽ واڌاري کان سواءِ ٻاهرين دنيا، مثلاً، آمريڪا، برطانيہ، روس، جرمني، چين ۽ وچ مشرق جي ملڪن جي عالمن ۽ اديبن کي بروهي ٻوليءَ ۽ ادب جي باري ۾ هڪ وڏي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جو ذريعو رهي آهي.

هن دؤر ۾ ڪيترن شاعرن جن ۾ جوهر بروهي، عزيز الله عزيز بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، ڪبير احمد بروهي ۽ ٻيا شاعر بروهي ٻوليءَ ۾ شاعري کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ شاعري ڪري رهيا آهن. جن پنهنجي بروهي شاعريءَ ۾ سنڌي لفظن جو خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي واهپي سان بروهي شاعريءَ ۾ وڏي جاذبيت ۽ چاشني پيدا ٿي آهي. هن دؤر جي بروهي شاعريءَ ۾ جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. انهن جي لڙي هن ريت آهي

| بروهي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل سنڌي لفظ | اصل سنڌي لفظ |
|---|---|
| هکل | هڪل |
| رکهه | رَکِ |
| دکهه | ڏُک |
| تکيک | تڪي ٿو، تڪڻ |
| گندانو | ڳَنڍ |
| کجل | ڪجل |
| پلکس | پَلُ، پلڪ |
| سوچ | سوچ |
| هولرو | هولڙو |
| گلي ڳلي، ڳِلي | |
| غليل | غُليل |
| وس | وَسِ |
| پاس | پاسِ، وٽ |
| ديهه | ڏيهه |
| مونجهاني | مونجهارو |
| نشان | نِشان |
| گِله | گِلا |
| گنج | گَنج |
| ميله | ميلو |
| سرتاج | سَرتاج، سَرتاج |
| سولا | سولو، سَولا، سولائي |
| دهوآد | ڏُونهه، ڏُونهه، ڏُونهون |
| ودف | وڏڻ، اُسرڻ |
| سهانو | سهڻ، برداشت ڪرڻ |
| دنگ | ڏنگ، ڏنگ |
| روشنائي | روشنائي |
| ويلاتي | ويل، ويلون، ڏک جو وقت |
| سستي | سُستي، سستيون |
| کاهلي | ڪاهلي، ڪاهليون |
| جيره | جهيڙو ڪرڻ، جهڳڙو ڪرڻ |
| چال | چال، چالون |
| واپاراک | واپارُ واپارَ |
| ٹهوکر | ٺوڪر ٺوڪرون |
| پاهو | ڦاهو، ڦاها |

(٣) ڳالهيون طئي ڪرڻ بعد مڱڻي جي تاريخ تي ڇوڪري جي طرفان سندس والدين ڪنوار جي گهر طرف شربت، چانهه جو سامان، پتاشا ۽ کنڊ وغيره موڪليندا آهن. جيئن مڱڻي جو اعلان ٿيڻ سان هنن شين کي خوشيءَ ۾ تقسيم ڪجن. انهي موقعي تي ڪنوار ۽ گهوٽ کي نوان ڪپڙا پهرائيا آهن. انهي رسم کي سنڌيءَ ۾ "پوتي وجهڻ ۽ بروهي ۾ "ڳُد شاغنگ" يعني پوتي وجهڻ چئبو آهي. مڱڻي جي اعلان بعد سڀني ڄڃ ۾ کير ۽ مٺائي تقسيم ڪئي ويندي آهي، جنهن کي بروهي ۾ "شير شڪلي" يعني مٺي شين جي تقسيم جي رسم" چئبو آهي: اِها رسم بروهين ۽ سنڌين ۾ ساڳي آهي.

(٣) مڱڻي کان بعد شادي جي تاريخ پڪي ڪبي آهي، جنهن کي سنڌي ۾ ڏينهن ٻڌڻ ۽ بروهي ۾ "نُوڪ تفنگ" يعني چنڊ ٻڌڻ" چئبو آهي. اِها رسم ٻـ ٻنهي قومن ۾ هڪجهڙي آهي.

(٥) سنڌي قوم ۾ ٻڪي جي رسم آهي پر بروهي قوم ۾ نہ آهي.

(٦) شادي کان ڪجهه اڳ ۾ گهوٽ جون عزيزياڻيون رات جو گهوٽ جي گهر، گهوٽ جي سونهن ۽ سوڀيا سيرت ۽ ڪردار ۽ شاهوڪاري بابت گيت ۽ ڳيچ ڳائينديون آهن. اِهي ڳالهيون مشترڪ آهن.

(٧) سنڌي قوم ۾ ڪنوار کي وناهه يا ونواهه ۾ ويهارڻ لاءِ گهوٽيتياڻون، وناهه جو سامان ڪنواريتن کڻي وينديون آهن. سامان ۾ مکڻ، گيهه، مصري، چانهه جو سامان ۽ کائڻ جون لذيذ شيون هونديون آهن. جن کي ڄاڃي ڪاري ۾ رکي، انهي سامان واري ڪاري کي ونواهه چوندا آهن. سنڌي ۽ بروهي قومن ۾ هي رسم هڪجهڙي آهي.

(٨) شادي کان ڪجهه ڏينهن اڳ گهوٽ جون عزيزياڻيون هر رات گهوٽ جي گهر ۾ گڏجي خوشيءَ جا ڳيچ ڳائينديون آهن. اِها رسم ٻنهي قومن ۾ ساڳي آهي.

(٩) شادي کان ٻـ راتيون اڳ گهوٽ کي عزيزياڻيون مينڌي رکنديون آهن. مينڌيءَ کي ٿالهہ ۾ رکي انهي جي مٿان رنگ برنگي موم بتيون هڻي، انهن کي ٻاري مختلف قسمن جا ڳيچ ڳائينديون آهن. سنڌي قوم ۾ هن رسم کي "ڳجهڙي مينڌي" چئبو آهي، جيڪا هاڻي گهڻي ڀاڱي ختم ٿي چڪي آهي پر ڪن ڪن جهڳهن تي هي رسم جاري آهي. بروهي قوم ۾ هن رسم کي "دزي هِنام" يعني "چوري مينڌي" جي رسم چئبو آهي. هي رسم ٻنهي قومن ۾ مشترڪ آهي.

(١٠) شاديءَ رات گهوٽ کي سندس ماءُ يا ماتنياڻيون مينڌي رکنديون آهن. جنهن کي سنڌيءَ ۾ "ظاهري مينڌي" ۽ بروهي ۾ "پهاشي هنام" يعني ظاهري مينڌي چئبو آهي، هي رسم ٻـ ٻنهي ۾ ساڳي آهي.

(١١) مينڌي کان پوءِ گهوٽ کي ڳاني ٻڌڻ ۽ تيلاڙي جو ساٿ ڪندا آهن. هي رسم ٻـ ٻنهي ۾ مشترڪ آهي.

(١٢) گهوٽ کي هڪ ويجهو "آنيرا يا آهنر" طور گڏ هوندو آهي جو ڪيس اڪيلو نہ ڇڏيندو آهي. هوڏانهن ڪنوار کي ٻـ هڪ عزيزياڻي ساٿ ڏيندا آهن. بروهي ۾ گهوٽ سان گڏ ساٿي کي وزير چون ۽ ڪنوار سان گڏ سندس سهيلي کي "جاني" يعني پياري دوست ۽ سهيلي چون. هي رسم ٻنهي قومن ۾ ساڳي آهي.

(١٣) "پڙو يا "ڪونو" سنڌي قوم ۾ آهي، اِها رسم بروهين ۾ ٻـ آهي. جنهن کي "پچ نشان تننگ" چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ ڪپڙا، ساز ۽ سامان ڏيکارڻ. هي رسم ٻـ ٻنهي ۾ ساڳي آهي.

(١٣) سنڌي قوم ۾ سرگس چڙهڻ، مسجد ۾ نفل پڙهڻ، قُل چوندڻ، ڍڪڻي ڀڃڻ جهڙا سوڻ آهن پر بروهي قوم ۾ نہ آهن.

(١٥) سنڌي قوم ۾ رات ٽار گهمائڻ، ساني وڻ مان ٽاري ڪپائڻ، گهڙو ڀرڻ جا سوڻ آهن، پر بروهي قوم ۾ نہ آهي.

(١٦) ٽر مٿائڻ، ڊامڻ لِتڙين، وِچٽي يا اِٽي، مينڌي ۽ سونگي، ڳنڍ يا ڏورڙو ڇوڙڻ، ڪارڪ مينڌي يا خالي مُٽ ڪولرائڻ جا ساٿ ۽ سوڻ آهن پر بروهي قوم ۾ نہ آهي.

(١٧) کير پيارڻ جو ساٿ ٻنهي قومن ۾ ساڳيو آهي.

(١٨) مارڪي جو ساٿ ٻنهي قومن ۾ ساڳيو آهي.

(١٩) سنڌي قوم ۾ وڏي اَسُر معل وهنجارڻ جي رسم ٿيندي آهي يعني نڪاح کان بعد پر ان جي برعڪس بروهي قوم ۾ وهنجارڻ جو سوڻ ڏينهن جو ٿيندو آهي. گهوٽ کي حجام وهنجاريندو آهي. جنهن کي بروهي ۾ "لوزي" چوندا آهن، جنهن

۾ گهوٽ کي نوان ڪپڙا پارايا ويندا آهن. جنهن ۾ قميص، يا پهراڻ، شلوار پڳ، جُتي، رومال شامل هوندا آهن. اِهو سامان گهوٽ ڀنهنجي پسند جا وٺندو آهي. وڳي ڊڪائڻ کان اڳ سڄي راڄ کان موڪل ورتي ويندي آهي. هي رسم ٻه ٻنهي قومن ۾ ساڳي آهي.

(٢٠) پڳ ٻڌرائڻ وقت گهوٽ جا والدين ۽ مٽ مائٽ هِڪ هِڪ وَر ڪري ٻڌندا آهن ۽ سندس زندگي ۽ شان شوڪت جون دُعائون گهرندا آهن. انهن سان لوڙي منگڻهار هٿ وندائيندو آهي. اِها رسم ٻه ٻنهي قومن ۾ ساڳي آهي.

(٢١) لانئون ڏيڻ ٻنهي قومن ۾ مشترڪ رسم آهي. بروهي قوم ۾ اِها رسم خاص طور بلوچستان ۾ عام آهي. جنهن کي بروهي ۾ "نهوڪر تننگ" يا "دوڪ تننگ" يعني مٺا ويڙهائڻ چنبو آهي. هي رسم ٻه ٻنهي قومن ۾ ساڳي آهي.

(٢٢) نڪاح وقت ڪنوار کان شاهدن ذريعي پڇڻ ۽ ٻيا ساٽ سوڻ ٻنهي قومن ۾ ساڳيا آهن.

(٢٣) نڪاح ٿيڻ بعد گهوٽ ۽ ڪنوار کي کير پيارڻ جا سوڻ ٻنهين قومن ۾ ساڳيا آهن.

(٢٤) شادي، جي رسمن پوري ٿيڻ بعد ڪنوارين ۾ نِڪڻ، ڄڃ جو گهر موٽڻ، نئين ڪنوار تي فخر ڪرڻ، اِهي سڀئي سوڻ ۽ ساٽ ٻنهي قومن ۾ هڪجهڙا آهن.

قديم بروهي رسمالخط هيرو غلفي طرز تي لکي ويندي هئي. هڪ هزار سال اڳ بروهي رسمالخط خروشتي، رسمالخط ۾ لکجڻ شروع ٿيو. بلوچستان ۾ اسلام جي آمد کان پوءِ عربي ۽ فارسي رسمالخط اختيار ڪيو ويو.

ڪجولاڪد فيزس (٣٠ع کان ٧٠ع تائين) جي دور ۾ افغانستان کان ڪجهه سِڪا ۽ مُهرون مليون آهن. جن تي بروهي رسمالخط خروشتي ۾ لکيل آهي. ان بادشاهه جي هڪ سِڪي تي، هِڪ طرف بادشاهه تخت نشين ڏيکاريو ويو آهي ۽ ٻئي طرف "مِهش والا" لکيل آهي. هي تحرير بروهي ۾ آهي. هڪ فرانسيسي عالم موسيوفوشه ان جو ترجمو "جبلن جو مالڪ" ڪيو آهي. "مَهش" "مَش" بروهي زبان ۾ جبلن کي چيو ويندو آهي ۽ "والا" وارا جي مفهوم ۾ تحرير آهي. يعني ان جو صحيح ترجمو "جبلن جو مالڪ" آهي.

اهڙي طرح ٻيا ٻه ڪيترائي سِڪا ۽ مهرون مليون آهن، جن تي ساڳي نوعيت جون مذهبي ۽ شان و شوڪت جون تحريرون آهن.

"تحفةالعجائب" نالي ڪتاب مولانا ملڪ دان قلاتي جو ١٧٦٠ع ۾ لکيل مليو آهي، جيڪو عربي رسمالخط ۾ آهي. ان کان بعد ان جو ٻيو ٻه هڪ نسخو دريافت ٿيو آهي جيڪو پڻ عربي رسمالخط ۾ آهي.

ان کان بعد درخان (ڍاڍر) ۾ درخاني اسلامي درسگاهه جيڪو اسلامي ادب جي فروغ ۾ حصو ورتو ۽ ان مان شايع ٿيل ڪتاب سڀئي عربي رسمالخط ۾ آهن.

هن وقت (پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ) رسمالخط جا ٻه مکتبه فڪر آهن هڪ درخاني مکتبه فڪر ۽ ٻيو ايلم مکتبه فڪر آهن.

درخان مان جيڪي ٻه ڪتاب شايع ٿيا، اهي سڀئي عربي رسمالخط ۾ آهن ۽ عربي رسمالخط ۾ هي الفا بيٽ استعمال ڪني ويندي هئي:

ا، ب، پ، ت، ج، چ، ح، خ، د، ڊ، ذ، ر، ڙ، ز، ڙ، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ک، گ، ل، لا، م، ن، و، ه، ء، ي، ے.

ان عربي رسمالخط جي خاص اکرن جي هيٺيان (٠) ٻڙي جهڙو ونگ ڏيئي ان مان اچار ڪڍيو ويندو هو.

عربي ۽ فارسي رسمالخطن ۾ واضح فرق هي آهي:

عربي رسمالخط ۾ حرفن جي شڪل ........ فارسي رسمالخط ۾ حرفن جي شڪل ۽ اصل اچار

ٽ ............ ٹ/ٽ

ڊ ............ ڈ/ڊ

ڙ.............. ڑ/ڙ

# اُهو جيڏو نہ رهيو!

تن ڏينهن ۾ ريڊيو تان منهنجي ڀرين گيت ـ ڪهاڻي نشر ٿي هئي: "هينئڙو ٻيڙي، جان"، جنهن جا سڀ گيت مشهور ٿيا هئا، پر "جيڏل شال جُڙين رهين" اڄ بہ ماڻهن کان وسريو نہ آهي. مهتاب ان جي ڪمپئرنگ ڪئي هئي، ان ڪهاڻيءَ ۾ سوزمو ۽ سورمي هڪٻئي کي جيڏي ۽ جيڏا سان سڏين ٿا. اها ڪهاڻي يوسف پنهور بہ ٻڌي هئي ۽ ٻڌڻ کان پوءِ هو سدائين مون کي "جيڏا" چئي سڏيندو هو ۽ موٽ ۾ مان بہ هن کي جيڏو چئي پاڪرن ۾ ڀري چڏيندو هئس. پوءِ اهوئي "لفظ" (جيڏا) اسان ٻنهي لاءِ سڃاڻپ بڻجي ويو ۽ اسان ٻنهي اهو ڄاتو ٿي، تہ اهو خالي لفظ نہ آهي، پر ان جي پٺيان هڪ جذبو آهي، جنهن کي هڪ معنيٰ آهي، هڪ قدر آهي. اڄ جڏهن هر معنيٰ، هر جذبو هر قدر الپ ٿي رهيو آهي، تڏهن يوسف پنهور جهڙا ماڻهو وڌيڪ ياد ٿا اچن:

## وڏي وٿ هُيام، پاروچا پنيور ۾

محمد يوسف پنهور زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ استاد هو. زرعي ڊڪشنري ناهڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. اسٽيج، ناٽڪ سان اٿاهہ دلچسپي هيس، جنهن جو محمد عمر چنڊ تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. هن ٽنڊو ڄام يونيورسٽيءَ جي حوالي سان ان ڏس ۾ جيڪا صورتحال بيان ڪئي آهي، سنڌ جي سڀني ادارن ۽ مجموعي طور پوري سنڌ جي اهائي صورتحال هئي ۽ سنڌ کي انهيءَ اُڪري صورتحال مان ٻاهر ڪڍڻ محمد يوسف پنهور جهڙن سچن ماڻهن جو ڪارنامو آهي

اسين مانائتي محمد عمر چنڊ جا ٿورائتا آهيون، جنهن ايترو ڏور کان ڪي ڏور بہ اوڏا سهرين وانگر نہ رکيو محمد يوسف کي ياد رکيو آهي، پر اسان کي بہ ياد ڏياريو آهي.

امداد حسيني

هن گڏ هڪ مضمون "مهراڻ" ۾ شايع ٿيڻ لاءِ موڪليان ٿو. اهو اسان سڀني جي پياري دوست ۽ ڊرامي ۽ موسيقيءَ جي شائق مرحوم ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جي باري ۾ آهي، جيڪو ان جي تمام عزيز ۽ ويجهي دوست ۽ ڪيترين ئي ٻولين جي ماهر محمد عمر چنڊ صاحب دارالسلام برونائيءَ مان مون ڏانهن لکي موڪليو آهي. هو اتي انگريزيءَ جو پروفيسر آهي. آءٌ اوهان جو ذاتي طور شڪر گذار رهندس جيڪڏهن اهو مضمون مهراڻ جي ايندڙ پرچي ۾ ڇپيندا. ويتر احسانمند رهندس جيڪڏهن اهو پرچو محمد عمر چنڊ صاحب ڏانهن برونائي موڪليندا. سندس ائڊريس هن ريت آهي:-

Mr. Muhammad Umer Chand.
41 B Block 'C'
Pangsa Marazmala
Jalan Kg. Kianggeh
BSB 2086 BRUNEI
DARUSSALAM.

والسلام

خير انديش

مراد علي مرزا

محمد عمر چنڊ

# آرزوئن جو پُتلو، محمد يوسف پنهور

محمد يوسف سان ملاقات، سڃاڻپ ۽ دوستي ١٩٦٢ع ۾ ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڊي ڄام ۾ ٿي. ٽي سال اسان گڏ هئاسون. ان ڪان پوءِ آءٌ هالا رهيس، مشرقي پاڪستان ويس، وري آمريڪا، ايران ۽ عراق ويس. جيڪو وقت ٽنڊي ڄام يا حيدرآباد ۾ هوس تڏهن ته ڪنهن خط پٽ لکڻ جي ضرورت ڪانه رهي.

ڊاڪٽر صاحب جا جيڪي خط مون ڏانهن مشرقي پاڪستان ايندا رهيا، آمريڪا، ايران يا عراق ۾ ايندا رهيا سي ته سڀ پاڪستان ۾ آهن يا هوندا. گذريل ڇهن سالن ۾ برونائي ۾ آيل خط تقريباً، سڀئي هڪ هنڌ آهن، سواءِ ٽن چئن جي هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا آهن.

آئون برونائي سيپٽمبر ١٩٨٥ جي آخر ۾ آيو آهيان. نومبر ١٨، ١٩٨٥ع تي خط لکيو اٿس رات جي ٽين وڳي "نيٺون ننڊ رُسي وئي آهي. رکي رکي گُونڊر گهاءِ پيا پون، دل ٻُڏي ٻيئي، هن حال ۾ تمام گهڻو ياد تو اچين، قرب جي ڪتا ڪتان شروع ڪيان؟ بس ڪا واهه ئي ڪانه ٿي سُجهي... اوهان غور ڪندؤ ته هي تمام جذباتي لفظ آهن جيڪي نه ته ڊاڪٽر محمد يوسف لکڻ جو عادي آهي، نڪي آئون پڙهڻ جو عادي آهيان. ڳالهه ڇا آهي: احمد ڀائيءَ جي بيماريءَ جو ذڪر آهي. "انساني جسم تي مشينون سوار ٿي ويون جن جي ٽِڪ ٽڪ جي آوازن ٻڌندڙن جي دلين تي دهشت ڇانئي ڇڏي.... بعد ۾ احطياتي تدبيرن ۾ ساڻس ملاقات صفا بند ٿي وئي."

اڳتي چوي ٿو تہ جڏهن (١٩٨٧ع جي فيبروري ۾) پاڪستان آئين (عراق کان) تہ همراهہ وجي ملڻ کان سوگهو ٿيو (سرڪاري مهمان جوئي صاحب جي ماڙي ۾) ۽ جيئن تڏهن ساڻس ملاقات هڻڻ مشڪل هئي تهڙي، طرح جڏهن هاڻي پاڪستان ڇڏني تہ بہ همراهہ وجي اهڙي، طرح سوگهو ٿيو جو ملاقات صفا بند... (ڏنگين ۾ ڏنل وضاحتي لفظ منهنجا آهن.) ان کان پوءِ ذڪر ٿو هلي ڊڪشنري، سگوري، جو ۽ ڊاڪٽر عبدالقادر صاحب جو ملاقات لاءِ بلينرڊ اسپتال ۾ اچڻ وغيره، ريمن جون قيمتون، مدن جون ڳالهيون، دين محمد جون ڳالهيون "سنڌ پريس جي سُورن جي تہ توهان کي بہ سُڌ آهي... وائيس چانسلر صاحب احمد کي صاف چيو آهي... احمد وعدو تہ ڪيو تہ رات ڏينهن ڪم هلائي هيءُ لغت چئن مهينن اندر آندي ويندي.. هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڇا ڏيکارجي؟ احمد ــــ ۽ ڇپائي؟ پر هاڻي شايد احمد کي احساس جاڳي تہ ڪيڏي نہ مشڪل سان سندس ڳالهہ مڃي وئي آهي. توهان (يعني آئون محمد عمر) خط ذريعي ساڻس رابطو قائم رکو تہ پوءِ لغت لاءِ بہ احساس ڏيارجوس." بيون ڳالهيون آهن هيڏانهن جون هوڏانهن جون، پر گفتگو جو دائرو ايگريڪلچر يونيورسٽي، دين محمد، عبدالحئي صاحب، عبدالرؤف صاحب، اقبال پناهہ، فلاڻي سان فلاڻي ڳالهہ ٿي، فلاڻي کي فلاڻو (منهنجو ڪم) چيو ويو آهي، وغيره. "آخر ۾ سڀني دوستن جا سلام قبول ڪندا...

بيو خط ١٣-١٢-1985ع جو آهي جنهن ۾ اول تہ منهنجي خط نہ لکڻ تي "انتظار عجيب وسوسن ۾ وڪوڙيل" جو ذڪر ڪيو اٿس، پوءِ منهنجي ڊرائيونگ لائنسس جو ذڪر ڪري لکيو اٿس تہ. "بهرڪيف هن سموري ڪم لاءِ مرحوم حاجي اسماعيل چنڊ جا اوصاف رکي رکي دل تي تريو ٿا اچن تہ "ڪنياؤن ڪاٺ ڏي ساري هاج هِينا، لاهي لَڏ لطيف چئي پرين ترٽا، ڇڏي ڳُڻ وڻا ماروئڙا ملير ۾ "ڳُڻ ڇڏي وڃڻ واري اِها ڳالهہ جهڙي اسان جي عزيز بزرگ ۽ دوست اسماعيل چنڊ مرحوم تي لڳي ٿي، تهڙي ئي مرحوم ڊاڪٽر محمد يوسف تي لڳي ٿي. سڪنهن جا پنهنجا ڳُڻ هئا.

انهيءَ خط ۾ وري احمد شيخ جي بيماريءَ جو احوال ڪيو اٿس... "اُتان واپس اچڻ تي اچا تائين گهر ۾ پَڏي، کي گاهہ، پَڏي، کي هاڻي واري حال ۾ اشرف المخلوقات رهيو پيو آهي. ملاقات جي روڪ آهي پوءِ بہ ڊڪشنري واري سلسلي ۾.... معاهدو سندس ئي لکت مطابق ساڍي چئن مهينن جو ٿيو آهي. ڪم اڃا شروع ڪونہ ٿيو آهي... دنيا جا خواب، دنيا جون حسرتون! ڪيترا پنسا جويو صاحب کي في صفحي جا، ڪيترا پنسا ڇپائي ۽ بائينڊگ جا ملڻا آهن. ڪنهن جو ڪهڙو ڪم ڪنهن کي چيو ويو آهي. فلاڻي کي مليل آسري جي ڏس ۾ ڪين چوندا تہ انشاءالله (فلاڻي) غريب جو ڪم ٿي ويندو. سلام سموري سنگت ... فلاڻا فلاڻا ۽ بين سڀني سڄڻن جا قبول ڪندا.

٨٦-٢-١٠ "توهان جو اڄ گهر ۾ خط مليو. پڙهي دل کي آٿت آئي (يا آيو!) پهرين جنوري، کان ڊڪشنري جي پرنٽنگ ورڪر فل ٽائيم جاکوڙ جو ذمو کڻي اڙجي پيو آهيان احمد گهر ۾ سوگهو آهي. بويان پريس جو حال" جَوَ ڍيري گنڌ رکپال" لڳو پيو آهي... جڏهن پوڇها ٿي سُبيا تڏهن ني اٺ ٿي رڙيا." وانگر مون تہ گهٽيون ئي رڙيون ڪيون هيون مگر احمد جو هي حال ڏسي "مِني بہ ماٺ، مُني

۽ مات" تي عمل ڀيو ڪجي."

سپاٽي ۱۱ فيبروري آهي" آصف ۽ ايرج (سندس ۽ منهنجي پٽن) جي ڄمڻ تاريخ. "هلڪو سلڪو ارادو ڪيو هئائون مگر پروگرام لاءِ ڪين پئسا سو نه پنهنجو اڳيئي لکڻ تي ڏينو پيو پري. بهرڪيف سپاٽي ڏنو ويندو پلا جي نه ته پوءِ امام خمينيءَ کي ڪٿي ياد ڪبو (انقلاب ايران، آصف ۽ ايرج جي ڄمڻ جي تاريخ ۽ مهينو ساڳيا آهن. آصف ۽ ايرج جي ٻئي سالگره تي انقلاب آيو.)

۱۵ ۽ ۱٦ نومبر ۱۹۸٦ع تي ۾ خط لکي ٿو ته ڪاپي هڪڙي ٻئي جي ٻنهي پاسن تي موڪليل اٿس. ۱۵ تاريخ واري خط ۾ لکي ٿو: احوال ته رات جا ۾ وڳا آهن. نيٽڻ ننڊ اکوڙيل آهي. رکي رکي بيحد ياد پيو اچين. ٻن راتين کان ارادو ڪندو پئي رهيس ته ڪو دل کولي خط لکجي، مگر پنهنجي دل تو آڏو اڳيئي کليل آهي. ٻيو آهيون شايد تڏهن گهڻو ياد پيو اچين.":

هن پيري ههڙي جذباتي ٿيڻ جو سبب ٻئي پئراگراف ۾ اچي ٿو. "گذريل ۱۸ ۽ ۱۹ نومبر رات جو ۸ وڳي کان ساهه جي تمام گهڻي تڪليف ٿي. بيماري ته ۾ مهينا اڳيئي اچي جسم ۾ ديرو ڄمايو هو، مگر ان رات خبر پئي ته "زندگي" ۽ "موت" ۾ حقيقي فرق ڪهڙو ٿو ٿي سگهي. دم جي تڪليف ۾ بت پگهر ۾ شل هو. بار بار ڪپڙا بدلائين، مگر ذهن منٽن ۾ پُسيو آلا ٿيو پئي پيا، وري وري بدلائين. سڪرات جهڙي ڪيفيت. ڪنگهه ته ڪانگهارو نه نڪري. ساهه نه وري. ۸ وڳي کان ۱۲ تائين هاءِ گهوڙا هُئي. بعد ۾ ۱۵ منٽن تائين پئي ٻارڙا رُنا پئي. سندس گهر واريءَ جي نالي لکي ٿو ته اُن "ياسين شريف پئي پڙهي - عبدالقادر (سندس سالو) بُت جهليو بيٺو هو ۽ پوءِ جي خبر ناهي. ۱۹ نومبر صبح جو ڏهين وڳي سول اسپتال حيدرآباد Casuality ۾ آهستي آهستي هوش آيو. نڪ ۾ سرسراهٽ محسوس ٿي. محسوس ٿيا بلڪ معلوم ٿيو ته باقي وقت آڪسيجن تي ڦڦڙ هليا هُئا. ڪي سُيون وغيره لڳيون هُيون. اسپتال کان گهر پهتس. اڄ ڪلهه علاج اهوئي ڊاڪٽر نثار احمد وٽ ٿي رهيو آهي. ڊاڪٽر چڙهڻ جي سخت منع آهي، سو گرائونڊ فلور تي سامهون واري وڏي ڪمري، ۾ رات ڏينهن رهيو پيو آهيان. هاءِ رَي جندڙي! پئي ڪٿي پساهه پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي!

"حاشيءَ ۾ لکي ٿو" هن خط لکڻ جي ٻئي ڏينهن ۲٦ نومبر تي معلوم ٿيو ته ۱۸ نومبر تي توهان... جڏهن ته هتي جيئڻ ۽ مرڻ وچ ۾ وار جيترو فرق هو. ياءِ، سڀ رب پاڪ جي وس آهي. باقي بندو ته آهي ئي آروزئن جو پتلو توهان صرف دعا ڪريو باقي سڀ الله پاڪ (تي) آ.

محمد عمر چنڊ

# ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور مرحوم

## (هڪ "آرزوئن جي پتلي" جي "چوريل چند گهڙين" جو ذڪر)

اسان وٽ بروناني دارالسلام ۾ ٣١ مئي کان ٢ جون، ٽئي ڏينهن موڪل هئي. ٽي تاريخ جون (١٩٩١) تي جڏهن آفيس ويس تہ منهنجي ڀاءُ، حاجي احمد چنڊ وٽان، ڪراچي مان ٽيليگرام پهتو، جنهن ۾ انگريزيءَ جي مختصر لفظن ۾ جاٽايل هو تہ "ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور ايڪسپايرڊ (يعني گذاري ويو.) زبان مان بي اختيار نڪتو: "اللهم صلي علي سيدنا محمد. ان لله و انا اليه راجعون." گهر پهچي غائبانہ جنازي پڙهيسون، جيئن حضور ڪريم ﷺ، پنهنجي پرپٺ ڪيل دوست، حبش جي بادشاهہ لاءِ جنازه نماز پڙهي هئي. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڇهين تاريخ، مرحوم جو خط بہ اچي پهتو. ائين محسوس ٿيو ڄڻ عالم بالا کان، اتي پهچڻ کان پوءِ، خط لکيو هجائين. "ڏاڍي ڪا مڙس جي رسائي آهي اڳئين جهان وارن وٽ." عام طرح، گهڻا ڀيرا اوهان اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌي يا ڏٺي آهي تہ اوهان يا ڪنهن ٻئي ڪي، گذاري ويل ڪنهن دوست وٽان. هن جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ڪو خط پهتو هجي. ۽ آئون خود تنو محسوس ڪريان تہ مون کي بہ وري ٻيهر ڪا اهڙي "سعادت" نصيب ٿيندي جو گذاري ويل ڪنهن دوست وٽان سندس حياتيءَ ۾ لکيل سندس آخري خط، سندن ٿي ٽيجهي يا سَتي تي اچي پهچي!

هي آخري خط، جنهن جي آئون ڳالهہ پيو ڪريان، سو ٢٣ مئي جي شام رات ۽ ٢٥ مئي جي صبح جو لکيو اٿس: سندس فرزند، محمد آصف، جي ارڙيءَ جو احوال ۽ ان جي ڪري رَب در ويهي ٻاڏائڻ" جو ذڪر ڪيو اٿس، ۽ دل کولي حالي احوالي ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. قصي کي وفات کان هڪ هفتي اڳ تائين پهچايو اٿس. ان کان پوءِ بہ ڏينهن رکي مراد علي مرزا صاحب جو، ٻي جون تي لکيل خط پهتو، جنهن ۾ قصي کي آخري ڏينهن ۽ ان کان پوءِ تائين رسايو ويو. ڏينهن ٻن جي وقفن کان پوءِ سائين عبدالحئي صاحب آخري خميس واري ملاقات جو تفصيل لکيو، ۽ منهنجي ڀاءُ حاجي احمد ڪهاڻيءَ جي رهيل "خوابن جي دنيا" واري حصي کي ڇيڙيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف جي ٻني "سهٽي" گهر کي بہ مهينا اڳ ڏٺائين ۽ جڏهن محمد يوسف سان مارچ ۾ ان جو ذڪر ڪيائين، تہ ڊاڪٽر صاحب ورائيو تہ: "اها محبت آهي جنهن جي ڪري انسان هڪ ٻئي کي ڳوليندو رهي ٿو."

اهڙيءَ طرح جڏهن ڪڙي ڪڙيءَ سان ملي تڏهن ڪهاڻي وڃي پوري ٿي، ۽ "آرزوئن جي هن پتلي" جي "چند چورايل گهڙين" جو قصو پورو ٿيو.

وڏي عجب جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ جيڪو ماڻهو هونئن خطن لکڻ جو ڪو هرو ڀرو اهڙو شوقين بہ

ناهي، ۽ جنهن جي خطن لکڻ جي رفتار اهڙي آهي جو آڪٽوبر ١٩٨٨ع کان پوءِ ٻيو خط وري پورن ٻن سالن کان پوءِ ١٩٩٠ع جي سيپٽمبر ۾ ٿو لکي، سو ساڳيو ماڻهو ـــ وقت ويجهي اچڻ ڪري؟ هڪڙي ئي مهيني ۾ ٻه خط، هڪ ٻئي جي پويان ٿو لکي: هڪڙو خط مئي جي ٻيءَ تاريخ ته ٻيو ان جي ورنديءَ جي ورنديءَ ۾ انهيءَ ساڳئي مهيني جي ٢٣ ـ ٢٥ تاريخ پنهنجي وفات کان پورو هڪ هفتو اڳ لکي موڪلي ٿو، ۽ خط جي منزل تائين پهچڻ کان اڳ ئي پاڻ راهه رباني وٺي روانو ٿي وڃي ٿو.

جيڪڏهن انهيءَ خيال سان ڏسجي ته چئِڻ واري ٻيون نشانيون به ڇڏيون آهن: ٻي مئي واري خط ۾ لکي ٿو: "وري الائي ڪڏهن خط لکين!"

اهڙو حسرت ڀريل جملو نه پاڻ اڳي لکيائين، نه آئون اهڙن جملن پڙهڻ جو عادي. نڪي مون کي ان جملي پڙهڻ وقت ان جي ڪا ڳجهي معنيٰ سمجهه ۾ آئي ـــ (جنهن معنيٰ ڪيڻ جي هاڻي آئون ڪوشش ڪري رهيو آهيان.)

وري خطن جي فائل ڏانهن ٿو نظر ڪريان ته سڀني پراڻن خطن جي مٿان سرنامو لکيل آهي:

"برادرم محمد عمر چنڊ"

سواءِ ٽن خطن جي: سٽايل سنڌين جي ڪئمپ مان ١٧ سيپٽمبر ١٩٩٠ تي خط لکيو اٿس. ان جي سرنامي مان بيگانگي جو اظهار ٿو ٿئي: "محترم عمر چنڊ صاحب".

"اهڙي طرز عمل جو سبب اڳتي خط پڙهڻ سان سمجهه ۾ اچي ٿو:

"هتي وارن همراهن تي ڏوراپو آهي جو هن حال ۾ ڪڏهن حال به معمول ڪرڻ نه آيا آهن. افسوس ته تنهنجو به آهي ته (جو) خط لکڻ کان ڪافي عرصي کان نابري واريو ويٺو آهين. شايد تون ياد نٿو ڪرين ته هتي وارا به نٿا پڇن. اندر جا اولاڻا ته وڏا آهن! وري ڪنهن ويل ويهي اوربا هن وقت ايرج، منيب، عثمان ۽ اديءَ جن کي سلام..."

خط ختم ٿيندي ٿيندي، اولاڻن ڏانهن رڳو اشارو ڪندي، حضرت يوسف عليه السلام وانگي ريجهي ٻئي ٿو ـــ "اج اوهان تي ڪا ميار ڪانهي" (لا تثريب عليکم اليوم) جي هير لڳي ٿي، ۽ خط جي حاشيي ۾ وري "پاڻپي" جي ڳالهه ڳري ٿي وڃي ٿي. لکي ٿو:

"ادا، تنهنجي مضمون جي فوٽو ڪاپي هن خط سان گڏ ارسال ڪري رهيوآهيان جيڪو هتي ورهايو اٿم."

اهو مضمون ويچارن خادم وطن وارن ترجمو ڪري ڇاپيو هو جنهن ۾ اسان پنهنجي اندر جو ذڪر ڪيو هو. ڪن لاءِ لوڪ ڪٿا، ڪن لاءِ جڳ ڪٿا، ڪن لاءِ آپ ڪٿا.

ٻيا به خط جيڪي هميشه واري "برادرم محمد عمر" جي نهج کان هٽيل آهن، سي آهن اڳي ڪنهن به خط جو سرنامو اهڙو ناهي:

"محترم ڀاءُ محمد عمر چنڊ، ادي زهره، ايرج، منيب ۽ عثمان شال سڀ خوش و خورم هجو."

"محترم پيارا ڀاءُ محمد عمر چنڊ ۽ اهل و عيال
السلام عليڪم و رحمت الله وبرڪاته. چو نہ چنجي: وعليڪم السلام و مغفرتہ في الدنيا والاخرت
٢٤ ـ ٢٥ تاريخ وارو خط دراصل ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: پهريون حصو دوستن جي علي محمد چنڊ صاحب جي گهر گڏجاڻيءَ ڪان اڳ لکيو اٿس ـ ۽ جهڙو ڪر خط پورو ڪري لفافي ۾ وجهي ڇڏيو اٿس ۽ ٻيو حصو چنڊ صاحب جي گهران "اوچتي" سڏ تان موٽي اچڻ ڪان پوءِ لکيو اٿس.
پهرئين حصي ۾ آصف ميان (سندس وڏي فرزند) جي هتي اچڪلهہ وچڙندڙ مرض ارڙي ۾ ورتل هئڻ جو احوال لکيو اٿس.
"ماٺس ٻيا ٻارڙا ساڻ ڪري هڪ ڪمري ۾ ڪئمپ لڳايو ويٺي آهي. باقي مون گذريل ٽي چار راتيون ۽ ڏينهن نمر جي تاري ڦيرائيندي ۽ رات ڏينهن رب در ٻاڏائيندي، بيمار حال سارو همايون ۽ بابر وارو منظر ۽ ٻيا قصا ۽ ڪهاڻيون ياد ڪندي، جڏو جيءُ ٻي گهاريو. اڄ جمعي ڏينهن (٢٤ مئي تي) شام جو همراهہ وچي آرام ۾ آيو آهي، تڏهن چند گهڙيون چورائي، ترَ تڪڙَ ۾، توهان واري مليل خط جو جواب لکي رهيو آهيان."
بابر ۽ همايون وارو منظر ياد ڪرڻ، رب سائين جي در ٻاڏائڻ ۽ انهن ڳالهين ڪان پوءِ اجهو ائين هٿن تي پرتا ٿيڻ، جيڪڏهن ڏسجي تہ، وڏي معنيٰ ٿو رکي. "۽ ٻيا قصا ۽ ڪهاڻيون" جيڪي محمد يوسف ويهي ڪيون آهن تن مان هڪڙو قصو اسان جي گڏيل دوست ۽ بزرگ مرحوم محمد اسماعيل چنڊ جو قصو آهي. سندس فرزند، عزيزالله، ١٩٨٥ع ۾ پيٽ جي ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو. ڊاڪٽرن آپريشن ڪيا، محمد اسماعيل ويهي دعائون گهريون. چوڪر جو صحتياب ٿيڻ ڊاڪٽرن لاءِ بہ هڪڙي معجزي ڪان گهٽ ڪونہ هو. هيڏانهن عزيز الله صحت ياب ٿي گهر پهتو، هوڏانهن حاجي الله توهار ڪئي. ماڻهو سڀ حيرت ۾ هئا تہ اهو ڇا ٿي ويو. ڪن ماڻهن ان وقت بہ بابر ۽ همايون واري قصي ڪي اُتي ملائڻ جو ذڪر ڪيو. اها ڳالهہ مرحوم محمد يوسف ڪي بہ ياد هئي. اهو ساڳيو حاجي محمد اسماعيل مرحوم هو جنهن جي متعلق محمد يوسف گهڻو پوءِ مون ڪي لکيو: "مرحوم حاجي محمد اسماعيل جا اوصاف رکي رکي دل تي تريو تا اچن تہ:

ڪنيائون ڪاٿر ڏي ساري هاڃ هيئا
لاهي لَڏ لطيف چئي پرين تر ٿئا
ڇڏي ڳُڻَ وئا، ماروئڙا ملير ۾.

ويندڙن جا ڳُڻ ئي آهن جن ڪي ياد ڪري دوست احباب، مٽ مائٽ دل ڪي آٿت ڏين تا. حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام الله تعاليٰ ڪان دعا گهري تہ:
"واجعل لي لسان صدق في الآخرين (سورت الشعراء، آية ٨٤)
(۽ پريان ايندڙن ۾ منهنجي چڱي يادگيري قائم ڪجانءِ، جيئن هو مون ڪي صدق واري زبان سان ياد ڪن.)
"بابر ۽ همايون وارا منظر ۽ ٻيا قصا ۽ ڪهاڻيون" ياد ڪرڻ ڪان پوءِ: سنت ئي محمد يوسف سان

اهو واقعو ٿيو. "(جڏهن واقع ٿيڻ واري ڳالهہ واقع ٿيندي، جنهن جي واقع ٿيڻ ۾ ڪو ڪوڙ ڪونهي"، ۽ جنهن جو واقع ٿيڻ ڪن لاءِ جُهڪڻ يا ذلت جو سبب هوندو" ۽ ڪن لاءِ اوچي يا مٿاهين ٿيڻ جو: ("اذا وقعة الواقعة. ليس لوقعتها كاذبة. خافضة رافعة.") پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ الله سائينءَ وٽ ڪا عمرين جي يا ڇوٽي پاٽيءَ جي ڪوٽ آهي سو هڪڙن ڪان عمريون ۽ ڇُوٽا پاٽي انهيءَ لاءِ ڦريندو تہ جيئن بين ڪي ڏني سگهي؛ انهيءَ جو مطلب اهو بہ هرگز ناهي تہ هڪڙن جي تمنا ڪرڻ يا دعا گهرڻ سان سندن عمريون بين ڪي "لڳي" ويندي ون. جنهن ڪي جيتري عمر ڏني اٿس تنهن مان تر جيتري بہ گهٽ ٿيڻي ناهي. پر اهڙيءَ سڌ، خواهش يا دعا مان بہ ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون: "اول تہ انهيءَ مان اهڙي سڌ ڪرڻ واري جي محبت جي انتها ۾ قربانيءَ جو جذبو جو اظهار ٿو ٿئي جو هڪڙو ماڻهو ٻئي جي زندگيءَ جي تمنا ڪري ۽ پنهنجي زندگي ان تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي، اهڙي قسم جو جذبو ايڏو سستو ڪونہ ٿو هٿ اچي. هر ڪنهن جي وس جي اها ڳالهہ ناهي.

ٻي ڳالهہ، جيڪا پهرئين ڪان وڌيڪ اهم آهي سا اها آهي تہ الله تعاليٰ ڪو سبب پيدا ٿو ڪري "نقصان جي ڏِپ" جو جيئن سندس ٻانهون ڏانهس متوجهہ ٿئي. اها ڪيڏي نہ الله تعاليٰ جي مهرباني ٿي ٿئي جو ٻانڻ ڏانهن گهرائڻ ڪان اڳ ڪو بهانو، ڪو سبب پيدا ڪري ٿو ڏني ڪانئس ٻاڏائڻ جو "... باقي مون گذريل ٽي چار راتيون ۽ ڏينهن نم جي ٿاري ڦيرائيندي ۽ رات ڏينهن رب در ٻاڏائيندي ٻئي گهاريو..."

> "... ۽ اوهان کي پو (ڏِپ) ۽ بک ۽ مالن جي ۽ جندن جي ۽ ميون جي گهٽتائيءَ مان ڪنهن شيءِ سان ضرور پرکينداسون. پوءِ (انهن پرکن تي) صبر ڪرڻ وارن کي خوشخبري ڏي!. جن کي جڏهن ڪا اوکائي پهچي ٿي تہ چون ٿا تہ اسين الله جا ٻانها آهيون ۽ اسين الله ڏانهن موٽندڙ آهيون. (۲:۱۵۴)

الله ڏانهن موٽڻ (رجوع ٿيڻ) جو مطلب رڳو مري وڃڻ جو ناهي، پر الله تعاليٰ ڏانهن رجوع ٿيڻ، راغب ٿيڻ، متوجهہ ٿيڻ، ڪيس ٻاڏائڻ ۽ ڪانئس دعا گهرڻ بہ آهي. پوءِ جيڪو الله تعاليٰ ڏانهن اهڙي طرح رجوع ٿئي ٿو، راغب ٿئي ٿو، تنهن تي الله ٻاجهون (صلواتون) ۽ رحمت ٿو موڪلي ۽ يقين ٿو ڏياري تہ اهي ئي سڌيءَ واٽ وارا آهن:

اولائک عليهم صلواة مِنّ رّبهم ورحمة وَ اُولائک هم المهتدون. (۲:۱۵۷)

جنهن ماڻهوءَ کي جنهن وقت مرڻو آهي، ان کي ظاهر آهي تہ ان وقت ئي مرڻو آهي. پر جيڪڏهن ماڻهو دنيا جي سوچن ويچارن، ڳڻتين، ڏکن ۽ غمن يا خوشين ۽ شادمانين ۾ ايترو گم هجي جو ڪانئس الله تعاليٰ جي هئڻ نہ هئڻ يا سندس احڪامن جي ڳالهہ ئي وسري وڃي، تيستائين جو اوچتو اجل اچي پهچي ۽ "رب در ٻاڏائڻ" ڪان سواءِ ئي هليو وڃي تہ ان ڪان وڌيڪ بدنصيبي ٻي ڪهڙي ٿيندي. بندو سڏائي هڪڙي ڏٺيءَ جو، پر پرڪار رکي ٻاڻ ڏٺي سڏائڻ جا: پنهنجيءَ ۾ ايڏو غرق هجي جو الله وسري وڃيس ۽ اوچتو ساهہ هليو وڃيس. ۽ "فلاتموتن اِلّا و انتم مسلمون" (۽ پوءِ متان مٿا

آهيو مسلمان هئڻ ڪان سواءِ: ۲:۱۳۲) جو حق ادا نہ ٿئي: اها تہ وڏي گهاٽي ۽ نقصان واري حياتي ڇئبي. ان جي بدران اها الله تعاليٰ جي وڏي نعمت ۽ نوازش چنجي جو پاڻ ڏانهن سڏائڻ ڪان اڳ پاڻ ڏانهن راغب بہ ڪري ـــ ان لاءِ بظاهر اهڙو سبب پيدا ڪري جو ماڻهو "رات ڏينهن رب در پاڏائڻ" کي لڳي وڃي. جيڪي ڪيس پاڏائين ٿا، تن مان پاڻ راضي ٿو ٿئي. هونئن نہ تہ جيڪر گهڙو ڪنيار گهڙيو آهي سو نيٺ تہ ڀُرٽو آهي، پڄڻو آهي، پر جي "ور ڙي ميهر يار" پاڪاريندي پُري تہ:

"گهڙو پَڳو، تہ گهوريو، وسيلا وِٺا،
تهان پوءِ سُئا، سُهڻيءَ سڏ ميهار جا".

ٻن صفحن جو اهو خط لکي پورو ڪيو اٿس تہ "اوچتو" علي محمد چنہ صاحب جي گاڏي آئي آهي. "دوستن سان ڪچهري ڪرڻ جو موڊ ٿيو هوس!" پلا، نيٺ ڪا تہ ڪچهري ٿيڻي آهي! ڪير وقت گذري وڃڻ ڪان پوءِ ٿو ساري، ڪير وقت گذري وڃڻ ڪان اڳ ئي ٿو ساري!

پر "ڪانہ زهندي ڪا هِت جيڏيون" (چو جو) "هي سڀ هلڻ هارا!" نڪي ڪنهي کي ڪا خبر تہ ڪچهرين ڪرڻ وارن مان ڪهڙي جي ڪچهري پرجي آئي آهي، ڪهڙو اڳ آهي، ڪهڙو پوءِ آهي! چوي ٿو "پنهنجا پاڻ ۾ هناسين!" ڪهڙي خبر تہ اهو وقت ويجهو اچي ويو هو جنهن ۾ ڪير پنهنجا ڪونہ ٿيڻا هئا. پنهنجا بہ پراوا ٿيڻا هئا. "پنهنجا پاڻ ۾ هناسين... سواءِ احمد پانيءَ جي." چوي ٿو "احمد پاني حسب معمول پروگرام رکي پهتو ڪونہ، بلڪہ سندس چوڻ هو تہ

ڪتان نہ ڪتان ٽيليفون تي رابطو قائم ڪندو... پر همراه رابطو قائم نہ ڪيو ۽ اهڙي ريت ..." (فون ڪجو "لفظ اهڙي ريت" جهڙو ڪر همراه گهڻي وقت کان ڪنهن ثبوت جي تلاش ۾ هو سو اجهو هينئر ڪيس مس مس مليو آهي ـــ).." پنهنجو عادتي مقولو تہ "وعده وفائيءَ جو احمد پانيءَ سان ڪوڙونئي ڪونہ ٿو لڳي" سورهن آنا سچو ثابت ٿيو." انهيءَ تي مون کي غالب وارو شعر ياد ٿو اچي تہ:

تري وعدي پہ جئي هم تو يہ جان جهوٽ جانا،
ڪہ خوشي سي مر نہ جاتي اگر اعتبار هوتا.

خط جي انهيءَ پهرئين حصي جي آخر ۾ هڪڙي ٻي بہ عجيب اهڙي ڳالهہ لکي اٿس. سندس يونيورسٽي ۾ ان جي گذريل ۽ موجوده منتظمين جو ذڪر ڪندي آخر ۾ لکي ٿو، "خير وري بہ شڪرالحمدالله جو حميد جي دل ۾ آيو جنهن پروموشنن جي ديگ چاڙهي ۽ ۸۵ جڻن ۾ مون مسڪين جو پلو ٿيو. (ها آهي دردوندي ڪتا. باقي تاريخ ياد ناهي تہ (پروموشن جو) آرڊر ڪڏهن مليو. توهان ايندا تہ "جهڙو حال حبيبان ـــ" مناٽي حاضر آهي." جڏهن توهان ايندا تہ. ...ڪٿي ايندا سا نہ چوڻ جي ڳالهہ ئي ناهي جهڙو ڪر سيڪنهن کي خبر آهي ـــ پر سيڪو ڄاڻي ٻجهي اڻڄاڻ پٽبو آهي. جيڪا شيءَ حاضر آهي سا تہ حاضر ئي حاضر آهي، رڳو اتي پهچڻ جي دير آهي. توهان ايندا... ڪٿي ايندا، ڪڏهن ايندا هيءَ جو چوندا آهن تہ "يا نصيب!" تنهن جو مطلب اهوئي آهي. نصيب معني حصو، ڀاڱو.

نصيب حصو. يا ﭘاڳو تہ سيڪنهن کي ملڻو آهي، پر الائي ڪهڙو حصو ڪٿي ملڻو آهي! تنهن جي ڪنهن کي ڪهڙي ڪَل!

انهيءَ ڳالهہ تان وري هڪڙي ٻي ڳالهہ ذهن ۾ اچي ٿي. نومبر ۾ منهنجي والد صاحب جي آپريشن ٿي. آپريشن تہ ڊاڪٽرن جي حساب سان ڪامياب وي، پر اڳين وٽ دنيا سان دل لڳائي زندهہ رهڻ جي شايد ايڏي وڏي تمنا نہ هئي. چيائون تہ "بس هاڻي ڇُوٽو ﭘاڻي ﭘورو ٿيو."

اسان هتي هزارين ميل پري برونائي (بونيو ٻيٽ ۾) نوڪرين جي چڪرن ۾ گهيريل ۽ وڪوڙيل. اسان ائين ڊسمبر تي هتان رواني ٿيڻ جو پروگرام ناهيو. پنهنجي خيال ۾ حساب مطابق تہ اسان وقت تي روانا ٿياسون ۽ وقت تي سنڌ اچي پهتاسون، پر قدرت جي قانون جي حساب مطابق اسان کي گهڻي اوير ٿي وئي. اسان هِتان دارالسلام مان روانا ٿياسون دارالوطن ڏانهن والد صاحب اُتاهين روانا ٿيا، دارالبقاء ڏانهن! پهتاسون سهي، پر زندگيءَ واري آخري ملاقات کانہ ٿي. ايندي ئي والد صاحب جي تدفين ۾ شامل ٿياسين. والد صاحب جن وفات کان اڳ اسان جي انتظار ۾ هئا. اجا حال ۾ هئا تہ ڪراچيءَ ﭘاڻ وٽ انتظار ڪيائون. اسان کي اچڻ ۾ دير ٿي، سندن وقت اچي ويجهو پهتو تہ ﭘاڻ ٽنڊي ڄام اچي انتظار ڪيائون. آخري وقت اجا بہ ويجهو اچي پهتو تہ ڊاڪٽر محمد يوسف کي گُهرايائون.

"سنَڌِي سِڪَ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي."

"غالب نديم دوست سي آتِي هي بوئي دوست."

خبر چار مختصر ٿي هوندي جو ضعف جي ڪري ڳالهائڻ جي سگهہ کانہ هُين.

ڊاڪٽر صاحب کان بابا سائين پڇيو: "آصف!"

(ڊاڪٽر صاحب جو پٽ محمد آصف ۽ اسان جو ايرج هڪڙي سال، هڪڙي مهيني هڪڙي تاريخ، هڪڙي ڏينهن تہ ڇا، ويندي هڪڙي وقت ڄاول آهن.)

ڊاڪٽر صاحب وراڻيو: "گهر!"

ان ڏينهن شام جو والد صاحب وفات ڪئي — اسان جي پهچڻ کان چار پنج پهر اڳ. اسين اجا والد جي پٿر تي ئي هئاسون جو ڊاڪٽر صاحب جي والده لاڏاڻو ڪيو.

اوڙي ﭘاڙي وارا گذرندا آهن تہ اسان ﭘائيندا آهيون تہ "اها جُڳَ ٻين سان ٿيندي آهي: اسان سان ڪانہ ٿيندي!" ويجها مائٽ عزيز گذاريندا آهن تہ ﭘائيندا آهيون تہ "اهو تہ پڪل ميوو هو سو تہ ڇڻڻو هو. اسان جو وارو اجا پري آهي!" پر جڏهن نيهن سالن جو ڪو دوست، هڪ روح ٻہ قالب، گذاري ٿو تہ محسوس ٿو ٿئي تہ ڏاتي وارو پريان دڪا دڙيون لُٽي لئي اچي هن ول کي ويجهو پهتو آهي. لٽڻ واري ويجها اچي هٿ وڌا آهن. آيو ڪي آيو. الله تعاليٰ فرمايو:

"اِنهُم يَرونَہ بَعِيداً. وَنَراهُم قَرِيبًا. جو تہ ڪافر انهيءَ (ڏينهن) کي پري ڏسن ٿا. ۽ اسين ان کي ويجهو ٿا ڏسون. "(سورت المعارج، آيتون ٦ ۽ ٧).

١٩٦٢ع ۾ اسان ايگريڪلچر ڪاليج ۾ داخل ٿياسون. ٽنڊي ڄام ۾ گهر هوندي بہ آئون هاسٽل ۾

پاسي ڪو وري "زندگي ديني والي سُن" تي ڪنهن جي ناهيل پئروڊي ڳائيندو: "ڇوڪري ديني والي سُن، تيري بيٺي سي جي پرگيا، مين يهان جيتي جي مرگيا... سالا مهمان هي، سالي مهمان هي، گهر هي يا ٿان هي... جيسي گهوڙون سي گهر پرگيا...!"

واپسي ۾ وري به آسمان مٿي تي. پاڙي وارن جون ننڊون حرام. ويچارا پاڙي وارا پرديسي گلگلت وغيره کان آيل. هاسٽل واردن کي وڃي شڪايتون ڪندا: "سر فلاڻا، هماري ڪان مين چيختا هي"، گهڻي دير کان پو وڃي سمهي رهبو. الائي ڪڏهن ننڊ ايندي، صبح جو وري سوير اٿڻو هوندو. ڪي سهاڃا وڃي نمازون پڙهي ايندا. ناشتا پاڻي ٿيندا، ۽ پڇبو پريڪٽيڪل ڏي يا ڪلاس ڏي.

هاسٽل ۾ مرحوم محمد موسيٰ اڄڻ جو ڪمرو اسان جي ڪمري جي پرسان ئي هوندو هو. اڄڻ مرحوم کي شوق ٿيندو هو ته ڪنهن نموني چرچن ۾ محمد يوسف کي ماري يا ٻئي ڪنهن جي هٿان مارائي، چرچبازن جو پورو ٽولو وٺي، اسان جي ڪمري جي دريءَ جي ٻاهران ڪٺ وجهي پلٽ ماري اچي ويهندا. اسان اندر ڪمري ۾ محصور، پڇڻ جون سڀ راهون بند. اوڙي پاڙي وارن کي اطلاع ڏنو ويندو. چي: "اڄ يوسف جو خير ناهي. اڄ يوسف سان جيڪا ٿيندي، سا راڄ ڏسندا." يوسف لاءِ خاص چرچا تيار ڪيا ويا هوندا. علي احمد مگريو، عبدالرحمان مگريو ۽ ٻيا محمد موسيٰ جا پڙهايل گهيرو ڪري، ٽانيڪا ٽي اچي ويهندا. پاڙي وارا سڀ تماشي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا. حملو شروع ٿيندو. هِتان يوڳن جا بم ڪرندا، هُتان مزائيل ته هُتان راڪيٽ. (اڄڪلهه جي اصطلاح مطابق، اهڙا لفظ ته اسان ٻڌا به ڪونه هئا تڏهن) گهيري هيٺ، اندر اسين ٻه هونداسون، ٻيو سڄو راڄ ٻاهر. اسان ٻن مان به آئون ته ٿيس مٿي ڪنهڻ ۾ پورو مون کي ڪهڙي خبر ته چرچن جو جواب ڪيئن ڏبو. رهيو محمد يوسف سو هڪڙو ئي رانجها لکن دا مٺ! ڪنهن چرچو هنيو ناهي، ان جو جواب مزٺ ۾ مليو ناهيس. هيڏانهن هڻ، ته هوڏانهن کڻ. ڪو سڄي لڱين بچي نه وڃي. جنهن جيڪو چرچو ڪيو سو ان کي ماڳهين ڳچيءَ ۾ پيو. هڪڙو اڌ چرچو، جيڪو وڏين محنتن سان چئن پنجن ماڻهن گڏجي ناهيو هوندو سو ته ٻيئي پير محمد يوسف جي جوابي ڪارواڻي هٿان پرزا پرزا ٿي ويندو. اڌ ڪلاڪ جي اندر ڏس ته پاڙي تي آندل چرچائي ميدان ڇڏي لڪڻ ۾ پورا هوندا. پر هتان جو محمد يوسف جو وات ڪولرايو اٿانون سو ڪٿي ٿو بند ٿئي. وڏي وات سان گڏ هتي الله سائين محمد يوسف کي مٿو ۽ ميڄالو به سرس ڏني ڇڏيا هئا. چرچائين جي ٻول چورڻ سان هتي جڻ ڪمپيوٽر جو بٽڻ ڪنهن دٻائي ڇڏيو. هڪڙو لفظ ٻئي لفظ کي ٽيڙيندو هڪڙو چرچو ٻئي چرچي کي جنم ڏيندو. چرچن جي سنگهر هوندي اڻ ڳٽي، اڻ مٽي، آواز به هوندس وڏو سو هونئن ئي آواز تي ماڻهن تي ڇانئجي ويندو. پر هتي مڙس حاضر جواب اهڙو هوندو جو جڻ شاعر في البديهه شعر جوڙيندو هجي، هتي هڪڙي ڳالهه مان بي ڳالهه نڪرندي ويندي، هڪڙي پوڳ مان ٻيو پوڳ نهندو ويندو هڪڙي ڏڪ مان ٻيو ڏڪ لڳندو ويندو. ٻڌڻ وارا هوندا، تن جا ٻئي هٿ پيٽ ۾! ڪل ۾ هوندا ڪيرا. ڪير جو ٽورو ڪلي! "ڪلندي ڪلندي گوڏن سُورا!" اُڄڻ مرحوم ۽ مگريا هوندا ويچارا، تن جي لڪڻ جون جايون ڪٿي پونديون پائيندا ته ڪٿان ڪو وجهه ملي ته پڇي جان ڇڏائجي. پر هتي ته پاڻ ئي گهيرو ڪرايو ويٺا هوندا سو گهيرو هاٽي ڪِٿي

تو آسانيءَ سان ٽُٽي. نيٺ بان ڪري، ٻوٽ ڦلهو ڪري موٽندا، سوڙ شرمندگيءَ جي اوڍي وڃي سمهي رهندا. پر ٻئي ڏينهن کان وري تياريون ٿينديون بدلي وٺڻ جون. ڪي ڏينهن خدا جا ڇڏي، وري حملو ڪندا. پر اهو وري به ٿيندو ککر ۾ ڪڙي هڻڻ جي مصداق. هو جيڪي تازا چرچا ٺاهي ايندا، سي وري به پوندن ٻچيءَ ۾! ڳالهائڻ ۾ محمد يوسف سان ڪير پُڄي! ڳوهه ڪي ڪٿي ڪٿي ته ڳولهي شڪارين جا گهر چرچائي ڪي ڪٿي ڪٿي ته پوڳ ڪري محمد يوسف جي قد بت ۽ ڊيل ڊول تي، مٿي ۽ آواز تي!

ان زماني ۾ هفتي جي موڪل ٿيندي هئي آچر جي ڏينهن. آچر تي هوندن ته هاسٽل ۾ به گهٽائي ڪم هوندا ڪرڻ لاءِ. ڪڏهن وري محمد يوسف ڳوٺ به ويندو ـــ هوسڙيءَ جي ديهه پنوهاريءَ ۾، پر جڏهن ڏوڪڙ هوندا فلم ڏسڻ جيترا، ۽ ڪا پراڻي فلم نئين سر لڳي هوندي يا ڪا نئين فلم تازي آئي هوندي، ته وڃبو حيدرآباد فلم ڏسڻ. تنهن چام کان حيدرآباد سرڪاري طور يارهن ميل هئا، پر ان زماني ۾ سفر "اٺانگا" هئا. اهي يارهن ميل به وڏي منزل هئي. بسون تڏهن عام جام ڪونه هيون، ان ڪري بار هو سچو ريل گاڏيءَ تي. ڏينهن جي چوويهن ڪلاڪن ۾ تڏهن ته الائي ٻارهن گاڏيون هرهڪ پاسي وينديون هيون. ڀاڙو شايد ڇهه آنا يا اٺ آنا هو. ڦليليءَ واريون سئنيمائون. نورمحل ۽ قيصر گهڻو ڪري پراڻيون فلمون هلائينديون هيون. جيڪڏهن وڃڻو هوندو انهن سئنيمائن ڏي ته دعائون پيون ڪبيون ته ڦليلي پاور هائوس وارو سنگل هيٺ ڪيل نه هجي، ته جيئن وڃهه ملي وڃي اتي ئي لهي پوڻ جو، جي ٿو مولا ٻڌي ته وهه ـ واهه ٿي ويندي. اتي ڦليليءَ وٽ گاڏي مان لهي پوڻ جو لڳائبو ڪڙين تي زور. چار آنا جيڪي اسٽيشن کان تانگي واري کي ڏجن ها، سي به بچيا، سويرو ماٺهو سئنيما تي پهچي به ويو. لائن ۾ لڳي ٽڪيٽ به اڳواٽ وٺي ورتو. ڇهين ٻارهين آني ۾، ريئي ڏيڊ ريئي ۾، سئنيما خريد ڪري، ان تي قبضو ڪري، براجمان ٿي، مڱ ٿي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ويهي رهبو. جي پئسو هوندو ۽ سڌ تي ته ڪاڄن ۽ پڪوڙن واري جي به سلامي پربي. فلمن جي عشق ۾ نڪي پنڌ جوانن کي ماري، نڪي گرڌي ڏکي لڳي، نڪي پڪوڙن يا ڪاڄن مان ڪو پيٽ ۾ سور ٿئي. فلم شروع ٿيڻ کان اڳ اهڙي خشوع ۽ خضوع سان، همه تن گوش ٿي ويهبو، جو مجال آهي جو ڪو آواز ڪَسي، ڪو ڊايلاگ اسان جي ڪنن تي نه پوي گوتم ٻڌ به اهڙو ڌيان نه ڪاٿيو هوندو.

فلم ڏسي ٻاهر اچبو ته سئنيما ڏسڻ کان اڳ واري ٻاهرين دنيا، اها ساڳي دنيا نه رهي هوندي! ٿيندي ٻچار فلم جي. شروع ۾ ته ڇا، ريل گاڏيءَ ۾ ته ڇا، اسٽيشن کان هاسٽل تائين وري پنڌ ۾ ته ڇا، هاسٽل ۾ پهچڻ کان پوءِ ته ڇا. ڪو هڪڙو لمحو نه هوندو جيڪو انهيءَ محبوب حقيقي جي ٻچارن کان وانجهيل رهجي وڃي. فلم جي ڪهاڻيءَ تي بحث ٿيندا، فلم جي شروع ٿيڻ جي انداز تي بحث ٿيندا. ايڪٽنگ، هدايتڪاري، ڳائڻ ۽ انهن جي لفظن ۽ ڌنن تي بحث ٿيندا. اسٽيج جي سيٽن، ڊايلاگن ۽ ٻي هر ڳالهه تي بحث ٿيندا. ڪهاڻيءَ جو ڪهڙو حصو ڪهڙي ڪنهن انگريزي يا پراڻي هندوستاني پاڪستاني فلم تان ورتل آهي، ڪهڙو ڳائڻو، يا ڪهڙي ڳائڻي جي ڪهڙي ڌن ڪهڙي اڳئين ڪنهن ڳائڻي تان چورايل آهي.

فلم ۾ کهڙيون ڪوتاهيون رهجي ويون آهن. اهي ڪوتاهيون ڪيئن سوليون ڪجن ها. انهن سڀني ڳالهين تي ڏي وٺ ٿيندي. هڪڙا هڪڙي ڳالهه چوندا، ٻيا ٻي ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ويهندا.

شرطون لڳنديون. ٻين کان رايا ورتا ويندا. هڪڙو ڏينهن ڇا، هڪڙو هفتو ڇا، هتي ته جيسين وري ڪنهن ٻي فلم جو جادو متي تي سوار نه ٿئي، تيسين انهيءَ ويچاري فلم جا ڦوندا ڦوندا ٿي ويندا. فلم جا آنڊا پٽا، فلم جون گجيون ۽ اوجهريون سڀ ڪڍي، ڊائسيڪٽ ڪري، اڇلي ٻاهر ڪندا. فلم ۾ وري جيڪي "چڱايون" هونديون، تن جي تعريف ۾ سخن جا درياهه وهائي ڇڏبا. ڪو ڊائلاگ ٿيو ناهي، ڪو گانو دل کي سنو لڳو ناهي، ڪا سيٽنگ، ڪا هدايتڪاري دل کي وڻي ناهي، واڪاڻ جا درياهه وهائي ڇڏبا.

مون کي ياد آهي ته ڪيئن اسان وڏي اتساهه سان نيومنجسٽڪ سنيما ۾ پراڻي فلم "روٽي" ڏسڻ وياسين. ۽ ڪيترا ڏينهن ان فلم جون ڳالهيون ٿينديون رهيون. ڪيترو وقت ان فلم جون ڳالهيون ذهن تي ڇانيل رهيون. ٻئي ڀيري فلم "هملوگ" ڏسڻ وياسين. نوتن ان ۾ هيروئن هئي. هڪ حساس، غريب، مريض، پر صلاحيتن واري ڇوڪري. ڪميونٽي لاءِ هڪڙو ناٽڪ ٿي لکي. مامهس کي چوي ٿي ته "ماما، مون به ناٽڪ لکيو آهي!" بظاهر انهيءَ سادي جملي ۾ هوندي ته ڪا خاص ڳالهه ڪانهي، پر محمد يوسف لاءِ "وهه تير ميري سيني په مارا که هاءِ هاءِ!" جي مصداق اهو جملو اهڙو ته دل کي وڻيس جو زندگيءَ پر نه وسريس. جهڙو ڪر هن پنهنجي ناٽڪ جي ڳالهه نه پر محمد يوسف جي ناٽڪ جي ڳالهه تي ڪئي.

خوشتر آن باشد که سِرِ دلبران
گفت آيد در حديثِ ديگران.

ناٽڪ ۾ بي، ايڇ، ڊي ڪرڻ محمد يوسف جي زندگيءَ جي پهرين وڏي تمنا هئي، پهريون وڏيون وڏيون ڪاميابيون به کيس ناٽڪ جي ذريعي حاصل ٿيون ۽، جينئن اڳ عرض ٿيو. اسان جي سڃاڻپ به ناٽڪ جي ڪري ٿي.

ڪاليج جي پهرئين سال ۾ هئاسون، پاڙي ۾ رهندي به هڪ ٻئي کان غير واقف هئاسون. تان جو ڊرامي لاءِ سڏ ٿيو. اتي هڪ ٻئي کي ڏٺوسين، سڃاتوسين، پرکيوسين، ۽ محمد يوسف جي پهرين وڏي ڪاميابيءَ جو داستان شروع ٿيو.

اسان جي اچڻ کان اڳ ۾ به ايگريڪلچر ڪاليج ۾ گهٽائي سنڌي شاگردن جي هئي. پر ان زماني جي سنڌي آفيسرن جهڙي نموني پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن مان هٿ ڪڍي، ڌارين ٻولي، ان جي لباس ۽ ناز نخرن کي جهڙي نموني اختيار ڪيو هو، ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو سنڌي شاگرد ڊراما، ڊبيٽن ۽ ٻين ادبي ۽ فني ڪمن ۾ پٺتي پيل هئا. سنڌ ايگريڪلچر ڪاليج جي اسٽيج تي اردو ڊرامو ٿيندو هو. سنڌي شاگرد ڊراما جهڙي "ڪريل، نيچ" ڪم کي ويجهو ڪونه ويندا هئا. ان ڪري جيتوڻيڪ سنڌي ڊبيٽون به انڊيون منڊيون ٿينديون هيون، ميگزين ۾ ٽڙيو ٽاڙيو حصو سنڌي مضمونن جو به هوندو هو، پر ڊراما تي هڪ هٽي هئي اردو وارن جي. اهڙيءَ طرح ڪاليج جي ٽيهه ساله تاريخ

۾ ٻهريون دفعو محمد يوسف جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ۾ ڊرامي ڪرڻ جو خيال پيش ٿيو. پراڻن سالن وارن شاگردن لاءِ ته اها نئين ڳالهه هئي، پر ويندي ڊراما جا انچارج استاد، جيڪي پاڻ ڪي بروچ ۽ سنڌي سڏائيندا هئا، سي به اها ڳالهه دليئون قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ته ڪو سنڌي ۾ ڊرامو به ڪري سگهجي ٿو. وڏي مشڪل سان، وڙهي جهڙي، سنڌيءَ ۾ ڊراما ڪرڻ جي اجازت ورتي وئي.

سنڌي ڊرامي لاءِ بجيٽ به ڪانه هئي ـــ ان ڪري جو جيڪو هميشه خرچ اردو ڊرامي تي ايندو رهندو هو سو هينئر به اڇتو هو. سنڌي ڊرامي لاءِ پيسا وري ڪٿان ايندا! سنڌي آفيسر جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اختيار وارا هئا ته انهن جو حال اهو هوندو هو جو گهر ۾ اردو ڳالهائيندا هئا. حالانڪ سڏائيندا بروچ، پٺاڻ، (اصل پراڻا) صديقي ۽ شيخ هئا، پر گهرن ۾ زالين مڙسين، ٻارين ٻچين آسمان ڪان آيل فرشتن جي ٻولي ڳالهائيندا هئا.

("بيٽا، اُڌر مت جانا، ڪتا چڪ پائي گا.")

"اُڌر" معنيٰ سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن جي گهرن ڏانهن. جن ماڻهن سنڌيءَ ٻوليءَ مان اهڙي طرح آسرو ٻلي ڇڏيو هٿ ڌوئي ڇڏيا، ختمو پڙهي ڇڏيو ـــ سي ڪٿي تا سندن خيال مطابق، "مئل" ٻوليءَ ڪي جياري اسٽيج تي آڻڻ جي اجازت ڏين!

ريهرسل دوران چانهن پاڻيءَ تي خرچ ٿيندو. چي: "بجيٽ ناهي!" "سائين، ڪاسٽيومز لاءِ پئسا کپندا." "اسٽيج تي منظر لڳائڻ لاءِ پئسا کپندا." چي: بجيٽ ناهي! مسئلا جهجها، حل آفيسرن جي دلين ۾ لڪل هئا. وڏيون وٺ ونائون ٿيون، هڻ هٽائون ٿيون. هو به نه مڃڻا، اسين به نه مُڙڻا. "سائين اسان پئسن جي ڳالهه تان ئي هٿ کنيو". ڊراما ڪينن به ڪري ڪرڻو ضرور آهي.

ڊراما ڪي چونڊياسون، ڪي پاڻ لکياسون. انهيءَ سڄي ڪم ۾ اڳواڻي محمد يوسف ڪئي. ڪهڙا ڊراما ٿيندا؟ ان جو آخري فيصلو ڪير ڪندو؟ محمد يوسف! ڪهڙا رول ڪنهن کي ڏبا؟ ان جو آخري فيصلو محمد يوسف ڪندو. انهن سڀني ڳالهين جو آخري فيصلو محمد يوسف ڪندو. ريهرسل وقت ڊراما جي هدايت ڪاري ڪير ڪندو؟ محمد يوسف جون صلاحيتون هتي اُجاگر ٿيون، پر ٻين ڪيترن شاگردن جون فطري صلاحيتون نسري نروار ٿيون. عبدلرحيم پنهور ۽ بدارلدين سومرو بهترين ڳائيندڙ ۽ اداڪاري ڪندڙ ثابت ٿيا، جن پوءِ، ايندڙ سالن ۾ سڄي سنڌ جي راڳ جي مقابلن ۾ ڪنهن کي اُڀرڻ نه ڏنو. اهڙين محفلن ۾ ريڊيو جي پروفيشنل ڳائڻن کان وڌيڪ ماڻهو عبدالرحيم ۽ بدر کي ٻڌڻ پسند ڪندا هئا. عبداللحق ابڙو ستارام، يوسف جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا سڀني کان وفادار ڪم جو مور ۽ اورچ اڻ ٿڪ ساٿي هوس سجاد پٽي، جيڪو هر فن موليٰ ۽ هر ڳالهه ۾ سات ڏيڻ وارو هوس. ۽ ٻيا به ڪيترا ئي ساٿي هئا.

هي هڪڙو سهڻو موقعو هو جيڪو جنگلي ٻوٽن کي اُسرڻ ۽ نسرڻ جو مليو. ٻيا سڀ گُل هئا اُنهيءَ چمن جا. اهو چمن اجڙي ويو. ڊراما جو نالو نشان ئي ويو هليو ڪاليج توڙي يونيورسٽي مان. جيتوڻيڪ ٻيا به سبب هُئا اُن انحطاط جا. هڪڙي فطري صلاحيت هئي جيڪا جنگلي ٻوٽن جي وچ ۾ اسري ۽ وڏو وڻ ٿي اُڀري آئي. ۽ ٻين ڪکن پنن جي مٿان ائين ڇانئجي وئي، جينئن ڪجيءَ جو وڻ

نندڙن ھوتن ۽ ولين جي وچ ۾ اسري، ايري اوچي ڳاٽ ايو ٿي بيھي رھي.
وري ڪم جو ڦڙت اھڙو جو شام تائين پنھنجي ڪلاسن ۾ ھوندو شام جو ريھرسل شروع ٿيندي. رات جا ٻہ ٻہ وڄي ويندا. موٽي اچي ھاسٽل ۾ ٻني ڏينھن ڏيکارڻ وارو ڪلاسن جو ڪم پورو ڪبو. تان جو صبح جا پنج وڄي ويندا. نماز پڙھي ناشتو ڪري وري سڌو پھچبو ڪلاسن ۾. گڏ رھڻ وارا حيرت ڪندا تہ "ھي جن آھي يا ماڻھو!" ٿڪجي ئي ڪونہ ٿو!
پڙھڻ جي ڪَمَ ۾ وري ڪنھن بہ ٻئي کان پوئتي نہ رھندو. ڪيترا شاگرد اھڙا ھئا جيڪي جيڪڏھن رانديگر ھئا تہ رڳو رانديون شوق سان ڪندا ھئا. ڪلاس سندن بدران سندن فرشتا اٽينڊ ڪندا ھئا. ڳائيندڙ ھئا تہ اھي بہ فرشتن جي زور تي پاس ٿيندا ھئا، ھتي ڳالھہ ئي ٻي ھئي.
ڪنھن بہ ڪم ۾ ڪنھن کان بہ پٺتي نہ رھبو. جنھن ڪم ۾ ھٿ وجھبو تنھن کي پرفيڪٽ نموني پورو ڪبو. نباھبو. جيڪو ڪم نہ ايندو ھوندو يا وسان وڌو ھوندو تہ ان ۾ ھٿ ئي ڪونہ وجھبو. راندين کي يوسف ويجھو نہ ويندو ڳائڻ جي ڪڏھن ڪوشش ڪانہ ڪبي.
ڊبيٽون يوسف جي وس وٽان نہ ھيون. انھيءَ حالت ۾ انھن شين ۾ ڪڏھن تنگ بہ ڪانہ اڙايائين دعويٰ بہ ڪانہ ڪيائين جنھن ڪم جي جاڻ يا پھچ رکبي تہ ان ڪم کي اھڙي سچائي، خلوص محبت ۽ اورچائيءَ سان توڙ تائين پھچائبو جو سيڪو دوست دشمن بي اختيار "واھ واھ" چوندو.
قصو ڪوتاھہ، پھرئين سال کان وٺي اھڙو دستور لھي ويو جو ھڪڙو چڱو موچارو وڏيرڙو ناٽڪ ڪنھن مشھور ليکڪ جو چونڊبو، ھڪڙو ٽيبلو شاھہ جي سورمين مان ڪنھن ھڪ سُرَ تي ھٿل پاڻ لکبو، ھڪڙو ٻہ نندڙا مزاحيہ خاڪا ناھبا. انھن خاڪن ۽ ناٽڪن جي وچ ۾ عبدالرحيم پنھور ۽ بدر سومرو ۽ ڪي ٻيا ڪلام ڳائيندا. سنڌي سيڪشن جو اھڙو پروگرام تاجي پيٽي اُٿبو ھو اردوءَ جي ناٽڪن، خاڪن ۽ راڳ سان. ناٽڪن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جا "نجومي" ۽ "شاھدي" تمام گھڻو ڪامياب ٿيا. سنڌ سرڪار "سنڌ صدين کان" وارو پروگرام ۱۹۷۳ع ۾ پيش ڪيو. ان کان ستٽ اٺ سال محمد يوسف ٽنڊي جام جي اسٽيج تي سنڌ جي پنج ھزار سالن جي تاريخ، ڪوزي ۾ دريا واري مصداق پيش ڪئي. جنھن ۾ مختلف دورن کي پيش ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا منظر پاڻ پنھنجي ھٿن سان ناھيائين. ڪم ۾ ھٿ ونڊائڻ لاءِ خوشقسمتيءَ سان ڪيس کي تمام سٺا سيبانتا ۽ وڙائتا ساٿي مليا جيڪي ھر خيال کي عملي جامو پھرائڻ لاءِ ھر ممڪن سات ڏيڻ لاءِ تيار ھوندا ھئا.
انھن ڊرامن جي ئي سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستانَ حيدرآباد وارن سان لھہ وچڙ ۾ اچڻو پيس. ڊرامن جي ڪن منظرن کي اثرائتي ڪرڻ لاءِ پس منظر ۾ صوتي اثرات جي ضرورت ھوندي ھئي. شاھہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جي بيتن لاءِ، ٽيبلوز ۾، صالح محمد شاھہ صاحب جھڙن آوازن جي ضرورت پوندي ھُيس. انھن سيني ڳالھين لاءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وارن سان لھہ وچڙ ۾ اچڻو پيس. اھو اتاھين ئي سلسلو ھليو جو مرحوم سرور بلوچ، مراد علي مرزا صاحب ۽ ٻين ريڊيو جي اسٽاف وارن سان سڃاڻپ ٿيس، اھي سڃاڻپون رفاقتن ۾ بدليون رفاقتون زندگيءَ ڀر جي دوستين ۾ بدليون. ھِن ھُنن جي صلاحيتن کي سڃاتو ۽ اُنھن مان سکيو ۽ پرايو، ۽ ايندڙ پندرھن ويھن ٻسالن ۾

ايتري قدر تہ گهٽائيءَ ۾ لکرايو جو محمد يوسف ٻپهرن تائين ٽنڊي ڄام ۾ هوندو هو: ٻپهرن کان پوءِ رات تائين ريڊيو پاڪستان جي آفيس ۾.

سرور بلوچ وٽ سنڌس هيڊ ڪوارٽر هوندو اُتي هٿ نہ اچيوَ تہ وڃي مراد علي مرزا صاحب کان پُڇو. اتي بہ نہ هجي تہ عبدالڪريم بلوچ وٽ هوندو. اتاهين بہ نڪري ويو آهي تہ پوءِ پڪ الياس عشقي صاحب وٽ هوندو. الغرض اينڊڙ ڪيترن سالن تائين آفيس ۽ گهر کان پوءِ ريڊيو پاڪستان سنڌس ٽيو نمبر هر روز جو هيڊ ڪواٽر رهيو. خاڪو چوندس تہ هن فلاڻي موضوع تي لکي اچ ـــ جيڪو سرڪار طرفان منظور ٿيل ڪن موضوعن مان هڪ تي هوندو. پروگرام پروڊيوسر يا ٻيو ڪو آفيسر اهو خاڪو پڙهندو. ڳاڙها ڪارا ليڪا ڪڍي چوندس تہ هيءَ ڳالهہ هيئن چوڻ جي سرڪار اجازت ڪانہ ڏيندي، تون انهيءَ کي ٻئي ڪنهن نموني لکي ڪٺي اچ. اسان جهڙو ڪو هجي تہ وري پوءِ مهينا ڇتا اصلاح ڪرڻ ۾. پر محمد يوسف ڪنهن هڪڙي يار جي آفيس ۾ وڃي ويهندو ـــ يا ڪنهن ٻئي دوست سان گپ شپ بہ ڪرٺي هوندي تہ ڪراچي هوٽل ۾ وڃي ويهبو. اتي چانهن بہ پئي پيئبي، ڳالهيون مُهاڙيون بہ پيون هلنديون. خاڪو بہ پيو نئين سنئين لکبو. لکي پورو ڪري، ڪٺي وڃي سرڪار جي فرمانبردار جي آڏو حاضر ڪبو. ٻيهر بہ منظور نہ ٿيو تہ ٽيهر لکبو. جڏهن ٻئي ڌريون راضي ٿينديون، تڏهن رڪشو هٿ ڪبو. نہ تہ رکبو کُڙين تي زور ۽ اچي گهر پيڙو ٿبو.

پر اهي ڳالهيون پوءِ جون. هتي ٽنڊي ڄام جي ڪاليج ۾ "اسٽيج ديوتا" ـــ نالو رکيائونس يوناني اسٽيج جي ديوتا جي پويان ـــ ڪم جو اهڙو جو لکي بہ پاڻ، ڊرائريڪٽ بہ پاڻ ڪري، اسٽيج لڳائي بہ پاڻ، تہ اسٽيج ڊاهي بہ پاڻ، پردو ڪيرائي بہ پاڻ، تہ پردو ڪٺي بہ پاڻ. هر ذري پرزي جي ڳالهہ ۾ سنڌس هٿ ضرور هوندو. مجال آهي جو ذرو ڳالهہ جو هيئن کان هوئڻ ٿي وڃي. آواز هوندس وڏو گجندڙ، جهڙو شينهن پيو گجگوڙ ڪري، هر ڪردار ڪٺي ٻيهي کهڙو ڊايالاگ چوندو ڪهڙي پاسي نهاريندو ڪيئن منهن جا تاثرات ڪبا، انهي سڀني ڳالهين تي توجہ ڪبو. ڪنهن وقت ڪو سيڪڙاٽ ناظرين ڏي پُٺ ڏئي، پنهنجو ڊايالاگ ادا ڪري ويندو يا ڪا ٻي غلطي ڪندو تہ پريان زوردار گجگوڙ، رڙ ٻڌڻ ۾ ايندي. ٻڌندڙن جا هنيان ڏڪي ويندا. ڪنهن کي خراب بہ محسوس ٿيندو پر خبر هونديس تہ جيڪي محمد يوسف چوي ٿو سو صحيح ٿو چوي. ان ڪري هڪڙي ڏاڪار مان سمجهي ويندو وري مجال آهي جو ناظرين کي پُٺَ ڏئي. بيجا نہ پر بجاءِ سختي ڏسي ڪم ڪرڻ وارا بہ ڪل خوشيءَ ۾ سهي ويندا. ان سڀ جو ڦل وري ڏسندا گرانڊ ريهرسل ۽ شو واري ڏينهن جڏهن سهٹو، هٽيڪو، جائيتو، اهڙو تہ بيهندو جو چنجي تہ مُنڍيءَ تي ٽڪ "وهہ واهہ" ٿي ويندي، بلوچ صاحب مرحوم جيڪو، ڊراما جو انچارج هو، يا پرنسپال، پهريائين عبدالباقي شيخ صاحب، پوءِ وري پيرزادو صاحب ـــ اتي اسٽيج تي محمد يوسف کي ڀاڪر پائيندا ۽ مبارڪون ڏيندا.

حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هڪڙو ٻهراڙيءَ مان آيل ڇوڪرو جنهن ناٽڪ جو نالو ٻي اچي ڪاليج ۾ ٻڌو هوندو سو بنا پروفيشنل تربيت جي، بنا ڏسڻ جي تجربي مان پرائڻ جي ناٽڪ جي لطيف مسئلن ۽ ڳوڙهن خيالن کي اهڙو تہ سمجهي ۽ ادا ڪري جو جڻ تہ ڪين لُدني علم هو! اسان وٽ ڪيترا ماڻهو

اهڙا هنا جن جو علم ۽ ادب سان گهڻو واسطو هو، پر ورلي ڪنهن ماڻهوءَ "ٽيبلو" جو نالو ٻڌو هوندو. چوڪرن ڀانيو ته ٽيبل تي ويهي ڪو تماشو ڪبو پر نه، محمد يوسف کي خبر هئي ته ڪيئن ايڪٽرن جي گفتگو کان سواءِ، پس منظر ۾ غيبي آواز جي زور تي ۽ ايڪٽرن جي حرڪتن ۽ اشارن جي آڌار تي ڪهاڻي پيش ڪرڻي هئي.

انهيءَ نموني جي "ٽيبلوز" جي سلسلي ۾ پهرئين سال سسئي کي پيش ڪيو ويو. سسئي ننڍي هوندي درياءَ ۾ لڙهندي وڃي. ڏسڻ وارن جون اکيون حيرت ۾ ڦاٽي ويون ته اسٽيج تي درياءَ، سو به چوليون ڏيندڙ پنهنجي گجگوڙ ۽ آواز سان ـــ پنهنجي دهشت ۽ دم سان ـــ ۽ ٻارڙو آهي سو واقعي لُڙهندو پيو وڃي! ڪهاڻيءَ جي آخر ۾، اڳتي هلي، قبر ڦاٽي ٿي پوي ۽ ان مان سسئي نڪري منڪر ۽ نڪير کي ڪيڪاري ڪانئن پنهل جو ٿي پڇي ته ناظرين ۾ ڪيڪاٽ پئجي ٿو وڃي.

● اچي عزاريل سُتي جاڳائي سسئي،
ٿي ٻوڙاني دليل ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.
● منڪر ۽ نڪير کي جڏهن ڏٺائين،
اڳيان اٿي ان جي پنهل پڇيائين:
"ادا، ڪو آنين ڏنو ساٿ سنگت جو؟"

گرانڊ ريهرسل کان پوءِ پهريون شو ٿيندو هو عورتن ۽ ٻارن جو. بس، پاڻهي ان منظر جو اندازو لڳايو ته ڇا ٿيو هوندو ۽ ڇا نه ٿيو هوندو. اهو سڄو ڪمال هو اسٽيج ۽ پردن جي روشنين جي ملاوٽ، آوازن جي صحيح وقت تي "صدابندي"، پس منظر مان ايندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت جي بيتن ۾ هاتفي آواز جو. جنهن ماڻهوءَ ڪنهن هنر جي استادن سان ڪم ڪيو هجي ۽ اهڙا منظر پيش ٿيندي ڏٺا هجائين سو جيڪڏهن اهڙا هنر ويهي پيش ڪري ته چئبو ته "سِکيو" ۽ اُستادن کان پرايائين. پر جنهن ماڻهوءَ اهڙي ڪا ڳالهه زندگيءَ ۾ ڏٺي نه هجي ۽ ضرورت وقت پنهنجي طرفان پاڻ سوچي ۽ ويچاري ته ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي ۽ ڪري به ڏيکاري اها الله تعالي جي طرفان ڏنل ڏات چئبي. اهڙي قسم جي ڏات ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ورلي حاصل ٿيندي آهي.

پهرئين سال ئي اسان جا سيني آئٽم (مڪيه نانڪ، ٽيبلو وچ ۾ ايندڙ ڇهڇٽا، انهن جي وچ ۾ راڳ) اهڙا ته ڪامياب ويا جو ماڻهن جون پهرئين سال ئي اُهي غلط فهميون هٽي ويون ته سنڌيءَ ۾ ڊرامو ٿي نٿو سگهي يا اهو ته سنڌيءَ ۾ صلاحيتن وارا ماڻهو ناهن. اهو ثابت ٿيو ته جيڪڏهن سنڌين کي موقعو ملي ته پاڻ موڪي ئي رهن. هتي ته ڪم اهو ٿيو جو ايندڙ ٻن ٽن سالن ۾ پراڻن يارن جا جڏهن دفتر پورا ٿيا ته انهن جي جاءِ تي ايندڙن تي سنڌي ڊرامي جي اهڙي دهشت ويهي وئي جو آهسته آهسته ٽيڙ ٻڌي پنهنجي آرٽ جي دنيا ۾ خود ئي گم ٿي ويا. ان کان پوءِ سڄو زور رهين انهيءَ ڳالهه تي ته سنڌي ڊرامو به ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ختم ٿئي. سندن دعائن ۽ دوائن سان پوءِ نيٺ ٿيو به ائين. انهيءَ ٽيبلي واري انداز کي ايندڙ ڪيترن سالن ۾ شاهه جي سورمين ۽ ٻين موضوعن کي ادا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. ان کان علاوه ايندڙ سالن ۾ هڪڙو "ٽيپيڪل" مزاحيه فيچر ٿيندو هو

جنهن ۾ ڪاليج جي ڪنهن خاص ماڻهوءَ تي ڳالهہ ٻڌل هوندي هئي. مثلاً پي ڊبليو ڊي جي طرفان ڪاليج ۾ هڪڙو آفيسر هوندو هو غلام محمد سومرو صاحب ـــ بجلي پاڻي وغيرهہ جي سهوليتن مهيا ڪرڻ لاءِ! پاڻ ان صاحب جو رول ادا ڪيائين ۽ اهڙا تہ ڪم ڪري ڏيکاريائين جو پي ڊبليو ڊي وارن جون لِڪڻ جون جايون ڪُٽي ويون. ڪنهن سال پرنسپال کي ڪنيائين تہ ڪنهن سال هاسٽل وارڊن جو وارو آيو. هوبهو تصوير پيش ٿيندي هئي هاسٽل ۽ ڪاليج جي زندگيءَ جي، جنهن ۾ جيڪي شڪايتون شاگردن کي هونديون هيون سي هڪڙي تمام صحت مند طريقي سان سيني جي اڳيان پيش ٿينديون هيون. پوءِ جيڪي ڳالهيون سڌرڻ جهڙيون هونديون هيون تہ اهي سڌري بہ وينديون هيون. پلا جيڪڏهن نہ ٿي سگهڻ جهڙا ڪي ڪم هوندا هئا تہ بہ شاگردن جي طرفان انهن جو اظهار ٿي ويندو هو ۽ آفيسرن جي ذهنن تي اهي ڳالهيون اچي وينديون هيون. ڪي ماڻهو بہ ٿي ڏينهن ٿي سگهي ٿو تہ ناراض بہ ٿيندا هجن پر تنهن هوندي بہ صحت مند طريقي سان، سواءِ هڙتالن ڪرڻ ۽ ڪلاشنڪوفن استعمال ڪرڻ جي ڳالهہ بيان ٿي ويندي هئي ۽ اها پنهي ڌرين لاءِ چڱي هئي!

پر جيڪڏهن سوسائٽيءَ ۾ شڪايتن ۽ مشڪلاتن کي ٻڌڻ کان "وڏا ماڻهو" جواب ڏني ويهندا ۽ بالا آفيسرن جي هٽئون دڙڪن ۽ دهمانن سان ويهي راڄ ڪندا تہ شڪايت ڪرڻ وارا بہ نيٺ "تنگ آيد بجنگ آيد" جي مصداق ڪلاشنڪوف ۽ بندوقن سان ڳالهيون ڪندا ـ جيئن چند سالن کان پوءِ ٿيو.

الغرض تہ ڏسندي ئي ڏسندي سنڌي ڊراما جو هڪڙو ماحول ٻين شهرن تائين بہ پهتو. ڊرامي جو هنر جيئن مقبول ٿيو تہ محمد يوسف جي گهرج بہ جت ڪٿ ٿي. محمد يوسف کي اڄ ڏس تہ نواب شاهہ وٺيو پيا وڃن. تہ اڄ ماتلي وارا ڇڪيو پيا وڃنس: اڄ محمد يوسف ڏس تہ لاڙڪاڻي وڃي پهتو آهي تہ اڄ شڪارپور وارا ڪنيي ڪٽي ويا اٿس. اسان هڪڙو بہ دفعا هالا بہ سڏي وٺي وياسونس. چوندا آهن تہ "جتي وڻ ناهي اتي ڪانڊيرو بہ درخت." جو ننڍو ڪين وڏو ـــ ڪو وڻ هجي تہ صحيح! رڃ ۽ بيابان ۾ ڪو ڇانو وارو وڻ هجي تہ ان جو قدر تہ ڪجي! پر نہ! هن اسان جي سوسائٽيءَ ۾ وڍڻ ڪيڏڻ وارا تہ هزارين هوندا، ساڃاهڻ وارو ۽ مڃڻ وارو ڪو ورلي ليي!

سنڌ حڪومت ڪيترا سال پوءِ (١٩٧٤ع ۾) هڪڙو سيمينار ڪيو "سنڌ صدين کان." ان سيمينار کان ڏهاڪو کن سال اڳ محمد يوسف تنڊي ڄام جي اسٽيج تي سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ هڪڙي ڪلاڪ جي اندر پيش ڪئي. موهن جي دڙي جا واپاري، يونانين جا حملا، مسلمانن جو راڄ، ميرن جي صاحبي، انگريزن جو راڄ ۽ نيٺ آزادي! پنهنجي تاريخ تي فخر ڪرڻ ساڃاهہ وارن جو ڪم آهي.

پر جن کي پنهنجي ڪا پاڙ ڪانهي سي ٻين کي بہ بيپاڙ ڏسڻ چاهين ٿا. ۽ جيڪي ادب ۽ هنر ۾ ٻُجي نہ سگهندا سي بي ادبي ۽ بي هنريءَ سان وڙهندا. ون يونٽ جي خلاف تحريڪن وارن سالن ۾ ٿيڻ ائين لڳو جو ريهرسلون ڪري، هر ڳالهہ تيار ڪري جڏهن شو وارو ڏينهن اچي تہ ڊپٽي ڪمشنر ۽ پوليس وارا اچي ڊرامو بند (بين) ڪري ڇڏين. جن ماڻهن جا ماڻهو انهن جاين تي حاڪم هجن

سي جڏهن هونئن هنر سان پڃي نہ سگهن تہ بي هنري سان پڃڻ جي ڪن. قانون سان پڃي نہ سگهن تہ قانون کي پنهنجي گهر جي نوڪرياڻي ناهين. پنهنجي هٿ ۽ وڏائيءَ جي تشفي ائين ڪن.

ون يونٽ جي پوين پساهن واري زماني ۾ جڏهن ملڪ جا هٿ ٺوڪيا، "جيد عالم" سنڌي ٻوليءَ، کي "ڪافرن جي ٻولي" قرار ڏئي رهيا هئا تڏهن سنڌ يونيورسٽي سنڌيءَ ۾ گذريل ڪيترين صدين ۾ لکيل مذهبي ادب جي ڪتابن جي نمائش سنڌالاجيءَ ۾ ڪئي. (سنڌالاجي ان وقت [۱۹٦۹ ۾] پراڻي ڪيمپس [حيدرآباد] ۾ هئي.) نتيجو؟ اهو جو پنيان محلي مان اچي سنڌالاجيءَ کي باهہ ڏئي هليا ويا.

انهيءَ باهہ ۾ قرآن، حديث، ۽ فقهہ جي ڪتابن جا هزارين ناياب نسخا جيڪي سڄيءَ سنڌ مان امانت طور ورتي يا خريد ڪري، هٿ ڪري رکيا ويا هئا.......... سڙي ويا. نہ تہ ڪا گرفتاري ٿي، نہ ڪنهن کي سزا ملي، ۽ نہ ئي قومي پريس ان تي ڪا واويلا ڪئي.

شعائرالله سان اهڙيون جُنيون ڪرڻ وارا ٻهرئين ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڦبندا رهيا آهن. پراڻي ڌرتيءَ تي جيڪي ماڻهو آثار قديمہ جا آفيسر ٿي آيا، تن ٻهريون ڪم تہ اهو ڪيو جو سنڌ جا ميوزم چورائي پنهنجي گهرن ۾ ڪٺي ويا. اتاهين پو اهي نوادرات ٽڪي پيسي ۾ وڪڻي ولايت ڏانهن روانا ڪيائون. ٻيو ڪم اهو ڪيائون جو انٽرنيشنل قانون جي پيڪڙي ڪندي آثار قديمہ جون اهي عمارتون جن کي ملڪ جو ورثو سمجهي محفوظ ڪرڻ ڪپندو هو سي ٻاهران آيل قورن جي رهائش لاءِ کين خالي ڪري ڏنائون جنهن ساڳئي ملڪ ۾ لاهور جو قلعو آثار قديمہ وارن وٽ آهي ۽ ان ۾ ڪو خانگي شهري ماڻهہ رهائش پذير ناهي، جنهن ملڪ ۾ اٽڪ جي قلعي ۾ ڪو خانگي ماڻهو رهائش پذير ناهي ۽ ڪنهن کي ڪليمن ۾ نہ ڏنو ويو آهي، جنهن ملڪ ۾ خيبر جو قلعو ڪنهن ماڻهوءَ جي ذاتي ملڪيت ڪانهي، تنهن ساڳئي ملڪ ۾ حيدرآبا ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي بادشاهي قلعي سان ان جي بلڪل ابتڙ ٿيو آهي. جيڪي اڄ سنڌ جا فاتح ۽ ڌرتيءَ جا ڏٽي ٿيو وينا آهن. قومي غيرت جي ڏيوالي جو انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مثال ڏبو جو اسان جي اکين جي اڳيان سنڌ جا بادشاهي قبرستان ڍاهي اتي ڪالونيون ۽ سينيمائون ٺاهيون ويون. جيڪي ماڻهو ان وقت حڪومت ۾ هئا ۽ جن جي اختيار ۾ سڄ لٽو ٿي، ۽ اُپريو ٿي. تن سنڌ جي ڪنهن هڪڙي پراڻي "اثر" کي سڄي لڳين نہ ڇڏيو. حيدرآباد قلعو ماڻهن جي، حوالي ڪرڻ کان پوءِ بہ سندن پيٽ ڪونہ ڀريو. نالي ماتر اتي هڪڙي ڪُنڙي جيڪا بچائي ميوزم ناهي رکيو هئائون ۽ جنهن ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جا نوادرات رکيل هئا. انهن جي هٿ جا لکيل دستاويز قرآن، احڪامات، ان زماني جا سڪا، اُن زماني جون تلوارون وغيرهہ. اهو بہ الله جي ويرين کي اکين ۾ ڪانُ ٿي آيو. اُن بچايل هڪڙي ميوزم کي بہ بالاخر شاهينگن ۱۹۸٦ع ۾ جڏهن ساڙي پورو ڪيو تڏهن وڃي ..... سک جو ساهہ پٽيائون.

"هِڙا هاڃا ٿين، بري هن پنيور ۾!"

سنڌالاجي سڙڻ جو واقعو محمد يوسف لاءِ هڪڙو وڏو هاڃو هو. آئون جڏهن ڍاڪا مان ان واقعي کان پوءِ آيس تہ مون کي محمد يوسف سنڌالاجي وٺي ويو. الانا صاحب ويٺو هو. اسان پاڻ پنهنجي هنن گناهگارن اکين سان اهي سڙيل قرآنن ۽ حديثن جا نسخا ڏٺا.

سنڌالاجي جي اهڙيءَ طرح سڙڻ جي هن واقعي کي تمثيل ولي ارغونن ۽ ترخانن جي زماني ۾ ننڍي ۾ تيل ڪن عقوبتن تي بدل هڪڙو ڊرامو لکيائين ـــ جيڪو، ظاهر آهي تہ ـــ شو واري رات بند ڪرايو ويو اهو ڏينهن اهو شينهن. ڪيڏانهن ويا سنڌ جا ڊراما، ڪيڏانهن ويون سنڌي شاگردن جون ادبي ۽ علمي صلاحيتون ۽ ڪاروايون! جبر ۽ ڏاڍ بظاهر تہ پنهنجي من جون مراديون ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر اڳتي هلي، ملڪ ۽ ملت جي اصلي ۽ وڏي ڊوڙ ۾ اهو ڏاڍ ۽ ظلم ملڪ ۽ ملت کي مهانگو پيو. سگهوئي هاسٽلن ۾ ڊبيٽن، ڊرامن، ادبي ڪچهرين ۽ رسالن جي بدران ڪلاشنڪوفن، هڙتالن، امتحانن کان بائيڪاٽن، رستن تي ڦرن چورين ۽ ڌاڙن جون ڳالهيون زور وٺي ويون. . شاگردن کي هڪڙي صحت مند ڪاروائيءَ مان ڪڍي اسان جي آفيسرن ڪين فڪر ۽ عمل جي وچ ۾ قانون جي جنگل جي حوالي ڪري ڇڏيو. جڏهن قانون جا رکپال خود قانون جا پرزا پرزا ڪندا تڏهن ڪير آهي جو ملڪ کي اهڙيءَ مصيبت کان بچائي سگهي. جهڙيءَ مصيبت ۾ هينئر سڄو ملڪ مبتلا آهي.

"ليس للانسان الاّ ماسعيٰ"

معنيٰ: انسان لاءِ ڇا آهي سواءِ انهيءَ جي جنهن جي هن ڪوشش ڪئي.

جيڪڏهن اسان جا حاڪم ڪوشش نہ اها ڪندا تہ ڏرتيءَ تي فساد پکڙي تہ پلي پکڙي پر سندن مفاد سڌ ٿين تہ نتيجو اهوئي نڪرندو جيڪو هيستائين نڪتو آهي ۽ اڪين سان ڏسون پيا. ۽ پوءِ قوم اهڙي مجبور آهي جو پاڻ کي مرض ۾ مبتلا ڏسندي ۽ ڄاڻندي بہ بيوس ٿيو تماشو پئي ڏسي! انهيءَ کان وڏي الله تعاليٰ وٽان ٻي ڪهڙي سزا ٿي سگهي ٿي!

اڄ جيڪو ادارو "سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي" جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي، اهو اڳ ۾ هڪ ڪاليج هو. موجوده ڪاليج ۱۹۵۴ع ۾ سڪرنڊ مان لڏي هتي پهتو. سڪرنڊ ۾ هي ڪاليج ۱۹۲۸ يا ۱۹۲۹ع ۾ ڪنگ جارج پنجين جي نالي سان انسٽيٽيوٽ نہ هئي. هتي ٽنڊي جام ۾ جڏهن ڪاليج آيو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ سان واسطو هوس. امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نظر داري هيٺ ٿيندا هئا. سندون انهيءَ اداري طرفان ملنديون هيون. پر هوئنئن تعميراتي اثاثن جي لحاظ کان، تجربن لاءِ مهيا ڪيل زمين جي ايراضيءَ جي لحاظ کان اسٽاف جي علمي لياقتن ۾ تعداد جي لحاظ کان، توڙي شاگردن جي تعداد جي لحاظ کان هي ڪاليج ان وقت جي سنڌ يونيورسٽيءَ کان سرس هو. ۱۹۶۳ع ڌاري اسان هڪڙي ڏيڍ صفحي جي اخبار ڪڍي جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ اهو مطالبو بہ ڪيو ويو تہ هن ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو وڃي.

اهڙا ڪم ظاهر آهي تہ هڪڙي ڏينهن ۾ ڪونہ ٿيندا آهن. جنهن ڪم ۾ پنسن ۽ اختيارن جو معاملو هوندو انهيءَ ۾ "سوڙ سيڪو پاڻ ڏي سوري" جي مصداق هرڪو آفيسر ۽ عملدار جنهن جي هٿ ۾ اهي فيصلا هوندا سو ڏيندو تہ ڪيس ڇاتو ملي ۽ ڪانئس ڇاتو ڦُرجي.

پاڪستان ۾، خصوصا سنڌ ۾ اها بدقسمتي رهي آهي جو ماڻهن ملڪ، ملت ۽ ماڻهن جي مفاد جو هميشه گهٽ سوچيو آهي، ذاتي اختيارن ۽ مفادن جو وڌيڪ سوچيو آهي. هتي انهيءَ ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ ٻڌائجي تہ محمد يوسف جو هن ڪاليج جي يونيورسٽي ٿيڻ ۾ ڪهڙو ڪردار

رهيو.

پوءِ آخر ۾ آئون اهو به عرض ڪندس ته ٻَجهن ڪيئن ڊويزن ڪي ورهائي پاڻ ۾ ڪنيو آهي ته سيڪو پيپ پرڻ لاءِ هن هڪڙي اداري جي ڪنهن هڪڙي حصي ڪي الڳ ادارو بنايو ويئو آهي ته جيئن انهيءَ حصي جو پاڻ "ماني باپ" ٿيو ويئو هجي. پوءِ پلي من حيثيت فردن، مُهرن، جو نقصان نه چو نه ٿيندو هجي.

محمد يوسف ۽ سندس استاد علي اڪبر چنڊ ۽ ٻيا سچيت سيباٽتا ماڻهو اسيمبلين جي رڪنن، وزيرن ۽ حڪومت جي ٻين اختيار وارن سان مليا، انهن کي صورت حال کان واقف ڪيائون. انهن کان مرت ۾ بيان ورتائون. اهي بيان اول ته سنڌي اخبارن ۾ ڏنائون، ۽ پوءِ اهي گڏي هڪ ڪتابي صورت ۾ ڇپرايائون. مقصد هو ته حڪومت وارن کي معلوم ڪرائجي ته ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ جي هتي شديد ضرورت هئي، ۽ هي ادارو اڳ ۾ ئي اهڙي درجي تي پهتل هو جو ان کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو وڃي. ظاهر آهي ته ان ڪم ۾ نيڪ تمنائون گهڻن ئي ماڻهن جون شامل هيون. اهڙي ڪم لاءِ ڪنهن ڪلاشنڪوف جي ان زماني ۾ ضرورت ڪانه هئي، پر جدوجهد جا جيڪي هٿيار ان وقت استعمال ڪري سگهيا ٿي سي اِهي هئا جيڪي محمد يوسف ۾ سندس ساٿين استعمال ڪيا. صحيح ماڻهن تائين پهچڻ، انهن کي پنهنجي ڳالهه جي سچائيءَ کان واقف ڪرائڻ، انهن کي متاثر ڪرڻ، دنيا جي اڳيان اخبارن ۽ ڪتابن جي ذريعي اهو مسئلو آڻڻ. ائين ته ڪونه چئي سگهبو ته جيڪڏهن محمد يوسف اهو ڪم نه ڪري ها ته شايد ٻيو ڪو به نه ڪري سگهي ها. پر ظاهر آهي ته انهيءَ ڪم ڪرڻ جو وقت ئي تڏهن آيو جڏهن ڪن ماڻهن ان ۾ هٿ وڌو ۽ ان ڪم جي اڳواٽي، هڪڙي خاص سطح تي محمد يوسف ڪئي. ٻهريون پرنسپال ڊاڪٽر شيخ مرحوم، پيرزادو صاحب، مرحوم محمد امين پٽي صاحب ۽ نور محمد سيال صاحب، سيئي هن اداري جا گهڻگهرا هئا، ۽ پنهنجي پنهنجي اختيار سارو انهن به ڪوشش سان گهٽايو ڪونه هوندو پر انهن جي جدوجهد سرڪاري سطح تي ٿي، جنهن جي اسان جهڙن عام ماڻهن کي خبر ڪانه پوندي. پر انهن ماڻهن جي همدردين ۽ همت افزاين کان سواءِ ظاهر آهي ته اهو پرورپگنڊا وارو ڪم ٿي ئي نه سگهي ها. انهيءَ لحاظ کان حڪومت جي انهن عملدارن جا نالا ته ظاهر آهي اسان وٽ اڻ ڄاتل ۽ اڻ سڃاتل ئي رهندا جن پنهنجي اختيارن کان ڪم ورتو. جڏهن وقت آيو ته سنڌ ايگريڪلچر ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جي درجي تي پهچايو. آئون روحاني طرح انهن ماڻهن جو ٿورائتو آهيان جو هڪ قومي ۽ ملي ڪم کي پنهنجو سمجهي انهيءَ ڪم کي توڙ تائين پهچايائون.. جيتوڻيڪ مون کي سندن نالا معلوم ناهن.

۱۹۶۵ـ۶۴ع ۾ جڏهن آئون اڃا ايگريڪلچر ڪاليج ۾ هوس ته ڪاليج جو رسالو ايڊٽ ڪرڻ ۽ ڇپرائڻ منهنجي حوالي ٿيو. جهڙيءَ طرح ڊراما جي ڪم ۾ اسين گڏ هئاسين، تيئن رسالي جي ڪم ۾ به اسين گڏ هئاسين. محمد يوسف رسالي جو ٻهريون ڪور ڊزائن ڪيو، ۽ ڪاليج جو مونوگرام ناهيائين، ايڊٽنگ ۽ پروف ريڊنگ ۾ مدد ڪيائين. ڊراما جو ڪم چڙ ته الله سائين وٽان سڪي آيو هو، پر رسالي جو ڪم گڏجي ماڻهن کان سڪيو. ۽ جڏهن آئون زرعي ڪاليج ڇڏي سروري اسلاميه

ڪاليج هالا هليو ويس ته منگزين جو سڄو بار محمد يوسف جي ڪلهن تي اچي پيو. انهيءَ شوق جو نتيجو اهو ٿيو جو هڪڙي پاسي ٢٧ سالن ۾ جيڪي زرعي رسالا نڪتا سي گهڻو ڪري محمد يوسف جي هٿان. زراعت نامه (هڪ تحقيقي مخزن) جا انيڪ جلد. انگريزيءَ ۾ سائنس ۽ تحقيقي مضمونن تي ٻڌل رسالي جا انيڪ پرچا. انهن مان سڀ جيڪڏهن نه ته به پنجانوي ڪان نوانوي سيڪڙو پرچا محمد يوسف ڇپرايا هوندا

اهي سڀ ڪم نه رڳو جان وڃندڙ هنا پر ٻئي ڪنهن جي وس جا هنا به ڪين. انهيءَ ڪري جو. مثلا، هڪڙو خشڪ ردي قسم جو مضمون اوهان وٽ پهتو. اوهان به تي دفعا پڙهندئو تڏهن وڃي سمجهه ۾ ايندو ته لکندڙ ڇوي چاٿو. ان ڪان پوءِ اوهان مصنف سان ملندؤ ۽ وضاحت طلب ڳالهين بابت گفتگو ڪندؤ. ٻين ريفريز کي موڪليندؤ. انهن جي راءِ ڏسڻ ڪان پوءِ اوهان ڪي ٿي سگهي ٿو مصنف سان وري گفتگو ڪرڻي پوي. انهيءَ وچ ۾ اهو به امڪان آهي ته اوهان ۽ مصنف يا محقق ڪن ڳالهين تي نه ٺهو. نيٺ اوهان پريس وردي ڪاپي ٺاهيندؤ. هاٺي ٿيندو اوهان جي مٽي جو اصلي سور شروع. احمد پاٺي جهڙي ڪنهن پريس واري سان پرت جو پيچ ٿيندو قابو. هو هٺندو اوهان تي، اوهان هٺندؤ هن تي. ڊگهو پير پيران هلڻ شروع ٿيندو. اهو ردي مضمون جنهن کي هوئنن هوند زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنگهجي به ڪونه، تنهن کي چاليهه پنجاهه دفعا پڙهي چڪڻ ڪان پوءِ اهو مٽي جو سور اوهان کي اهڙو بر زبان ياد ٿي ويو هوندو جو مصنف کي به وقت اچڻ تي اوهان ٻڌائي سگهندو ته سندس مضمون ۾ ڇا لکيل آهي.

ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور گذريل ٽيهن سالن دوران مسلسل جدوجهد. محنت ۽ ڪشالن جو هڪ زندهه ثبوت رهيو. ايستائين جو اڄ جڏهن هو اسان ۾ موجود ناهي، پنيان ڇڏيل سندس ڪارناما ۽ آثار سندس ڏاڪڙن ۽ محنت جو ثبوت موجود آهن. اولاد صالح ۽ محنت ڪندڙ زال ڪان سواءِ، هن جيڪي آثار پوٺتي ڇڏيا آهن، تن مان ڊراما ۽ زرعي رسالن ڪان سواءِ سندس وڏو ڪارنامو آهي سندس سائنٽفڪ ڊڪشنري.

جڏهن ڪان ڊاڪٽر عبدالقار انصاري صاحب سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي جو پهريائين پرو چانسيلر پوءِ چانسلر ٿي آيو. انصاري صاحب جي پنهنجي شوق پوري ڪرڻ ۽ محمد يوسف جي صلاحيتن کي صحيح طريقي تي استعمال ڪرڻ جو هڪڙو رستو هٿ ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ وڏي پيماني تي هڪڙي سائنٽيفڪ ڊڪشنريءَ جي ضرورت به هئي، پر اهو ڪم وڏي جوکي ۽ محنت ۽ جانفشانيءَ جو هو. محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي "لغات سنڌي" پنهنجي لاءِ هڪڙو مثالي ڪارنامو هو. بسم الله ڪري ٻئي ڄڻا لڳي ويا ڪم کي. عبدالڪريم جوٽيجي صاحب کي آخري مرحلن ۾ ڪاردن ٺاهڻ ۽ ڪاپي صاف ڪرڻ جي ڪم تي لڳايائون. نيٺ ڪيترن سالن جي جفاڪشين ۽ محنتن ڪان پوءِ ڊڪشنري لکي پوري ڪيائون. ۽ اوترن ئي سالن ۾ ڇپائي پڌري ڪيائون.

هوئنن موت ۽ حيات ته رب تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي، پر موت جو ذمو الله تعاليٰ پاڻ تان لاهيءَ "سببن"

تي هنيو آهي تان تہ ماڻهو چون تہ ماڻهو فلاڻي بيماري جي وگهي منو. جيڪڏهن محمد يوسف جي اهڙي وچين وهيء ۾ بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ نيٺ ائين اوچتي، ڪملهي موت جي شڪار ٿيڻ جو سبب ڳولهين تہ بنا هٻڪ جي چئي سگهبو تہ سندس ڏينهن رات انهن رسالن ۽ ڊڪشنريء جي ڪمن تي نور نچوئڻ ۽ حيران ۽ پريشان ٿي پريسن ۽ يونيورسٽي ۽ گهر جي وچ ۾ مهلائتو توڙي ڪمهلو ايرا پيرا ڪرڻ.. محمد يوسف جي موت جو بهانو بنبا. رهيل سهيل ڪسر پوري ڪئي مفسد قومي محاذ جي ڏهشتگردن.. جن سڄي ڄمار جي ڪمائي... ١٧ سالن جي محنت سان، پيٽ تي پٿر رکي جيڪو سر لڪائڻ لاءِ اجهو ناهيو ويو، تنهن مان الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل جهنم جي هن عذاب وانگي.. گهر وارن کي کي ڪڏي بيگهر ڪيو:

"اڄ ٿي پهتل توهان جي خط جي شروعاتي لفظن سان ٿي هن.خط جي شروعات ٿي ڪجي تہ" هڪڙو طوفان آيو، گذري ويو. اسان رڳو لکندا ۽ ڏسندا ٿي رهجي وياسون. جن ماڻهن کي جمهوريت نہ کپندي هئي تن خون جي هولي کيڏي. گهڻا جوڌا جوان شهيد ٿي ويا. گهڻا گهرن مان بي گهر ٿي ويا..."

"انهن بي گهر ٿيندڙن مان هڪ هيء بد نصيب بہ آهي، جنهن مٿان ١٩٩٠-٥-٢٨ رات جو قيامت آئي گولين جي وسڪاري بند ٿيڻ جي وقفي ۾ الله کان امان گهري، ٻچڙا وٺي وڃي حسين آباد ۾ ستايل سنڌين جي ڪئمپ ۾ پناهہ ورتي هئي. ۽ ان طوفان ۾ اڃا تائين (١٧ سيپٽمبر ١٩٩٠ع) آهيان..."
۽ آخري خطن ۾ مون سان توڙي ٻين دوستن ۽ بزرگن سان بہ انهيء طوفان جي شڪايت ڪندي، طوفان آڻيندڙن بسان ساز باز ڪندڙن "پنهنجن" وڏي ميار ڪندي، بنا موڪلائڻ جي هليو ويو تہ جيئن اها شڪايت روبرو رب پاڪ جي حضور ۾ پيش ڪري سگهي تہ "هڙا هاڃا ٿين تنهنجي هِن ٻنيور ۾!.



ممتاز مرزا

# نينهن جو نعرو: حسين بخش خادم

ماڻهو ته مڙيئي ماڻهن جهڙا، ڪي ڪير جهڙا اڇا اُجرا ته ڪي ماڪيءَ کان وڌ مٺڙا، ته ڪي وري "توهن" جهڙا سهڻا: ڪن ماڻهن جي جوت اهڙي جرڪندڙ، جو انهن جي اُهاءَ ۾، مونجهارن ۾ مبتلا ماڻهو به چار وکون کٽي ڪنهن ماڳ تي وڃي رسندا آهن. اهڙا انسان اڄ ته بنهه اڻ لڀ، پر سنڌ جي سُرهاڻ پري ۽ سريلي سناءَ ۾. اڃان به ڪٿي ڪٿي چندن جي اهڙي دونهين د ڪيل آهي، ۽ پڻ ڪٿي ڪٿي اها لاٽ به اڃا ڪا جَهڪي نه ٿي آهي. وقت جو واچڙو اهڙين ڏِياتين کي هرڙي ڏاڍڙي اُجهائيندو پيو وڃي: "لاٽڻ لوءِ، ڪي اڳي ڪي پوءِ" وڃڻ وارا سُپرين جهلڻ جهڙا به نه آهن. موت ملاقات سدائين اوچتا، پر اهڙو اوچتو وڃڻ به ڪن ڪن کي نصيب ٿيو، جهڙو حسين بخش خادم جي لکئي ۾ ٿيو.

حسين بخش خادم، الا، ڪو مڙس هو. عبدالحميد آخوند جن جي آفيس ۾ ويٺو هئس، صبح جو پهر، طبيعت ۾ چڳي ڦڪرائي هئي، جو حميد صاحب ٻڌايو ته فقير حسين بخش خادم رات گذاري ويو. ڪنن مان اصل دونهان نڪري ويا، ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آيم. جهٽ پل کان پوءِ ڪائنن پڇيم، "ڪيئن". ٻڌايائين، "معراج علي فقير فون ڪري ٻڌايو ته رات نواب ولي محمد خان جي درداه تي ويراڳ ڪري اُٿيو، فجر جي نماز پڙهي وڃي ستو، صبح جو يارن جاڳايس ته ڏنائون شيءِ وڃي ڏٺين کي پهتي." ڳالهه تي اعتبار ئي نه پيو اچي. ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه هئي جو لاهور جي الحمرا هال ۾ سنڌي راڳ جي رهاڻ ۾ اسان سان پيڙو هو. ڳاٻائين ۽ پاڻ ملهايائين. اُن کان اڳ به ڏينهن به راتيون رهاڻيون ڪچهريون، کل پوڳ، چرچا گهڻا. سڀ اکين آڏو تري آيا. دنيا جا ڪيئي دور مٽيا، ڪي آيا، ڪي ويا سواءِ ڪنهن هڪڙي ٿوري وقت جي، نه اسان جي سنگت ۾ گهاري پئي، نه ئي اڇن ڏندن جي پريت وڻي، جيئن لاڳاپا قائم ٿيا، تيئن رهيا. هو هليو ويو، سندس ياد گيريون هميشه هينئين ۾ پيون هُرن.

فقير حسين بخش خادم سان منهنجي واقفيت ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي، تنهن جي سار نه رهي اٿم، پر ڪيس پهريون پيرو پٽ شاهه تي ڏٺم ۽ ٻڌم، تنهن جي يادگيري اڻ لڪي. پر حيدرآباد واري بنست هال ۾، عالي جناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ جن راڳ جي رهاڻ جو ڪو اهتمام ڪيو هو. آئون به ڪنڊ پاسي ۾ موجود هئس. ڳائڻ وارن جو وڏو لڏو موجود هو. جن ۾ هڪڙو حسين بخش به هو. مرحوم ۾ ڪافي ڪلام ڳائڻ وقت جواني جو جوش ۽ جذبو هو. سندس "آ" ۾ گهٽي ڊيگهه ۽ سُر کي چڪي بنهه ٽيپ تائين رسائڻ وارو رنگ منجهس مڙني سرس. ڪافي ڪهڙي ڪچيائين، تنهنجي سُڌ سار مون کي نه رهي آهي، پر ڳائيندي ڳائيندي جذب ۽ ڪيف جي ڪڪوريل ڪيفيت ۾، يڪتارو اُڇلائي، وٺي ٻاڪاريائين، ۽ پل ۾ پٽ تي پنجي، لڇڻ ڦتڪڻ لڳو. اسان واري چيڳري ۽ رول سنگت اهو ڳائڻ واري جو مڪر سمجهيو. ڪن هوش وارن "حال" واري ڪيفيت پاتئين. محفل

بخش خادم جي پاڻ ۾ ياري قائم ٿي، تنهن جي پڪي پختي خبر نه اٿم. البت ايتري سار اٿم ته حيدرآباد ريڊيو جي کلڻ کان پوءِ، جڏهن سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان ڳائڻ وڄائڻ وارا اچي هوم اسٽيڊ هال واري براڊ ڪاسٽنگ هائوس تي سَهڙندا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ سندن شناسائي ٿي ۽ جا پوءِ اڳتي هلي جناب عبدالحميد آخوند صاحب جي سڳي ۾ مضبوط ٿي ۽ ٻئي پاڻ ڪي، مخدوم طالب المولىٰ صاحب جي مرشدي جي لار لڳا ۽ "پير ڀائي" چوائڻ لڳا.

فقير عبدالغفور سان حيدرآباد جي حوالي سان منهنجي آڳاٽي واقفيت هئي، پر ڀٽ شاهه جي ميلن جي موقعي تي اِها واقفيت وڌي وڻ ٿي. حسين بخش خادم کي به انهيءَ دوران ڏسڻ، سَمجهڻ ۽ پُرجهڻ جو موقعو مليو. فقير صاحب مرحوم ذات جو ڀنگر هو ۽ سندس چواڻي موجب "پاڻ سنڌ ملڪ جو اصل وارث هو، جو پاڻ چِند راجا ناهِر جي نُک مان هو، جنهن جي بادشاهي بنهه وڏي هئي، پر چڙهيل سج نيٺ الهندو به آهي. سو ايامن کان پوءِ انهن جي راڄ ڀاڳ جو انت آيو ۽ ٻين آيل فتحمند ماڻهن هنن لاءِ چڱا ڪم نه سَٺا، سو وڏن شهرن کان ولي ڀڳا ۽ سڃن ٻٽن ۾ وڃي آباديون قائم ڪيائون. "نه ڪتو ڏسي نه ٻهي" پر بک ٻچڙو تول دانا، ديوانا ڪري"، نيٺ ڪي ته ڪرڻو ئي هو جو پيٽ جو دوزخ ڀرجي ۽ بک جي باهه گهٽجي. تنهن ڪري حال سارو هر ڪنهن وڃي ڪو هُنر سکيو. "ڪي ڪيڏانهن ته ڪي ڪيڏانهن، ڪٿو، ڪٿي ڪان ڏار". فقير جي وڏن جي وَسُ چڙهي وڃي هر هارپ. ڪن جو چوڻ آهي ته حسين بخش بختيارپور ۾ ڄائو ۽ پوءِ شادي ۾ ونيءَ ماٽڻ کان پوءِ، اباڻا ڪک ڇڏي، اچي آراضي (تعلقو سيوهڻ) آباد ڪيائين، پر منهنجي ڄاڻ ۾ هو آراضي ۾ ڄائو ۽ اُتي ئي وڏو ٿيو.

ٻاروتڻ ۾ اسڪول جا ٻه درجا پڙهي پيو، پر مسڪيني حال، اڳتي پيٽ گذر لاءِ ڪي ته ڪرڻو هو، ڏٽي ڀَلو ڪري، مرحوم دوست علي فقير جو جنهن جي مٿس ديد پئي، ولي آٽي ٽنڊي ڄام لڳ محمد فقير ڪٽياڻ جي درگاهه تي رهايائينس ۽ ڪم ڏنائينس ته گهوڙن جي سار سنڀال لهي ۽ اُنهن جو گاهه پٺو به ڪري. فقير ۾ جوانيءَ جا زور هئا. ماني ٽڪي ۽ ڪپڙي لٽي جي فڪر کان آجو ٿيو ته ٻنين جي ٻَنن تي، شاخن ۽ وڻن جي ڪٻن تي جهونگارڻ لڳو. جو محمد فقير جي مڪان تي راڳ ويراڳ عام جام، ڪيئي يڪتاري پوتا فقير ڏينهن رات چپڙن ۽ يڪتارن تي "الو ميان" پيا آلاپيندا هئا. اتان ئي فقير جي دل ۾ راڳ ويراڳ جي دونهين دُکي. يڪتارو ڪڏهن ڪنيائين تنهن جي سُڌ مون کي به نه آهي، پر ٿوري ئي عرصي ۾ مخدوم صاحب طالب المولىٰ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اُتي به ڀهرين سينس ٿي ڪم ڪيائين، نالو ڪڍيائين، آواز جي ميٺاج جي هاهاڪار ڪڍاريائين، ۽ پوءِ محترم مخدوم طالب المولىٰ جي مهر واري نظر سان رڱجي رڱتو ٿيو، ۽ مصري فقير جي ساٿ ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين.

مصري فقير سرهاڙي (تعلقي شهدادپور) جو مگڻهار فقير هو، ۽ مخدوم صاحب جي حاضري جو ڳائڻو هو، باجي تي، بيتن جي ٻهيرن سان ڀَلو ڳائيندو هو. مخدوم صاحب جن جي مٿس محبت واري نظر هئي ۽ اُن لحاظ کان مصري فقير راڳ کي سمجهي ڳايو، سُئي ڄاڻ جي ڪري، پنهنجي مخصوص انداز ۾ تمام سٺو ڳائيندو هو. حسين بخش به سندس لڙهه لام لڳي ويو. ڪي اڪر ڪانئس

چشمي هئي. حسين بخش وٽ ڳائڻ واري دل هئي، پر راڳ جي ڄاڻ پوري ساري، سو مخدوم صاحب متس اهو وڙ ڪيو جو ڪيس مصري فقير مرحوم سان سلهاڙي ڇڏيو ته اُن سان گڏجي ڳائي ۽ راڳ سکي. ائين حسين بخش فقير مخدوم صاحب جن جي حاضري جي ڳائڻ وارن ۾ شامل ٿيو، ۽ هرڙي ڏاڍڙي ويو پريت جا پنڌ پورا ڪندو.

يڪتاري تي ويهي پوءِ وجد ۾ اچي، نچي ڳائڻ ڪري، حسين بخش فقير جلد ئي پنهنجو پاڻ ملهايو. طبيعت سندس سُريلي، ۽ نازُڪڙي، هينئڙو ڪڏهن ڏاڙهون، گُل جيئن ته ڪڏهن ڏنڊڻ پاڙ مثل. نه ڪنهن جي گلا نه دانهن. دل جي دنيا ۾ ڪو شاعر به لڪل هوس، جو هر هر لوڪان لڪيو پيو لياڪا پائيندو هوس. ڪڏهن ڪنهن ڪڙيي جي ڪنڌي تي ته ڪڏهن ڪن ڇُهج ساوَن پَتن ۾ ويهي پنهنجون ڪهيل ڪافيون پيو جهونگاريندو هو. محترم سائين طالب المولىٰ جي سَٽ ۾، سنڌي ڪافين جا ڪيئي شاعر موجود هئا، خود پاڻ مخدوم صاحب جن بنا شڪ شبهي جي، اڄ به سنڌي ڪافي جا بي مثال شاعر آهن، سندن ڪافيون سُرن جي سُرهاڻ سان سينگاريل آهن. انهيءَ سُريلي سَٽ ۾ هن جا اُڏما اجان وڏيڪ اُپاريا. دل ۾ دونهين دکيل هنس، ويتر مخدوم صاحب جي مهر ۽ پيار واري نظر، فقير جي شاعرائين ڪيفيتن جي باهڙي کي وڏيڪ مچاني مچ ڪيو. سندس انهيءَ وصف جي ڄاڻ جڏهن سائين طاالب المولىٰ صاحب جن کي ملي ته، سرها ٿي، کيس "خادم" جي تخلص سان نوازي اصل نهال ڪري ڇڏيائون. ائين آراضي جي هن خدمتگار کي خادميءَ مان شاعر جو لقب به مليو ۽ اهو تخلص سندس نالي جو اصل جُز بنجي ويو.

سندس گهڻي مشهوري، هڪ سنڌي فلم ۾ ڳايل ڪلام "ويک مري دا چلتا، جو روز وَهيندا رستا" سان ٿي. انهيءَ ڪلام جي ڌُن، سنڌ ۽ بلوچستان جي عظيم موسيقار ۽ بينجو وڄائيندڙ مرحوم بلاول بيلجم جي ناهيل هئي. بلاول، پنهنجي دور جو لاثاني، باضمير ۽ شاندار فنڪار هو، جنهن کي نه رڳو پنهنجي فن جي ڄاڻ هئي، پر اُن تي ناز ڪرڻ به سهڻي انداز ۾ ڄاڻندو هو. هرو ڀرو ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍڻ هو نه سکيو هو. هر وقت پنهنجي فن ۾ ٻڌل، يارن سان سچارو ۽ دل وارن جو يار. وقت جا وڏا وڏا موسيقار سندس آڏو هرو ڀرو اجائي هام به نه هڻي سگهندا هئا. تنهن ڪري ساڻس ڳالهائڻ کان ڪنو ڪندا هئا. مرحوم جي شڪل ڪوجهي ۽ ڳالهائڻ کُهرو پر سچو. گهڻو وقت ريڊيو پاڪستان سان وابسته رهيو. زيڊ اي بخاري ۽ اُن جا پولڙيا سندس فنَ جا سچا قدردان هئا. مرحوم بخاريءَ کان پوءِ هن جي لاءِ ريڊيو جا دروازا ڪڏهن کلندا هئا ته ڪڏهن بند ٿيندا هئا. فنڪارانه بيپرواهي ڪري، هن ۾ پابنديون مڙئي گهٽ ۽ وقت اهڙو آيو جو فن جي دنيا ريڊيو به هڪ سرڪاري ۽ ڪاموڙڪو ادارو بڻجي ويو. همراهه حيدرآباد مان تنگ ٿي چڻائي پڳو. نيٺ سليم گيلاني کيس لاهور سڏائي، لاهور ريڊيو تي ملازم رکيو، ۽ اُتي ئي گذاري ويو پويان يارن ۾ محض يادگيريون ڇڏي ويو.

حسين بخش خادم جو اهو پهريون رڪارڊ هو جنهن سندس مشهوري ڪئي - پر فقير هو، سو اِن مشهوري تي ڪڏهن نازُ نه ڪيائين، ۽ نه ئي واهه واهه ورتائين. دل ۾ سکڻ جو شوق، ۽ اڳتي وڌڻ جي آس، محض فقيرائي ويس تي پاڙي ويهي رهيو. اُنهيءَ دور ۾ شاهه لطيف جي ميڙي جي موقعي

تي ڳائڻ معنيٰ وڏي ڳائڻي جي سَنَدَ ۽ لطيف جو ميڙو به اُن دور ۾ سياسي ۽ سماجي ڇڪتاڻ کان پري هو. محبت جو ميڙو ماڻهن ۾ ميٺ ۽ ٻڌڻ وارن ۾ جَسَ ڏيڻ جا جوڙ. عالم، شاعر ۽ اديب به دل جي حضور سان اچي اتي ڀيڙا ٿيندا هئا. نه شڪايت نه ميان محض محبوب جي حاضري، جو خيال ۽ شوق. نه هئا باغ بنگلا، نه هيون ڪي ٻيون بندشون. کليل ميدانن ۾ نينهن جا نعرا ـ هر ڪنهن جو ٻول پنهنجو، پر ڳالهه رڳو پريت جي. دوئي جو نالو نه ڪو نشان. هر هنڌ اهي ئي محبت وارا ۽ هڪٻئي کي سَهڻ ۽ پائڻ وارا خيال ۽ پڙاڏا. مون حسين بخش خادم کي اُتي ئي وڏي خيال سان ويهي ٻُڌو. راڻي مان ڪافي ڳائي هئائين جنهن جو ٿلهه هو:

"منهنجي راڻل کي ڪو رحم پوي، ڏور وڃيو ڏينهن لائي"

اهو شايد ۱۹۶۱-۶۰ع جو زمانو هو. نه مون کي سنڌي راڳ جي ابتري جاڻ هئي نه سنڌ جي ڀهراڙين جي اُتي ويئي، جو علم. بَس ٻين تي واهه واهه ڪئي، مون به ويٺي ٻُڌو. البت سندس شخصيت دل ۾ ويهي ويئي. تان جو استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مهر واري نظر سان آئون لطيفي ميلي جي ثقافتي سرگرمين جو سرگرم ڪارڪن ٿيس. منهنجي عمر ننڍي هئي ۽ فقيرن چواڻي، نه مون واري شڪلڙي به ڪا موچاري هئي. اسان جا راڳائي صوفي سرمست، مون کي ڏسندا هئا نه هڪ ٻئي کي نُونيون هڻي، پنهنجي مجاز واري رنگ کي ڪُريزون ڏيندا هئا. معنيٰ جي ملڪ جا اهڙا گُفتا ڪندا هئا، جو مون کي سمجهه ۾ ئي نه ايندا هئا. البت سندن ديدن جا ڍنگ ڏسي، آئون ڳاڙهو ٿي ويندو هئس، ۽ ٻولي به ڪٽي ويندي هئم. سندن ٻول ٻچن ٻڌي، مون ۾ ورندي ڏيڻ جو به حوصلو ڪين هوندو هو. بَس ڪَن ڳاڙها ڪري، ٻوئين ٻيرين پڇندو هُئس. اهڙي مجاز جي ماريل ڳائڻن جا اڳواڻ مرحوم فقير عبدالغفور ۽ حسين بخش خادم هئا.

ٻنهي فقيرن جي ياري گهاٽي، سدائين، جو هڪٻئي کي "ٻير ـ ڀائي" چوندا هئا. فقير عبدالغفور تيز ۽ مُنهن تي ڳالهه ڦُڪائڻ وارو ۽ حسين بخش خادم وري ميم ۾ مارئي ڳائڻ وارو ڳالهه ٻنهي جي ساڳي. تات اُهائي مجازي محبت واري. مون کي ياد ڪونهي ته هنن ٻنهي ڪڏهن مون سان ڪوسو ٿي ڳالهايو هجي، سدائين ميٺ محبت سان، دل جو حال اوريندا هئا. جڏهن مون ٿوري گهڻي سمجهه واري وات تي پڳڙا ڏريا، تڏهن سندن مقالن جو انت لڌم، ۽ جڏهن سندن ڳالهيون، سندن مُنهن ۾ ڏيندو هئس ته کلندا هئا، لڄي نه ٿيندا هئا. بس چوندا هئا "هائو مرزان اهو به زمانو هو، هاڻي ته اسان کان به اهڙيون ڳالهيون ڇڏائجي ويون آهن. بس گذري کي سلام، اڳتي لاءِ خيال."

حسين بخش خادم، مخدوم صاحب جن جي مجلس ۾ ويهڻ ڪري، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ شائنتو انسان بڻيو. هرويرو نه ڪنهن سان ڪونئس ڪندو هو نه ئي وري ڪنهن کي پنهنجي ڪٽي کي هٽ لائڻ جي موڪل ڏيندو هو. بَس وقت سِر ۽ ضرورت آهر سنگت سات ۾ ٿوري گهڻي سياست راند ڪري وڃي پار پوندو ۽ اُن ۾ گهڻي ڀاڱي ڪيس چڱيون ڪاميابيون پلئه پنجي ويندڙيون هيون. پر سياسي اهڙي جنهن ۾ دوستن يارن کي رنج نه رسي، مطلب راند اهڙي رمي، جنهن ۾ لال به لپي ۽ پريت به رهجي اچي، نانگ به مري ته لٺ به نه ڀڄي. ان لحاظ سان اڪثر ڳائڻن جا ننڍا وڏا جهيڙا به،

ٿياڪڙ ٻڌجي نبيرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اهي جهيڙا گهڻو ڪري، عام محفلن ۾ مليل پئسن تي مچندا هئا ۽ اڪثر انهن جي شروعات فقير عبدالغفور مرحوم طرفان ٿيندي هئي. راڳ جي محفلن ۾ اهو دستور آهي ته ڳائڻ وارو مليل ڪنهن محفل جي لاڳ جو ڪو حصو ساز وڄائيندڙ واري کي ڏيندو آهي. پکواز واري لاءِ ٻه آنا ته پيٽي هارمونيم) واري لاءِ چار آنا وغيره. فقير عبدالغفور مرحوم اول ته لاڳ طور مليل اصل رقم هٿندو هو اُبداٽي ۾، پر وڄائڻ وارن جون ان ڏس ۾ ديدون ٻنهه تکيون، ڍُهلڙيءَ تي تار ٻه پيا مُڪائيندا ته دل ۾ مليل رقم جو ليکو ٻه ويندا آهن پکو ڪندا. فقير جا ٽوپا پنهنجا، ۽ وچتن جا ليکا سچا. گهڻي وٽ ونان ڪان پوءِ نيٺ حسين بخش مرحوم پڙڪو ڪاٺي اُٿندو هو. ۽ اکيون ڦوٽاري، ڏند ڪرٽي، اُيو ٽي اچي فقير جي مٿان پوندو هو. ۽ ڪيس چينپ ڪدي، نادري حڪم سان، وچتن کي حق ونٺي ڏيندو هو. فقير غفور جي هڙ مان چار ٽڪا گهٽ ٿيا ته بر ٽي بيهي رهندو هو. ۽ قصو تڏهن وڃي نهندو هو. جڏهن فقير حسين بخش خادم پنهنجي حصي مان ڪي ڪٽا ڪڍي، فقير مرحوم جي جهوليءَ ۾ وجهندو هو. تڏهن وڃي ناٻر ٿيندي هئي، تڏهن ٻه مرحوم عبدالغفور جي پڻ پڻ جي پنڊي گهٽبي خيرڪي هئي. اهي ڳالهيون پنهنجي ماڳ، پر حقيقت ۾ هو ٻئي هڪ ٻئي کي گهڻو ڀائيندا ٻه هئا ته خيال ٻه ڪندا هئا. ٻنهي جي ڀاٽاري هڪ، ۽ ڪچهريون ٻه ڳُجهيون ۽ سربستيون، جنهن ۾ ٻي ڪنهن کي گهڻو ڪري شامل نه ڪندا هئا. چو، جنهن جي ڪَل مون کي ڪڏهن ڪانه پئي.

حسين بخش خادم مرحوم جي عام ۾ صحيح معنيٰ ۾ گهڻي سڃاڻپ تڏهن ٿي، جڏهن سنه ۱۹۷۳ع ۾ آئون ٽي وي واري لڏي ۾ اچي شامل ٿيو هوس. ان ڪان اڳ شاعر جي حيثيت ۾، سندس ڪلام، "ويهه نه وڄ منهنجا مِٺا، اڄان توسان دل جو ڳالهيون ڪرڻيون اٿم" محمد يوسف ڳائي، سنڌ جي هر وسنديءَ، واهڻ ۾ ڪيس مشهور ڪرائي ڇڏيو هو. ٽي وي تي مون سان سندس ڪيئي رهاڻيون ٿيون، ۽ نيٺ ۷۴ـ ۱۹۷۵ع ڌاري ڪراچي ٽيليويزن طرفان هڪ وڏو لوڪ ميلو منعقد ڪيو ويو، جنهن جو افتتاح بلوچستان جي مشهور لوڪ فنڪار فيض محمد بلوچ جي هٿان ڪرائي، هڪ نئين ريت جي پيڙهه رکي وئي هئي. انهيءَ ميلي جا چار حصا هئا، جيڪي چئن ئي صوبن جي نمائينده فنڪارن ۽ هنرمندن تي مشتمل هئا. هر صوبي جو سرواڻ ڪونه ڪو پروڊيوسر هو، سنڌ صوبي جي آڳ واڳ منهنجي حوالي ٿي. بين سان گڏ مون حسين بخش خادم کي ٻه سڏ ڏنو ۽ اُنهن ڏينهين ڪراچيءَ جي عوام آڏو سليمان شاهه جي مقبوليت پنهنجي عروج تي پهتل هئي، ماڻهو بلا امتياز ڪيس ٻڌي جهمريون پائي نچندا هئا. روز شام جو سنڌ پويلين تي کلي استيج تي سمورا فنڪار واري واري سان پنهنجو فن پيش ڪندا هئا. گهڻا ڳائڻ وارا سليمان شاهه ڪان پوءِ ڳائڻ لاءِ تيار نه هوندا هئا ـ پر هڪڙي شام مون فقير عبدالغفور ۽ حسين بخش خادم کي انهيءَ تي آماده ڪيو ته هو سليمان شاهه ڪان پوءِ ڳائين. ٻئي همراهه نٽ نٽاءِ ۾، پر مون پنهنجي ڳالهه متي جو منهنجو خيال هو ته اِهي ٻئي فقير پنهنجي رمز ۾ نئون رنگ ڪندا ۽ ماڻهن کي ٻڌڻ ۽ نچڻ لاءِ ضرور بيهاريندا. سليمان شاهه ڏاهو مڙس، تنهن کي جو اها سُڌ پئي ته هن ٻه ڳائڻ ۽ نچڻ سان اصل ويهون وڄائي ڇڏيون. ماڻهن جون هن جي

ٻول ٻول تي اصل هنيوچيون لڳيون پيون هيون. فقيرن جو اهو لقاءُ ڏٺو سو اڳتي وڌڻ جي همٿ ٿي نه پيا هٽن. مون کي به دل ۾ پڪو ٿيو ته اهو رس ٽٽڻ ڏکيو ـ اوچتو منهنجي ذهن ۾ خيال آيو ته هنن ٻنهي جي ڪلام کي ملائجي. سو چيو مان ته ”لال ميري پت رکيو ٻلا“ ڳايو. مڙس ڪڙي ڪڪوهه جون پڻ وٺيون پيئي، جڏهن ٻڙ ۾ لٽا ته پنيور کي ڄڻ باهه لڳي وئي. ماڻهن ۾ وجد جي ڪيفيت پيدا ٿي پئي. ڪن کي ته اصل قواليءَ واري رنگ وارو حال پنجي ويو. هڪڙي ڪڙي جي ڪيف جي مستي، مٿان مون واري پروسي جو خيال. همراهن اصل پاڻ کي ڦٽي ڇڏيو. پنجن منٽن وارو ڪلام، سهڻن بيتن سان سينگاري اٽڪل ڪلاڪ ۾ پورو ڪيائون. تڏهن به ماڻهن سندن جند نه ڇڏي، پوءِ به ٻه ٽي ڪلام ڪُجي وچي پار پيا. تنهن ڏينهن، پهريون پيرو فقير حسين بخش مون کي جَس ڏنو ۽ چيائين ”ٻيلي مرزان صاحب اِهو تنهنجو عقل، نه ته جيڪو اسان ٿي ڳايو، تنهن ۾ اهڙا بچڙا ٿيون ها جو راج ڏسن ها“. بعد ۾ هن انگريزي اخبار اسٽار ۾ هڪ انٽرويو ڏيندي چيو هو ته، ”اسٽيج تي ڪهڙي محفل ڇا ڳائجي ۽ ڪيئن ڳائجي اهو مون ممتاز مرزا کان سکيو. هن مون کي اهو به سمجهايو ته يڪتارو ڪيئن ملائجي، ۽ ڪهڙن ماڻهن آڏو ڪهڙو ڪلام ڳائجي.“ اڪثر هنڌن تي مون لاءِ اهڙا اکر چئي مون کي ڦڪو ڪندو هو. اها هئي سندس وڏ گردائي ۽ ٻئي کي شاباس ڏيڻ واري خوبي، جا اسان جي اڪثر يارن ۾ بنهه نه هئڻ جي حد تائين گهٽ هوندي آهي:

هنجهه مڙيئي هنجهه، ميرو منجهن ناهه ڪي
جتي رهن سنجهه، سو سرَ ڪَرين سرهو.

سنڌ جي راڳ جي سنجڻ ۾، حسين بخش خادم اچا تڏهن گهٽو چمڪيو، جڏهن فقير عبدالغفور جي ساٿ ۾، محترم حميد آخوند کي اوڏو ٿيو. حميد جي غفور سان دل جهجهي ۽ غفور به حميد جي سڳي ۾ مضبوط ٻڌل، جو سندس انگل آرا دلي خوشي سان ڪٽندو ۽ پورا ڪندو هو. حسين بخش به انهي سنگ جو فقير پر مهذب ۽ سيبتو. شروع شروع ۾ ته حسين بخش بنهه گهٽ ڳالهائيندو هو، پر جڏهن وِٿيون پريون، هڪ ٻئي جي پاڻي جو پتو پيو ته حسين بخش به پنهنجا پکڙا پڌار ڪيا. حجت سا هو به گهٽ ڪندو هو، پر ڳالهين ۾ پڻ موقعي سان گفتگو ڪري، ڪنهن کي مٿي ڪرڻ ته ڪنهن کي ڪيرائي پٽ ڪرڻ سندس ذاتي هٽ جو ڪم. ڳالهه اهڙي ڍنگ سان ڪندو هو، جو سندس ڪهيل ڪوڙ به سچو ٿي نچڻ لڳندو هو. اها پي ڳالهه آهي ته فقير مرحوم خادم گهٽو ڪوڙ کي آڏو نه ويندو هو. چرچي گهِپي طور ڪنهن تي ڪو ڪوڙ بدوڙ هنيائين، ته پل ڪن ۾ اُن جي اُجرائي به ڪري ڇڏيندو هو، جيئن سندس دل به صاف ته اڳلي جي اجائي ارهائي جي به انتها.

سنڌي راڳيندڙ جي حيثيت ۾ حسين بخش کي پهريون پيرو حميد آخوند صاحب جرمني وٺي ويو هو. اُن کان پوءِ وري فرانس ۽ يورپ جي ڪن مُلڪن ۾ صوفي راڳ پيش ڪرڻ لاءِ ويو. جتي هارمونيم تي ڳائڻ بنهه ممنوع هو. ساڻس گڏ عبدالواحد جماليءَ وارا به انهيءَ سفر ۾ شامل هئا. اُتي جي ماحول ۾ مون ٻڌو ته چڱو رنگ لاتائين. حميد آخوند صاحب جن جي مهربانيءَ سان هڪ پيرو وري مون کي

فقير حسين بخش جي، جو ان فيصلي کان پوءِ، وک وک تي وهلور ۽ ويچارو. ٻين فقيرن سان ڳُنڍڻ ۾ ٻيو کهاٽيون کهي ڪڇي، پر ڪو همراهه وڏي اسان کان احوال وٺڻ لاءِ تياريئي نه ٿيو ٿئي. ايئن جڻ اسين سنڌن ساهه جا دشمن هجون. جيڪي همراهه لنڊن مان واپس ورڻا هئا تن ۾ حسين بخش کان سواءِ الهه بچايو لاسي، عبدالواحد جمالي، سچڻ فقير ۽ عثمان فقير ماڇي شامل هئا. الهه بچايو لاسي ته نه ڪنهن جي آئي ۾ نه وئي ۾، بس پنهنجي مُنهن ڳهڙي سان ٻيو گفتا ڪندو هو. ۽ ميم ۾ مارئي ڳائي، مون کي ٻيو ميارون ڏيندو هو. عثمان ماڇي سنگ ۾ منهنجي ڪري شامل ٿيو هو. پر هڪ ٻه پروگرام ڪرڻ کان پوءِ مڙس ۾ واءِ ايڏي پرجي وئي جو پٽين ٻير ٻه نه ٻيو لڳس. اصل ڏيڏر وانگر ڦوڪجي ڦاٿو ٿي. سچڻ فقير راڳائي فقيرن ۾ جڻ سياستدان، دل جو ڪُنڊ، ڳالهين ۾ چالاڪ ۽ تين وقت جي سَرسي سمجهي، اُن گهلندڙ واءِ ڪي منهن ڏيڻ وارو. آڳاٽي وقت کان وٺي منهنجي ساٿس ڏيٺ ويٺ هئي. ٿلهو ٿنيرو گيڙو فقيراڻو پٽڪو، سياري اونهاري ململ جو گيڙو چولو. ۽ پٽئي جي سُٿڻ: هلڻ چلڻ ۾ پنهنجي ڏيا. هڪ ڀيرو ته ماٺهو سنڌس ڊبل ڊول کان ڏهڪاءِ ڪائي، سنڌس ڳالهين ۾ ڳڳاٽجي ويندو. ٻيو سنڌس منديل ڪاڪ جون ڳالهيون ڪندو پر ڇڻ پنجن ڪچهرين کان پوءِ سُڌ پوندي ته ٻيلي، "اَڇي ٻڳ مَر پس، اندر مڙئي اگڙيون، اندر جو ڪارو ڪانو، حضوري هَنج تي مڙئي سرسيءَ سان سوار. ماڻهن جي مصلحتن جا منڍ مڙئي مَتارا. ڪٿي هيٺا ڪٿي ڏاڍا، ڪٿي ڪات ته ڪٿي ٻَڪرو. اهي سموريون رمزون سچڻ فقير ۾ موجود. جهڙو نالو اتس تهڙا جي انگ هجنس ها ته سنڌس ڳُڻ ڳڻڻ کان ٻاهر هجن ها. هن همراهه جي ريت مڙني فقيرن کان نرالي آهي. سدائين سَرسي وارن جو ساٿي، پنهنجي فائدي لاءِ ڪنهن ٻي ٻوليءَ واري مان ٻه ٽڪا رسيا ته پنهنجي پرين يار کي ٻه کهائي وجي ٻار پوندو. لنڊن ۾ انهيءَ همراهه ٻين ماڻهن سان ملي، ڪيئي داڻهون پڪارون ڪيون، عادت آهر منهنجون ۽ حميد جون سفارت خاني وارن وٽ گلائون ڪيون، پر انهيءَ هلچل ۾ اوقتا ڪاڏا ڏسي، هيچ سان ڪائي، نه رڳو پرجي ٻيو، پر ڳڙ ٻه نڪري ٻيس، سو اڇي پَسڻ ڀيس ته الانجي چا ٿئي، ڳوٺ واري جراح جي نشتر ۽ هتي واري ڊاڪٽر جي هٽ ۾ ڪهڙي شفا ـ هڏا نه رُلائين، سو اُن ٻه ڪٿي ماٺ ڪئي. فقير حسين بخش ڏينهن اڌ ته ماٺ ۾ رهيو، هيڏانهن هوڏانهن ٻين يارن سان ڳالهيون ٻولهيون هلايائين ۽ نيٺ هڪڙي ڏينهن لنڊن جي لطيف شام جو، اڇي منهنجي ڪمري ۾ ويٺو. رات گذارڻ جو سَئو ڪري آيو هو. هونئن ته فقير حسين بخش هرو ڀرو ڪنهن خرچ کان پرهيز ڪندو هو. سنگت سات ۾ پيالي ٻاٽي جي ڳالهه ٿيندي هئي ته سعيو ڪري ٻين کي هُشيون ڏيندو هو، خاص ڪري زور هوندو هوس فقير عبدالواحد جمالي تي ته "سنُگ جو اڳواڻ آهين تون پيالي جو حيلو ڪر" فقير عبدالواحد جماليءَ سان ٻه منهنجي آڳاٽي ڏيٺ ويٺ هئي، نهايت سادو ۽ مسڪين مارو ماڻهو، ڳائڻ جي شوق آٽي ٽي. وي. ٻيڙو ڪيس. هوڏ هنس ته هو اُن وقت جي ٽي وي جي ايم. ڊي جي زمينن تي هاري آهي. اُن جا اڇي احوال ڪيائين ۽ دڙڪا ڏنائين. اسان ٻه پنهنجي ليکي، سو سنڌس دڙڪن جي دام ۾ نه آيس، همراه کي کُتو جواب ڏنم. "ڏسنداسين". تڏهن همراهه ورتي هيناهين، حالي احوالي ٿياسين، موقعو ٺاري، ٻي واري ڪيس سڏايم

۽ سندس پروگرام ڪيم. انهيءَ وقت ۾ پٽاڻي جو ميڙو به اچي مٿان پيو. دعوت لاءِ ڇپائين. مون ڪيس سڏيو ۽ جيئن ئي موقعو مليو ته ڪيس اڪيلي سر ڳائڻ جو وارو ڏنم ـ اڪيلي ڳائڻ جي ڳالهه ڳري، مزو نه ڪيائين جو حميد آخوند مون کي ميار ڏني ته، "هي وري ڪهڙو ٻاڙو همراهه آندو اٿئي!" بس، اُهو ڏينهن وري فقير عبدالواحد جمالي کي اڪيلي سر ڳائڻ جو وارو نه ڏنم. پوءِ ڪي سال اينئن رڳو ٽي وي تي ملاقي ٿيندا هئاسين. بعد ۾ حميد آخوند ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي آڳ واڳ سنڀالي، تڏهن مختلف فنڪارن کي ڀٽ تي سنڌي راڳ ويراڳ کي سمجهڻ ۽ فنڪارن جي ماڻ پروڙڻ خاطر ڪين ٻڌڻ جو انتظام ڪيو. انهن ڏينهن دوران، فقير حسين بخش خادم، مرحوم دوست علي فقير جي ٻار ۽ سفارش تي، عبدالواحد جمالي کي اڳيتي آڻي پيش ڪيو. عبدالواحد اڪيلي سر ڳائڻ جوڳو گهڻ هو. سو محمد فقير ڪنياڻ جي درگاهه جي فقيرن واري سُنگ سان گڏجي ڳائڻ لڳو. ۽ اُن ۾ چڱو رَسُ ٿي ڪيائين. اڳ اسان واري راڳ جي سنا، ۾ جيڪو سُنگ هو، تنهن ۾ فقير عبدالغفور مرحوم حسين بخش خادم، عنايت علي فقير ڍول فقير، فقير يار علي ۽ چاڪر چانديو وارا شامل هوندا هئا. ان جو اڳواڻ فقير عبدالغفور مرحوم هو. جيڪو پنهنجي ڏيا ۽ انداز سان ڏاڍو رنگ رچائيندو هو. اسان جڏهن عبدالواحد جمالي واري سُنگ جي رمز ۽ رنگ ڏٺو تڏهن فيصلو ڪيوسين ته انهيءَ سٽ جي ناهيل سُنگ جي جاءِ تي جمالي فقير وارن جو اصلي سُنگ سهڻو آهي، ان کي اڳيتي ڪجي. اهڙيءَ طرح حميد آخوند جي صلاح سان عبدالواحد جمالي جي اڳواڻيءَ ۾ نئون سنگ ترتيب ڏنو ويو. جنهن ۾ عبدالواحد اڳواڻ سڄڻ فقير، مولي ڏنو فقير، نثار حسين فقير، محمد جمن فقير ۽ محمد علي شيخ پرچهلا قائم ڪيا ويا. انهيءَ سنگ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ به چار سال ته عبدالواحد جمالي جو پير ڀٽ تي ڪتل هو، پر حميد آخوند جي چڱائي ۽ فقيرن سان پريت اهڙي جو هنن مان ڪن ماڻهن کي ڏيسارو وٺي ويو ۽ اُتي وچي پنهنجي فن کي پيش ڪيائون. بس اُهي ڏينهن اُهي شينهن، همراهه هوا جي اصل اُهنڊ گهوڙي جو هسوار بنجي ويو. جلدئي حميد آخوند ڪيس ڪو زمين جو چڱو خاصو ٽڪرو حڪومت کان وٺي ڏنو. ۽ مٿان پنهنجي خاص عادت آهر جنهن مهل آيو، تنهن مهل بنا حساب ڪتاب جي چڱا خاصا ڏوڪڙ ڏني، همراهه کي "فقير" مان ڦيرائي "وڏيرو" ڪري ڇڏيو. منجهس ميٺ محبت گهٽي، هوڏ وڌي، پيسي جي زور منجهس اجان گهڻي پيسي جي طلب پيدا ڪئي، مُڙڻ ۽ جُڙڻ واري ڪار وساري ڇڏيائين، جي ڪٿي ڪَس ڪسر ٿي ته سانورو رنگ ٽامڻي هٽي ويندو آهي، پوءِ اڪيون ڦوٽاري پيو پُٽ پُٽ ڪندو. اڳ هو رضا تي راضي ۽ هر ڪنهن جي حال تي هلڻ وارو پر هاڻي هو پاڻ کي هر لحاظ سان راڳاين جو اڳواڻ ڀانئي، اُنهن تي دڙڪا دهمان به ڪندو آهي. هڪڙي پيري مرحوم حسين بخش خادم جي موجودگيءَ ۾ مون ڪيس اِهو گفتو چيو ته، "عبدالواحد تو مان فقيري وئي، هاڻي تو ۾ وڏيرانپ اچي وئي آهي. فقيري ۽ وڏيرانپ جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو!" همراهه گهڻو ئي وهلور ٿيو، پر فقير حسين بخش خادم ڀهريون ڀيرو مون سان سهمت ٿيو. تنهن به ڪيس چيو ته، "فقير ڪڏهن پري، ۾ ڪڏهن ڀاڪر ۾، جي سنگت ڏورٽي آهي ته پوءِ اينئن مُنهن مَٿائڻ فقيري ڦيري منجهه نامناسب آهي." سامهون ته حسين بخش خادم به اينئن هو، پر پٺ ڪهڙي پٽي پڙهائيندو هون، تنهن جي مون

ڪي ڪڏهن ڪل نہ رهي. بهرحال عبدالواحد جمالي پنهنجي هر رنگ جي باوجود ماٺهو تہ مٺيا وارو هو، ڪڏهن مُڙڻ وارو هو. هاڻي عقل وڏيو آهي تہ سوالن جوابن جي ڦند ۾ ڦاٿل آهي، اسان وٽ تہ اينئن آهي تہ، "هو پنهنجي جاءِ اسان پنهنجي ڪريون. انهيءَ ۾ ئي چڱائي آهي جو فقيرن جي دنيا پنهنجي ۽ اسان وارا پنڌ پيچرا پنهنجا. توڙ رسائڻ ۽ نپائڻ ضروري آهي، گهاري نہ وجهجي تہ سُٺو. اڳلو پنهنجي ڪهڙي بہ ڪار ڪري، ٻي ڪي مُڙي، اُنهن يارن جي سار لهڻ جڳائي جيڪي اسان جي راڳ واري سٽ جا ڪنهن نہ ڪنهن اعتبار ڪان سرواڻ هجن" ـ اسان هنن يارن سان سدائين اِها ئي پٽ پاري آهي ۽ پاريندا رهنداسين جو اسان جي من جو ڪادو ڏانهن مڙيني سَرسُ سوايو آهي:

پليان پليو نہ رهي، نرتئون نينهن نبُار
گهڙان گهوريو جندڙو اُتلَ مون اَپارُ
جنين مَنُ ميهارُ هلڻ تنين حق ٿيو.

فقيرن جي ڳالھ وچان پانڌان نڪتي، ان لاءِ جو اڪثر حسين بخش خادم، مون واري رنگ ۾ پيالي پاڻي جو بار ورهائيندو هو. انهن همراهن تي، پاڻ اُتي بہ ٽڪا لڙائڻ ڪان گهٽو ڪري پاسو ڪندو هو. بس سندس خو هئي تہ "جي ماسو جُڙيئي مال تہ پوڄارا پُر ٿيين." سو پاڻ اِن ونڊ ۾ حصو نہ وٺڻ جي باوجود، سنگت سان ويهي مستيءَ واري پيالي ۾ ڪڙي ڦاٿل واري ريجھ رهاڻ جو اڳواڻ ٿي، تڪون ڏيئي وٺيون پيئندو هو: پر لنڊن واري اُنهيءَ شام جو پنهنجي هڙان ڏارئي ملڪ جا ڏوڪڙ خرچي، منهنجي پسند جو مَنڌ وٺي اچي مون پيڙو ٿيو. اول اچرج لڳم، پوءِ سندس من جي مدعا معلوم ڪري، سمجهيم تہ اندر جو بار لاهڻ، منهنجو منجُھ ڪيڻ ۽ مٿان ميار رکڻ لاءِ اهو سعيو ڪيو اٿس. ڪلي پڇيومانس، "فقير وڏا، هيءَ ڪافر ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪُئو؟ ايڏي شاھ خرچي توڪان ڪيئن پُڳي؟" گهڙي پل لاءِ مون ڏانهن ماٺ ميٺ ڪيو نهاريندو رهيو. آهستي پنهنجو ڪنڌ ڌوڻي، شهپرن تي هٿ ڦيريندي، چيائين تہ، "مرزان ڪهڙي ٿو ڳالھ ڪرين. اِها بيدي مون پاڻ سان ٻاڌهي ئي ڪئي آهي ـ دل گهڻي ملول هئم، سو اهو زهر جو ڍُڪ پري اچي تو پيڙو ٿيو آهيان". اينئن چئي ڪڙي ڪڪوھ جي وٺي پري، هڪڙي ڳيت ۾ اندر ۾ اوتي ويهي رهيو. اندر ۾ اوتيل ڪوڙاڻ جي تڪليف لٿي تہ فقير هلڪي سرور ۾ آيو. هاڻي هو شينهن شير خدا جو هو، ۽ ڪنهن بہ اجگر آڏو سيني ساهڻ لاءِ تيار. مون سندس مَن جي مذڪور ڪي اڳي ئي سمجهي ورتو هو. پر مان هن جو حالُ سندس واتان ٻڌڻ جو گهورو هئس، سو ماٺ ڪري ڪيس ڏسندو رهيس. مون واري ماٺ مڙس ڪي نہ وڻي، سو پڙڪو ڪائي چيائين، "هي ڦٽ ۽ ڦڄ تنهنجي ڪري آهن، تو ڪي ترسائڻ لاءِ حميد آخوند صاحب اسان ڪي ٿو واپس ڪري." لنڊن جي هڪ ناهوڪي هوٽل ۽ ٿڌڙي موسم ۾ مون ڪي مونجھ اچي ٿي، سو مون اُٿي، ڪمري جي دري ڪولي، جتان ٿڌي هوا جو جهوٽو آيو. بند ڪوٺيءَ جي مُند ڪي مڙني ڪجھ ٿڌو ڪيو. مون پنهنجي اندر جي گُهٽ بہ گهٽ ٿيندي محسوس ڪئي، توري سامت ۾ اچي چيومانس،

"نيٺ مون ڇا ڪيو؟ فقير مون کي ورندي ڪانه ڏني، تيزيءَ سان، پنهنجي معمول جي اُبتڙ گلاس ختم ڪري، مون کي گهورڻ لڳو. ٻرائي ٻلا ٻيٺ ۾ ٻني کان پوءِ فقير کي اِچي ٻگهر ورايو. آواز اُڪليس ئي نه پيو. مون سوچيو ته، "فقير پنهنجي من ۾ الائي ڪهڙي ڪُڪڙ ڪُني آهي، ۽ ديگڙي دَمي آهي، شال ٻاجهاري کي ٻاجهه پئي ۽ هيءَ ڏکي گهڙي مون تان لهي وڃي". نيٺ هن هڪل ڪري، هُڏيءَ سان مون کي چيو ته، "تو هڪڙي جي ڪري اسين پنج سنڌي واپس ٿا ورون. تون جي وئين ته ڪهڙي قيامر ٿيندي، تون ۽ علڻ کي آسمان تان لٿا آهيو. اسان جا نالا موٽڻ وارن ۾ ڪين هئا. تنهنجو ۽ علڻ جو نالو هو. آخوند صاحب توهان ٻنهي جي ڪري اسان کي موٽائي ٿو، سو سٺو نه آهي." آئون ڳالهه جي تري تائين پهچي ويس ته اِها چور ٻچور ته يارن ۾ هلي پئي ۽ سچڻ فقير پنهنجي چالاڪيءَ سان سفارتخاني جي ماڻهن کان سچي ڳالهه معلوم ڪري ورتي هئي. مون ڪيس سمجهايو ته ڳالهه ڪينن آهي.

ادارهٔ ثقافت پاڪستان، اسلام آباد طرفان، لنڊن، بيلجم ۽ سوويت يونين جي ثقافتي سفر تي هڪ لوڪ موسيقارن جو جٿو وڃڻو هو. حميد آخوند انهيءَ جو اڳواڻ هو، ۽ سندس مهربانيءَ سان آئون اِنهيءَ طائفي جو مئنيجر مقرر ٿيس. اهو پيپلس پارٽي جي حڪومت وارو زمانو هو ۽ خواجه شاهد حسين صاحب جهڙو لائق ۽ ثقافت سان حُب رکڻ وارو انسان، ڪاتي جو مرڪزي سيڪريٽري هو. خواجه صاحب جو حميد آخوند سان تمام جهجهي محبت وارو پيڙ هو ۽ اڪثر معاملن تي حميد جو ساڻس شديد اختلاف به ٿيندو هو، پر جيئن ته حميد جو جهيڙو جائز ۽ حق تي هوندو هو، تنهنڪري اڪثر فيصلو حميد جي ئي حق ۾ ڪندو هو. دراصل حميد جي شروع کان وٺي اها خو رهي آهي ته سنڌ جي ثقافت، سياحت، آثار قديمه ۽ ٻين تاريخي مسئلن تي پنهنجي جديد انداز واري راءِ ڏيندو رهيو آهي. سندس اِهو انداز روايتي آفيسر شاهي ۽ جي حضوري وارن صاحبن جي حساب واري دائري کان ٻاهر هوندو آهي. ان لحاظ کان حميد پنهنجا دشمن گهڻا ۽ دوست گهٽ ناهيا. اِها دوستي يا دشمني ڪا ٻني ٻاري واري نه هئي، فقط سوچ جي انداز واري هئي - نئين ۽ پراڻي فڪر جي فرق تي هئي. حميد پنهنجن روشن نظرين ۽ سنڌ جي مجموعي ثقافتي سُڌاري ۽ واڌاري لاءِ واضع ۽ پختن خيالن جي ڪري، پير پونتي ڪرڻ واري مصلحت کان پالهو هو ۽ ٻيا صاحب رڳو صدارتي ڪرسي تي ويٺل صاحب جي راين ۽ صلاحن تي ڪَنڌ ڏوٽي هائوڪار ڪرڻ وارا. اڪثر اهڙين ڪُرسين تي ويٺل محترم صاحب، پنهنجي منصب جي لحاظ سان دنيا جي مڙني جاڻ جي معاملن جا ماهر هوندا آهن، يعني اِتي ڏڪر راند جي اصولن کان وٺي ڪنهن اعليٰ عالم اديب شاعر جي فڪر ۽ ڪلام تي راءِ ڏيڻ تي قدرت رکڻ وارا ٿي ويندا آهن، اُنهن کي ڪا صلاح ڏيڻ جڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ برابر پر حميد اهڙن صاحبن جي اڪثر راين تي نه رڳو پنهنجي راءِ ڏيندو رهيو، پر سنڌ جي ڀلائيءَ خاطر اُنهن سان اختلاف به ڪندو رهيو آهي. خواجه شاهد حسين کي حميد جي شايد اها ئي ادا وڻي وئي هئي، جو اڪثر ثقافتي طائفن جي تياريءَ ۾ ڪانئس صلاح ضرور وٺندو هو. لنڊن، بيلجم ۽ روس واري سفر ۾ به حميد سان صلاح ڪيائين، جنهن ۾ هن جتي ۾ گهٽي کان گهٽا سنڌي فنڪار رکيا، جن ۾ محمد يوسف، علڻ

فقير فقير عبدالواحد جمالي، سچڻ فقير عثمان فقير ماڇي، الله بچايو لاسي، الله بچايو کوسو ۽ حسين بخش خادم شامل هئا. باقي ڪي ادارهٔ ثقافت پاڪستان جا ناچو ۽ فنڪار هئا.

سنڌ ۾ هيءَ سياسي دور پنهنجي مخصوص نوعيت وارو هو. پارٽي جا ڪارڪن جيڪي "جيالا" چوائيندا هئا، انهن جي دماغن ۾ ايڏي هٺي هوا پريل جو هر ڪنهن جي پٽڪي لاهڻ ۾ ويرم نه ڪندا هئا. حميد، سنڌ جي ثقافت کاتي مان بدلي تي چڪو هو. تنهن ڪري اُن جو ايڏي طائفي جي، جنهن ۾ تيهه فنڪار شامل هئا، اڳواڻي ڪرڻ کين نه وڻي. مٿان آئون به انهيءَ گروپ ۾ موجود. سو سائين ڳالهه وڃي انبرين لڳي. اسان جي روانگي کان هڪڙو ڏينهن اڳ محترمه بينظير ڀٽو فرانس جي سرڪاري دوري تي رواني ٿي وئي ۽ جڏهن اسين نڪري وياسين ته سنڌ ۾ چڻ باهه ٻري وئي. پارٽي جي ثقافتي فورم ۾ ٺاڪوڙو مچي ويو ته اهو ڪيئن ٿيو. سو يڪدم درخواستون لکجي ويون. ڇي، "حميد آخوند جيڪو پاڪستان جو ثقافتي طائفو وٺي ويو آهي، تنهن ۾ گهٽي کان گهٽا سنڌي فنڪار آهن. ممتاز مرزا هيروئن جو سمگلر آهي، علڻ فقير آفيمي ۽ شرابي آهي. پنجاب جهڙي وڏي صوبي جي ان طائفي ۾ ڪنهن قسم جي نمائندگي ناهي. علڻ ۽ ممتاز مرزا کي ضرور موٽائجي ۽ پنجاب جي فنڪارن کي پوري نمائندگي ڏني وڃي."

اسان بيلجم مان لنڊن پهتاسين، هڪڙو به شو ڪيوسين. انگريزن توڙي اُتي موجود پاڪستانين ۽ هندستاني مهمانن اسان جي ڪم کي تمام گهڻو پسند ڪيو، ۽ اُن وقت جي انگلينڊ ۾ پاڪستاني سفير شهريار خان، حميد ۽ مون کي خصوصي مبارڪون ڏنيون. اسان واري محنت جو قدر ڪري، گهڻي ساراهه ڪئي. اسان انهيءَ ڪاميابيءَ تي خوش هئاسين، جو مون حميد کي ڪنهن حد تائين ملول ۽ پريشان ڏٺو. پڇيومانس، ڳالهه لنوائي ويو. نيٺ خبر پئي ته اسلام آباد مان ڪو ٽيليڪس آيو آهي، اُن ۾ ڪهڙا احوال آهن تنهن جي مون کي به ڪل نه پئي. اسان کي مانچيسٽر ۽ ناٽنگهام پروگرام ڪرڻا هئا. حميد مون کي چيو ته، "تون وڃ، آئون لنڊن ۾ئي رهندس، جو ڪي خاص مسئلا صاف ڪرڻا آهن". مون کي ڪنهن حد تائين ڪي ٻُسڻ ته پئجي ويا هئا. پر جيئن ته حميد مون سان ان ڏس ۾ ڪو حوال نه ڪيو، تنهن ڪري مون سندس من جي منڌل ماجرا معلوم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي. بهرحال مانچيسٽر ۾ مون کي خبر ملي وئي ته ٻيا موٽن يا نه موٽن پر علڻ ۽ ممتاز ضرور واپس اچن. باقي ٽي همراهه حميد جي مرضي سان موٽايا وڃن.

مون کي حميد جي پريشانيءَ جو احساس وڌي ويو. فون تي ڳالهه ٿي ته چيومانس، "روس ڏسڻ جي زمانن کان تمنا رهي آهي، جو ٻالجتيءَ کان انهيءَ ملڪ سان نفسياتي ۽ نظرياتي واسطو رهيو آهي، ڪوشش ڪجو ته اسان مان ڪنهن جي موٽ نه ٿئي، پر جي اوهان بنهه لاچار آهيو، ته پوءِ آئون ۽ علڻ مرڻي ويندا‌سين. پاڻ کي هرويرو پريشان نه ڪجو." حميد پنهنجي ڳالهه ۾ پهاڙن کان به وڌ اَڏول، سو مون کي چيائين، "ٻي اونو ٿي اتي ڪم ڪر آئون پاڻهي ٿو اِنهيءَ معاملي کي نبيريان" مون به دل من هنيو، سوچيم ته حميد کان سواءِ موٽيس ته ڏاڍي بيعزتي ۽ کل ٿيندي، پر لاچار کي آچار ڪونهي، يار جي دل ۽ ذهن تي گهڻو بار ناهي وجهڻو. موٽبو ته کل خوشيءَ سان. ٻن حميد ڀلا ڪيئن

ٿو ماٺ ڪري ويهي. برطانيا ۾ پاڪستان جي سفير کان وزارت خارجہ ۽ ثقافت وارن کي فيڪس ڪرائي، علڻ ۽ منهنجي موجودگيءَ لاءِ سفارش ڪرائي. پاڻ خواجہ شاهد حيسن کي فون تي ڪليل لفظن ۾ چيائين تہ جي ممتاز ۽ علڻ موٽيا تہ پنجاب جي نون پنجن فنڪارن سان گروپ جو اڳواڻ بہ نٿون اُماٽيو. آئون بہ ممتاز سان گڏ واپس ايندس خواجہ شاهد حسين جنڊ جي ٻن پڙن جي وچ ۾. هو مون کي بہ ڪي قدر سڃاڻندو هو، ۽ منهنجي ڪن صلاحيتن جي بہ ڪيس سُڌِ هئي ۽ حميد جي ضد مان بہ واقف هو. پر مٿان جي تڙپيڙ همراهہ کي هٿي هيٺو ڪري وڌو هو. حميد کي گهڻو ئي سمجهاياڻين پر هن ڪنهن ترڻ تيل هنڻ نہ ڏنس. نيٺ خواجہ صاحب، پنهنجي نوڪري داءَ تي لڳائي ۽ حميد کي اجازت ڏني تہ ڪي بہ پنج همراهہ واپس موڪل، جن جو واسطو سنڌ سان هجي. روس ۾ شوڪت علي، سائين مشتاق، مَنشا ڍولي، تاڙي طبلي وارو ۽ سليم ناچو اوهان سان اچي شامل ٿيندا اِهي سچا جُهد ڀني، حميد مون کي مٿين سڄي داستان کان واقف ڪيو. اها سندس مون سان محبت هئي جو مون کي ذهني چڪتاڻ ۾ وجهڻ کان سواءِ، پنهنجي ڳالهہ مڃائي وڃي پار پيو. ٻيا تہ خير موٽڻ لاءِ تيار ٿي ويا، پر حسين بخش ۽ عبدالواحد جمالي اصل ڀڙ ڪڍي بيٺا تہ اسان جا نالا نہ آهن. عبدالواحد تہ ٻين کي ايئن بہ چيو تہ "آصف زرداري صاحب کي دانهن ڏيندس، جو آئون نوابشاهہ ضلعي جو آهيان، ۽ اسان سندس ووٽر بہ آهيون." ۽ واقعي سنڌ پهچڻ کان پوءِ هن اِن ڏس ۾ گهڻي ڪوشش بہ ڪئي، ۽ منهنجي ۽ حميد خلاف ڪيئي ڳالهيون بہ هلايون، پر ورين سرين ڪي بہ ڪين، ۽ اسان وڃي روس کان نڪتاسين.

انهيءَ درخواست تي نمايان صحيح علي رضا شاهاڻي جي هئي، جيڪو مشهور لوڪ ڳائڻي روبينہ حيدريءَ جو مڙس آهي، ۽ اُن وقت ظفر اُجڻ واري پيپلز ڪلچرل فورم جو سيڪريٽري هو. ۽ ساٿس ٻيا ڏوڙي بہ هئا جن ۾ فيروز دين (هارمونيم وارو) ۽ ڪي ٻيا همراهہ هُشين ڏيڻ وارا بہ هئا. جن جي لاءِ ڳالهائڻ ۽ لکڻ. اِن ڪري مناسب نٿو سمجهان جو منهنجي قلم مان اُنهن جا نالا نڪرن سو بہ آئون پنهنجي لاءِ تڇ ٿو پاڻيان.

فقير حسين بخش اهو ارمان ڪٿي اچي مون وٽ ويٺو. ڪيس ڳالهہ سمجهايم، پر سمجهہ لاءِ ڪي گهڙيون ايئن ئي انسان جي هٿان ڇڏائجي وينديون آهن. فقير بہ اهڙن لمحن ۾ هو، سو مون بہ گهڻي ڊيگهہ نہ ڪئي جو ٻين جو هجي يا نہ هجي، حسين بخش ۽ الله بچائي لاسي جي واپسي جو ٿورو گهڻو ارمان هئم. حسين بخش ان واقعي کان پوءِ مون کان گهڻو ڪَتريو، اَٿي ويٺي ڏک ڪيندو هو. باوجود انهيءَ جي جو حميد هنن همراهن کي پنهنجي هڙان ايترا پاٺونڊ ڏنا هئا جيترا هو شايد روس جي سفر ۾ بہ حاصل نہ ڪن ها. انهيءَ لاءِ تہ دبئي مان هو چڱي خاصي خريداري ڪري سگهن. پر اهي مڙئي چڱايون، سواءِ الهہ بچائي لاسي جي ٻين سيني وساري ڇڏيون ۽ ڪراچي ۾ اچي پنهنجي مظلوميت جا طومار ٻڌائون.

دراصل اهو دور اُهو هو، جنهن ۾ حميد آخوند ثقافت کاتي کان ٻاهر هو ۽ اُن سان گڏ منهنجو بہ ثقافت کاتي ۽ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز سان تعلق ختم ٿي چڪو هو. ثقافت کاتي جا ڪي ننڍا ڪارڪن

اِن نوعيت جا هئا جن جي مغز ۾ اها ڳالهہ ويٺي هئي تہ جيڪي ڳائڻ وڄائڻ وارا تورڙي لکڻ پڙهڻ وارا اسان جي لاڳاپي ۾ هئا، تن کي تڏي ٻاهر ڪڍجي. اسان جي تہ سمورن سان شروع کان وٺي هٿ جوڙ هئي: ۽ پيو تہ منهنجو تي وي سان واسطو بہ هو، سو کي همراه تہ ايندا ويندا هئا، پر حسين بخش خادم اِهو پريت جو پنڌ وقتي طرح سان ختم ڪري ڇڏيو.

اها هڪ حقيقت آهي تہ فقير عبدالغفور جي لاڏاڻي کان پوءِ، حميد وٽ بہ ڳائڻا گهڻو وڏي ويجها ٿيا، اُهي هئا علڻ فقير ۽ حسين بخش خادم. علڻ جو داستان علحدو آهي، پر فقير حسين بخش کي حميد مان ان ڪري ڏنو جو هو فقير عبدالغفور جو ڏورڙي پيچي هو. مرهيات سان سندس راز نياز هئا، هڪڙي ٻئي تي ويهندا هئا، اِها رمز حميد بہ ڪڏهن ڪانہ وساري هئي. پر جڏهن ماڻهو جي من ۾ ڪا ٻي مت اچي ويندي آهي تہ پوءِ هن کي پنهنجا انومان ۽ انسنا جاڳندا آهن: ڪي اوڦتو جَرقوتن جهڙا جوان وري اُنهن مهربانن ۽ محسنن جون اُنهن جي واتان ڪي گلائون ٻلائون ٻڌي سرها ٿيندا آهن. فقير بہ اُن دور ۾ اهڙي ڦند ۾ ڦاسي پيو هو: جو اُن سال ١٩٨٩ع واري پٽ ڏٺي جي ميلي ۾ منهنجي زور پرڻ تي حميد هليو ۽ فقيرن کي خبر بہ هئي تہ حميد ۽ آئون ترسيل آهيون، پر اصل ڪنگهيائون ڪين، ۽ فقير حسين بخش تہ هڪ مهل مون کي آمهون سامهون ڏنو بہ، پر ڏسي منهن موڙي ٻي ڏس هليو ويو. ڏاڍو ارمان ٿيم، جو هي، اُهو ماڻهو آهي جنهن سان روح جون ڳالهيون هيون، ۽ هڪ سال جڏهن مرحوم الله بخش نظاماڻي سيڪريٽري هو، تنهن مون کي ميلي جي ڪاروائي کان ڪڍي ٻاهر ڪيو، تہ رات جو جڏهن اسان راڳ واري هاسٽل ۾ پهتاسين تہ فقير غفور ۽ حسين بخش سيني ڳائڻن وڄائڻن کي سَڏي اسان جي آڏو ويهاري سڄي رات ڳايو، ۽ واهہ جو ڳايو: ۽ پنهنجو ڪن اخباري انٽرويوز ۾ مون کي پنهنجو ڪن ڳالهين ۾ اُستاد بہ مڃيو هو تہ "اسٽيج تي سهٽي سنڌاء سان ڳائڻ جو انداز مون ممتاز مرزا کان سکيو، ۽ يڪتارو ملائڻ بہ هن ئي مون کي سيکاريو." وقت جا وهڪرا برابر ارڏا ٿيندا آهن، پر اُنهن آڏو ماڻهو ايڏو لاچار بہ ٿيندو آهي، جيترو ٿوري وقت لاءِ حسين بخش خادم بہ ٿيو هو.

اِهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي، پر فن جي دنيا ۾ حسين بخش خادم وڏي محنت ڪئي ۽ پنهنجي دلي محنت سان سنڌي راڳ جي جنسار ۾ اهم جاءِ جو مالڪ بڻيو. اُن جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ اِهو هو جو هُو اسان جي سٽ ۾، مرهيات فقير غفور جي ڇانوَ ۾ رهيو. فقير غفور سنڌي راڳ جي سنجٽ ۾ ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ مثل هو، هن بہ حسين بخش خادم کي آڱر کان وٺي راڳ جي پڌر ۾ پيرڙا ڪٿايا: غفور مرهيات جو آواز جهجهو ۽ کليو ۽ حسين بخش خادم جو آواز اُن جي مقابلي ۾ ڪجهہ گهٽ ۽ هيٺو، پر غفور جي وڏائي اها جو اڪثر حسين بخش جي آواز جي ميدان ۾ لهي، هن کي ڳائڻ جو موقعو ڏيندو هو، ۽ حسين بخش ان انداز مان فائدو وٺي، بيتن جون بهيرون لائي ڏيندو هو. هڪ پيري لاهور ۾، ڊان اخبار جي اشاعت جو افتتاح جو موقعو هو. حميد هارون، جيڪو ڊان انگريزي جو ڪرتو ڌرتو آهي، ۽ حميد آخوند جي سنگت جي سَڳي ۾ اچي، سنڌي راڳ ۽ ثقافت واري ميدان ۾ پيرڙا پاتا. مڙس هوشيار ۽ سکڻ جي عمل ۾ تيان پٽاني جي ميڙن تي هر سال آيو. ۽ ڳائڻن ۽ وڄتن

جي قدرداني ڪارڻ پنهنجي توڙي ٻين ادارن طرفان روڪ انعامن جي ريت ۾، حميد آخوند جو وڏو ساٿ ڏنائين، ۽ سُٺن فنڪارن جي تمام گهڻي قدرداني ٿي. سو حميد هارون، حميد آخوند سان صلاح ڪئي ته انهيءَ موقعي تي لاهور ۾ سنڌي لوڪ موسيقي جو نماءُ ٿي. اسان اهڙن ڪمن ۾ اڳڀرا تيار سو رڪيوسين ڪڙيءَ تي، زور برل هوٽل ۾ محفل ٿي، لاهور جا نه رڳو وڏا صحافي ۽ دانشور اُن محفل ۾ موجود هئا، پر برڪ سياستدان ۽ راڳ جي رمز جا ماهر پڻ محفل ۾ جايون والاريو ويٺا هئا. ٻيو ته ڪم تمام سهٽي ريت هليو، پر جڏهن غفور جو وارو آيو، ۽ گهڙولي ڳائڻ شروع ڪيائين ته مستيءَ ۾، حسين بخش به ڪُڏي ڪاهي پيو، هيڪر ته فقير کي جلال اچي ويو پر پوءِ پنهنجي رمز جي سُرسي ڏيکارڻ ڪاڻ، سُر کي اُتي وجي بيهاريائين جو حسين بخش مرحوم ڪجهه لانجهو لڳڻ لڳو. اسان پهريون پيرو فقير حسين بخش خادم کي انين مرحوم غفور سان گڏ ڳائيندي هيٺي حال ۾ ڏٺو. نيٺ ماٺ ڪري ويهي يڪتاري جي تند وڄائڻ لڳو، ۽ مرهيات غفور گهڙولي ڳائي ماڻهن کي اصل نچائي ڇڏيو. راڳ کان پوءِ فقير غفور، لهي حسين بخش کي چيو ته، "ٻيئي خبر تپ ڏئي پراڻي ڪم ۾ ڪاهڻ جو اجهو اهو نتيجو اٿئي، اي جهونو ٿي ويو آهيان، پر اڃان جان اٿم، وڃي بچني به يڪتاري جي تند."

يڪتارو سنڌي راڳ جو سُر موڙ سان جيڪو حسين بخش به پنهنجي سهٽي رمز سان وڄائيندو هو، پر ڊول فقير جي تند جو ته ڪو جواب ئي ڪين هو. الا ڊول به ويو. سنه ١٩٩٢ع ۾ اسان جي سنڌي راڳ جا اِهي به سرواڻ راڳائي اسان کان وڇڙي ويا. ڊول جهڙو هنس نالو تهڙو هو ڊول ڳائڻو. نج سنڌي راڳ جو سُريلو ڳالهير ڳائڻو. يڪتاري جي تند جو شهنشاهه وڄائڻو. آواز ۽ تند جو اهڙو ميلاپ مون پنهنجي پوري ڄمار ۾ نه ٻڌو. ڳائڻ اهڙو دل پذير ۽ من موهيندڙ جو ٻهرن جا ٻهر ويٺو ٻڌجيس ته به دل نه پرجي. هڪڙي پيري، حميد آخوند کي پير حسام الدين راشدي مرحوم راڳ ٻڌرائڻ لاءِ چيو، فيصلو ڊول تي بيٺو. پير صاحب مرحوم راڳ جي پسند ناپسند جي حساب سان ڪليو ڪتاب، ڪا ڳالهه نه آئڙيس ته اُتي ئي ڳالهه ڦهڪائي ڏيندو هو. اِها رهاڻ پٽ شاهه واري ريسٽ هائوس ۾ ٿي. پير صاحب کان سواءِ، محترم محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، آئون ۽ به چار همراهه ڪي بيا هئا. لڙي رات ۽ ڏکڻ جي ڪليل ميدانن واري هوا، پٽائي بادشاهه جو ماڳ، ستارن جي جهيٽي جهڪي جوت، ۽ وٽن ساهه سُهائيندي هوا جا پڙلاءَ ۽ ڊول جو "ها منهنجي سائين، سانئر چوي ٿو" وارا ٻول. هوا ۽ يڪتاري جي تند ملي، هڪ ٿي ويا، ۽ ڊول جي روح مان نڪتل ورهه واري ورلاپ جو ٽلهه ته، "سور انهيءَ ساڙي ساڙي، هو جي ويا هليا". بس هر شيءِ چڻ پنڊ پهڻ بنجي وئي. "الائي الا" جي تنوار روحن تي اصل سانوڻ جي جُهڙ جيان بيهي وئي. اديب شاعر ۽ عالم ماڻهو دليون ٻنهه پگل، نيڻ به پرجي آين. اِها سار ئي نه رهي وقت ڪينن گذريو. آڌي رات لڙي وئي، فقير ڊول جي ڪافين ۾ ساهي واري صلاح ئي ڪين هني. حميد ويو ڪيس رڪارڊ ڪندو ۽ نيٺ فجر کان ڪو ٿورو اڳ مرحوم پير صاحب چيو ته "عمر سچي راڳ ٻڌا اٿم، پر اڄ جو ڊول کي ٻڌو اٿم ته اينئن ٿو ڀانيان ته زندگيءَ ۾ ڪي سالن سال واڌارو ٿي ويو اٿم. ههڙو ڳائڻ ڪٿي، سڄي دنيا جهاڳي آيو آهيان پر

راڳ جي اهڙي رمز ۽ دل ٺارڻ واريون ڪافيون ڪڏهن به نه ٻڌم. ڊول واقعي ڊول آهي".

ڊول فقير، محبت ۽ ورھ جي وڪوڙيل يڪتاري پوڻو هو. اصل ته ميرپور خاص تعلقي جي ڀاتويون شهر جو هو پر دل جي دور تي، لڏي اچي ٽنڊي الهيار ۾ پنهنجا پکڙا اڏيائين، ۽ زندگي جو باقي زمانو اُتي شان مان سان گذاريائين. منثار فقير راڄڙ جي پٽ فقير ولي بخش راڄڙ جو شاگرد هو، پوءِ محمد فقير ڪنياڻ ۽ نواب ولي محمد لغاري جو طالب ٿيو. راڳ ويراڳ، منثار فقير جي درگاھ مان پلئه پيس. پڙهيو بنھ ڪين، پر راڳ سان لنو لاتائين ته ويو ٿي برھ جا باب پڙهندو ۽ اکر سکندو. منهنجي ساڻس ريجھ رهاڻ سنه ١٩٦٠ع کان شروع ٿي. اسان واري قوھ جواني ۽ هن جي قوھ جواني ٻنڪو گيڙو ٻڌندو هو. فقير يار محمد مري مرحوم سان دل جون ڪهاڻيون هنس جو اهو به فقير ڪنياڻ جو طالب هو ۽ چير پائي، الفي ڊڪي، پيو اوتارن مڪانن تي هلندو هو. هڪڙي ڀيري سکر ۾ ڪنهن اداري ۾ راڳ جي محفل هئي ۽ اُستاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي وڏي پٽ ڊاڪٽر محمد شريف انهيءَ محفل جو اهتمام ڪرايو هو. ڊاڪٽر شريف به راڳ جو ڪوڏيو هو ۽ اُستاد منظور علي خان کان ڪو وقت راڳ سکيو به هو، سو راڳ جي سمجھ به هنس. اُنهن ڏينهن ۾ فقير ڊول ڪڙو قاتل ڪکوھ واپرائيندو هو، پر فقير يار محمد واري ڪِشتي ۾. اُنهن ڏينهن ۾ مون کي فقيرن جي اها رمز بنھ نه آنڙي، نه سمجھ ۾ آئي، پر جڏهن محمد فقير ڪنياڻ جي ميلي تي ويس، ۽ اُتي موکي وارا ايامن جا سنڌيل مَٽ ڪلندي ۽ فقيرن کي اُن مان ونڊ پيئندي ڏٺم، تڏهن سُڌ پيم ته اهي ئي همراھ آهن جن لاءِ ڀٽائي صاحب چيو آهي ته:

عاشق زهر پياڪ، وِھ ڏسيو وهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ
توڙي چکن چاڪ، ته به آھ نه سَلينِ عام سين.

ڊول فقير، جنهن انداز ۾ نج سنڌي راڳڻي "لوڙائو" ڳائيندو هو، تهڙو ٻي ڪنهن به سنڌي راڳائي نه ڳائي. مون کي ياد آهي ته ڪافي اڳاتو، جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، سنڌي راڳ جي تحقيق جي ابتدا ڪئي هني ته اُن وقت، سنڌس تعلق صوفي عزيز بلوچ سان قائم ٿيو. صوفي عزيز بلوچ اصل نوشهري جي ڪنهن ڳوٺ جو هو ۽ پوءِ سنڌورڪين سان، بالجتيءَ ۾ ئي اسپين هليو ويو. مالڪن سان گڏ اُتي جي مشهور لوڪ موسيقي جي انداز "ڪانتي خوندو" ۽ "فليمنگ" جي ڪن وڏن فنڪارن جي محفل ۾ وڃڻ جو موقعو مليس. اُتي هن جيڪو ٻڌو سو هن جي اندر ۾ ڪو ازل کان اوتيل هو. مالڪن کي چيائين ته "انهيءَ ٻوليءَ ۾ ته آنون ڳائي نٿو سگهان، پر جن سُرن ۾ هي ڳائين پيا، اُهي آنون ڳائي سگهان ٿو." اڳتي جو قصو ڊگهو. گهڻ ڪندي چوان ٿو ته پوءِ ڪنهن طرح سان عزيز بلوچ - سنڌي ڀيروي ۽ لوڙائو ڳائي، اسپين جي لوڪ موسيقي ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيو، ۽ پوءِ هن اسپين ۾ نه رڳو اعليٰ گٽارسٽ (گٽار وڄائڻ وارو) جو مقام ۽ مرتبو حاصل ڪيو، پر اُتي جي

لوڪ موسيقي ڳائيندي ايڏو نالو پيدا ڪيو جو هن کي اسپين جا وڏا شاهي اعزاز به مليا. ۽ بعد ۾ جڏهن سيد ميران محمد شاهه اسپين ۾ سفير ٿي ويو ته هو پاسڪتاني سفارتخاني جو ثقافتي اتاشي به مقرر ٿيو. انهيءَ عرصي دوران هن سنڌي لوڪ موسيقي ۽ اسپين جي لوڪ موسيقي تي، اسپيني زبان ۾ مقالو لکيو. جيڪو انگريزي ۾ ترجمو ٿيو. ۽ ڊاڪٽر صاحب تائين پهتو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان مقالي کي پنهنجي تحقيق جي دائري ۾ شامل ڪيو. ۽ اُن کي وڌائي ويجهائي، تاريخي دليلن سان مڪمل ڪيو. عزيز بلوچ راڳ جو چاٽو ضرور هو. پر هو تاريخي پس منظر ۽ حوالن کان بنهه بي خبر هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اُن پت تي چٽ ڪڍيا. جنهن جي فقط عزيز بلوچ اوساري ڪئي هئي. انهيءَ عزيز بلوچ بعد ۾. هڪ رڪارڊ سنڌ ڏي موڪليو. جنهن ۾ هن هڪ ڪافي منثار فقير جي ۽ ٻي ڪنهن ٻئي. شاعر جي لوڙائو ۽ پيروي ۾ ڳائي، اُن جي پويان اسپيني لوڪ راڳ. انهن ئي ٻن راڳڻين ۾ ڳايا. هن انهن نج سنڌي راڳڻين - لوڙائو ۽ سنڌي پيروي جي نوٽيشن به لکي ۽ ساڻ اسپيني لوڪ موسيقي جي نهايت مقبول ۽ مشهور راڳڻين کي لکي پڌرو واضح ڪيو ته. اسپين جون اِهي ٻئي لوڪ راڳڻيون سنڌي لوڪ موسيقيءَ جي بنيادن تي قائم ٿيون. انهيءَ ڏس ۾ اهو رڪارڊ هن تيار ڪرايو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان رڪارڊ کي ٻڌڻ کان پوءِ. انهيءَ عنوان تي هڪ محفل جو اهتمام ڪيو. جيڪا حيدرآباد جي بسنت هال ۾ ٿي. ۽ سنڌي لوڙائو ۽ پيروي ڳائڻ لاءِ جيڪو ڳائڻو چونڊيائين، اهو هو "ڊول فقير". تن ڏينهين به اسان وارو عقل پورو ساري پر دل ۾ مڙني ڪا دونهين دکيل هئي، سو جڏهن ڊول کي ٻڌم ته اصل پنهنجي انداز ۽ رنگ ۾ اصل قابو ڪري ڇڏيائين. اُهو ڏينهن اُهو شينهن آئون، سندس راڳ جي سِڪ ۾ سدائين لاءِ سَلهاڙجي ويس. ڪابه محفل جيڪا منهنجي معرفت ٿيندي هئي، اُن ۾ ڊول جو هئڻ لازمي هو. انهن محفلن ۾ حسين بخش خادم وارا به هوندا هئا. فقيرن جا وات وڏا ۽ ڳالهيون گهوريون، هيءَ مسڪين ٿور ڳالهائو. پنهنجي ڏوئي پنهنجي ڪُني، نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٻارهن ۾. فقيرن سان سُنگ ۾ ويندو هو ته فقير غفور ۽ حسين بخش مرحوم ئونئيون هٽي مائڪرو فون کان هٽائي پري ڪري ڇڏيندا هئس. موٽي اچي مون تي ميار رکندو هو ته هرو پرو هن ڪشٽ ۾ مون کي ڇو ٿو ڦاسائين، جڏهن ڳائڻ نه ڏين ته وڃڻ جو ڪهڙو سُود. مرحوم ڊول ان ڳالهه کان وهلور ويندو هو ته ڪو ان جي مقابلي ۾ غفور ۽ حسين بخش سڄي سنگت جا دادلا، سو جهڙي تهڙي تي ١٥ سندس آواز تي چڙهت ڪري. اک ئي ڪانه ٻڌندي هئن. باوجود انهيءَ جي، جيستائين عبدالواحد جمالي وارو سنگ نه جُڙيو هو. تيستائين ڊول فقير انهيءَ سنگ ۾ ڳائيندو ۽ پاڻ ملهائيندو رهيو. ڊول به ويو. سندس سموريون رمزون به ويون. افسوس اِهو جو هن نه پنهنجو انگ ڪنهن کي سيکاريو. نه ئي ڪنهن سائين سنواري سنڌي سُريلي کي سُمت آئي جو هن جي انداز کي پنهنجو ڪري، يڪتاري جي توحيدي تنوار تي نج بنار سنڌ کي ڳائي. هن سال (١٩٩٢ع) جڏهين ثقافت کاتي طرفان لٽي جي ننڍڙي شهر جاتيءَ ۾ راڳ جي رهاڻ ڪئي سين ته آئون حسب معمول اسٽيج جي پوئين پاسي هئس. اوچتو حميد آيو. ڳالهين ڪندي چيائين ته. "ممتاز توکي هن ڪچهريءَ ۾ ڪا کوٽ محسوس ٿي؟" مون کان جواب نه اُڪليو. بسنڌ جي هن سيبتي ڏاهي ۽ دل ۾

سنڌ جي درد رکڻ واري يار چيو ته "هيڏي محفل هلائي اٿئي،، ڪو يڪتاري وارو فنڪار ڏٺئي؟" منهنجا طاق لڳي ويا. واقعي اُن رات سنڌ جي سرواڻ ڳائڻن ۾، معمول جي خلاف اسان جي مڇايل محفل ۾، ڪوبه يڪتاري تي اڪيلي سر ڳائڻ وارو وڏو راڳائي هئو ئي ڪين. نه حسين بخش، نه ڊول، نه جلال. انين محسوس ٿيم ته ڇڻ سنڌ سُڃي ٿي وئي. مڃان ٿو ته اڄ ڪيئي فقير يڪتارن تي ڳائين وڄائين ٿا، پر نه ڊول جهڙي تند هڻڻ وارو رهيو آهي، ۽ نه ئي حسين بخش خادم جهڙو. اسان جي موسيقي جي تاريخ جو ڪيڏو وڏو الميو آهي، ايندڙ پيڙهيون، اِن رمز کي نه ڏسي سگهنديون نه سمجهي سگهنديون. آڳاٽو پڪي راڳ جي ڳائڻ جي ڪري اِهي مڙس ڪچهرين ڪان پري هئا ۽ وري جي اُنهن کي ٿورو گهڻو اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو ته جلد ئي سمورا پٽ پالها ٿي ويا. انهن يڪتاري پوئن يارن وٽ ڪي هاٺوڪي زماني جا نت ناز ڪين هئا. دل ۾ عشق جي متل مچ کي ڪنيو، پٺي زيلن وانگر دليون سيڪيوسين. بس:

ماءِ ڪاهوڙي هليا دونهان دکائي
ونڙا وِسائي، ڏوٿي ڏونگر وٽِ ۾.



عبدالعزيز مهراڻوي

# البرڪامو جو سياسي ڪردار

البر ڪامو فرانس جو عظيم اديب ڪري ليکجي ٿو. هن جي اهميت رڳو ان ڪري ڪانهي، ته هن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ادبي انعام نوبل پرائز (Noble Prize) (۱) مليو هو. پر ہي مهاڀاري لڙائيءَ ۽ ان کان پوءِ فرانس ۾ جيڪا سياسي اُٿل پُٿل آئي ان ۾ البرڪامو سياسي طور بيحد سرگرم هو. هن جي ناولن، ڪهاڻين ۽ ڊرامن کان سواءِ هن جا سياسي ۽ فلسفي وارا مضمون بہ ان دور جي سياسي حالتن سان لاڳاپيل آهن.

البر ڪامو الجزائر ۾ ۱۹۱۳ع ۾ ڄائو هو. هن جي ڄمڻ کان هڪ سال پوءِ سندس پيءُ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ الهندي محاذ تي وڙهندي مري ويو. ڪامو جو ننڍپڻ هڪ مزور وسنديءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو گذريو. هن جي ۽ سندس ڀاءُ جي پرورش سندن ماءُ ۽ ڏاڏيءَ هڪ ننڍڙي ۽ سوڙهي گهر ۾ ڪئي.(۲) اسڪول ۾ غير معمولي هوشياري ڏيکارڻ سبب ۱۹۲۳ع ۾ هن کي لاسي بيگ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏني ويئي. ۱۹۳٦ع ۾ هن الجيرس يونيورسٽي مان فلسفي ۽ ادب ۾ تعليم حاصل ڪئي. ان دوران پنهنجن جيڏن سرتن سان گڏ البرڪامو پاپولر فرنٽ تحريڪ جي اثر هيٺ آيو. هو ڪجھ عرصي لاءِ الجيرين ڪميونسٽ پارٽي ۾ پڻ رهيو، پر پوءِ ڪيس ۱۹۳۷ع ۾ پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو.(۳) ان جو ڪارڻ اهو هو تہ ڪامو الجزائر جي عربن جي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لاءِ زور ڀريو هو. پر ان وقت اسٽالن ۽ فرانس جي وزيراعظم لاوال جي وچ ۾ عهدنامو ٿي چڪو هو. ان ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ فرانس جي حڪومت لاءِ ڪو مسئلو پيدا ڪرڻ نٿي چاهيو.(۴)

البر ڪامو شاگرديءَ جي دوران توڙي بعد ۾ هڪ ڊراما ڪمپنيءَ ۾ مکيہ ڪارڪن ٿي رهيو. هن ڪمپنيءَ واسطي بغاوت جي موضوع تي هڪ ناٽڪ لکيو. ننڍي هوندي ئي ڪامو کي معلوم ٿي ويو هو تہ هو ٽي. بي جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي.

اهو روڳ هن کي سموري زندگي لڳو رهيو. اهوئي سبب هو جنهن ڪري البر ڪامو يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ گرئجوئيٽ جو ڪورس نہ ڪري سگهيو. انهيءَ عرصي دوران هن پهرين شادي ڪئي، جيڪا ٿورو وقت هلي ختم ٿي ويئي. هن ٻي شادي ۱۹۴۰ع ۾ ڪئي.

۱۹۳۸ع ۾ ڪامو هڪ لبرل رسالي الجيئر ريپبليڪن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اهو رسالو بعد ۾ سائر ريپبليڪن جي نالي سان مشهور ٿيو. اختياري وارن اهو رسالو ۱۹۴۰ع ۾ بند ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ رسالو سينسرشپ ۽ دٻاءُ واري پاليسيءَ جي مخالفت ڪري رهيو هو.(۵) ان کان پوءِ ڪامو فرانس هليو ويو، جتي هن ۱۹۴۰ع کان وٺي ۱۹۴۳ع واري عرصي دوران ڪجھ ڪتاب لکيا، جن هن جو نالو ادبي ۽ سياسي دنيا ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. اهي ڪتاب هئا هن جو ڄڳ مشهور ناول 'The out sider' ۽ 'The myth of sisyphus' فلسفي وارن موضوعن تي مشتمل مضمونن جو مجموعو

هن جا سياسي موضوعن تي لکيل ڊراما.
۱۹۴۳ع ڌاري ڏکڻ فرانس ۾ آرام واري عرصي دوران ڪامو جو تعلق هڪ مزاحمتي تحريڪ 'Combat' جي ميمبرن سان ٿيو. مزاحمتي تحريڪ فرانس تي هٽلر جي فوجي قبضي جي خلاف هئي. تحريڪ طرفان هڪ زير زمين روزاني اخبار 'The Combat' جي نالي سان شروع ڪئي ويئي جنهن جو ايڊيٽر البرڪامو کي مقرر ڪيو ويو.(٦) فرانس تي نازين جي قبضي دوران پئرس جون حالتون ڏاڍيون گنڀير ٿي ويون. انهن گنڀير حالتن ۾ آزاديءَ واريءَ هلچل بابت البر ڪامو جا لکيل ايڊيٽوريل ان دور جي سياسي حالتن جي نهايت زوردار قسم جي عڪاسي ٿا ڪن.
٦ فيبروري ۱۹۳۴ع تي فاشسٽ ٽولن طرفان ڏاڍ پريل مظاهرن ۾ هنگامن فرانس جي قومي اسيمبلي جي اجلاس کي ڦٽائڻ جا امڪان پيدا ڪري وڌا.
گهڻن ماڻهن جي نظر ۾ خود فرانس جي بقا جو سوال پيدا ٿي پيو هو. انهيءَ ڪري مرڪز جي ڪابي پاسي واريون سموريون ڌريون جيڪي فاشزم جي خلاف هيون يڪجاءِ ٿيون ۽ انهيءَ نئين اتحاد آخرڪار ۱۹۳٦ع ۾ فرانس ۾ پاپيولر فرنٽ گورنمنٽ کي وجود ۾ آندو (٧). ٢٥ آگسٽ ۱۹۴۴ع تي ليڪرل جي هٿيار بند ڊويزن پئرس ۾ داخل ٿي جرمن قبضي جو انت آندو (٨). انهيءَ پرآشوب ڏهاڪي جي دوران ڪامو ڪوشش ڪئي ته تاريخ جي همعصر گهوٽالي سان ڪن شرطن تي ٺاهه ڪجي.
اخلاقي ۽ سياسي وفادارين جي نقطئه نظر کان اهو ڏهاڪو سادو به هو ته ساڳئي وقت نهايت منجهيل به هو. سادو ان خيال کان ته سواءِ ساڄي ڌُر جي انتها پسندن جي هر ڪنهن ماڻهوءَ اهو ٿي چاهيو. ته فاشزم ۽ نازي ازم جي خلاف اتحاد ڪري هلچل هلائجي: پر سوال هو ته انهيءَ جذبي کي عملي صورت ۾ ڪيئن آڻجي؟ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ، ڪابي ڌر جي جنگ کان نفرت ۽ انتها پسند قوم پرستيءَ تي بي اعتماديءَ اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي، جو يورپ ۾ هٽلر ازم جي ڦهلاءُ کي روڪڻ لاءِ ڪا به گنجائش نظر ڪونه ٿي آئي. اها جنگ کان نفرت سوشلسٽ پارٽيءَ وارن وٽ ايتري قدر ته پکي پختي ٿي چڪي هئي، جو فاشزم جي باري ۾ سچي ۽ اعلانيه مخالفت جي باوجود اسپين ۾ وڙهندڙ جمهوري قوتن کي هو ڪا به اثرائتي مدد نه پئي ڏئي سگهيا. ۱۹۳۸ع واري ميونخ عهد نامي جي بيدليءَ سان پٺڀرائي ڪئي وئي. ۱۹۳۵ع (جڏهن اسٽالن ۽ لا وال جي وچ ۾ عهد نامو ٿيو هو) کان وٺي ۱۹۳۹ع (جڏهن اسٽالن ۽ هٽلر جي وچ ۾ ٺاهه ٿيو هو) تائين نظرياتي بين الاقواميت ۽ قومي جنگين جي بي اعتباريءَ واري ويڙهاند کي ترڪ ڪري فرينچ ڪميونسٽ پارٽي هڪ انتهائي محب وطن جماعت بڻجي چڪي هئي (٩). ۱۹۳۹ع کان وٺي جون ۱۹۴۱ع تائين (جڏهن هٽلر سوويت يونين تي حملو ڪيو هو) پارٽيءَ بادشاهي جنگ جي باري ۾ غير طرفداريءَ جي رٽ پيش ڪئي، پر پوءِ والاريل فرانس جي آخري ٽن سالن ۾ پاڻ کي مزاحمت واسطي وقف ڪري ڇڏيو.
جڏهن ته ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿيڻ کان اڳ نازي اثر تي جوڳو ڌيان نه ڏيندي، هٽلر واريءَ پاليسيءَ کان چشم پوشي اختيار ڪئي ويئي هئي.
جڏهن مئي ۽ جون ۱۹۴۰ع ۾ جرمنيءَ جو فرانس تي قبضو ٿي چڪو هو، فرانس جون سموريون

سياسي پارٽيون پڄ ڏاهہ واري، ان صورتحال تي ڀهچي چڪيون هيون جو ڪوبہ سياسي نظريو صحيح سلامت نظر نٿي آيو. انين تي ڏسڻ ۾ آيو جڻڪ سياسي ۽ سماجي طور هڪ وڏو خال پيدا ٿي چڪو هو. فرينچ مزاحمت فوجي نقطہ نگاہ کان خال کي پرڻ جي هڪ شعوري ڪوشش هئي! (١٠)

فرانس اندر مزاحمت جو عمل ان وقت جي انتهائي سماجي حالتن جي پيداوار هو. اهو سياسي پارٽين جي اثر ياڊيگال جي آزاد فرينچ هلچل کان بلڪل آجو هو. مزاحمت جي تحريڪ انهن ڇڙوڇڙ فردن ۽ ننڍن گروهن طرفان قائم ڪئي وئي، جيڪي ڪاٻي ڌُر سان لاڳاپيل هئڻ جي باوجود مختلف خيالن وارن ماڻهن تي مشتمل هئا. هنن جا ڪارناما گالسٽ واري لائين کان مختلف هئا ۽ لنڊن کان ئي شروع ٿيا هئا. هنن جو ڪم هو پروپيگنڊا ڪرڻ خفيہ پريس وسيلي اطلاعات مهيا ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت فوجي مهمن ۾ شريڪ ٿيڻ سندن پروگرام ۾ شامل هو (١١). ١٩٤٠ع کان ١٩٤٢ع ڌاري اهي تحريڪون تعداد ۽ مقصدن ۾ ويون تي وڌنديون ۽ اهي سڀ آخرڪار هڪ تحريڪ Movement for resistance M.U.R. ۾ ضم ٿي ويون (١٢). پر ان وقت ان جي آزاد حيثيت يعني سياسي، فوجي ۽ مالي حيثيت کي ٻن طرفن کان خطرو پيدا ٿي پيو. هڪ طرف ڊيگال چاهيو ٿي تہ اها تحريڪ سندس ڪنٽرول ۾ هجي. ٻئي طرف نيشنل فرنٽ جي معرفت ڪميونسٽن چاهيو ٿي تہ تحريڪ جي اڳواڻي وٽن هجي.

١٩٤٣ع ۾ جنرل ڊيگال هڪ مزاحمتي ڪائونسل 'C.N.R' جي نالي سان ناهي ان ۾ لڙائيءَ کان اڳ واريون سياسي پارٽيون ۽ مزاحمت وارا نوان فرد شامل ڪيا ويا. بس ان گهڙيءَ کان وٺي مزاحمت واري تحريڪ پنهنجي اهميت وڃائڻ لڳي ۽ ان جو اخلاقي جهاد روايتي سياست ۾ آهستي آهستي ويو گم ٿيندو.

هن ڏهاڪي جي سياسي توڙي اخلاقي مسئلن جو عڪس البر ڪامو جي شروعاتي زندگيءَ واري دور ۾ نمايان آهي انهن سالن دوران اسين ڏسون ٿا تہ ڪامو ٻن تضادن کي قبول ڪرڻ لڳو هو. هنن مان هڪڙو تضاد هو سياسي ۽ ٻيو هو عقلي (١٣).

ڪامو جو سياسي تضاد سموري انسانيت جو مسئلو هو يعني جنگ کان نفرت. پر صلح پسنديءَ جي باوجود هو نازي ازم ۽ فاشزم جي طاقتن سان مقابلو ڪري انهن کي نيست نابود ڪرڻ ضروري سمجهندو هو. منطقي تضاد کي منهن ڏيندي ڪامو ڪنهن بہ اتڪلبازيءَ جو سهارو نٿو وٺي بلڪ خود تضاد کي استعمال ڪندي ظاهر ٿو ڪري تہ انساني قدرن کي پيدا ڪرڻ لاءِ اتان ئي شروعات ڪري سگهجي ٿي. اهڙي ريت جنگ کان نفرت يا مزاحمت نہ صحيح آهي نہ غلط. البت امن پسندن طرفان هٿيار بند جدوجهد ۾ بہ انساني قدرن جا اعليٰ مثال قائم ڪيا وڃن ٿا. ڪامو بعد ۾ ١٩٠٥ع واري زماني جي روسي انقلابين جي ساراهہ ڪندو هو جن لاءِ قتل ڪرڻ ضروري بہ هو ۽ ناجائز بہ هو (١٤).

ٻين دانشورن جي پيٺ ۾ ڪامو صلح پسنديءَ واري نظريي کي وڏيڪ وقت تائين ڇُهنيو رهيو. اسين ڪامو کي صلح ڪانفرنس لاءِ دليل بازي ڪندي ڏسون ٿا ۽ ١٩٣٩ع تائين هو يورپي قومن

کي جنگ کان پاسو ڪرڻ لاءِ چوندو رهيو. جيتوڻيڪ هن جون همدرديون نازي ازم خلاف مقابلو ڪرڻ وارن سان هيون، پر ۱۹۴۳ع تائين هو خود پاڻ به مزاحمتي تحريڪ ۾ شامل نه ٿيو هو. ان لاءِ ذميوار سبب هئا: سندس ـ بيءِ جو پهرين مهاڀاريءِ لڙائيءِ ۾ موت، يورپ کان الجزائر جي نسبت دوري ۽ يورپ جي پيٺ ۾ الجزائر ۾ سندس زياده مشغوليون. اسپين جي گهرو لڙائيءِ ڪامو کي ڏاڍو جذباتي بڻائي بلڪ مچريل ڪري ڇڏيو

ان ڪانپوءِ نسلي چڪتاڻ کان هن کي ڏاڍو ڌڪ ٿيندو هو. ڪامو جي ذهن ۾ جنگ خلاف نفرت جي جذبي جيڪو گهڻو وقت جتاءِ ڪيو ان جا ٻه سبب هئا. پهريون ته هٽلر خلاف وڙهندڙ حڪومتن ۽ سياسي پارٽين تي هن جي بي اعتمادي ۽ ٻيو ته قتل ۽ خونريزي خلاف اندروني ڌپ ۽ هراس. پر ان هوندي به هن فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ آڇ ڪئي هئي پر ميڊيڪل بنياد تي هن جي اها آڇ رد ڪئي وئي.

جيڪڏهن ڪامو لاءِ سياسي ۽ اخلاقي مونجهارا هئا. ته ٻئي طرف هن لاءِ انٽليڪچوئل مونجهارا به گهٽ نه هئا. اهو مسئلو فقط ڪامو سان نه هو بلڪ ان دور جا ٻيا دانشور پڻ متاثر ٿيل هئا. انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ۱۹۴۲ع تائين ڪامو جي فن ۽ خيالن کي ويچار هيٺ آڻڻو پوندو. هن جي تصنيفن 'The myth of sisyphus' ۽ 'The outsider' مان ڪامو 'Absurd' جي فلاسافر طور ڄاتو وڃي ٿو. ائبسرڊ جو فلسفو آهي هڪ قسم جي علحدگي، جيڪا هڪ طرف معقوليت، انصاف، لافانيت ۽ مقصد لاءِ ماڻهوءَ جي خواهش کي جدا ڪري ٿي ته ٻي طرف وري نا معقوليت، ظلم، فنافاني ۽ دنيا جي بيڪار هجڻ کي. بهرحال ائبسرڊ جو فلسفو غم ۽ نا اميديءَ جو فلسفو ناهي. 'The myth of Sisyphus' ۾ شروعات ائين ٿئي ٿي ته ائبسرڊ جو حل خودڪشي ناهي ۽ ٻچاڙيءَ ۾ ائين ڏيکاريو وڃي ٿو ته انساني بغاوت آزادي ۽ جذبي جي سچائي جي خاطري ائبسرڊ سان ئي ٿئي ٿي. اخلاقي طور ائبسرڊ غير جانبدار آهي. اهو نه ڪنهن شيءِ کان روڪي ٿو ۽ نه ئي ان جي تصديق ڪري ٿو. حد کان زياده يقين جي صورتن ۽ فيلسوفانه تسڪين کي ائبسرڊ رد ڪري ڇڏي ٿو. اهو ماڻهوءَ کي قنوطيت پسند بڻائي ٿو، پر ساڳئي وقت ماڻهوءَ کي بيحد جسماني خوشيءَ جو اهل پڻ ليکي ٿو. ائبسرڊ هڪ انساني رڙ آهي (۱۵) جنهن ۾ غم جي رڙ کي خوشيءَ جي رڙ کان جدا ڪرڻ ناممڪن آهي. اها بلڪل انفرادي حيثيت واري آهي. اهو اخلاقي جوابدارين، سماجي ڀاڱي ڀائواري ۽ سياسي ذميوارين خلاف دليل بازي ڪري ٿو ان سموري نقطه نگاه کان 'The outsider' جو ڪردار هير سان هڪ ائبسرڊسٽ هيرو آهي.

جهڙي ريت ڪامو پنهنجي صلح پسنديءَ ۽ مزاحمت لاءِ آماده جذبي جي وچ ۾ تضاد کي قبوليو آهي اهڙي ريت بعد ۾ هن ائبسرڊ جي بداخلاقي ۽ زندگي جي اخلاقي قوانين جي وچ ۾ نهايت ڳنڀير تضاد کي به قبوليو آهي (۱٦). ڪامو جون ٻه تصنيفون 'The myth of sisyphus' ۽ "The out sider" ۱۹۴۱ع ڌاري مڪمل ٿي ويون هيون. ايمي الماند جي نالي لکيل هن جا خط ۴۴-۱۹۴۳ ڌاري ڇپيا هئا. جڏهن ڪامو 'Combat' جي مزاحمتي تحريڪ ۾ نهايت سرگرم هو. اهي خط هڪ جرمن دوست جي نالي هئا. ايمي الماند ڪو سچو پچو انسان نه هو، پر ڪامو جي ذهن جي اختراع هو. اهو هڪ

اهڙو انسان آهي جنهن جو دماغ نازي ازم جي پڪوڙيندڙ ديوانگيءَ جي اثر هيٺ آهي. اها حقيقت ايتري اهم ڪانهي تہ ڪامو پنهنجي هڪ دوست يا دوست ڏانهن خط لکيا هئا. پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ اهو دوست هڪ جرمن آهي. ڪامو جو اهو خيالي جرمن دوست انٽيليڪچوئل آهي. ڪامو چوي ٿو تہ هو پنهنجي دوست جي انهيءَ انٽيليڪچوئل نظريي سان گهڻي وقت تائين شامل راءِ رهيو آهي تہ زندگيءَ جي ڪا بہ معنيٰ يا مقصد ناهي (١٦). اهو ياد رکڻ کپي تہ وجوديت جو فلسفو پوءِ ڪٿي اهو نتشي يا هيڊيگر جو هجي ۽ جنهن ڪامو ۽ سندس همعصر نسل کي ايڏو متاثر ڪيو هو سو فلسفو اصل ۾ جرمنيءَ ۾ ئي پيدا ٿيو هو. نتشي کي نازين پنهنجي فلسفي جو پيغمبر ڪري سمجهيو هو ۽ هيڊيگر تہ نازي پارٽيءَ جو ميمبر هو.

بهرحال ايمي الماند ڏانهن لکيل خط انهيءَ ساڳئي فلسفيانہ نظريي سان شروع ٿين ٿا, تہ زندگي بي معنيٰ آهي. پر انهيءَ نظرئي سان جيڪا عملي راه پيدا ڪئي وئي هئي تنهن کي ڪامو نہ رڳو نفرت جوڳو پر غير منطقي پڻ ڪوٺيو آهي. جيڪڏهن خداناهي جيئن اهو جرمن دوست چوي ٿو تہ پوءِ هر شيءِ جائز آهي ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ کي صحيح چئي سگهجي ٿو ۽ صحيح يا غلط کي هڪ طاقتور يا ڪمزور بدلائي سگهي ٿو. اها هڪ لايعني ۽ لاتعلقيءَ واري ڳالهہ آهي تہ ماڻهو پنهنجو وقت گلابن پوکڻ ۾ صرف ڪري يا بيمار جي سار سنڀال لهي يا يهودين کي نيست نابود ڪرڻ ۾ صرف ڪري.

ايمي ايلماند ڏانهن لکيل خط ڪاموءَ جي پهرين ڪوشش آهي ائبسرڊ فلسفي جي اخلاقي قدرن کي وڏائڻ جي اهي قدر جيڪي خدا يا تاريخ تي دارو مدار نٿا رکن ١٥, پر انهن جو دارو مدار فقط انسان سانٰ آهي. هو هڪ اهڙي فلسفيانہ ۽ اخلاقي تشخص جي ڳولا ۾ هو جنهن وسيلي اجتماعي مزاحمت واري مقصد جي پنيرائي ڪري سگهجي.

سوال هي آهي تہ ١٩٤٣ ۽ ١٩٤٤ ۾ ڪامو جي سياسي رخ جي ڪهڙي ڪيفيت هئي؟ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ١٩٤٣ع جي پڇاڙيءَ ۾ هن جو زير زمين اخبار 'The combat' سان گهاٽو تعلق ٿي ويو هو. ١٩٤٤ع جي موسم بهار ۾ اخبار جو ايڊيٽر ڪلاڊ بارديٽ گرفتار ٿي ويو. ان ڪانپوءِ جيڪو ايڊيٽر مقرر ٿيو اهو مزاهمت واري هلچل ۾ ڊيوٽي ادا ڪرڻ لاءِ هليو ويو. پوءِ اخبار جي سڄي ذميواري جهڙوڪ ايڊيٽر جو عهدو اخباري پنو هٿ ڪرڻ ۽ ورهاست جو بندوبست ڪرڻ وغيره جهڙا ڪم ڪامو جي ڪلهن تي اچي پيا. اها ذميواري وڏي خطري واري هئي. نازي جرمني ڪان آزادي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ١٩٤٥ع تائين ڪامو اخبار کي هلائيندو رهيو. اهو ڪاموئي هو جيڪو اخبار جي پاليسي ناهيندو هو. جڏهن آزاديءَ ڪانپوءِ اها اخبار باقاعدي هلڻ لڳي, تہ ان جي پهرئين پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ ڪامو لکيو هو.

آزادي پهريون ڏاڪو آهي سياسي ۽ روحاني انقلاب آڻڻ لاءِ ۽ ان جي طاقت لاءِ مزاحمت واري دور جي تڪليفن ۽ اعليٰ آدرشن مان سبق حاصل ڪري انقلاب آڻڻو آهي, پر ڪميونسٽ انقلاب نہ بلڪ سوشلسٽ انقلاب (١٧).

ڪامو سماجي انصاف, اجتماعيت, سياسي سڌارن ۽ سرمائيداري جي مخالف نظرين جي پربور

طريقي سان ٻيرائي ڪني. آزادي ڪانپوءِ اجا ڇهه مهينائي مس گذريا ته ڪامو ڪميونسٽن ڪان پري ٿي ويو ۽ نهايت احتياط سان سوشلسٽ پارٽيءِ سان جوڙ جوڙڻ لڳو.

هن ڪميونسٽن کي گفتگو ڪرڻ جي آڇ ڪئي جن جي سماجي مقصدن کي ته هن مڃيو ٿي پر سندن تاريخي فلسفي ۽ سياسي سچائي کي ڪامو رد ڪري ڇڏيو هو. ڪامو اهو قبول ڪيو هو ته سوشلزم وقت جي وڏي سياسي وفاداري هئي (١٨).

هن مزاحمت واري ۽ لڙائي کان اڳ واري سوشلسٽ پارٽي جي آسان اميدن ۽ مقصد چوٽين ۾ فرق واضح ڪري ڇڏيو هو.

اهو بلڪل سچ آهي ته ان وقت جي سڀني سياسي پارٽين مان سوشلسٽ پارٽي ڪامو جي آدرشن کي بلڪل ويجهي هئي. مگر ڪامو کي هن پارٽيءِ جي مارڪسزم لاءِ زباني مڃتا ۽ لڙائي کان اڳ واري عملي لاڳاپي سبب ڪجهه شڪ هئا. ٻين لفظن ۾ هيٺن ڪٽي چنجي ته آزادي کان پوءِ هڪدم ايندڙ عرصي ۾ ڪامو هڪ نئين ۽ آزاد ڪابي ڏر واري شخص جي لائين اختيار ڪئي جنهن کي مزاحمت دوران پنهنجا تجربا هئا. بعد جي واقعن ثابت ڪيو ته اها لائين سياسي تنهائي ۽ مايوسي واري لائين هئي.

ڪامو تي اڪثر اها تهمت هنئي ويندي آهي ته جرمنيءِ جي شڪست ڪانپوءِ به هو مبالغي واري حد تائين مزاحمت واري تحريڪ ۾ اهو يقين رکندو آيو ته پنهنجي مقصد لاءِ اهو اتحاد ۽ تشخص وارو فلسفو برقرار رکندي جڏهن ته آزادي حاصل ڪرڻ کان به اڳ مزاحمت واري تحريڪ سياسي ۽ شخصي حسدن جو شڪار بڻجي آهستي آهستي روايتي سياسي طاقتن جو ڪاڄ ٿي وئي (١٩). مزاحمت واري تحريڪ سان ڪامو جو جڙ روحاني لاڳاپو هو.

هن تحريڪ جي ڀُڄائيءِ ڪانپوءِ ڪامو ٻي ڪنهن به سياسي پارٽيءِ سان پاڻ کي لهڪائي نه سگهيو ۽ آهستي آهستي سياسي تنهائي ۽ مايوسيءِ ۾ هليو ويو.

## REFERENCES


1. J. Levi–Valensi(ed.), Les critiques de notre–temps at Camus, Pairs: Gatnier, 1970, 42.
2. Ibid.,11.
3. Ibid.,29.
4. Adele King, Camus, Edinburgh and London: Oliver & Royd, 1964–35.
5. Ibid.,65.
6. King, H.Jonathan, Selected writings Abert Camus, London: Methuen, 1981. 4.
7. Ibid.,153.
8. Henry Michel, Histoire de la Resistarice, Pairs; PUF, 1950, 85.
9. Ibid., 44.
10. Ibid., 68
11. Ibid., 115
12. Ibid., 116

13. Combat,19 September 1944, Essais, 1374 (n)
14. Camus, L'Homme revolte, Essais, Pairs: Gallimard, 1950 571-9.
15. Camus, Lettres a un ami allemand, Pairs: Gallimard, 1945-241.
16. Camus, Le Mythe de Sisyphe, Pairs: Gallimard, 1942, 162.
17. Camus, Actuelles I (Chroniques 1944-8),Pairs: Gallimard, 1953, 385.
18. Ibid., 256.
19. Henry Frencey, L' Enigme Jean Moulin, Pairs: Laffont, 1977, 167

## SELECTED BIBLIOGRAPHY


1. Albert Camus, The outsider, London, Penguin, 1969.
2. Albert Camus, The mythe of sisyphus, London, Penguin, 1975.
3. Albert Camus, Selected Essays and Note Books, London, Penguin, 1979.
4. Alistair Hor-ne A Savage war of peace; Algeria 1954-62 London, Macmillan, 1977.
5. Alexander werth, France 1940-55, London, Robert Hale, 1956.
6. Conor Cruise O's Brien, Camus, London Fantana (Collins) 1970.
7. David Caute, Communismand the French Intellectuals, London, Andre Deutsch, 1964.
8. Emett parket. Albert camus; the Artist in the Arena Madison University of wis-consin Press, 1965.
9. Herbet lothman, Albert camus, London, weidon, weidenfeld & Nicolson 1979.
10. John Caruick-shank, Albert camus and the literature of Rovot, London, Oxford University Press, 1959.
11. Marie Granet and Henry Michel, Combat, Paris, PUF, 1957.
12. Philip wiIliame, Politics in post-war France, London, Longmans, 1854.




غلام محمد بلو

# انسان جي تخليق جو مقصد

هن جهان جي اٿاهه جوڙجڪ ٺاهڻ واري پروردگار جلشانه پنهنجي ڪامل قدرت سان ست آسمان ۽ زمينون جوڙي منجهن سج، چنڊ تارا ۽ سيارا روشنائي، ۽ سونهن واسطي جڙيا، ۽ زمين ۾ جبل ميخن طور کوڙيا ته زمين لُڏي نه وڃي، ڌرتيءَ جي اندر پاڻيءَ جا ذخيرا ۽ ڪئين قسمن جا خزانا، جهڙوڪ سون، چاندي، هيرا جواهر ۽ ٻيا ڌاتو، يا تيل گيس وغيره لڪائي رکيائين ته انسان پنهنجي گذران لاءِ محنت ڪري کوٽي منجهائن فائدا حاصل ڪن. ان ڪانپوءِ خلقڻهار جل جلاله انهن مان فائدو وٺڻ وارا پيدا ڪيا جن سڀنيءَ کان علم عقل ۽ عزت ۾ اُتم انسان کي پيدا ڪرڻ جو پهه ڪرڻ فرمايائين. انسان جنهن جو لقب اشرف المخلوقات آهي تنهن جي جنس ڏسو ته ڇا آهي جڏهن ڪنهن زمين ۾ ڪجهه ڏهاڙا پاڻي بيهندو آهي پوءِ اُهو پاڻي سڪي ويندو آهي ته ڌرتيءَ ۾ موجود مِٽي سڙيل بدبوءِ دار گاري جهڙي ٿي پوندي آهي ان گاري کي رب تعاليٰ جلشانه پنهنجي ڪامل قدرت جي هٿن سان گوهي ٺاڻي منجهس پنهنجو روح ڦوڪيو ته ڪڙو تڙو ٿي بيهي رهيو انساني بوتي واري مٽي ساري ڌرتيءَ جي چئني ڪنارن تان ملائڪن جي وسيلي گهرائي وٺي هئي جنهن ڪري اتان جي آب هوا جو اثر سندن جسمن جي جدا جدا رنگن ۾ سمايل آهي، ڪي پُورا، ڪي ڳاڙها ڪي ڪارا ۽ ڪي اڇا آهن. انسان سان گڏ زمين تي جانور جيت پکي ۽ ٻيا ساهه وارا پڻ پيدا ڪيا ويا ۽ سندن گذران واسطي گهربل شيون خلقيون ويون.

انسانن کان اڳ ۾ الله تعاليٰ ملائڪ پنهنجي نُور مان ٺاهيا ۽ جن باهه جي سَتَ مان ناهيا ۽ اعلان ڪيائين ته "وَما خَلقتُ الجِنَّ وَالاِنسَ اِلَّا لِيَعبُدُونِ" انسان ۽ جن الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ٻانهپ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. ملائڪ به الله تعاليٰ جي بندگي ۽ ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پيغام پڄائڻ يا ٻين ملڻ ڪمن ۽ حڪمن جي بجا آوريءَ ۾ سارو وقت رُڌل رهن ٿا ۽ کين کائڻ پيئڻ يا جسماني يا ٻين شهواني خواهشن جي ضرورت کان آجو رکيو ويو آهي. تنهنڪري دنيا خواهه آخرت ۾ هو هر حساب کان بچيل ڇڏيا ويا آهن.

باقي انسانن ۽ جنن واسطي هِن جهان توڙي ٻئي جهان ۾ ڪيل نيڪين ۽ برائين جو پڇاڻو رکيو ويو آهي.

ڏاڏي آدم عليه السّلام کي جڏهن پيدا ڪري اٿاريو ويو تڏهن الله تعاليٰ سندس جسم ۾ روح سان گڏ علم، ڄاڻ ۽ عقل به رکيا. پوءِ ملائڪن کي حڪم ڪيائين ته آدم کي سجدو ڪريو، ڇو ته مون ان کي پنهنجو خليفو زمين تي مقرر ڪيو آهي ان کان اڳ ۾ ملائڪن الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ته هن ماڻهوءَ جي پيدا ڪرڻ جو مقصد ڇا آهي جڏهن ته اسان ائين محسوس ٿا ڪريون

تہ جنهن صورت ۾ هن جي اندر ۾ سڀ طرح جون خواهشون سمايون ويون آهن تہ انهن جي حاصل ڪرڻ خاطر هو طرح طرح جا چڱا خواهہ بُرا ڪم ڪري ڇُڪندو ۽ ڌرتيءَ تي خون خرابو ڪندو الله تعاليٰ وراڻيو تہ جنهن حڪمت سان مان ڪيس پيدا ڪيو آهي تنهن جو راز فقط مان ئي ڄاڻان ٿو ۽ جيڪو علم مان آدم کي ڏنو آهي تنهن مان اوهان واقف نہ آهيو ان آزمائش لاءِ ڪي سوال ملائڪن کان مالڪ پاڪ پڇيا جن جا جواب هو ڪونہ ڏيئي سگهيا بلڪ آدم عليه السّلام امتحان ۾ پاس ٿيو. پوءِ ملائڪن تسليم ڪيو تہ ها ۽ چيائون تہ "قالُوا لاعِلمَ لَنا اِلاّ ماعَلَّمتنا اِنَّڪ انت العزيز الحڪيم" "اي مالڪ پاڪ اسان کي فقط اهو ڪجهہ معلوم آهي جنهن جي ڄاڻ اسان کي ڏني اٿيئي ۽ سچ پچ تہ تون ئي عزت وارو حڪمت وارو آهين." ائين ڇني حڪم جي تعميل ڪندي حضرت آدم عليه السّلام کي سجدو تعظيمي ڪيائون. انهن ملائڪن سان گڏ الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ عزازيل نالي جِنُ بہ هيو جيڪو بندگي ڪندي مالڪ جي معزز ملائڪن جي عهدي کي وڃي رسيو هو تنهن وات پٽي اعتراض ڪيو تہ آءٌ اُچي ذات جو آهيان يعني باهہ جي جڙيءَ مان خلقيل آهيان سو ڪنيءَ مٽيءَ جي پيدائش آدم کي سجدو ڇو ڪريان ۽ ڪونہ ڪندس. انهيءَ هٺ ۽ نافرمانيءَ سبب سندس لقب شيطان ۽ ابليس رکيو ويو بلڪ ڪيس الله تعاليٰ لعنتي ڪري پنهنجي بارگاهہ شريف مان تڙائي ڪڍيو انهيءَ واعدي سان تہ قيامت ۾ توکي دوزخ ۾ داخل ڪندس. ابليس الله تعاليٰ جي فيصلي کانپوءِ نا اميد تہ ٿيو پر آڪڙ ڪونہ ڇڏيائين. بارگاهہ الاهيءَ ۾ عرض ڪيائين تہ منهنجي عمر تيستائين قائم رک جيستائين قيامت ٿئي ۽ ان عرصي ۾ جنهن انسان جي ڪري مون کي جهنمي ڪيو اٿيئي تنهن کان وير وٺندس ۽ گمراهہ ڪندومانس تہ پلي اهو بہ مونسان گڏ دوزخ ۾ سڙي.

الله تعاليٰ جلشانہ ابليس جو عرض مڃيو ۽ ساڻس واعدو ڪيائين تہ توکي قيامت تائين جيئرو رکبو تہ پلي پنهنجا حربا هلائي انسانن کي الله تعاليٰ جي ڏسيل سڌي رستي کان ٿيڙ تہ پوءِ ڪين گمراهيءَ جو نتيجو قيامت جي ڏينهن ڏيکاريو ويندو پر ايهو بہ ياد رکجانءِ تہ جيڪي بندا مالڪ جلشانہ جي حڪمن جي پيروي سندس خوف ۽ محبت وچان ڪندا تن کي تون ڪاري ڪونہ سگهندين ۽ تنهجا پوئلڳ جيڪي ٿيندا سي دوزخ جي باهہ جو ٻارڻ ڪيا ويندا.

ڏاڏو آدم عليه السلام پيدا ٿي چڪو پوءِ الله تعاليٰ ڪيس ٻڌايو تہ تنهنجو هن جهان ۾ اچڻ جو مُول مقصد مالڪ جي وحدانيت جو اقرار ڪرڻ ۽ فقط سندس ئي بندگي ڪرڻ آهي ائين ٻڌائڻ کان پوءِ رب تعاليٰ پنهنجي ڪامل قدرت سان "ڪُن" يعني ٿي پوءِ جو حڪم جاري فرمايو جنهن جي چوڻ سان هن جهان ۾ ڏاڏي آدم جي پيدائش واري گهڙيءَ کان وٺي قيامت جي قائم ٿيڻ تائين جيڪي بہ انسان پيدا ٿيڻا هئا تن جا رُوح پيدا ٿي پيا جن کان مالڪ جل جلالہ سوال ڪيو تہ "الست بربڪم" ڇا مان توهانجو پالڻهار نہ آهيان (يا مون کان سواءِ ڪو ٻيو اوهان جو رب آهي؟) تنهن تي سيني رُوحن هڪ آواز ٿي وراڻيو "قالُو بليٰ" تہ سائين بلڪل ۽ بيشڪ اسان مڃيون ٿا تہ تون ئي اسان جو رب ۽ پالڻهار آهين ۽ نڪوئي ٻيو ڪو.

ڏاڏي آدم عليهالسّلام کي بهشت جي اندر رهايو ويو ۽ ڪيس آزادي ڏني وئي تہ جتي وڻيئي اُتي

نڪُ ۽ رهه ۽ جيڪي کپيني سو کاءِ ۽ پيءِ پر هن خاص وڻ جي ميوي کان پرهيز ڪجانءِ ۽ ان کي نه کائجانءِ نه ته هن عيش آرام واري جنت کان هٿ ڌوئڻا پوندءِ ۽ منجهانئس تڙايو ويندين.

دلين جي ڀيد ڄاڻڻ واري الله تعاليٰ، ڏاڏي آدم عليه السّلام جي اڪيلائي ۽ ويڳاڻائيءَ کي محسوس ڪندي سندس کٻي پاسي جي ڏنگي پاسريءَ مان سندس هم جنس زال نالي ڏاڏي حوّا رضي الله تعاليٰ عنها کي پيدا فرمايو ته جيئن سندس صحبت مان آرام حاصل ڪري فرمان باري تعاليٰ آهي ته "وَمِن آيٰتِه اَن خَلَقَ لَکُم مِن اَنفُسکُم اَزواجاًلِتسکُنوا اِليها وَجَعل بَينکُم مَّوَدَّةً وَّرحمتہ" "۽ سندس نشانين مان هيءَ (به) آهي جو اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجه پيدا ڪيائين."

شيطان جيڪو چيلنج ڏيئي چڪو هو سو موقعو وٺي هڪ واسينگ نانگ جي صورت ۾ ڪسڪي جنت جي اندر لنگهي ويو ۽ ڏاڏي آدم ۽ ڏاڏي حوا ٻنهي کي ڀنيلائي چوڻ لڳو ته اوهان ٻنهيءَ جو وڏو سڄڻ آءٌ ئي آهيان (جيتوڻيڪ الله تعاليٰ اڳ ۾ ئي ٻنهيءَ کي ٻڌائي چڪو هو ته "اِنَّ الشَّيطان لَکُما عَدُوٌّ مُبين" يعني ته شيطان توهان جو پڪو ويري آهي) ۽ جي منهنجي ڳالهه مڃيو ته ايهو وڻ جنهن کان الله تعاليٰ اوهان کي جهليو آهي تنهن جو ميوو ضرور کائو ته اوهان هميشه لاءِ هتي ئي سکيا ستابا ٿي رهجو نه ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڪڍيا ويندوُ شيطان جي مٺي زبان پنهنجو اثر ڪري وڌو ۽ ڏاڏي آدم ۽ سندس ٻيبي ان وڻ جو ميوو کائي وڌو ۽ يڪدم سندن اوگهڙ وارين جاين جا پردا کلي پيا جن کي شرم وچان بهشت جي وڻن جي پنن سان ڍڪي لڪائڻ لڳا. ٿيو ته ايهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي مرضيءَ منشا يا پلاننگ مطابق پر هٿي نسوري حڪم عدولي ۽ نافرماني جنهن تي الله تعاليٰ فرمان جاري ڪيو ته آدم ۽ حوا ٻئي ڄڻا بهشت منجهان ڪڍيا وڃن. ٻنهي کي زمين جي جدا جدا ٽڪائڻ تي اڇلايو ويو جو ڏاڏو آدم سرانديپ يا سري لنڪا ۾ وڃي پيو ۽ ڏاڏي حوا جدي (سعودي عرب) جي علائقي ۾ وڃي سهڙي.

ٻئي ڄڻا پڇتائي روئندا ۽ مالڪ جلشانه اڳيان معافيءَ واسطي نيزاريون ڪندا رهيا. نيٺ مالڪ جي ذات پاڪ کي مٿن رحم آيو ۽ ڪين معافي وٺڻ جي آيت شريف سيکاريائين ته "رَبَّنا ظَلَمنا اَنفُسَنا وَ اِن لَّم تَغفِرلَنا وتَرحَمنا لَنَکُونَنَّ مِنَ ال خٰسِرِين" "ايٰ اسانجا رب پاڪ اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي (تنهنجي نافرماني ڪري) پوءِ جيڪڏهن تون اسانتي مهر ڪري اسانکي معاف نه ڪندين ته اسان وڏي نقصان ۾ پئجي ويندا سين" ايها دعا ٻنهي زال ۽ مڙس الله پاڪ کان گهري ته کين معافي ملي ۽ کين عرفات جي ميدان ۾ هڪ ٻئي سان ملايو ويو جتي هڪ ٻئي کي سڃاتائون ۽ خوش ٿيا. حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا گڏجي گذاريائون ۽ اولادي ٿيا. جيئن ته ڏاڏو آدم عليه السلام پنهنجي ڄڻ جو وڏو ۽ ابو هيو تنهنڪري پنهنجي انهيءَ اُمت کي سندن هن جهان ۾ پيدا ڪرڻ جو مقصد سمجهائڻ واسطي کيس وقت جو پيغمبر يا نبي مقرر ڪيو ويو ۽ سندس وفات کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان سندس جاءِ نشين الله تعاليٰ جي طرفان مقرر ٿيندا رهيا جهڙوڪ حضرت شيثُ عليه السلام ۽ پوءِ حضرت نوح عليه السّلام جيڪي حق تبليغجو ادا ڪندا رهيا. پر شيطان به سند يا فتو انساني مخلوق جو دشمن هو

تنهن بہ پنهنجي وسان ڪين گهٽايو ۽ اولاد آدم کي صراط المستقيم واري رستي تان هٽائيندو گمراهہ ڪندو رهيو تہ جئين وٽيو تئين هن جهان واري حياتيء ۾ عيش آرام ڪندا رهو ۽ بس. مقصد تہ انهن کي دل ۾ ايهو خيال وجهندو رهيو تہ نڪو قيامت ٿيندي نڪوئي ڪو حساب ڪتاب ٿيندو هونئن بہ ڏنو ويو آهي تہ چڱي ڪم يا نيڪي ڪندي شيطان انسان جي دل ۾ طرح طرح جا وسوسا وجهي ان نيڪ خيال کان ڪيس ٿيڙيندو آهي پر هر بُري ۽ لغو ڪم واسطي ڪيس ڪڏائيندو ۽ پڏائيندو آهي تانجو اها بُرائي بنا دير جي ڪري وجهندو آهي ان جو مثال قرآن پاڪ ۾ ڏاڏي آدم جي ٻن پٽن نالي هابيل ۽ قابيل جي متعلق بيان ۾ آهي هابيل نيڪ عملن ڪرڻ وارو هو جنهن سبب الله تعاليٰ کي پسند هو پر قابيل بي عمل ۽ شيطاني صفتن وارو هو ۽ هر وقت هابيل تي ساڙ ڪائيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن مسئلي ۾ شرط ٻڌائون تہ ڏسون تہ الله تعاليٰ وٽ مقبول ٻنهيء مان ڪير آهي ۽ هڪ قرباني ڪري جبل تي رکي ڇڏيائون. ان وقت ۾ مقبوليت جي ايها ڪسوٽي هوندي هئي جو آسمان مان وج ڪرندي هئي جيڪا قبول پيل قربانيء کي ساڙي ويندي هئي. ٿيو بہ ائين جو هابيل جي ڪيل قربانيء کي وج ساڙي وئي ۽ قابيل جي سئي رکيل ائين ئي رهجي وئي. قابيل کي نهايت ڏک ۽ حسد ٿيو. جنين تہ هو سرڪش ۽ فسادي هيو تنهنڪري ايهوئي پهہ ڪيائين تہ هابيل کي رستي تان هٽائڻ واسطي ختم ڪيان. ان نيت سان هابيل ڏي حملي ڪرڻ واسطي ٻڪ وڌايائين تہ هابيل سمجهايس تہ ائين نہ ڪر جو ايهو ڪم شيطاني آهي ۽ آءٌ تنهنجو ڀاءُ آهيان. جيتوڻيڪ تون مونتي ڌاڌ ڪندين تہ مان تنهنجو مقابلو ڪونہ ڪندس. آخر قابيل پنهنجو ڪم ڪري چُڪو ۽ هابيل کي قتل ڪري وڌائين.

ڀاءُ کي مارڻ ڪانپوء اڇي ششدر ٿيو تہ سندس لاش ڪيئن لڪايان ايتري ۾ هڪڙو ڪانءُ آيو جيڪو اچي ٻني منل ڪانوَ جي پرسان بيهي ڌرتيء کي پنهنجي چنبن سان کوٽڻ لڳو. جڏهن خاصي کڏ ڪيائين تڏهن پنهنجي پيرن ۽ چهنب سان منل ڪانو کي ڇڪي ۽ گهلي ان ۾ اڇليائين ۽ مٿس مٽي وجهي ڪيس پوري ڇڏيائين ايهو رنگ قابيل ڏسي شرم وچان اتي ڪو اوزار جيڪو سُجهيس تنهن سان کڏ يا قبر کوٽي هابيل کي منجهس لٽي ڇڏيائين.

ان بابت الله تعاليٰ هڪ اصول ٻڌي ڇڏيو تہ "مَن قَتَلَ نَفسًا بغير نفسٍ او فساداً في لارض فَكَاَنَّما قَتلِ النَّاس جميعا" "تہ جنهن شخص بنا ڏوهہ جي ڪنهن انسان کي کُنو يا ماريو ۽ ان طرح زمين ۾ فساد برپا ڪيائين تنهن جهڙوڪ سمورن انسانن کي قتل ڪيو." حديث شريف ۾ روايت آهي تہ قيامت تائين جيڪي بہ ناحق خون ٿيندا تن جو وبال ۽ ذميداري قابيل جي ذمي ڪئي ويندي ۽ ڪيس جهنم ۾ وجهڻ جي سزا ملندي.

الله تعاليٰ انسانن جي واسطي قيامت ۾ حساب ڪتاب جو ڏينهن مقرر فرمايو آهي ان لاء تہ هن دنيا. جنهن جو ٻيو نالو دارُالعَمل يعني عملن ڪرڻ جي جاءِ يا هنڌ آهي ان جي اندر رهي هو جيڪي بہ چڱا يا بُرا عمل ڪندا تن جي ڪاڻڻ پڇا ڪئي ويندي. پوء ان امتحان ۾ جيڪو ڪامياب ٿيندو تنهن کي بهشت ۾ نڪائڻ جو انعام ڏنو ويندو جتي هميشه لاءِ عيش آرام جي ابدي حياتيء جو

گذران هوندس. باقي بد عمل انسانن (۽ جنن) کي سندن ڪيل ڪرتوتن جي سزا طور دوزخ جي باھ ۾ هميشه لاءِ اڇلايو ويندو.

الله تعاليٰ جتي قادرالمقتدر يعني هر طاقت ۽ قدرت جو مالڪ آهي اتي منصف ۽ مهربان قدردان پڻ آهي. جنهن پنهنجي مٿان ظلم ڪرڻ حرام ڪيو آهي. جڏهن هو اسان کان تقاضا ٿو ڪري تہ اسين فقط سندس ئي بندگي ڪريون. حق ۽ انصاف ۽ سچائيءَ واري سڌي رستي تي هلي کيس راضي ڪري جنت جا حقدار ٿيون يا سندس راضپو هن جهان ۾ پڻ حاصل ڪيون تہ اسان کي ڪينءَ خبر پوي تہ بندگي وغيره جا طريقا ڪهڙا آهن تنهن لاءِ حضرت آدم عليهالسّلام کان وٺي آخري نبي حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم تائين هڪ لک ۽ چوويھ هزار پيغمبر الله تعاليٰ وٽان سندس هدايتن سان پريل صحيفا ۽ ڪتاب کڻي پنهنجي امتن ڏانهن آيا ۽ کين سمجهايائون تہ هن دنيا ۾ جيڪي ڪم نيڪي يا بدي جا هو ڪندا تن جو کين آخرت ۾ حساب ڏيڻو پوندو جنهن جا دفتر مولي پاڪ جا مقرر ٿيل ملائڪ نالي ڪِراماً ڪاتبين جيڪي ٻہ ٻہ ڄڻا هرهڪ انسان جي سڄي ۽ کٻي ڪُلهن تي چڙهيا ويٺا آهن ۽ پنهنجي ٽيپ رڪاردر ۽ ڪمپيوٽر جهڙن ڪاغذن تي سندن هر هڪ عمل ۽ ڳالهائڻ چڱو يا بُرو پڻ لکندا رهن ٿا. جيڪي دفتر قيامت جي ڏينهن الله پاڪ انصاف جي تارازي ۾ پاڻ توريندو ۽ فيصلا صادر فرمائيندو سمورا نبي، رسول ۽ پيغمبر عليهم الصلوات والسّلام پنهنجو حق تبليغ ۽ هدايت جو ادا ڪري هن جهان مان هليا ويا ۽ الله تعاليٰ وٽان آندل پيغام هتي ڇڏي ويا. اهي پيغام وقت گذرندي بدلبا رهيا ۽ آخري ڪلام الله تعاليٰ وٽان اسانجي پياري نبي محمد صلي الله عليه وسلم جو آندل قرآن پاڪ آهي جنهن بابت الله تعاليٰ ڪلام الله شريف ۾ واعدو فرمايو آهي تہ "اِنَّا نَحنُ نَزَّلنا الذِّکرَ و انَّا له حٰفِظون" "سچ پچ هي ڪتاب يعنيٰ قرآن اسان ئي لاٿو يا موڪليو آهي ۽ سندس حفاظت اسانجي ئي ذمي آهي" معنيٰ تہ انهي ڪتاب الله ۾ قيامت تائين ڪابہ تبديلي يا ڦير ڦار ڪانہ ڪئي ويندي ايتري قدر جو زَبر زير پيش جي بہ ڪا پچ گهٽ ڪوئي ڪونہ ڪري سگهندو جهڙي طرح اڳين آسماني ڪتابن ۾ اڳين امتن ڪري ڇڏيون هيون. ان لاءِ مالڪ پاڪ قرآن پاڪ ۾ ايها حڪمت رکي ڇڏي آهي جو ڪوبہ ذهين شخص کيس حفظ يا بر زبان ياد ڪري وجي ٿو ۽ اهڙي طرح قرآن پاڪ جي حفاظت سندس ڦيرڦار ٿيڻ کان ٿيندي رهي آهي ۽ رهندي. ان جي شاهدي قرآن پاڪ خود ٿو ڏئي تہ "وَلقَد يَسَّرنَاالقرآن لِلذِّکرِ" ۽ بيشڪ اسان قرآن کي پڙهڻ واسطي آسان بڻايو آهي (يا ياد ڪرڻ لاءِ سولو ڪيو آهي)

جيئن تہ الله تعاليٰ انسان کي پنهنجي ڪمن ڪارين ڪرڻ لاءِ اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ ان سان گڏ سندس اندر ۾ ضمير ۽ نفس بہ مهار بردار سندس عقل جي ڏور ڇڪڻ ۽ موڙڻ وارا رکي ڇڏيا آهن جن مان هر هڪ کيس پنهنجي مرضي موجحب هلڻ لاءِ پاڻ ڏي لڙڻ واسطي سڏيندو آهي.

ضمير انسان کي چڱاين جي رستي ڏانهن لڙڻ لاءِ سڏيندو آهي تہ نفس وري ان جي ابتڙ براين ڏانهن ڇڪيندو اٿس تانجو اهو انسان جنهن کي مالڪ پاڪ جو خوف ۽ محبت هوندي آهي ۽ کيس سالم عقل ۽ بُري ڀلي جي پرک وارو علم بہ هوندو آهي سو ضمير جي رهبريءَ سان چڱي ڪم واسطي

تيار ٿيندو آهي ۽ برائي کان بچندو آهي جنهن جي بدلي ڪيس الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ٿيندو آهي ۽ مالڪ ڪيس پنهنجي ڪيل واعدي مطابق صراط المستقيم وارو رستو ڏيکاريندو آهي. جنهن تي هلي هو هن دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ جو انعام لهندو آهي. پر اهڙو انعام فقط انهن لاءِ رکيو ويو آهي جيڪي الله تعاليٰ سان هر وقت ۽ خاص طرح نماز ۾ ايهو اقرار ڪندا رهن ٿا ته "اِيَّاکَ نَعبُدُ وَاِيَّاکَ نَستَعِينُ" "اي مالڪ پاڪ اسان تنهنجي ئي بندگي ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا" ان صورتحال ۾ مالڪ ساڻن واعدو ٿو ڪري ته "فَاذکُرُونِي اَذکُرُ کُمرَوَاشکُرُو لِي وَلا تکفُرُون" "مون کي ياد ڪريو ته مان اوهان کي ياد ڪريان منهنجو شڪر ڪندا رهو ۽ ڪُفر يا ناشڪري هرگز نه ڪريو". وري الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته پنهنجي هرهڪ مسئلي ۽ معاملي واسطي مون کي ئي سڏيو ڇوته "وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيه مِن حَبلِ الوَرِيدِ" "آءٌ اوهان کي اوهان جي ساهه جي رڳنُ (جيڪي ڳچيءِ ۾ رکيل آهن) کان به ويجهو آهيان." ۽ اوهان جي سڏ ۽ عرض کي ٻڌان ٿو ۽ قبول ڪري اوهانجا ڪم بڻايان ٿو. ان لاءِ آيت شريف آهي ته "وَاِذا سَاَلَکَ عِبَادِي عَنِّي فَاِنِّي قَرِيب, اُجِيبُ دَعوَةَ الدَّاعِ اِذا دَعَانِ فَليَستَجِيبُوا لِي وَليُؤ مِنُوا بِي لَعَلَّهُم يَرشُدُونَ" "اي رسول صلي الله عليه وسلم منهنجا بندا توکان منهنجي بابت پڇن ٿا تون ڪين ٻڌاءِ ته مان ويجهو آهيان سندن سڏ ۽ دعائون جڏهن اُهي مون کي سڏين ٿا ٻڌان ٿو پوءِ ڪين جڳائي ته مون کي مڃين (پنهنجو پالڻهار ڪري) ۽ مون تي ايمان آڻين (پنهنجو معبود مالڪ سمجهي) ته انهن کي سڌو رستو نيڪي ۽ هدايت وارو حاصل ٿئي" جڏهن بندا الله تعاليٰ سان ڪيل انجام پابنديءِ سان پاڙيندا رهن ٿا ته مالڪ انهن کي پلاٿي واري سنئين رستي تي هلڻ لاءِ روشني بخشي ٿو ۽ ڪين دل جي تسلي سان رکي ٿو ۽ پنهنجي رضا تي راضي "اَلاَ بِذِکرِالله تَطمَئِنُّ القُلُوبُ" اوهان کي سُڌ هجي ته دلين کي آرام ۽ قرار فقط الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ سان اچي ٿو.

الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ فقط وات سان الله الله جا اکر چوڻ کي نٿو چئجي پر الله تعاليٰ جي حڪمن جي پابندي ۽ سندس منع ڪيل بُراين کان پاسو ڪري پاڻ کي ۽ ٻين انسانن کي ان کان روڪڻ ۽ بچائڻ يا انهن جي جائز ڪمن ۾ مدد ڪرڻ به الله کي ياد ڪرڻ جو هڪ رستو آهي. ان رستي تي هلي انسان مالڪ جي انعام جو حقدار ٿئي ٿو جنهن بابت سورت فاتحه ۾ رب تعاليٰ اسان کي دعا سيکاري آهي ته انهيءِ صراط المسقيم واري رستي تي هلڻ جي اسان کي هدايت بخش جنهن تي هلي تنهنجا مقبول بندا انعام لهي ويا ۽ نه انهن جي رستي تي هلاءِ جن تي تنهنجو ڏمر ٿيو ۽ ڪين سزا ڏنيءِ"

الله تعاليٰ انهن پاڻهن کان پنهنجي خوش ٿيڻ جو اظهار هيٺين لفظن ۾ بيان ڪرڻ فرمائي ٿو ته "رَضِي الله عَنهمر وَ رَضُوعَنه" الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله تعاليٰ جي ڪيل مهربانين تي خوش ٿيا. وري ٻئي هنڌ انهن بندن جن هن جهان جي زندگي مالڪ پاڪ جي ڏسيل رستي تي هلي سندس راضپي هيٺ گذاري ۽ پوءِ مري وڃي ٻئي جهان ۾ رسيا تن لاءِ رب تعاليٰ انهن اکرن سان سندن خاتمو ٿيڻ جو ذڪر فرمائي ٿو ته "يَاَيَّتُهَاالنَّفسُ المُطمَئِنَّةُ ارجِعِي اِليٰ رَبِّکِ رَاضِيَةً مَّرضِيَّةً" "اي منهنجا بندا تون هن جڳ مان خوش ٿي ڪري پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي آءٌ ان صورتحال ۾ جو آءٌ تو منجهان

راضي آهيان ۽ تون منهنجي ڪيل مهربانين مان راضي ٿئين"

وري ٻيا انسان جيڪي ضمير جي آواز کان منهن موڙي پنهنجي نفس جي چوڻ تي هليا يعني دنيا جي حرص، هوس، لالچ، ڪوڙ، دغا هٺ يا ٻيا اهڙا ڪم جن بابت الله تعاليٰ بندن کي روڪيو ۽ جهليو آهي تن کي پنهنجو ڪرتو بڻايائون ۽ ڪنهن به چڱائي چوڻ واري جي ڳالهه نه مڃيائون تن لاءِ الله تعاليٰ واعدو فرمايو آهي ته

"وَالَّذِين كَفَرُوا اَولِيَائهُمُ الطَّاغُوت يُخرِجُونَهُم مِنَ النُّور اِلي الظُّلُماتِ اُولٰئِکَ اَصحابُ النَّارِ هُم فِيها خٰلِدُونَ" "جن الله تعاليٰ جي حڪمن جي نافرماني ڪئي تن جا دوست شيطان ۽ سرڪش انسان آهن جيڪي هنن کي سچ ۽ حق جي روشنائيءَ مان ڏڪي برائيءَ واري اونده جي رستي تي نين ٿا ۽ انهن لاءِ الله تعاليٰ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته اُهي دوزخي آهن ۽ ان ۾ هميشه واسطي واڙيا ويندا ته منجهس سڙندا ۽ سُور سهندا رهن"

الله تعاليٰ ايهو سرشتو پنهنجي خلقيل انسانن واسطي بڻائي حضرت آدم عليه السلام جي لڏي وڃڻ کانپوءِ سندس جاءِ نشين پيغمبرن جي وسيلي سان وقت بوقت جاري فرمائيندو رهيو پر شيطان پنهنجي ڪيل قول موجب هٺ ڌوڻي کين ڪارڻ واري ڪرت کي لڳو رهيو ايتري قدر جو جڏهن حضرت نوح عليه السلام جو زمانو آيو تڏهن اهو بزرگ نوَ سوَپنجاهه سالن لاءِ متو ماريندو رهيو ۽ اُمتين کي سمجهائيندو رهيو ته الله تعاليٰ جي ڏسيل حڪمن جي پيروي ڪريو نه ته ڏچي ۾ پئجي ويندءُ پر انهن جي مٿان شيطان جي دلبن ۽ ڏٽن جو ايڏو ته گهڻو اثر هيو جو پيغمبر جي هڪ به نه ٻڌائون ۽ پنهنجين براين ۾ قائل رهيا. تانجو حضرت نوح عليه السلام نااميد ٿي الله تعاليٰ کي عرض ڪيو ته هاڻي هنن منهنجن امتين ۾ ايماندار ٿيڻ جي ڪابه نشاني نظر ڪانه ٿي اچي تنهنڪري کين پنهنجو عذاب موڪلي تباهه ڪر. سندس التجا ايها هئي ته "رَبِّ لَا تَذَر عَلَي الارض مِنَ الكٰفِرِينَ دَيَّارا. اِنَّکَ اِن تَذَرهُم يُضِلُّوا عِبَادَکَ وَلَا يَلِدُوا اِلَّا فَاجِراً كَفَّارا". اي مالڪ ڪافرن مان زمين تي ڪوبه رهندڙ نه ڇڏ بيشڪ جيڪڏهن تون انهن کي جيئرو ڇڏيندين ته تنهنجن ٻانهن کي ڪاريندا ۽ سندن جڻ به ڪوڙا ۽ نافرمان ني هوندا. الله تعاليٰ سندس دعا قبول ڪئي ۽ کيس حڪم فرمايائين ته هڪ ڪاٺ جي تختن جي ٻيڙي ناهه ۽ جڏهن اُها ٺهي بيهي تڏهن تون ۽ جيڪي تنهنجا پوئلڳ آهن تن سان گڏجي ان ۾ سوار ٿيءُ - ان ٻيڙيءَ ۾ جانورن ۽ پکين مان پڻ نر مادي جوڙو جوڙو ڪري ساڻ گڏي کڻ - اوچتو ئي آسمان مان پاڻي وٺو ۽ زمين مان پڻ نارا ڪري نڪرڻ لڳو جنهن جي ڇَر ايڏي ته اٿاهه هئي جو سواءِ ٻيڙيءَ وارن جي ٻيا سڀ ٻڏي مئا جن ۾ حضرت نوح عليه السّلام جي زال ۽ پٽ پڻ هئا جيڪي نافرمان ڪافر هئا- انهيءَ چند چاڻ کانپوءِ بچيلن پڻ ٻچا ڪڍيا جيڪي عراق جي سرزمين تي بابُل شهر تي چانجي اتان حڪومت ڪرڻ لڳا- سندن ڌرم اسلام جي آندل پيغام جي ابتڙ سج، ستارن ۽ باهه جي پوڄا ڪرڻ هيو- انهن جو بادشاه نمرود نالي نامراد ظالم هيو جنهن جي زماني ۾ حضرت ابراهيم عليه السّلام نبي الله پاڪ موڪليو ته ان قوم کي آتش ۽ ستاره پرستيءَ کان روڪي پر سندس پيغام ته ڪونه ٻڌائون الٽو کيس باهه جي آڙاهه ۾ اڇلايائون جتان الله تعاليٰ پنهنجا

ملائڪ موڪلي ڪيس ڪڍيو ۽ باهہ کي حڪم ٿيو تہ "يٰنَارُ کُونِي بَرداً وَّسَلٰماً علىٰ اِبرَاهِيمَ" "اي باهہ تون ابراهيم واسطي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ"۔ حضرت ابراهيم عليہ السلام عراق ڇڏي شام جي ملڪ ڏي ويو ۽ ڪنعان جي شهر ۽ ان جي آسپاس وارن ماڻهن کي الله تعاليٰ جا پيغام ۽ احڪام پهچايائين ۽ پنهنجي حياتيءَ جو زمانو پنهنجي پٽ حضرت اسحاق عليہ السّلام سان گڏجي الله جي بندن کي الله تعاليٰ جا حڪم پهچائيندو رهيو تہ سنئين رستي تي هلي ڇوٽڪارو لهن. حضرت نوح عليہ السّلام کانپوءِ حضرت ابراهيم عليہ السّلام بزرگ ترين پيغمبر هيو جنهن جي اولاد جي شاخمن مان ڪيئي هزار نبي ۽ پيغمبر عليهم السّلام پيدا ٿيا جن الله جلشانہ جا حڪم ۽ پيغام پنهنجي قومن ۽ امتن کي پهچايا تہ نيڪيون ڪيو ۽ برايُن کان بچو نہ تہ آخرت ۾ حساب ڪتاب ڏيڻ وقت براين جي سبب سزا جا حقدار ٿيندوءُ جيڪا دوزخ جي باهہ آهي جنهن مان ڪڏهن بہ نہ ڪڍيا ويندءُ. سڀني پيغميرن جو خاص تاڪيد ڪرڻ ايهو هيو تہ پوڄا ۽ عبادت فقط الله تعاليٰ جي ڪريو ڇو تہ فقط ان جي ذات پاڪ ئي بندگي جي لائق آهي. پر سواءِ ڪن ٿلي ڀاڱ وارن جي گهڻو ڪري ماڻهن شيطاني چڪرن ۾ ڦاسي گناهہ جا ڪم زيادہ ڪيا جنهن سبب هن جهان ۾ ئي الله تعاليٰ ڪين عذاب موڪلي ناس ڪيو. حضرت ابراهيم عليہ السّلام جي زندگيءَ ۾ سندس ڀائٽيو حضرت لوط عليہ السّلام جيڪو لبنان واري علائقي ۾ نبي هيو تنهن جي امت جي ماڻهن ٻين بڇڙن ڪمن جهڙوڪ ڌاڙا هڻڻ ۽ ڦرون ڪرڻ ڪانسواءِ جيڪي برايون ڪيون جن جي سبب مٿن تباهي آئي سو هيو مَردن سان زنا ڪرڻ جنهن ڪان پنهنجي نبي عليہ السّلام جي هزار حيلن هوندي بہ تيستائين نہ مُڙيا جيستائين الله تعاليٰ پنهنجا ملائڪ ڳڀروُ ڇوڪرن جي شڪل ۾ نہ موڪليا. جڏهن اُهي ملائڪ حضرت لُوط عليہ السلاّم وٽ پهتا تڏهن حضرت لُوط عليہ السّلام جي زال پنهنجي قوم وارن کي ايهو اطلاع پهچايو جنهن تي اُهي ڇوڪرن کي پڪڙڻ لاءِ ڊُڪندا آيا۔ تنهن تي حضرت لُوط عليہ السّلام وري بہ آخري دفعو کين سمجهايو تہ بابا هي منهنجا مهمان آهن تن جي اڳيان مونکي هرويرو شرمسار نہ ڪريو ۽ وري بہ سُٺو تہ قوم جون جوان ڇوڪريون موجود آهن انهن سان نڪاح ڪريو. پر هُنن جي دلين ۾ نفساني پوت ويٺل هو ۽ شيطان سندن اڳواڻ هيو تنهن ڪري ڪجهہ بہ نہ ٻُڌائون يا مڃيائون. ايتري ۾ ملائڪن حضرت لوط ۽ سندس گهرڀاتين (سواءِ سندس زال جي) ۽ ٻين ٻونلڳن کي چيو تہ اوهان هي شهر سُدوم ڇڏي ٻاهر نڪري وڃو تنهن بعد ملائڪن الله تعاليٰ جي حڪم سان ان علائقي جي بڇڙن ماڻهن کي عذاب ڏيئي ناس ڪري ڇڏيو جو هڪڙو بہ جيئرو ڪونہ بچيو.

حضرت ابراهيم عليہ السّلام جي وڏي فرزند حضرت اسماعيل عليہ السّلام مڪي شريف واري علائقي ۾ پنهنجي نبوت جو حق تبليغ جو ادا ڪرڻ فرمايو ۽ سندس ننڍي فرزند حضرت اسحاق عليہ السّلام شام جي ملڪ جنهن ۾ شام اردن وغيرہ علائقا اچي وڃن ٿا اُتي هدايت ڪرڻ جو فرض ادا ڪيو حضرت اسحاق عليہ السّلام کانپوءِ سندس فرزند حضرت يعقوب يا اسرائيل عليہ السّلام پيغمبر ٿيو ۽ سندس اولاد جنهن جو نسب بني اسرائيل پيو سڏجي تنهن ۾ ڪيترائي هزار نبي ۽ پيغمبر پيدا ٿيا جن جدا جدا علائقن ۾ الله تعاليٰ جا پيغام پنهنجي قومن کي ڏنا۔ سندن قومن مان جن نافرماني

ڪني تن کي الله تعاليٰ ناس ڪري ڇڏيو ۽ آخرت ۾ انهن واسطي دوزخ جو عذاب مقرر ڪري ڇڏيو. انهن واقعن مان جيڪي مشهور آهن سي آهن، عاد جي قوم، ثمود جي قوم، تُبع حُميري؛ جي قوم ايڪ وارن جي قوم يا حضرت موسيٰ عليه السّلام جي امت جن ڏي حضرت هُود عليه السّلام، حضرت صالح عليه السّلام، حضرت شعيب عليه السلام ۽ ٻيا ڪنين پيغمبر آيا پر قوم وارن سندن چوٽ جي برخلاف بُت پرستي ۽ ٻيون بُرايون ڪيون جن جي بدلي ۾ مٿن طرح طرح جا عذاب نازل ڪيا ويا ۽ تهس نهس ٿي ويا. الله تعاليٰ جا اصولي حڪم مختلف وقتن تي جدا جدا قومن ۽ امتن ڏانهن سندن پيغمبر کڻي آيا تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو ۽ ايهي سمورا اصول اسانجي نبي آخرالزمان حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن قرآن شريف (جيڪو آخري ڪتاب ۽ اڳين پيغمبرن جي آندل سڀني صحيفن ۽ ڪتابن جي سچائي جو شاهد آهي) جي ذريعي پنهنجي امت ڏانهن پهچايا جن جو دؤر دؤرو قيامت ڪڙي ٿيڻ تائين موجود رهندو.

جيئن ته ساري ڪائنات، جنهن ۾ انسان، جن، جانور، پکي ۽ ٻيا ساهوارا شامل آهن، جو خلقڻهار پالڻهار ۽ سنڀاليندڙ الله تعاليٰ آهي ۽ ان ايهو حڪم ڪيو آهي ته حق بندگي ڪرڻ جو اڪيلو سندس ئي آهي تنهن ڪري نه ٻئي ڪنهن جي عبادت ڪجي ۽ نه سندس قدرت جي ڪارخاني ۾ ساڻس ڪو ٻيو شريڪ يا ڀائيوار ٺاهجي، ائين نه ڪرڻ کي شِرڪ سڏجي ٿو جيڪو قرآن پاڪ يا اسانجي نبي ڪريم صلعم جي تعليمات مطابق اهڙو وڏو گناهه آهي جيڪو، معاف نٿو ٿي سگهي، ان جي ڪليل معنيٰ ايها آهي ته بت پرستي، قبر پرستي، ستارهه ۽ آتش پرستي انسان پرستي يا الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به جاندار يا بي جان عناصر جي پوڄا خلقيندڙ مالڪ کي چيلينج ڏيڻ جي برابر آهي. الله پاڪ جيڪو سڀني طاقتن جو مالڪ ۽ قادر آهي جنهن جي قدرت ۽ قوت ايتري ته وڏي آهي جو جڏهن به جيڪي به ڪرڻ گهرندو آهي ته فقط ائين چوندو آهي ته "ڪُنَ" يا ٿي پو؛ ته اهو ڪم "فَيَڪُون" يعني ٿي پوندو آهي. اهڙو چيلينج اهڙي هستي جنهن جو هر شيءِ تي زور ۽ ڪنٽرول هجي تنهن کي ڏيڻ ساڻس جنگ جوٽڻ جي برابر آهي ۽ نتيجي جو اندازو هرڪو پاڻ لڳائي سگهي ٿو، ائين ته هن دنيا ۾ ڪيئي ڪروڙ انسان ڪنهن نه ڪنهن طرح سان الله تعاليٰ کانسواءِ غيرالله جي پوڄا ڪري رهيا آهن ۽ ٿيڻ ته ائين کپي جو غيرت مند الله اهڙن مشرڪ بندن کي هڪ پل به جيئڻ نه ڏي پر اهو مالڪ پاڪ بردبار ۽ ستر پوش يا ڊڪڻ هار آهي تنهن اهڙن گُڻ چور يا احسان فراموش بندن کان يڪدم وير ونڻ جي بجاءِ کين ڍگهي رسي ڏيني ڇڏي آهي ته ڀلي ڪرتوت ۽ برايون ڪن جو نيٺ مرڻ ڪانپوءِ ٻي؛ دنيا يعني قيامت جي ڏينهن ته ڪاڏي ڀڄي ڪونه سگهندا جتي ملائڪن جا بي انتها ڪٽڪ کين پڪڙڻ لاءِ موجود هوندا جن جي طاقت جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ان مان ايهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته جيڪي انسان الله تعاليٰ جي حڪمن جي برخلاف شيطان جي ڏسيل رستن تي هلن ٿا تن سان مالڪ پاڪ جو انجام آهي ته کين قيامت جي حساب ڪتاب جاچڻ کان پوءِ سندن سزا ڀڄڻ شرط شيطان سان گڏ دوزخ ۾ واڙيو ويندو ته سڙندا رهن.

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته "لَاتُشرِڪ بِالله اِنّ الشّرڪَ لَظُلم عَظِيم" الله سان ڪنهن کي شريڪ يا

برابر ۽ پائيوار نہ بڻايو چو تہ بلاشڪ ائين ڪرڻ وڏو ظلم آهي سو بہ ان هستيءَ سان جنهن جا ٿورا ايترا تہ اڻاهر ۽ اڻ ڳڻت آهن جو سندن ليکوئي نٿو ڪري سگهجي، قرآن پاڪ چئي ٿو تہ "وَاِن تَعُدُّوا نِعمَتَ الله لَا تُحصُوهَا, اِنَّ الاِنسَانَ لَظَلُومٌ كُفَّار" "۽ الله جون نعمتون ڳاڻيتي کان ٻاهر آهن ۽ سچ تہ انسان ظالم ناشڪرو آهي" مالڪ پاڪ جي هستي ايڏي تہ بي پايان آهي جو سندس هٿ وس کان ڪو بہ ٻاهر نڪري نٿو سگهي، جيئن فرمان مبارڪ آهي تہ "يٰمَعشَرَ الجِنِّ وَالاِنسِ اِنِ استَطَعتُم اَن تَنفُذُوا مِن اَقطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالاَرضِ فَانفُذُوا لَاتَنفُذُونَ اِلَّا بِسُلطَانٍ" "اِي انسانن ۽ جنن جا ڪٽڪ يا لشڪرو جيڪڏهن همت ۽ طاقت اٿو تہ زمين ۽ آسمانن جي ڪنارن يا سرحدن کان ٻاهر نڪري ڏيکاريو يا الله تعاليٰ جي پڪڙ کان بچي ڀڄي وڃو پر سواءِ ڪنهن حجت يا سند جي ائين ڪري ڪونہ سگهندءُ"

ائين هرگز نہ آهي تہ الله تعاليٰ ڪنهن سان ڏاڍ ڪري ۽ بهانو بڻائي مٿس ظلم ڪري ڪيس هرويرو سزا ڏئي تنهن لاءِ فرمانِ خدائي آهي تہ "اِنَّ الله لَا يَظلِمُ النَّاسَ" ۽ "اِنَّ الله لَايُحِبُّ الظّٰلِمِينَ" تحقيق الله تعاليٰ ظالمن کي پسند نٿو فرمائي ۽ اهو مالڪ ڪنهن سان ظلم نٿو ڪري، الله پاڪ انسانن کي شرمائي ٿو تہ جنهن رازق اوهانجي واسطي ڪئين وسيلا ڪاڌ خوراڪ، آرام سان گذران ڪرڻ لاءِ بڻايا تنهن جو شڪر ڪريو پر اوهان ان جي ابتڙ پيا هلو، فرمان مبارڪ آهي تہ "اِنَّ الاِنسَانَ لِرَبِّه لَكَنُود" بلاشڪ انسان پنهنجي پالڻهار جو ناشڪرو آهي ٻئي هنڌ فرمايل آهي تہ "يَاَيُّهَا الاِنسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الكَرِيمِ الَّذِي خَلَقَكَ فَسَوَّاكَ فَعَدَلَكَ فِي اَيِّ صُورَةٍ مَّا شَاءَرَكَّبَكَ" "اي انسان توکي اهڙي مهربان پالڻهار جي غلاميءَ کان ڪنهن هٽايو جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ توکي سنئين لنگين ڪيائين پوءِ توکي ڪڙونڙو ڪيائين ۽ جهڙي پلي نموني وٽيس تئين تنهنجي بڻاوت ناهيائين" وري ٻي جاءِ تي آهي تہ "اَنِ شكُرلِي وَلِوَالِدَيكَ وَاِلَيَّ المَصِيرُ" الله تعاليٰ حڪم ٿو فرمائي تہ "اي انسان تون منهنجو شڪر ڪر ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو پڻ چو تہ توکي مون ڏانهن ئي موٽي اچڻو آهي"

الله تعاليٰ پنهنجي بندگيءَ ۽ غلاميءَ جي حق ادا ڪرڻ لاءِ اسان کي جدا جدا هنڌن ۽ موقعن تي جدا جدا ذريعن جي وسيلي قرآن پاڪ ۾ ياد ڏياريو آهي تہ اي انسان تون ڪي ڪين هئين پوءِ مالڪ توکي گندي پيشاب جي منيءَ جي ڦڙي مان مختلف مرحلن ۾ آڻي رت جو دڳ، ٻوٽي هڏا ۽ جسم بخشيو ۽ ان ۾ روح ڦوڪي سندس سهڻي بڻاوت بڻائي "لَقَد خَلَقنَا الاِنسَانَ فِي اَحسَنِ تَقوِيمٍ" بيشڪ اسان انسان کي سهڻي بڻاوت ۾ بڻائي پيدا ڪيو، حضرت سليمان عليه السّلام الله تعاليٰ جو نبي ۽ پنهنجي وقت جو بادشاهہ هيو، هڪ ڏينهن پنهنجي لشڪر سان گڏ ڪنهن رستي سان سفر ڪري رهيو هو تہ اڳيان ڪولين جو ڪٽڪ پنهنجي داڻي چوڻي جي ڳولا ۾ ڦريو، ڪولين جي اڳواڻ پنهنجي ساٿين کي سڏي چيو تہ پنهنجي ٻرن ۾ هليا وڃو نہ تہ ايهي گهوڙي سوار اوهان کي چيپاٽي ڇڏيندا، حضرت سليمان عليه السّلام سيني جانورن، جيتن ۽ پکين جون ٻوليون الله تعاليٰ جي مهرباني سان ڄاڻندو هو تنهن ڪولِ جو سڏ سمجهي پنهنجي لشڪر جي رستي جو رخ بدلائي ڇڏيو ۽ ان مهل الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ شڪر گذاري طور دعا پڙهيائين تہ "رَبِّ اَوزِعنِي اَن اَشكُرَ نِعمَتَكَ الَّتِي اَنعَمتَ عَلَيَّ وَ عَلىٰ وَالِدَيَّ وَاَن اَعمَلَ صَالِحاً تَرضٰهُ وَاَدخِلنِي بِرَحمَتِكَ فِي عِبَادِكَ الصَّالِحِينَ"

"اي پالڻهار جل جلاله تون مون کي سگهه ڏي ته تنهنجي نعمتن جو شڪر ڪريان جيڪي مون کي ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي انعام طور ڏنيون اٿيئي ۽ مون کان اهڙا نيڪيءَ جا ڪم هن دنيا ۾ ڪراءِ جنهن سان تون خوش ٿئين ۽ پنهنجي ٻاجهه سان مون کي پنهنجي نيڪ صالح ٻانهن ۾ شامل ڪرين" ٻئي هنڌ فرمان الاهي آهي ته "فَاذكُرُونِي اَذكُركُم وَاشكُرُوالِي وَلاَ تَكفُرُونِ" "مون کي ياد ڪندا رهو ته مان اوهان کي ياد ڪريان (اوهانتي مهربانيون ڪندو رهان) ۽ منهنجا شڪر گذار ٻڻجو ۽ منهنجي نا شڪري نه ڪريو (ائين جو رزق کائو منهنجو ۽ بندگي ٻين جي ڪريو).

الله تعاليٰ ان کان پوءِ پنهنجي مخلوق جا حق جاٽائي تاڪيد فُرمايو آهي ته اهي ادا ڪيو يا پورا ڪيو. حديث شريف ۾ روايت آهي ته الله پاڪ پنهنجي مخلوق کي پنهنجو ڪٽنب ڪوٺيو آهي "اَلخَلقُ عَي الُ الله" جهڙي طرح ڪٽنب هر انسان کي پيارو هوندو آهي تهڙي طرح الله تعاليٰ جو به پنهنجي مخلوق سان پيار آهي. ۽ ان سان نيڪي ڪرڻ واسطي قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو اٿس ته "قُل مَا اَنفَقتُم مِّن خَيرٍ فَلِلوَالِدَينِ وَالاَقرَبِينَ وَاليَتٰمي وَالمَسَاكِينِ وَابنِ السَّبِيل ، وَمَا تَفعَلُوا مِن خَيرٍ فَاِنَّ الله بِه عَلِيم" "اي رسول صلي الله عليه وسلم تون پنهنجن امتين کي ٻڌاءِ ته جيڪي خرچ ڪيو ته ان مان پنهنجن پيءُ ماءُ، ويجهن عزيزن يتيمن، غريبن ۽ مسافرن کي ڏيو ۽ جيڪي به ڀلائي وارا ڪم ڪندوُ الله تعاليٰ انهن جي ڄاڻ رکي ٿو"

وَ اٰتَي المَالَ عَليٰ حُبِّه ذَوِي القُربٰي وَاليَتَاميٰ والمَسَاكِينَ وَابنَ السَّبِيلِ وَالسَّائِلِينَ وَفِي الرِّقَابِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِي الزَّكٰوةَ وَالمُوفُونَ بِعَهدِهِم اِذَا عَاهَدُوا وَالصَّابِرِينَ فِي البَاسَاءِ وَالضَّرَّاءِ وَحِينَ البَاسِ اُولٰئِکَ الَّذِينَ صَدَقُوا، وَ اُولٰئِکَ هُمُ المُتَّقُونَ" "۽ ڏيو مالن مان اللہ جي محبت يا ويجهڙائي حاصل ڪرڻ واسطي پنهنجن مائٽن کي، يتيمن کي، غريبن کي، مسافرن کي، سوال ڪندڙن کي ۽ ٻانهن کي آزاد ڪرائڻ جي ٻلي. ۽ قائم ڪريو نماز ۽ ڏيو زڪوات ۽ پنهنجن ڪيل انجامن جي پوئواري ۽ پورائي ڪريو. ۽ جيڪي ڏک ۽ آزمائش ۾ مبتلا ٿيڻ جي صورت ۾ صبر ڪن ٿا ۽ لڙائي يا جهاد الله جي راهه ۾ ڪن ٿا اهي سچا آهن ۽ اهي ئي پرهيزگار آهن."

الله تعاليٰ جا مقرر ڪيل جيڪي فرض آهن انهن مان مکيه پنج آهن (۱) توحيد يا الله تعاليٰ کي اڪيلو معبود يا بندگيءَ جي لائق سمجهڻ ۽ ان جي پابندي ڪرڻ (۲) نماز (۳) حج (۴) زڪوات (۵) رمضان شريف جا روزا رکڻ. جهاد في سبيل الله پڻ اسلامي زندگيءَ جو اصولي فريضو آهن جنهن جو مقصد ايهو آهي ته الله تعاليٰ جي هن زمين تي ظلم، فساد، ڪفر ۽ شرڪ جهڙيون برايون نه ٿين تنهن لاءِ مسلمان پنهنجي تن، من ۽ ڌن سان ڪوشش ڪن. حديث شريف ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي ته جيڪڏهن معاشري ۾ ڪا برائي موجود ڏسو ته ان جي روڪڻ واسطي برائي ڪرڻ وارن کي زبان سان جهليو ۽ ان بُري رسم يا ڪم جي خراب نتيجن بابت کين آگاهه ڪريو ڇو ته الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي ته "كُنتُم خَيرَ اُمَّةٍ اُخرِجَت لِلنَّاسِ تَامُرُونَ بِالمَعرُوفِ وَ تَنهَونَ عَنِ المُنكَرِ" "اوهان کي سڀني يا ڀلاري امت ٺاهي انسانن ۾ موڪليو ويو آهي ان لاءِ ته کين نيڪ ڪمن جو حڪم ڪريو يا هدايت ڪريو ۽ برن ڪمن ڪرڻ کان کين جهليو" وري

جيڪڏهن حڪومت ۽ معاشرتي اثر رسوخ وارا آهيو ته ان برائي ڪندڙن کي طاقت استعمال ڪري روڪيو پر جي ايتري قوت يا همت نه هجيو ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙي براين واري مجلسن يا محفل مان ڪراهت طور نڪري هليا وڃو.

پنهنجن والدين (پيءُ ماءُ) سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ بابت فرمان الاهي آهي ته "وَقَضيٰ رَبُّکَ اَلَّا تَعبُدُوا اِلَّا اِيَّاهُ وَ بِالوَالِدَينِ اِحسَانًا. اِمَّا يَبلُغَنَّ عِندَکَ الکِبَرَ اَحَدُ هُمَا اَو کِلٰهُمَا فَلَا تَقُل لَّهُمَا اُفٍّ وَّلَاتَنهَر هُمَا وَ قُل لَّهُمَا قَولًا کَرِيمًا. وَاخفِض لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِ مِنَ الرَّحمَةِ وَ قُل رَّبِّ ارحَمهُمَا کَمَا رَبَّيَانِي صَغِيرًا." "۽ تنهنجي پالڻهار حڪم فرمايو آهي ته ڪانئس سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نه ڪريو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو. جيڪڏهن ٻئي يا ٻنهيءُ مان هڪڙو پوڙهائي واري عمر کي رسن ته ڪين تڪو نه ڳالهايو بلڪ اُف به نه چئو ۽ ڪين نه جهڻڪيو پر ساڻن پلي ڳالهه ادب سان ڳالهايو. انهن لاءِ پنهنجون ٻانهون عاجزي ۽ ٻاجهه وچان سندن مدد واسطي هيٺانهيون ڪري جهليو ۽ سندن واسطي الله تعالي جي درگاهه مان دعا گهرو ته اي مالڪ جهڙي طرح منهنجي ماءُ پيءُ مونتي منهنجي ننڍپڻ جي زماني ۾ ٻاجهه ڪئي هئي تهڙي طرح تون به انهن تي رحم فرماءِ" غيرت مند الله تعالي اهڙيون هدايتون والدين سان نيڪي ڪرڻ واسطي چئي وري ايهو تاڪيد ڏو فرمائي ته جيڪڏهن اُهي توکي الله پاڪ سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪري مڃڻ لاءِ چون يا توتي زور رکن ته سندن چوڻ اصل نه مڃجانءِ آيت شريف آهي ته: وَ اِن جَاهَدَاکَ عَلٰي اَن تُشرِکَ بِي مَا لَيسَ لَکَ بِه عِلم فَلَا تُطعهُمَا وَ صَاحِبهُمَا فِي الدُّنيَا مَعرُوفًا" "۽ جيڪڏهن اهي توکي الله سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ بڻائڻ واسطي مجبور ڪن ته انهن جو چوڻ مورانهين نه مڃجانءِ پر ان جي هوندي به ساڻن ڀلائي ۽ نيڪيءَ واري نموني گذر ڪجانءِ"

انسانن واسطي فرمان الاهي آهي ته "وَتَعَاوَنُوا عَلَي البِرِّ وَالتَّقويٰ وَلَا تَعَاوَنُوا عَلَي الاِثمِ وَالعُدوَانِ. وَاتَّقُوا الله" "هڪ ٻئي سان نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ مددگار ٿيو ۽ برائي ۽ منع ڪيل ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي واهر نه ڪريو ۽ الله کان ڊڄو" وڌيڪ فرمان پاڪ آهي ته "وَتَوَاصَوا بِالحَقِّ. وَتَوَا صَوا بِالصَّبرِ" نيڪيءَ جي معاملن ۾ نه فقط هڪ ٻئي جي مدد ڪريو پر هڪ ٻئي کي حق ۽ انصاف بابت تاڪيد ۽ وصيت ڪندا رهو ۽ پڻ صبر جي تلقين به هڪ ٻئي کي ڪندا رهو جنهن سان پنهنجا مقصد خواهه الله تعالي جي ويجهڙائي حاصل ڪري سگهو ٿا.

"وَقُولُوا لِلنَّاسِ حُسناً" "۽ ماڻهن سان ڀلو ڳالهايو" ايهو خيال دل ۾ رکي ته ڪنهن جي دل نه ڏکوئجي پر جيڪڏهن اڳلو به برائي سان پيش اچي ته ڪيڏو نه ڏک ٿئي.

"وَاِذَا خَاطَبَهُمُ الجٰهِلُونَ قَالُوا سَلٰماً" ۽ جيڪڏهن اوهانجو بي سمجهه ماڻهن سان واسطو پنجي وڃي يا ساڻن پلاند اٽڪي پوي ته انهن وانگر بي سمجهي نه ڏيکاريو پر جند ڇڏائي ڪين سلام چئي هليا وڃو نه ته ڪو جهڳڙو فساد يا ڪتائي نه ٿي پوي "اِنَّمَا الخَمرُ وَالمَيسِرُ وَالاَنصَابُ وَالاَزلَامُ رِجس مِّن عَمَلِ الشَّيطَانِ فَاجتَنِبُوهُ لَعَلَّکُم تُفلِحُونَ" "تحقيق شراب (نشو هر قسم جو) جوئا. ڍارا ۽ سڱو هڻڻ ايهي شيطاني ڪم آهن جن کان بچو ۽ پرهيز ڪريو ته ڇوٽڪارو لهو"

"وَلا تَمشِ فِي الارضِ مَرَحاً. اِنَّکَ لَن تَخرِقَ الارضَ وَلَن تَبلُغَ الجِبَالَ طُولاً" ۽ زمين تي ارڏائي ۽ آڪڙ سان نہ گهمو ڇو تہ انين ڪرڻ سان نڪي اوهان زمين کي چيري يا ڦاڙي سگهندءُ ۽ نڪوئي جبلن جي اوچائيءَ کي پهچي سگهندءُ" "وَلا تَقرَبُوا الزِّنيٰ اِنَّه كَانَ فَاحِشَةً وَّ سَاءَ سَبِيلاً" ۽ زناڪاريءَ جي ويجهو بہ نہ وڃو ڇو تہ ايهو گندو ڪم ۽ برو رستو آهي" "وَزِنُوا بِالقِسطَاسِ المُستَقِيمِ" ۽ تور ڪريو سڌي ڳِني (تارازيءَ) جي سان" "وَلاَ تَبخَسُوا النَّاسَ اَشيَاءَ هُم وَلاَ تَعثُوا فِي الارضِ مُفسِدِينَ" ۽ ماڻهن کي سندن شيون (تور ماپ ۾) گهٽ ڪري نہ ڏيو ۽ زمين تي فسادي ٿي نہ گهمو" "اَوفُوا الكَيلَ وَلا تَكُونُوا مِنَ المُخسِرِينَ" "ماپ نيڪ ڪري ڏيو ۽ گهٽ ڏيندڙ نہ بڻجو"

مطلب تہ ايهي مڙيئي برائي وارا ڪم انسان کي شيطان ٿو سيکاري يا انهن جي ڪرڻ لاءِ هرکائي ۽ ٻڌائي ٿو ان ڪان الله تعاليٰ انسانن کي هنن اکرن ۾ خبردار ٿو ڪري "اَلشَّيطَانُ يَعِدُكُمُ الفَقرَ وَيَامُرُكُم بِالفَحشَاءِ وَاللهُ يَعِدُكُم مَّغفِرَةً مِّنه وَ فَضلاً. وَاللهُ وَاسِعٌ عَلِيمٌ" جڏهن ڪو انسان ٻين انسانن جي مدد ڪرڻ واسطي الله تعاليٰ جي ڏنل مال مان خير خيرات ڪندو آهي تہ شيطان سندس دل ۾ ايهو خيال وجهندو آهي تہ ائين ڪرڻ سان سندس مال يا پئسو ڪٽي ويندو تنهن ڪري ڪجهہ بہ نہ ڏي ۽ وري اهو ڪيس برن ڪمن ڪرڻ واسطي مڃائيندو آهي پر الله تعاليٰ هر نيڪي ڪرڻ جي بدلي انسانن سان دنيا ۽ آخرت جي ڇوٽڪاري ۽ پنهنجي فضل ۽ رضامنديءَ جو انجام ٿو ڪري ۽ هو جاڻڻهار ۽ ڪشادگيءَ وارو آهي.

"وَلاَيَقتُلُونَ النَّفسَ اَلَّتِي حَرَّمَ اللهُ اِلاَّ بِالحَقِّ" الله تعاليٰ حرام ڪيو آهي ڪنهن بہ جيءَ کي قتل ڪرڻ سواءِ ان جي جو مٿس ڪو شرعي ڏوهہ ثابت ٿئي ان جي سزا ڪيس ڏجي. "اِنَّ قَتلَهُم كَانَ خِطأً كَبِيرًا" سچ پچ سندن ڪهڻ هڪ وڏو گناهہ آهي "وَالَّذِينَ اِذَا اَنفَقُوا لَم يُسرِفُوا وَلَم يَقتُرُوا وَكَانَ بَينَ ذَالِکَ قَواماً. الله تعاليٰ جا فرمان بردار بندا جڏهن بہ خرچ ڪندا آهن تڏهن نڪي اجايو وجائيندا آهن ۽ نڪي هرويرو ڪنجوسي ڪندا آهن پر ٻنهي جي وچ ۾ پورا هلندا آهن.

"وَالَّذِينَ لاَ يَشهَدُونَ الزُّورَ وَ اِذَامَرُّوا بِاللَّغوِ مَرُّوا كِراماً"

۽ اهي نيڪ ٻانها الله تعاليٰ جا جيڪي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيندا آهن ۽ جتي ڪا برائي ٿيندي ڏسندا آهن تہ ان ۾ شامل ٿيڻ بدران ان کان پاسيرا ٿي هليا ويندا آهن اشرافت سان

"وَاقصِد فِي مَشيِکَ وَاغضُض مِن صَوتِکَ" ۽ پنهنجي گهمڻ ۾ وچولي چال هل ۽ پنهنجو آواز ڍ... ڪر.

"لاَيَسخَر قَومٌ مِّن قَومٍ عَسيٰ اَن يَّكُونُوا خَيرًا مِّنهُم" ڪوئي بہ ڪنهن تي چٿر يا ٺٺولي نہ ڪري جو متان ٺٺولي ڪرڻ واري کان ٻيو ڀلو هجي

"لاَتَلمِزُوا اَنفُسَكُم وَلاَتَنَابَزُوا بِالاَلقَابِ" ڪوبہ ڪنهن تي ناحق عيب نہ لڳائي ۽ نڪي هڪ ٻئي کي بڇڙن نالن يا لقبن سان سڏيو.

اِجتَنِبُوا كَثِيرًا مِّنَ الظَّنِّ. اِنَّ بَعضَ الظَّنِّ اِثمٌ وَّلاَتَجَسَّسُوا وَلاَ يَغتَب بَّعضُكُم بَعضًا" اجايا گمان ۽ شڪ شبها ڪرڻ کان پاڻ کي جهليو ڇو تہ انهن مان ڪي گمان گناهہ ۾ اڙائن ٿا. ۽ نڪي جاسوسي

ڪريو (يا ڪنهن جا عيب ڦولهيندا وتو) ۽ نڪي هڪ ٻئي جي گلا ڪريو (ڇاڪاڻ ته ان جو ايهو اثر ٿو ٿئي جنين ڪو پنهنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت پيو کائي جيڪو ڪنهن کي به پسند نه ايندو).

"ڪُلوا وَاشرَبُوا وَلاَ تُسرفُوا اِنّه لاَ يُحِبُّ المُسرِفِينَ" هن جهان ۾ پاڪ حلال شيون کائو ۽ پيئو پر اجايو نه خرچئو ڇو ته اجايو وڃائڻ وارن کي الله تعاليٰ پسند نٿو فرمائي:

وَلاَ تُبَذِّر تَبذِيراً اِنَّ المُبَذِّرِينَ کَانُوا اِخوانَ الشَياطِين وَ کَانَ الشيطانُ لِرَبّه کَفُورا" ۽ ٻي جا ۽ اڻنگي نموني خرچ نه ڪيو ڇو ته هرو ڀرو وڃائڻ وارا (شيطان جا ڀائر يا دوست آهن ۽ اهو الله تعاليٰ جو نافرمان آهي ڇا ان اعلان الله تعاليٰ جي ڪان پوءِ به اڻنگو خرچ ڪري پاڻ تي شيطان جو ڀاءُ ٿيڻ جو نيو هئائڻ پسند ڪندؤ؟

ياأيُّهَاالنَّاسُ اِنَّا خَلَقنکُم مِّن ذَکَرٍ وَّ اُنثيٰ وَ جَعَلناکُم شُعُوباً وَّ قَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا. اِنَّ اَکرَمَکُم عِندَالله اَتقکُم" اي انسانو اوهان کي مرد ۽ عورت (جي ميلاپ ٿيڻ سان) مان پيدا ڪيو ويو ۽ فقط ان مقصد واسطي اوهانجا پاڙا ۽ قبيلا (ذاتيون) بڻايون ويون ته سڃاتا وڃو (پر ان ڳالھ تي ڪو به فخر يا وڏائي نه ڪري ته هو اُچي ذات وارو آهي تنهن ڪري سندس عزت ڪئي وڃي ۽ ٻئي گهٽ ذات واري کي گهٽ درجو ڏنو وڃي) مگر الله تعاليٰ وٽ فقط اُن ماڻهوءَ جي عزت ۽ مان مٿانهون آهي جيڪو پرهيزگار آهي، پرهيزگار جو مطلب آهي ته جيڪو علم ۽ عقل سان بُري ڀلي کي پرکي ۽ پوءِ برائيءَ کان بچي هلي (۽ ٻين کي به ان کان روڪي) ۽ نيڪيءَ واري رستي تي هلي يا عمل ڪري اهڙا عمل اهو انسان ايها ڳالھ خيال ۾ رکي ڪري ته الله تعاليٰ براين ڪرڻ کان جهليو آهي ۽ چڱاين واسطي حڪم ڪيو اٿس جن جو قيامت ڏينهن حساب وٺندو ۽ بدلي ۾ بهشت يا دوزخ جي حوالي ڪندو اهڙي ذهن رکڻ کي چئبو آهي تقويٰ ۽ انهي طريقي تي عمل ڪرڻ واري کي سڏبو آهي متقي، پرهيزگار ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارو انسان.

وَالسَّارِقُ وَ السَّارِقَةُ فَاقطَعُوا اَيدِيَهُمَا" چور مڙس ۽ چور زال جا هٿ وڍيو (شريعت الاهي ۾ چور جي ايها سزا آهي جنهن تي عمل ڪرڻ سان چوري ڪندڙ خوف کائيندو ته مٿان پڪڙجي پوان ۽ هٿ ڪپايان)

"الزَّانِيَةُ وَالزَّانِي فَاجلِدُوا کُلَّ وَاحِدٍ مِّنهُمَا مَائَةَ جَلدَةٍ. وَّلاَ تَاخُذکُم بِهِمَا رَافَة ... وَليَشهَد عَذَابَهُمَا طَائِفَة مِّنَ المُئومِنِينَ" زنا ڪندڙ عورت ۽ مرد ٻنهيءَ مان هر هڪ کي هڪ سؤ دُرايا ڇهڪ هڻو ۽ جڏهن کين سزا ڏيو تڏهن مؤمنين مان هڪ ٽولي مٿائن بيهي ايهو نظارو ڏسي ته جيئن کين ان مان سبق ۽ عبرت ٿئي (هيءَ سزا در حقيقت ڪنواري عورت ۽ ڪنواري مرد واسطي مقرر ٿيل آهي جيڪي زنا ڪن پر پرڻيل زال ۽ مرد لاءِ سنگساري، جي سزا شريعت ۾ رائج ڪئي وئي هئي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زماني کان جا بعد ۾ به هلندي آئي آهي اُتي جتي شرعي حڪومتون قائم آهن)

"وَالَّذِينَ يَرمُونَ المُحصَنٰتِ ثُمَّ لَم يَاتُوا بِاَربَعَةِ شُهَدَاءَ فَاجلِدُوهُم ثَمٰنِينَ جَلدَةً وَّلاَ تَقبَلُوا لَهُم شَهَادَةً اَبَدًا" ۽ جيڪي پاڪدامن زالن کي تهمت لائين ۽ چار شاهد تائيد واسطي نه آڻين ته کين اسي دُرا هڻو ۽ انهن جي شاهدي ڪڏهن به قبول نه ڪريو (يا انهن تي هميشه لاءِ ڪُوڙي ۽ بي اعتبار هجڻ

جو نہو لڳائي ڇڏيو).

"وَلَا تَقرَبُوا مَالَ اليَتِيمِ اِلَّا بِالَّتِي هِيَ اَحسَنُ حَتّيٰ يَبلُغَ اَشُدَّه" يتيم ٻارن جي مال جي استعمال ڪرڻ وقت (الله جو ڊپ دل ۾ رکي ٻوءِ ان کي ويجها وڃو) ۽ جيستائين ڪ يتيم بالغ ٿين ۽ پنهنجو مال سنڀالڻ جهڙا ٿين تيستائين ان مال ۾ ايمانداريءَ سان دخل ڏيو يا استعمال ڪيو انهن جي ڀلي واسطي يا سندن ٻالنا جي متان ني صرف خرچ ڪيو.

"اِنَّ الَّذِينَ يَاكُلُونَ اَموَالَ اليَتٰمٰي ظُلماً اِنَّمَا يَا كُلُونَ فِي بُطُونِهِم نَاراً وَسَيَصلَونَ سَعِيراً" اهي ٻندا جيڪي يتيمن جو مال ڌاڏائي يا ظلم ڪري کائين تا سي جڻڪ پنهنجي پيٽن ۾ باهه تا کائين ۽ اُهي سنت دوزخ ۾ گهيڙيا ويندا.

"وَاَوفُوا بِالعَهدِ اِنَّ العَهدَ كَانَ مَسئُولاً" يعنيٰ پنهنجن واعدن جي وفائي ڪريو چو تہ انهن بابت پڇاڻو ٿيندو.

"حُرِّمَت عَلَيكُم اُمَّهَاتُكُم وَ بَنَاتُكُم وَ اَخَوَاتُكُم وَ عَمَّاتُكُم وَ خَالاتُكُم وَ بَنَاتُ الاَخِ وَ بَنَاتُ الاُختِ وَ اُمَّهَاتُكُمُ الَّتِي اَرضَعنَكُم وَ اَخَوَاتُكُم مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَ اُمَّهَاتُ نِسَائِكُم وَ رَبَائِبُكُمُ الَّتِي فِي حُجُورِكُم مِّن نِّسَائِكُمُ الَّتِي دَخَلتُم بِهِنَّ فَاِن لَّم تَكُونُوا دَخَلتُم بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيكُم وَ حَلَائِلُ اَبنَائِكُمُ الَّذِينَ مِن اَصلَابِكُم وَ اَن تَجمَعُوا بَينَ الاُختَينِ" اي مسلمانو: اوهان واسطي حرام ڪيون ويون (شادي نڪاح واسطي) اوهانجون مائر ڌيئر ڀينر ڦڦيون، ماسيون، ڀائٽيون، ڀاڻيجيون، اُهي مائر جن اوهانکي کير يا ٿڃ پياري، اوهانجون ٿڃ شريڪ ڀينر اوهانجون سسون اوهانجن زالن جن سان اوهان صحبت ڪئي هجي انهن جون اُهي ڌيئر جيڪي اوهانجن هنجن ۾ پليون هجن پر اهي اوهان جون اڳ جايون ڌيئر پرڻجڻ ۾ اوهانتي ڪو گناهہ ڪونهي جن جي مائرن سان اوهان صحبت نہ ڪئي هجي، اوهانجي انهن پٽن جون زالون جيڪي اوهانجي پنين مان پيدا ٿيا هجن. (اوهانجو پنهنجو اولاد) ۽ ٻن ڀينرن سان هڪ ئي وقت شادي ڪرڻ پڻ حرام ڪيو ويو آهي.

"يٰاَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَاكُلُوا الرِّبٰوا" اي ايمان وارو وياج نہ کائو يا نہ ونو چو تہ "وَاَحَلَّ اللهُ البَيعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا" الله تعاليٰ واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام.

"يٰاَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُلُوا مِن طَيِّبٰتِ مَا رَزَقنٰكُم وَاشكُرُوا لِلّٰه" اي ايمان وارو جيڪا روزي اوهان کي ڏني وئي آهي تنهن مان پاڪ شيون کائو ۽ الله جو شڪر ڪريو "اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيكُمُ المَيتَةَ وَالدَّمَ وَلَحمَ الخِنزِيرِ وَمَا اُهِلَّ بِه لِغَيرِاللهِ فَمَنِ اضطُرَّ غَيرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَا اِثمَ عَلَيه" اوهان لاءِ مئل جانور (جو گوشت) وهندڙ رت يا خون، سوئر جو ماس، يا اُهو ڪاڌو جيڪو الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن انسان يا غير انسان جي نالي ياسيو وڃي، پر لاچاري حالت ۾ جڏهن بک کان ماڻهو ساڻو ۽ ٻي حال ۽ ڪاڌي نہ ملڻ سبب مجبور ٿي ڪري الله جي متئين حڪم جي انحرافي ڪرڻ جي نيت نہ هجيس ۽ هرويرو ڊوُ ڪري کائڻ لاءِ ڪمر نہ ڪشي بيهي ان صورت ۾ غير حلال شيون کائڻ جي اجازت آهي جنهن واسطي الله تعاليٰ کان معافي گهرجي جيڪو مهربان بخشڻهار آهي.

"فَمَن يَّعمَل مِثقَالَ ذَرَّةٍ خَيرًا يَّرَه. وَمَن يَّعمَل مِثقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَه" ۽ جيڪو بہ عمل هن جهان ۾ ڪندو

بُرو يا ڀلو ہوء توڙي اُهو ڪيترو به مقدار ۾ ننڍڙو يا ٿورڙو ڪٿي چونه هجي ته ان جو ثواب يا عذاب اوهان کي قيامت ڏينهن ضرور ملندو.

مٿئين مضمون مان هر عقلمند انسان، اُهو توڙي مسلمان هجي يا غير مسلم تنهن کي ظاهر ٿيندو ته ڀلو ڇا آهي ۽ برو ڇا آهي جنهن کي ذهن ۾ رکي ڪيس هن جهان جي حياتيءَ ۾ پنهنجو عمل ۽ ڪردار سنوارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ڪپي، جئين ته الله تعاليٰ پنهنجي آخري ڪتاب قرآن شريف ۾ ہڌائي ڇڏيو آهي ته هي جهان دارالعمل آهي جتي جهڙي طرح زمين ۾ ٻج ڇٽي ٻوڪ ٻوڪبي آهي يا وڻ ٻوڪبو آهي ہوء انهن جو ان يا ميوو لاباري جي موسم اچڻ جي وقت لڻي ۽ پٽي ڪٽبو آهي تهڙي طرح قيامت يا حساب ڪتاب جي ڏهاڙي (جيڪو لاشڪ ٿيڻو ۽ اچڻو آهي) ۾ الله تعاليٰ هن دنيا ۾ ڪيل ڪمن ۽ فعلن، نيڪين ۽ بدين جو حساب ڪندو پنهنجي بيهاريل انصاف جي تارازيءَ جي وسيلي سان تور ڪري. ہوء جنهن جا چڱا ڪم بُرن کان ڳرا يا گهڻا هوندا ان کي بهشت ۾ داخل ڪيو ويندو جتي هميشگي واري حياتي ۽ عيش آرام هوندس پر ان جي ابتڙ سندس بُرا عمل زياده ٿيا ته سڙڻ جي جاءِ يعني دوزخ ۾ وڌو ويندس جنهن مان ڪيس ڪڏهن به نه ڪڍيو ويندو سواءِ انهن جي جن الله تعاليٰ جي وحدانيت جي خلاف نه ڪڏهن شرڪ يا عمل ڪيو هوندو يا جن جا بُرا عمل ايڏا گهڻا نه هوندا جو ڪنهن نه ڪنهن مهل مالڪ پاڪ جي فضل ۽ اسانجي رسول صلي الله عليه وسلم جن جي شفاعت جي برڪت سان ٻاهر ڪڍيا ويندا باقين لاءِ ابدًا ابدا يا هم فيها خلدون جي واعدي موجب هميشه جهنم ۾ رهڻ لکيل هجڻ موجب منجهس ٿي رهندا ۽ ڪڏهن به ڪونه نڪرندا.

جئين فرمان الاهي آهي ته "اَلَا بِذِ کرِالله تَطمَئِنُّ القُلُوبُ" فقط الله تعاليٰ جي ذڪر يا ياد ڪرڻ سان ئي انسان جي دل کي قرار ۽ اطمينان حاصل ٿئي ٿو تنهنڪري سڀني نيڪين سان گڏ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل عبادتن ۽ فرضن جي ادائگيءِ وارا ڪم جهڙوڪ نماز روزا، حج، زڪوات ۽ اقرار توحيد يا هيڪڙائي الله پاڪ جي ٻين سڀني دنيا وي فرضن سان گڏ مقرر وقتن تي ادا ڪيا وڃن نماز واسطي حڪم الاهي آهي ته "اِنَّ الصَّلٰـوةَ کَانَت عَلَي المُـؤمِنِينَ کِتٰـبًا مَّوقُوتاً" تحقيق مؤمنن واسطي مقرر وقتن تي نماز جو پڙهڻ فرض ڪيو ويو آهي زڪوات واسطي حڪم باري تعاليٰ آهي ته: وَ اَقِيمُوا الصَّلٰـوةَ وَ آتُوا الزَّکٰوةَ وَ ارکَعُوا مَعَ الرَّاکِعِينَ" قائم ڪيو نماز ۽ ڏيو زڪوات ۽ رڪوع ڪيو رڪوع ڪندڙن سان (نماز جماعت سان گڏجي پڙهو). کُتِبَ عَلَيکُمُ الصِّيَامُ کَمَا کُتِبَ عَلَي الَّذِينَ مِن قَبلِکُم" اوهان تي به روزا اهڙي طرح فرض ڪيا ويا آهن جهڙي طرح اوهان کان اڳين امتن تي فرض ڪيا ويا هئا.

وَ اَتُوا الحَجَّ وَ العُمرَةَ الله" ۽ الله تعاليٰ واسطي حج ۽ عمرو پورو يا ادا ڪيو تنهنڪري واجب آهي ته ايمان وارا انسان مالڪ جي حڪمن جي پيروي ڪندي سندس مقرر ٿيل فرض مقرر وقتن، ڏينهن يا مهينن ۾ پورا ڪندا رهن ته هن دنيا ۽ آخرت جي سهڻي نتيجي جا حقدار ٿين ۽ جنهن مقصد لاءِ هن جهان ۾ انسان کي پيدا ڪيو ويو آهي سو حاصل ڪن:-

وَمَا عَلَينَا اِلَّاالبَلَاغ

تعليمات قرآني جي روشنيءَ ۾ اسانجي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي مبارڪ

زندگي هن جهان جي گذاري ۽ پاڻ خطبه حجةالوداع جي ذريعي پنهنجي خوش نصيب امت کي هدايت فرمائي ويا ته مان اوهان وٽ ڪتاب الله (قرآن مجيد) ۽ پنهنجي سنت ڇڏي وڃان ٿو ان لاءِ ته اوهان انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجيون حياتيون سنواريو ۽ گذاريو ۽ ائين ڪرڻ سان اوهان ڪڏهن به بد راهه ۽ گمراهه نه ٿيندءِ سندن پاڪ زندگي جنهن بابت قرآن پاڪ شاهدي ٿو ڏئي ته

"اِنَّکَ لَعَليٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ" سچ پچ ته تون وڏي اخلاق وارو آهين

"لَقَد كَانَ لَكُم فِي رَسُولِ اللهِ اُسوَة حَسَنَة" ته بيشڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي پاڪ حياتي اوهان واسطي سهڻو نمونو آهي.

وَمَا اَرسَلنٰـکَ اِلاَّ رَحمَةً لِّلعَالَمِينَ. اسان توکي جملي جهانن واسطي رحمت بڻائي موڪليو آهي.

لَقَد جَاءَ كُم رَسُول مِّن اَنفُسِكُم عَزِيز عَلَيهِ مَا عَنِتُّم حَرِيص عَلَيكُم بِالمُـؤمِنِينَ رَئُوف رَّحِيم. بيشڪ اسان اوهان منجهان ئي اوهان ڏي پنهنجو رسول صلي الله عليه وسلم موڪليو آهي جيڪو ان ڳالهه تي ناخوش ٿئي ٿو جو اوهان کي ڪا ڏکيائي پهچي ۽ ڪيس ايهوئي فڪر هوندو آهي (ته اوهان صراط المستقيم جي رستي تي عمل ڪيو ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي لهو) ۽ اُهو مؤمنن تي مهربان ۽ مشفق آهي.

"لَقَد مَنَّ اللهُ عَلَي المُـؤمِنِينَ اِذ بَعَثَ فِيهِم رَسُولاً مِّن اَنفُسِهِم يَتلُوا عَلَيهِم آيـٰتِه وَيُزَكِّيهِم وَيُعَلِّمُهُمُ الكِتٰـبَ وَالحِكمَةَ الله" تعاليٰ مؤمنن ڏانهن سندن جنس منجهان رسول صلي الله عليه وسلم موڪلي مٿن احسان ڪيو آهي ، اهو رسول صلي الله عليه وسلم کين الله تعاليٰ جون آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ کين پاڪ ڪري ٿو ۽ کين الله جو ڪتاب ۽ دانائي جي ڄاڻ ڏيئي ٿو يا سيکاري ٿو.

اهڙين سهڻين سندن ۽ لقبن سان الله پاڪ وٽان نوازيل نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جڏهن غار حِرا مان وحي الاهي جا سبق وٺي پنهنجي قوم ڏانهن پيغام الاهي کڻي آيو تنهن وقت سندن ساک ۽ احترام ايهو هو جو هر هڪ مڪه شريف جو باشندو کين امين يا سچو امانتدار جي باوقار نالي سان سڏيندو هيو. پاڻ پنهنجي قوم جي طرح طرح جي براين ۽ نالائقين تي ڏک ڪندا هئا ۽ گهرندا هئا ته اهي چڱائي واري سنئين رستي تي هلن. اهل مڪه جيتوڻيڪ حضرت اسماعيل ۽ حضرت ابراهيم عليهم الصلوات والسلام جن جي نسل مان هئا ۽ وٽن دين اسلام جو وڏي ۾ وڏو نشان ڪعبةالله شريف موجود بيٺل هيو جنهن جا هو مجاور هئا پر بيت الله شريف جي پاڪائي يا حُرمت جو ڪو به خيال ڪونه ڪندا هئا. ايتري قدر جو اگهاڙا ٿي ڪري طواف ڪندا هئا. سيٽيون ۽ تاڙيون اتي بيهي وڄائيندا هئا ۽ بيت الله شريف جي اندر ۽ آس پاس يا مٿانس ٣٦٠ بت جدا جدا نالن وارا ننڍا ۽ وڏا رکي سندن پوڄا پيا ڪندا هئا ۽ انهن بتن جي واسطي نذر نياز يا خيراتون پيا ڪندا هئا. حضور صلي الله عليه وسلم جن کي حڪم الاهي ٿيو ته

"فَاصدَع بِمَاتُؤمَرُ وَاَعرِض عَنِ المُشرِكِينَ" الله تعاليٰ جا حڪم کولي ڪري ٻڌاءِ ۽ مشرڪن کان منهن موڙ.

"وَ اَنذِر عَشِيرَتَکَ الاَقرَبِينَ" ۽ پنهنجن ويجهن عزيزن کي ڊيڄار (الله تعاليٰ کان ۽ قيامت جي

حساب ڪتاب ڪان) پاڻ سڳورن ايهي حڪم ٻڌي مڪي شريف جي ماڻهن، جيڪي گهڻو ڪري سندن هم قوم قريش هئا تن کي عموما ۽ پنهنجن ويجهن عزيزن کي خاص ڪري هڪ جاءِ تي جمع ڪيو ۽ ڪائنن پڇيو تہ توهان کي مونتي ڪيتري قدر اعتبار آهي سڀني چيو تہ اوهان بلڪل سچا ۽ ايماندار ۽ امانتدار آهيو تنهن ڪري اسان کي اوهان تي پورو ڀروسو آهي تہ سچ چوندؤ. پاڻ سڳورن فرمايو تہ آءٌ الله جو نبي صلعم آهيان. جنهن حيثيت ۾ اوهان کي الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل پيغام هدايتن وارا ٻڌائيندو رهندس سو ڪن لائي ٻڌو تہ آءٌ ڇاتو چوان، جي آءٌ اوهانکي چوان تہ ادا پائرو جبل جي ٻئي پاسي ڪان اوهانجو دشمن وڏو لشڪر سنڀرايو اوهان تي حملي ڪرڻ واسطي ٻيو اچي ۽ ان جي مقابلي جي تياري ڪريو تہ اعتبار ڪندؤ. سڀني چيو تہ هائو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ ٻڌو تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ هن دنيا ۾ جيڪي عمل ڪندؤ تن جو مان قيامت جي ڏهاڙي حساب وٺندس، بُرن عملن وارن کي دوزخ ۾ وجهبو جتي باهہ ۽ عذاب هوندو ۽ سُٺن فعلن وارن کي جنت جي باغن ۾ هميشه واسطي رهائبو. تنهنڪري اوهان پڻ برايون ڇڏيو ۽ نيڪيون ڪريو ۽ منهنجي چوڻ تي هلو ڇو تہ مان اوهانجو پنهنجو آهيان ۽ سچو سچڻ پڻ. اوهان پهريائين بتن جي پوڄا بند ڪيو ڇوتہ انهن جي ڪابہ حيثيت يا حقيقت ڪانہ آهي ايهي اوهان پنهنجن هٿن سان گهڙيا آهن جن کي مٽائنن ويٺل مک کي اڏارڻ يا هٽائڻ جي بہ طاقت ڪانهي، اوهان جيڪي نذرانا ۽ طعام بتن تي رکو ٿا انهن جي بہ ڪين ڪا ڪل ڪانهي پوءِ اهڙي فضول ڏنڌي ۾ ڇوٿا پئو اوهان سڀني جهانن جي خلقهار ۽ پالڻهار جيڪو اڪيلوئي عبادت جي لائق آهي اُن جي بندگي ڪريو، جنهن لاءِ ئي اوهان کي پيدا ڪيو اٿس.
مڪي شريف جا مشرڪ قريشن جن جي نس نس ۾ شرڪ ويٺل هيو سي مڙجي حضورجن جي ڪونايل ڪانفرنس مان هڪ هڪ ٿي هليا ويا تہ اسان پنهنجن ٣٦٠ خدائن کي ڇڏي هن ڪالهوڪي ڇوڪري جي چوڻ تي هڪڙي خدا کي جنهن جو ڪو پتوئي ڪونهي تہ ڇا آهي ۽ ڪٿي آهي ڪونہ پوڄينداسون. پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪري وري حضور صلي الله عليه وسلم جن وٽ حاضر ٿيا ۽ چيائونس تہ جيڪڏهن (نعوذب الله) توکي ڪو دماغ جو خلل ٿيو آهي يا ڪنهن جن ڀوت جو اثر ٿيو اٿيئي تہ تنهنجو علاج ڪرايون، سردار ٿيڻ جو شوق هجيئي تہ اسان توکي پنهنجو سردار بڻايون. پيسي پائي جي گهرج هجيئي تہ اها بہ پوري ڪريون ڪا سهڻي عورت، کپيئي تہ اها توکي پرڻايون.
باقي پنهنجن خدائن (بتن) جن کي اسانجا ابا ڏاڏا پڻ پوڄيندا ڏنا اٿئون تن کي ڪونہ ڇڏينداسون، جيڪڏهن تون اسانجن خدائن جي بابت اسان کي ڪجهہ نہ چوندين تہ بہ تنهنجي ساک پت ۽ عزت اسان وٽ ساڳي رهندي پر جي پنهنجي تبليغ وحدانيت خدائي کان پاڻ کي نہ جهليندين تہ پوءِ تون اسانجو دشمن ۽ اسان تنهنجا دشمن ٿينداسي، جيستائين بيبي خديجہ الڪبراءِ رضي الله عنها حضورجن جي سڳوري گهر واري ۽ سندن چاچو ابو طالب حيات هئا تيستائين مشرڪن حضور جن سان زيادتي ڪرڻ جي جُرأت ڪانہ ٿي ڪني پر جڏهن ان زوجہ محترم ۽ سندن سرپرست چاچي انتقال فرمايو تڏهن ڪُلم ڪلا حضور جن سان باقائده ويڙهہ شروع ڪري ڏنائون. بيت الله شريف ۾ ڪين ۽ ٻين مسلمانن کي نماز پڙهڻ کان جهلڻ لڳا، پر جيڪڏهن هو پرواهہ نہ ڪري نماز اتي پڙهڻ لڳا تي

تہ زور سان سيٽيون، رڙيون ۽ تاڙيون يا گاريون ڪيڍي سندن نماز ۾ خلل پئي وجهڻ لڳا. نيٺ زبردستي ڪري مسلمان نمازين کي روڪڻ لڳا ۽ جيڪي ڪمزور ۽ بي پهچ هئا تن کي مارڪٽ ڪرڻ لڳا. حضورجن صلي الله عليہ وسلم ايها صورتحال ڏسي پاڻ ۽ مسلمانن کي بيت الله شريف ۾ نماز پڙهڻ کان جهليو ۽ ڪنهن ٻي جڳهہ جي اندر نماز پڙهڻ لڳا، تانجو جڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ مسلمان ٿيو تڏهن ان بيت الله شريف ۾ بيهي آذان چئي ۽ اعلان ڪيائين تہ هن الله تعاليٰ جي گهر ۾ اسانکي نماز پڙهڻ کان ڪوبہ روڪي نٿو سگهي، بهرحال حضورجن ۽ مسلمانن سان مشرڪن قطع تعلقات ۽ موالات (يعني ڏي وٺ کان روڪ) ڪئي جنهن تي مجبور ٿي حضورجن ڪن مسلمانن کي آفريقہ جي ملڪ حبشہ (اڄ جي ايٿوپيا) ڏي هجرت ڪرائي موڪليو، ۽ ڪي مدينہ منورهہ ڏانهن ويا، بعد ۾ جڏهن الله تعاليٰ جو حڪم ٿيو تڏهن حضور جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي ساڻ ڪري پاڻ بہ مدينہ شريف ڏي هجرت فرمائي ويا ۽ باقي ڏهاڙا حياتي پاڪ جا اتي گذاريائون.

مدينہ منورہ جي رهائش واري زماني ۾ حضور صلعم جن جي، تبليغ دين جي اثر هيٺ عربستان جي جدا جدا علائقن جا ماڻهو مسلمان ٿيندا ويا ۽ ان وچ ۾ مشرڪين مڪہ مسلمانن سان بدر اُحد ۽ خندق جون جنگيون ڪيون ۽ ناڪام ٿي موٽيا ۽ مسلمانن جي فتحن جو اثر ٻين بچيل عربستان جي ماڻهن تي پڻ ٿيو جيڪي مسلمان ٿيڻ لڳا، حضور صلعم جن پوءِ حبشہ وارن مهاجرن کي واپس مدينہ منورهہ گهرايو ۽ رُوم، ايران ۽ ٻين ملڪن جي بادشاهن ڏانهن خط لکي انهن کي ۽ سندن قوم وارن کي اسلام قبول ڪرڻ جون دعوتون موڪلڻ فرمايائون جڏهن اسلامي حڪومت مضبوط ۽ مستحڪم ٿي تڏهن حضور صلعم جن حج ڪرڻ واسطي مڪي شريف ويا، انهيءَ وچ ۾ مڪي جي مشرڪن جا وڏا وڏا سردار يا تہ مري ۽ مسلمانن هٿان مارجي ويا هئا يا مسلمان ٿيا هئا، جڏهن اسلامي لشڪر جيڪو ڪيترن هزارن ۾ هيو مڪي شريف پهتو تڏهن حضورجن صلي الله عليہ وسلم اعلان ڪرڻ فرمايو تہ اسان سڀني مڪي شريف جي شهرين کي معاف ڪريون ٿا ۽ جيڪو انهن مان بيت الله شريف جي احاطي ۾ داخل ٿيندو تنهن کي امان ڏني ويندي اهڙي طرح حضور صلعم ۽ سندن ساٿين کي مالڪ پاڪ جلشانہُ پنهنجي واعدي مطابق سوڀ ڏني ۽ ڪعبۃالله شريف آزاد ڪرايو ويو جنهن ۾ جيڪي بہ بت رکيل هئا تن سڀني کي حضور جن صلعم ۽ سندن اصحابن سڳورن پڇي ٻاهر ڦٽي ڪرايو ۽ ايهو اعلان ڪيو ويو تہ:

"وَ قُل جَاءَ الحَقُّ وَ زَهَقَ البَاطِلُ. اِنَّ البَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا" تہ حق (سچ) آيو ۽ باطل (ڪوڙ يا ڪوڙ) ناس ٿيو ۽ سچ تہ ڪوڙ آهي ئي ناس ٿيڻ جي لائق حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتي پاڪ جي زماني ۾ مديني شريف جي آس پاس رهندڙ يهودين جيڪي پنهنجي زهريلي پروپيگنڊا ۽ ڇيڙ ڇاڙ وسيلي اسلام ۽ مسلمانن جي مخالفت پيا ڪندا هئا تن کي اسلامي لشڪر حضور جن جي سربراهيءَ هيٺ يا بعد ۾ حضرت علي رضہ جن جي سرواڻي هيٺ شڪست ڏيئي ان پاڪ سر زمين تان تڙائي ڪڍيو، ان کان علاوه ٻين علائقن تي پڻ اسلامي لشڪر ڪافرن تي فتحون حاصل ڪيون ۽ اسلام

هڪ مضبوط قوت ٿي ابريو. پوءِ الله تعاليٰ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ۽ مسلمانن کي خوشخبري طور فرمايو تہ "اِنَّ الدِّينَ عِندَالله الاِسلاَمُ" سچ تہ الله تعاليٰ وٽ پسنديده دين فقط اسلام ئي آهي.

"اَليَومَ اَكمَلتُ لَكُم دِينَكُم وَ اَتمَمتُ عَلَيكُم نِعمَتِي وَ رَضِيتُ لَكُمُ الاِسلاَمَ دِينًا" اڄ اوهان جي واسطي دين ڪامل ڪيو ويو ۽ اوهانتي اسان پنهنجي نعمت پوري ڪئي ۽ اوهان جو اسلام تي هجڻ يا مسلمان ٿيڻ الله تعاليٰ کي پسند آيو ۽ اُهو ان تي راضي ٿيو.

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ زندگي قرآن پاڪ ۾ جيڪي حڪم انسانن کي صاف سٿري حياتي گذارڻ بابت مليل آهن تنجو عڪسي نمونو هئي. مثلا "وَلاَ تُبَذِّر تَبذِيرًا" اجايو بي جاءِ خرچ نہ ڪريو حضور جن پاڻ فرمايو آهي تہ مان غريب آهيان ۽ ان تي مون کي فخر آهي پاڻ سڳورن ڪڏهن بہ پاڻ وٽ ڪجھ ميڙي جمع ڪري ڪونہ رکيو جيتوڻيڪ مختلف علائقن مان فتحن ڪرڻ وقت غنيمت جو مال چڱو خاصو خذمت اقدس ۾ ايندو هو پر اهو سمورونئي ورهائي ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجي يا اهل بيت سڳورن واسطي جزوي سامان رکندا هئا. سندن گُهرجون ٿورڙيون هونديون هيون تنهنڪري هر ڏکيائي برداشت ڪري ويندا هئا ايتري قدر جو ڪن ڪن وقتن تي پاڻ سڳورن. اهل بيت پاڪن ۽ اصحابن سڳورن بک سبب پنهنجن پيٽن سان پٿر ٻڌي وقت ڪاٽيو ۽ ڪپڙن نہ هجڻ سبب ڪن وقتن تي پاڻ سڳورن ۽ سندن اهل بيت هڪ چادر منجهان واري واري تي اوڍي نمازون ادا ڪيون ۽ ساڳي ريت اصحابن سڳورن پڻ عمل ڪيو. حضور صلي الله عليه وسلم جن اڪثر ڪري روزي سان هوندا هئا پر اصحابن سڳورن کي فرمائيندا هئا تہ اوهان مون جهڙو ڪوبہ عمل نہ ڪري سگهندا ڇو تہ مون کي الله تعاليٰ روزي هوندي بہ اها قوت ڏيندو آهي برداشت ڪرڻ جي جو بک، اڃ ۽ ڪمزوري محسوس ڪونہ ڪندو آهيان، وري ڪڏهن ڪڏهن رمضان شريف جا تہ سمورا روزا فرض طور ڪڏهن بہ نہ گسائيندا هئا) نفلي روزا نہ بہ رکندا هئا تہ جيئن اصحابي ۽ عام مسلمان سندن سنت مبارڪ سمجهي ٻارهوئي روزا نہ رکندا رهن. جنهن سبب هڪ تہ ڪمزور ٿي ويندا پيو پنهنجا ڌنڌا ۽ ڪم سنڀالي نہ سگهندا، يا جهاد ڪري نہ سگهندا.

ساڳي طرح حضور جن صلعم هو ڏانهن سارو ڏينهن تبليغ دين، عبادتن، حڪومتي معاملن يا پنهنجي خانگي ڪمن ڪارين ۾ رڌل رهندا هئا تہ وري الله تعاليٰ جي حڪمن موجب تہ "يَـاَيُّهَاالمُزَّمِّلُ. قُمِ اللَّيلَ اِلاَّ قَلِيلاً. نِصفَه اَوِانقُص مِنهُ قَلِيلاً. اَو زِد عَلَيهِ وَرَتِّلِ القُراٰنَ تَرتِيلاً" اي چادر اوڍيل (محمد صلي الله عليه وسلم) رات جو اُٿ (۽ عبادت ڪر) رات جو پورو اڌ حصو يا ان کان ٿورو گهٽ يا ان کان ٿورو وڌيڪ وقت بيهہ ۽ قرآن پاڪ جهلي جهلي ٺاهي ٺاهي تلاوت ڪر" ان رعايت ملڻ کان اڳ تہ حضور جن ساري ساري رات نماز پڙهندا هئا جنهن سبب سندن مبارڪ پير سُڄي پوندا هئا اهو عمل سندن ان خدائي حڪم هيٺ هيو جنهن ۾ ڪين چيو ويو هيو تہ "فَتَهَجَّد بِه نَافِلَةً لَّكَ عَسي اَن يَّبعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحمُودًا" جنهن جو مقصد هيو تہ تون رات جو تهجد جا نفل پڙهہ جنهن جي سبب تو کي مقام محمود حاصل ٿيندو.

حج بہ اسلامي فرض منجهان هڪڙو فرض يا رکن آهي حضور جن پاڻ ايهو فريضو پنهنجن

اصحابن سڳورن سميت ادا ڪرڻ فرمايو جيڪو سندن وفات کان ٿورو اڳ ۾ هيو جيڪو حجته الوداع جي نالي سان مشهور آهي جنهن ۾ قرآن پاڪ جي حڪمن کي مختصر طور تي ارشاد فرمايائون.

زڪوات به هڪ فرض ڪيل اسلامي رڪن آهي جيڪو صرف صاحبِ نصاب مالدار مسلمانن کي سال ۾ هڪ دفعو هڪ سؤ روپين تي اڍائي روپيه يا چاليهون حصو بچيل پيسن، زيورن وغيره جي ماليت جو ڏيڻو آهي اهڙي طرح ڍورن، ڍڳن، ٻڪرين، رڍن، ائن ۽ جانورن جي ڳڻ شرعي حساب مطابق زڪوات ڏيڻي آهي، حضور جن صلعم سراپا خير ۽ سخاوت جا سرچشمه هئا جنهن مطابق سندن هٿن مبارڪن مان هر مسڪين مسلمان امداد ولي سيراب ٿيندو هيو. حضور جن وٽ ڪنهن به وقت پيسو يا مال جمع ٿيل ڪونه هوندو هيو. پر وقتي طور تي جڏهن به جيڪي به وٽن هوندو هيو سو ڏيئي ڇڏيندا هئا. تانجو ڪنهن موقعي تي منافقن پروپيگنڊا جو شوشو ڇوڙيو ته جنگ کانپوءِ جيڪو مال غنيمت جو اچي ٿو ان تي فقط مجاهدن جن جنگ لڙي آهي تن جو حق آهي ۽ صرف انهن کي ئي ڏنو وڃي جنهن تي حضور جن الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ فرمائي ته ايهو فتنو ڪيئن تاريون ڇوته ڪيترا مسڪين مسلمان اهڙا هيا جيڪي يا ته پوڙها، بيمار ۽ ڪمزور هيا يا ته دين جو علم سکڻ وارا نو مسلم هيا تن جي امداد حضورجن پاڻ ڪرڻ فرمائيندا هئا. الله تعاليٰ حڪم صادر فرمايو ته "وَ اعلَمُوا اَنَّمَا غَنِمتُم مِّن شَيءٍ فَاَنَّ للهِ خُمُسَه وَ لِلرَّسُولِ وَلِذِي القُربـي وَاليَتَامـي وَ المَسَاكِينِ وَ ابنِ السَّبِيلِ" اي مسلمانو سمجهي ڇڏيو ته مال غنيمت جي پنجين حصي تي الله جلشانه، رسول صلي الله عليه وسلم سندن ويجهن عزيزن يتيمن مسڪينن ۽ مسافرن جو حق آهي اهڙي طرح منافقن جو ڪڙو ڪيل فتنو دفع ٿي ويو. جهاد في سبيل الله بابت قرآن پاڪ جي ٻن وڏين سورتن انفال ۽ التوبه يا ٻين سورتن ۾ تاڪيدي فرمان الاهي آهي ته الله تعاليٰ جي توحيد جي حڪمن جي تعميل ڪرائڻ واسطي ڪافرن ۽ منافقن سان تيستائين جنگ ڪريو جيستائين فتنو ۽ فساد ختم ٿئي ۽ الله تعاليٰ جي حاڪميت قائم ڪئي وڃي، حضور جن صلعم اهڙين اسلامي جنگين ۾ پنهنجي زندگي ۾ اڪثر پنهنجي سر اسلامي لشڪرن جي سرواڻي خود ڪرڻ فرمائي پر آخر عمر جي حصي ۾ پاڻ شامل ٿي نه سگهيا هئا بلڪ پنهنجي ياران حضرت علي رضي الله عنه يا حضرت اُسامه رضي الله عنه جهڙن جرنيلن کي اهڙي قيادت سونپي هيائون تانجو پورو جزيره العرب الله پاڪ جي حاڪميت ۽ اسلام جي عظمت جو ماڳ ٻڌجي ويو.

حضور صلي الله عليه وسلم جن جو هر لفظ جيڪو پنهنجي مبارڪ زبان مان چوندا هئا سو الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل پيغامن جي ترجماني هوندو هو جنهن لاءِ قرآن پاڪ شاهدي ٿو ڏئي ته "اِن هُوَ اِلاَّ وَحيٌ يُّوحَي" يعني ته هو (رسول صلعم) جيڪي چوي ٿو سو نسورو الله تعاليٰ جو موڪليل پيغام يا وحي آهي.

جنهن بابت ڪنهن کي به شڪ شبهي ڪرڻ جي مجال نه هجڻ کپي فارسي زبان ۾ حضرت مولانا رومي عليه الرّحمة ان سلسلي ۾ فرمايو آهي ته "گفتهٔ اي او گفته اي الله بُودَ گرچه از حُلقوم عبدالله بُودَ" سندس (رسول الله صلعم) جو ڳالهائڻ يا گفتو جيتوڻيڪ هڪ الله تعاليٰ جي ٻانهي جي نڙيءَ مان

نڪتل هيو پر در حقيقت الله تعاليٰ جوئي ڪلام يا وحي الاهي هيو"

قرآن پاڪ وحي الاهي جي ذريعي حضرت جبرائيل عليہ السّلام يا روحالامين فرشتن جي مهندار جي هٿارون حضور جن صلعم جي خدمت اقدس ۾ لٿو ويو جنهن ۾ جيڪي بہ فرض مسلمانن جي واسطي مقرر ڪيا ويا تن جو ڪوبہ تفصيل ڪونہ موڪليو ويو هيو تنهنڪري حضورجن صلعم حضرت جبرائيل عليہ السلام جي ڏسيل طريقن سان انهن فرضن جي ادائگيءَ بابت عمل پاڻ ڪري بين مسلمانن کي ڏيکاريو ۽ سيکاريو جيڪو سنت طريقو سڏجي ٿو. مثلاً نماز ڪيئن پڙهجي، ڪهڙي وقت ڪيتريون رڪعتون فرض، سنتون يا نفل پڙهجن، طهارت يا پاڪائي ڪهڙي طرح ڪجي، وضو ڪيئن ڪجي، نمازن ۾ نيتون ڪيئن ٻڌجن، ثنا ڪيئن پڙهجي، رڪوع قومو، جلسو، سجدو التحيات ۽ نمازون پوري ٿيڻ تي سلام ڦيرڻ وقت ڇا پڙهجي وغيره ايهو سڀ ڪجهہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي حڪمن موجب حضرت جبريل عليه السّلام حضور جن کي خود ڪري ڏيکاريو ۽ سيکاريو. ساڳي طرح روزو، حج زڪوات يا ٻيا شرعي رڪن ڪهڙي ريت ادا ڪجن سو سڀ حضور جن پاڻ وحي الاهي جي روشني ۾ ڪري ڏيکاريو جيڪو سندن اصحابن سڳورن ڏٺو، سکيو ۽ ڪيو پوءِ پنهنجي شاگردن تابعين کي سيکاريائون جن وري بعد ۾ ايندڙن کي سيکاريو جيڪو سلسلو قيامت قائم ٿيڻ تائين هلندو رهندو جنهن لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ "اَلعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الاَنبِيَاءُ" عالم ۽ ڄاڻو دين اسلام جي علم جا نبين عليهم السّلام جا جانشين يا وارث آهن جنهن ڪري ايها جوابداري انهن جي مٿان پوي ٿي تہ قرآن پاڪ ۽ احاديث رسول صلعم جا نقطا ۽ حڪم امت محمدي کي ٻڌائين ۽ کولي سمجهائين جهڙي طرح نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم پاڻ سمجهائيندا هئا ڇو تہ "لا نبي مِن بعدي" حضور صلي الله عليه وسلم جن کان پوءِ ڪوبہ نبي يا رسول الله تعاليٰ جو ڪونہ اچڻو آهي. ۽ ان صورتحال ۾ امت جو فرض آهي تہ رسول پاڪ صلعم جن جي ڏسيل ديني طريقن جيڪي سندن حديثن ۽ روايتن ۾ درج ٿيل آهن تي عمل ڪن جنهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ حڪم الاهي آهي تہ:

"وَمَن يُّطِعِ الرَّسُولَ فَقَد اَطَاعَ الله" جنهن رسول الله صلعم جن جي پيروي ڪئي تنهن ڄڻڪ الله تعاليٰ جي تابعداري ڪئي.

"وَاَطِيعُوالله وَاَطِيعُو الرَّسُول" ۽ تابعداري ڪيو الله جلشانه جي ۽ سندس رسول صلعم جي.

"وَمَا آتا کُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَاکُم عَنهُ فَانتَهُوا" ۽ جيڪي رسول صلي الله عليه وسلم اوهان کي (علم، ڄاڻ، حڪم ۽ هدايتون) ڏيڻ فرمائي سي وٺو (۽ مٿن عمل ڪريو) يا پاڻ کي روڪيو.

رسول صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ حياتي بابت اسان کي سندن پاڪ هدايتن ۽ روايتن سان پريل حديثن مان ڄاڻ ملي ٿي جيڪي وري قرآن پاڪ جو تفسير يا عڪس آهن. تنهنڪري اسان کي قرآن شريف سان گڏ حديث شريفن جو پڻ مطالعو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ عملي حياتي گذارڻ کپي تہ جيئن اسان جي مقصد تخليق جي سلسلي ۾ اسان کي صحيح ڄاڻ اچي ۽ اسان نيڪيءَ جي رسي تي هلي ۽ براين کان بچي هن دارالعمل دنيا مان ڪامياب ٿي ٻئي جهان ڏي وڃون ۽ مالڪ

جلشانهٔ جي رضا مندي حاصل ڪري انعام جا حقدار ٿيون جيڪو آهي بهشت يا جنت جيڪا نيڪ بخت بندن واسطي الله تعاليٰ جوڙي ڇڏي آهي دعا ڪريو ته اسان پنهنجي اشرفالانبياء (عليهم السلام) رسول ڪريم حضرت محمّد صلي الله عليه وسلم جا اُهي امتي سڏائڻ جي لائق ٿيون جن بابت حضور صلعم جن فرمايو آهي ته قيامت ڏينهن منهنجي امت سڀني نبين عليهم السّلام جي امتن کان زيادهه تعداد ۾ هوندي ۽ عملن ۽ نيڪين ۾ پڻ انهن کان بهتر جنهن تي مان فخر ڪندس ۽ سندن شفاعت جا حقدار ٿيون جنهن جي طفيلي اسان جنت ۾ حضور جن ۽ سندن نيڪ سيرت اصحاب، اولياء، علماء ۽ صالح بندگان خدا سان گڏ هجون آمين برحمتڪ يا ارحم الراحمين.

●●●

جهامنداس ڀاٽيا

# پرارٿنا ـــ ٢

رابيندر ناٿ ٽئگور چوي ٿو تہ ڏک ۽ گهرجون ڪٽي اسان ايشور اڳيان ارداس ڪيون ٿا، مگر سُک ۽ سمپدي ڪٽي سائينءَ اڳيان سوغات نٿا رکون. پنهنجي جيوت اُن جي آڳيا ۾ نٿا هلايون. جيوت جي حاصلات اُن کي نٿا ارپڻ ڪريون.

محبت اهڙي تہ عجيب املهہ سگهہ آهي جا سڀ سنسار کي رنگ ۾ رڱي ٿي ڇڏي. محبت ۾ جا صحبت ٿي ڪجي تنهن مان رنگت ٿي روح تي چڙهي. محبت مان ئي جيو سڀ سرهائي سان سهسائي ٿو. پرارٿنا بہ محبوب سان صحبت ۾ ويهي ساڻس ورونهن ڪرڻ آهي. پرارٿنا آهي اوراڻا اورڻ. ان سان جنهن جيهو جاني آهي ڪونہ جهان ۾. پرارٿنا آهي لاثانيءَ جي لاري لڳڻ؛ پناري پوڻ پرين جي.

پرارٿنا وارو سدا سکي سرهو پيو ٿيندو؛ سُور ۾ ساجن جو نُور پيو پسندو ۽ هسيون پيو هسندو. گُل مٿون پوندس تہ بہ، ڪندو شڪرانا. تتي واري مٿون وجهندس تہ، چوندو شڪرانو. هو سدائين پيو ڀائيندو تہ ويس ۾ جو والي ٿو وَسي تنهن جي هٿ وس آهي سڀ ڪي: هو پيو سمجهندو تہ مان بهترين تہ ڳولي نہ سگهندس مگر بهترين مون کي ڳولي سگهندو. اهڙو انسان ٿورو ڳالهائيندو ٿورو کائيندو ۽ ٿورو سمهندو. هو ائين پيو وِسهندو تہ ڏينهن پرائو آهي ۽ رات پنهنجي آهي. پرارٿنا جي ڪرڻ ڪري جيوَ ۾ جوت ٿي جاڳي. پرارٿنا جي پوڙي پوڙي مان پرسنتا، پرفلتا ۽ پربلتا ٿي پيدا ٿئي، مگر ڪو هجي بانڪو بهادر جو هو ميءَ تياڳي جاڳي ۽ شيدا ٿئي.

ڀڳت روپچند جي جيوت صرف نام جي لام لڳل نہ هئي. دنيا جي دکن ۽ دردن ۾ سندن دل ڀڳل مگر سندن هردوهري پريم ۾ ڀڳل هو. سندن ڪهٽي ۾ ڪرانتي ۽ ڪرٽي ۾ شانتي هئي.

پرارٿنا وارو انسان قدرت جو قائل ۽ جوڙيندڙ ڏانهن مائل ۽ اُن ۾ محو رهندو ايندو. قدرت جا نظارا بہ اُن لاءِ سائين جامندر ۽ اوتارا آهن، جت هو ڪڪرن ۽ پهاڙن ۾، ندين ۽ آبشارن ۾، بجليءَ ۽ گجگوڙن ۾ پيو پسندو لقاءِ لاهوتي. ڀڳت صاحب بہ سنگت سان هڪ دفعي ياترا تي نڪتا. مها پرشن جي مٿي اڳيان پنهنجو سر جهڪائي هو سملي مندر ۾ اچي وارد ٿيا. هماليا پربت جي اوچائي ڏسي سندن دل ۾ ايشور جي اپار سوڀيا جو امنگ اُتندو هو ۽ وقتن تي پاڻ نہ جهلي سگهڻ واري جذبي هيٺ جهولندا جهومندا، گيت ڳائيندا هئا. ڀڳت صاحب جي جيءَ ۾ جمال جانيءَ جو ڪپي ويو. نوراني نظاري ۾ هنن پسارو پرين جو پسي. دنيا جي ديدار تي هسي ڳند ڳندي ڀهڳٽي سان.

سملي ۾ رهندي هڪڙي آرتوار سملي واري مندر ۾ گهڻي ئي ياتري ۽ پريمي اچي ڀلٽيا. انهن اميرن ۽ فقيرن ۾ ڪوچ بهار جي مها راڻي بہ هئي. ڇا نہ هو سندس تاب ۽ آب ۽ ڇا هئي سندس دل. ڀڳت صاحب محبت جي مستيءَ ۾ اهڙا تہ لنَولين ٿي ويا جو ڪين خبر ئي نہ رهي تہ سندن آواز ڪنهن جي

ڪَنَن ۾ راز ٻڌائي سندس دل کي فرش تان عرش ڏانهن پرواز ڪرڻ جي طاقت بخشي منجهس لياقت پيدا ڪندو ٿو رهي. ڀڳت صاحب ڪوي ته نه هئا مگر منجهن ڪويءَ جي ڪلاڪاري ۽ ڪرتا ضرور هئي. هو راڳي نه هئا مگر وڏ ڀاڳي هئا. جن جو لاڳ هو لاهوتن جي لوري! هنن آخر وارو ڀڄن ميران ٻائي جو اهڙي ته دل جي درد مان الايو جو مهاراڻي ميڻ وانگيان ڀڄن جي تابش تي پگهرجي پئي. ڀڄن ٻه ته پورن پريتم جي ارپنتا سان ڀُرهو ۽ اڄ ٻه اُن جي لفظن مان سندس چِت جي چِڪ ٿي ملي:

ميري راتا جي مئن تو گوبند ڪي گن گانا
راتا ني ڀيڄا زهر پيالا مئن امبرت ڪر بي جانا
ڊبيا ۾ ڪالا نانگ جو ليڄا، مئن سالگرام ڪر جانا،
ميران ٻائي پريم ديواني، مئن تو سانوريا ڪو پانا

راڻيءَ جو اهو ڀڄن ٻڌو ته هن جو هردو ميڻ ٿي پيو. ان بعد ميران جو آدرش اڳيان رکي ننگر ننگر ۾، گهٽي گهٽي ۾ "سانوريا ڪو پانا" جو سنهيو پهچايو. ميران ٻه ته پريم ديواني هئي. ڪُوچ ٻهار جي راڻيءَ ٻه ٻهار بدن جي کي ڪُوچ ڪرائي ويراڳ ۾ وڪ وڌائي، گيت کي ميت بڻائي پنهنجي زندگي گذاري.

پرارٿنا صرف "سانوريا ڪو پانا" نه آهي، مگر سانوري کي سڀ صورت ۾ سهي ڪرڻ ٻه سيڪاري ٿي. پرارٿنا نه صرف دک دور ٿي ڪري مگر دل کي ديدار سان ڀرپور ٿي ڪري. پراٿنا آهي دل جي گفتگو. جڏهن جانب ويجهو ٿو وسهڻ ۾ اچي تڏهن انسان پنهنجي دل جي ويرن اڳيانس ورنن ٿو ڪري. ڀڄن، ڪيرتن ٻه ويرن جو ورنن آهي.

ڀڳتن جي جيوت جو ڏاڳو پرارٿنا ۾ ٻڌل ٿو ٿئي. ڪا ٻه ڳالهه اچي ٿيندي، ڪا ٻه مُونجهه اچي منهن ڏيندي ته هو عام رواجي انسان وانگيان واڻڙا ٿي نه ويندا. مگر انهيءَ مُونجهه جو سونهون سمجهي مشڪلات کٽي ويندا پنهنجي دلبر وٽ ۽ ان کان رستي جي رهبري گهرندا.

ڀڳت روپچند جي جيوت پرارٿنا سان شروع ٿيندي هئي، جنهن جو اثر سندس ڏينهن جي ڪم ڪار تي خاصو پورو هو. زندگي ٿي نه آهي جيڪڏهين پرارٿنا جي جوت اُن ۾ جڳائي نٿي وڃي. جڏهين اها جوت جهلڪ ٿي ڪڍي ته جيو جو سنبنڌ سنسار جو جڙيو پيو آهي سو وڍي ٿي ڪڍي ۽ ڪيس سچ جو سورج ڏيکاري سچو وهنوار ٿي سيکاري.

ڀڳت روپچند رواجي طرح پروار جي ٻورائي لاءِ نوڪري ڪندا هئا. پرارٿنا، اُپاسنا، ڪيرتن ڪندي ڪندي کين انهيءَ خيال اچي ڪنيو ته ڇو نه هاڻ سچي صاحب جي چاڪري ڪجي. هنن پنهنجي آفيس جي عملدار کي لکي موڪليو ته مهيني گذرڻ بعد هو آفيس جو ڪم وڌيڪ سمي لاءِ سنڀاري نه سگهندا. گهر وارين کي ته سدا روزمره جي وڌيءَ کٽي، هاڃ گهرج، هار وين خوشي غم جي موقعن لاءِ پورت جي پڪي رستي جو خيال رهندو آهي. اُنهيءَ ويچاري کين گهڻو ئي سمجهايو مگر عشق اڳيان اٽڪل ڪهڙي ٿي کيپ کٽي سگهي؟ دوستن ۽ مِترن کين دليل ڏنا، ويچار پيش ڪيا ته اڄ ڪالهه جي وقت ۾ سُڪئي کي ڪو سهي ڪونهِ، ٻُڪئي کي ڪو ڏي ڪونهِ: اوهان نهيل نڪيل روزگار

چڏي ڪوھ تي فراسي وڇائي وهندا، تہ اُن مان اُپراس ڪھڙو ٿيندو ۽ ڪارج سِڌ وري ڪھڙو ٿي سگھندو؟ انھن مڙني جي دليلن جي رد ڪد ڪندي هنن ڪين چيو تہ پڪين پسن ڪي روز ڪير ٿو پهچائي؟ پڳوان پاڻھي ڏيندو. اسان ماڻھو جي نوڪري ٿا ڪريون تہ هو مزوري تو ڏئي، پر جي اُنھيءَ مالڪ جي چاڪري ڪجي، تہ ڇا اوهان جي مزوري ڏيڻ کان انڪاري ٿيندو؟

ايمرسن آمريڪا جي اديب ۽ فيلسوف چيو آهي تہ" جيڪڏهين اوهان ڪنھن جي خدمت ٿا ڪريو ۽ اوهان ڪي اجورو پورو نٿو پلئہ پوي تہ ماٺ ۾ رهو. جيترو دير سان اوهان ڪي مزوري ملندي اوتروئي وياج مٿان وياج اوهان ڪي ملندو. گڏيل وياج مٿان گڏيل وياج هن خزانچيءَ جو اگھ آهي".

پڳت ڪي تہ پڳوان هو مگر گھر جي آدمن ڪي تہ صرف مهيني سِر مهيني پگھار ملڻ جي اون ۽ انتظاري هئي. ڪين ڪھڙي ڪل تہ پڳت جن عاشقن وانگيان سڀ سهارا ترڪ ڪري صرف سندس سونھن جو سهڪار ڪيو آهي ۽ ان جو سهارو ورتو آهي. زندگيءَ جي اعليٰ سڙڪ تي ايڏو تہ رومان آهي جو جوان دل وارو هميشه دلبر جي ديدار جو پيو آسرو رکندو. هو هردم نئين جوانيءَ جو رنگ ۽ ڍنگ پيو اُن ۾ ڍاريندو. توڪلِ سندس ترهو آهي. پڪو دلو اٿس تہ بہ واھ جي ڪچو اٿس تہ واھ! واھ!! پنھي ۾ هو ڏسندو هڪ حق ڪي. چوندو ائين پيو جيئن سچل چيو آهي.

ميڏڙي دل وچ يار ـ پٽ ديان پينگھان پايان وو

١. آپي جھوتي، آپ جھوتاوي، ڏيندا لوڙي لک هزار.

٢. مئن تي دلبر جھوتا ڏنڙا، ڪيتا سهليان سينگار.

٣. جھوتي اُتي يار سجڻ دي، هوڻ خبردار

۴. پير جھوتي تي محڪم ڌرهٽا، رهٽا بي اختيار.

۵. ساري جھوتي سچو سهي ڪر ٿيوين آپ ڪنون بيزار.

پار وانگيان دنيا کي چڏي هو امڙ جي گود ۾ وهڻ جو ڪانڪي ٿي پيو. ان جي ڇاتيءَ تي ليٽڻ لاءِ ڪابہ قرباني ٿوري آهي مگر عمر رسيده انسان جنھن تي جهان جون جوابداريون بہ جھجھون آهن اُهو انھيءَ جنجل کان پاڻ آجو ڪري اُن امڙ تي آڌار رکي اُهو ويساھ ڌاران ٿي نٿو سگھي. ڪُلُ اتڪلون آسرا ۽ آڌار ڇڏي جو انسان اڏو اُڏي ٿو امڙ جي اُرھ ۾ اُن کي لُڪون ۽ جھولا، طعنا ۽ تنڪا ڇا ڪندا. جنھن سمورا بار پنھنجا هن جي حوالي ڪئي ڪيا تنھن کي فرض، قرض يا غرض جي ڪھڙي ڳڻتي ٿي سگھندي. پرارٿنا ڪرڻ سولي ڪينھين. پاڻ پاسي ڪري سمورو ساج ۽ ڪاج وس ۽ پاسي جو ان جي ٿو ڪري سو ئي پرارٿنا جو ڦل پائي ٿو.

پاٺي اُن کي ڪٿي ٿو جو رڳن. عضون جي ڇڪتاڻ چڏي بي سَتوتي وهڪ تي ٿو اڇلائي: ان کي ني امڙ پنھنجي ڇاتي سان لائي تاريندي اُڪاريندي ٿي هلي.

جَن قدم قرب مان ڪنيو آهي تن کي تات ۽ تنوار تون جي ٿي رهي. "هاڻ" جي حقيقت ۽ هڳاءَ جي ڪين ٿوري گھٽي سُڌ رهي ٿي مگر ڪالھ سڀاڻي جي اون منجھن مشڪل ٿي معلوم ٿئي.

پرارٿنا آهي پاڻ ايشور کي ارپڻ. پنھنجي سموري سگھ، ستا، سمجھ سوجھرو "ڪي ڪين" ۾ گم

ڪري هوت جي حوالي ٿي بيهڻ آهي. خالي جڏهين جيو ٿي ٿو بيهي ته هو ڪيس پرڻ ڪان ڪين ٿو گسي. ڪن جو چوڻ آهي ته جڏهين انسان ايشور اڳيان بي جان ڪنوسس وانگيان ٿي ٿو بيهي ته ڪلاڪار پنهنجي ڪلا منجهس اوتي ڪيس حسين بنائي ٿو ڇڏي.

ٻي حقيقت هن ريت هڪ ڪتاب ۾ پيش ڪئي وئي آهي ته هڪڙي عورت زندگيءَ جي زبر زور ڪري زبون ٿي رهي هئي. هُن ڪنهن ناميارې طبيب سان صلاح ڪئي جنهن ڪانئس پڇيو. "امڙ تون ڪرستان آهين؟" تعجب ۾ پوڙهي پنجي وئي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ چوڻ لڳي ته "ڇو تڏهين مان ڪرستان ڪين آهيان ڪئن؟" مائي تڏهين به ڪيس پڪ ڏيارڻ لاءِ ڏرمي ڪتاب مان برزبان ٽڪرن پويان ٽڪرا پڙهي ٻڌايا.

طبيب ايهي ٻڌندو ڪنڌ ڌوڻيندو ويو. چيائينس ڙي امڙ ايهي وچن جي نه تون واچيندي ٿي رهين تن مان ته نه رب ۽ نه رب جو راضپو ٿي لهين. ڪرستان ٿيڻ جي معنيٰ آهي ته ٻار وارو ويساهه توکي پنهنجي پرماتما ۾ هجي جو تون سدائي ائين سمجهين ته هڪڙو حاڪم سدا انگ سنگ تنهنجو ساٿي آهي. هو توکي گهري ٿو. ڪڏهين تنهنجو مَنو نٿو چاهي. ڪڏهين به توکي ڌاهي نٿو مگر سدا پيو ٺاهي، سنواري ۽ سينگاري.

ايترو ايمان تو ۾ هئڻ گهرجي جو هوند هرهڪ اٽپورائي لاءِ هن ڪان پرارٿنا ڪري. اُها سگهه سوجهرو ستا حاصل ڪري سگهين جا سڀ ڪنهن سور جو علاج ٿي پئي. ايهو ايمان ته
"هٿان حبيبن ڪونه ڏکويو ڪڏهين"

قائم رکڻ سولو ڪينهين. طبيب تڏهين ڪيس چيو ته ڪنهن ايڪانت واريءَ جاءِ تي وڃي صرف پرماتما جو وبچار ڪندي رهه. هوءِ صلاح ملندي ئي شهر مان لڏي سمنڊ جي ڪناري تي وڃي ويٺي. روز بروز هوءِ نيلو آسمان ويڪرو سمنڊ ڏسندي رهي. پهرين ته سندس اکيون ويجهن ننڍڙن پهاڙن تائين پهچي پوئتي موٽنديون هيون مگر آهستي آهستي هوءِ ڪين سمنڊ جي ويرن ۽ اُفق ۽ شفق جي نوراني نظارن ڏانهن گهليندي منجهن مهران جي بيحد ويڪر سمائيندي رهي تان جو ڪيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته چڻڪ سمنڊ جي اننت ويڪر ۽ گهرائي سندس اندر جي گهرائپ کي گهلڻ جي ڪنديون پئي رهيون هيون. صاف سيلاني هوائون سندس من گهڙت مانارن کي گهلي زمين ۾ ڪٽي ويون. آهستي آهستي ايشور جي اننت احسانن جو احساس سندس اندر ۾ اٿڻ لڳو. هوءِ ائين ڀانئڻ لڳي ته ايشور اهڙو عميق آهي جهڙو مهاساگر ۽ سندس ٻاجهه ۽ رحم به اهڙا ئي عميق ۽ وسيع آهن. انهيءَ ريت سندس رڳون وري وري طاقتور ٿينديون رهيون.

عام طرح انسان کي انهيءَ نموني جي رهت سان ٻهت آهي ئي ڪين. سندن يقين آهي صرف عقل جي اٽڪل ۽ چال بازيءَ تي. هو ته ويسهه نه پاڻ ۾ رکي ڄاڻن ۽ نه ويسهه جي وادي پڇاڻن.

پگت روپچند جي گهر واري پنهنجي ڏٽيءَ کي نوڪري ڇڏيندو پسي سُسي وئي. هُن سمجهيو ته دروازو روزيءَ جو آفيس ۽ اُن جو صاحب هو ۽ اُن جي بند ٿيڻ ڪري روزمرهه جي ڪاڌ خوراڪ جو بلو پيٽي ٿي سگهندو ئي ڪين. هوءِ پتار سان گڏجي مانيجر وٽ وئي جنهن پگت کي گهٽو ئي باز

آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو، مگر هو هڪ تي ٿي بيٺو. انگريز آخر ۾ ائين به چيس ته آفيس ۾ وقتي پيو منهن ڏيڪارج ۽ پگهار پيو کڻج. ڪم بنان پگهار کڻڻ ڀڳت کي واجب نظر نه آيو.

عام آدمي ته بئنڪ ۾ جمع ڪيل ڏاوت تي ڀانور ڪري وهندا آهن مگر هن سائينءَ جي نوڪر اُها ڏني سري ڪرشن ۽ ڪرسٽ جي پيروي ڪئي. سري ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي ته "هي ارجن! جو منش مڙيئي آسرا ڇڏي منهنجي شرن وٺي ٿو تنهن جي مان رکيا ڪريان ٿو". سوال آهي ته اسان مان ڪيترا آهن جي شاهه جي فرمودي موجب "سڀ ننگيون ٿي نڪرو لالچ ڇڏي لوڀ" ٿا ڪن. حضرت عيسيٰ به ته چيو آهي ته "جيڪي اوهان وٽ آهي سو ڏئي منهنجي پُٺِ وٺو". ڀڳت عمل جو پڪو ۽ ايمان جو پختو هو.

پرارٿنا گهڻي ئي انسان ڪن ٿا مگر اُن ۾ ڪا زندگي هجي ئي ڪين ٿي. هو لوڪا چال مونا موڙي، اکين ۾ آب آڻي ارداس ڪن ٿا مگر ان جي موٽ ۾ ماٺ ئي ماٺ، چُپ ئي چپ ٿا لهن. پرارٿنا ۾ درد هجي، انهيءَ درد ۾ روح جي گهري گهرج جي گهرائي هجي، انهيءَ گهرائي ۾ انتظاري هجي، انهيءَ انتظاري ۾ اميد هجي ته اوس جواب ان جو ايندو ۽ شاهن جو شاهه گهرج مهر مان پوري ڪندو نه ته پرارٿنا صرف فرض جي پورائي ۾ پورجي ويندي.

پرماتما جي پورن رٿا پٽاندر سڀ ڪا چيز پنهنجي پوريءَ جاءِ تي آهي. پرماتما رٿ پورن ۽ مڪمل آهي. سڀ ڳالهه لاءِ ٺيڪ وقت ۽ ٺيڪ جاءِ آهي پرارٿنا دوران ئي انسان پرماتما جي سازي ۾ آڻي ٿو سگهي ۽ پاڻ کي ان جي پورن رٿا جي گرهڻ ڪرڻ جو لائق بنائي ٿو سگهي. انسان پاڻ ۽ پنهنجا سمورا ڪاج سندس حوالي ڪري ۽ پاٽ کي سندس رهبري هيٺ ڏري پاڻ کي پورن وقت ۽ پورن جاءِ جي خيال جي پورائي جو اوزار بنائي ٿو سگهي.

پاڻ کي ايشور جي پورن انتظام ۾ رکڻ ڪري انسان کي ائين وسهڻ جو وسيلو هٿ ٿو اچي وچي جو هو ڪڏهين به ائين نه ٿو سمجهي ته ساڻس ڪو ظلم يا انياءُ ٿيو آهي. جنن لڳاتار انسان ائين ڪندو رهندو تيئن ڪيس وڌيڪ آرام آنند، سوب ۽ سندرتا حاصل ٿيندي رهندي.

جڏهين اهڙي ڄاڻ حاصل ٿي ته حالتن، هلت، وقت ۽ ديش، سبب ۾ ڪاڻ ڪانه نظر ايندي. مگر عقل سان بازي کٽي نه سگهبي مگر ويسهه ۽ محبت سان.

پرارٿنا بابت مٿي ڪُجهه ذڪر ڪري آيا آهيون، اگرچ اهو اڌورو ۽ اڻپورو آهي. پرارٿنا ڪيترن ئي نمونن جي ٿي ٿئي. پهرين ته انسان ڇين چورڻ سان پنهنجي مالڪ سان ٿو اوراڻو اوري. تنهن ڪان پوءِ هو مَن جا مٽڪا ٿو سوري، جنهن بابت ائين به چيو ويو آهي ته ور ور تار ڇڇيو پوي ته پرارٿنا ڪندڙ وانڙو ٿيو وڃي ۽ ڪڏهين ڪڏهين نراس ٿيو پوي. اهڙي حالت هيٺ اسان کي سنت ڪبير جي زندگيءَ جو نقطو ياد رکڻ گهرجي. سنت ويئي ڪپڙي جي آڏاڻي تي ڪم ڪيو. تاڃيءَ جون تارون ٽٽي ٿي پيس. شخص هڪڙو جو ويجهو ويٺو هوس تنهن پڇيس ڇا ٿا ڪريو؟ جواب ۾ چيائينس ته ڀڳت تارون ٿو ڳنڍيان.

جڏهين من جي پرارٿنا مڪمل ٿي ٿئي تڏهين دل جي پرارٿنا ٿي شروع ٿئي، جنهن ۾ اکرن جي

ضرورت ٿئي ٿي ڪين ٿي. انهيءَ طريقي لاءِ شاهه صاحب پڻ فرمايو آهي:

هل هنيئڙ سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار

قاصدياڻي ڪاڻ ڪين رساڻي ڪيچ ڏي.

انهي ڪان مٿي آهي روح جي پرارٿنا. اها اهڙي ته مقدار ۾ مقناطيسي تيزي جي ٿي ٿئي جو ڪنڌڙ ڪڏهين به ڪونجي نٿو مگر محبوب تي موهجي سڀ ڪي ان مان حاصل ڪرڻ جي همت ۾ حوصلو رکي محڪم ۾ مستقل ٿو رهي.

اها پرارٿنا جيو پنهنجي جانب ڏانهن ڏورانهين پنڌ تي رهندڙ ڏانهن نٿو پيش ڪري مگر اها محبت جي چمڪ سان ڪندڙ جي قادر جي (قلب) ۾ گهڙيو ٿي وڃي ۾ قائل تي يقين جي تاڙي ٿي چاڙهي، اِهو زنده ويسهه آهي، اسان ۾ عام طرح اهو بي جان ويساهه آهي جو انهيءَ اميد ۾ بيٺو ٿو رهي. محبت ۾ زنده ويساهه جو ميل ڏٺيءَ جي مدد جو در يڪدم ٿو کولي. اسان کي هن يا هن نموني ۾ مدد ملي نه ملي مگر اڳتي هلي اسان کي معلوم ٿو ٿئي ته مدد جنهن نموني ۾ اسانکي ملي آهي اُها ئي دائمي دلبري ڪندي ۾ اسان کي ڪارگر ٿيندي.

جڏهين انهيءَ حد انسان رسي ٿو ته هو پنهنجي لاءِ ڪي گهري ئي ڪين ٿو مگر ڪيس اها ئي آرزو ٿي رهي ته محبت مان سڀ ڪي سندس سپرد ڪرڻ سان سارو سائين ٿو سندس جهوليءَ پوي.

ڀڳت روپچند به اهڙن ڀڳتن مان هو، جي چوندا رهيا:

مون کي حياتي جي نعمتن لاءِ جفا ڪشي ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. مون کي اڳواٽ آگاهه ٿيڻ جي ڪا ڪاڻ ڪانهي ته ڪئن ڀلائي منهنجي مون وٽ ايندي ۾ ڪهڙي رستي منهنجن خواهشن کي روپ ڏيندي. مون کي صرف اٽل ايمان جي ضرورت آهي ته جڏهين مان مڪمل طرح سموري حياتي جي معاملن مٿان حڪومت جون واڳون هن جي هٿن ۾ سونپيان ٿو ته اونَ ڇا جي؟ ارمان ڇا جو؟ انديشو ڇا جو؟ وسو. ڇا جي؟ هو مون ۾ ڪم ڪري ٿو، منهنجي لاءِ ڪم ڪري ٿو، منهنجي دواران ڪم ڪري ٿو. مون وٽ اُهو ڪي ٿو آڻي جو منهنجي ڀلائي، بهتري ۾ ڪماليت لاءِ ڪارگر آهي. هردم سان مان اهو ئي چوندو رهندس. مالڪ! سموري سلطنت سرين دل، من ۾ روح مٿان آهي ئي تنهنجي پوءِ اَهنجي ڇا جي سهنجي ڇا جي؟ سني ڇا جي مني ڇا جي؟ "جو تد ڀاوي سائي ڀلي ڪار".

●●●

ظفر حسن.

# ڊائري

۱۹, جون ۱۹۹۱

اڄ اوچتو خبر پئي تہ هڪ جهونو اسڪولي دوست حيدر علي لغاري گذاري ويو. بلڪ کيس گذاري پنج ڇهہ مهينا بہ ٿي ويا پر مون کي اڄ خبر پئي. هڪ جهوني دوست جي موت جو ٻڌي ڏاڍو ڏک تہ ٿيو پر وڌيڪ ڏک ان ڪري ٿيو جو هڪ تہ پنج ڇهہ مهينا گذري ويا سندس موت کي ۽ ٻيو تہ اسين ڪافي وقت کان بلڪ ڪافي سالن کان هڪ ٻئي سان مليا بہ نہ هئاسون.

مون هتي اهو ڪونهي لکيو تہ آئون هن سان ڪافي وقت کان نہ مليو هوس يعني منهنجي اها سستي يا گهٽتائي هئي جو آئون هلي ڪري ساڻس ويجهڙائيءَ ۾ ملڻ نہ ويو هوس. مون اهو بہ ڪونهي لکيو تہ هو مون سان ملڻ ۾ سستي يا گهٽتائي ڪري ويو هو بلڪ مون اهو لکيو آهي تہ ڪافي وقت کان اسين هڪ ٻئي سان نہ مليا هئاسون يعني اسان ٻنهي تي هڪ جيتري ميار هئي ٻنهي هڪ ٻئي سان ملڻ ۾ ڍرائي ڪئي ۽ اهڙي طرح سان ڪافي وقت کان ملي نہ سگهيا هئاسون.

ننڍي هوندي جا دوست, ننڍي هوندي جا همه ڪلاسي, ننڍي هوندي جا پاڙيسري, بلڪ ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جا دوست يا مختلف نوڪرين ۾ هڪ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ دوست, انهن سڀني مان گهٽ, بلڪ تمام گهٽ اهڙا هوندا آهن, جن سان اهڙي دوستي ٿي ويندي آهي, جو مختلف نوڪرين ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ, شادي ٿيڻ کان پوءِ, ٻارن ٻچن ٿيڻ کان پوءِ, تان جو پوڙهي ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ دوستي هلندي رهندي آهي ۽ هڪ ٻئي سان ملبو رهبو آهي. نہ تہ گهڻا اهڙا دوست هوندا آهن جن سان واٽ ويندي ملبو رهبو آهي, يا ڪنهن فنڪشن ۾ يا ڪنهن آفيس ۾ ڪم سانگي ويندي ملاقات ٿي ويندي آهي, باقي ماڻهو هاسيڪار ملڻ لاءِ, انهن پراڻن يارن ۽ ساٿين سان انهن جي گهرن تي هلي وڃي يا آفيس ۾ هلي وڃي ان جو وقت ڏکيو ملندو آهي.

جيتوڻيڪ آئون چوان ٿو تہ اسان کي اهڙن جهونن واقفڪارن, همہ ڪلاسين, دوستن ۽ بزرگن سان هلي وڃي, ملاقات ڪرڻ کپي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ خط پٽ بہ لکڻ گهرجي ۽ خاص طرح اهي جهونا دوست جي ساڳئي شهر ۾ رهندا هجن انهن سان تہ ملاقات باقاعدگيءَ سان يعني سال ۾ هڪ بہ ڦيرا تہ ڪرڻ ئي کپي ۽ جڏهن ماڻهو ٻئي شهر ۾ وڃي پراڻي دوست کي ڳولي ملاقات ڪرڻ کپي بلڪ پراڻن دوستن جون ائڊريسون ۽ فون نمبر باقاعدي ڊائريءَ ۾ الڳ لکي رکجڻ گهرجن ۽ جيئن ئي موقعو ملي تہ ان سان بہ ٽي گهڙيون ڪچهري ڪرڻ کپي.

ننڍپڻ جي دوستي گهڻو ڪري محبت واري هوندي آهي ۽ هن مفادپرست زماني ۾ بہ بي غرض هوندي آهي ۽ جهونن يارن ۽ ساٿين ۽ واقفڪارن سان ملي دل کي ڏاڍو آٿت ملندو آهي. پراڻن ساٿين سان ملي پراڻيون يادون تازيون ٿي وينديون ماضي جيترو جاڳندو حال بڻجي سامهون اچي بيهندو آهي. پراڻن دوستن سان ملي ٻين پراڻن دوستن جو ذڪر ٿيندو آهي, پراڻن استادن جو ذڪر ٿيندو آهي, پراڻن واقعن جو ذڪر ٿيندو آهي. انهن پراڻين ڳالهين کي ورجائڻ سان انسان جي دل ۾ پراڻا جذبا ۽ عجيب بيان نہ ڪري سگهجڻ جهڙا احساس جاڳي اٿندا آهن. ۽ انهن پراڻن ساروڻين جي مهابي اسان کي پنهنجا پراڻا گهر پراڻا پاڙا, پراڻا شهر اکين آڏو ڦرڻ لڳندا آهن ۽ اسين ان دور ۾ پهچي ويندا آهيون جنهن دور جا واسطيدار ملندا آهن ۽ ائين لڳندو آهي اسين وري ٻار ٿي ويا هجون, ننڍا ٿي ويا هجون, نوجوان ٿي ويا هجون ۽ اسان انهن دورن ۾ ئي هجون ۽ ائين سالن جا سال پٺتي هليا ويندا آهيون ۽ آئون تہ اهو محسوس ڪندو آهيان جڻڪ انهيءَ زماني کي ياد ڪرڻ سان اما ۽ بابا جيئرا ٿي ويا هجن ۽ آئون جڻ انهن سان ڪچهري ڪري رهيو هجان. چاچن ۽ مامن سان ملندو هجان. ٻُڌين, ماسين کان آسيس وٺندو هجان.

پراڻن يارن سان الائي ڪٿان جون ڳالهيون نڪري پونديون آهن ۽ دل چوندي آهي انهيءَ زماني ۾ وڃي هجون ۽ آئون سوچڻ ٿو لڳان هن وٽ وڻان جي زماني ۾ پراڻن ۽ جهونن دوستن ۽ بزرگن سان ملي جيڪو لطف حاصل ٿئي ٿو اهو اٿُلهيو ٿئي ٿو. پر اسان کي احساس ئي ڪونہ ٿو ٿئي تہ حياتيءَ جا اهڙا سچا پچا ۽ قيمتي لطف اهڙا سستا ۽ سولا بہ ملي سگهن ٿا. مون کي انگريزيءَ جي هيءَ چوڻي ڏاڍي وڻندي آهي The Best things in life are Free تہ دنيا جون بهترين شيون مفت ۾ ملن ٿيون بس اوهان جي نظر اهڙي هجڻ کپي تہ دنيا جا بهترين مزا اهيئي آهن. يعني بي غرض ۽ بي مطلب محبت، پيارن پيارن ماڻهن سان ملاقات، پنهنجن پراڻن ٻاڙي وارن سان ملاقات، پنهنجي ٻيءَ جي دوستن سان ملاقات، امڙ جن سان اٿندي ويهندي هئي انهن سان ملاقات، پراڻن استادن سان ملاقات، پنهنجن پري پري جي مائٽن سان ملاقات پنهُنجن انهن آفيسن وارن سان ملاقات، جن سان گڏجي ڪنهن زماني ۾ نوڪري ڪئي هئي سون.

ڪاش، اسان پنهنجي مطلب جي تعلقات ۽ غرض پريل ملاقاتن کان هٽي، خالص ۽ نج پريت سان ونديل ملاقاتون ۽ ڪچهريون ڪريون پوءِ ڏسو تہ اسين ڪيترو نہ ٿا ماڻيون! اج الائي ڪهڙيون ڳالهيون ياد اچي ويون! اج خبر پئي تہ منهنجو پيارو هم ڪلاسي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهندڙ حيدر علي لغاري. هي جهان ڇڏي ويو! ڪافي سالن کان نہ مليا هئاسو ن. هو حيدرآباد ۾ قليليءَ واري علائقي ۾ رهندو هو ۽ آئون حيدرآباد کان ٻاهر جام شوري ۾ رهندو آهيان. ايترو پري نہ هئاسون جو ملي نہ سگهون. بس ٿورو ڏوهہ منهنجو هو جو هاسيڪار هن وٽ هلي نہ ويس ۽ ٿورو ڏوهہ هن جو هو. جو هو هاسيڪار مون وٽ لنگهي نہ آيو. پر جڏهن بہ ڪٿي اوچتو ملياسون تہ ڏاڍي پاٻوهہ سان. پريت سان. ڀاڪر پائي ڏاڍي گرم جوشيءَ سان مليا سون. اسان جي ملاقات ۾ سالن جا سال وڻي پنجي ويندي هئي پر جڏهين بہ ملياسون تہ ائين لڳندو هو. تہ ڪي وڏي عمر جا پارن ٻچن وارا نہ پر خود بہ ٻار اسڪولي شاگرد دوست ملي رهيا هجون.

پر اج آئون سوچيان پيو. هو هاسيڪار اچي، پنڌ ڪري خاص طرح مون سان ملڻ نہ آيو اهو هن جو ڏوهہ بيشڪ هو پر منهنجو ڏوهہ وڌيڪ هو. جو آئون بہ هاسيڪار پنڌ ڪري خاص ان جي گهر هن سان ڪڏهين ملڻ نہ ويس. هن مون سان نہ ملي ٿورو ڪجهہ وڃايو هوندو پر مون هن سان نہ ملي گهڻو ڪجهہ وڃايو آهي. هو تہ هي جهان ئي ڇڏي سڀ ڏکي ڏوراپا ۽ ميارون لاهي سڀ ليکا پورا ڪري ويو. پر آئون تہ اڃا جيئرو آهيان ۽ سدائين حيدر عليءَ سان ڪيل ملاقاتون ياد ڪري ۽ رهيل ملاقاتون سوچي پڇتائيندو رهندس ۽ منهنجين سارونين جي بنديءَ ۾ اهو نقصان سدائين جو رهندو ۽ ڪڏهين پورو نہ ڪري سگهندس ۽ مرهيات حيدر علي ويندي ويندي بہ مون تي ٿورو ڪري ويو ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا جذبا جاڳائي ويو.

●

## ڪاتِيءَ تان نَہ ڪُٺو، ماءُ منهنجو جِندَڙو،
## جَنهين ماءِ مُٺو سي جَتَ نہ پسان جوءِ ۾.



### هڪ يادگار تصوير

"پريس ڪلب حيدرآباد"، ۱۹۸۷ع ۾ منعقد ٿيل "سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ" جي جلسي ۾ مرحوم فقير محمد لاشاري شيخ اياز کان ايوارڊ وصول ڪري رهيو آهي.

(فوٽو ط ـ ع)




# تبصرا

عبدالقيوم صائب

# ادب ۽ روايتون

كتاب جو نالو: ادب ۽ روايتون
ليکڪ: قاضي خادم
سائيز ۽ صفحا: ڊيمي ـ ١٦٦
قيمت: ٦٠ رپيا
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ

قاضي خادم، سنڌي علمي ۽ ادبي دنيا جو ڄاتل سڃاتل نالو آهي. "ادب ۽ روايتون" هن جي مضمونن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پاويهه مختلف مضمون آهن، جيڪي اڳ ۾ مختلف سنڌي رسالن ۾ ڇاپجي چڪا آهن، جن کي سهيڙي هن مجموعي جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن پاڻ هن مجموعي جو تعارف، هن ريت ڪرايو آهي.

"هن مجموعي ۾ مختلف علمي ۽ ادبي موضوعن تي لکيل ٢٢ ـ تحقيقي مضمون شامل آهن." انهن مان ادب ۽ تاريخ سان لڳ لاڳاپو، تنقيد ۽ تخليق ادب ۽ جنسيات، داستان جو فن، ڊراما، ناول، ادب ۽ مختلف صنفن جي فن ۽ تنقيد بابت مضمون آهن، جن ۾ ڪيترن اهم سوالن'جا جواب ڏنل آهن. ان کان سواءِ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقا تي مضمون آهي، جنهن سان گڏ سنڌي ادب جي اهم ڪهاڻيڪارن، شيخ اياز، نجم عباسي، ۽ ڪارو رنگ، بلو دادا، پشو پاشا، چار ڪهاڻيون، چار ڪردار مضمونن ۾ سنڌي ادب جي اهم ڪهاڻين جو اڀياس ڏنو ويو آهي ۽ ان سان گڏ سنڌ جي اهم ڪهاڻيڪار نجم عباسيءَ جو خاڪو، سندس ئي لکڻين جي آڌار تي ڏنل آهي سچل سرمست جي ڪلام جو ٽن مختلف اندازن سان تحقيقي جائزو پڻ هنن مضمونن، سچل سرمست جي ڪلام ۾ جديد فڪر سچل جو تاريخ ساز ڪردار ۽ سچل جي ڪلام ۾ وجوديت، ۾ ڏنو ويو آهي.

"هن مجموعي ۾ سنڌي جيون ڪهاڻيءَ جي باري ۾ پڻ ٽي مضمون ڏنل آهن. جيون ڪهاڻيءَ جو فن، سنڌي جيون ڪهاڻي جي ارتقا ۽ سنڌي جيون خاڪن جي ارتقا. هنن مضمونن ۾ سنڌي جيون ڪهاڻين، آتم ڪهاڻين ۽ خاڪن جي فن ۽ ارتقائي چڱي طرح بحث ڪيل آهي."

هن مجموعي جي پڙهڻ مان سُڌ پوي ٿي ته قاضي خادم جي ذهن ۾ اها ڳالهه صاف ۽ چٽي آهي ته ڏند ڪٿا، لوڪ ڪهاڻي، داستان، قصو ڪهاڻي، حڪايت پيرابل (Parable) ۽ رومان جنجي ڄاڪي

۽ انهن ۾ ڪهڙو لڳ لاڳاپو توڙي نازڪ فرق آهي. هو اهو به ڄاڻي ٿو ته مضمون ۽ مقالي ۾ ڪهڙو فرق آهي، رجعت پسندي يا روايت پرستي ۽ حقيقت پسندي ڇاکي ٿو چئجي. هن ادب، اديب ۽ شاعري بابت جيڪي محسوس ڪيو آهي سو پنهنجي مضمونن ۾ مناسب هنڌن تي ڏيئي ڇڏيو آهي. هن ناول نگار ۽ ڪهاڻي نويس بابت پڻ پنهنجو رايو ڏنو آهي. هن نقاد ۽ تنقيد کي به ڪونه وساريو آهي.

قاضي خادم پنهنجي مضمونن، ڪارو رنگ، پشو پاشا جو ڪردار بلو دادا ۽ چار ڪهاڻيون، چار ڪردار ۾ سنڌي ادب ۾ ڪردار جي موضوع کي ڪٿي سهڻي نموني ۾ نڀايو آهي. انهن مضمونن پڙهڻ مان اها ڳالهه صاف ٿي پوي ٿي ته ڪردار ڪهڙي ڪهڙي قسم جا ٿيندا آهن. انهن جو آئنده پنهنجي ادب توڙي ٻئي ڪنهن ڌارئي ادب تي ڪهڙو اثر پوندو آهي. هن ان ڳالهه کي اجاگر ڪرڻ لاءِ انگريزي ادب مان به مثال ڏيئي پنهنجي نقطئہ نگاهه کي صاف ڪيو آهي.

هن ادب ۽ روايتون، ادبي لاڙا، ادب جو سماجي ڪارج، ادب جو تاريخ سان لڳ لاڳاپو توڙي ادب ۽ جنسيات وارن مضمونن ۾ ادب جي وصف کي نهايت صاف ڪري ڇڏيو آهي. نه رڳو ايترو پر روايت، لاڙي، سماجي ڪارج، تاريخ ۽ جنسيات بابت پڻ پنهنجي خيالن جو چوکو اظهار ڪيو آهي. هن جا مضمون تنقيد يا تخليق، داستان جو فن، جديد ڊراما، ناول ۽ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي اوسر به هن جي اڀياس ۽ ڄاڻ جي ساک ڀرين ٿا.

هن ڪهاڻي ڪيتر ۾ شيخ اياز ۽ نجم عباسيءَ جي ڪيل خدمتن کي جوڳي اهميت ڏني آهي، جيڪڏهن اسان ۾ اها روش رهي ته پوءِ اسين پنهنجي اديبن جو قدر ڪرڻ واري روايت کي نه رڳو قائم رکي سگهنداسين پر پرک ۽ پرجهه واري معيار کي به اڳتي وٺي وڃي سگهنداسين.

هن ڪتاب ۾ هيترين سارين خوبين سان گڏ ڪي اهڙيون ڳالهيون به آهن جو ڌانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. مثال طور:

صفحه ۴۷ تي پشو پاشا، ربانيءَ جي ڪهاڻي ڪري لکي وئي آهي ته وري صفحه ۹۲ تي اهائي ڪهاڻي جمال ابڙي جي ڪري پيش ڪئي وئي آهي. جا ڳالهه ٻئي ڇاپي ۾ صاف ڪري ڇڏڻ گهرجي. اها سيڪنهن کي خبر آهي ته اها ڪهاڻي جمال ابڙي جي آهي.

صفحه ٦٦ تي استان دال ۽ بالزاڪ جي نقطۂ نگاهه بابت مونجهارو آهي. خبر ئي نٿي پوي ته لکندڙ ٽالسٽاءِ ۽ استان دال جي پيٽ ڪرڻ ٿو گهري يا ٽالسٽاءِ ۽ بالزاڪ جي!

صفحہ ۱۳ تي "پلا ڄاڻ، هن غلام، سندو سوال سٽج تون" واري مناجات ميان سرفراز ڪلهوڙي جي ڪري ڄاڻايل آهي. ان جو هيل تائين ڪو به پڪو پختو ثبوت ڪونه ٿو ملي ته اها مناجات سرفراز جي آهي بلڪ ائين صاف لڳجي ته اها مناجات سرفراز سان منسوب ٿيل آهي.

ازانسواءِ اسانجي اديبن ۽ اشاعتي ادارن کي گهرجي ته جڏهن سنڌي انگ موجود آهن ته پوءِ اهي ئي ڪتابن آڻڻ گهرجن. سنڌي ڪتابن ۾ انگريزي انگن لکڻ واري بدعت کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيو ته ڪتاب جي ڇپائيءَ ۽ پروفن پڙهڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي.

الائي چو، هن ڪتاب پڙهندي منهنجو ڌيان جنهن ڳالهه ڌانهن گهڻو ڇڪجي ويو آهي سا مناسب

سمجهيم تہ ٻين جي آڏو بہ پيش ڪري ڇڏيان. اها هيءَ آهي تہ:
"سنڌي ٻوليءَ ۾ فائينل جي امتحان ۽ ٽريننگ ڪاليج واري ٽن سالن واري تعليم جيڪا ڪجھ اڳ ڏني ويندي هئي تنهن کي وري جاري ڪجي. البت ان سان گڏ پڙهائيءَ جي ڏس ۾ هن دؤر جي گهرجن آهر نصاب پڙهايو وڃي تہ جيئن اسان جو پرائمري سکيا ورتل ماستر جيڪو ٻهراڙيءَ جي اسڪول جي ڪرنگهي جو هڏو آهي، سو اُتي بہ، موجوده دور جي گهرجن آهر تعليم ڏيئي سگهي. ٽريننگ ڪاليج وارن ٽن سالن ۾ نصاب ان ريت پڙهايو وڃي جو پهرئين سال ۾ انٽر آرٽس، ٻئي سال ۾ بي اي ۽ بي اي آنرس ۽ ٽئين سال ۾ ايم جهڙو نصاب ترتيب ڏئي پڙهايو وڃي. جي ائين ٿيو تہ اهي پرائمري ماستر، سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ وڏو رول ادا ڪري سگهندا.

●●●

انور "فگار" هَڪڙو

# آءِ ڪانگا ڪر ڳالھ

## محترم نياز همايوني جي سهڙيل دريا خان جي ڪلام جو جائزو.

محترم سائين نياز همايوني صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي محترم ۽ قابل، احترام هستي آهي. سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ سندس ڪيل خدمتون تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيون وينديون. پاڻ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ آهي. منهنجو سائس گهڻي عرصي کان نياز منديءَ جو رستو آهي. هڪ ڏينهن آءٌ سائس جاءِ تي ملڻ لاءِ ويس، تہ ڪيس علمي، ادبي مصروفيت ۾ ڏسي حيرت وٺي ويئي، اهو شخص جنهن لاءِ سڀ ڪنهن ٿي چيو تہ: "هاڻ لکڻ، پڙهڻ کان بس ڪري ويٺو آهي". تنهن کي پنهنجي گهر جي هڪڙي ڪمري ۾ مختلف ڪتابن ۽ مسودن جي گهيري ۾ ڏسي محسوس ڪيم، تہ پاڻ گهڻو وقت علمي، ادبي ۽ تحقيقي مصروفيت ۾ گذاريندو رهي ٿو. واقعي ڳالھ بہ اهڙي هئي.

مون ان وقت ڏٺو تہ وٽس چار پنج مسودا موجود هئا. جن مان "تاريخ تازه نواءِ معارڪ" سنڌي ترجمي لاءِ، اردو منظوم ترجمي لاءِ "شاهہ ڪريم جو ڪلام"، سنڌ جي عشقيہ شاعري "آڪ ٻچي ٿيا اَنار" پنهنجي سوانح عمري ۽ سنجيده مزاحيہ شاعري وغيره.

مسودن جي حوالن لاءِ جيڪي ڪتاب نظر آيا، تن ۾ تصوف ۽ تاريخ سان تعلق رکندڙ سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪتاب سندس اوسي پاسي پکڙيا پيا هئا. ايتري ۾ منهنجي نظر وڃي سندس تازي ترتيب ڏنل ڪتاب "آءِ ڪانگا ڪر ڳالھ" تي پيئي. ڪتاب ڪٿي ڪولي ڏٺم تہ ان ۾ تصوف تي تاريخي ۽ تحقيقي مهاڳ پڙهندي، پڪ ٿي، تہ ڪنهن بہ ڪتاب جي ترتيب يا ترجمي لاءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي، جنهن لاءِ لکندڙ کي پنهنجي ٻر ۾ گوشي نشيني جي حد تائين رهي، پاڻ پتوڙڻو پوي ٿو.

آءِ ڪانگا ڪر ڳالھ اتر سنڌ جي مشهور صوفي خاندان ۽ ڪنڊڙيءَ جي ڪلتار روحل فقير جي درويش پُٽ دريا خان جو سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ڪلام ترتيب ڏياري تازو سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي اداري "سنڌي ادبي بورڊ" پاران شايع ڪيو ويو آهي. اهو ڪلام جيڪڏهن پنهنجي جاءِ تي نج سون آهي، تہ محترم نياز همايوي جو ان تي لکيل مهاڳ سون تي سهاڳو ثابت ٿئي ٿو، جنهن ۾ تصوف جي تاريخ ۽ تحريڪ تي نهايت سهڻي ۽ سيبائتي نموني سنو مواد آهي.

ڪتاب آءِ ڪانگا ڪر ڳالھ" ۾ تصوف جي تحريڪ جو آغاز يوناني تاريخ جي سمجهاڻي ۾ ڪيو ويو آهي، جڏهن مشهور فلسفي فيساغورث ۵۰۰ ق. م (فيساغورث الليءَ ۾ هڪ درسگاھ قائم ڪيو هو، جنهن ۾ شاگردن کي ٻين علمن سان گڏ حڪومت ڪرڻ جي سکيا بہ ڏني ويندي هئي.) ۾ اشراق نالي ان کي اجاگر ڪيو هو ۽ هڪ ٻئي پنيان اتان جي مدبرن ان کي تحريڪ جي صورت ۾ اڳتي وڌايو، تان جو ان جو پڙلاءُ اچي ايشيا تي پيو.

ماڻهن جو لاڙو جيئن تصوف ڏانهن وڌندو ويو، تيئن مذهبي طبقي جي مخالفت منهن ڪڍندي وئي، آخرڪار بادشاهت پنهنجي زور تي لهي آئي، جڏهن اهي ٻئي تصوف کي ختم ڪرڻ کان ناڪام رهجي ويا تہ مصلحت جي واٽ ورتائون، جنهن تي امام غزاليءَ ۽ اڪبر بادشاھ پڻ هلندي نظر آيا.

امام غزالي تصوف کي طريقت ۽ شريعت جي ميلاپ جو روپ ڏيئي، اعتدال جي رنگ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انتها پسندي وارو نُڪتو انهي راھ تي رڪاوٽ بڻجي پيو، جنهن ڪري تصوف ۾ وڌيڪ سختي رونما ٿي ۽ ملامتي طريقي عروج پاتو پوءِ تہ هر ڪنهن کي هار مڃڻي پيئي، پر بادشاهت کي تصوف کان وڌيڪ خطرو محسوس ٿيو. ان ڪري هن اڳو پوءِ جبر ۽ تشدد سان ان کي زير ڪري پاڻ کي مٿي آڻڻ جا جتن ڪيا، پر ان جو ڪوبہ چارو نہ چليو.

تصوف جي وڏي ۾ وڏي خاصيت ۽ خوبي اها آهي، تہ هي انسان کي پنهنجي ذميوارين جو احساس ڏياري انسان دوستي جي بنياد تي ڪائنس سڀ مسئلا حل ڪرائڻ چاهي ٿو. جيئن چيل آهي، تہ:

اتي جاڳ جائي، پوئي ڪل ڪائي،
جاڳڻ ري جاليندي، سورن ۾ سدائي. (دريا خان)

تصوف جو چٽ سنڌ تي عرصہ دراز کان ڇُهليل آهي، جنهن صاف ۽ شفاف فضا ۾ هتان جا صوفي ۽ سادو ساھ ڪٺندا رهيا آهن. انهن درويشن ۾ روحل فقير ڪلهوڙن جي دؤر ۾ اڪ ڪولي، ان وقت ميان يار محمد ڪلهوڙي شاھ عنايت کي شهيد ڪرائي مغل بادشاهت وٽان ورثي ۾ مليل جاگيرداري نظام جو سنڌ ۾ بنياد رکيو، روحل فقير پاڻ ڪجھ وقت غلام شاھ ڪلهوڙي وٽ ملازم بہ رهيو. ان عرصي دوران هو دنياداريءَ جو مشاهدو ڪندو رهيو. آخرڪار سڀڪجھ ڇڏي تارڪ بڻجي، وڃي گوشي نشيني اختيار ڪيائين ۽ بني نوع انسان جي دک درد جو درمان ڪرڻ لڳو.

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين اُپتا پيئن
هڪ هندو ٻيو مسلمان ٽيون وچ وڌائون وين
انڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير
سا ڪندي ڪاڏي پيئن جا سُتي ڪعبت الله ۾. (روحل فقير)

درويش پُٽ دريا خان پنهنجي شاعريءَ وسيلي انساني زندگي جا ڏک درد جنهن سوز سان ورجايا آهن. تن جي جهلڪ اجهو هن ريت آهي:-

ماري، مارن جي مذڪور عمر آءُ اڪنڊي آهيان.
سرتين سنگهارن جا پلپل پـون پـور عـمـر.

خود شناسي پهريون ڏاڪو آهي، جنهن ڪان پوءِ خدا شناسيءَ جي منزل نصيب ٿي ٿئي. ان ڪري دريا خان انهن ڏانهن اشارو ٿو ڪري:

پاڻ وڃائي پاڻ سڃاتم، ٻيو ڇاتم سو ڇاڻ ويو.

محترم نياز همايوني صاحب ڪتاب "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ" تي جيڪا محنت ڪئي آهي، تنهن لاءِ جس لهڻي. اهو سندس وڏو ادبي ڪارنامو آهي. ڪتاب جي مواد مهيا ڪرڻ ۾ وڏي محنت ۽ جاکوڙ کان ڪم ورتو ويو آهي. هن ۾ فقيرن جو تصويرون، شجرا ۽ دريا خان کان علاوه روحل فقير، مراد فقير ۽ خاندان جي ٻين فقيرن جا ڪلام پڻ نموني طور ڏنا آهن. پڇاڙيءَ ۾ درگاهہ جي معتقد ۽ مسهور فقير صوفي جلال فقير سان گڏ هڪ هندو مريد ٿانورداس شڪارپوري جو ڪلام بہ ڏنو ويو آهي.

ڪتاب ۾ اها پڻ وضاحت ڏني ويئي آهي تہ دريا خان ڪنڊڙي واري کان سواءِ هڪ ٻيو دريا خان (هنگورجن وارو) بہ هو، جنهن جو ڪلام بہ ڏنو ويو آهي، جيئن خبر پوي تہ ٻنهي فقيرن جي ڪلام ۾ خاص فرق موجود آهي.

ڪتاب جي منڍ ۾ سنڌ جي سڄاڻ اديب ۽ شاعر سائين امداد حسيني صاحب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، جا بہ اکر بہ نهايت وڻندڙ ۽ وسن جهڙا آهن. ڪتاب جي ڇپائي اهڙي تہ معياري آهي، جو ان جي قيمت سٺ رپيا ڪا اهميت نہ ٿي رکي. ڪتاب پورن ٻن سون صفحن تي مشتمل آهي.

●●●

# رپورٽ

تابش بخاري دادو

## نامياري شاعر بشير سيتائي جي شعري مجموعي "ڏات نہ ٿيندي مات" جي مهورتي تقريب رپورٽ

دادوءَ لاءِ مشهور آهي "دادو جادو آهي" ان جو اندازو اهو شخص آسانيءَ سان ڪندو جنھن هڪ دفعو بہ دادوءَ جو ماحول اکين سان پسيو هجي. دادوءَ کي ڪھڙي ڪھڙي پھلوءَ سان ڏسجي هر پھلو تي هڪ وڏو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. دادو هر دور ۾ علمي، ادبي، تاريخي سماجي مرڪز رهيو آهي هن وقت بہ ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان ڪيترين ئي تنظيمون پاڻ موڪينديون رهن ٿيون.

سماجي تنظيمن ۾ سگا (سنڌ گريجوئٽ ايسوسيئيشن) ينگ سٽيزن ويلفئر ايسوسيئيشن، سواڪا (سنڌ ويلفئر اينڊ ڪلچرل ايسوسيئيشن) ۽ ادبي تنظيمن ۾ سنڌي ادبي سنگت دادو، بزم غالب دادو استاد بخاري ادبي سنگت دادو، استاد بخاري ميوزيڪل ڪلب، ۽ سنڌ جي مايا ناز شاعر شهيد احمد خان آصف جي نالي سان ادبي تنظيم بزم آصف مصرائي قابل ذڪر آهن. جن دادوءَ ۾ ڪيترائي ادبي ميڙ مچايا آهن.

تازو ٢٦ مارچ ١٩٩٣ع تي سنڌ جي ناميارِي شاعر بشير سيتائي جي ڪتاب "ڏات نہ ٿيندي مات" جي مهورت جو پروگرام بہ بزم آصف مصرائي طرفان رٿيو ويو. هي پروگرام پائلٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ رات جو ٨ وڳي کان شروع ٿيو. ان جون ٽي نشستون هيون.

١. مقالا ٢. مشاعرو ٣. راڳ رهاڻ

تقريب جي صدارت سنڌ جي مشهور شاعر نواز ڪٽائي ڪئي. مهمان خاص ناميارو شاعر جوهر بروهي ۽ اعزازي مهمانن ۾ مشهور نقاد امير بخاري ۽ نصير سارنگ هئا.

ڪتاب جي مهورت جي رسم استاد بخاريءَ جي فرزند ڊاڪٽر الطاف بخاريءَ ادا ڪئي. نوجوان شاعر علي دوست عاجز ڪاروائي هلائي. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي، تلاوت محمد صالح پنهور ڪئي.

سڀ کان پهرين مقالو پڙهڻ لاءِ ڊگري ڪاليج دادو جي ليڪچرار اقبال ڀنڀرو کي سڏيو ويو. اقبال صاحب ڪتاب جي مختلف صنفن جي وضاحت ڪئي ۽ شاعر جي تخليق کي داد ڏنو. هن چيو تہ بشير صاحب انسانيت جو آواز ۽ مارون مزدورن ۽ هارين جو شاعر آهي بعد ۾ مون کي ڪتاب تي مقالو پڙهڻ لاءِ سڏيو ويو ۽ اهڙي طرح رجب آزاد سولنگي وفا سيتائي گلڻ پنڊ بہ ڪتاب تي پنهنجي راءِ ڏني. اعزازي مهمان نصير سارنگ کي اسٽيج تي ڳالهائڻ جي دعوت ڏني ويئي. هن چيو تہ سنڌي

ادب ۾ تنقيد کي اهم مقام حاصل آهي. تنقيد رڳو اوڻاين ظاهر ڪرڻ جو نالو نه پر تنقيد هو شيءِ جي چڱي طرح ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جو نالو آهي. هن چيو ته ارتقائي سفر ۾ اسان کي زنده هجڻ جو ثبوت ڏيڻو آهي. اهڙي طرح امير بخاري چيو ته بشير جي شاعريءِ ۾ پختگيءِ سان گڏ هن سماج جو سمورو ڏک درد موجود آهي.

هاڻي خاص مهمان سنڌ جي مشهور شاعر جوهر بروهيءَ کي بشير صاحب تي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو.

بروهي صاحب چيو ته ڌرتيءَ جي ڏک درد کي شاعريءَ جو روپ ڏيڻ نه رڳو ادب جي خدمت آهي، بلڪ عبادت پڻ آهي بشير ان ڏس ۾ پليءَ پٽ ڪامياب ويو آهي. ڪتاب جي مهورت ڪار استاد بخاريءَ جي فرزند ڊاڪٽر سيد الطاف بخاريءَ پنهنجي مختصر تقرير ۾ چيو ته: بشير سنڌي ادب جي سونهن آهي هن جي شاعريءَ ۾ ساڻيهه جي سِڪ سمايل آهي. سنڌ جي شاعرن هميشه قوم کي قومي شعور ڏنو آهي سنڌ هميشه پيڙائن مان گذري آهي. ڏُکي انسانيت کي شاعرن ئي حوصلو ۽ ولولو بخشيو آهي.

دادوءَ جي ھڪ نوجوان شاعر اديب ۽ مقالا نگار رجب آزاد سولنگي پنهنجي مقالي ۾ چيو ته بشير غزل ۽ نظم جي صنف جو سٺو شاعر آهي. هن جي غزلن ۾ روحانيت سان گڏ ڏک ۽ درد سمايل آهي.

اهڙي طرح پيرل پرديسي. منصور سيتائي مجبور سيتائي پڻ پنهنجي تقريرن ۾ بشير صاحب جي تعريف ڪئي ۽ مختلف پهلوئن تي روشني وڌي. بشير سيتائي مهمانن ۽ بزم آصف مصراڻي جو ٿورو مڃيو. هن چيو ته: شاعري سماج جو اولڙو آهي. شاعريءَ لاءِ سماج جو مطالعو ضروري آهي. هن چيو ته شاعر قوم جو ضمير هوندو آهي.

مشاعري ۾ دادو کان سواءِ ٻاهرين شاعرن پڻ پنهنجو تازو ڪلام ٻڌايو انهن شاعرن ۾ دانش ملاح، عاشق دادوي، دلبر جمالي، اسلم آسي، اختر لکياري، دکي داؤد، همدرد سنڌي، صالح پھنور ڊاڪٽر اشرف، آصف مصراڻي، پيرل پرديسي سيتائي، مشهور ميمڻ، مجبور ميمڻ، محمد عثمان بيخود، منصور سيتائي، علي دوست عاجز صدف حسيني، قمرالدين قمر سمون، غلام محمد دُر منگي، غلام مصطفيٰ صائب ميمڻ ذڪر جوڳا آهن.

آخر ۾ تقريب جي صدر جهوني اديب شاعر جناب نواز رڪڻائي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته: بشير کي مون ڪيترن ئي سالن کان ٻڌو ۽ پڙهيو آهي. هن جيڪي لکيو آهي سماج ڏانهن ذميوار ٿي لکيو آهي، هن شهرت لاءِ نه پر ديس واسين کي شعور ڏيڻ لاءِ لکيو آهي. نواز صاحب پنهنجو شعر به پيش ڪيو راڳ رهاڻ جي ڪمپئرنگ منهنجي ڀُڪي ھيئي.

راڳ رهاڻ جي شاندار رچاءَ ۽ سٺاءَ ۾ مقامي موسيقار بخشل شهاڻيءَ جو اهم ڪردار رهيو ۽ هن سنگيت جي محفل ۾ استاد بخاري، بشير سيتائي، تابش بخاري مقصود بيوس، پيرل پرديسي، تبسم ۽ ٻين جديد شاعرن جو هيئين فنڪارن اعجاز منگي، ذوالفقار ٿهيم، زاهد علي، شهاڻي، نذير احمد ڀٽو، سندر سنڌي، آصف سخيراڻي سرور سخيراڻي، قادر سنڌي، حسين بخش سخيراڻي ۽ سڌ جو ناميار فنڪار منظور سخيراڻي ڳايو، هن محفل کي ٻڌڻ لاءِ سامعين رات جو اٽڪل ٣ وڳي تائين

راڳ جي رس مان چس وٺندا رهيا.
پروگرام لاءِ آيل اديبن ۽ شاعرن جي مانيءَ جو بندوبست بزم آصف مصرائي طرفان ڪيل هو. شال اهڙيون روح پرور ادبي محفلون سڄي سنڌ ۾ قائم دائم هجن.

●



# خط

ڪافي عرصي کان تماهي مهراڻ جا پرچا پڙهندو پيو اچان. جنهن وقت کان اوهان هن سنڌ جي عظيم اداري جي چارج سنڀالي آهي ۽ پنهنجي اداري مان پنهنجي پياري رسالي کي جنهن محبت ۽ محنت سان سنواريندا پيا اچو، سا ساراهہ جوڳي ڳالهہ آهي. هن کان اڳ بہ مهراڻ وٺندو هوس ۽ لکندو بہ هوس پر هن دفعي واري مهراڻ تہ رڪارڊ ئي ٽوڙي ڇڏيو. ڀلا رسالو ائين ڇو نہ نڪري، جتي توهان جهڙا پارکو ۽ ڄاڻو هجن تہ پوءِ اتي اهڙي ئي موٽ جي اميد بنا ڪنهن سوچ ويچار جي ڪري سگهجي ٿي. هن دفعي جي ڪجهہ شاعري، غزل ۽ وايون موڪليان پيو.

*آصف منياڻوي* اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، زرعي ترقياتي بئنڪ پريا ضلع نوشهروفيروز

توهان جو ڏنل مهراڻ مليو. ان لاءِ لک قرب. وعدي موجب نئين ڪهاڻي لکي نہ سگهيس پر اڳ ۾ لکيل هڪ ڪهاڻي حاضر آهي. جيڪڏهن وڻي تہ مهراڻ ۾ هلائجو. شايد فرمائشي ڪهاڻيڪار نہ آهيان ان ڪري لکي نہ سگهيس. ڪوشش جاري آهي. جيئن ئي مڪمل ٿي، توهان کي ضرور اماڻيندس.

*حبيب الله شاهہ* 235/C يونٽ نمبر ٢ لطيف آباد حيدرآباد سنڌ

"مهراڻ" هٿن ۾ آهي، سٽ سٽ ڪٿي ڪرڻ ۾ اوهان جي محنت کان لنوائڻ منافقيءَ جي علامت ٿيندي. خطن ۾ مهراڻ ۾ ڇپيل مواد تي ٽيڪا ٽپڻي نظر نہ آئي سواءِ هڪ اڌ خط جي، اميد تہ خطن ڏانهن ان ڳالهہ جو ڌيان ڏيندئو. ڪهاڻي شاعري ۾ ترجمو ڪونهي. خبر ناهي ڇو؟ مون نظم / ڪهاڻي ترجمو ڪري اماڻيا هئا. خبر ناهي انهن جو ڇا ٿيو؟ اڃا "مهراڻ" ۾ ڇپجندڙ ليکڪن جي اعزازي ڪاپي بندي ڪئي اٿو ڇا؟ مون کي تہ نہ هيل ملي، نہ ئي اڳي

*آدرش* ١٠/٢١٦، گهگهراڻي اسٽريٽ، شڪارپور سنڌ

مهراڻ ١٩٩٢/٣ع ورتم ۽ ڪجهہ پڙهيو بہ اٿم. سرسري راءِ حاضر آهي. پرچي ۾ شاعري ڪافي سٺي آهي. مثلا: اقبال رند، مظهر لغاري، توهان (خاص طور ڪير جاٽي) ۽ نظم (مون کان ئي ماچيس پني)، پارس عباسي، سعيد ميمڻ، آدرش وغيره. مقصود گل، ميمڻ غلام نبي غازي، طارق رشيد ۽ سرور نواز ڀڳهيو جي شاعري غير متاثر ڪُن هئي. ڪجهہ مواد پراڻو هو. مثلاً آدرش جون ڪهاڻيون ۽ نظم، وسيم سومري جون وايون، مقصود گل جي اياز کي پيتا ۽ سعيد ميمڻ جا ڪجهہ پنجڪڙا. اهو مواد مختلف اخبارن، رسالن ۾ اڳي ئي ڇپيل آهي. پيسٽنگ وقت پراڻو مواد ڪڍي وٺندا ڪريو. حسن درس ۽ اعجاز منگي جي شاعري بہ شايع ڪريو. بيدل مسرور نثري نظم خلاف منظوم گند ڪيو آهي. نثري ڀاڱو اڃا ڪونہ پڙهيو اٿم.

*بادل* پوسٽ آفيس پٿورو ضلعو ميرپورخاص

السلام عليڪم: بعد خيريت تہ مهراڻ جي تازي شماري موڪلڻ لاءِ وڏي وڏي مهرباني. ان سان گڏ خوشيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ هاڻي مهراڻ جي ذميواري توهان جي ٻلي آهي ۽ توهان پنهنجي تجربي ۽ ادبي خدمتن جي حوالي سان اميد تہ مهراڻ کي هڪ نئين نموني سان جلوه افروز ڪندا ۽ روايتي طريقي کان هٽي هڪ نئين انداز ۾ پيش ڪندا ۽ سمورن دوستن ۽ پڙهندڙن جي توقع جي عين مطابق هڪ معياري انداز ۾ جاري ۽ ساري رکندا.

هن اداري طرفان بہ مهراڻ گهرايو ويندو آهي ۽ ان جي ١٩٩٢/٣ع واري ڪاپي ڪونہ پهتل آهي، جنهن کي جلدي

روانو ڪندا تہ مھرباني، باقي سڀ خير. توھان جو پنھنجو

حيدر سنڌي، اسلام آباد

◆❋◆

گذارش تہ سورھين فيبروريءَ تي ڄام شوري ۾ اوھان جنھن پاھڄ ۽ پنھنجائپ مان مون سان پيش آيؤ، تنھن خلوص لاءِ اوھان جو احسان مند رھندس. اوھان جو اھو ورتاءُ ۽ ڪچھريون منھنجي زندگيءَ جو سرمايو آھن.

اوھان جي حڪم موجب نياز ھمايوني جي ترتيب ڏنل درياءُ خان جي ڪلام "آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ" جو جائزو ھن گڏ موڪلي رھيو آھيان. باقي ڪيئلداس "فاني" جو ڪلام ۽ ماھوار "سنڌو" تي ھڪ مقالو لکي ترت موڪليندس.

*انور فگار ھڪڙو*

◆❋◆

حق موجود. گذارش تہ اڄ توھان سان ملڻ لاءِ آيو ھوس. پر ملاقات نہ ٿي سگھي. ھڪ غزل اڪبر جسڪاڻي وٽ ڇڏيو وڃان ٿو. اميد تہ ايندڙ اشاعت ۾ ڇپيو مھرباني. اصل ملڻ جو مقصد ھو تہ مون درياھي لفظ گڏ ڪيا آھن جيڪي لغت ۾ ڪونہ آيل آھن (چند جزوي لفظن جي). ۽ سؤ صفحن جو ڪتاب ٿيندو. ڪتاب ڇپائڻ ڪان لاچار آھيان. چاھيان ٿو تہ مھراڻ جھڙي سنڌيءَ جي مھان رسالي ۾ اچي. ائين منھنجي محنت جو تہ قدري بلو ٿي پوندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو واڌارو ٿيندو.

*نواز رڪشائي*، آفيس سيڪريٽري

استاد بخاري اڪيدمي، غريب آباد محلہ دادو

(★)

مھراڻ ۱۹۹۲/۳ع پھتو. انھي ڏينھن پڙھي اُڄ اُجھايم. اوھان اسان کي مناسب نمائندگي ڏني. ان لاءِ قرب ٿورا. رسالي ۾ حبيب الله شاھ ۽ آشا جي ڪھاڻين "زرد زرد" ۽ "ڇُپڪو" بيحد متاثر ڪيو. حبيب الله شاھ صاحب جن جي ڪھاڻي "قومي سياسي سورمن" جي پٽ وانگي ڪري وڌي آھي. اھو ئي سبب آ، جو سياستڪارن ھيئر پنھنجي تقريرن ۾ اديبن خلاف محاذ کڙو ڪيو آ تہ سنڌي دانشور اديب پنھنجي مقالن تحريرن ۾ نوجوانن کي مايوسيءَ وارو مواد ڏين پيا. ھاڻ جڏھن انھن جي ڪرتوتن کي، معاشري جي حقيقتن کي اديب ايمانداريءَ سان پنھنجي عوام آڏو آڻين پيا، تہ ھنن پنھنجي سياسي ناڪامي جو انتقام وٺڻ لاءِ اديبن خلاف پروپئگنڊا مچائي ڏني آھي. جڏھن تہ انھن قومي سياست جو ماحول جنھن حد تائين ذلت واري مقام تائين پھچايو، اھي ئي حالتون قومي سياست جي تباھي بربادي، مائار ۽ ڪارڪنن جي بيزاري، مايوسي جو ڪارڻ بڻيون ائن. پر اسان وٽ ھميشہ کان ائين ٿيو آ، جو "مينھن" پنھنجي ڪارنھن کي ڪڏھن نہ ڏٺو آھي جنھن ڪري ڳئون کي چوندي آھي تہ "ھل ڙي پُڇ ڪاري"! وڏي ڳالھ اھا تہ جن ڪارڪن سندن ئي تنظيمن مان مايوس ٿي لڪڻ کي پنھنجي جذبات جو اظھار بڻايو آھي، سي سندن پول پڌرا پيا ڪن.ھاڻ اھي حادثاتي طور پيدا ٿيل ليڪ جيڪڏھن سندن پٽ وانگي ڪن ٿا، تہ سمورن اديبن جو ڪھڙو ڏوھ؟ انھن وقتي ليکڪن کي اديبن واري زمري ۾ شمار ڪري سڀني اديبن خلاف تقريرن ليڪچرن ۾ پروپئگنڊا جو محاذ کڙو ڪرڻ ڪھڙي قسم جي سياست آھي؟ بھرحال ادب زندگي ڇني ٿو. جيڪڏھن پنھنجن ڪرتوتن تي غلاف چاڙھبا تہ پوءِ ادب جو مقصد وڃي ڇا رھندو؟ انھي ڪري ھن دفعي محترم حبيب الله شاھ جي ڪھاڻي "زرد زرد" مھراڻ ۱-۱۹۹۲/۲ع پرچي ۾ فاروق سولنگي جي ڪھاڻي "ياڙي جو دوست" سندن بدبودار ڪردار ۽ ڪوجھي چھري تي زوردار چماٽ آھي. مون ان سلسلي ۾ ھڪ مضمون بعنوان "سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي دانشورن اديبن مايوس ڪيو آ، يا سياستدانن؟ جي حوالي سان اخبارن ۾ مقالو اُماڻيو آھي پڙھي ڪن ٿري ويندن ....!

گهڻي عرصي کان تماهي مهراڻ کان قلمي سلسلو ڪٽيل رهيو آهي، ڪجهه پنهنجي سستي ۽ ڪجهه مصروفيت جي ڪري. اوهان جي اچڻ سان "مهراڻ" جو مان مٿاهون ٿيو آهي ۽ اڃا به مٿاهين ٿيڻ جي اميد آهي. مهراڻ قديم ۽ جديد ليکڪن جي مشترڪ ميراث آهي. ان ڪري ان جو توازن برقرار رکڻ ضروري آهي. امتيازي سلوڪ سبب ادبي حلقن ۾ وري چوڀول پيدا ٿيندو. آئون سمجهان ٿو ته اوهان قديم ۽ جديد ادب مان صحتمند لکڻيون شايع ڪري مهراڻ کي مقبولِ عام بڻائيندا ۽ "هڪ هٽي" واري لاڙي جي مزاحمت ڪندا. هونئن به مهراڻ جي ايڊيٽري مکڻ جي شيخ پچائڻي آهي ۽ مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن کي راضي ڪرڻ اوکو ڪم آهي.

بشير سيتائي، شاه آباد محلو، دادو

●

حسيني سائين السلام عليڪم:

مخدوم صاحب جي لاڏاڻي تي تعزيتي تاثرات خدمت ۾موڪلي رهيو آهيان. اشاعت جي قابل هجن ته شامل ڪرڻ فرمائيندا. اميد ته توهان هر طرح خوش خرم هوندا. نيازمند

عنايت زنگيجو

●

سڪ سندا سلام قبول پون. هن وقت توهان جي مهراڻ سان رهاڻ ڪري رهيو آهيان. سچ ساهه ۾ سانڍڻ جوڳي آهي. پڙهندي پڙهندي توهان کي مبارڪون ڏيڻ تي دل ٿي، سو اهڙي ڪاوش لاءِ سچ پچ توهان جي سڄي ٽيم ڪيرون لهڻيون. سموري هند، سنڌ ۾ هي؛ رسالو پنهنجو مٽ پاڻ آهي، چو جو خاص ڪري مون جهڙن لاءِ جن کي سنڌي؛ ۾ اڃا ڇگو سفر طئہ ڪرڻو آهي. تن لاءِ ته اها مخزن خزاني مثل آهي. مان هر وقت اهڙين مخزنن جي تلاش ۾ رهندو آهيان جنهن سان، اسان کي صحيح سنڌي سکڻ لاءِ ملي. پر هن ۾ ته مواد به ڪافي اوچو ميسر آهي. ڇا چوان پيو ان جي تعريف ۾. اهو ٿو چئي سگهان. شل اها مخزن "مهراڻ" مثل اگهي وڌندي ويجهندي رهي ۽ سنڌي ادب جا باغ سرسبز ڪندي رهي. آمين.

پيو هن خاڪسار جو نماڻو عرض آهي ته هن خط سان هڪ نظم به موڪلي رهيو آهيان. جي جاءِ ڏيڻ جوڳي سمجهو ته حوصلہ افزائي ٿيندي. هونئن مان هڪ ساهت پريمي کان وڌيڪ حيثيت نه ٿو رکان. گذريل ڇهن سالن ۾ جيتري سنڌي سکي سگهيو آهيان اها توهان جي سامهون آهي. ڪا غلطي هجي ته پار سمجهي چُڪ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندا. منهنجو ننڍڙو تعارف. هن خط پنيان ڏنل آهي. بس اهو سمجهندا ته مون تمام اميد وچان اهو خط لکيو آهي. اميد جي قدر قيمت توهان سمجهندا هوندا ۽ آئون به سمجهان ٿو. وڌيڪ توهان جي آسيس جو طلبگار.

قرب مان

موهن هٿاڻي

●

"اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ،
ته پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو."



حضرت قبله مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"